# سنڌي ٻوليءَ جو گرامر

## سنسڪرت – پراڪرت ۽ ٻين هندستاني ٻولين سان ڀيٽيل

مصنف:
**ارنيسٽ ٽرومپ**

ترجمو:
**ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ**

ٽرانسلٽريشن ۽ نظرثاني:
**ولي رام ولڀ ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ

اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ
فار پرزرويشن آف هيريٽيج آف سنڌ

2011ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر 166

سنڌي ترجمي جا حق ۽ واسطا محفوظ

# سنڌي ٻوليءَ جو گرامر

مصنف: ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ
ترجمو: ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ
اُلٿو ۽ نظرثاني: ولي رام ولڀ ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين
ڇاپو: پهريون
تعداد: هڪ هزار
سال: 2011ع
مُلهه: چار سؤ روپيا

**Catalogue Reference**
Trumpp, Dr. Ernest
Sindhi Boli-a- Jo Grammer
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-47-5

Sindhi Boli-a- Jo Grammer

By: Dr. Ernest Trumpp
Translation: Dr. Amjad Siraj Memon
Transliteration & Revision: Valiram Valabh & Dr. Fahmida Hussain
Edition: First, 2011
Quantity: 1000
Price: Rs:400/-
Composed by: Syeda Parsa Rizvi
Title: Asadullah Bhutto
Published by: Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 092-22-9240050-53
Fax: 092-22-9240051
E-mail: sindhila@yahoo.com
Website: www.sindhila.org

Printed by: Peacock Printers, Karachi, Sindh.

---

هيءُ ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف هيريٽيج آف سنڌ جي مالي سهڪار سان ميشرس پيڪاڪ پرنٽرس،ڪراچيءَ مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# ناشر پاران

سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ ۽ ”اينڊومنٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف هيريٽيج آف سنڌ“ (سنڌ جي ورثي کي محفوظ ڪرڻ وارو ٽرسٽ) پاران سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ڇپيل نادر ڪتابن جي ٻيهر ڇپائي ۽ ترجمي واري گڏيل رٿا هيٺ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ جو هي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو گرامر“ ترجمو ڪرائي شايع ڪيو ويو آهي.

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي انگريزيءَ ۾ ڇپيل ٻن ابتدائي گرامرن مان هڪ آهي. هن کان اڳ ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جو گرامر بہ ڇپيو هو، جنهن مان خود ڊاڪٽر ٽرومپ جابجا حوالا ورتا آهن. هنن ٻنهي ڪتابن ۾ بنيادي هڪجهڙائي اها آهي تہ انهن ۾ سنڌيءَ کي سنسڪرت مان پراڪرت ذريعي نڪتل سمجهندي ان جي لفظي ذخيري ۽ نحوي بناوتن کي انهن ٻولين سان نهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ديوناگري رسم الخط ۾ لکي، سنسڪرت ۽ پراڪرت جي لفظن سان انهن جي ڀيٽ ڪئي وئي آهي. ان نظريي سان سهمت نہ هوندي بہ ضروري هو تہ هنن تاريخي ۽ نادر ڪتابن کي موجوده دور جي شاگردن، استادن ۽ عالمن جي پڙهڻ لائق بڻايو وڃي ان ڪري پهرين ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ جي گرامر کي هٿ ۾ کنيو ويو.

پهريون مرحلو ان ۾ موجود ديوناگري سنڌيءَ کي موجوده لپيءَ ۾ اٿلائڻ جو هو. اهو ڪم محترم وليرام ولڀ اڳ ۾ ڪري چڪو هو، جنهن تي نظرثاني مون پاڻ بہ ڪئي ۽ ڪجهہ ٻين ڄاڻن کان تصديق بہ ڪرائي.

ٻيو مرحلو انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمي جو هو. سنڌ ۾ سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۽ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ ماهر ترجمي نگارن جي تمام گهڻي کوٽ آهي. وري جيڪڏهن ڪتاب ڪنهن خاص علم جو هجي تہ ان صورت ۾ اجا بہ وڌيڪ ڏکيائي ٿئي ٿي. هن ڪتاب جي ڏس ۾ ڪيترن ئي ترجمي نگارن سان رابطو ڪيو ويو پر گرامر جي ڏکين اصطلاحن ۽ آڳاٽي ٻوليءَ جي ڪري مثبت موٽ نہ ملي. ڪن حامي ڀري بہ تہ مقرر وقت اندر اهو ڪرڻ کان لاچاري ڏيکاري. پر جيئن تہ هيءُ محدود مدت جي رٿا هئي ان ڪري ڪجهہ مهينن کان وڌيڪ وقت ڏيڻ ممڪن ڪونہ هو. بهرحال اهو ڪٺو ڊاڪٽر امجد سراج جي ناليءَ نڪتو جنهن جو اهو شعبو نہ هئڻ جي باوجود ترجمي جو سٺو تجربو هو ۽ سندس خانداني پس منظر ۾ ٻولي، لسانيات خاص ڪري گرامر جي موضوعن تي ڄاڻو ماڻهن جي موجودگيءَ ۽ ممڪن رهنمائيءَ کي ڏسندي پبليڪيشن ڪميٽيءَ سندس نالو منظور ڪيو . . . . ۽ سچ تہ اهو آهي تہ هن انهيءَ کي تمام سهڻي نموني سرانجام ڏنو ۽ صرف ڪجهہ مهينن اندر ايڏو ضخيم ۽ ڏکيو ڪتاب ترجمو ڪري ڏنو.

ٽئين مرحلي ۾ مون پاڻ انهيءَ ترجمي واري ڪم جي نہ صرف ايڊٽنگ ڪئي بلڪ تحقيق ڇنڊڇاڻ ڪري ضروري فٽ نوٽ بہ لکيا، ۽ ايئن هي ڪتاب سولي سنڌيءَ ۾ پڙهندڙن تائين پهتو آهي.

آخر ۾ اهو ضروري ٿي سمجهان تہ "اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ" وارن جا ۽ خاص ڪري ان جي سيڪريٽري محترم عبدالحميد آخوند جا ٿورا مڃيان جنهن نہ صرف هن قسم جي نادر ڪتابن جي ترجمي ۽ ڇپائيءَ لاءِ فنڊ مهيا ڪري ڏنا بلڪ هو هميشہ جيان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ سان پنهنجا ڀال ڀلائيندو اچي.

مون کي اميد آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ جوڙجڪ تي تحقيق ڪرڻ وارن شاگردن ۽ عالمن کانسواءِ سنڌي گرامر پڙهائيندڙ استادن کي پڻ هن ڪتاب مان وڏي مدد ملندي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

**چيئرپرسن**

# پيش لفظ

سنڌي وياڪرڻ (گرامر) جو هي ڪتاب, جيڪو هن وقت توهان جي هٿن ۾ آهي، جيتوڻيڪ ڪافي اڳ ۾ مڪمل ڪري چڪو هئس، پر ڇپرائڻ جي وسيلن جي اڻهوند جي ڪري، اهو ڪتاب اڳ ڇپجي نہ سگهيو ۽ آخرڪار اهو ممڪن ٿيو بہ تہ هندوستان جي ملڪ صاحب جي خاص مهربانيءَ جي ڪري، جنهن هن ڪي ڇپرائڻ لاءِ تمام گهڻي فراخدليءَ سان وسيلا مهيا ڪري ڏنا آهن.

منهنجي خيال ۾ منهنجي ڪوشش اها رهي آهي تہ هي وياڪرڻ جيترو جامع ٿي سگهي اوترو بهتر ٿيندو ۽ ان ڏس ۾ مونکي اميد آهي تہ پڙهندڙن جي خواهش ۽ طلب آهر هر ڳالھ هن ۾ ڪين ملي سگهندي.

ٻولي سکندڙن لاءِ بهتر اهو ٿيندو تہ هو سڀ کان پهرين سنڌي آوازن/اچارن جي نظام کي سمجهن ۽ پوءِ ئي اهو ممڪن ٿيندو تہ هو مرحليوار ٻولي ۽ وياڪرڻ جي مختلف طريقن جي حصن جو مطالعو ڪن. ان ريت هو سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ جو اندازو بهتر نموني لڳائي سگهندا. اڳتي ڏنل تعارف اهڙن پڙهندڙن لاءِ آهي، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد (Origin) ۽ سياءَ کي وڌيڪ باريڪ بيني سان ڏسڻ گهرن ٿا.

اميد اٿم تہ جيڪي حوالا مون استعمال ڪيا آهن، انهن سان پڙهندڙن کي سنڌي ادب کي بهتر طور سمجهڻ ۾ مدد ملندي. (اهي حوالا گهڻي ڀاڱي منهنجي ڇپايل "شاهہ جو رسالو" مان ئي ڪنيل آهن). ان ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيئي قول ان ۾ شامل ڪيا اٿم، جيڪي مون پنهنجي اڳوڻي سنڌ جي دوري دوران گڏ ڪري رکيا هئا.

آءٌ سمجهان ٿو تہ اهو تمام ضروري آهي تہ مقبول سنڌي قصن/ ڪهاڻين ۽ بيتن کي چڱي تعداد ۾ جمع ڪري هڪ انتهائي جامع ڪتاب تيار ڪجي، جنهن مان پوءِ تمام سنو حصو چونڊ ڪري سگهجي. ٻي اهم ضرورت آهي هڪ جامع سنڌي لغت جي، جيتوڻيڪ مرحوم ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جي ڊڪشنري ڪافي سني آهي، پر پراڻن نسخن کي پڙهڻ لاءِ ناڪافي آهي. اميد آهي تہ بمبئي پريزيڊنسي جي لغت جي موجوده ڊائريڪٽر مسٽر پائيل، جيڪو انتهائي محنتي ۽ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهو آهي، جون ڪوششون پڙهندڙن جي ضرورت جو پورائو ڪنديون، جنهن لاءِ مسٽر پائيل جس لهڻي.

سنڌي ٻولي ڪا آسان ٻولي نہ آهي، بلڪ ان ۾ پراڪرتن کان وڌيڪ باريڪيون ۽ ڏکيائيون موجود آهن. ان جي باوجود سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻن ۽ ماهرن بہ پاڻ ملهايو آهي، جن جي ڪري هيءَ زبان هر دور ۾ پنهنجو وجود قائم رکندي ٿي اچي. جديد آريائي لهجن جي اڀياس لاءِ بہ سنڌي هڪ انتهائي اهم ذريعو آهي.

ان ڏس ۾ هڪ طرف سنڌيءَ جو سنسڪرت- پراڪرت سان ته ٻئي طرف لاڳاپيل ٻولين سان تعلق سمجهائڻ لاءِ ڪن جاين تي سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن ته جيئن اتر هندوستان جي ٻولين جو هڪ تقابلي جائزو وٺي سگهجي، جنهن کي هينئر تائين يڪسر نظر انداز ڪيو ويو آهي.

مرحوم ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جو وياڪرڻ جيتوڻيڪ هڪ قابل ستائش ۽ قابلِ تحسين ڪم آهي، پر (مسٽر واٽن جي سنڌي وياڪرڻ وانگر) نامڪمل ۽ علم نحو ۾ ڪٽل آهي. آءٌ اميد ٿو ڪريان ته جيڪي خاميون مٿي ڄاڻايل صاحب جي بي وقت رحلت جي ڪري رهجي ويون هيون، اهي هن ايڊيشن ۾ بهتر انداز ۾ اڄڻ سان اڳيون خاميون وساري سگهبيون. انگريزي پڙهندڙن کي بلاشڪ هن ۾ اظهار جون غلطيون نظر اينديون. اهڙين غلطين يا چُڪن لاءِ آءٌ معافيءَ جو طلبگار آهيان، پر مون کي يقين آهي ته اهي غلطيون ان ڪري ٻه درگذر ڪيون وينديون چو ته جنهن ٻوليءَ ۾ مون پنهنجي خيالن کي ميڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اها منهنجي مادري زبان نه هئي.

جڏهن هيءُ وياڪرڻ ڇپجي رهيو هو ته منهنجو سِڪ گرنٿ جي ترجمي جي حوالي سان هندوستان وڃڻ ٿيو هو، پر هن جي ڇپجڻ وقت آءٌ پروف رڳو هڪڙو دفعو ڏسي سگهيس. ۽ چو ته ڪنهن ٻه وياڪرڻ ۾ بي شمار نقطا ۽ نشانيون هجن ٿيون، تنهن ڪري ڇاپي جي چڪن جي درستگيءَ ۾ غلطيون ڪرڻ جو اعتراف ڪريان ٿو. پڙهندڙن کي گذارش ٿو ڪريان ته پلنامو ڏسي غلطين کي پڙهڻ کان اڳواٽ ئي درست ڪري وٺن.

ريوٽلنگن
4 جون، 1872

اي. ٽرومپ

# مترجم پاران

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو هيءُ گرامر سنڌي ٻوليءَ جي ابتدائي گرامرن مان آهي جنهن جي اهميت کان ڪو انڪار ڪري نٿو سگهي پر گڏوگڏ ان جي ٻولي ۽ گرامر جا اصطلاح بہ آڳاٽا هئڻ ڪري ڏکيا ۽ موجوده دور جي اصطلاحن کان بنهہ مختلف هئا، ان ڪري جديد ڊڪشنرين ۾ نٿا ملن جنهن سبب هي ترجمو تمام ڏکيو ۽ وقت طلب رهيو. . . پر منهنجي خوشقسمتي جو منهنجي گهر ۾ لسانيات جا، خاص ڪري گرامر جا ماهر موجود هئڻ سبب مون کي گهڻي رهنمائي ملي. جنهن گهر ۾ بابا سائين (سراج الحق ميمڻ) ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين جهڙا ٻوليءَ جا ماهر موجود هجن (جن جو والد ۽ منهنجو مرحوم ڏاڏو محمد يعقوب 'نياز' پنهنجي دور جو وڏو گرامر ۽ لغت نويسيءَ جو ڄاڻو ۽ عالم هو، جنهن ڊڪشنري آفيس سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ورهين جا ورهيہ جامع سنڌي لغات اسڪيم ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون) اتي ترجمي جي ڏس ۾ پيش آيل ڪابہ مشڪل مون لاءِ مشڪل ڪانہ رهي. گرامر جا اصطلاح گهڻوڪري اڳ موجود سنڌي گرامر جي ڪتابن مان ورتا ويا آهن ۽ جتي ڪو مونجهارو هو تہ ان لاءِ ڊاڪٽر صاحبہ کان مدد ورتم. ان ڪانسواءِ جتي مون ڪيترين ٻين لغتون ۽ ڊڪشنريون پيٽيون اتي پنهنجي مامي مرحوم عبدالحسين ميمڻ جي انگريزي- سنڌي ڊڪشنريءَ بہ منهنجي گهڻي مدد ڪئي. ٻوليءَ جو عشق ۽ ترجمي جو فن پوءِ اهو شاهہ لطيف جي بيتن جو هجي، ڊاڪٽر صاحبہ جي ٿيسز جو هجي يا ارنيسٽ ٽرمپ جي گرامر جو هجي، لڳي ٿو تہ منهنجي genes ۾ وڏڙن وٽان آيل آهي. مون کي ان ڳالهہ جي بہ خوشي آهي تہ هن خاندان جي ٽين پيڙهيءَ ۾ اها سعادت مون کي حاصل ٿي آهي تہ آءٌ پنهنجي منڍڙي ٻوليءَ جي خدمت وارو تسلسل جاري رکان.

آءٌ محترم محمد ابراهيم جويي جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هي ڪم منهنجي هٿ ۾ ڏسي مونکي تمام گهڻو همٿايو ۽ چيائين تہ "بابا هي تہ وڏي عرق ريزيءَ وارو ڪم هٿ ۾ ڪنيو اٿو". سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا جا بہ ٿورا ضرور مڃندس جنهن ڪيترن ئي ڏکين لفظن ۽ گرامر جي اصطلاحن جون سمجهاڻيون ڏنيون ۽ ترجمي لاءِ سهڻيون صلاحون ڏنيون.

مون کي اميد آهي تہ پڙهندڙن کي بہ منهنجو هي پورهيو پسند ايندو.

**ڊاڪٽر امجد سراج**

15 فيبروري 2011ع

# سنڌي ٻوليءَ جو گرامر

# تعارف

## سنڌي ٻوليءَ جو سنسڪرت ۽ پراڪرت سان تعلق

سنڌي ٻولي نج سنسڪرتي ٻولي آهي ۽ ٻين سيني اتر هندوستاني ٻولين جي ڀيٽ ۾ ٻاهرين اثرن کان نسبتاً آزاد رهي آهي. قديم پراڪرت جي وياڪرڻ جي ماهرن پلي ئي اپڀرنش لهجن کي (جن مان جديد سنڌي ٻولي ڦٽي نڪتي) سيني کان گهٽ درجو ڏنو هجي، پر جيڪڏهن اسان سنڌي ٻوليءَ جي سندس ڀينر ٻولين سان (وياڪرڻ جي حوالي سان ) ڀيٽ ڪريون ته بلاشڪ اها سيني کان مٿاهين ڏسڻ ۾ تي اچي. ان جو قديم پراڪرت سان تمام ويجهو تعلق ٿو ڏسجي، بنسبت ان وقت جي مراٺي، هندي، بنگالي ۽ پنجابي زبانن جي. هن وياڪرڻ جي حوالي سان اهڙيون خاصيتون پاڻ ۾ قائم رکيون جيڪي ٻيون همعصر ٻوليون نه رکي سگهيون، ڇاڪاڻ جو جتي هندوستان جون لڳ ڀڳ سيئي ٻوليون جن[1] تباهين جو شڪار آهن ۽ جتي تباهه ٿيندڙ انهن ٻولين جون ذيلي شاخون مادري زبان جي صورت ۾ به غائب ٿينديون وڃن، عين انهيءَ جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ پنهنجو مقام قائم رکيو آهي ۽ پنهنجي سيني جزن جو بچاءُ ڪندي پنهنجي لاءِ وياڪرڻ جو اهڙو نظام پيدا ڪيو آهي، جيڪو هن جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ هڪ لازمي اضافو آهي ۽ جيڪو هن جي ڀينر ٻولين کان تمام گهڻو اڳتي نڪتل آهي.

قديم پراڪرتن جي تباهيءَ جي دور ۾ سنڌي ٻولي پنهنجي مقام جي حفاظت ڪئي آهي، جڏهن ته ٻين مڙني لاڳاپيل لهجن لاءِ اها ڳالهه ڪرڻ نامناسب ٿيندو. جيئن اسان پنهنجي تعارفي مڪالمي ۾ ڏسنداسين ته جيڪي قانون پراڪرتي وياڪرڻي ماهر ڪرمديشوَر اپڀرنش بابت پيش ڪيا، اهي سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄا نظر اچن ٿا. جنهنڪري سنڌي هڪ خودمختيار ٻولي آهي (جنهن جو جيتوڻيڪ پنهنجين همعصر ٻولين سان هڪ ڳانڍاپو آهي) پر هن پنهنجي مادي تشخص کي قائم پئي رکيو آهي.

سنڌ ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي ٻولي ٽن لهجن ۾ ورهايل آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ وياڪرڻ جو فرق ٿورو ڪو هوندو، پر اچار ۾ ڪنهن حد تائين فرق ظاهر نظر اچي ٿو. سنڌ جي ڏکڻ ۾ ڳالهائجندڙ لهجي کي 'لاڙي' (يعني لاڙ جو[2]) سڏجي ٿو ۽ اهو علائقو سنڌ جي سامونڊي پٽي ۽ انڊس ڊيلٽا تي مشتمل آهي. حيدرآباد جي اتر واري علائقي کي 'سِرو' سڏجي ٿو ۽ اتي جي لهجي کي 'سرائيڪي'[3] سڏيو ويو آهي. ساڳي ريت سنڌ جي صحرا ٿر جي لهجي کي 'تريلي' سڏيو ويو آهي.

جيتوڻيڪ لاڙ جو لهجو، جيڪو سڄي سنڌ ۾ ڳالهائجي ٿو، صفا اصلوڪو ڪونهي، ۽ ان ۾ حرف علت کي ننڍو ڪيو ٿو وڃي ۽ وينجن به عام طرح هلڪو ڪري جذب ڪيو ويندو آهي. لاڙ جي ڀيٽ ۾



[1] جديد ڀارتي ٻولين جي ڳالهه ڪندي اسان ڏکڻ جي دراوڙي ٻولين کي جدا رکنداسين ڇو ته اهو هڪ قطعي الڳ زبانن جو ميڙ آهي.

[2] لاڙ هڪ اسمِ خاص نه، پر هڪ اسم عام آهي، جنهن جي معنيٰ آهي هيٺيون زميني علائقو/ لاهيءَ وارو پٽ. ساڳيءَ ريت سِرو معنيٰ مٿيون علائقو.

[3] اها دراصل اترادي يا "سريلي" آهي، جنهن کي ٽرومپ ۽ گريئرسن پنهنجن ڪتابن ۾ ان وقت 'سرائيڪي' لکيو هو (ايڊيٽر).

اترادي يا سرائيڪي لهجي ڪافي حد تائين پنهنجي اصل شڪل ۾ ئي رهڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ۽ انهن جا اچار بہ اصلي شڪلين ۾ ملن ٿا. سرائيڪيءَ (سريلي) جي لاڙيءَ تي ان برتري، تي اڪثر سنڌي پهاڪو ڏيندا آهن. "لاڙ جو پڙهيو، سري جو ڍڳو". يعني لاڙ جو پڙهيل اتر جو ڍڳو آهي.

ٿر جو لهجو ڪافي سگهارو پر اڻ سڌريل هئڻ سان گڏ مارواڙيءَ سان گهٽو گڏجي ويو آهي. شڪاري، ڍيڍ (مزدور) ۽ ٻيون هينيون ذاتيون اهو لهجو ڳالهائين ٿيون ۽ منهنجي خيال ۾ ان لهجي جا ڪي ادبي حوالا بہ نہ ٿا ملن.

هن تعارف جو مقصد سنڌيءَ جو سنسڪرت ۽ پراڪرت سان لاڳاپو سمجهائڻ آهي ۽ ان جو وڌيڪ ادراڪ ڪرڻ لاءِ هاڻ اسان ڪجهہ قانون ۽ قاعدا سامهون رکنداسين جن موجب پراڪرتن ڪي ذريعو بڻائيندي سنسڪرت مان سنڌي ٻوليءَ جي سُرن ۽ وينجنن جو سرشتو ڦٽي نڪتو آهي. اميد ٿي ڪجي تہ ان ذريعي سنڌيءَ ڪي ان جي ٻين ويجهين ٻولين سان ڀيٽائڻ ۾ مدد ملندي. ان سان اسان آريائي نسل جي نشاندهي ڪري اهو سمجهي سگهنداسين تہ ان مان ڪهڙيون شيون وقت سان هن ۾ شامل ٿيون يا نڪري ويون. تنهن ڪانسواءِ اسان ڪجهہ اهڙن اچارن جي باقيات ڳولهي سگهنداسون جيڪي ڪنهن قديم اصلوڪي ٻوليءَ مان اچي هن ۾ شامل ٿيون، پر جنهن اصلوڪي ٻوليءَ جو نالو نشان بہ نٿو ملي، ۽ اها پڪ ئي (Tatar) تاتاري نسل جي ٻولين مان هئي ۽ جيڪا سموري هندوستان جي طول و عرض تي آريائي قوم جي اثر کان بہ پهرين ڦهلجي وئي هئي، ڇاڪاڻ تہ اتي جي ٻين سيني ٻولين ۾ اڻ- آريائي لفظن جي باقيات ملي ٿي. جنهن کي پراڻن پراڪرتي وياڪرڻين "علائقائي" (ديسي) قرار ڏنو آهي.

هن ڪتاب ۾ اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ جيئن هندوستان جي جديد ٻولين جو وڌيڪ گهرائيءَ سان ڇيد ڪري سگهجي ۽ مونکي يقين آهي تہ هي نمائنده اصول ان ڏس ۾ نہ رڳو ڪارآمد ٿيندا پر ان موضوع جي وڌيڪ اپٽار ڪرڻ لاءِ مشعلِ راهہ ثابت ٿيندا، جنهن جي لاءِ مون هيءَ ڪوشش ڪئي آهي.

**نمبر - 1**

# I. THE SINDHI VOWEL SYSTEM

## سنڌي حروف علت جو سرشتو [1]

سيني کان پهرين اچو تہ سنڌي ٻوليءَ جي مفرد حروف علت (single vowels) يا ڇڙن سرن جي مختلف پهلوئن ۽ انهن جي بدلجڻ، ادل بدل (مٽجڻ)، سسڻ (contraction) ۽ حذف (elision) ٿيڻ کي ٿا ڏسون.

### 1) ṛ and its permutations

### ڙ [2] ۽ ان جون مختلف صورتون

قديم پراڪرت جيان سنڌي پنهنجن آوازن مان سنسڪرت واري ڙ کي ختم ڪندي ٿي پائنجي، ڇاڪاڻ تہ يا تہ ان کي حرف علت ڪري ڪتب آندو اٿس، جنهن صورت ۾ ان کي اَ يا اِ ۾ بدلايو ٿو وڃي يا

وينجڻ طور عام ڙ جي صورت ۾ موافق ٿي ڪري.

**لفظ جي شروعات ۾ جيڪڏهن سنسڪرت ڙ پاڻمرادو بيٺل آهي ته اتي اها رِ ۾ تبديل ٿيو وڃي جيئن پراڪرتن ۾ ٿيندو آهي. مثلاً: (سنڌي) رِڇُ - پراڪرت رِڇّ، سنسڪرت ڙڪشَ.**

---

[1] سنڌيءَ جي سنسڪرت ۽ پراڪرت سان تقابلي جائزي جي لاءِ هن تعارفي مقالي ۾ سنسڪرت جي ترميم ٿيل آئيوٽا (لپي) استعمال ڪئي وئي آهي، جنهن جو تفصيل اڳتي هلي سنڌي آئيوٽا ۾ ڏسنداسون. هت هر جاءِ تي استعمال ٿيندڙ رومن هِجي پروفيسر ڊاڪٽر ليپسيئس جي "معياري آئيوٽا" (standard alphabets) بئي ڇاپي سان مطابقت رکي ٿي.

[2] اها ڙ سنسڪرت ۾ ڏاڍ ۽ زور ائتو اچار ڪري ٿي، ان ڪري سنڌيءَ واري عام ڙ يا ر سان منجهائڻ نه گهرجي. (ايڊيٽر)

پر جڏهن ڙ وينجن سان ٿي گڏجي ته ان جا اصول هن ريت آهن:

(الف) ڙ عام طرح اِ ۾ ضم ٿيو وڃي: جيئن **ڏِسڻُ**- سنسڪرت **دِڪر** ۽ پراڪرت ۾ **دڪک** ۽ هنديءَ ۾ **ديکنا**؛ **وِڇُون** - پراڪرت ۾ **وڇوئو** يا **وڇُوئو**، سنسڪرت **ڪرشچڪ**؛ **ڪِئو**- سنسڪرت **ڪرت**، پراڪرت- **ڪدِ**؛ گِراهڻُ- سنسڪرت **گرَهڻُ**، پراڪرت **گيڻهه**.

(ب) ڙ جڏهن اهڙي وينجن سان ملي ٿي، جنهن جو اچار چپن مان ڪجي ٿو ته اتي **اُ** بنجي ٿي وڃي. جيئن **ٻُڌو** - پراڪرت **وِڙُدِ**، سنسڪرت **وڙڇُ**؛ **مُئو** - پراڪرت **مُدو** يا **مئائو** (جتي **د** حذف ٿي وئي) ۽ سنسڪرت ۾ **مِرّت**. ڪجهه صورتن ۾ جيئن **سُڻڻُ** ۾، پراڪرت **سُڻ**، اصلوڪي بنيادي سُر **شُر** (سنسڪرت) ڪي قائم رکيو ويو آهي.

(پ) ڪافي جاين تي اها سنسڪرت واري ر، **اَر** ۾ تبديل ٿيو وڃي، پلي ڪٽي ان سان ڪهڙو به وينجڻ گڏ هجي.

| سنڌي | پراڪرت | سنسڪرت |
|---|---|---|
| مرڻُ | مر | مِرَ |
| پَرڻُ | پَرِ | پِرَ |
| ڌرَڻُ | ڌَرِ | ڌِرَ |
| سَرَڻُ | سَرِ | سِرَ |

اهڙين صورتن ۾ ٻين سيني هم نسل ٻولين وانگر سنڌي به پراڪرتي سرشتي سان مطابقت رکي ٿي جنهن ۾ جديد ٻولين سنسڪرت جي فعلي اسم کي مصدر جو بنياد مقرر ڪيو آهي. ٻين جڳهين تي سنڌي پراڪرت جيان ايتري آزاديءَ سان ڙ کي نه ڪٽيو آهي. بلڪ ان جي ابتڙ گهٽين ئي صورتن ۾ اها ڙ کي اِر يا ان ئي صورت ۾ ڦيرائي ٿي. جيئن **مِردَنگُ** يا **مِرڏنگ** (ساز) - پراڪرت **مردنگو**، سنسڪرت **مردنگڪ**؛ **وِرَڪُ** (Taurus) (گرهه) - سنسڪرت **ورش**؛ **هِرڏو**[1]- پراڪرت **هئينٔ**، سنسڪرت **هِرديم**، پراڪرت جو پراڻي شڪل وارو **هنيون** به سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيل ملي ٿو.

ڪجھ ٻين صورتن ۾ ڙ پنهنجي سادي ر وانگر، ۽ پاڻ کي ڏندوان ت يا د کي مورڌني ٽ ۽ ڊ سان بدلائي قائم رکيو آهي. جيئن **چاڙو**[2] (چاٽو) - پراڪرت **جامائو**، سنسڪرت **جاماترڪ**. ان صورت ۾ م حذف ٿي ويو آهي، جيڪو عام طرح نہ ٿيندو آهي ۽ جتي چپوان اچار مورڌني اچار ۾ بدلبا آهن، اتي اڳيان لڳل ڪ مڪمل طرح ڪٽجي ويو آهي. ساڳي طرح **ماڙو** (ماٽو) يا ان جون صورتون **ماڙيجو** (ماٽيجو)، **ماڙيٽو** (ماٽيٽو) وغيره جنهن جا موافق آهن پراڪرت ۾ **مائُئو** ۽ سنسڪرت ۾ **ماترڪ**.

## 2) The diphthongs 'ai' and 'au'

## ٻٽا سُر: اَءِ ۽ اَؤ

دراصل سنڌيءَ ۾ ڪي بہ ٻٽا سر موجود ناهن. تقريباً پراڪرت جيان اءِ عام طور تي اَ - ءِ ۽ اؤ وري اَ - ؤ وانگر استعمال ٿيندا آهن. سنڌي ٻولي پنهنجي اچار بابت تمام محتاط رهي آهي ۽ پراڪرت جي

---

[1] ڏ ۾ ھ جو اچار پچاڙيءَ ۾ موجود ر سان پيدا ٿئي ٿو، جيڪو اڪثر ڪري اڳئين وينجن سان ملي ٿو، جنهن جا مثال اڳتي بہ ملندا.

[2] لڳي ٿو تہ ٽرمپ هن ڪتاب لاءِ اترادي لهجو ڳالهائيندڙ ڪنهن ماڻهوءَ ڪان مدد ورتي آهي، جنهن ڪان ٽ وارا اهڙا لفظ ٻڌي انهن کي ڙ لکيو آهي، جيئن تہ موجوده صورتخطيءَ ۾ بہ، صورتون ٽ سان لکجن ٿيون ان ڪري اڳتي، انهن کي ٽ لکيو ويندو (مترجم)

برعڪس، اچارن جو دارومدار اچاريندڙ يا ڳالهائيندڙ تي آهي تہ هو اَءِ ۽ اَؤ کي اصلي ٻٽي سر وانگر ٿو اچاري يا ٻنهي سرن کي جدا جدا ٿو اچاري. ان بابت ڪا حتمي راءِ جوڙڻ مشڪل آهي چو تہ لکڻ جي لاءِ علم هِجي جي ڄاڻ هجڻ نهايت ضروري آهي. بهرحال اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻٽي سُر کي اهميت نٿا ڏين ۽ انهن کي جدا جدا اچارين ٿا.

### a) The diphthong 'ai'

### ٻٽو سر: اَءِ

(i) اهي لفظ جيڪي عربي يا فارسيءَ مان ورتل آهن، انهن ۾ ٻٽو سُر گهٽو ڪري لکيل ۽ اچاريل صورت ۾ قائم ٿو رهي، جيئن **سَيُر**- عربي **سَيرّ**، **پئدا** - فارسي **پَيّدَا**، ۽ ساڳي طرح جيڪي اسم هندوستانيءَ مان آيا آهن، مثال **پَيسو**. بلڪل ان طرح جيئن لفظ **سئنَ** ٻن صورتن ۾ لکجي ۽ اچارجي ٿو يعني **سئنَ** ۽ **سئينَ**، هندو عام طور ان کي پراڪرتي طريقي سان ا - ءِ يا ا - ءُ ڪري اچارين ۽ لکن ٿا ۽ مسلمان ان کي عربي يا فارسي وانگر گڏي لکن يا اچارين ٿا (مثلاً: اَءِ، اَءُ)

(ii) عام طور تي ٻٽو سر اءِ بدلجي سنڌيءَ ۾ اِي تي ڏگهو ٿي وڃي ٿو ۽ پراڪرت جي برعڪس کُٽي نہ ٿو. مثال **وِيرُ** - پراڪرت **وئرَ** (لئسن ويرنَ جي صورت ٻڌائي ٿو)، سنسڪرت **وئرنَ**؛ **ويجُ** - پراڪرت **ويجّ**، سنسڪرت **وئديہ**؛ سنڌو **لُونُ** (معنيٰ سنڌ لوڻ) جيڪو نڪتو آهي سنسڪرت **سئنڌوَ** معنيٰ سنڌي ۽ **لَوَڻَ** ۽ پراڪرت **لوَڻَ** مان، ساڳيءَ ريت **اَيَہ** (ay) (جيڪو سنڌي ۾ اءِ (ai) طور استعمال ٿئي ٿو). عام طور تي اِي ۾ ننڍو ٿي ٿو وڃي جيئن **نيڻُ** - پراڪرت **ڻيڻ**، سنسڪرت **نيَن**؛ **سيجا** - پراڪرت **سيجّا**، سنسڪرت **شيَيا**.

(iii) اصلي ٻٽو سر اَءِ استعمال ۾ اِي طور بہ اچي سگهي ٿو. مثلاً ڏيرُ - سنسڪرت ڏئِرِيہ، پراڪرت ڏِيرُ. اهو سنڌي مثال پراڪرتي سرشتي جي درست هجڻ جو ثبوت ٿو ڏئي ڇاڪاڻ تہ ڏيرُ فقط ڏئِيرِيہ مان ئي نڪري سگهي ٿو نہ ڪي ڏِير منجهان، جيئن هنديءَ ۾ ڏيرَ.

**b) The diphthong 'au'**

## ٻٽو سر: اَؤ

اَؤ لاءِ بہ اها ئي ساڳي ڳالهہ ڪري سگهجي ٿي، جيڪا اَءِ لاءِ ڪئي وئي آهي؛ اهو يا تہ ٻٽي سُر وانگر اچارجي سگهجي ٿو، پر عام طرح سان جدا جدا سرن طور بہ اچارجي سگهي ٿو.

اهو ٻٽو سر رواجي طور تي انهن لفظن ۾ ظاهر ٿئي ٿو، جيڪي عربي يا فارسيءَ مان آيا آهن. مثلاً: دؤرُ- عربي دَوْر؛ عؤرَتُ - عربي عَوْرَت؛ ۽ ڪجهہ اصلوڪن سنڌي لفظن ۾ بہ اهو حرف علت هن ريت بہ اچارجي ۽ لکجي ٿو: مثلاً اؤڪو، پؤنرُ - سنسڪرت پَمَرَ؛ لؤنگُ - سنسڪرت ۾ لَوَنگَ. ڪجهہ اصلوڪن سنڌي لفظن ۾ پراڪرت جي نسبت سان اهي ٻئا سُر جدا ڪري اَ - وُ طور بہ استعمال ٿين ٿا. مثلاً وٺُڻُ يا سنسڪرت لوَٽن (اؤ جو استعمال اَوَ وانگر ٿيل). حرف علت اَي ۽ اؤ جي پراڪرت ۽ سنسڪرت سان تعلق تي سراسري نظر وجهڻ ڪان پوءِ هاڻ اسان سيني سنڌي سُرن جو وڌيڪ گهرائيءَ سان اڀياس ڪنداسون.

## نمبر - 2

## 3) The vowels a; ā, i; ī; u; ū; ē; ō

## سُرَ، اَ؛ اِيَ؛ اُ، اُوَ؛ اي ۽ او

ٻئا سُر اَءِ ۽ اَؤ سنسڪرت ۽ پراڪرت جي حوالي سان ڏسڻ ڪانپوءِ هاڻي عام سنڌي سُرن جو جائزو وٺنداسين.

**a) The vowels a, ā**

## حرف علت: ا؛ آ

پراڪرت جي پيٽ ۾ سنڌيءَ آ سر کي وڌيڪ پختگيءَ سان سانڍي رکيو آهي ۽ سنڌي اڪثر ڪري ان ڏس ۾ سنسڪرت جو مثال سامهون رکي ٿي، جيئن پَڪو- سنسڪرت پڪّ، پراڪرت ۾ پڪِّ؛ انگارُ- سنسڪرت ۾ اگار ۽ پراڪرت ۾ اِنگّالو؛ سُپنوَ - سنسڪرت سُوَپن، پراڪرت ۾ سِپڻ؛ وَلِ- سنسڪرت ولّي ۽ پراڪرت ۾ ويلِ- ۽ جتي اصلوڪي آ کي اِ ۾ تبديل ڪيل آهي ان جا بہ گهٽا ئي مثال ملن ٿا. مثلاً: ڪِما- پراڪرت ڪما، سنسڪرت ڪشما؛ مِجَ - سنسڪرت ۾ مججا.

ان طريقي سان آ کي اِ ۾ نندو ڪيل ڏسجي ٿو ۽ اهڙي ڳالهہ اڳ ۾ ئي پراڪرت وياڪرڻ جو ماهر ڪرمديشوَرَ اپيرنش لهجي لاءِ ڪري چڪو آهي. (پيٽ لاءِ ڏسو ليسن، انسٽيٽيوٽ لنگئيہ پراڪرت صفحو 454) ۽ ان جو مثال آهي. جنئہ تِنئہ اپيرنش - جِدّ تِدّ بجاءِ جَدّ تدّ)؛ جِت- تِتِ (اپيرنش: جيتَٿُ- تيتَٿُ[1]) پِتَرَ- تتَرَ مان نڪتل؛ ڪِتِ- (اپيرنش: اصلوڪي ڪَجُ مان ڦري ٿيو ڪيتٿُ، وري بجاءِ عام سنسڪرت صورت ڪُتر

جي **ڪٽر** ٿيو وجي. اهڙي طرح سنڌي ظرف **اِتَئہ** يا **اِتَہ** پراڪرت جي **اِتہ** سان نهڪي ٿو اچي ۽ ان مان حاصل ٿئي ٿو. سنسڪرت ظرف **اِتئم** مان (**اِت** منجهان **نہ**، جنهن تي ليسن اڳئي شڪ ڏيکاري چڪو آهي) ۽ اهو عمل **ھ** جي نفيءَ جي ذريعي ٿئي ٿو. (**اِئہ - يھَ**) (ia = iha) نئيو **آ** ڪن صورتن ۾ **اُ** ۾ بدلجي ٿو، پر اهو تمام گهٽ ٿيندو آهي. مثلاً **رائرُو**- سنسڪرت **راجَڪَرَ** (پر اهو ليسن جي ڏنل مثالن ۾ موجود نہ آهي 3،173)

ڊگهي اچار وارو **آ** سنڌيءَ ۾ اصلي صورت ۾ رهي ٿو، جڏهن تہ پراڪرت ۾ اهو (مرڪب وينجن جي سُسڻ يا ڪاٽو ٿيڻ سبب) ننڍو ٿي وڃي ٿو. مثلاً **بئراڳي** - پراڪرت **بيرگ**، سنسڪرت **بئراگيہ**؛ **مارڪ** - پراڪرت: **مگ**، سنسڪرت **مارگ**؛ **جاترا** (جاتا) — پراڪرت **جتا**، سنسڪرت **ياترا**؛ **واگهُہ** - پراڪرت **وگگهُہ**، سنسڪرت **وِياگهر**. اهو ڊگهي اچار وارو **آ** **ڪوڏرُ** ۾ ننڍو ٿيل ٿو ڏسجي (سنسڪرت **ڪُدال**)

پراڪرت سان مماثلت رکندي هيٺ ڏنل ظرفن ۾ ڊگهي اچار وارو**آ** هيٺو تي **اِ** ٿيو وجي. مثلاً **جڏهِنَ**- **تڏهَنِ**، **ڪڏهِن** جيڪي اصل ۾ سنسڪرت ظرفن منجهان آيل تا ڏسجن. جيئن يَدا- تَدا، ڪَدا.

پراڪرت اسمن جي مونث پڇاڙيءَ ۾ موجود ڊگهو سر **آ** سنڌيءَ ۾ ڪن جاين تي **اِي** يا **اِي** ۾ تبديل ٿيندو آهي. مثال **وائي**- پراڪرت **واءُ**، سنسڪرت **واچُ**؛ **ڏُر** - پراڪرت **ڏُرا** ۽ سنسڪرت **ڏُر**. ڪنهن مذڪر لفظ مان پڇاڙي (**يہ**) ڪي **اِ** ۾ تبديل ٿيڻ جو واحد مثال ملي ٿو. **راءِ** ۾ (پراڪرت **رائو**، سنسڪرت **راجا**)

ڪجھ لفظن ۾ جيڪي سنسڪرت جي اڻ سٽريل صورت ۾، جيئن **تُرُ** (فاعلي حالت واحد **تا**) ۾ پڇاڙي جي **آ** سنڌيءَ ۾ بدليل صورت ۾ (پراڪرت وانگر) **اُ** ٿيندي نظر اچن تا. مثلاً **پئُ**- پراڪرت **پِئا** (**ت** ڪڍڻ سان)، سنسڪرت فاعلي واحد **پتا**؛ **ياءُ** - پراڪرت **يا آ**؛ سنسڪرت **پراتا** ۽ تقريباً ساڳئي قاعدي موجب هڪ مثال آهي. **ماءُ** (**اياءُ**) — پراڪرت **ماآ**، سنسڪرت **ماتا**؛ **راءُ** (۽ **راءِ**)، **پٽڏُ** - سنسڪرت **پٽتا**.

جيتري قدر ڪنهن لفظ جي وچ ۾ حرف علت جي بدلجڻ جو تعلق آهي تہ عام طرح سنڌي پراڪرتي اصول جي پوئواري ٿي ڪري. مثلاً **پَٿَرُ** - پراڪرت **پتترَ**، سنسڪرت **پرِسّتا**، هندي **پستر** جيڪو اصلي لفظ پٿر جو همشڪل ٿو ڏسجي، پراڪرت **پتتر**- سنسڪرت **پرسّتر** (هندي- **پَتّترَ**)؛ **مايا** - سنسڪرت **مايَا** (هندي ۾ ساڳيو **مايا**)؛ **ديول** (سنڌي ۾ مونث پڇاڙي **اِ** سان) - پراڪرت **ديئل**، سنسڪرت **ديواليہ** (هندي ۾ ساڳيو- **ديو ل**).

---

[1] پراڪرت ۾ ا□ ي ٻنهي وينجن کان اڳ تي اچي يعني اِ = ا□ ي

## b) The vowels i, ī

## حرف علت اِ ۽ اِي

چوٿو سُر اِ سنڌي ۾ جڏهن ٻه هه جي اڳيان يا پنيان لڳل هوندو ته ان جو اچار اِي ٿيندو ۽ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ٻه لڳي ٿو. مثلاً ايهڙو، مِهتِ، ڳالِ- تنهنڪري چوٿو سر اِ پراڪرت جي اي سان نهڪي ٿو اچي، جيڪو جڏهن مرڪب وينجن کان اڳ ٿو اچي ته چوٿو ٿي ٿو وڃي جڏهن ته سنڌي ۾ اي هميشه ڊگهو هوندو آهي. مثلاً پراڪرت گوراهه - سنڌي ڳراهه (ڳراهڻ)؛ نند- پراڪرت ٽيچ يا ٽِچ، سنسڪرت نِدرا؛ چِنهُه (نشان) پراڪرت چِنڌ يا چِنڌ، سنسڪرت چِهون.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ عجيب نمونو تڏهن ٿو ملي جڏهن چوٿي اِ سر کي پد جي وچ ۾ آٽجي ته ان جو مونث اچار ٻڌڻ ۾ ڏکيو ٿو لڳي. اهو خاص ڪري تڏهن ٿيندو آهي جڏهن اچار هڪ ٻئي ن تي ختم ٿيندو هجي يا ن جي پنيان هڪ ٻيو وينجن موجود هجي (خاص ڪري جڏهن اهو نرم يا سولو اچار هجي). ان مونث اچار جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته جڏهن ن، اِ جي وچ ۾ اچڻ سان جدا ٿو ٿئي ته اهو انوسوار (nasalized) آواز ٿي ٿو وڃي. مثلاً سئين بجاءِ سنّ- سُنيگا منجهان؛ سَنِئسارُ بجاءِ سنّسارُ؛ مئيجَلَ بجاءِ منجل (مَنّزِلَ) جيڪو هاڻ ورلي ٻُڌڻ ۾ ٿو اچي، خاص ڪري مسلمانن ۾، جيڪي ان کي لکن ٿا: مَئِزِلَ، سَئِسَارُ وغيره.

لفظ ڪِينَ (چا) ۾ اِ ڊگهو ٿو ٿئي جيڪو اڳ ۾ ئي پراڪرت ۾ ڪيَ هو ۽ سنسڪرت ڪِمَ مان آيو آهي ۽ وري ڏسو شِينهُن - پراڪرت سيهَه ۽ سنسڪرت سينهَه پر اهو وري لفظ جِيَ ۾ نٿو ڏسجي، جيڪو پراڪرت ۾ جيها ۽ سنسڪرت جِهوا.

سنڌيءَ ۾ گهٽين جاين تي ڊگهي اِي قائم رهي ٿي، جڏهن ته پراڪرت ۾ اها سسي اِ ٿيو وڃي ۽ اهو عمل ٻن وينجنن جي ادغام (assimilation) ٿيڻ ڪري ٿو ٿئي. مثال تيرٿُ - پراڪرت تِتِٿُ ۽ سنسڪرت تِيرت.

ڊگهو اي ورلي ڪڏهن چوٿو ٿي اِ ٿئي ٿو. خاص ڪري اِسم جي پڇاڙي ۾، مثلاً نارِ- پراڪرت ۽ سنسڪرت ۾ نارِي. پراڻي پراڪرت جي وياڪرڻي ماهرن اڳي ئي اهڙا اشارا ڏنا هئا ته ڪٿي ڊگهو اِي بدلجي اِي ٿيو وڃي ٿو. مثلاً پراڪرت ڪوَرِس، اِيرّس وغيره، سنسڪرت ڪِيدرِس، ايئرِس وغيره. سنسڪرت ڪيميش، ايچش وغيره. انهن جا لاڳاپيل سنڌي لفظ آهن؛ مثال ڪيهرَوَ (هه جي متاسٽا ذريعي) بجاءِ ڪيرّهو جي؛ ڪيرّ (هه ڪڍڻ سان) بجاءِ ڪيُرهُو، جيڪو اپڀرنش لهجي ۾ ايئن آهي. وري ر صفا حذف ڪري لفظ ڪيهي نهي ويو. پراڪرتي شڪل ايَرِس (اپڀرنش: ايِهِي). سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل نه ٿي سگهيا آهن، ضميري بنيادن (pronominal bases) تي ڪي ٻيون صورتون پيدا ٿيون آهن. مثلاً ڪِي، جو، تو، اِهو، اُهو ۽ ڙو جهڙي تصغيري ڳنڍ (diminutive affix) جوڙڻ سان لفظ جڙن ٿا. مثلاً: ڪِهڙو، جِهڙو، تِهڙو، اِهڙو يا اُهڙو.

## c) The Vowels u, ū

## حرف علت: اُ؛ اُو

سواءِ ڪن خاص حالتن جي، سنڌي ٻولي ٿلهي ليکي اهي سڀ تبديليون قبول ڪيون آهن، جيڪي

چوٿن سرن جي حوالي سان پراڪرت ۾ ٿينديون نظر اچن ٿيون. سنڌي پراڪرت کان وڌيڪ اصلي صورت ۾ رهي آهي. مثلاً **پُرُسُ** (مرد) پراڪرت **پُرِسو**، سنسڪرت **پُرُش؛ مُڪُڙِي** - پراڪرت **مُئُل** ۽ سنسڪرت **مُڪُل**.

**اُ** حرف علت **اَ** ۾ بدلجي ٿو ۽ ان جا مثال آهن. **ڳرو** - پراڪرت **گرُءَ**، سنسڪرت **گرُ؛ ڏٻل** - پراڪرت **دُبّل**، سنسڪرت **دُرُبَلَ**- يا ڪٿي تہ بلڪل حذف ٿيو وڃي، جيئن **ٻَرِ** (مٽي) - پراڪرت **اُبَرِ** ۽ سنسڪرت **اُپر**. **اُ** صرف ڪجھ صورتن ۾ **اؤ** ۾ بدلجي ٿو. مثلاً **موتِي** - پراڪرت **موتَ** ۽ سنسڪرت **مُتڪ** (مُڪت)؛ **پوٿِي** (ڪتابڙو) - پراڪرت **پوٿئا** ۽ سنسڪرت: **پُسّتڪَ؛ ڪوڏُرِ** - سنسڪرت **ڪُدالَ**.

ڊگهو سر **اُو** سنڌي ۾ پراڪرت کان وڌيڪ ثابت قدميءَ سان قائم رهيو آهي. مثال **نُورو** (زيور) پراڪرت **ٽيئُر** ۽ سنسڪرت **نوُپُرَ**. جن صورتن ۾ پراڪرت ۾ اصلي **اُو** گهٽجي **اوَ** ٿئي ٿو، تہ اصلي سر سنڌيءَ ۾ وري ظاهر ٿئي ٿو، جيئن **اُڪرِي** - پراڪرت **اوڪل**، سنسڪرت **اُلڪلَ؛ ٻُٽِ** (طاقت) - پراڪرت **پودِٽ**، سنسڪرت **پٽر**. جيتوڻيڪ ان جو ملندڙ اچار **ٻُٽِ** (پٺي جو حصو) کي الڳ سمجهڻ گهرجي جنهن جي سنسڪرت صورت **پرِشٽ** ۽ هندي ۾ **پِيٺ** آهي.

## d) The vowels ē and ō

## حرف علت: اي ۽ اُ

سنڌي ۾ اهي ٻئي سر (پراڪرت وانگر) هاڻ سادا اچار (simple sounds) **اچار ڪري سمجهيا وڃن ٿا** نہ ڪي گهُٽا سر (guna vowels). پراڪرت وانگر سنڌيءَ ۾ **اِي** ۽ **او** سدائين ڊگها اچاربا آهن. پراڪرت جي **اي** جي جاءِ تي سنڌيءَ ۾ چوٿو **اِ** متبادل طور استعمال ٿيندو آهي. مثلاً **هِڪُ** - پراڪرت **ايڪّ**. ساڳيءَ ريت پراڪرت جو سُر **اوَ** چوٿي **اُ** ۾ بدلجي ٿو (جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيوسون).

**انهن** ٻنهي سرن ثابت قدميءَ سان پنهنجو پاڻ کي سانديو آهي ۽ پراڪرت ۾ جنهن بہ جاءِ تي وينجن جي سَنڌي (assimilation) ٿيڻ جي ڪري اڳ ۾ ئي هي چوٿا ٿي ٿا وڃن، اهڙي صورتن ۾ بہ سنڌيءَ ۾ اهي تواتر سان ظاهر ٿين ٿا. مثلاً: **پرِيُمُ**- پراڪرت **پيمَ؛ جوِيَنُ** - پراڪرت **جووّڻَ؛ جوڳُ** - پراڪرت **جوڳّ**، سنسڪرت **يوگيَہ**.

**تمام** گهڻ موقعن تي **اوَ** چوٿو ٿي **اُ** ۾ بدلجي ٿو. مثلاً **لُهّارُ** بجاءِ **لوهَڪارُ** (سنسڪرت: **لوهَڪارَ**) جتي **آ** چوٿو ٿي **اَ** ٿيو وڃي؛ ۽ **اِي** بدلجي **اِي** ٿيو وڃي. مثال: **پِيجُ** (سوڪهڙو) - سنسڪرت **پيِيَہ؛ ڪِي** (پلائي) - سنسڪرت **ڪشيم؛ نينهُ** - پراڪرت **ٽوهو**، **سنيهہ**- سنسڪرت **سنيهہ؛ مِينهُ** - پراڪرت **ميّهوَ**، سنسڪرت **ميگهَہ**.

**اسم** جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ خاص ڪري شاعريءَ ۾ **اِي** ۽ **اوَ** بدلجي **اِي** ۽ **اُو** ٿين ٿا ۽ اهي تبديليون چاڪاڻ تہ سنڌيءَ ۾ خاص طور ڏٺيون ٿيون وڃن تنهنڪري انهن جو ذڪر اسان هن ڪان پوءِ ڌار ڪنداسون. ڪرمديشوَر جيڪي خصوصيتون اپيرنش لهجي ۾ ڄاڻايون آهن، سنڌي انهن تي پوري پوندي ٿي ڏسجي؛ ان ۾ **اِ** کي **اِي** جي متبادل طور مڪاني واحد (locative singular) جي صورت ۾ استعمال ٿيندي ڏٺو ٿو وڃي. مثال **پَرَڏيِهِ**، **گهَرِ** وغيره. اپيرنش وانگر سنڌي بہ ساڳي طرح پراڪرتي پڇاڙي **اوَ** کي **اُ** ۾ ڪافي حد تائين

تبديل ڪري ٿي. مثال **ڪَرُ**- پراڪرت **ڪمّو** وغيره. اها ساڳي ڳالھ حالت اپادان (ablative) واحد پڇاڙي **ائادو** لاءِ بہ چئي سگھجي ٿي، (جنهن ۾ آ، **اوَ** ٿيندي **د** کي حذف ٿو ڪري) ۽ جيڪو اپڀرنش ۾ عام طرح ڇوٽو ڪري **اڌُ** ٿئي ٿو ۽ وري سنڌيءَ ۾ آ ڪان **اُ** ٿي ٿو وڃي. جيئن **گھراءُ** (گھران). اڄڪلھ اها پراڻي سنڌي حالت اپادان پڇاڙي (ablative termination) عام طرح سڪڙجي **اَنُٿُنَ**[1] ۾ بدلجي ٿي ( آ ساڳي ريت **اَ** ۾ ڇوٽي ٿيو وڃي ۽ وڃي ختم ڪرڻ لاءِ ٻئي سر انوسوار (nasal) ڪيا تا وڃن. باوجود ان جي **اَ**- ءُ اڃان بہ شاعريءَ ۾ عام طور استعمال ڪيا تا وڃن.

**نمبر - 3**

## The elision, contraction and insertion of vowels

## حرف علت جو ڇوٽو، حذف يا واڌارو ٿيڻ

اهي ٽئي نڪتا جيڪي پراڪرت لهجي ۾ انتهائي اهميت جا حامل آهن، انهن جو سنڌيءَ جي حوالي

[1] ٽرومپ هتي حالت اپادان جي پڇاڙي **انٿُن** ڏني آهي جيڪا معياري لهجي ۾ **آنَ** آهي. لاڙ ۾ بہ **آنَ** استعمال ٿئي ٿي (ايڊيٽر)

سان مختصراً هيٺ ڏنل تبصري سان جائزو وٺي سگھجي ٿو.

(الف) پراڪرت جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ ۾ سر جو حذف ٿيڻ نسبتاً تمام گھٽ ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ وينجن پنهنجي جڳھ تي قائم تا رهن. البت ڪافي جاين تي سنڌي پراڪرت استعمال جي پابندي ڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مثلاً **ڏُئارو** (مندر)، **ڏُئار** (دروازو) جي مختلف صورت - سنسڪرت **دوّار**؛ سنسڪرت **ديُوالَيَہ** هتان **اِي** حذف ڪيل اهي؛ **سِئارو** (سيارو) - پراڪرت **سِيئارو**، سنسڪرت **شيتڪال**؛ **ڪُنيرُ** - سنسڪرت: **ڪُنَيڪَار**؛ **پکال** (پخال) - سنسڪرت **پَيَہَ، کَلَ**؛ **رِڻُ** - سنسڪرت ۾ **اِرِڻَ، ڏِيءَ** (پراڪرت **ڏِيئا** — ڏسو (Lassen P:172). **بہ**- پراڪرت **بہ**، سنسڪرت **اڻاپ**.

(ب) جيتري قدر سُر جي ڇوٽي ٿيڻ جو سوال آهي تہ ان ڏس ۾ سنڌيءَ جي پراڪرت سان ڪنهن حد تائين هم آهنگي آهي، پر تنهن هوندي بہ مون کن جاين تي ان کي پراڪرت جي مناسبت سان هنديءَ کان مختلف ڏٺو آهي. جيئن ڇوٽون - پراڪرت **ڇٽُٽ**، سنسڪرت **چترُت**؛ **مورُ**- پراڪرت **موّر**، سنسڪرت **ميوُرَ**؛ **لوڻُ** - پراڪرت **لُوڻَ**، سنسڪرت **لوَڻ**؛ **سونَ** - سنسڪرت **سُوَرَڻ**.

(ٻ) سُرن جي واڌاري جي حوالي سان سنڌي پراڪرت سان پوري طرح سهمت آهي.

(i) ڪنهن اصلوڪي مرڪب وينجن جي اچار کي آسان بنائڻ لاءِ انهن جي وچ ۾ سُر جو اضافو ڪيو ويندو آهي. ڪنهن مخصوص سُر جو اضافو ان ڳالھ تي منحصر آهي تہ اڳ ۾ آيل سر ڪهڙا آهن يا وينجن جو ورگ (varga) ڪهڙو آهي، جنهن کي ان کان اڳ آيل حرف صحيح کان جدا ڪرڻو آهي. البت ان قاعدي جي سختيءَ سان پابندي هر جاءِ تي نٿي ڏسجي. جن لفظن ۾ **اَ** سر اضافي طور لڳائجي ٿو، اهي آهن مثال طور: **سراهہ** - پراڪرت **سَلاها**، سنسڪرت **شِرِڏا**؛ **سُلوڪَ** - پراڪرت

سِلوءِ، سنسڪرت **شلوڪ**.

اِ سر جا مثال آهن: **اِستري**، پراڪرت **اِتّي**، سنسڪرت **ستري**؛ **وَرِهُه** - پراڪرت **ورِسو**، سنسڪرت **وَرِّشُ**؛ **مِلَڻُ** - پراڪرت **مِلاڻ**، سنسڪرت ڌاتو **مَيَل**.**اُ** سر جي اضافي جا مثال: **سُپنو**، پراڪرت **سِبِڻُ**، سنسڪرت **سوَپنَ**؛ **سُمُرَڻُ** (ياد ڪرڻ) - پراڪرت **سُمَر**، سنسڪرت **سمَّرَ** (ڌاتو: **سُمَر**).

(ii) ڪن جاين تي سنڌي ڌاتو سرن کي مرڪب وينجن جي وچ ۾ آٽي اضافي سُر ڪتب آڻيندي آخري وينجن حذف ڪري ٿي ڇڏي. مثلاً **سيڻُ**- پراڪرت. **سٽيهه**، سنسڪرت **سنّيهه**؛ يا وري عمومي طرح سنئون سڌو مرڪب وينجن حذف ٿيو وڃي جيئن: **نُوهُو** (نُنهن) - پراڪرت **سوراهه**، سنسڪرت **سُنشا**؛ **سَگهَڻُ** - پراڪرت **سڪٽومِ**، سنسڪرت **شڪنومِ**.

**نمبر - 4**

## Sandhi, Hiatus and Euphony

## سَنڌي (ادغام)، وٿي ۽ مٺو اچار (صوتياتي تبديلي)

سنڌي ٻه پراڪرت وانگر اچارن جي ڦيرڻ جي قاعدن جي پابند رهي ٿي ۽ تنهنڪري سُر سَنڌي/ ادغام جي اصولن جي برڪس پاڻ ۾ گڏجن ٿا. ڪجهه گڏ استعمال ٿيندر سرُن کي جدا ڪرڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ انوسوار (Anasvara) جو استعمال ٿئي ٿو، جنهن تحت هڪ خاص گهڻو آواز اچار ۾ گڏجي ٿو، جيڪو ٻڌڻ ۾ ايترو وٽندڙ ناهي. مثال **آنئون** (آءٌ)؛ **سُڪانئون** (سُڪا جو جمع)؛ **ڪانئڻُ** (ساڙڻُ)؛ **ڳنئوُن** وغيره. اهو ئي انوسوارا سر جي اچار کي ڏکيو ڪرڻ ۾ ٻه ڪم اچي ٿو. جيئن **مِينهُ** - سنسڪرت **ميگهه**؛ ۽ اهو خاص ڪري تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن ڪو اسم ڏگهي سُر تي ختم ٿو ٿئي. مثلاً **پرِّينَ**، **پوُنَ** وغيره.

وري ٻين جاين تي اهڙا مثال ٻه ملن ٿا جتي اهو گهڻو آواز سنڌيءَ ۾ حذف ٿيندي نظر اچي ٿو. مثال: **ماسُ**، **ماهُ**- سنسڪرت **مانَّسَ**.

**نمبر - 5**

## II- THE SINDHI CONSONANT SYSTEM

## سنڌي وينجن جون نظام

سنڌي اکرن (ڏسو سنڌي آئيوِنا) کي پراڪرت اکرن سان ڀيٽڻ سان ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌي ڪجهه اکرن جهڙوڪ **ش**، **ڳ**، **ڃ** ۽ **ن** کي صرف مفرد اکرن وانگر محفوظ رکيو آهي، جيڪي پراڪرت ۾ اڳئي غائب ٿي ويا آهن، سواءِ اهڙين جاين تي جتي اِهي وينجن ڪان اڳ پنهنجن ترتيبوار ورگن ۾ موجود آهن.

**ش**: سنڌيءَ ۾ اهو اچار سنسڪرت جي تارونءَ وارن گهڪيدار آوازن (palatal sibilant) جي برعڪس هڪ ڏندوان اچار آهي، جيڪو سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ موجود ئي ناهي، پر سواءِ گجراتيءَ جي تقريباً سيني ٻولين ۾ مروج ٿي ويو آهي ۽ جيڪو اسان جي عام **ش** جي ڏندائين آواز سان نهڪي ٿو اچي. اهو **ش** گهڻن

ئي ڏاتن مان حاصل ٿيل آهي.

**(الف)** سنسڪرت سخت تارونءَ واري **ش** منجهان- مثال **شَبِدُ**- سنسڪرت **شبدُ**؛ **شَرِيرُ** (۽ **سَرِيرُ**) — سنسڪرت **شرير**؛ **شُڪرُ** - سنسڪرت **شُڪر**.

(ب) سنسڪرت جي ڏندائين **س** منجهان **ش** مثلاً **شينهُن** - سنسڪرت **سِنهه**؛ **شاهُو** (مسلمان عام طرح ان کي سائو پڙهن ٿا)- سنسڪرت **ساڌُ**؛ ڪن جاين تي فارسي لفظن جي **س** کي بہ **ش** ۾ بدليو وڃي ٿو. مثلاً: **شِيخ** - **فارسي**- **سيخ**.

(پ) سنسڪرت مورڌني (cerebral) **ش** مان- مثلاً **ڪَرشَڻُ** - سنسڪرت **ڪِرش**، هندي **ڪَسنا**؛ **ڪَشَڻُ** - سنسڪرت **ڪرشَڻ**؛ **وِشُ** (۽ **وِسُ**) - سنسڪرت **وِشِيہ**. عربي ۽ فارسي وارو **ش** بہ هميشہ **ش** طور ئي رکيو ٿو وڃي. مثلاً **شهرُ** - فارسي **شَهَر**؛ **شاهُ** - فارسي **شاه**.

اهو پراڪرت جي قاعدن کان هڪ واضح انحراف آهي، جتي اڪر **ش** بدلجي **س** ٿيو وڃي ۽ ڪڏهن تہ وري **هہ** ٿيو وڃي.

سنڌيءَ ۾ **ش** جو استعمال فقط مقامي اچارن (vocables) تائين محدود آهي (جيڪي لفظ ڪنهن بيروني ٻوليءَ مان اچي جذب ٿيا آهن انهن جو هت ذڪر ڪونہ ڪنداسون) ۽ ان جو غير معمولي هجڻ جو ثبوت ان حقيقت مان ملي ٿو تہ پراڪرت ۾ متبادل (يعني **ش** = **س** = **هہ**) جو قاعدو سنڌي ۾ بہ پوري طاقت سان موجود ٿو ڏسڻ ۾ اچي. جيئن **سُٽڻُ** - پراڪرت **سُٽام**، سنسڪرت **سرٽومي**؛ **ڦاسي** يا **ڦاهي** - سنسڪرت **پاسَ**؛ **ديسُ** - سنسڪرت **ديش**؛ **ڏَهَ** — پراڪرت **دهہ**، سنسڪرت **دَس**.

مورڌني (cerebral) **ش** بہ انهيءَ قاعدي جي پابندي ڪندو ٿو ڏسجي جتي اهو ڦري **ش** يا **هہ** ٿيو وڃي. مثلاً **نُهُ**، سنسڪرت **سَنُشا**؛ **وِسُ** - سنسڪرت **ويشيہ**؛ **ويسُ** - سنسڪرت **وِئن**.

**ش** ۽ **سَ** سنڌيءَ ۾ اڪثر ڪري **ڇَ** ۾ بہ تبديل ٿين ٿيون. مثلاً **ڪِڇڙي** - هندي **ڪِچڙي**، سنسڪرت **ڪرشرا**؛ **ڇنڇرُ** - سنسڪرت **شَنِسئر**؛ **ڇ** يا **ڇَهہ** - پراڪرت **ڇا** ۽ سنسڪرت **شٽ**. اهو متبادل سنڌي ۾ ايترو تہ مروج آهي جو عربي ۽ فارسي لفظن جو **ش** بہ **ڇ** ۾ ڪن هنڌن تي تبديل ٿئي ٿو. مثلاً **ڇال** (۽ شالَ) - عربي **شاءَالله**؛ **ڇابس** - فارسي **شاباش**؛ يا **باڇاهُ** - فارسي **پادشاه**. مورڌني **ش** سنڌيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن لکي ويندي آهي، پر اهو بہ صرف برهمڻ ئي لکندا آهن، سي بہ اهي جن کي سنسڪرت جي نسبتاً ڪجهہ ڄاڻ هوندي آهي. تنهنڪري بهتر ائين ٿيندو تہ **ش** کي اسان سنڌي وينجنن مان ٻاهر رکون ڇو تہ ان جو اصل اچار مڪمل طور نظر انداز ڪيو ويندو آهي. ڪيپٽن اسٽئڪ جي سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ مورڌني **ش** جا ڪجهہ لفظ ڏنل آهن. مثلاً **ورشئي**، **دُشٽُ**، **ڪَشٽُ** پر اهو آخري لفظ ۽ ٻيا فقط برهمڻ ئي ڄاڻندا آهن. (guttural) ڪنٺي اکر (ڱڙيءَ مان نڪرندڙ) **ڱ** ۽ تارون واري **ڃ** سنڌيءَ ۾ سادن اکرن طور پنهنجي حيثيت رکي آهي. مثلاً **اڱ** - هندي **انگ** يا سنسڪرت **آنگ**، سنسڪرت **انگگ**؛ **مَڱڻُ** - هندي **مانگنا**، سنسڪرت **مارگڻ** (مرگ)؛ **مَڃڻُ** - هندي **ماننا**، سنسڪرت **مانن**.

هم جنس لهجن ۾ اهي ٻئي گهُٽا اچار پنهنجي ورگ سان گڏجي استعمال ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن ٻہ اڪيلي وينجن طور نہ استعمال ٿيندا آهن. (سواءِ پنجابيءَ جي). پراڪرت وانگر مورڌني ڻ سنڌيءَ جي ڏندوان ڄ ڪي اڪيڙي نہ سگهيو آهي ۽ اهي ٻئي گڏجي استعمال ۾ رهندا اچن ٿا. ڱ ۽ ڄ وانگر گهٽين ئي جاين تي ڻ هڪ اڪيلي وينجن طور ٻہ استعمال ٿئي ٿو.

ان ڏس ۾ پنجابي سنڌيءَ سان سهمت آهي، جڏهن تہ ٻيا لهجا ڻ کي فقط مورڌني قسم جي اکرن کان پهرين استعمال ڪن ٿا. سواءِ هندوستانيءَ جي جنهن ۾ مورڌني گهُٽو آواز موجود ئي ڪونهي.

**نمبر - 6**

# 1) Single Consonants at the beginning of a word

## لفظ جي شروعات وارا مفرد وينجن

هيٺ ڏنل وينجن لفظ جي شروعات ۾ استعمال ٿيندا آهن.

1. (Gutteral) ڪنٺي (نڙيءَ وارا): **ڪ، ک، گ، گه، ه، ڳ.**
2. (Palatal) تارونءَ وارا: **چ، ڇ، ج، جه، ي، ش، ڄ.**
3. (Cerebral) مورڌني: **ٽ، ٺ، ڊ، ڍ، ڙ، ڏ.**
4. (Dental) ڏندوان: **ت، ٿ، د، ڌ، ن، ر، ل، س.**
5. (Labial) چپوان: **پ، ڦ، ب، ڀ، م، و، ٻ.**

ڪجهہ بنيادي نڪتن تي اهو سرشتو پراڪرت جي قاعدن کان انحراف ڪري ٿو، جنهن جو اسان ڪنهن حد تائين اڳي ئي ذڪر ڪري چڪا آهيون.

مورڌني ڙ جو ڪنهن لفظ جي شروعات ۾ استعمال سنڌيءَ جي خصوصيت آهي ۽ اهو ٻين لهجن يا ٻولين ۾ نظر نہ ٿو اچي ۽ سنڌيءَ جا ٻہ حرف ندا طور استعمال ٿيندڙ **ڙي** ۽ **ڙِي** ٻہ خاص اهميت رکن ٿا، اڳيون ڪنهن مرد کي ۽ پويون عورت کي پڪارڻ يا سڏڻ ۾ ڪتب اچي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اهي ٻئي صورتون سنسڪرت ۾ حرف ندا ۽ ظرف (interjection, adverb) طور موجود آهن. مثلاً **اري** (۽ اهو سنڌيءَ ۾ ٻہ مروج آهي)، جنهن کي ڊاڪٽر ڪالڊيويل ٻہ ذڪر ۾ آندو آهي. (Comparative Grammar of Dravidian Languages P:440) ۽ جيڪو ڏکڻ جي دراوڙي ٻولين ۾ ڪتب اچي ٿو ۽ جنهن ۾ اشارو ڪنهن غلام ڏانهن آهي. (O! slave). ڊاڪٽر ڪالڊويل جي بيان جي تصديق سنڌيءَ ۾ ٿيندي نظر اچي ٿي، جنهن ۾ ڙ ڪانسواءِ **ڙي** ۽ **اڙي** ۽ **اڙِي** ٻہ استعمال ٿي دراوڙي **اري** سان نسبت کي ظاهر ڪن ٿا.

1) ڪ وسرڳ جو پابند ناهي، جيئن ڪجهہ پراڪرت مثالن ۾ ملي ٿو. مثلاً **ڪُڄَ**، سنسڪرت **ڪج**، سنڌي ڪُٻو نہ ڪو ڪ ڪنهن لفظ جي شروعات ۾ ڄ ۾ بدلجي ٿو. اڪثر ڪري پڇاڙي ۾ (جوڙ طور) ۽ حالت اضافت واري جوڙ (genitive affix) جي حالت ۾ **گ** کي **جو** ۾ ۽ ڪڏهن تہ وچيون **ڄ** ۾ ٻہ مٽجي ٿو.

عربي ۽ فارسي لفظن جو **ڪ** ڪڏهن وسرڳ تي ۽ بدلجي **خ** ٻہ ٿئي ٿو. مثلاً: **ڪتابُ** يا **خَتابُ**- عربي

**ڪُتّاب؛ سُڪانُ**- عربي **سُڪّان**.

2) **گ** صرف هڪ جڳهہ تي وسرڳجي **گهَرُ** ٿيو وجي. پراڪرت ۾ بجاءِ **گرَهہ** جي اهو **گهر** آهي، سنسڪرت- **گرهہ**.

3) **ٽ** اڪثر هنڌن تي ان جهڙي مورڌني **ٽ** ۾ تبديل ٿئي ٿي. ڏندوان اچارن جو پنهنجي جڳهہ مٿائي مورڌني بنجڻ جو رجحان ايترو تہ آهي، جو سنڌيءَ جو وينجن سرشتو قديم پراڪرت کان مادي ۽ خصوصي طور تمام مختلف آهي. مثلاً: **ٽرامو** (ٽامو)- پراڪرت **تانب**، سنسڪرت **تامر** - هندي **تانبا**؛ **ٽري** (ٽي) - پراڪرت **تِڻِ**، سنسڪرت **تريڻ** (هندي تين). اها ئي ساڳي حالت وسرڳ **ٽ** جي آهي. مثلاً: **ٿاڻُ** - پراڪرت **ٿاڻ** ۽ سنسڪرت **ستان**.

مورڌني **ٽ** (**ٺ**) ۽ ان جو پاسيرو (media[1]) **ڊ** (**ڍ**) ٻوليءَ جا انتهائي اڻ آريائي جزا آهن. تقريباً ٽي ياڳي چار لفظ جيڪي مورڌني اچار سان شروع ٿين ٿا، اهي ڪنهن اصلوڪي اڻ آريائي ٻوليءَ مان آيا آهن، جن کي ڪجهہ وقت کان سِٿيَن (scythian[2]) سڏيو ويو آهي. پر جنهن کي اسان تاتاري سڏڻ بهتر ٿا سمجهون. اهو هڪ انتهائي پختو ثبوت آهي تہ مورڌني اچار ڪن پراڻين ٻولين مان ڪنيل ٿا پائنجن، جڏهن اجا آريائي ٻولين جو وجود ئي ڪونہ هو. سنسڪرت ۾ مورڌني اچار جو استعمال ورلي ٿئي ٿو. البت پراڪرت، جيڪا اڳئي نالي ماتر علائقائي جزن سان رڱيل آهي ۽ جيڪا اڳ ۾ بہ ڏنداون اچارن کي اڪيڙڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي.

4) **د** ۽ ان جو tenuis[3] **ٽ** اڪثر پنهنجي لاڳاپيل مورڌني **ڏ** ۾ تبديل ٿيندو آهي ۽ جيتوٽيڪ **د** ڪنهن لفظ جي شروعات ۾ سخت ۽ ڌماڪيدار نٿو لڳي، تڏهن بہ اڪثر حالتن ۾ اهو مخصوص سنڌي **ڏ** ۾ بدلجي ٿو (**ڏ** جي اچار لاءِ ڏسو سنڌي آئيويٽا ۾) مثلاً **ڏولي** - پراڪرت **ڏولا**، سنسڪرت **دولا**؛ **ڏنڊُ** (لڪڻ) - پراڪرت **ڊِنڌَ**، سنسڪرت **دنڌَ**؛ **ڏِئڻُ** - پراڪرت **ديمِ**، سنسڪرت ڌاتو **دا**، **ڏِسَڻُ** - پراڪرت **دِڪک**، سنسڪرت **درشہ**، پر جيڪڏهن **ر** کي مورڌني بدل سان ملائڻو هجي تہ سادي مورڌني **د** استعمال ڪرڻ ضروري آهي، ڇو تہ **ڏ** پاڻ پنهنجي حيثيت ۾ ٻٽو مورڌني آواز آهي. مثال **ڊراک** (ڊاک) - سنسڪرت **دراڪشا**، هندي **داک**. سادو مورڌني **ڊ** ڪنهن لفظ جي شروعات ۾ تمام گهٽ استعمال ٿئي ٿو ۽ ان جي **ڏ** کان الڳ سڃاڻپ ڪرڻ ضروري آهي. مثلاً **ڊنو** ۽ **ڏنو**. (جيڪو ڏسڻ جو اسم مفعول آهي).

**د** پنهنجي وسرگ **ڌ** ۾ هڪ جاءِ تي تبديل ٿئي ٿو. **ڌِءَ** ۽ اهو پراڪرت جي **ڌيدا** يا **ڌٽا** جي پوئواري ڪندي ٿو ڏسجي.

5) منڍ واري **پ** ڪن حالتن ۾ وسرڳجي ٿي. مثال **ڦاسي** يا **ڦاهي**- سنسڪرت **پاش**، هندي **ڦانسي**: ڪڏهن ڪڏهن اهو نيم سر **و** ۾ وجي ٿو ملي (**ٻ** جي ذريعي) مثلاً **واجهو** (هندو ماستر) - سنسڪرت **اُپاڌيايہ** (منڍ واري **اُ** کي ڪيرائيندي).

6) نيم سر **ي** سنڌيءَ ۾ لفظ جي شروعات ۾ تمام گهٽ استعمال ٿئي ٿو. مثلاً: **يپڻ**؛ **يٽو** (سگهارو)؛ **يارنهن**. پراڪرت جي مناسبت سان منڍ واري **ي** عام طرح **ج** ۾ بدلجي ٿي. مثال جو (**جيڪو**) -

سنسڪرت يو؛ **جسُ** (مشهور) - سنسڪرت **يش**.

جيڪي لفظ عربي يا فارسيءَ مان اڌارا ورتل آهن انهن ۾ **ي** موجود رهي آهي. مثلاً **يارُ**، فارسي **يار** وغيره. اها واحد صورت جتي سنڌي ۾ **ي**، **ل** ۾ بدلجي ٿي اها آهي **لَٽِ**. ساڳي صورت پراڪرت **لَٺِٽ**،

---

[1] باوجود گهڻي ڪوشش جي هن لفظ جي معنيٰ وياڪرڻ يا صوتيات جي حوالي سان نہ ملي سگهي (مترجم)

[2] اهو لفظ (Scythian) جيتوڻيڪ ڊاڪٽر ڪالڊويل ۽ ويسٽر ايڊنورِس استعمال ڪيو آهي، اسان ڪي غير ۽ مبهم ٿو لڳي. تاتار وڏيڪ واضح ٿو لڳي جوان مان ٻولين جي هڪ خاص گروپ ڏانهن اشارو ملي ٿو.

[3] هن لفظ جي معنيٰ پڻ ڊڪشنرين ۾ نہ ٿي ملي (مترجم)

سنسڪرت **يَشِٽ**.

**نمبر - 7**

## 2) Single Consonants in the midst of a word

## لفظ جي وچ ۾ ڇڙا/ مفرد وينجن

پراڪرت جي هڪ عام قاعدي موجب جڏهن بہ هي وينجن هر هڪ **ڪ**، **گ**، **چ**، **ج**، **ت**، **د**، **پ**، **ب** ڪنهن لفظ جي وچ ۾ اڪيلا يا مفرد موجود هجن تہ اهي يا تہ ڇانٽي ڪري سگهجن ٿا يا ائين ئي رڪيل رهن ٿا. اهو قانون اسان کي سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندي نظر اچي ٿو، پر ڪجھ ضروري ترميمون ٿيل ڏسجن ٿيون ۽ ان مطابق گهڻو ڪري اهي وينجن ان ئي صورت ۾ رهن ٿا، ان جو سبب اهو آهي تہ آواز جي مونٺ اچار کي سنڌي ان حد تائين ماڻي نہ سگهي آهي، جيڪا پراڪرت جي خاصيت آهي. ان ڪري ڏٺو ويو آهي تہ سنڌي ان پراڻي روش تي قائم رهندي پنهنجي لفظن جون پراڻيون صورتون برقرار رکيون آهن يا وري پنهنجي طريقي سان انهن کي ڇوڙو يا ڇانٽي ڪرڻ اختيار ڪيو اٿس. (Elision) حذف يا ڇانٽيءَ جا مثال: **سُئِي** - پراڪرت **سُوئِي**، سنسڪرت **سُچِي**؛ **ڪِئو** - پراڪرت **ڪِدو**، سنسڪرت، **ڪرت**؛ **راءُ** - پراڪرت **رائا**، سنسڪرت **راجا**؛ **چَئُماسو** - سنسڪرت **چترماس**؛ **سَرءُ** - پراڪرت **سردو**، سنسڪرت **شرد**؛ **پِئُ** - پراڪرت **پِئا** ۽ سنسڪرت **پِتا**.

ڇانٽيءَ جو اهو عمل ٻاهران آيل لفظن تي بہ اثر انداز ٿئي ٿو. مثال **ناڪئون** - فارسي **ناخدا**.

پر گهڻي ڀاڱي وينجن پنهنجي جڳھ تي قائم رهن ٿا. مثلاً **ساگر**- پراڪرت **سَائرو**، سنسڪرت **سَاگرَ**؛ **نگر** - پراڪرت **ٹئارو**، سنسڪرت **نگرَ**؛ **وَچَنُ** - پراڪرت **وَٽڻ**، سنسڪرت **وچنڻ**.

پراڪرت جي خصوصيت آهي تہ اها مورڏني اُچارن جي ڇانٽي نٿي ڪري ۽ ان ۾ اهو واضح رجحان آهي تہ جتي بہ ممڪن هجي اتي ڏنداون اچارن کي مورڏني اچارن ۾ بدلي ٿي تہ جيئن اهي اچار ڇانٽيءَ کان بچي وڃن ۽ اهو طريقو اسان انهن سيني لهجن ۾ ڏسون ٿا، جيڪي پراڪرت مان ڦٽي نڪتا آهن ۽ عام ڏندوان اچار ماڻهن کي اچارڻ ڏکيا ٿا لڳن ۽ اهو واضح ٿيندو آهي جڏهن عام هندوستاني ڪجھ يورپي

لفظن کي اچارين ۽ لکن ٿا تہ انهن ۾ ڏنداون اچارن کي بہ مورڏني اچارن ۾ مٽي ٿا ڇڏين، جيکو ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ هنن کي مورڏني اچارن سان ڏنداون کان وڌيڪ آشنائي ٿي ڏسجي.

هاڻ اچو تہ انهن اعتراضن تي نظر وجهون جن جو ذکر پراکرت جي وياکرڻي ماهرن کيو آهي.

1) قاعدي موجب (جيکو هن پيرا جي منڍ ۾ ڏنل آهي) **ک، گ، چ ۽ ج** جڏهن بہ چاتتي نتا ٿين تہ قائم رهن ٿا. پراکرت پاران ان قاعدي جو انحراف سنڌيءَ ۾ نظر نتو اچي ۽ ان کري ان جي حيثيت مقامي وڌيک محسوس ٿئي ٿي. اها واحد صورت جتي ائين نتو ٿئي، جنهن جي تائيد جديد ٻولين ۾ ملي ٿي، اها پراکرت صورت آهي: **ٻهڙي** - سنسکرت **ٻکٽي**، جنهن جي اصلي صورت **ٻڌٽي** جي وضاحت ضروري آهي، جنهن مان **ٻهڙي** ڦٽي نکتو آهي؛ هندي **ٻهن** ۽ وسرڳ جي تبديليءَ ذريعي سنڌي **پيڻ** وجود ۾ آيا آهن.

**ک** ان سان لاڳاپيل ٻي اکر **گ** ۾ متجي سگهي ٿو. مثلاً: **پڳڻ**، سنسکرت **پَکٽُ**، **سڳتِ** (سگهہ)، سنسکرت **شکتِ**؛ ان جي برعکس **گ** ڦري **ک** ٿئي ٿو (۽ **ر** جو **ک** تي اثر) مثلاً **کڌ** - پراکرت **گڌ** ۽ سنسکرت **گرت**.

2) مورڏني **ٽ** ۽ ان جو وسرڳ **ٽ** اکثر کري ان جي لاڳاپيل media ۾ بدلجي ٿو. مثلاً **کَنڊي** (کَنڊِي) - سنسکرت **کٽنِيِيَ**. اهو قاعدو جديد لهجن تي پورو پوندو نظر اچي ٿو. خاص کري سنڌي جيکا هک وک اڳتي وڌائي هيٺ لهي ٿي ۽ **ڊ** کي **ڙ** ۾ بدلائي ٿي ۽ **ڍ** کي **ڙهہ** ۾ تبديل کندي ڏسجي ٿي. مثلاً **ٻڙُ** - سنسکرت **وٽ**؛ **ٽروڙڻ** (ٽوڙڻ) - سنسکرت **ٽرودن**؛ **پڙهَڻُ** - سنسکرت **پٺر**؛ **پيڙهي** - سنسکرت **پيٺي**؛ **لُڙهڻُ** - سنسکرت **لُٺر**. اصلوکي سنسکرتي **ڊ** بہ ان ئي متبادل قانون جي پيروي کري ٿي. مثال **جُڙڻُ** - سنسکرت **جڊر**؛ **پيڙهڻُ** - سنسکرت **پيڊ**؛ **جڙُ** (ٻي جان) - سنسکرت **جڊ**. ساڳي ريت سنسکرت جي **ڍ**، **ڙهہ** ۾ بدلجي سگهي ٿي. مثلاً **مُوڙهہ** (اڻ ڄاڻ) - سنسکرت **مُوڍ**.

در حقيقت وڌ ۾ وڌ لفظ جن ۾ **ڙ** يا **ڙهہ** ملن ٿا اهي اڻ آريائي اصل جا آهن.

3) **ت** اکثر کري پنهنجي ويجهي **د** ۾ بدلجي ٿي. مثلاً: **کاند** - سنسکرت **کشانت**. سنسکرت جي کردنتي پڇاڙي **اَنت** (اَت) سنڌيءَ ۾ سدائين آندو ۾ تبديل ٿيندي آهي. مثلاً: **هلندو**، کندو. **ت** کن حالتن ۾ وسرڳ مورڏني آواز ۾ بہ بدلجي ٿي، پر صرف ان صورت ۾ جڏهن وسرگ جو سبب **ر** جي چاتتي هجي. مثلاً: **وَٽُ**، سنسکرت **ورتِ**؛ **ت** گهٽين حالتن ۾ قائم بہ رهي ٿي. حالآنکہ پراکرت ۾ اها پنهنجي ويجهي آواز ۾ بدلجي ٿي. مثلاً **رُتِ** - پراکرت **اُدئو**، سنسکرت **رِتُو**. عربي ۽ فارسيءَ مان ورتل لفظن ۾ بہ کڏهن **ت** وسرڳجي ٿي مثلاً: **همٿ**- عربي **هِمَّت**؛ **سائٿ** - عربي **ساعَت**.

4) **پ** پنهنجي ويجهي **ب** ۾ تمام گهٽ بدلبي آهي، جيئن **بہ** - سنسکرت **ائپ**؛ **رجبُوت** (راجپوت) - سنسکرت **راجپوتر**، پراکرت **اُبَر** (مٽي). پر سنڌيءَ ۾ **پَرِ** ٿيو وڃي.

ان کان سواءِ (Abstract Affix) مجرد جوڙ **پ**، **پو**، **پَڻ** وغيره ۾ Media بدلجي Tenuis ۾ بدلجي ٿو.

هندي **بنر** - سنسڪرت **رو مان**، **پوَن**، و- ب - پ جيئن **ڏاهپ** ۾.

آخري **پ** اڪثر **اُ** ۾ بدلجي ٿي (**پ = ب = و = اُ**) جيئن **تاءُ** - سنسڪرت **تاپ**، هندي **تاوَ**.

5) **ڊ** جي بدران **ل** ڪي قائم رکندي ڏنو ويو آهي. جيئن **ٽلاءُ** - پراڪرت **تلائِڙ** پر سنسڪرت **تربڏاگ** ۽ ٻين ڪجھ مثالن ۾ جيڪو رستو پراڪرت جو اختيار ڪيل آهي، ان ڪان پاسو ڪندي هڪ نئين ترڪيب سامهون ٿي اچي. مثلاً پراڪرت لفظ **ڊالم** جيڪو سنسڪرت **داڊم** مان نڪتل آهي (**ڊ** جي جاءِ تي **ل** جي استعمال جي ڪري) اهو سنڌيءَ ۾ **ڏاڙهون** ٿي تو وڃي (هندي **راڙم**) جتي منڊ وارو ڏندائون **د** پهرين **ڊ** ۾ مٽجي تو ۽ پوءِ سخت ٿي **ڏ** ٿيو ۽ وري **ڙ** ۾ بدلجي هڪ اضافي وسرڳ جي ذريعي **ڙھ** ٿيو وڃي (جيڪو ڪجھ خلاف معمول آهي).

جديد ٻولين ۾ ان حوالي سان پراڪرت (جي قاعدي) ڪان انحراف ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪي **ڊ** ڪي **ڙ** ٿيون ڪن. بجاءِ **ڊ** ڪي **ل** ۾ تبديل ڪرڻ جي. (۽ اتي اهو اشارو ملي ٿو تہ ڪيئن **ل** جو **ڊ** ۾ بدلجڻ ممڪن ٿيو). اها تبديلي پڪ سان **ڙ** ذريعي (۽ نہ ر جي ڪري بقول Lassen) جي ڪري ممڪن ٿي هوندي جيڪا **ل** سان اچارڻ ۾ مشابهت رکي ٿي، ۽ ان سان ڪن صورتن جي واضح سمجهاڻي ملي ٿي. جيئن **پيلو** - سنسڪرت **پيت**: اها تبديلي پڪ سان هيٺ ڏنل مرحلن ذريعي ٿي هوندي.

**پيت = پيدِ = پيڊ = پيڙ = پيل**.

6) اهڙا عدد جن ۾ ذريعي **د** جي بجاءِ **ر** ڪي ان وقت استعمال تا ڪن جڏهن اهي **ش** سان ملن تا.. اهي سنڌيءَ ۽ ٻين چاتل لهجن ۽ ٻولين ۾ قائم رهيا آهن. مثال پراڪرت **ايئارھ** - سنڌي **يارنهن**؛ پراڪرت **بارھ**، سنڌي **ٻارنهن**؛ پراڪرت **تيرھ**، سنڌي **تيرنهن**؛ **د** ڪي بهرحال پاٽمرادو قائم رهڻو پوندو. مثلاً پراڪرت **چئُديَھ**- سنڌي **چوڏنهن**.

**نمبر - 8**

## 3) Single Aspirates in the midst of a word

## لفظ جي وچ ۾ ڇڙا وسرڳ

جيتوڻيڪ چاتتي ڪرڻ جا پراڪرتي قاعدا بہ موجود آهن، پر تڏهن بہ سنڌيءَ ۾ اڪثر ڪري وسرڳ گهٽي ياڳي چاتتي ٿيڻ بجاءِ قائم رهندا آهن.

(الف) اکر **ڪ، گھ، ٿ، ڌ** ۽ **ڀ** بہ اهڙيءَ ريت چاتتي ٿي سگهن تا جو سندن ڳرو **ھ** جو آواز نڪري وڃي. ان قاعدي جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پراڪرت ۾ اشارو ملي ٿو تہ ان ۾ وسرڳن ڪي مرڪب وينجن ڪري سمجهيو تو وڃي. جيئن **گھ**، **ق** وغيره جي صورت ۾ بنياد ڪي حذف ڪري فقط **ھ** (Spiritus) قائم ٿي رهي. پراڪرت ۾ وسرڳن جو مِٽجڻ ائين تو محسوس ٿئي جڻ تہ ان پنيان

ڪو لکل تاتاري اثر آهي، چو تہ ڏکڻ جي دراوڙي ٻولين ۾ وسرڳن جو وجود ئي نہ آهي. پراڪرت جي وسرڳن کي حذف ڪرڻ جي لاڙي جي برعڪس جديد ٻولين تمام سخت رد عمل ڏيکاريندي انهن وسرڳن جي اچارن کي پنهنجي جهڙين ڀين مادري ٻولين کان وڌيڪ سانڍي رکيو آهي.

چاتيءَ (Elision) جا مثال: **مُنهن** - پراڪرت **مُنّهنَ**: سنسڪرت **مُک** جڏهن تہ **مُکُ** سنڌيءَ ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي. **مِينهُن** - پراڪرت **مِيهُ**، سنسڪرت **ميگهُ**: لفظ **ميگهُہ** سنڌيءَ ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي. **سَهي** - پراڪرت **سِهي**، سنسڪرت **سُبک**: **ڪَهَڻُ** - پراڪرت **ڪَهَ**، سنسڪرت **ڪَٿَ**: **لَهَڻُ** - سنسڪرت **لَڀَ**.

ڪن صورتن ۾ سنڌي پراڪرت کان اڳتي وڌندي **هہ** کي ان جي بنياد کان حذف ڪري ٿي. جيئن **ساءُ** - پراڪرت **ساهُ**، سنسڪرت **سادُ**.

(ب) پر عام طرح زيرِ بحث وسرڳ قائم رکيا ويندا آهن، جيئن **سُک** - پراڪرت **سُکَنَ**: **اَڏِيرو** - پراڪرت **اڏيرو**: **سُگهَڙُ** - سنسڪرت **سَگَٽَ**.

(پ) ڪجهہ وسرڳ مثلاً **ڃ**، **جهہ**، **ٺ**، **ڊ** ۽ **ڦ** جيئن جو تيئن قائم تا رهن: **اِڃا** - سنسڪرت **اِڃا**: **اَڃو** - سنسڪرت **اَڃ**: **ڪَٺِي** - سنسڪرت **ڪٺِيہ**: **ڊُونڊَڻُ** - سنسڪرت **ڊونڊِنُ**: **سَڦُلُ** - سنسڪرت **سڦل**.

(ت) وسرڳ **ٺ** پنهنجي لاڳاپيل ويجهي آواز ۾ بہ بدلجي سگهي ٿي. مثلاً **سُنڍِ** - سنسڪرت: **سُٺِنِي** ۽ هندي **سورٺ**: **ڪنڍي** يا **ڪَٺِنِي**: **ڳنڍ** - پراڪرت **ڳَٺِنِ**، سنسڪرت: **يَنٺ**. Media جو لاڳاپيل (Tenuis) ۾ بدلجڻ ورلي ڪو ملي ٿو. مثلاً **سُنڍو** - سنسڪرت **شُٺِ**، هندي **سُٺ**.

(ٿ) وسرڳ ڏندائون **ٿ** ڪجهہ صورتن ۾ سندس لاڳاپيل آواز **ڌ** ۾ بدلجي ٿو. مثلاً **پَنڌُ** - سنسڪرت **پَنٿا**- وسرڳيل ڏندائون آواز اچار سندن لاڳاپيل مورڌني اچارن ۾ بہ بدلجي سگهن ٿا. مثلاً **ٻڍو**- پراڪرت **وڙڍ**، سنسڪرت **وِرِڌ**: **مُوڙهہ** (مورک) - پراڪرت **مُوڍَ**، سنسڪرت **مُگڌ**.

ڪو وسرڳيل ڏندائون اچار/ اکر پنهنجي لاڳاپيل اڻ وسرڳ ۾ تمام گهٽ ڪو بدلبو آهي. مثلاً: **مَدُ**- سنسڪرت **مَدُّ**، (هندي **مد** ۽ **مدو**).

**نمبر - 9**

## 4) Singular nasals

## ڇڙا انوناسڪ

ڏندائون **ن** ڪڏهن سخت تارونءَ واري **ج** ۾ بدلجي ٿو: مثلاً **ڻَجُ** - سنسڪرت **اَسَنَ**، هندي **ٽن**: **ن** وري ڪٿي تہ مورڌني **ڻ** ۾ بدلجي ٿو. مثال **ڏيڻ** (ڪير ڏيندڙ ڏڳي) - سنسڪرت **ڏينُ**- **لِمُ** (نِم) جي لفظ ۾ **ن** متبادل طور **ل** تي استعمال ٿيو آهي. سنسڪرت **نِمبُ**، هندي **نِيمَ** ۽ **لِيمُ**.

سخت تارونءَ واري **ج** ڪجهہ صورتن ۾ **ڄ** (= سنڌي **ڃ**) ۾ تبديل ٿئي ٿي. مثلاً **مج** حالانڪ ان جي صورت **مِڄُ** (هڏي جي مک) ٻڌجي بہ استعمال ۾ آهي. (سنسڪرت صورت **مجا**) ساڳيءَ ريت **ج** مٿجي **ڃ** ٻڌجي سگهي ٿي. مثلاً: **پُڃِي** (نيڪ) - پراڪرت **پراڻ**، سنسڪرت **پرايہ**: **سُڃو** - پراڪرت **سُراڻ**، سنسڪرت

**شُرايہ:** ائين تمام گهڻ ٿيندو آهي تہ ڪو مورڏني **ن** ڏندوان ۾ بدلجي مثلاً **پُنو** جيڪو **پڇڻ** جو اسم مفعول آهي، سنسڪرت **پورَڻ**.

ڪن صورتن ۾ چڙو **م** (ميم) جيڪڏهن لفظ جي وچ ۾ هجي تہ ڇانتجي ويندو. مثال- **سائين** - سنسڪرت **سوامي** (= سوامن) البت ڪنهن صورت ۾ سامي بہ قائم رهيو آهي. **م** (ميم) اڳتي هلندي وري ڇانتي ٿئي ٿو. ڳنڍيل لفظن ۾ **مَن** - (= اِمَنَ) ۽ **ميہ:** **اڇاڻُ** جيڪو نڪتو آهي، **اَڇَ** منجهان: **لوهاڻُون** - وڏيڪ ڏسو **مت** وارو جوڙ، جيئن **پريٽُ**، جيڪو نڪتل آهي، **پرِي** منجهان، انهن صورتن جي وڌيڪ سمجهاڻي اڳتي هلي ڏئي سگهبي، جڏهن موضوعن جي جوڙجڪ جي ڳالهہ ڪنداسون.

**نمبر - 10**

## 5) The semi –vowels: y and v

## نيم سر: ي ۽ و

1) پراڪرت ۾ **ي** لفظ جي وچ ۾ اچڻ جي صورت ۾ پنهنجو وجود وڃائي ڇڏيو آهي. يا تہ اها **اِ** سُر ۾ محلول ٿئي ٿي يا بدلجي **ج** ٿي ٿئي يا مڪمل طور حذف بہ ٿي وڃي ٿي. ان جي برعڪس سنڌيءَ ۾ **ي** لفظ جي وچ ۾ قائم رهي ٿي: بلڪ ڪن جاين تي **ي** ڪي وٿي پوري ڪرڻ لاءِ وڌو وڃي ٿو، جيئن **آيو**، **پريو**، البت انهن لفظن ڪي **آئِئو** ۽ **پرِئو** جي صورت ۾ بہ لکجي ۽ اچارجي ٿو، جيڪو ڪو هڪ پد حاصل ڪرڻ لاءِ شاعريءَ ۾ اڪثر ڪيو ويندو آهي. مجموعي طرح اهڙيون صورتون جن ۾ سنڌيءَ ۾ **ي** ڪي حذف ٿيندو ڏنو ويو آ هي، اهي تمام گهڻ آهن. مثلاً **واءُ** - پراڪرت ۾ بہ **واءُ**، سنسڪرت **وايُہ**، **ي** اڪثر ڇوٽي بہ ٿيندي آهي. مثال **نيڻُ**، پراڪرت **ٽئڻ**، سنسڪرت **نيَنَ**، لفظ جي پڇاڙي ۾ **ي** جو ڇانتي ٿيڻ وڌيڪ عام آهي. مثلاً **وِش** (دنيا) - سنسڪرت **وشيہ** - پراڪرت جي پيروي ڪندي **ي** ڪن صورتن ۾ **ج** ۾ بدلجي ٿي، جيئن **سيج** پراڪرت **سيّجا**، سنسڪرت **شَيّا**: **پيزُ** (سوڪهڙو) - سنسڪرت **پينَ** وغيره.

پراڪرت وانگر جڏهن بہ **ي** مجهول فعل جي نشانيءَ طور استعمال ٿئي ٿي تہ هميشہ **ج** ۾ تبديل ٿئي ٿي. ان طريقي جي ذريعي سنڌيءَ هڪ باقاعده مجهولي صورت حاصل ڪئي ٿي پانئيجي. جڏهن تہ ٻيا سڀ جاٽل لهجا مجهول ناهڻ لاءِ مرڪب لفظن جو سهارو ونڻ جا پابند آهن. مثال **ڏِسجَڻُ**، (معروف) **ڏِسڻُ** - هندي **ديڪا جانا** وغيره.

2) **ي** جي مناسبت سان **و** يا تہ قائم رهندو آهي يا وري بدلجي **اُ** ٿيو وڃي، پر جيڪڏهن خوش آوازيءَ جي قاعدي موجب ضرورت پوي ٿي تہ اهو ٻن سرن جي وچ ۾ پنهنجي جڳهہ تي واپس بہ ايندو آهي. ۽ **و** جو مڪمل حذف ٿيڻ تمام گهڻ ٿيندو آهي. مثال: **جيءُ** جو تشڪيلي نمونو **جيوَ** (جيءَ بدران) پراڪرت، **جيئَ**، سنسڪرت **جيو**: **ديوي**: ۽ ٻي صورت ۾ **ديُو** - تشڪيلي صورت **ديوَ**: **پَوَنُ** - پراڪرت - سنسڪرت **پَوَنَ**: ڪڏهن تہ اهو مڪمل طرح ڇانتي بہ ٿئي ٿو. مثال: **جيئڻ**: **ڏِينهُ** - پراڪرت **دِئهو**،

سنسڪرت ڊِوس خاص ڪري جڏهن ٻئي ڪنهن وينجن سان مرڪب طور اچي جيڪو اسان اڳيان ڏسنداسين. ان کي ڇوٽو به ڪري سگهجي ٿو. جيئن: پوُڻُ بجاءِ پَوَڻُ؛ ڇوئِڻُ جي جاءِ تي ڇَوَڻَ. اڳياڙيءَ کي اَوَ مان اَوُ به ڪري سگهجي ٿو. مثلاً: اوُ سارُ يا اوَسارُ (مينهن نه پوڻ)؛ اوُتارُ ۽ اوَتارُ.

لفظ ڇانو ۾ و جي اڪري ميلاپ طور استعمال ذريعي ٻن سرن يعني آ ۽ اَ کي جدا ڪيو وڃي ٿو. ساڳي سبب ڪري پراڪرت ۾ اڳ ئي هه کي شامل ڪيو ويو آهي، جيئن ڇاها (Comp Varar II, 18)، سنسڪرت ڇايا.

**نمبر - 11**

## 6) The liquidate r and l; the sibilant s and the spiritus h

## لرزشي 'ر' ۽ 'ل'، گهڪيدار آواز 'س' ۽ وسرڳ بنائيندڙ 'هه'

1) ر ۽ ل سنڌيءَ ۾ ڇاتني نه ٿيندا آهن ۽ پنهنجي جڳهه تي قائم رهندا آهن. ل اڪثر ڪري ر جي بدران استعمال ٿيندو آهي. مثال ڪيلو - ڪيرو (گل جو نالو)؛ بُربُل - فارسي (بلبل مان آيل)؛ سِئارُ (گدڙ) - هندي سِئال، سنسڪرت شرگالَ؛ ڏُبِرو يا ڏبلو به مروج آهي، سنسڪرت دُربَلَ؛ ساراهه - پراڪرت سلاها، سنسڪرت شراگها. اهو واحد مثال جتي ر، ج يا ڄ ۾ بدلجي ٿي اها آهي پُڄڻُ (هندي به پوجنا)، سنسڪرت پُورڻمان.

2) گهڪيدار س (ڇاهي اها اصلوڪي هجي يا ش مان نڪتل هجي) پنهنجي جڳهه تي يا ته قائم رهي ٿي يا وري هه ۾ بدلجي ٿي. مثال ديسُ يا وڌيڪ عام استعمال ٿيندڙ ڏيهُ - سنسڪرت ديش؛ ماسُ يا ماهُ - سنسڪرت مانس. لفظ هنجُ يا هَنجهُ ۾ اصلي س جي بدلي ۾ ج يا ش اچي ٿو. (هنديءَ ۾ هنس يا هانس) سنسڪرت هنس. ساڳي ريت هنجَ يا هنجَهه - سنسڪرت اشرُ، پراڪرت انسُ (منڊ واري هه سنڌيءَ ۾ جڙيل آهي). ان ئي طرح سنڌي ضمير اشارو اِجهو ايس = ايش اُ ۽ سو مان نڪتل ٿو لڳي ۽ اُجهو ضمير اشارو ڏور (Remote Demonstrative Base) مان ئي حاصل ٿيل لڳي ٿو = جيڪو برابر آهيس جي.

3) هه سنڌيءَ ۾ بدلجي نٿي، ڪجهه جاين تي لفظ/ اچار کي منو ڪرڻ لاءِ اها حذف ٿئي ٿي. مثلاً سَرَهو - سنسڪرت سهرس (= سهرسو= سهرهو= سرهو، ساءُ يا ساهُو بلڪل ساڌُ ۽ ساڌو وانگر).

**تبصرو:** بهتر ٿيندو جو وينجنن جون تبديليون ۽ انهن جي مختلف صورتن جو گهڻو ذڪر نه ڪجي جو ته جديد هندوستاني لهجا اڳئي پراڪرت کان ڪافي پوئتي هليا ويا آهن ۽ نيون جوڙجڪون وجود ۾ اچي ويون آهن، جو هاڻ پراڪرت سان تفصيلي ڀيٽ غير ضروري ٿي محسوس ٿئي. مڪمل صورت ۾ وينجن ۾ جيڪي مخصوص تبديليون يا ڇاتنيون ٿين ٿيون، انهن تي موزون حصن ۾ نظر وجهنداسون.

**نمبر - 12**

## 7) Compound consonant

# مرڪب وينجن

اتر هندوستاني لهجن ۽ ٻولين جو گهرائيءَ سان جائزو وٺڻ لاءِ ضروري آهي تہ انهن تبديلين بابت ڄاڻ ونجي، جيڪي عام ڳالهائجندڙ سنسڪرت ۾ پيدا ٿيون آهن ۽ اهي قاعدا ڏسجن جن موجب سنسڪرت جا آواز خراب ٿي پراڪرت يا ٻين لاڳاپيل ٻولين ۾ مروج ٿيا آهن يا ايترا ڪمزور ٿي ويا آهن، جو هاڻ اهي سڃاڻپ ۾ بہ نٿا اچن. ان ۾ اسان کي ذري گهٽ اهو ئي عمل نظر ٿو اچي، جنهن سان پراڻي لاطيني ٻوليءَ مان جديد رومانوي (Romantic) ٻوليون پيدا ٿيون ۽ انهن جي پاڻ ۾ مماثلت حيرت جوڳي آهي.

هت بہ اسان کي اهي ئي اصول ڪم ڪندي نظر اچن ٿا، جيڪي واحد وينجنن ۽ سرن جي بگاڙ جو ڪارڻ بڻيا آهن. اچار جي نرمي جيڪا هر سخت ۽ ڪرخت يا کهري آواز کي ڍيمو ڪري ٿي ۽ تنهنڪري سر سان ٺهڪي ٿي اچي ۽ جيتوڻيڪ ڪن صورتن ۾ ان ۾ وٿي اٽوٽندڙ آهي، پر وينجن جي پيٺ ۾ (جيڪي ممڪن صورت ۾ ڇانٽجي بہ سگهجن ٿا)، مرڪب وينجن کي اها نرمي دائم قائم رکڻ ۾ ڪتب اچي ٿي. ان ڪري پراڪرت ڳالهائيندڙن جي سهولت لاءِ اهي سڀ طريقا استعمال ٿين ٿا. (جهڙوڪ نرم اچار ڪرڻ يا ادغام/ سَنڌي) ڇاڪاڻ تہ مختلف ورگن (Vargas)جا مرڪب وينجن پراڪرت جي ادغام يا سَنڌي جي قاعدن پٽاندڙ ناهن. انڪري اهو سمجهيو ٿو وڃي تہ اهڙي ٻوليءَ ۾ ٽن اکرن جو ميلاپ يا ڳنڍجڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي ۽ پراڪرت وڌ ۾ وڌ ايترو ڪري سگهي ٿي تہ ساڳيو اکر وڌ ۾ وڌ ٻنو ٿئي جيئن **ڪڪ** क्क، **تت** त्त وغيره. جڏهن تہ ر ۽ **ھ** کي ٻٽو نٿو ڪري سگهجي.

مرڪب وينجن کي ختم ڪرڻ جو ٻيو طريقو آهي انهن جي وچ ۾ هڪ سر وجهي ان کي ڌار ڪيو وڃي. اهو طريقو اڪثر ڪري پراڪرت ۽ ٻين جديد لهجن ۾ ڪتب آندل نظر اچي ٿو. ان جي باوجود اهڙا ٻٽا وينجن ڪافي سخت سمجهيا ٿا وڃن، ۽ ان ڪري هڪ اهڙو لاڙو پراڪرت ۽ ان جي ڄاين ٻولين ۾ نظر اچي ٿو. جتي ٻٽي وينجن (Double Consonant) کي ختم ڪرڻ لاءِ ان کان اڳ ايندڙ سر ڊگهو ڪري پد جو مقدار قائم رکيو ٿو وڃي. مثال **آڳ** (باھ) - پراڪرت **آگگِ** आग्गि، سنسڪرت **آگگ**، هندي **آگ**؛ هندي **ڀيت**، سنڌي **ڀِتِ**، سنسڪرت **ڀِتِّ** भित्ति.

**نمبر** - 13

## A) Assimilation of the first four consonants of the five vargas

## پنجن ورگن جي پهرين چئن وينجنن جو ادغام (يا سَنڌي)

اهي هن ريت آهن:

ڪ क، ک ख؛ گ ग، گهہ घ

چ च، ڇ छ؛ ج ज، جهہ झ

ٽ ट، ٺ ठ؛ ڊ ड، ڍ ढ

ت त، ٿ थ؛ د द، ڌ ध

پ प، ڦ फ؛ ب ब، ڀ भ

پراڪرت جو هڪ بنيادي قاعدو آهي تہ جڏهن بہ ٻن وينجنن سان ڪو مرڪب نهي ٿو تہ اڳئين ڪي پوئين سان ادغام ڪرڻ ذريعي هڪ ٽيڻو ٿو پوي ۽ انهيءَ قاعدي موجب ئي پراڪرت ۾ ساڳين وينجنن جو ٻٽو ٿيڻ ممڪن ٿيو آهي. ان جي ٻٽي ٿيڻ جي باوجود ڏنداوَن آوازن مان موردني ٿيڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نٿي اچي. اهڙي طريقي سان ٻٽا ٿيل وينجن هڪ ڪان ٻئي ورگن (Vargas) ۾ ورلي ڪو ڦرن ٿا، ۽ ان ڦرڻ جو هڪ واحد مثال آهي: **سوَرڳ** - پراڪرت **سروجه** (سروڄّ) सर्वज्ज، سنسڪرت **سوَرَگيَہ** جتي هڪ ٻٽو ٿيل سخت تارونءَ وارو اچار بدلجي ٿو، هڪ ٻٽي ڪنني آواز ۾ (**گيہ** = **گگ** ग्ग)، اهڙي تبديلي جيڪا اڪيلي وينجن ۾ تہ قدرتي آهي، پر ٻٽي وينجن ۾ ورلي ڪو ملي ٿي. **سگهَڻُ** - پراڪرت **سڪٽرِ**، سنسڪرت **شڪنومِ** (هندي **سڪنا**) ۽ اهڙا ڪي ٻيا جيڪي منهن جي نظر مان نہ گذريا آهن.

مجموعي طرح سنڌي ۽ ٻيون پينر ٻوليون پراڪرت جي ان بنيادي قاعدي سان سهمت آهن[1]، باوجود ان جي تہ ان تي صفا سختيءَ سان بہ عمل نٿو ٿئي جيئن تہ ان ۾ پويون وينجن اڳئين ۾ جذب ٿيندو نظر اچي ٿو. ڪافي هنڌن تي هڪجهڙن وينجنن جي ميلاپ ڪي قائم رکندي سنڌي پراڪرت ڪان وڌيڪ اصلوڪي ٿي پانئجي، جيئن اهي سنسڪرت ۾ آهن.

## Examples of Assimilation

## ادغام جا مثال

**سُتو**- پراڪرت **سُتّو** सुत्तो، سنسڪرت **سُپت** सुप्त؛ **اُپَنو** (اپائڻ مان)- پراڪرت **اُپّڻّ** उप्पण्ण، سنسڪرت **اُتپنّ**؛ **پَٽُ**- پراڪرت **پَٽّ**، سنسڪرت **پَٽّ** (هندي پات سر ڍگهو ڪرڻ جي ڪري)؛ **لڌو**- پراڪرت **لَدّو**، سنسڪرت **لَبڌ**. پر وري ٻين هنڌن تي مثلاً **ڪُٻو** - پراڪرت **ڪُجّو**، سنسڪرت **ڪُبّج**.

ڪن جاين تي ڪو اصلوڪو مرڪب وينجن سنڌيءَ ۾ بنا ڪنهن ڦيري جي قائم بہ رهي ٿو. مثال **شبدُ** - پراڪرت **سدّ**، سنسڪرت **شَبّدَ**؛ **مُڪتو** (آزاد) - پراڪرت **مُڪت**، سنسڪرت **مُڪت**.

اهو بهرحال ڳالهائيندڙ جي خواهش تي منحصر هوندو آهي تہ هو مرڪب وينجن ڪي جيئن جو تيئن ٿو اچاري يا ان ۾ سر وجهي جدا ڪري اچاري جيئن **شبد** يا **شَبدُ** جتي وڌل **اِ** ايتري تہ تڪڙي ٿي اچارجي جو تقريباً اڻلڪي محسوس ٿئي ٿي. تنهنڪري مسلمان جڏهن عربي اکر لکندا آهن تہ ڪڏهن بہ بنان سُر جي حرف صحيح مٿان جزم نہ ڏيندا آهن. پر هميشہ ڪسر (Kasr) ڳنديندا آهن، جيڪي جزم جي ذري گهٽ برابر آهي، پر اچارڻ ۾، ٻڌڻ ۾ نہ ايندي آهي ۽ ان ڪانپوءِ سر جو لفظ ۾ آٽڻ (عام طرح **اِ** (Kasr) هوندو آهي پر **اَ** يا

اُ بہ تي سگهي ٿو)، مٿي اچار يا سرن جي ترتيب تي منحصر ڪندو آهي. مثال **پَڳَتُ**، سنسڪرت **پڪت**؛ **سَڳَتِ** سنسڪرت **سڪتِ** (هندي سڪت).

**نمبر - 14**

## B) Assimilation of nasals

## انوناسڪ (گهُٽَن) آوازن جو ادغام

(الف) وينجن کان اڳ ايندڙ انوناسڪ گهٽو ڪري پنهنجي جڳهہ تي رهندو آهي. مثلاً **اَنْتُ**، سنسڪرت **انت**. جيڪڏهن منڍ وارو سر ڊگهو آهي تہ اڳ ايندڙ انوناسڪ مڪمل طور تي حذف بہ ٿي سگهي ٿو. جيئن: **ماسُ** - سنسڪرت **مانسَ**؛ **گاڏو** - سنسڪرت **گانٽرِي** (هندي گاڙي) هن آخري صورت ۾ سر کي ڊگهو ڪرڻ سان ٻنهي ٽيل وينجن نڪري ٿو وڃي.

مرڪب وينجن ۾ سر وجهڻ سان اهو ميلاپ ٽٽي پوي ٿو. مثلاً **جَنَمُ** - سنسڪرت **جَنم**.

(ب) ڪنهن مرڪب وينجن ۾ پوءِ ايندڙ گهُٽي آواز جو اڳ ايندڙ وينجن سان ادغام ٿيندو آهي. مثال **آڳِ**- پراڪرت **اِڳّ**، سنسڪرت **اڳّ**؛ **لڳو** - پراڪرت **لڳ**، سنسڪرت **لڳّ**، **آڳن**؛ **پڳو**- سنسڪرت **پڳن**. البت

[1] هت اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ عام سنڌي لکاوٽ ۾ ٻنهي حرف صحيح ظاهر نٿو ٿئي، جيستائين ٻن هڪ جهڙن لکجندڙ لفظن ۾ فرق ظاهر ڪرڻو نہ هجي. مثال اَنَ ۽ اَنّ. **ٽرومپ: سنڌي گرامر**

ڪن صورتن ۾ مرڪب وينجن بنان ڪنهن تبديليءَ جي قائم رهي سگهي ٿو يا سر جي وجهڻ سان جدا جدا بہ ٿي سگهي ٿو. مثلاً **رتنُ** يا **رَتَنُ**؛ **سُجاڻُ** ۽ **سجاڻ** - پراڪرت **سُڄ**، سنسڪرت **سُجيَہ**؛ **سُپنو**- سنسڪرت **سوپّن**.

گهُٽي يا انوناسڪ اچار کي ادغام کان بچائڻ لاءِ، اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. جيئن **ننگو**- پراڪرت **نگو**، سنسڪرت **نگن**. ان جي ابتڙ پويان ايندڙ انوناسڪ هڪ اڳ ايندڙ وينجن کي سَنڌي بہ ڪري سگهي ٿو. مثال: **سَئِن**- سنسڪرت **سنجيا**؛ **راڻي**- سنسڪرت **رَاجَيِي**. انوناسڪ اڳ ايندڙ وينجن کي بہ مدغم ڪري سگهي ٿو ۽ اهو بہ اهڙي طريقي سان جو هو پنهنجي ساڳئي لفظ کي ان جي پنهنجي ورگ (vargas) ۾ ڪٽي ٿو اچي. اهڙي ادغام جو واحد مثال (جيڪڏهن ٻئي طريقي سان نہ بہ سمجهائي سگهجي) ملي ٿو. ضمير مشترڪ (reflexive pronoun) **پاڻ** - پراڪرت **اَپاڻ**، سنسڪرت **آتما**؛ هنديءَ ۾ اسان وٽ **آپ** جي صورت ملي ٿي، جيڪا نڪتل آهي: **اَپّ** مان: بجاءِ **اٽ جي**- (= **آتما**)؛ ان جي پيٽ لاءِ ڏسو (Lassen PP: 67).

(ب) هڪ انوناسڪ منڍ يا پڇاڙيءَ ۾ ايندڙ نيم سر کي بہ مدغم ڪري سگهي ٿو. مثال **پُڃي** (نيڪ)- پراڪرت **پُراڻ**، سنسڪرت **پُراي**؛ **سُڃو**- پراڪرت **سُراڻ**، سنسڪرت **شراي**، **اُڻَ** (پشر)- سنسڪرت **اُرَڻ**؛ **چِٺماسو**، سنسڪرت **چُتَرماس**.

ٻي هنڌ تي ڏسو تہ **پُورو**- سنسڪرت **پُورڻ**؛ **چُورُ**- سنسڪرت **چُورڻ** جتي نيم سر ر انوناسڪ کي

ملائي يا سَنڌي ڪري ڇڏيو آهي، ڇو تہ ر، ن ڪان وڌيڪ طاقتور آهي. سنسڪرت جو مثال **اَمر** سنڌيءَ ۾ بدلجي **مب** ٿيو وڃي. **امب** (انب) - پراڪرت **انب** (هندي آم)؛ پر سنڌي لفظ **ٽرامو** (ٽامو) - سنسڪرت **تامر**، پراڪرت **تانب** (هندي **تانبا** يا **تاما**) ۾ هتي نيم سر **ر** اڳتي وڌي **ت** يا **ٽ** ٿيو وڃي، ۽ **ر** پنهنجي جڳهہ تي ڏندوان يا مورڌني، ٻنهي صورتن ۾ قائم رهي سگهي ٿي.

**مب** مدغم ٿي **مّ** ٿيندو آهي. جيئن **نِمُ**، سنسڪرت **نِمب**؛ **مل**- پراڪرت وانگر جدا ٿي ٿو وڃي. مثال **مِلَڻُ** - پراڪرت **مِلاڻ**، سنسڪرت **مئيل** ۽ هندي ۾ **مِلنا**.

**نمبر - 15**

# C) Assimilation of semi-vowels

# نيم سرن جو ادغام

### a) The semi-vowel- y

### نيم سر- ي

(i) جن صورتن ۾ نيم سر **ي** اڳ ايندڙ وينجن سان ڳنڍجي ٿو تہ اتي ان سان مدغم ٿي ويندو آهي. مثال **جوڳ**- پراڪرت **جوگّ**، سنسڪرت **يوگيَہ**، هندي **جوگَ**؛ **واڳهُ**- سنسڪرت **وياگهر**؛ **وئس**- سنسڪرت **وئشِيہ**، هندي **وئيس**. البت اها **ي** پنهنجي جڳهہ تي قائم بہ رهي سگهي ٿي. مثال **واڪيُ**، سنسڪرت **واڪيَہ** جيتوڻيڪ ائين ورلي ڪو ٿيندو ڏسجي ٿو.

(ii) **ي** جڏهن اڳ ايندڙ **ر** سان مرڪب طور ملي ٿي تہ پاڻ ڇانٽي ٿيندي آهي. مثلاً **ٽري** (ننڍڙو ساز)- پراڪرت **ترڻ**، سنسڪرت **توريَہ**؛ **ڍِيرَ**- پراڪرت **ڌيرَڻ**، سنسڪرت **ڌئريہ**؛ **آرُ**(مان) - سنسڪرت **آريَہ**، هندي **آرج**؛ ۽ **ي** برقرار بہ رهي سگهي ٿي، پر بدلجي **ج** ٿيڻ سان، مثلاً **ڌيرجُ**، بلڪل **ڌير** وانگر؛ **سورجُ**- پراڪرت **سُورو** يا **سُجو**، سنسڪرت **سُورِيَہ**؛ **اچرجُ**- پراڪرت **اچِشرا**، سنسڪرت **آشچريہ**.

(iii) **ي** جڏهن اڳ ايندڙ ڏندائين اچار سان ملي ٿي تہ يا تہ بلڪل خارج ٿيو وڃي، مثال **نِٽُ**- پراڪرت **نِچّ**، سنسڪرت **نِتّيہ**؛ **آڏِٽُ**- سنسڪرت **آدتيہ** يا ڪڏهن برقرار بہ رهي سگهي ٿي. مثال منيان (غلط نموني)- پراڪرت **مِچا**. سنسڪرت: **مِتيا** ۽ عام طور تي **ي** اڳ ايندڙ ڏندائين اچار سان ادغام ڪري وري ان کي پنهنجي سخت تارونءَ واري اچار ڏانهن مائل تي ڪري وٺي ۽ اهڙي طرح **تيہ** بدلجي **چّ** ٿو ٿئي، **ٿيہ** - **ڇّ** ۾ بدلجي ٿو، **ديہ**- **جّ** ۾ ۽ **ڌيہ** **اُجهہ** ۾ بدلجي ٿو. (۽ جيئن اڳي ذڪر ٿيو تہ ٻٽن وينجنن کي سنڌيءَ ۾ سادن بنيادن سان لکيو ويندو آهي) مثلاً وِڄا، (ڄ = جّ)، پراڪرت **ويڄا**، سنسڪرت **وِديا**؛ **اَڄُ**، **اڌيَہ**، (هندي ٿيو آج)؛ **ڪاڄُ**- سنسڪرت **ڪاڏيہ**؛ **منجهہ**، پراڪرت **مجهو**، سنسڪرت **مڌيہ**؛ **ٻَجهَڻُ**- سنسڪرت **ٻڌيہ**؛ **واجهو**(هندو ماستر)- سنسڪرت **اُپاڌيايہ**؛ **هَچا**- سنسڪرت **هَتِيا**.

(iv) **ي** جڏهن اڳ ايندڙ **ه** سان ملي تہ **جهہ** ۾ بدلجي ٿي مثال **ڳجهو**، پراڪرت **گُجهاءِ**، سنسڪرت **گهاڪ**.

(v) **ي** جو اڳ ايندڙ **ل** سان ادغام ٿئي ٿو، پر آخري **ل** بجاءِ ٻيڻو ٿيڻ جي ڇانٽي ٿيو وڃي. مثال **ڪلهہ**-

پراڪرت **ڪلّ**، سنسڪرت **ڪليہ** (هندي کل)؛ **مُلھُ**- سنسڪرت **مُولَيہ**؛ لفظ جي وچ ۾ ايندڙ **ي** سڌو سنئون مدغم ٿي **ل** ٿي وڃي ٿي (اهو ٻيٽو ٿيڻ سنڌيءَ ۾ ظاهر نہ ٿيندو آهي) مثال **پَلَنگُ**- سنسڪرت **پرينگ** (جتي ر ل جي متبادل طور استعمال ٿئي ٿي؛ **پَلاڻ**- پراڪرت **پلاڻ**، سنسڪرت **پرياڻ**.

## b) The semi-vowel- 'r'

## نيم سر- 'ر'

(الف) **ر** اڳ يا پوءِ ايندڙ وينجڻ سان مدغم ٿئي ٿي. مثال **اڳُ**- پراڪرت **اگئو**، سنسڪرت **اگر**؛ **گُوجري** (هڪ راڳڻيءَ جو نالو)- سنسڪرت **گُرجّري**؛ **گجڻُ**- سنسڪرت **گرّجَن**، (هندي **گرجنا**)؛ **ڪَمُ**- پراڪرت **ڪمو**، سنسڪرت **ڪرّمن** (هندي ڪام)؛ **مُنڊِي**- سنسڪرت **مورنڇن**؛ **سَپُ**- سنسڪرت **سرّپ**؛ **سِگھو**- سنسڪرت **شيرگھہ** (هندي شيگھر)؛ **چَڪي**- سنسڪرت **چڪر**؛ **نِياڳُ**- سنسڪرت **نرياگ**.

ٻين هنڌن تي ر اڳ يا پوءِ ايندڙ وينجن سان بنان ڪنهن بہ قسم جي ادغام جي پنهنجو پاڻ قائم بہ رهي سگهي ٿي. مثال **چرچو**- سنسڪرت چرچا؛ **پرين** प्री- سنسڪرت **پريہ** प्रिय؛ **پَرَپُ** (ڏڻ)- سنسڪرت **پرّوَ** पर्व (و = **ب**) ۽ ر جي اثر سان **ب** وسرڳجي ٿي. **گربُ** (فخر)- سنسڪرت **گرّوَ**؛ **شُڪُر** (جمعو)- سنسڪرت- **شڪر**؛ **سُرڳُ**- سنسڪرت **سوَرگ**؛ **ڏرمُ**- پراڪرت **ڏمّ**، سنسڪرت **ڏرَم**.

اڪثر ڪري اهڙا مرڪب، سر جي اضافي جي ڪري پنهنجي جدا جدا حصن ۾ ٽٽي وڃن ٿا. مثال **پّرينَ** مان **پرين** يا **پرِيَن**؛ **پرّيات**- سنسڪرت **پريات**؛ يا وري لفظن جي مٺي اچار خاطر ر پنهنجي جڳھ تبديل ڪري ٿي. مثلاً **پرتاپ** (شان)- سنسڪرت **پرتاپ**؛ **پَرت**- سنسڪرت **پَتر**؛ **ڏِگھو** (ڊِگھو)- پراڪرت **دگگھہ**، سنسڪرت **ديرّگھہ**؛ **ڪِرتِ**، **ڪِرتُ**- سنسڪرت **ڪرتِ** ۽ **ڪرّ**؛ **ترڪُ** (ٽڪ) (چرخو)- سنسڪرت **ترڪُ**.

جيتوڻيڪ تمام گهڻ پرڪن صورتن ۾ ر ڪنهن مرڪب ۾ مڪمل طور چاڻتي ٿيو وڃي. مثال **واگھُ**- سنسڪرت **وَياگھرّ**؛ **راتِ**- سنسڪرت **راترِ**، پراڪرت **رَترِي** (آ سر جي ڪيڻ سان)؛ **ياءُ**- سنسڪرت **پراتا**- انهن ۽ اهڙين ٻين مثالن ۾ ر جو نڪرڻ هڪ تہ اڳ ايندڙ ڊگھي سر جي ڪري ٿئي ٿو، جنهن ڪري مرڪب وينجن جو ادغام ممڪن نٿو رهي. ٻيو وينجن جي ڪري جتي ر ان جو حصو آهي، جڏهن اها شروعاتي هجي. اهڙين ئي صورتن ۾، مثال **رَترِي**. پراڪرت پنهنجي ڊگھي سر کي ڪيرائي ادغام کي ممڪن ڪري ٿي.

(ب) گهڻين صورتن ۾ ر پراڪرت ۾ جڏهن بہ اڳ ايندڙ ڏندائين اچار سان مرڪب طور ظاهر ٿئي تہ اتي ان سان سَنڌي ٿي وڃي ٿي. جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ جڏهن بہ ڏندوان اچار ڪانپوءِ اچي ٿي تہ قائم رهي ٿي ۽ مدغم فقط لاڙي لهجي ۾ ٿئي ٿي. جڏهن تہ اترين سنڌ جي سري واري لهجي ۾ اصلي مرڪب قائم رهي ٿو ۽ (يا وري ر جي اثر هيٺ وسرڳ مورڏني ۾ تبديل ٿئي ٿو). مثال **پُٽرُ**- پراڪرت **پُٽّ** पत्त، سنسڪرت **پُتر** पत्र (لاڙ ۾ **پُٽُ**، پراڪرت جي ملندڙ لفظ وانگر)؛ **مِٽر**- پراڪرت **مِت** मत्त، سنسڪرت **متر** मत्र (لاڙ ۾ مِٽُ)؛ **چندرُ** (چنڊ)- پراڪرت **چندرّ**، سنسڪرت **چندر**؛ **ڪيٽرُ** (ڪيٽ)- سنسڪرت **ڪشيتر**؛

**منترَ** (يا وري media جي متبادل سان) **مندرُ**- سنسڪرت **مندر**؛ **ٽري** (ٽي)- سنسڪرت **ترِ**؛ **ڏيِر** يا **ڏيُ**- سنسڪرت **دردُ**؛ **ڍراپَڻُ** (ڍاپڻُ)- سنسڪرت **ترپڻ** (Tenuis جو Media ۾ ڦرڻ سان). اهي ظرف جن ۾ ظرف جو جوڙ تر لڳڻ سان مرڪب نهي ٿو. پراڪرت جي پوئواري ڪندي سنڌي ۾ **ٽ** ۾ بدلجن ٿا. مثلاً **ڪٽي**، **جٽي**، **تِٽي** وغيره.

ر جڏهن ڏندوان اچار سان موجود هجي تہ ساڳي طرح سَنڌي ٿئي ٿي. مثال **ڪَتَڻُ**- سنسڪرت **ڪرترڻ**؛ **ڪَتَر**- سنسڪرت **ڪرتري**؛ **وَٽِ**- **وَرتِتڪا**؛ **ڪَڏ**- پراڪرت **گڏو**، سنسڪرت **گرت**. ٻين جاين تي مرڪب جيئن جو تيئن قائم رهي ٿو. مثال **ارڏنگُ**- سنسڪرت **ارڌاڱگ**، **ارٿ**- سنسڪرت **ارٿ**؛ **تيرٿ**- سنسڪرت **تِيرٿ** يا وري مرڪب سر جي اضافي جي ڪري جدا ٿئي ٿو. مثال **مورَتَ**- سنسڪرت **مورَتِ**؛ **ڪيرتِ**- سنسڪرت **ڪيرت**، پراڪرت **ڪِيرتِ**؛ **تِيرٿ**.

(ٻ) **روَ** र्व يا تہ مدغم ٿئي ٿو مثال **سَبُ**- سنسڪرت **سَروَ**، هندي **سب** (سِنڌيءَ ۾ **ب** جو وسرڳجڻ **ر** جي چانٽي ٿيڻ جي اثر هيٺ ٿئي ٿو)؛ يا وري مرڪب جيئن جو تيئن برقرار بہ رهي ٿو. مثال **سروَ سڳتِ** (سڀ ڪان سگهارو)؛ يا مرڪب سر جي اضافي جي ڪري ٽٽي ٿو. مثال **پُورَبُ**- سنسڪرت **پُوروَ**.

(پ) مرڪب **شر** श्र ۾ نيم سر ر يا تہ مدغم ٿئي ٿو. مثال **سُئو** (ٻڌو)- پراڪرت **سُدو** (= سُتو)، سنسڪرت **شُرت**؛ **سَسُ**- سنسڪرت **شوش**؛ يا مرڪب برقرار رهي ٿو. مثال شِري يا عام طور سر جي اضافي سان مرڪب ٽٽي ٿو. مثال **سِراڌُ**- سنسڪرت هندي **شراڌ**، هندي **شراڌَ**؛ سنسڪرت **اَشرَ**، پراڪرت **انس** هندي ۾ **آنسو** ٿيو وڃي؛ سنڌي ۾ هنج يا **هنجهہ** (هت **هہ** اڳيان نرم ڪيل آهي) جتي **س** ڪي **ج** يا **جهہ** ۾ بدلجندي ڏسجي ٿو. پنجابي ۾ بہ **اَنجهُ**.

مرڪب سر بابت بہ اهو حوالو درست لڳي ٿو. مثال **سهسُ** (هزار)- پراڪرت **سهسّ**، سنسڪرت **سهسير**.

مرڪب **رش** र्श يا **رشّ** र्ष جو سنڌي ۽ پراڪرت ۾ ادغام ٿيندو آهي. مثال **وسَڻُ**- سنسڪرت **ورش**؛ **پاسو**- سنسڪرت **پارشو** (هندي پاس)؛ **سِسِي**- سنسڪرت **شيرش** (هندي **سيس**)؛ يا وري ڪن صورتن ۾ برقرار بہ رهي ٿو. (**ش** جي **س** ۾ بدلجڻ ذريعي). مثلاً **درسَنُ**- سنسڪرت **دَرشَن**؛ **ترسڻ**- سنسڪرت **تَرشَڻَ**؛ مرڪب **رش رس** ۾ بہ جذب ٿي سگهي ٿو. مثلاً **سرهو**- سنسڪرت **سهرش** (پيٽ لاءِ نمبر 11 ڏسو).

### c) The semi-vowel- l

### نيم سر- ’ل‘

لفظ جي منڍ ۾ ايندڙ وينجن سان مرڪب نهڻ جي صورت ۾ **ل**، سر جي اضافي جي ڪري اتان هٽي ٿو وڃي. مثال **ساراهہ**- پراڪرت **سلاها**، سنسڪرت **شرلاگها** (سنڌي ۾ ر= **ل**)؛ **ڪليس** (ٿڪ)- سنسڪرت **ڪريشَ** (هندي **ڪَليسَ**)؛ **سَلوڪُ**- سنسڪرت **شَرلوڪَ**.

لفظ جي وچ ۾ **ل** ڪان سواءِ **ر** ۽ **و** جي ڪنهن بہ وينجن سان سَنڌي ٿي سگهي ٿي. مثلاً **بَڪَرُ**-

پراڪرت **وڪّل**، سنسڪرت **ولَڪَلَ**؛ يا هتي بہ سر جي اضافي جي ڪري مرڪب ڪان ٿئي ٿو وجي. مثلاً **لُڪَ**- پرڪرات **اُڪا**، سنسڪرت **اُلَڪا**، جتي اڳيون سر اُ ڪنهن اضافي سر جي جڳهہ تي استعمال ٿيندو آهي.

### d) The semi-vowel- v

### نيم سر- 'و'

لفظ جي منڍ ۾ جيڪڏهن و اڳ ايندڙ وينجن سان ملي ٿو تہ يا تہ جذب ٿي اُ ٿيو وڃي مثال **سُرَڳ**- سنسڪرت **سَوَرَڳ**؛ **ڏُئارُ**- پراڪرت ڏُئارو، سنسڪرت **دوار**؛ **سُئاءُ** (سواد)- سنسڪرت **سَوّادَ**؛ يا مڪمل طور ڇاڻجي ٿيو وڃي (يعني اڳ ايندڙ وينجن سان ادغام ذريعي) مثال **جَلَڻُ**- سنسڪرت **جوَلَنَ**؛ **سَرڳُ** (**سُوَرڳُ** ڪانسواءِ)- سنسڪرت **سورگ**؛ **سائينءَ** يا **سامي**- پراڪرت **سامِ**، سنسڪرت **سَوامِن**؛ **سَهُرو**- سنسڪرت **شوَشُرو**؛ **سَسُ**- سنسڪرت **شوَشرُ**- و سر جي اضافي جي ڪري مرڪب مان ٿئي بہ سگهي ٿو (اَ يا اُ) مثال **سَوادُ** (ءِ سئاءُ)- سنسڪرت **سَوّاد**؛ **دَوارُ** (ءِ ڏُئارُ)؛ و ورلي ڪو اڳ ايندڙ وينجن کي ملائي ٿو. مثال **بَہ**- سنسڪرت **دِوَ** (= و = ب = ٻ)

(ٿ) و جڏهن لفظ جي وچ ۾ اڳ ايندڙ وينجن سان جڙي تہ ان سان سَنڌي ٿئي ٿو. مثال **پَڪو**- پراڪرت **پِڪّ**، سنسڪرت **پَڪّ**؛ **ستُ**- پراڪرت **سَتّ**، سنسڪرت **سَتّوَ**.

مجرد جوڙ **توَ** ءِ **توَن** ۾ ڏندوان اچار نيم سر و سان مدغم ٿئي ٿو، جيڪو وري پاڻ پهرين چپوان **ٻ** ۾ بدلجي ٿو ءِ ٻيهر پنهنجي لاڳاپيل Tenuis **پ** ۾ بدلجي ٿو، تنهنڪري اسان وٽ سنڌي ۾ اهي **پُ**، **پو**، **پَڻُ** يا **پڻو** جي صورت ۾ ملن ٿا. مثال **ٻَانهو** مان **ٻانهپ**، **ٻانهپَو** وغيره.

جيتوڻيڪ ادغام جي باقاعده صورت بہ استعمال ۾ آهي، پر رڳو چند مثالن ۾ مِلي ٿي؛ **ٿوّ** ان ريت سَنڌي ٿي **ٿّ** ٿئي ٿو (برابر **ٿّ** جي) ءِ اڳ ايندڙ سُر ۾ ڊگهي ٿيڻ ڪري ٻٽو وينجن ترڪ ٿيو وڃي. مثال **چوڪرُ** مان **چوڪراٿُ**.

نيم سر بہ اُ ۾ جذب ٿي سگهي ٿو. مثال **پرميسرُ**- پراڪرت ۾ بہ **پرميسُرَ**، سنسڪرت ۾ **پرميشّوَرَ** يا اهو قائم رکي سگهجي ٿو. مثال **دانِشّوَرِي** (ءِ **دانيسَرِي**).

**نمبر** - 16

# D) Assimiliation of the sibiliants

# گهڪيدار آوازن جو ادغام

### a) The palatal sibiliant- sh

### مهاروان گهڪيدار- 'ش' श

(i) **ش** جڏهن **چ** يا **ڇ** جي اڳيان ايندي آهي تہ انهن سان مدغم ٿئي ٿي. مثال **اَچرجُ**- پراڪرت **اڇيرِئہ**، سنسڪرت **آشّچَرئِيہَ** (سنڌي ءِ پراڪرت ۾ ڊگهو آ ننڍو ٿئي ٿو ءِ پد جي مقدار قائم رکڻ لاءِ پوءِ ايندڙ

وينجن ٻٽو ٿو ٿئي)؛ **شنيچر**- سنسڪرت **شنئِيشچَر** (هندي **سنِيچَرَ**).

(ii) مرڪب **ڇچ** جيڪو ٻين ٻٽن وينجن وانگر سنڌي ۾ پنهنجي سادي بنيادي صورت ۾ ملي ٿو) جيڪو **شَچَہ** جي ادغام ڪري پيدا ٿيو آهي. اڪثر ڪري پراڪرت ۾ ملندڙ لفظن جي پوئواري ڪندي اڪثر ڪري وسرگجي ٿي چو تہ گهڪيدار آواز ۾ وسرگجڻ جو هڪ فطري لاڙو هوندو آهي. (**س** = **هہ**) مثال **وِڇُونَ**- پراڪرت **وڇڇُئو**، سنسڪرت **وِرشَچَڪَ**؛ **پَڇتاءُ**- سنسڪرت **پشچتاپ**، جتي پڇاڙي واري **پ** سنڌي ۾ **اُ** ۾ بدلجي ٿي. (**ب** = و ذريعي).

**ش** جي پٺيان جيڪڏهن **م** اچي تہ ان سان مدغم ٿئي ٿو. مثال **رَسِي**- پراڪرت **راسِ**، سنسڪرت **رشمَ**، البت ائين ضروري ناهي، مثال **ڪَشمِيرُ**.

## b) The cerebral sibilant- sh

## مورڏني گهڪيدار آواز- ش ष

(i) (مرڪب **شڪ** ष्क (**شَڪَ** جو مثال مونکي اجان تائين نہ مليو آهي) سنڌيءَ ۾ مدغم ٿي **ڪ** क ٿيو وڃي (= **ڪّ** क्क) ۽ نہ ڪي **ڪّڪَ** क्ख جيئن پراڪرت ۾ ٿيندو آهي. مثال **ڏُڪالُ** (ڏڪار)- سنسڪرت **دُشڪالَ**؛ **نِڪَمِي**- سنسڪرت **نشڪرم**، **سُڪو**- **شُشَڪَ** (هندي ۾ پراڪرت جيان **سوڪا**).

(ii) مرڪب **شٽ** ष्ट ۽ **شٺ** ष्ठ سنڌيءَ ۾ **ٺ** ۾ مدغم ٿين ٿا مثال ڏٺو- پراڪرت **دِٺَ**، سنسڪرت **دَٺشَٽَ**؛ **ڳوٺُ**- پراڪرت **گوٺني**، سنسڪرت **گوشٺِي**؛ **نِٺُرُ**- پراڪرت **نِٺٺُر**، سنسڪرت **نِشٺُرَ**؛ **مِٺو**- سنسڪرت **مِشٺ**.

مرڪب بنان ڪنهن تبديليءَ جي قائم بہ رهي سگهي ٿو. مثال **ڏشٽُ** (ٻُرو). پر ائين صرف برهمڻ ڪن ٿا، جيڪي سنسڪرت جي ڄاڻ رکندا آهن ۽ عام ماڻهو ان کي مڪمل نظر انداز ڪن ٿا.

مورڏني **ٺ** جيڪا **شٽَ** يا **شٺ** جي ادغام مان ڦٽي نڪتي آهي، اها پنهنجي لاڳاپيل media **ڊ** ۾ بہ بدلجي سگهي ٿي، جيڪا وري **ڙه** ۾ تبديل ٿئي ٿي. مثال **ڪوڙهُ**- سنسڪرت **ڪُشٺ** (سنڌي ۾ اڳ ايندڙ سُر **اُ** ڊگهو ٿي **او** ٿيندي ٻٽي وينجن **ٺ** يا **ڊ** کي خارج ڪري ٿو ڇڏي.

(iii) مرڪب **شپ** ۽ **شڦ** سنڌيءَ ۾ **ڦ** ۾ مدغم ٿين ٿا. مثال **ٻاڦ**- پراڪرت **وپڦو**، سنسڪرت **واشپ** (هندي **باڦ** ۽ **ب** جي وسرڳجڻ جي ڪري **ڀاڦ**).

مرڪب لفظن ۾ **شپ** سڌو سنئون **پ** ۾ مدغم ٿيندو آهي. مثال **نِپُٽرو** (نپٽو)- سنسڪرت **نِشپترُ**.

(iv) مرڪب شم يا **شڻَ** کي ڏسون تہ پراڪرت ۾ ش **هہ** سان بدلجي ٿي، ۽ **م** ۽ **ڻ** ڪانپوءِ رکجي ٿي؛ سنڌيءَ ۾ اصلي مرڪب قائم رهي سگهي ٿو. مثال **وِشڻ**- پراڪرت **وڻهُ** ۽ سنسڪرت **وِشٽوَهُ** (وشنوءَ کي پوڄيندڙ)، مسلمان ان کي صرف **وِشّنُ** يا **وِشّنوَهو** لکن ٿا ۽ هندوستاني ساڳي ريت **وِشّنُ** لکن ٿا، چاڪاڻ تہ عام ماڻهو مورڏني **ش** کي نظر انداز ڪن ٿا.

(v) پراڪرت ۾ مرڪب **شيہ** ( ۽ **شوَ**) مدغم ٿي **سّ** ٿيو وڃي، پر سنڌيءَ ۾ **ک** (kkh=) ۾ بدلجي ٿو. مثال

**سِڪُ** (چيلو)- سنسڪرت **شِشيہ**.

### c) The dental-sibilant- s

## ڏندوان گهڪيدار- س

(i) پراڪرت ۾ مرڪب **سَڪَ** स्क **ڪ** ۾ مدغم ٿئي ٿو. پر سنڌيءَ ۾ **ڪ** ۾ تبديل ٿئي ٿو، مثال **ڪَنڌُ**- پراڪرت **ڪنڌو** (ڪندو)، سنسڪرت **سَڪند** (هندي **ڪَنڌُ**).

(ii) مرڪب **سَٽَ** स्त ۽ **سَٿَ** स्थ مدغم ٿي **ٽ** ۽ **ٽس** يا **ڇ** ٿيو وڃن ٿا. مثال **ٿَڄُ**- سنسڪرت **سَتَنَ**؛ **ٿِئو**- سنسڪرت **اسٿَ**؛ **ٿنڀُ** (پراڪرت ۾ البت **ڪمُڀو**) سنسڪرت: **سَتمڀ**، **وَٿُ**- سنسڪرت **وَسَٿُ**؛ **هَٿُ**- پراڪرت **هٿو**، سنسڪرت **هَسَتَ** (هندي **هاٿُ**)؛ **ٿاڻو**- سنسڪرت **سَٿان**؛ **اَٿ**- پراڪرت **اِٿ**، سنسڪرت **اسِت**؛ **وَڇِ**- پراڪرت **وَڇو**، سنسڪرت **وتسَ**.

البت مرڪب **سَٽَ** مدغم ٿيڻ بجاءِ سر جي اضافي ذريعي پنهنجن حصن ۾ ٽٽي بہ سگهي ٿو ۽ جڏهن مرڪب منڍ ۾ هجي تہ سُر اڳياڙي طور لڳيس ٿو. مثلاً: **اَسَتوُتِ** (ساراهہ)- پراڪرت **ٿُئي** سنسڪرت **سَتُوتِ**: **اِسترِي**- سنسڪرت **سَترِي**.

(iii) **سَپ** स्प مدغم ٿي **پ** (=pp) ٿو ٿئي، **سڦ** स्फ - **ڦ** ۾ ۽ **پ** ۾ ترتيبوار بدلجن ٿا. مثال **ڦُٽَڻُ**- سنسڪرت **سَڦُٽَ**؛ **ڦُڙتِي**- سنسڪرت **سڦوترت**؛ **لَپِي** (ڪٽڪ جي اٽي جو ڪاڏو)- سنسڪرت **لَپِسِڪا**؛ البت **پَسَ** ڪن جاين تي مدغم نہ ٿو ٿئي. مثال **لُپَسِي**.

مرڪب لفظن ۾ مرڪب **سَپَ** قائم رهي سگهي ٿو. مثال **وِسَپَت**- سنسڪرت **ورهسَپت**؛ يا مرڪب پنهنجي حصن ۾ ٽٽي بہ سگهي ٿو. خاص ڪري لفظ جي شروعات ۾ مثال **پارسُ** (هندي ۾ بہ **پارس**) ۽ سنسڪرت **سپرش**.

(iv) مرڪب **سَن** स्न جڏهن لفظ جي منڍ ۾ هجي تہ يا تہ سر جي اضافي ڪري پنهنجي حصن ۾ ٽٽي ويندو آهي. مثال **سَنانُ**- سنسڪرت **سَنان**؛ **سَنيهو**- سنسڪرت **سنيهہ** يا وري ان جي اڳ ايندڙ **س** حذف ٿي ويندي آهي. مثال **نينهہ**- سنسڪرت **سَنيهہ** (هندي **نيهُ**) پراڪرت ۾ **ڻهو**؛ **ڻهُ** (ڻهن)- پراڪرت **ڻوراهہَ**، سنسڪرت **سَنُشا**.

(v) مرڪب **سَم** स्म مدغم ٿي **س** ٿيو وڃي. مثال **وِسائي**- سنسڪرت **وسَمَيہَ**، يا وري سر جي اضافي جي ڪري ٽٽي ٿو. مثلاً **سُمَرَڻُ**- سنسڪرت **سَمَرَ**؛ **وِسامَڻُ**- سنسڪرت **وِسَم** يا **وِسَمَيہَ**، پراڪرت **وِمَهَئو**، يا **س** بدلجي **هہ** ٿي **م** ڪانپوءِ ظاهر ٿئي ٿي (**شَمَ** وانگر)، جاڪاڻ تہ پراڪرت ۾ سهہ برابر آهي **سَمَ** جي، خاص ڪري ضميري صورتن ۾: مثال **تُمَهَي**، **اَسَمِي** (Lassen p. 331, 4; 329, 5). سنڌي ۾ مرڪب **مَهَ** म्ह جو **م** بہ **و** ۾ بدلبو آهي. مثال **توَهين**- **تمهين** جي جاءِ تي.

(vi) مرڪب **سّيَہَ** स्य پهرين **س** ۽ پوءِ **ھ** ۾ مدغم ٿئي ٿو. مثال **مُنهُن**، **ٿُنهُن** وغيره جيڪي يقيناً ڪنهن اصلي صورت مان نڪتل آهن. مثلاً: **مُسّيَہَ**، **ٿُسّيَہَ**، پراڪرت ۾ اڳيئي **مَهَ**، **ٿُهَ** (۽ ان جون ٻيون صورتون بہ رائج آهن) مثلاً **مَجّجهَ**، **تُجهہ**، **تُهُيَہَ= مَسّيَہَ**، **تُسُيہ**؛ **تنُهن** (جنهن جو فاعلي واحد **سو**) پراڪرت ۾ **تسّ** ۽ سنسڪرت ۾ **تَسِيَہَ** ٿئي ٿو.

**d) The Compound kš (ksh)**

**مرڪب ڪّش क्ष**

هي مرڪب سنڌيءَ ۾ هن ريت مدغم ٿئي ٿو:

(i) **ڪ** ۾: مثال **اکِ**- سنسڪرت **اَڪش**؛ **ڪِيَر**- سنسڪرت **ڪشير**؛ **ڪارو**- سنسڪرت **ڪشرَ**؛ **ڪيٽُ**- سنسڪرت **ڪشيتر**؛ **ڪِما** (صبر)- سنسڪرت **ڪشما**؛ **ڪينَ** (ڀلائي)- سنسڪرت **ڪّشيم**؛ **رکَڻُ**- سنسڪرت **رڪشڻ**؛ **ڪانڊِ** (صبر)- سنسڪرت **ڪشانت**.

اهي سيئي صورتون پراڪرت قاعدي جي خلاف آهن. جنهن موجب **ڪش** کي **ڇ** ۾ مدغم ٿيڻ گهرجي ها، **ڪ** پراڪرت ۾ استعمال ٿي سگهي ٿي ۽ اها ڳالهہ ان حقيقت جو پختو ثبوت آهي تہ سنڌي ٻولي پراڪرت کان بلڪل جدا طريقي سان ۽ واضح طور پنهنجو هڪ الڳ رستو وٺندي نظر اچي ٿي.

(ii) مرڪب **ڪش** پراڪرت جي پوئواري ڪندي **ڇ** ۾ بہ مدغم ٿيندو آهي. مثال **رڇُ**- سنسڪرت **رڪش**؛ **ڇُرِي**- **سنسڪرت ڪشري**؛ **ڇِنَڻُ** - سنسڪرت **ڪِشَڻَ**؛ **لَڇَڻُ**- سنسڪرت **لڪشَڻُ** (سنڌيءَ ۾ لَکڻُ بہ استعمال ٿيندو آهي.

پراڪرت جي قاعدي موجب (سواءِ انوناسڪ **ن**) جي هر وينجن جيڪو **ڪش** سان ملندو هجي، اتان حذف ڪيو ويندو آهي. پر سنڌي ان قاعدي جي پوئواري نہ ٿي ڪري، چو تہ ان ۾ سر جو اضافو ڪري وينجن کي الڳ ڪيو ٿو وڃي. مثال پراڪرت **لَڇّڇي**- سنڌيءَ ۾ **لَڇّمي** (هندي ۾ بہ ساڳي ريت **لَڇّمِي**، سنسڪرت ۾ **لَڪشمِي**؛ ٻئي هنڌ تي سنڌي ۾ **ڪّشَڻ** جو انوناسڪ **ن** جو اچار مدغم ٿي **ڪ** ٿئي ٿو. (**ڪ** = **ڪش**) جڏهن تہ پراڪرت ۾ ان کي **ٺه** ۾ بدلي ٿي. مثال **تِکو**- پراڪرت **تڻهہ**، سنسڪرت **تِيڪّشڻَ**.

هنديءَ ۾ پراڪرت جي پوئواري ڪندي، **ڪ** کي سندس وسرڳ **ھ** ۾ بدلجي ٿو. مثال **داهِنا** بجاءِ وڏيڪ عام ۽ مروج **دڪڪنا**. البت سنڌيءَ ۾ ائين نٿو ٿئي، جنهن ۾ ٻني اکرن کي ترڪ ڪرڻ لاءِ اڳ ايندڙ سر کي ڊگهو ڪري لڳايو ٿو وڃي مثال **ڏاکڻو**.

**نمبر - 17**

## [1]F) The spiritus- h

## وسرگ ۾ بدلائيندڙ ـ ھ

وسرگ بنائيندڙ **ھ** ڪنهن بہ وينجن سان مدغم نہ ٿي ٿي سگهي، تنهنڪري جي **ھ** کي ڪنهن

وينجن سان ڳنڍيل هجي ته نهندڙ مرڪب پنهنجي جوڙيندڙ حصن ۾ هيٺ ڏنل طريقن سان جدا جدا ٿئي ٿو:

(الف) مرڪب **هڻ** ह्ण ۽ **همَ** ह्म ۾ **ھ** نڪائين يا **ن** واري اچار ڪانپوءِ نرم اچار جي متبادل طور لڳائجي ٿي، جيڪو پراڪرت ۾ به عام آهي. مثال **باھ** (**بانھِ** جي بجاءِ)- پراڪرت **وَراهِي**، سنسڪرت **واهُن**؛ **چِنهُ** (نشان)- سنسڪرت **چِهن**، جڏهن ته پراڪرت جا سخت اچار **چِنڌُ** يا **چينڌ** سنڌيءَ ۾ استعمال نه ٿيندا آهن.

سنڌيءَ ۾ مرڪب **مّھ** म्ह (**هُم** بدران) چپوان اچار جي گهٽائيءَ جي ڪري اڳي ئي **مڀ** ۾ تبديل ٿئي ٿو. مثال **ٻانڀڻُ**- پراڪرت **وَمّهَڻَ**، سنسڪرت **براهَمڻَ**.

(ب) هيہ ह्य وري **جھ** ۾ مدغم ٿئي ٿو (**هيہ** = **جھ** واري ذريعي) **جيئن ڳُجهو**- پراڪرت **گجهائو**، سنسڪرت گُهَيَڪ.

(پ) **هَوَ** سنڌيءَ ۾ **ڀ** ۾ مدغم ٿئي ٿو (**هَوَ** = **وَه** = **ڀ**) جڏهن ته پراڪرت ۾ پوءِ ايندڙ نيم سر ڇانٽي ٿيو وجي. مثال **ڄڀ**- پراڪرت **جِيها**، سنسڪرت **جِوِها** (هندي **جِيڀ**).

**نمبر** - 18

## E) Assimilation of three conjunct consonants

## ٽن گڏيل وينجنن جو ادغام

پراڪرت ۽ پڻ سنڌيءَ ۾ ڪن ٽن وينجنن جي مرڪب جي لاءِ سهپ فقط ان صورت ۾ آهي جڏهن پهريون وينجن نڪائون يا انوناسڪ هجي. مثال **چَندرُ** (چَنّڊُ)، **منترُ**.

جيستائين ٽن گڏيل وينجنن جي ادغام جو تعلق آهي ته اتي به اڳ ڏنل قانون لاڳو ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪو به ادغام نٿو ٿئي ۽ هڪ يا ٻه وينجن گڏيل صورت ۾ رهجي وڃن ته سر جي اضافي جي ڪري ٻين ڪان الڳ ٿيو وڃن. مثال شاسِتِري- سنسڪرت شاسّتر منجهان؛ ادغام جي حوالي سان هيٺ ڏنل قاعدن جي پابندي ڪرڻي پوندي.

(الف) جيڪڏهن ڪو هڪ وينجن نيم سر هوندو ته حذف ٿي ويندو ۽ رهيل ٻن وينجنن جو ادغام عام قاعدي موجب ٿيندو. مثال **مَراٺي**- سنسڪرت **مهاراشٽري**؛ **اڳيون**- سنسڪرت **اگيہ**؛ **پاسو**- پراڪرت **پاس**،

---

[1] اصل ڪتاب ۾ شايد پروف جي غلطيءَ سبب ايف (F) پهرين ۽ اِي (E) پوءِ ڏنل آهي. هتي ان ترتيب کي جيئن جو تيئن رکيو ويو آهي (مترجم).

سنسڪرت **پارشوَ**.

جيڪڏهن رڳو نيم سر **ي** جنهن جي اڳيان ڪو ڏندائون اچار هجي ته (هن قاعدي ڪان مستثنيٰ ٿيندي) اهو مرڪب ڦري لاڳاپيل سخت تارونءَ وارو ٿيو وڃي. (ڏسو نمبر 15) مثال **سَنجهو**- پراڪرت **سجّهو**، سنسڪرت **سَنڌيَا**.

(ب) جڏهن به ٽن گڏيل وينجنن مان پهريان ٻه يا آخري ٻه وينجن مدغم ٿيندا هجن، ته مضبوط ادغام کي ترجيح ڏني ويندي. مثال **مَڇُ**- پراڪرت **مڇّو**، سنسڪرت **متّسيَہ**. هتي **ٿسَ** مدغم ٿي **ڇھ** ٿئي ٿو ۽ اهو

ادغام **سيہ** کان **سس** واري کان ادغام کان وڌيڪ پختو آهي.

**نمبر** - 19

## G) Elision of a double consonant

## ٻٽي وينجن جي ڇانٽي

وينجن جو ٻٽو ٿيڻ ان کي ايترو تہ مضبوط ڪري ٿو جو ان کان اڳ ايندڙ ڊگهو سر بہ ترڪ ٿئي ٿو ۽ ان جي جاءِ ننڍو سر وٺي ٿو. البت جيئن اڳي ڏنو ويو هو، ٻٽو وينجن ٻيهر سادي صورت ۾ اچي سگهي ٿو؛ پر ان صورت ۾ پد کي قائم رکڻ لاءِ اڳ ايندڙ سر کي ڊگهو ڪرڻ ضروري آهي. مثال **راتِ**- پراڪرت **رتّي**، سنسڪرت **راترِ**؛ **ڪمُ**- پراڪرت **ڪمّو** ۽ هنديءَ ۾ **ڪام**.

ٻٽي وينجن جو مڪمل ڇانٽي ٿي وڃڻ ٻوليءَ جي سٽي ٻيهڪ جي برخلاف آهي؛ البت اهڙا ڪجهہ مثال سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. مثال **ڏُئارِ** (بيماري)، **ڏُئارِي**، پراڪرت **ڏُبّل**، سنسڪرت **دُربَلَ**؛ **مِئو** (دوست) (جيڪو پراڪرت ۾ بہ اڳ ئي ڏنو ويو آهي، پر جيڪا پنهنجي اصلوڪي صورت **مِتّو** کي بہ برقرار رکي ٿي، ان ۽ ان جهڙين صورتن ۾ پائيجي ٿو تہ ٻٽو وينجن اوچتو ڇانٽي نہ ٿيو آهي، پر پهرين اهو اڳ ايندڙ سر جي ڊگهي ٿيڻ سبب ننڍي صورت اختيار ڪري ٿو. مثال **مِتو** ۽ **نہ متوّ** ۽ ان بنياد مان ڇانٽي جي قاعدي موجب ڦٽي نڪتو. **مِيئو** جي صورت جنهن ۾ عام قاعدي جي برخلاف **اي** ڊگهو سر ڇوٽو ٿي **اِ** جي صورت وٺي **مِئو** جي صورت ۾ آيو.

اهڙي ڇانٽيءَ سبب **ڏُئارِ** ۽ **ڏُئارِي** جي صورتن ۾ اهڙي ڇانٽيءَ سبب ٻٽي **ب** ٻٽي **و** ۾ بدلي هوندي (ڇاڪاڻ تہ پراڪرت ۾ **ب** ۽ **و** هڪجهڙا هوندا آهن) ۽ اهو ڇانٽي جي ڪري ٿيل ٿو پائنجي. اهو بلاشڪ هڪ غير معمولي عمل آهي، جتي اڳ ايندڙ سر جي برعڪس پوءِ ايندڙ سر ڊگهو ٿيل آهي.

جڏهن هڪ مرڪب وينجن جڏهن ڊگهي سر جي پٺيان هجي تہ آساني سان ڇانٽي ڪري سگهجي ٿو ڇاڪاڻ تہ ان صورت ۾ ادغام ناممڪن آهي. خاص ڪري جڏهن مرڪب وينجن مان ڪو هڪ نيم سر هجي. مثال **واگهُ**- سنسڪرت **وياگهر**؛ **راڻي**- سنسڪرت **راگيي** ۽ ان ريت بہ نيم سر غائب ٿي سگهن ٿا. مثال **پاسو**- سنسڪرت **پارشوَ**.

**نمبر** - 20

## H) A double consonant at the beginning of a word

## لفظ جي منڍ ۾ ايندڙ ٻٽو وينجن

لفظ جي منڍ ۾ مرڪب وينجن لاءِ بہ ادغام جا اهي ئي اصول آهن، جيڪي لفظ جي وچ يا پڇاڙيءَ لاءِ ڪتب اچن ٿا، پر ڇاڪاڻ جو لفظ جي شروعات ۾ ٻٽا وينجن اچاري نٿا سگهجن، تنهنڪري ڪوهڪ

مدغم ٿيو وڃي. يعني ٻنو وينجن سنڌون سڌو اهڙي نموني ترڪ ٿو ٿئي جو وينجن جو سادو بنياد وڃي ٿو بچي. مثال **جَلَڻُ** بجاءِ **جَلّڻُ** (ٻنو **ج**) جي- سنسڪرت **جولن**؛ **واڳهُ** بجاءِ **وّاڳهُ** (ٻنو **ڳه**) جي؛ **ڪَنڊُ** بجاءِ **ڪّنڊُ** (ٻنو **ڪ**) جي- پر جتي بہ لفظ مرڪب ناهٺو هجي تہ (ٻئي يا پويان واري) تي ادغام جو عام اصول ڪتب اچي ٿو. مثال **ڏُٻُلُ**- پراڪرت **ڏُبّل** (ٻني **ٻ**).

اهي مرڪب جن تي ادغام جو اطلاق نٿو ٿئي، اهي سر جي اضافي ذريعي پنهنجي اصلي حصن ۾ ٽٽن ٿا. مثال **ڪِليسُ** (ٿڪاوٽ)- پراڪرت **ڪليس**، سنسڪرت **ڪلَيش**؛ **سُمَرڻُ** (ياد ڪرڻ)- پراڪرت **سُمر**، سنسڪرت **سمّر** (سَمر). ڪن صورتن ۾ مرڪب جو پهريون اکر ترڪ ڪيو ٿو وڃي، خاص ڪري جڏهن ان جو اچار گهڪيدار هجي. مثال **نينهُ** پراڪرت **سٽيه**؛ سنسڪرت **سنيه**؛ پر جيڪڏهن گهڪيدار آواز جي پٺيان نيم سر هجي تہ اهو ڪمزور هئڻ سبب حذف ٿيو ٿو وڃي. مثال **ساهُ**- سنسڪرت **شرواس**؛ **سالو**، پراڪرت **سالو**، سنسڪرت **شيال**.

**تر** त्र ۽ در द्र جيڪي سنڌي ۾ عام طور تي پنهنجي لاڳاپيل مورڌني اچارن ۾ بدلجندا آهن، اهي لفظ جي شروعات، وچ ۽ آخر ۾ پنهنجي جڳهہ برقرار رهي سگهن ٿا. مثال **ٽِري** (ٽي)؛ **ڊراک** (ڊاک)- هنديءَ ۾ **داک** ۽ سنسڪرت ۾ **دراڪشا**.

## THE SINDHI ALPHABET

# سنڌي آئيوينا/ الف ب

### نمبر - 1

موجوده دور تائين سنڌ ۾ مختلف لپيون استعمال هيٺ رهيون آهن. هتان جي مسلمان طبقي مخصوص سنڌي آوازن لاءِ عربي لپي استعمال ڪئي آهي، جنهن ۾ نقطن سان پريل سرشتو موجود آهي، جڏهن تہ هندو طبقي مختلف علائقن ۾ مروج لپين مان ناهيل پنهنجن اکرن ڪي ڪتب آندو آهي، جيتوڻيڪ اهي سيئي اصل ۾ قديم سنسڪرت لپيءَ مان ئي نڪتل آهن. اهي لپيون جن کي سنڌيءَ ۾ عام طرح بنيا (واڻڪا) اکر ڪوٺيو وڃي ٿو، ادبي لحاظ کان بلڪل غير موزون آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي وقت گذرڻ سان تمام گهٽي بگاڙ جو شڪار رهيون آهن. انهن ۾ سر ۽ وينجن جو سرشتو تمام ڪمزور رهيو آهي، ايتري قدر جو هندو واپاري جيڪي ان ڪي ڪتب آڻين ٿا، اهي بہ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ پاڻ بہ ان ڪي وري لکڻ پڙهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪن ٿا، جيڪي هو پاڻ پنهنجي حسابي ڪاتن ۾ لکي چڪا هئا. سنڌيءَ جي لاءِ سنسڪرت لپيءَ ڪان بهتر ڪا بہ لپي ناهي ڇو تہ سنڌي سنسڪرت ۽ پراڪرت جي اصلوڪي ڄائي آهي. سنسڪرت لپي ڪيترو ئي ڇو نہ سنڌي آوازن لاءِ موزون هجي، پر سنڌي معاشري جي موجوده حالت ۾ مذهبي اثر هيٺ

آباديءَ جي وڏي اڪثريت ان کي لکڻ پڙهڻ لاءِ استعمال نہ ڪندي. سنڌ هندوستان جو واحد ملڪ آهي، جيڪو مسلمان حملي آورن جي شدت جو شڪار ٿيل آهي ۽ هندو ڌرم ۽ سنسڪرت ادب وارو ڪلچر هتان جي حدن مان ائين غائب ٿي چڪو آهي، جو ان کي هاڻي "ذاتين ۽ برهمڻن کان وانجهيل ملڪ" سڏيو ويو آهي.

سنڌ جي مسلمانن جڏهن ادبي مقصد لاءِ پنهنجي اصلوڪي ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هنن محسوس ڪيو تہ عربيءَ جو نظام، جيڪو اسلام جي اچڻ جي ڪري هنن مٿان غالب پئجي ويو هو، اهو ڪيترن ئي آوازن ۾ ڪٽل هو ۽ تنهنڪري انهن آوازن جي پورائي ڪرڻ لاءِ هنن عربي اکرن مٿان اضافي نقطا ڏئي ان ڪميءَ کي پورو ڪيو. اهو جنهن نموني ۾ ڪيو ويو اهو اطمينان بخش ڪونهي، جيئن تہ اهو ڪنهن قاعدي سان نہ ٿيو، تنهنڪري اهي ڪوشش اڌ ۾ رڪجي ويون.

ڪنٺي (gutteral) آوازن کي ڪنهن ترتيب کانسواءِ استعمال ڪندي عربي **ڪ** (ک) کي **ڪ، ک، گ، گھ** ۽ **ڳ** جي آوازن جي اظهار لاءِ استعمال ڪيو ويو: جڏهن تہ وسرڳ **ک** ۽ **گھ** جو ڌيان نہ رکيو ويو ۽ وري media **گ** لاءِ فارسي **گ** بہ مهيا نہ ڪيو ويو ۽ ڪنٺي اچار **ڱ** کي مرڪب **نگ** سان ظاهر ڪيو ويو.

سخت تارونءَ وارن اچارن ۾ هڪ وڌيڪ نقطي ذريعي وسرڳ **ڇ** کي ٽئن نقطن واري شڪل ڏني وئي. ساڳي طرح **جھ** کي **ڄ** لکيو ويو. خاص سنڌي آواز **ڄ** کي نہ وساريندي ان لاءِ **ڄ** نشان ڏنو ويو. تارون سان اچارجندڙ **ڃ** کي وري مرڪب **نج** لکيو ويو. مطلب تہ ان طرح جي آوازن کي خصوصي سڃاڻپ جون نشانيون ڏنيون ويون[1].

مورڌني اچارن جا، جيڪي عربي لپيءَ ۾ ناپيد آهن، ڏندوان بنياد قائم رکيا ويا ۽ نڪتا اهڙي طرح ڏنا ويا تہ جيئن اهي پنهنجي لاڳاپيل ڏندوان اچارن کان الڳ سڃاڻجي سگهن. جيئن **ٽ، ٺ، ڊ، ڍ، ڏ**[2] ۽ جيتوڻيڪ اهو طريقو اصلوڪو هو، پر هت مورڌني **ڙ** ۽ **ڻ** کي نظر انداز ڪيو ويو (يعني اهي پنهنجي لاڳاپيل ڏندوان **ر** ۽ **ن** طور لکيا ويا) ۽ اهو پڙهندڙ تي ڇڏيو ويو تہ هو ان کي ڪيئن ٿو اچاري يا لکي.

ڏندوان اچارن ۾ ڪا خاص ڏکيائي نہ هئي، فقط وسرڳ اچارن کي اڙيون ڏيڻيون هيون ۽ اهو هن ريت ڪيو ويو- **ٿ**= th، **ڌ** = dh.

چپوان اچارن سان بہ اها ئي حالت هئي، جتي وسرگن کي ڪن خاص نشانين ذريعي سڃاڻپ ڏني وئي ۽ ائين ٿو محسوس ٿئي تہ ائين ڪرڻ ۾ مهارت کان ڪم نہ ورتو ويو. **ڦ** جي لکڻ لاءِ عربي **ف** کي مٿان بہ واڌو نقطا ڏئي **ڦ** ڪيو ويو، **پ** کي بہ ائين ئي اضافي نقطا ڏئي لکيو ويو ۽ نج **ٻ** کي بہ ڏکيو ڪري لکيو ويو.

ظاهري طرح سنڌين اهو سڀ ڪرڻ لاءِ سنسڪرت لپيءَ کي نظر ۾ رکيو، جت وسرڳ کي هڪ آواز طور لکيو ۽ پڙهيو ويندو آهي ۽ ان ريت هنن اکرن جي ادغام کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ان هن تي واڌونڪتا ڏنا، جنهن سبب عربي بنيادن تي اڙين جي ڀرمار لڳي وئي.

مورڌني اچارن کي نشانيون ڏيڻ جي ضرورت هنن کي مجبور ڪيو تہ ڏندوان وسرڳن جي نقطن

ڪي نئين سر ترتيب ڏجي، نتيجي ۾ ṭ= ٽ (ٽ)، t= ت (ت)، ṭh= ٿ (ٿ)، th= ٺ (ٺ) ۾ نقطن جي ڪري مونجهارو پيدا ٿئي ٿو (جيڪو پڙهندڙن ڪي منجهائي ٿو ڇڏي)[3].

پراڪرت ٻولي جي آوازن کي عربي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪافي دلچسپ آهي، پر جيڪو طريقو اختيار ڪيو ويو اهو غلط هو ۽ ٻوليءَ جي سيني آوازن تي لاڳو ٿيندڙ نٿو پائنجي. البت جنهن طريقي سان اهو هندوستاني ٻوليءَ ۾ ڪتب آندو ويو آهي، اهو وڌيڪ صحيح ٿو ڏسجي ۽ عربي اکرن کي ڪنهن هندوستاني لهجي ۾ استعمال لاءِ ائين ئي ڪرڻ بهتر طريقو آهي. جيئن ته عربيءَ ۾ وسرڳ اچار نه هوندا آهن. تنهنڪري ڪنهن به وسرڳ جي اظهار لاءِ ه جو اضافو ضروري ٿيو پوي، خاص ڪري جڏهن عربي لپيءَ جي اصلي اکر کي ڪنهن طرح قائم رکڻو هجي نه ته ڪا اهڙي عجيب صورت نظر ايندي جنهن کي

---

[1] اهي نشانيون/ اکر موجوده الف ب کان مختلف آهن ۽ سرڪاري طرح مقرر صورت کان اڳ جا آهن (ايڊيٽر)

[2] ṭ = ٽ، ṭh = ٺ، ḍ = ڊ، ḍh = ڍ ۽ وري d' = ڏ)

[3] ڏنگين ۾ ڏنل اکر موجوده لپيءَ جا آهن (ايڊيٽر)

ڪو به نالو ڏيئي سگهجي ٿو، پر عربي هرگز نه چئبو. جڏهن يورپي دانشورن سنڌيءَ تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو ته معلوم ٿيو ته عام سنڌي لفظ سائنسي ضرورتن کي پورو نه ٿي ڪري سگهيا. نتيجي طور بمبئيءَ جي هڪ رهاڪوءَ نوان اکر لکيا، جيڪي بدقسمتيءَ سان ڪنهن ٻوليءَ جي ڄاڻوءَ دانشور جي صلاح ڪانسواءِ حڪومت جي انتظام هيٺ هلندڙ اسڪول ۾ متعارف ڪرايا ويا. ان نئين سرشتي سان مونجهارا دور نه ٿيا ۽ نه ئي ڪي خاميون دور ٿيون. ان ڪري ان ۾ پراڻي سرشتي واري مناسبت به ڪانه هئي.

جيڪي تبديليون ۽ سڌارا ڪيا ويا اهي هن ريت آهن:

جيئن ته پراڻو سرشتو ڪوٽ وارو هو، ان ڪري اسان ڏسون ٿا ته ڪنٺي قسم جي اچارن لاءِ فارسي اکر **گ** ۽ هندوستاني وسرڳ **گه** جائز طرح ورتا ويا آهن ۽ اسان ان سان سهمت آهيون. هاڻ ٿيڻ ائين گهربو هو ته مرڪب **که** جو **گه** سان لاڳاپو نظر اچي ها، پر پراڻي غلطيءَ کي دهرائيندي **که** کي رڳو سادي **ک** سان ظاهر ڪيو ويو ۽ ان سان ٿيو ائين ته هر لکيل صورت ۾ ان کي بگاڙي **ڪ** سان لکيو ويو ۽ اهو هر جڳهه تي **ڪ** طور استعمال ڪيو ويو آهي. جڏهن ته اها به حقيقت آهي ته **ڪ** جڏهن به لفظ جي منڍ ۾ استعمال ٿئي ٿو ته پويان ڪو اکر ڳنڍيل هجڻ ضروري آهي. **لفظ** جي وچ ۾ **ڪ** اڳ واري اکر کان الڳ ۽ پويان ايندڙ اکر سان ڳنڍيل هوندو، البت ان جو اچار ساڳيو ئي عربي **ک** وارو رهي ٿو، **ڪ** جي اها صورت لفظ جي آخري اکر طور ڪڏهن به نه ڏني وئي آهي.

ڪنٺي (gutteral) قسمن ۾ **ڱ** کي پراڻي سرشتي ۾ **نگ** سان لکيو ويو هو، نئين سرشتي ۾ اهو **ڱ** طور پيش ڪيو ويو جيڪو نهايت غير موزون آهي چو ته ان جو بنياد (base) **گ** ناهي بلڪ **ن** آهي جيڪو نڙيءَ مان اچارجي ٿو ۽ عربي وينجن جي قاعدي ۾ اهو فقط مرڪب (**نگ** ng) ڪري لکي سگهجي ٿو. ٻي صورت آهي سنڌي اکر ڳ جي، هت اهو چوڻ ضروري آهي ته ڳ جي هيٺان ڏنل ٻه نقطا نه لڳڻ گهرجن ها

جيئن تہ اڳتي هلي ان مان اڪثر مونجهارا پيدا ٿيندا رهندا.

سخت تارونءَ وارن قسمن ۾ بہ اسان کي اهو ئي ٿو نظر اچي: وسرڳ **ڃ** بہ پراڻي سرشتي مان ورتي وئي آهي، جڏهن تہ **جهہ** هندوستانيءَ مان ڪنئي وئي آهي. ان قسم جي ٻين اکرن ۾ فقط نقطن کي مختلف طريقن سان ڪتب آندو ويو آهي. **ڄ** جو آواز پراڻي صورتخطيءَ ۾ **ج** هو، جيڪو هاڻ بدلائي **ڄ** ڪيو اٿن ۽ تارون واري آواز کي **ڃ**، جيڪو پراڻي صورت **نج** کان بہ گهڻ موزون آهي، **نج** حقيقت ۾ وڏيڪ موزون اچار ڏيندڙ اکر هو.

مورڏني قسمن ۾ رڳو نقطن کي مختلف طريقن سان ڏنو ويو آهي، مثلاً **ٽ** (پراڻي سرشتي ۾ **ٿ**)، **ٺ** (پراڻي سرشتي ۾ **ٺ**)؛ **ڊ** (پراڻي سرشتي ۾ ساڳي)؛ **ڍ** (پراڻي ۾ ساڳي)؛ **ڏ** (پراڻي طريقي ۾ **ڎ**)؛ مورڏني **ڙ** جيڪا پراڻي سرشتي ۾ موجود ئي نہ هئي اها هندوستانيءَ **ڙ** مان اڏاري ڪنئي وئي ۽ مورڏني **ڻ** کي قديم طريقي موجب اکر مثان **ط** ڏيئي **ڻ** ناهيو ويو جيڪو لکڻ ۾ بہ قطعي مشڪل آهي، جنهنڪري اها هندوستاني مان خارج ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ اڳ مورڏني اکر ساڳيءَ ريت لکيا ويندا هئا.

ڏندوان قسم جي اچارن لاءِ پراڻو سرشتو بنان ڪنهن تبديليءَ جي قائم رکيو ويو آهي.

چپوان اکرن ۾ بنياد واري **ف** کي قائم رکي واڌو نقطا ڏئي **ڦ** ناهي وئي جڏهن تہ **پ** پراڻي سرشتي موجب برقرار رکي وئي.

ان ڳالهہ کي تسليم ڪندي تہ لکڻ جي پراڻي سرشتي ۾ ڪافي اوڻايون هيون ۽ بجاءِ پراڻي لکت ۾ نقطن جي ورهاست ۽ ڪجهہ هندوستاني اکرن جي اضافي ڪرڻ جي، بهتر اهو ٿيندو تہ سمورو هندوستاني وينجن جو سرشتو مروج ڪيو وڃي ۽ ڪجهہ سَوَلن نقطن ذريعي اهڙن آوازن کي لکيو وڃي، جيڪي سنڌيءَ ۾ مخصوص حيثيت رکن ٿا.

سنڌي ٻولي فقط سنڌ جي ننڍي صوبي تائين محدود آهي، تنهنڪري اهڙو ڪو بہ سبب نظر نٿو اچي تہ چو نہ هندوستاني الف ب کي هڪ منجهيل جوڙجڪ تي ترجيح ڏجي، جيڪا خود هڪ مربوط نظام آهي ۽ هندوستان جهڙي وسيع ملڪ جي طول و عرض ۾ ڄاتي وڃي ٿي.

هندوستاني الف ب جي تعداد ۾ اضافو نہ ٿيڻ گهرجي. بلڪ جت ممڪن هجي ان کي گهٽ ڪجي ڇاڪاڻ جو اهڙو اضافو ٻولين جي وچ ۾ رابطي ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻبو. سو جيڪڏهن پراڻو سرشتو ادبي حوالن ۾ استعمال جي لائق ناهي، تہ بهتر ائين ئي ٿيندو تہ ان جي جاءِ تي اهڙو سرشتو آڻجي، جيڪو سڄي دنيا ۾ ڄاتل سڃاتل هجي، تنهن ڪري مقامي الف ب ۾ ترميم ڪرڻ درست نہ ٿيندو، جنهن جو مستقبل ۾ ان علائقي کان ٻاهر پکڙجڻ جو ڪو امڪان ڪونهي.

جيئن تہ موجوده حالتن ۾ ائين نٿو لڳي تہ سماج جو هندو حصو، پنهنجي مذهبي لاڙن ڪري هندوستاني الف ب کي مروج ڪندو تنهنڪري اسان انهن لاءِ هت ڪيپٽن اسٽيڪ جي ڏنل سرشتي ۾ ڪجهہ ضروري ترميمن سان هندي اکر ڪنيا آهن، جيئن اڳتي بہ نظر ايندا تہ هندي آئيوٽا لاءِ بہ اهو ئي چئي

سگهجي ٿو جيڪو هندوستاني الف ب[1] لاءِ چيوسون، جيڪا سڄي هندوستان ۾ سمجهي وڃي ٿي ۽ هندو سماج ان کي پنهنجي ادبي ضرورتن ۾ استعمال ڪندو رهيو آهي. پراڻن واٽڪن اکرن جو ترميم سان استعمال اوترو ئي غير موزون هجي ها جيترو مسلمانن ۾ مروج عربي سرشتو غير موزون لڳي ٿو.

نمبر - 2

# I. The Sindhi consonant system[1]

# سنڌي وينجن جو سرشتو

§. 2.

## I. The Sindhī consonantal system. [1])

| | SINDHI. | | | | | | ARABIC LETTERS. |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | ک; کھ | گ; گھ | ڱ | ھ | ... | ڳ | ع ح خ غ ق |
| Gutturals: | क; ख | ग; घ | ङ | ह | ... | ग़ | . . . . . |
| | k; kh | g; gh | ṅ | h | ... | ḡ | ʿ ḥ χ γ q |
| | چ; چھ | ج; جھ | ڃ | ي | ش | ڄ | |
| Palatals: | च; छ | ज; झ | ञ | य | श | ज़ | |
| | č; čh | ǰ; ǰh | ń | y | š | ǰ̄ | |
| | ٽ; ٽھ | ڊ; ڊھ | ڻ | ڙ; ڙھ | ... | ڏ | |
| Cerebrals: | ट; ठ | ड; ढ | ण | ड़; ढ़ | ... | ॾ | |
| | ṭ; ṭh | ḍ; ḍh | ṇ | ṛ; ṛh | ... | ḍ̄ | |
| Linguals: | . . . | . . . | . . . | . . . | . . . | . . . | ط ص ظ ض |
| | | | | | | | t̲ s̲ δ̲ z̲ |
| | ت; تھ | د; دھ | ن | ر; ل | س | ... | ث ذ ز (ژ Pers.) |
| Dentals: | त; थ | द; ध | न | र; ल | स | ... | . . . . |
| | t; th | d; dh | n | r; l | s | ... | ϑ δ z (ž) |
| | پ; پھ | ب; بھ | م | و | ... | ٻ | ف |
| Labials: | प; फ | ब; भ | म | व | ... | ॿ | . |
| | p; ph | b; bh | m | v | ... | b̄ | f |

We subjoin here the common alphabetical order of the Arabic-Sindhī Alphabet:

1) In the Romanized transcription we have followed the Standard Alphabet, by Prof Lepsius (2d edition).

[1] رومن هجي پروفيسر ليپسيئس جي معياري الف ب (Standard Alphabet) بئي ڇاپي جي مطابق لکيل آهي.

## THE SINDHI ALPHABET

| Un-connected. | Final. | Med. | Initial. | Name. | Pronun-ciation. |
|---|---|---|---|---|---|
| ا | ـا | ـا | ا | اَلِف | ʼ |
| ب | ـب | ـبـ | بـ | بي | b |
| ٻ | ـٻ | ـٻـ | ٻـ | ٻَهه | b̄ |
| پ | ـپ | ـپـ | پـ | پي | p |
| ت | ـت | ـتـ | تـ | تي | t |
| ٿ | ـٿ | ـٿـ | ٿـ | ٿَهه | ṭ |
| ث | ـث | ـثـ | ثـ | ثي | ꞩ |
| ج | ـج | ـجـ | جـ | جِيم | ǰ |
| ڄ | ـڄ | ـڄـ | ڄـ | ڄَهه | j̄ |
| چ | ـچ | ـچـ | چـ | چي | č |
| ح | ـح | ـحـ | حـ | حي | ȟ |
| خ | ـخ | ـخـ | خـ | خي | χ |
| د | ـد | ـد | د | دَال | d |
| ڌ | ـڌ | ـڌ | ڌ | ڌَهه | ḍ |
| ڏ | ـڏ | ـڏ | ڏ | ڏَهه | ḍ̄ |
| ذ | ـذ | ـذ | ذ | ذَال | δ |
| ر | ـر | ـر | ر | ري | r |
| ڙ | ـڙ | ـڙ | ڙ | ڙَهه | ṛ |
| ز | ـز | ـز | ز | زي | z |
| ژ | ـژ | ـژ | ژ | ژي | ž |

THE SINDHI ALPHABET.

| Un-connected. | Final. | Med. | Initial. | Name. | Pronun-ciation. |
|---|---|---|---|---|---|
| س | ـس | ـسـ | سـ | سِين | s |
| ش | ـش | ـشـ | شـ | شِين | š |
| ص | ـص | ـصـ | صـ | صَاد | s̱ |
| ض | ـض | ـضـ | ضـ | ضَاد | z̠ |
| ط | ـط | ـطـ | طـ | طوِي | t̠ |
| ظ | ـظ | ـظـ | ظـ | ظوِي | δ̠ |
| ع | ـع | ـعـ | عـ | عَيْن | ʒ |
| غ | ـغ | ـغـ | غـ | غَيْن | γ |
| ف | ـف | ـفـ | فـ | فِي | f |
| ق | ـق | ـقـ | قـ | قَاف | q |
| ڪ | ـڪ, ـك | ـڪـ | ڪـ کـ | ڪَاف | k |
| گ | ـگ | ـگـ | گـ | گَاف | g |
| ڳ | ـڳ | ـڳـ | ڳـ | ڳَاف | g̃ |
| ل | ـل | ـلـ | لـ | لَام | l |
| م | ـم | ـمـ, ـمـ | مـ | مِيم | m |
| ن | ـن | ـنـ | نـ | نُون | n |
| ڻ | ـڻ | ـڻـ | ڻـ | ڻَه | ṇ |
| و | ـو | ـو | و | وَاو | v |
| ه | ـه, ـھ | ـهـ, ـہـ | هـ | هِي | h |
| ي | ـي | ـيـ | يـ | يِي | y |

خالص عربي اکر، عددي قدر طور بہ تاريخي واقعن لاءِ استعمال ڪبا آهن (جنهن ۾ سيني اکرن جا عدد جوڙيا ويندا آهن).

| | | | |
|---|---|---|---|
| ا – 1 | ح – 8 | س – 60 | ت – 400 |
| ب – 2 | ط – 9 | ع – 70 | ث – 500 |
| ج – 3 | ي – 10 | ف – 80 | خ – 600 |
| د – 4 | ڪ – 20 | ص – 90 | ذ – 700 |
| ه – 5 | ل – 30 | ق – 100 | ض – 800 |
| و – 6 | م – 40 | ر – 200 | ظ – 900 |
| ز – 7 | ن – 50 | ش – 300 | غ – 1000 |

حساب جي ان طريقي کي ابجد (پهرين چار اکرن مان) سڏيو ويندو آهي ۽ اهي ٽڪنيڪي جوڙ هن ريت آهن.

**ابجد، هَوَز، حَطِي، ڪَلَمَن، سَعَفَص، قرشت، ثَخَذ، ضَظَغ.**

عربن اهو سمورو سرشتو عبرانيءَ مان کنيو آهي ۽ ان ئي ڪري انهن جي ترتيب عبراني آئيوٽا جي پوئواري ٿي ڪري؛ پهريان نَوَ اکر هڪ کان نَوَ (1-9) نَوَ کان پوءِ ڏهاڪا، سَوَ ۽ آخري غ هڪ هزار (1000) لاءِ ڪم آندل آهي.

عبرانيءَ جي آئيوٽا جي ترتيب کي **ت** (400) تائين استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ان کانپوءِ عربن پنهنجي طريقي کي استعمال ڪندي اهي اکر ڪتب آندا آهن، جيڪي هنن جي ٻولي ۾ خاص حيثيت رکن ٿا.

## 1) The gutterals

## ڪنٺي آواز/ اچار

ڪنٺي **ڪ** ۽ **گ** عام نموني اچارجن ٿا؛ جڏهن تہ انهن جا وسرڳ **ک** ۽ **گهہ** سنسڪرت قاعدي جي پيروي ڪندي ٻين وسرڳن وانگر ڳڏي هڪ آواز طور اچارجن ٿا ۽ ان لاءِ بنيادي اچار کي زورائتي ساهہ سان اچارجي ٿو. مخصوص سنڌي آواز **ڱ**، جيڪو هميشہ انفرادي آواز طور اچارجي ٿو (جيئن انگريزي لفظ **سنگ** Sing جو **نگ** ng) ۽ اها ڪڏهن بہ پنهنجي قسم يا (varga) جي اکرن کان اڳ نہ ايندو آهي، اهڙين صورتن ۾ انوسوار يا سادي **ن** کي ڪتب آڻبو آهي (ڏسو تعارف نمبر 5). هنديءَ ۾ تہ اهو ङ لکبو آهي ڇو تہ اهو هڪ خاص سنسڪرت آواز آهي، پر چاڪاڻ تہ عربيءَ ۾ فقط هڪ ئي ڏندوان **ن** آهي. تہ ان ڪري ان ۾ ڪافي ٻيون بہ ڏکيائيون ٿين ٿيون. چاڪاڻ تہ هندوستاني لپيءَ ۾ آزاد ڪنٺي **ڱ** آواز موجود نہ آهي. ان ڪري مجبور ٿي ان کي مرڪب **نگ** سان لکون ٿا ۽ ائين ڪندي، اهو پراڻي سنڌي لپي جي پوئواري ڪري ٿو. پر تڏهن بہ هڪ ٽڪنيڪي مشڪل رهجي وڃي ٿي، اها هيءَ تہ سادي ڪنٺي **ڱ** کي اهڙي ڪنٺي **گ** کان

جيڪو پنهنجي ئي ورگ (Varga) جي اکر کان اڳ استعمال ٿيو هجي فرق ڪرڻ ڏکيو ٿيو پوي. مثلاً **انگُ** ۽ **انڱُ** (اڱگ) (عضوو) يا اجا بہ وڌيڪ درست **اڱگ** جيڪا لپي هاڻ استعمال ۾ آهي، ان ۾ اها ڏکيائي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي اهي (**ڱ** = ň)، پر اهو نٿو تسليم ڪري سگهجي تہ اهو مسئلو اطمينان بخش طريقي سان حل ٿي ويو آهي، ڇو تہ ڪنني انوناسڪ اچار لاءِ هڪ غلط بنياد چونديو ويو آهي. البت اهو ضرور آهي تہ حقيقت ۾ ڪو بہ سمجهدار پڙهندڙ ان مشڪل کي آسان بنائي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ ٻوليءَ ۾ تمام گهٽ ڪي اسم اهڙا آهن، جن ۾ سادي ڪنني **ڱ** ملي ٿي.

هتي اسان انهن لفظن جي فهرست ڏيون ٿا، جن ۾ سادي (اڻ ڳنڍيل) ڪنني آواز واري نڪائين آواز کي ڏسي سگهجي ٿو:

**اڱ**، **اڱارو**، **اڱاري**- وات جي بيماري، **اڱاريو**- پير جو زخم، **اڱر**- ڪوئلو، **آڱر**، **اڱڻ**، **آڱوٺو**، **آڱوٺي**، **پاڱو** ۽ ان مان نڪتل لفظ **پاڱائتو**، **پاڱيرو**، **ڦيڱٽو**- اٺ جي لڏ، **ڦيڱٽي**- رڍن جي لڏ، **جاڱورو**- جهنگلي ٻيرُ، **جاڱوري**- جهنگي ٻير جو وڻ، **چڱو** صفت ۽ ان مان نڪتل لفظ، **ڏِڱائي**- قلمي شورو ناهيندڙ، - فعل **ڏاڱورڻ**- ڦتڪا هڻڻ، **ڏُڱنو**- سگهارو، **ڏڱري**- ڪپڙا سٽڻ جي، **ڍُڱٽو**- هڪ مڇيءَ جو نالو، **رڱ**، **رڱڻ**، **رڱو**- واڍي جو اوزار، **ساڱاه** يا **ساڱاهہ- سنڀال** ۽ ان مان نڪتل لفظ جيئن صفت **ساڱاهتو**- خبردار يا **ساڱاهو** فعل **ساڱاهڻ**- خبردار رهڻ، **سڱ**، **سِڱ**- چاول ۽ ان مان نڪتل لفظ، **سِڱاري**- مڇيءَ جو نالو يا سيڱاري، **سڱر**- ڪنبي جي وڻ جو ٻج واري ڦري، **سِنگن**- فعل **سِڱڻ**- اشارو ڪرڻ، **سيڱ**- ڪمان، **ڳاڱو** يا **ڳاڱي**- هڪ ٻوٽي ۽ ان جو ڦل (Grewin Betuloeflla، **لڱ**- صفت **لڱو**- جڙو، **لِڱ**- عضوو، **لِڱ**- هڪ پٽي جنهن سان ڪڇھ ڪٽجي، **لڱو** ۽ **لِڱا**- دفعو، پيرو، **مڱ**، **مُڱ**، **مڱرو**- ڪٽين ڪاٺ جو هٿوڙو يا ڏوگري، فعل **مڱڻ**- گهرڻ ان مان نڪتل لفظ، صفت **موڱو**- مڱن جي رنگ تي، - صفت ۽ ظرف **نِڱٽو**- مڪمل طرح، واڱڻ، **هڱ**، **هڱرو**- هڪ پاڻيءَ جي ٻوٽي جو ڦل[1].

اهڙو ئي هڪ خاص اکر **ڳ**[2]، **ग॒** **ڳ** بہ سنڌيءَ ۾ آهي، جيڪو هندي يا هندوستانيءَ ۾ موجود ناهي ۽ نہ ئي انهن سان لاڳاپيل لهجن ۾ ملي ٿو. ان ڪري اسان مجبور ٿي ان کي پنهنجو هڪ نشان ڏنو آهي. (پشتو جو مثال وٺندي اسان سڌي لڪير هيٺان هڪ گول نشان ڏيئي اکر کي مضبوط اچار ڏنو آهي تہ جيئن ڪو بہ ابهام رهجي نہ وڃي). ان آواز **ڳ** جي اچار جي خصوصيت اها آهي تہ **گ** کي اچارڻ وقت بند گلي سان زور سان ۽ ڏگهو ڪندي اچارجي ٿو، بلڪل ائين جڻ **گ** کي بہ دفعا لفظ جي منڍ ۾ اچارجي. اهو اچار سنڌيءَ جي مخصوص ٽن ٻين آوازن وانگر آهي، پر هاڻ اهي سڀ سادا ۽ اصلي اکر سمجهيا وڃن ٿا. مثال **آڳُ** aĝu- پراڪرت **اگگ**، سنسڪرت **اگيہ** (ڏسو تعارف: نمبر 15: ب)، **لَڳو**- پراڪرت **لَڳ**، سنسڪرت **لڳ** (ڏسو تعارف: نمبر 14)؛ bhaĝō **ڀڳو**- پراڪرت **ڀَگگ**، سنسڪرت **ڀَگنَ**- ٻين جڳهن تي جتي **گ** کي ٻيڻو اچارڻ قديم اشتقاق (etymologically) ثابت نٿو ڪري سگهجي، اتي **ڳ** جو سخت اچار پويان ايندڙ اکرن جي اثر هيٺ سمجهي سگهجي ٿو. مثلاً **ڳوٺُ**، پراڪرت **ڳوٺٺ**، سنسڪرت **گوشٺ**؛ ان ۽ اهڙين ٻين مثالن ۾ ٻيڻي **ٺ** جو وزن سنڌي ۾ اڳ ايندڙ سر جي ڊگهي ٿيڻ جي ڪري ننڍو ٿي **گ** تي اثر انداز ٿئي ٿو. اهو اثر خاص ڪري

پوءِ ايندڙ ر ۾ وڌيڪ ظاهر نظر ٿو اچي. مثلاً ڳرو، پراڪرت ڳرئو، سنسڪرت گرُ.

انهن ٻن اکرن **گ** ۽ **ڳ** ۾ اچار جي فرق جو خيال رکڻ ضروري آهي ڇو ته انهن جي استعمال ۾ معنيٰ ۾ وڏو فرق اچي سگهي ٿو. مثلاً **گرو** (ميرو) ۽ **ڳرو** (وزني).

## 2) The palatals

### سخت تارونءَ وارا آواز

سخت تارون وارا اکر **ج** ۽ **چ** ۽ سنڌن وسرڳ **جھ** ۽ **ڇ** عام رواجي هندوستانيءَ ۾ سادن آوازن طور اچارجن ٿا ۽ وياڪرڻ جي حساب سان بہ ائين ئي آهي، پر دراصل پنهنجي موجوده اچار ۾ اهي مرڪب آواز آهن. جيئن اهي اڄڪلھ اچارجن ٿا اهو قديم وقت ۾ ممڪن نہ هو نہ تہ پاڻينيءَ (Panini) جي وياڪرڻ جي

[1] هنن لفظن ۾ ٽرومپ — **ٻ** لاءِ **ٻھ**، **ڦ** لاءِ **پھ**، **ڌ** لاءِ **ڎ**، **ٿ** لاءِ **ٹ**، **ڻ** لاءِ **ٺ** ۽ **ڱ** لاءِ نگ نشانيون استعمال ڪيون آهن.

[2] ڊاڪٽر ٽرومپ **ڳ** جي آواز لاءِ ديوناگريءَ ۾ ग॒ ۽ **گ** جي نشاني استعمال ڪئي آهي، جنهن ڪي موجوده صورتخطيءَ ۾ لکيو ويو آهي.

اصولن جي خلاف ورزي ٿئي ها. هن دور ۾ **ج** انگريزي J ۽ **چ** انگريزي Ch طور اچارجي ٿو. ٻين **لفظن** ۾ dž **(دز)** ۽ tš **(تش)** طور اچارجندڙ اکر جيڪڏهن سادا سمجهيا وڃن تہ پوءِ انساني عضون ذريعي انهن جو ٻٽو يا وسرڳ ٿي اچارجڻ سمجھ کان ٻاهر آهي. انهن اکرن جي پراڻي اچار[1] ۾ ڪيترين ئي تبديلين آيون هونديون. جيئن تہ جديد هندوستاني ٻوليءَ[2] ۾ اهي مرڪب آواز ڪري ڪتب اچن ٿا. ان ڪري رومن هجي ۾ ان تي ڏندوان اڙي (ـہ ) جي جاءِ تي ساڳيو نشان ڏجي ٿو جيڪو تارون واري گهڪيدار **ش** (š =) کي ڏجي ٿو جيڪو ان جي جديد اچار کي ظاهر ڪري ٿو.

سنڌي ٻوليءَ تارون واري ञ ń **ڃ**[3] کي آزاد آواز طور قائم رکيو آهي، جيڪا ڪڏهن بہ پنهنجي ورگ جي اکرن کان اڳ نہ ايندي آهي ۽ اهڙين صورتن ۾ انوسوار استعمال ٿئي ٿو (۽ هندوستانيءَ ۾ سادي **ن** سان). جيئن تہ هندوستاني لهجي ۾ تارونءَ وارو انوناسڪ اچار ڪونہ ٿيندو آهي، تنهنڪري اسان کي هڪ نئون اکر ڏيڻو پيو. پراڻي سنڌي لپيءَ جي مناسبت سان، اسان ان لاءِ مرڪب **نج** جو انتخاب ڪيو، جيڪو هن جي ويجهو اچار آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي تارونءَ واري **ञ** هڪ مرڪب آواز آهي ۽ اچارجي بہ ’**نيہ**‘ (ny) جي ڪري ٿو. ان کي **ني** ڪري لکڻ موزون هوندي بہ ان ڪري صحيح نٿو لڳي ڇو تہ تارون واري **ڃ** کي سنڌي ۾ سادو آواز سمجهيو وڃي ٿو ۽ سنسڪرت ۾ **ڃ** لکجي ٿو؛ تنهنڪري اهو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ مرڪب **نج** (ڃ) بهتر ٿي لڳي ۽ **ني** سان مونجهارا پيدا ٿيڻ جي گنجائش آهي. رومن هِجي ۾ ان کي سنئون سڌو تارونءَ واري اڙي ڏئي ń ڪري لکيو ٿو وڃي.

موجوده الفابيٽ ۾ ان آواز لاءِ **ڃ** کي منتخب ڪيل آهي؛ اهو چوڻ ضروري آهي تہ ان جو بنياد **ج** نہ پر انوناسڪ **ن** آهي، جنهن جي پنيان **ي** جو آواز گڏيل آهي.

گهڪيدار **ش** جنهن کي ڏنل فهرست ۾ اسان تارونءَ وارن اکرن ۾ شمار ڪيو آهي، اها تارونءَ واري اچار جي بدران هاڻ ڏندوان اچار ۾ بدلجي خالص ڏندوان **ش** بنجي وئي آهي. **ش** جو اصل اچار هاڻ

شڪ ۾ پئجي ويو آهي ۽ موجوده دور ۾ ان جو اچار انگريزي سادي sh وانگر رهجي ويو آهي ۽ تنهنڪري ان کي ڏندوان اچارن ۾ ئي ڳڻڻ گهرجي. عربي ۽ فارسيءَ واري **ش** سنسڪرت ۾ به **श** /**ش** ئي آهي. پر اها خالص سنڌي لفظن ۾ به ملي ٿي. مثلاً **شِينهُه** وغيره (پيٽ لاءِ ڏسو تعارف نمبر 5).

سنڌيءَ جو هڪ مخصوص آواز **ڄ** - J - **ज॒** به آهي. ان کي هاڻ سادو اچار سمجهيو وڃي ٿو، پر ان جي تاريخي بنياد (etymology) سان اهو ثابت ٿيل آهي ته اها ٻٽي (**ڄّ** - jj - **ज्ज**) مان نڪتل آهي ۽ ان جو اچار اڄ به مرڪب آهي يعني dy (**ديہ**)، جيئن مثلاً **اَڄُ** پراڪرت **اجج** (يا **اڄّ**)، سنسڪرت **اَديہ** (ادغام جي حوالن لاءِ ڏسو تعارف: نمبر 15)؛ **وِڄا** (علم)، پراڪرت **وِججا**، سنسڪرت **وِديا**؛ **وِيڄُ**- پراڪرت **ويجج**، سنسڪرت **وئديہ**- ٻين اسمن ۾ **ڄ** جي اصلوڪي ٻٽي ٿيڻ جو ڪو اشتقاقي اصل (etymologically) نٿو ملي. مثلاً **ڄَٽُ**- هندي **جٽر** ۽ **ڄ** اڪثر ڪري اهڙين صورتن ۾ **ج** ۾ بدلجي ٿي. جيئن **ڄاٽري** يا **جاٽري**- سنسڪرت **ياتري**.

---

[1] ڏسو معياري الف ب Standard Alphabet P: 93

[2] ا، آ، اُ، اُو، اِي ۽ اَو سرن کان پهرين مراني **چ** ۽ **ج** جو اچار dz، ts، طور ان جي پيروي نہ ڪندو آهي، چاڪاڻ ته اهو دراوڙي اثر ڪري ٿيو آهي ۽ فقط اڻ آريائي لفظن تي لاڳو ٿيندو آهي.

[3] مترجم پاران جديد اکر ڏنو ويو آهي.

## 3) The cerebrals

## مورڏني آواز

مورڏني آواز **ٽ** (ṭ)[1] ۽ **ڊ** (d') سندس وسرڳ **ٺ** (ṭh) ۽ **ڍ** (đh) سيني اتر- هندوستاني لهجن ۾ عام آهن. انهن کي اچارڻ لاءِ سادن ڏندوان آوازن **ت** ۽ **د** جو آواز ڪڍڻ وقت زبان جي چهنب کي مٿي ڪندي تارون سان ملائي اهي اکر اچارجن ٿا.

ساڳيءَ ريت سنڌي ٻولي هڪ آزاد مورڏني **ڻ** (ṇ) **ण** (ٽرومپ **ٹ** لکيو آهي) کي برقرار رکندي آئي آهي ۽ جيڪا پنهنجي ورگ جي اکرن سان جڙيل ناهي. مثلاً **وَڻُ** (سنسڪرت ستن **स्तन** **وئنّ**)؛ **ٿڻُ**- هندي- **ٿنّ**، **سنسڪرت** **श्वन**، ان جو اچار ڪافي سخت آهي ۽ پشتو جي nr سان مشابهت رکي ٿو (۽ ان ڪري پشتو ۾ nr سان استعمال ٿئي ٿو).

سنڌيءَ ۾ ان ڪري ڪن جاين تي **ڻ** جي متبادل طور مورڏني **ڙ** استعمال ٿيندي آهي. مثال **ماٺهون** يا **ماڙهُون**، مورڏني **ڊ** (جيڪا پراڪرت ۾ اڪثر ڏندوان **د** جي جاءِ وٺندو آهي) سنڌيءَ ۾ ٻن مورڏني آوازن کي جنم ڏنو آهي، جيڪي آهن **ڏ** **ड॒** ۽ **ڙ** **ड़** ۽ اها وري وسرڳجي **ڙهہ** ٿئي ٿي.

**ڏ** کي اچارڻ جو طريقو به **ڳ** وانگر آهي؛ مورڏني **ڏ** کي اچارڻ وقت زور ڏيندي ۽ وات جو

مضبوطي سان اڌ ڪليل صورت ۾ بند ڪري اچارجي ٿو. جڏهن تہ ڊ کي ٻہ دفعا اچارڻو هجي.

اصليت ۾ ڳ وانگر ڏ بہ ٻيڻي ڊ آهي، جيڪو تاريخي اشتقاق ذريعي (etymology) ڪافي جاين تي ثابت ڪري سگهجي ٿو. مثال وڏو- پراڪرت وڊڊ، سنسڪرت وڊر چوَڏهوَن- پراڪرت چودهون. پر جيئن تہ سنڌي ۾ سخت مورڌني آوازن جو استعمال گهٽو ٿو ملي ۽ ان ڪري ان ۾ اڪثر ڊ (đ) کي اهڙين جاين تي استعمال ڪيو ٿو وڃي، جتي مورڌني اچار کي اصل ۾ ٻيڻو نہ ٿو ڪيل هجي. خاص ڪري لفظ جي منڍ ۾، تہ جيئن اکر جو سڄو زور سان اچار ڪري سگهجي، مثال ڏولي- پراڪرت ڊولا، سنسڪرت دولا (پيٽ لاءِ ڏسو تعارف نمبر 4 ۽ 6) ۽ سادي مورڌني آواز ڊ کي اسم جي منڍ ۾ گهٽو ڪري ڏ سان تبديل ڪيو ٿو وڃي ۽ ڊ فقط ڪجهہ اسمن ۾ ڪتب اچي ٿي تہ جيئن هڪ جهڙا لکجندڙ لفظ سڃاڻي سگهجن. مثال ڊِنو ۽ ڏنو.

انهيءَ سبب جي ڪري ڪيپٽن اسٽئڪ جي اها هڪ وڏي غلطي آهي جو هن ڊ ۽ ڏ ۾ فرق نہ ڪيو آهي ۽ ٻنهي کي ساڳي اڙيءَ جهڙو نڪتو ڏئي لکيو آهي ڊ ड़ جيتوڻيڪ هن کي انهن ٻنهي الڳ الڳ آوازن جي خبر هئي، ڪوبہ سنڌي ڏ ۽ ڊ جي استعمال ۾ مونجهاري جو شڪار نہ ٿيندو آهي ۽ هو ٻنهي کي الڳ طريقي سان اچاري ٿو ۽ پراڻي سنڌي الف ب ۾ بہ الڳ نموني لکيل اهي (ڊ ۽ ڏ). ان ڏس ۾ اسان بہ ڪيپٽن اسٽئڪ جي ڏنل سنسڪرت لپيءَ کان انحراف ڪندي سادي مورڌني ڊ کي اصلي سنسڪرت اکر ڊ ड̄ لکيو آهي ۽ ڏ جي آواز لاءِ ان جي هيٺان هڪ ليڪ ڏني آهي ड̱ ۽ ان جي هيٺان نڪتي کي ڪنهن ٻئي آواز لاءِ مخصوص ڪيو آهي، جيڪو اسان اڳتي ڏسنداسين.

مورڌني ڙ ۽ ان جو وسرڳ ڙه ڦٽي نڪتا آهن. ڊ ۽ ڍ مان (ڏسو تعارف نمبر 2، 7) مثال ڳڙُ-

[1] ٽرومپ ڊ جي لاءِ ڎ ۽ ٽ جي لاءِ ٽ جا اکر ۽ وسرگ آوازن لاءِ ڍ لاءِ ڎهہ ۽ ٽ لاءِ ٽهہ اکر استعمال ڪيا آهن، پر عام پڙهندڙ لاءِ مترجم پاران جديد صورتخطي استعمال ڪئي وئي آهي.

سنسڪرت ڳڙُ، ڊرهتا (مضبوطي)- سنسڪرت درڍتا- اسان اڳ ۾ ڏسي چڪا آهيون تہ گهڻا ئي لفظ جنهن ۾ ڙ يا ڙه استعمال ٿيا آهن، اهي ڪنهن اصلوڪي ٻوليءَ مان آيل آهن، جيڪا هاڻ گم ٿي وئي آهي ۽ جنهن ۾ مورڌني آوازن جو لاڙو وڌيڪ هو (جيئن ڏکڻ جا دراوڙي لهجا) ۽ انڪري اتر هندوستاني لهجن ۾ مورڌني اچارن جي عام استعمال جي سبب جي خبر پوي ٿي.

ڪيپٽن اسٽئڪ پنهنجي سنڌي گرامر ۾ ٻن مخصوص اکرن ٽر(ट ṭr) ۽ ڊر (ड đr) کي مورڌني قسم ۾ شمار ڪيو آهي، پر غور سان مطالعي مان اهي مرڪب آواز ٿا محسوس ٿين (ڏسو تعارف نمبر XV). ۽ تنهنڪري انهن کي آئيوڻا مان خارج ڪري ڇڏڻ گهرجي، ۽ انهن کي ٽر ट्र ۽ ڊر ड्र لکڻ گهرجي. مثال پُٽرُ (पुट्ट) (پٽ)- پراڪرت پُٽر، سنسڪرت پُتر؛ ڊراک (ड्राख) (ڊاک)- سنسڪرت دراڪشا؛ ڪجهہ اسمن ۾ ر وسرڳ ڍ سان گڏ ملي ٿي. مثال ڍراپَڻُ (ढ्रापणु) ۽ ان مان نڪتل ڍرائڻ (ڍائڻ)، ڍراءُ (ڍءُ) ۽ اهي سيئي

صورتون سنسڪرت ڌاتو **ترپ** (ترپڻ) مان نڪتل آهن. **ڏڍر** (جيڪا **ڏڏُ** وانگر بہ لکجندي آهي)، سنسڪرت **ددرُ** ۽ هندي **داد** (ڏسو تعارف نمبر ,15, b).

اسان مورڏني **ش** کي سنڌي لپيءَ ۾ بہ وڏو آهي البت ڪيپٽن اسٽئڪ جي "سنڌي لغت" ۾ ڪجھ لفظ **ش** سان لکيل آهن. اهو اکر عام ماڻهو نظر انداز ڪندا آهن ۽ پراڻي سنڌي الف ب ۾ بہ موجود نہ آهي. فقط ڪجھ برهمڻ ڪن لفظن ۾ پنهنجي مطالعي جي ڏيکاءَ لاءِ استعمال ڪندا آهن. (پيٽ لاءِ تعارف نمبر 5).

## 4) The Dentals

## ڏندوان اچار/ آواز

ڏندوان اچارن جي لسٽ ۾ ڪابہ اهميت جوڳي ڳالھ ڏسڻ ۾ نٽي اچي. ر جنهن کي سنسڪرت ۾ مورڏني سمجهيو وڃي ٿو، اها جديد ٻوليءَ ۾ خالص ڏندوان ٿي وئي ٿي ڏسجي.

## 5) The Labials

## چپوان آواز

**ڦ** جو اچار دراصل **پ** جي وسرڳ طور ٿئي ٿو ۽ نہ **ف** جي طور جيڪو اصل ۾ عربي يا فارسي بنياد جو آهي. سنڌيءَ جو هڪ ٻيو مخصوص اکر **ٻ** آهي، جيڪو پڻ **ڳ** ۽ **ڏ** وانگر اچارجي ٿو، يعني اصل ۾ **ب** جي بہ دفعا اچارجڻ وانگر مثال **ٻَہ**- سنسڪرت **وَ** (bba = va ڏسو تعارف نمبر 15)، **ڏٻَلُ**- پراڪرت **دُبّل** ۽ سنسڪرت **دُربَل**. ٻين گهٽن اسمن ۾ **ب** جو ٻٽو ٿيڻ نٽو ڏسجي ۽ ٻولي ۾ **ب** ۽ **پ** جو استعمال ڪنهن حد تائين وچٽرو لڳي ٿو. مثال **بَابو** ۽ **ٻاَ ٻوَ**، اهي ٻئي اسم ترڪي لفظ **بابا** مان آيل آهن.

ان قسم جو انوناسڪ اچار **م** آهي، پر جڏهن بہ پنهنجي قسم (Varga) جي اکر اڳيان اچي ٿو تہ متبادل طور **ن** (انوسورا قاعدو) ڪتب اچي ٿو. مثال **اَنبُ**، **ڪُنبارُ**.

## نمبر - 3

# خالص عربي اکرن بابت ڪي ڳالهيون

سنڌيءَ ۽ هندستانيءَ ۾ اسلام جي زوراڻتي نمونی لاڳو ٿيڻ ڪري عربيءَ جي عنصر جي گهٽي ملاوٽ ٿي آهي، ۽ جيتوڻيڪ عام ماڻهو ان جي خالص عربي آوازن جي اچار تي ايترو ڌيان نٽا ڏين، پر لکت ۾ عربي رسم الخط (orthography) جي پيروي ڪندي تا ڏسجن.

(gutteral) يا ڪنني قسم ۾ اسان کي ع، ح، خ، ق، غ ملن ٿا، جن جي رومن هجي "معياري الف ب" جي ذريعي ڪئي آهي، حالانڪ سنڌيءَ ۾ انهن جو اچار مختلف نموني ڪيو وڃي ٿو. ع جيڪو عربيءَ ۾ وينجن طور استعمال ٿيندو آهي، پر سنڌيءَ ۾ اهو نظر انداز ڪيو ويندو آهي ۽ رڳو ان سان لاڳاپيل سُر اچاريو ويندو آهي. مثال **عَقُلُ** پر **اَڪَلُ** طور اچارجي ٿو. لفظ جي وچ ۾ ع يا تہ نظرانداز ٿئي ٿي (۽ رڳو سُر اچارجي ٿو). مثال **نِعمت** يا وري ( پاڻ سان گڏ ايندڙ سر سان ڊگهي پد وانگر **نئامت** اچارجي ٿي. مثال **نَعَلْبَنْدُ**

(پر اچارجڻ ۾ **نالبند**) ۽ ڪجهہ اڻ پڙهيل ان ڪي لکن بہ ائين ٿا، ڪن صورتن ۾ ع ۽ ساڻس گڏ ايندڙ سر بنهہ ئي خارج ٿيو وڃي. مثال **طَعَامُ**، پر اچارجي **طامُ** ٿو. لفظ جي پڇاڙي ۾ بہ ائين ئي ٿئي ٿو، جتي ع پنهنجي سر سان گڏ پد ڊگهو ڪندي عام ماڻهو ان کي نئيو ڪن ٿا. مثال **جَمَعَ** پر اچارجي **جما** ڪري ٿو ۽ گهٽو ڪري لکجي بہ ائين ئي ٿو. فقط اهي مذهبي ماڻهو جيڪي عربيءَ جي ڄاڻ جي دعويٰ ڪن ٿا، اهي عربيءَ وانگر نڙي مان ڪنني اچار ڪن ٿا. ان ڪري سنسڪرت ۾ ع ان سان گڏ ايندڙ سُر جو اچار ڪري ٿي ۽ ڪنهن خاص اڙيءَ يا نقطي سان ظاهر نٿي ڪئي وڃي. عربي جي گهري **ح** سان بہ اها ئي صورت آهي ۽ سادي **ه** وانگر اچارجي ٿي. مثال **حالُ**. عربي ۽ فارسي واري **خ** بہ عام طرح (خاص ڪري هندو **خ** نہ اچاري سگهندا آهن). سادي آواز **ڪ** طور اچارجي ٿي. مثال **شِيخ- سِيک** ڪري اچارجي ٿي (فارسي- سِيخ)

عربيءَ ۽ فارسي **غ** سنڌي ۾ سادي **گ** وانگر اچارجي ٿي ۽ اڪثر ڪري تہ لکجي بہ **گ** جي متبادل طور ٿي. مثال **بَاغُ**- اچارڻ ۾ **باگُ**، **غَمُ**- اچار ۾ **گمُ** وغيره. عربيءَ جو نهايت ئي ڪاڪڙي وارو يا ڪنني **ق** سنڌي ۾ **ڪ** سان اچارجي ٿو. مثال **قومَ**، **قَوّلُ**- **هندو** عام طرح انهن اکرن کي نظر انداز ڪندي سندن ويجهو آواز سنسڪرت مان ڪري متبادل طور استعمال ڪندا آهن.

عربيءَ جا مخصوص مخرجي اکر سنڌيءَ ۾ لاڳاپيل ڏندوان آوازن سان ظاهر نٿا ڪيا وڃن. **ط** جو آواز **ت**، **ص** جو **س**، **ظ** ۽ **ض** جو **ز** وانگر آواز ڪيجي ٿو. ان جي برعڪس هندو ۽ اڻ پڙهيل مسلمان **ض** ۽ **ظ** کي **ج** ڪري اچاريندا آهن. اهي عربي اکر جيڪي ڏندوان واري قطار ۾ ڏنل آهن يعني **ث**، **ذ** ۽ **ز** (**ذ** ۽ **ز** فارسيءَ ۾ بہ موجود آهن). انهن جو اچار سنڌ (۽ هند) ۾ **ث** کي **س** ۽ **ذ** ۽ **ز** کي **ز** سان اچارجي ٿو. هت بہ هندو ۽ ڪجهہ مسلمان **ذ** ۽ **ز** کي **ج** سان پڙهن ۽ لکن بہ ٿا.

عربي ۽ فارسيءَ جي **ف** کي مسلمان تہ **ف** ئي اچارين ٿا پر هندو عام طرح **ڦ** سان اچارين ۽ لکن ٿا.

**نمبر - 4**

## II. The Sindhi vowel system

## سنڌي حرف علت جو سرشتو

هتي سنڌي سرن جو سرشتو جدول جي صورت ۾ ڏجي ٿو:

**1) Simple vowels**

**سادا سر**

| | | |
|---|---|---|
| آ، ا | اِي اِ | اُو اُ |
| a, ā | i (e) ī | u ū |
| | اوَ اِي | |
| | ē ō | |

### 2) Diphthongs

### ٻٽا سُر

| اَيَ | اَوَ |
|---|---|
| ai | au |

### 3) Nasalized Vowels

### انوسوار سُر

| اَنَ | آنَ | اِنَ | اِينَ | اُنَ | اُونَ |
|---|---|---|---|---|---|
| ã | ã̄ | ĩ | ī̃ | ũ | ū̃ |
| | | اِينَ | اوَنَ | | |
| | | ẽ | õ | | |
| | | اَيَنَ | اَوَنَ | | |
| | | aĩ | aũ | | |

## [1] Simple vowels

## سادا سُر

سنڌي اهي سيئي سر ڪتب آڻي ٿي، جيڪي پراڪرت ۽ سنسڪرت ۾ به موجود آهن، پر سنڌيءَ ۾ اِ جڏهن به ھ جي اڳيان يا پنيان هوندي يا لفظ جي آخر ۾ هوندي ته ان جو اچار ننڍو ٿئي ٿو (ڏسو تعارف نمبر 2 b). پراڪرت وانگر اِ ۽ اُو سادا سر آهن (۽ گهٽا نه) (ڏسو تعارف نمبر 2 d) ۽ تنهنڪري هميشه ڊگها اچارجن ٿا. (پراڪرت وانگر اهي Ancep نه ٿيندا آهن).

جيئن ته عربيءَ ۾ آواز اِي ۽ اوَ موجود نه آهن، تنهنڪري سنڌيءَ ۽ هندوستانيءَ ۾ هڪ وڏي مشڪل صورتحال پيدا ٿئي ٿي ته اِي ۽ اِي يا اُو ۽ اوَ ۾ فرق ڪيئن ڪجي. ان ڪري هندوستاني وياڪرڻ جي ماهرن هڪ اصطلاح ايجاد ڪيو آهي، جيڪو آهي يائي مجهول يا اِي جي لاءِ اٽڃاتل ي ۽ اوَ جي لاءِ واو مَجهُول. پر ساڳي هنڌ اِي ۽ اوَ جي سڃاڻپ جي لاءِ ڪا خاص اڙي يا نشاني نه رکي وئي ۽ اهو پڙهندڙن تي ڇڏي ڏنو ويو ۽ جيئن ته ڪنهن سيڪڙات ۽ خاص ڪري ڪنهن يورپي لاءِ اِي ۽ اِي يا اُو ۽ اوَ جو فرق سمجهڻ ضروري هوندي به ڪجهه ڏکيو آهي، ان ڪري اسان اِي ۽ اِي جي فرق ڏيکارڻ لاءِ هڪ سڌي ليڪ هيٺان ڏيڻ جو سهارو ورتو آهي. مثال ڪي ۽ ڪِي- ساڳي ريت اُو ۽ اوَ جي فرق لاءِ و مٿان (ٖ) جو نشان لڳايو ويو آهي. مثال توَن ۽ ٿُون. مقامي ماڻهن جي پڙهڻ لاءِ لکجندڙ مواد ۾ انهن نشانين جي شايد ايتري ضرورت نه هجي، پر اهي لکڻيون جيڪي يورپي پڙهندڙن لاءِ لکجن انهن ۾ انهن نشانين سان بلاشڪ تمام گهڻي آساني ٿيندي.

عربي لکڻيءَ ۾ سادا سر اَ، اُ ۽ اِ جو اظهار وينجن جي وچ ۾ ڪرڻ جي بجاءِ وينجن جي هيٺان يا



[1] ڪجهه عربي اسمن ۾ پڇاڙي جي ي بنان نقطن جي ڪتب ايندي آهي جنهن ۾ الف جي طاقت هوندي آهي. مثال عِيسىٰ، ذڪرىٰ ۽ پراڻي لکڻي موجب صَلَواه ۽ تورَاه (Thorah) جيڪي هندستان ۾ غلط طريقي سان توريت سڏجي ٿي.

مٿان ڪي نشان ڏجن ٿا ۽ ان مان ئي ان جو درست اچار نڪري ٿو. جيڪڏهن وينجن وسرڳ هجي ته اهو نشان **ه** جي مٿان ڏبو آهي. **اَ** جي لاءِ نشان (َ) آهي ۽ **فَتَح** سڏبو آهي. (فارسي ۾ **زَبَر**)؛ **اِ** جي لاءِ نشان (ِ) آهي ۽ **ڪَسَرَهَ** سڏبو آهي. (فارسي ۾ **زِير** ۽ هندوستان ۾ **زِير**)؛ **اُ** لاءِ نشان (ُ) آهي ۽ **ضمَّه** سڏبو آهي (فارسي ۾ پيش ۽ هندوستاني ۾ **پيشُ**) مثال **فَنَ، فِنِ، فُنُ**، پر جيڪڏهن ڪو اسم ڇوٽي سر سان شروع ٿئي ته اتي منڍ ۾ الف لڳائڻو پوندو، جيئن اهي سر وينجن جي لاءِ معاون نشانيون آهن. مثال **اَنَ، اِنِ، اُنُ**، عربيءَ ۾ اهڙين صورتن ۾ الف سان همزو لڳائبو آهي. مثال **أنُ، إنِ، أنَ**. پر هندوستانيءَ ۾ ان کي ترڪ ڪيو ويو آهي ۽ سنڌي لاءِ به اسان ائين ئي ڪنداسين.

ٽي ڊگها سر يعني آ، **اِي، اُو** وينجن جي حصي طور ا، **ي** ۽ و سان ظاهر ڪيا ويندا آهن ۽ پوءِ انهن مٿان سر جي نشاني ڏني ويندي آهي؛ ان صورت ۾ ا، **ي** ۽ و ساڪن سڏبا آهن. ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجي لاڳاپيل سر جي ڪري پنهنجي جاءِ تي رهن ٿا. مثال **هارِي**، مارُو، **مُوڙِي، ڇيڪاٿُ- اِي** ۽ **اوَ** ڪان لکڻ ۾ مختلف نه آهن. مثال **ڇيروَ**)

جڏهن به ڊگهو سر **آ** لفظ جي منڍ ۾ اچي ته الف سان ظاهر ڪندي ان مٿان (~) جي نشاني ڏبي آهي. ان ~ کي **مَدَّه** سڏبو آهي، جنهن جو مطلب آهي ڊگهو ڪرڻ ۽ حقيقت ۾ آڏو ڏنل الف ئي آهي. ڊگهو سر **اِ** يا **اُ** جڏهن منڍ ۾ هوندا ته الف سان گڏ هوندا ڇاڪاڻ ته پاڻ اهي ٻئي سر خاموش آهن. مثال **اِهو، اُهو، اهائي** صورت **اِي** ۽ **اوَ** سان به لاڳو آهي. مثال **اِيڏو، اوَڏوَ**.

**ي** ۽ و جڏهن به ساڪن هجن ته انهن مٿان جزم (ْ) جي نشاني ڏيڻ ضروري آهي ته جيئن ظاهر ٿئي ته اهي اکر پنهجي سر جي ڪري هٽيا ڪونه آهن. مثال **اُهوَ، اِهوَ، پيَرُ**. پر عام طرح هندوستانيءَ ۾ ان ڳالهه کي نظر انداز ڪيو ٿو وڃي. پر جيڪڏهن **ي** ۽ و کي هيٺان يا مٿان ڪنهن سر جي نشاني هوندي ته اهي ساڪن هئڻ بدران رواجي وينجن بڻجي وڃن ٿا. مثال **يَارُ، نِيانُڻُ، وَڻُ، نِوائِي، وَاوَ** (واءُ منجهان).

## 2) The Diphthongs ai & au

## ٻٽا سُراَي ۽ اَو

ٻٽا سر **اَيَ** ۽ **اَوَ** عربيءَ ۾ منڍ ۾ ڏنل **زَبَر** (فَتَح) ۽ پويان ڏنل **ي** ۽ و سان ظاهر ٿين ٿا، جن مٿان جزم ڏيڻ ضروري آهي ته جيئن غلطيءَ جي گنجائش نه رهي. مثال **اَيَٿُ، بَيَرَاڳِي، اَوَنو، ڇوَڏاري**. سنڌيءَ ۾ قاعدي موجب اسم جي پڇاڙي ۾ ڪو ٻٽو سر نٿو لڳائي سگهجي.

## 3) The Nasalized Vowels

## انوسوار (گهُٽا) سُر

اسان ڏسي آيا آهيون ته سنڌيءَ ۾ ڪنهن به قسم (varga) جي اکر کان اڳ سادي ڏندوان جو بي دريغ استعمال ڪيو ٿو وڃي ۽ اها سنسڪرت ۾ ڏندوان ن (ساڪن) جي بدران نشاني ن طور ظاهر ٿئي ٿي، جنهن کي انوسوار سڏبو آهي. مثال ڪَنگالُ कंगालु (kańgalu، پر هجڻ kańgalu گهرجي) يا گَنجوَ गंजो، ننڍوَ नंढो، رنُدُ रंदु، ٻانَڀَ बांभ.

انهن مڪمل انوناسڪ آوازن ڪانسواءِ سنڌي ۾ انوسوار جو استعمال به موجود آهي، جنهن ريت

لاڳاپيل **سُرَ** کي انوسوار آواز ملي ٿو، چاهي اهو مڪمل **ن** جو هجي يا غني **ن** جو هجي، انهن جو اظهار سنسڪرت ۾ انوسوار نشانيءَ ذريعي ٿئي ٿو ۽ هندوستاني ۾ ڏندوان **ن** سان، تنهنڪري مونجهاري کان بچڻ لاءِ هيٺ ڏنل ڪن تجويزن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي.

(الف) ڪنهن ٻئي وينجن کان اڳ ايندڙ انوسوار **ن** جو اچار مڪمل انوناسڪ ڪرڻ گهرجي، جڏهن پد جو سر ٻه ننڍو هجي. مثال **پَنڌُ** पंधु، پر جڏهن انوسوارن ننڍي پد ۾ **ھ** کان اڳ اچي ته ان جو اچار ٻه ائين ئي رهندو، يعني سر کي معمولي انوسوار آواز سان اچارجي. مثال **جَنْهِ** जंहि، **مُنْهُ** मुंहु- ڪجھ لفظن ۾ جتي مڪمل **ن، ھ** کان اڳ ايندو هجي، اهو سنسڪرت لکت ۾ انوسوار بدران **ن** - **न** ڪري لکبو. مثال **چِنْهَ**، चन्ह، سنڌي **ٿَنهڻُ** थन्हणु (معنيٰ دٻائڻ).

هندوستاني ٻوليءَ ۾ اهو فرق نٿو رکي سگهجي ڇو ته ان ۾ فقط هڪ مڪمل **ن** موجود آهي، جيڪو يا ته مڪمل انوناسڪ اچار جي يا انوسوار طور اچارجي. تنهنڪري پڙهندڙن جي لاءِ ضروري ٿيو پوي ته هو ڪي اهڙا لفظ ياد ڪري ڇڏين. هتي اڳ ڏنل ڳالهه ورجائڻ ضروري آهي ته عربي اکرن کي هندوستان جي پراڪرت لهجي ۾ ڪتب آڻڻ سان مونجهارا پيدا ٿين ٿا.

(ب) ڊگهي پد ۾ وينجن کان اڳ ايندڙ انوسوار کي مڪمل انوناسڪ اچار گهرجي. مثال बांठि **بانٺِ**، **پِينگهَ**، **ڪُونڌُ**، **وِيندوَ**، **لُونبَڙ**، پر جتي ٻه انوسوار سان آيل ڊگهي سر جي پٺيان **ھ**، **س** يا **و** موجود هجن ته ان جي اچار ۾ انوسوار رنگ ڏيڻ گهرجي. مثال **ٽانهر**، **مانسُ**، **ٽانوَرُ**، **مِينهَ**، **مينهُ** وغيره. ڊگهي پد ۾ جڏهن مڪمل **ن ھ** کان اڳ اچي ته ان کي **ن** سان ظاهر ڪرڻ گهرجي. (هندوستاني ۾ ان کان وڌيڪ فرق ممڪن ناهي)، مثال **ٻانهِي** बा॒न्ही ۽ وري **ٻانْ**هَه बां॒ह.

(پ) پڇاڙي وارو سر چاهي ننڍو يا ڊگهو هجي، لفظ جي آخر ۾ انوسوار اچار هميشه قائم رهي ٿو. مثال **پرِين** प्री، **ڀُونُ** भूं، **مُنهُن** मुंहि (ضمير متڪلم واحد)؛ ۽ مرڪب لفظن ۾ ٻه، مثال **ڀُونُ ڀُونُ** भूंभूं. اهو قاعدو ان حقيقت جي ڪري آهي ته سنڌي ۾ هر لفظ ڪنهن سر تي ختم ٿيندو آهي، (جيڪو انوسوار ٻه ٿي سگهي ٿو).

(ت) انوسوار جڏهن ٻه ٻن سرن جي وچ ۾ هجي (پهرين سر ننڍو يا ڊگهو هجي) ته ان ۾ انوسوار اچار قائم رهندو آهي. مثال **اَنِئن** (۽)، **مَانِئِڻُ**، **آنئُن**، **ڪِئانئُون** (ڪيائون) (پيٽ لاءِ ڏسو تعارف نمبر 6).

انوسوار جي حوالي سان اهو ئي قاعدو ٻن سرن تي ٻه لاڳو ٿئي ٿو (ڏسو تعارف نمبر 2-1). مثال **رَوَنشوَ**، **مَيَنٽَ**.

رومن هِجي ۾ هن سڄي گرامر ۾ انوسوار جي ٻن آوازن کي اهڙي طريقي سان ڏنو ته جيئن مڪمل **ن** جي اچار لاءِ **ن** ڏجي ۽ انوسوار اچار لاءِ نشاني (~) ان جي مٿان هڻنداسين. مثال **اَنٽُ** (antu) ۽ **آنئون** (āũ).

اسان اڳيئي ذڪر ڪري آيا آهيون ته هندوستانيءَ ۾ انوسوار جي اصل آواز ۾ ڪافي مسئلا آهن، ڇاڪاڻ جو ان ۾ صرف هڪ **ن** آهي (۽ اهو ٻه ڏندوان **ن**). هندوستانيءَ سان گڏوگڏ سنڌيءَ ۾ جتي انواسوار

اچار تمام گهڻو موجود آهي، ان ۾ ٻه اهي ئي ڏکيائيون موجود آهن. جيسنائين هندوستاني اکرن جو سوال آهي ته اسان هڪ پيرو وري پڙهندڙن جو ڌيان هيٺ ڏنل ڪن نڪتن ڏانهن ڇڪرائينداسين.

پڇاڙيءَ ۾ ايندڙ **ن** جو اچار سدائين انوسوار هوندو اهي ۽ ان ڪري پڙهندڙ لاءِ ان ۾ ڪابه پريشاني نه ٿيندي. مثال **ماٺهون**، **ڙاڙون**، **اِٽان**، **تِٽان**.

ٻن ننڍين يا ڊگهن سرن کي الڳ ڪندڙ انوسوار کي **ن** سان ظاهر ڪبو ۽ ان کي پنهنجي لفظ جي بيهڪ مان سڃاڻي سگهجي ٿو ۽ ان ڪري مونجهاري کان بچڻ لاءِ اسان ٻئي سر کي همزي جي نشاني ڏينداسين ته جيئن اهو ڇٽو ٿي وڃي ته اڳ ۽ پوءِ وارن سرن کي گڏي ناهي پڙهڻو ۽ **ن** تي پد اچي ختم ٿئي ٿو. مثال **اِئين**، **تِئين**، **گِئون**. جڏهن ٻيو سر ڊگهو هجي ته **ي** همزي سان گڏ اڳ لڳائبي ته جيئن سر لاءِ بنياد موجود رهي. مثال **سائِين**، **هنِئوَ**، **ڇٽائئُونْ**.

انهيءَ جهڙين ٻين صورتن ۾ هندوستانيءَ ۾ ڪوبه اهڙو طريقو ڪونهي، جنهن ۾ مڪمل انوناسڪ ۽ انوسوار ۾ فرق خبر پوي ۽ اهو تجربي سان ئي حاصل ٿئي ٿو. مثال "**ٻانهِي** ۽ **ٻَانهَ**- پراڻي سنڌي لپي ۽ جيڪا اڄڪلهه مروج آهي، انهن ۾ ٻه انهن باريڪين بابت ڪا وضاحت نٿي ملي.

## **نمبر** - 5

## On the other Orthographic Signs

## لکت جي ٻين نشانين بابت

1) (~) - مَدّه جي نشاني منڍ ۾ ايندڙ الف مٿان ڏني ويندي آهي ته جيئن اهو ڊگهو ٿي وڃي. مثال **آٿر**- لفظ جي وچ ۽ پڇاڙي ۾ مده الف مٿان نه ڏبي آهي. جيڪڏهن اڳيون وينجن زبر سان هوندو ته الف کي ساڪن سڏبو، مثال **رَاجَا** (rā-jā)، **مَالَا** (mā-lā)، پر جيڪڏهن اڳئين وينجن مٿان جزم هجي (۽ اهو سر جي ڪري پنهنجي جاءِ نه ڇڏي ته الف مٿان مده ڏيڻ ضروري آهي، جڻ ته پد جي شروعات ۾ هجي. مثال **قُرآنُ**.

2) نشاني جزم (ْ) جڏهن ٻه وينجن مٿان هجي ته ان جي معنيٰ ته ان وينجن سر جي ڪري جڳهه نه ڇڏي آهي. مثال **وِيلْهوَ**، **مَرْدُ**، **سَرگُ**، پراڻين سنڌي لکڻين ۾ جزم ورلي ڪو ملي ٿي، چاڪاڻ ته تڏهن ڪنهن ساڪن اکر کي **ڪسره** (زير) ڏني ويندي هئي، جنهن جو اچار ٻڌڻ ۾ نه ايندو هو. مثال **مَرْدُ** بجاءِ **مَرِدُ** **جي** ۽ ان مان جزم جو ڪم ورتو ويندو هو. اسان اهو سرشتو قبول نه ٿا ڪري سگهون، ڇو ته ان مان مونجهارا ۽ غلطيون پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي.

3) تَشْدِيد (ّ) جي نشاني وينجن مٿان هجڻ جو مطلب ته اهو اکر ٻٽو اچاريو وڃي. پراڻي سنڌيءَ ۾ تشديد جو استعمال ورلي ڪو ملندو ڇو ته ان زماني ۾ اصلي ٻٽي اکر کي ٻه سادي بنياد سان اچاربو هو. مثلاً **ڪَرُ** - بجاءِ **ڪَرُّ** جي. هن وقت ان جو استعمال فقط اهڙين صورتن ۾ ڪجي ٿو، جتي وينجن جي ٻٽي

ٽيڻ سان ٻن هڪجهڙن لکجندڙ لفظن ۾ سڃاڻپ ٿي سگهي. مثلاً **أنَ** ۽ **أنّ**.

4) همزي (ٔ) جي نشاني لفظ جي وچ يا آخر ۾ الف جي خيالي بنياد (vicarious base) طور استعمال ٿيندي؛ جڏهن ٻه ننڍا يا ڊگها سر لفظ ۾ ميل ڪائين تہ پوءِ ايندڙ سر کي **ي** جو سهارو ڏيڻ ضروري آهي ۽ گڏ همزو بہ ڏيڻ گهرجي. مثال **پيءُ، ڄيءُ، هِينئر، جنئِہ، قائِمُ، پائِرَ، جيءُ، ڪُئُو، گهاءُ، اَئِي**.

ڪو بہ پڇاڙيءَ جو سر جنهن کان اڳ آ، **أو** ۽ **اَوَ** هجن انهن کي همزو ڏئي سگهارو ڪبو آهي. مثلاً **ياءُ، پوءِ، هُوءِ**. پر جڏهن بہ لفظ ۾ و سخت هجي تہ ان مٿان همزو لاڳاپيل سر سان ان جي مٿان لڳائبو آهي. مثال **ٺانوُ**- تشڪيلي صورت **ٺانوَ؛ ڳنوُن، مَاڙهُنوَ**، نڪتل ماڙهُون مان.

ڪجهہ اسمن جا تشڪيلي واحد جيڪي **اِي** سان ختم ٿين ٿا، انهن ۾ آسانيءَ لاءِ همزو ترڪ ڪيو ٿو وڃي. مثال **هندي**- تشڪيلي **هَنّدِيَ** (**هَنّدِيءَ** بدران)؛ پر ڪجهہ اسمن مثلاً **سانئين** ۾ همزي کي غلطين کان بچاءَ طور برقرار رکڻ ضروري آهي.

نوٽ: وَصَل جي نشاني (ٱ) فقط عربي اصطلاحن ۾ هوندي آهي، جيڪو اهڙن لفظن کي ملائيندو آهي، جن ۾ پويان ايندڙ لفظ الف سان شروع ٿيندو هجي ۽ اهڙي صورت ۾ ساڻس گڏ ايندڙ سر حذف ڪيو ويندو آهي ۽ اڳئين لفظ جي آخري سر کي پويان ايندڙ سان گڏيندو آهي. مثال **عَبّدُ ٱلمَلِڪِ** (**عَبّدُ ٱلمَلِڪِ** بدران)، ساڳي ريت **قَالَ ٱسّمَعَ** بدران **قَالَ ٱسّمَعَ؛ بِسّمِ الله**.

تنوين (يعني **اً** (ـً)، **اٍ** (ـٍ)، **اٌ** (ـٌ) جيڪي عربيءَ ۾ **أنٌ، أنً** ۽ **إنٍ** اچارجن ٿا) سنڌي ۾ استعمال کان گريز ڪرڻ جو مشورو ڏيندا سين ڇاڪاڻ تہ تنوين عربي وياڪرڻ جي ماهرن جي هڪ عجيب تخليق آهي ۽ سنڌيءَ جي چوٿي انوسوار آواز جي (توڙي ڊگهي لاءِ) اظهار لاءِ موزون نہ آهي.

# حصو پهريون

## THE FORMATION OF THEMES IN SINDHI

## سنڌيءَ ۾ بناوتن جي جوڙجڪ

# باب پهريون

**نمبر - 6**

## The termination of Sindhi nouns

## سنڌي اسمن جون پڇاڙيون

بناوتن جي جوڙجڪ ۾ سنڌي جيڪو رشتو هڪ پاسي سنسڪرت- پراڪرت سان ۽ ٻئي پاسي ٻين جديد ڀينر ٻولين سان رکيو اچي ٿي اهو نهايت ئي واضح آهي.

سنڌيءَ جي هڪ خاصيت ۽ فائديمند ڳالهه اها آهي ۽ پڻ جيڪا هن کي ٻين لاڳاپيل ٻولين کان مخصوص حيثيت ڏياري ٿي، اها هيءَ ته ان ۾ هر اسم، اساسي لفظ، صفت، ضمير، ڪردنت ۽ مصدر ڪنهن وينجن تي ختم ٿيندا آهن. ان آوازي پڇاڙيءَ جي ذريعي سنڌي پاڻ ۾ هڪ خاص لچڪ ۽ حرڪت برقرار رکي ٿي، جيڪا ٻين جديد ديسي ٻولين (vernaculars) ۾ اڻ لڀ آهن.

جيئن اڳ ٻه ڏنو ويو آهي ته ٻنن سرن جي حوالي سان (ڏسو تعارف نمبر 1) اها ڳالهه خاص اهميت رکي ٿي ته ڪو ٻه سنڌي اسم ٻنهي سر تي ختم نٿو ٿي سگهي. ان سبب سنڌي اسم اَ، اِ، اُ، آ، **اِي، اُو، اَوَ** تي ئي ختم ٿيندا آهن. ڪو ٻه اسم **اِي** تي ختم نٿو ٿئي ۽ جيڪي ائين ٿيندي ڏسجن ٻه ٿا ته اهي فاعلي نه پر گرداني صورت ۾ هوندا آهن. آخري سر انوسوار ٻه ٿي سگهي ٿو. مثال **ماڙهون** (ماڻهو)، **چوٽون**، **پرين** ۽ اهو خاص ڪري تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن لفظ ڪنهن ڊگهي سر تي ختم ٿو ٿئي ۽ اهو انوسوار آواز هئڻ باوجود

قاعدي کان ٻاهر نٿو ٿئي.

سنڌي پنهنجي بناوتن جي جوڙجڪ ۾ پراڪرت جي طريقي جي پيروي ڪئي آهي، پر ان سان گڏوگڏ ڪجهه نيون بناوتون بہ پيدا ڪيون اٿس، جيڪي پراڪرت جي اثر کان بلڪل آزاد آهن. جديد ٻولين جا جي لاها چاڙها ۽ ان جون پڇاڙيون پراڪرت جتي هڪ پاسي ٿي رکي، اهي سنڌيءَ ۾ سڀ هڪ ئي گروپ ۾ رکيل ڏسجن ٿيون.

سنڌيءَ مان ٻي جنس هاڻ غائب ٿي ويو آهي، جيڪو سنڌيءَ جي ويجهي مائٽ يعني پراڪرت جي اپڀرنش لهجي مان بہ اڳئي خارج ٿي چڪو هو. ائين ٿو لڳي تہ اهو پراڻين ٻولين جي اثر کان آزاد ٿيڻ ۽ اڄ جي جديد ٻوليءَ ۾ هڪجهڙائي حاصل ڪرڻ لاءِ پهرئين قدم طور ڪيو ويو آهي.

جيئن تہ سنڌيءَ ۾ هر اسم کي هڪ خاص آوازي پڇاڙي لڳندي آهي، تنهنڪري جنس بابت ڄاڻ ۾ ڏکيائي ايتري نٿي رهي، جيتري ٻين لهجن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهي پڇاڙيون جيڪي پراڪرت ۾ مقرر ٿيل هيون، اهي سنڌيءَ ۾ بہ برقرار رکيل آهن. سواءِ ٻي جنس (Neuter) جي جن کي گهڻي ڀاڱي مذڪر پڇاڙين سان ظاهر ڪجي ٿو.

## I- پڇاڙي اُ

### i) اُ جون مذڪر بناوتون:

سنڌيءَ ۾ گهڻي ڀاڱي سيئي اسم اُ پڇاڙيءَ تي ختم ٿيندا آهن ۽ سواءِ ڪجهه جي، اهي سيئي مذڪر هوندا آهن. اها آخري اُ پراڪرت او سان لاڳاپيل آهي، جيڪا پڻ پراڪرت جي ماهرن جي بقول اپڀرنش لهجي ۾ اُ ۾ ننڍي ٿيل آهي[1]. سنڌي ۾ ان قسم جا هيٺ ڏنل لفظ شامل آهن.

(الف) اهڙا اسم جيڪي پراڪرت ۾ اوُ تي ختم ٿيندا هجن (يا سنسڪرت ۾ اَ سان) مثال نَرُ، پراڪرت نرو، سنسڪرت نَرَ؛ گهَرُ- پراڪرت گهرو، سنسڪرت گرهہ؛ ڪَمُ- پراڪرت ڪمو، سنسڪرت ڪَرمنَ. ان قسم ۾ ڪافي صفتون بہ شامل آهن. (جيتوڻيڪ انهن ۾ گهٽن پڇاڙي او برقرار رکي آهي) مثلاً تلُ، اجَرُ، اڇيٺُ؛ جيڪي صفتون عربي يا فارسي مان آيل آهن، انهن مان بہ گهڻين اها پڇاڙي ڪٽب آندي آهي. مثال تَمَامُ، غَرِيبُ.

(ب) ڪجهہ اسم جيڪي اصلوڪي اُ تي ختم ٿيندا آهن. مثال واءُ- سنسڪرت وايُو؛ مَدُ- سنسڪرت مَڌُ.

(پ) اهڙا اسمَ جيڪي سنسڪرت ۾ تا (يا ان جي ڪچي صورت تر) تي ختم ٿيندا هجن، پراڪرت ۾ آ (ٽ جي ڇانٽيءَ سان) يا جيڪي پراڪرت جي پڇاڙي آرو يا ڻ ۾ شامل ڪندا هجن. مثال پيءُ- سنسڪرت پِتا، پراڪرت پِئُ؛ ياءُ- سنسڪرت پراتا، پراڪرت ڀاڏُ (سنڌي ۾ د جي ڇانٽي سان)؛ پِٽَارُ- پراڪرت پِٽارو، سنسڪرت پرٽا.

### ii) اُ جون مونث بناوتون:

مذڪر جي ڀيٽ ۾ اهڙا لفظ بنهہ گهٽ آهن. ان قسم ۾ اهڙا اسمَ آهن، جيڪي سنسڪرت ۾ اُ تي

ختم ٿين ٿا ۽ مونث آهن. مثال **وَٽُ**- سنسڪرت **وَستو**، **ڏيڻُ** (ڪير ڏيندڙ ڏِڱي)- سنسڪرت **ڏين**، يا اهڙا **لفظ** جن ۾ **اُو** ڪي ننڍو ڪري **اُ** ڪيو ويو آهي. مثال **سَسُ**- سنسڪرت **ششرو**؛ **وِڄُ**- پراڪرت **وِجج** (يا وِڄّ)، سنسڪرت **وڌت** विधत्.

ڪجهه لفظن ۾ اصلوڪي آ ڪي ننڍو ڪري **اُ** ڪيو ويو آهي ۽ سنڌيءَ ۾ ائين ئي ڪيو ٿو وڃي، اهڙي برابري جي صورت اسان نمبر 1 ۾ ڏسي آيا آهيون ۽ اتي جنس جو خيال نٿو رکيو وڃي. مثال **ماءُ**- پراڪرت **مَائا**، سنسڪرت **مَاتَا**، **ڌيءُ**- پراڪرت **ڌيدا** ۽ **ڌِيئا**، سنسڪرت **دِهُتا** (ڏسو Varar IV ,33)؛ ليسن (Lassan)

---

[1] مرانيءَ ۾ آخري اَ (سنڌي ۾ اُ) گهڻي ڀاڱي خاموش ٿيل آهي. بنگاليءَ ۾ بہ ائين ئي ٿئي ٿو سواءِ ڪن صورتن ۾ جتي آخري اُ ڪان پهرين ٻٽو وينجن ايندو هجي، جنهن صورت ۾ اهو ظاهري بڌجي ٿو. پنجابي، هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ آخري اُ ترڪ ڪئي وئي آهي. پنجابيءَ ۾ ڪجهه اسمن، مثال ڀيڻُ، ماءُ وغيره اهڙيون مخصوص صورتون آهن.

صفحو 172 نوٽ)؛ **نُنهُ** (سنسڪرت **سُنُشا**) ۽ نياري صورت **پيڻُ**- پراڪرت **ڀِڻي** (هندوستاني **بَهنَ**). ڪافي اهڙا اسم جيڪي مونث آهن ۽ **اُ** پڇاڙي تي ختم ٿين ٿا، انهن جو ڳاڻيٽو اسان اسمن جي جنس جي حوالي وقت ڪنداسون؛ ۽ انهن مان گهڻن جي اصل جي خبر ناهي.

## II- پڇاڙِي اوَ:

**اُ** تي ختم ٿيڻ وارن اسمن ڪانسواءِ اهڙا گهڻائي اسم جيڪي **اوَ** تي ختم ٿين ٿا ۽ اهي بنان ڪنهن استثنا جي سيئي مذڪر آهن. پراڻي پراڪرت پڇاڙي **اوَ** سنڌيءَ ۾ ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي، هڪڙا اهڙا جتي ان ڪي ننڍو ڪري **اُ** ڪري اچارجي ٿو ۽ ٻين ۾ ان ڪي جيئن جو تيئن قائم رکيو وڃي ٿو.

انهن ٻنهي پڇاڙين لاءِ ڪو سخت قاعدو نظر نٿو اچي ۽ اهو استعمال تي وڃي ٿو منحصر ڪري تہ ڪهڙي جاءِ تي ڪهڙي پڇاڙي لڳندي. گهڻين صورتن ۾ انهن جو استعمال غلط نموني ڪيو ويو آهي. هتي ان ڳالهہ جو ڌيان رکڻ ضروري آهي تہ سنڌيءَ ۾ جن اسمن جي پڇاڙي **اوَ** آهي، انهن اسمن ۾ هندي، هندوستاني ۽ گهڻي ڀاڱي مرانيءَ، بنگالي ۽ پنجابي ان جي لاڳاپيل پڇاڙي آ ڪي قائم ڪيو آهي (مذڪر لاءِ) ۽ ساڳي ريت اهڙا اسمَ جن ۾ (سنڌيءَ ۾) **اُ** ڪتب اچي ٿو. اهي انهن ٻولين ۾ **آ** جي اچاري پڇاڙيءَ ڪي ترڪ ڪن ٿا.

مثال: **ترو** - سنسڪرت **تَلنَ** (तल).

**گلو**- سنسڪرت ۾ **گلَ** (गल) آهي. جڏهن تہ ٻي جاءِ تي **گِلُ**- سنسڪرت **گلّ** (गल्ल) - **لُڙڪوَ** يا **لُڙڪ**:؛ **سِوَنارو**- سنسڪرت **سُوَرڻڪار** (सुवर्णकार) - **لُهَارُ**- سنسڪرت **لوهڪار** (लोहकार).

ڪن حالتن ۾ ٻوليءَ انهن ٻنهي پڇاڙين ڪي ڪتب آڻيندي مختلف معنائن وارا لفظ ساڳئي بنياد مان ٺاهڻ جي ترڪيب ڪئي آهي. مثال **چُوروَ** ۽ **چُورُ** (سنسڪرت **چُورڻ** منجهان) ۽ **مٿو**- (سر) ۽ **مٽ** (مٽي) (سنسڪرت **مستُ** (मस्त) منجهان)

هاڻ اسان ڪجھ قاعدا بيان ڪري سگھون ٿا. جن جي پيروي ڪندي سنڌي اصلوڪي پراڪرت پڇاڙي **اوَ** کي قائم رکي ٿي.

1) اهي صفتون جيڪي سڌو سنئون پراڪرت- سنسڪرت مان آيل آهن. انهن ۾ پڇاڙي **اوَ** کي عام طرح **اِ** ۾ تبديل ٿيندي ڏسجي ٿو. مثال **ڇَڱوَ** (سنسڪرت **ڇڱگ**)؛ **مِٺوَ** (سنسڪرت **مِشٽ** मिष्ट)؛ **ڪارو** ۽ **ڪار** (سوڊا) ٻئي سنسڪرت جي **ڪشار** क्षार مان نڪتا آهن. ڪجھ اسمَ اهڙا آهن جن ۾ ٻئي پڇاڙيون ڪتب اچن ٿيون. مثال **اَڏروَ** يا **اَڏرُ** (بي وس)؛ **نِڌروَ** يا **نِڌرُ** (ڏڪويل)، **اَيَروَ** يا **اَيَرُ** (غريب).

اهي صفتون جيڪي ٻين صورتن منجهان ضمني ڳنڍن ذريعي پيدا ٿيون آهن، اهي عام طرح **اوَ** پڇاڙي قائم رکن ٿيون. مثال **ڄَٽِڪوَ** (ڄَٽُ مان نڪتل)؛ **وَاٽِڪوَ** (واٽيوَ سان لاڳاپيل)؛ **رَسِيلوَ** (**رَسُ** منجهان) ۽ **ڪانڊِ** منجهان **ڳانڊِيروَ** (صابر) ۽ ان ڪان استثنا طور جيئن **وانُ** (پراڪرت **ونتو**، سنسڪرت وت) مثال **دَيَاوانُ**؛ **آلُ** جيئن **دَيَالُ** (**دَيَاوانُ** وانگر)؛ جوڙ **آرُ**، جنهن کي اسمي صورتون ناهڻ ۾ ڪتب آڻجي ٿو. مثال **ڏَنَارُ** جڏهن ته جوڙ **آروَ** کي صفتون ناهڻ ۾ ڪم اچي ٿو. مثال **سَگهاروَ** (**سَگهَہ** منجهان).

2) فعلي اسم، جيڪي فعل جي ڌاتوءَ منجهان سندن ڌاتو سر **اَ** کي ڊگهو ڪرڻ سان ٺهندا آهن، اهي به **اوَ** پڇاڙي ڪتب آڻين ٿا. مثال:

**گهٽَڻُ** منجهان **گهاٽوَ**

**چَڙهَڻُ** منجهان **چَاڙهوَ**

ساڳئي وقت پڇاڙي **اُ** به استعمال ٿئي ٿي ۽ خاص ڪري اهڙين بناوتن ۾ جن ۾ ڌاتو سر ڊگهو نٿو ڪيو وڃي. مثال **مَرڪَڻُ** منجهان **مَرڪُ** ۽ **جهَٽَڻُ** منجهان **جهَٽُ**.

3) اهڙا متعدي مجهول وارا اسم فاعل جيڪي فعلي ڌاتوءَ مان ڌاتو **اَ** سر کي ڊگهو ڪرڻ سان (جيڪڏهن اهو ننڍو هجي) ٺهندا آهن. اهي به **اوَ** پڇاڙي ڪتب آڻين ٿا.

مثال **وَڍَڻُ** مان **واڍو**"، **ٽُٻَڻُ** مان **ٽوٻوَ**، **چِيرَڻُ** مان **چِيروَ**.

4) ڪجھ ٻاهران آيل لفظن ۾ آخري **آ** يا **اه** کي به سنڌيءَ ۾ **اوَ** ۾ تبديل ڪيو وڃي ٿو.

مثال **بابوَ** (ترڪي لفظ) **بابا** مان نڪتل، ۽ فارسي **دَرَوَازَه** مان **دَرَوَازوَ**.

5) حال ۽ ماضيءَ جا سيئي ڪردنت **اوَ** تي ختم ٿيندا آهن.

مثال **هَلَندَوَ**، **هَلِيوَ**، **مارِيندَوَ**، **مارِيو**".

6) ائين تمام گهٽ ٿو ٿئي ته اصلوڪي پڇاڙي **آ** (مونث) **اوَ** ۾ بدلجي ۽ مذڪر ٿي وڃي، مثال **تارو**- سنسڪرت **تارا** (مونث)، هندي ۾ به **تارا** (مذڪر) (پشتو ۾ **ستورئي**: مذڪر) مرانيءَ ۾ اهو مذڪر ۽ مونث ٻنهي طرح استعمال ٿيندو آ هي.

نوٽ: جيڪڏهن ٻن معلوم لهجن جو جائزو ونجي ته معلوم ٿئي ٿو ته گجراتي ان حوالي سان سنڌيءَ جي ويجهي ٻولي آهي ڇاڪاڻ ته تقريباً اهي سيئي اسمَ جيڪي سنڌيءَ ۾ **اوَ** يا **اُ** تي ختم ٿين ٿا،

انهن ۾ **اوَ** کي قائم رکيو ٿو وڃي، جيئن تہ گجرابي بي جنس (Neuter) کي قائم رکيو آهي. تنهنڪري ان ۾ مذڪر بناوتن جي آخر ۾ بي جنس **اُون** رکي ٿي، جيڪي **اوَ** جي صورت ۾ هجن. مثال **ڪُترونَ** (عام طرح) پر مذڪر طور **ڪُترو** (معنيٰ **ڪُتو**). انهيءَ بي جنس پڇاڙيءَ کي سنڌيءَ ۾ اسان آوازي پڇاڙي **اُ** سان بلڪل ملندڙ سمجهون ٿا. سواءِ ان فرق جي تہ ان ۾ انوسوار کي بي جنس جي نشانيءَ طور لڳايو ويو آهي.

مراني، هندي ۽ پنجابيءَ ۾ سنڌي ۽ گجراتي ۾ استعمال ٿيندڙ **اوَ** جي پڇاڙي کي **آ** ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. پنجابي ۽ هندي (هندوستاني) ۾ بي جنس ترڪ ٿي ويو آهي. جڏهن تہ مراني ان کي برقرار رکندي مذڪر پڇاڙي **آ** مان هڪ باقاعده بي جنس پڇاڙي **اين** ٺاهي ٿي، جنهن جو ڏاتو هڪ بي مذڪر پڇاڙي آهي، جنهن جي آخر ۾ انوسوار لڳايو وڃي ٿو، جيئن گجراتيءَ ۾ ڪيو ويندو آهي. (پيٽ لاءِ ڏسو ليسن، انسٽيٽيوٽ لِنگئي پراڪرت صفحو 429، نمبر 14) مثال **ڪيلينَ، هندي ڪيلا** (مذڪر)، **ڪَرٽينَ** (جيڪو سنسڪرت وانگر حقيقت ۾ بي جنس فعلي اسم آهي)، سنڌي **ڪَرڻُ** هندي **ڪرنا**، گجراتي **ڪرٽمُ** (مراني ۾ بہ اهو ئي آهي). بنگاليءَ ۾ پڇاڙي **آ** (برابر سنڌي **اوَ** جي) فقط ڪجهہ اسمن ۾ ملي ٿي. مثال **گاڏا** (گڏهہ)، **گهوڙا** وغيره. (**پيتا، ڪرتا** وغيره جهڙا اسم ان زمري ۾ نٿا اچن. ڇاڪاڻ تہ اهي سنسڪرت فاعلي صورتون آهن.) بنگالي بوليءَ ۾ صفت جي مذڪر پڇاڙي نہ هوندي آهي.

## III- اُو پڇاڙي (مذڪر ۽ مونث)

**اُو** سان ختم ٿيڻ وارا اسم عام طرح سنسڪرت- پراڪرت پڇاڙي **اُ** جي برابر آهن. پراڪرت ۾ ان کي حالت فاعلي واحد ۾ ڊگهو ڪري **اُو** ڪيو ويندو آهي. اهڙا اسمَ جيڪي سنسڪرت ۾ **اُو** تي ختم ٿين ٿا، سنڌيءَ ۾ بہ انهن ۾ اها ئي پڇاڙي رکي ويندي آهي. ڪجهہ مُونث اسم جيڪي **اُو** تي ختم ٿيندا آهن، انهن ۾ **اُو** کي ننڍو ڪري **اُ** ڪجي ٿو ۽ ساڳئي وقت **اِ** يا **آ** مان ڪا مونث پڇاڙي لڳائي وڃي ٿي. مثال **سَائُو**- (پراڪرت **سَاءُ**، فاعلي واحد **سَائوَ**، سنسڪرت **ساڌُ**، هندي **سَاڌوُ** ۽ **سَاڌُ**)؛ **تارُون**- سنسڪرت **تالُ**، هندي **تَالُو**؛ **پُون** يا **پُونءِ**- سنسڪرت **پُو**؛ **جُون** يا **جُونءِ**- سنسڪرت **يڪ** (سنڌي ۾ آخري **ڪ** ڇانٽي ٿيو وڃي)؛ **آبِرُو** يا **آبِرُوءِ** (فارسي).

ان زمري ۾ **اُ، آوَ** ۽ **آڪوُ** سان ختم ٿيندڙ ڪيئي اسم عام ۽ صفتون اچن ٿيون، جيڪي سنسڪرت جوڙن **اُڪ** ۽ **آڪُ** جي برابر آهن. مثال **تارُو** (= **تارُوڪَ**)؛ **رَهَاڪُو** يا **رَهَائُو**؛ **ڪَمَائُو** (فائديمند)؛ (**ڪَمَّ** (فائدو) منجهان).

ڪجهہ اسم جيڪي **اُو** تي ختم ٿين ٿا، انهن ۾ هڪ پيچيده سسڻ جو عمل ڏٺو ويو آهي. مثال ماڙهون- پراڪرت **مَاڻسُو**، سنسڪرت **مَانُش** (پراڪرت جو **ڻ** تبديل ٿي **ڙ** ٿيو وڃي ۽ **ه** بدلجي **س** ٿيو وڃي ٿي). مثال **ڏاڙهُون**- سنسڪرت **داڙم**، هندوستاني **دَاڙِم**؛ **ڪَڇُون**- سنسڪرت **ڪڇپ** (p = b = v = ū)؛ **وِڇُون**- پراڪرت **وِڇِڇُوئو**، سنسڪرت **ورشِڪَ**.

## IV- پڇاڙي آ

**آ** سان ختم ٿيندڙ اسم سنسڪرت پراڪرت پڇاڙي **آ** سان برابري رکندا آهن ۽ سيئي مونث هوندا آهن.

مثال **چِنتَا**- سنسڪرت **چِنتا**؛ **هَچَا**- سنسڪرت **هَتِيا**؛ **جَاترَا**- سنسڪرت **يَاترا**؛ **ڪِمَا**- پراڪرت **ڪمَا**، سنسڪرت **ڪشمَا**.

ڪجهه مذڪر اسم اهڙا آهن جيڪي هاڻ **آ** تي ختم ٿين ٿا، انهن کي اڳ ڄاڻايل مونث اسمن کان الڳ سمجهڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته انهن جو ڌاتو بلڪل مختلف آهي. اهي اسم دراصل اهڙن سنسڪرت بناوتن مان آيل آهن، جيڪي پڇاڙي **اَر** ۽ **رِ** (ṛ) تي ختم ٿين ٿا، ۽ حالت فاعلي واحد ۾ **آ** تي ختم ٿي ٿا. مثال **رَاجَا**، **آتمَا**، **ڪَرتَا** (ويا ڪرڻ ۾ فاعلي حالت). ڪجهه ٻاهران آيل لفظ به **آ** تي ختم ٿين ٿا. مثال **آشنَا** (فارسي **آشنا**).

ساڳيءَ ريت ڪجهه صفتون به **آ** يا **آن** تي ختم  ٿين ٿيون. مثال **ڏَاتَا** (سخي)، **ٽالاَن** (ٽڪل) وغيره.

## V- پڇاڙي أ

آوازي پڇاڙي **أ** اصل ۾ اڳ آيل مونث پڇاڙي **آ** کي ننڍو ڪرڻ سان نهي آهي. بلڪل ائين جيئن **اُو** مان **اُ** نهي ٿو. ان قسم ۾ سنڌي ۾ هيٺ ڏنل لفظ اچن ٿا:

1) اهڙا اسم جيڪي سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ **آ** تي ختم ٿين ٿا. مثال **جِڀَ** – پراڪرت **جِيهَا**، سنسڪرت **جِهوئا**؛ **نُنهَ** (۽ **نُنهُ**) – سنسڪرت **سَنُشا**؛ **ڏيءَ** (۽ ڌي)- پراڪرت **ڌِيدَا** ۽ **ڌِيئا**؛ **سَئِنَ** (نشاني)- سنسڪرت **سنجّا** ۽ **مِڄ**- سنسڪرت **مججا** (مڄا). ان ڪان سواءِ ڪافي اسم اهڙا آهن، جن جي بناوت سنڌي جي خاصيت آهي ۽ اهي هر قسم جي فعلي ڌاتوءَ مان ناهي سگهجن ٿا. اها بناوت هوبهو سنسڪرت جوڙ سان هڪجهڙائي رکي ٿي، جيڪا فعلي ڌاتوءَ ۾ ڳنڍي مونث اسم ناهڻ ۾ ڪم اچي ٿي. مثال سنسڪرت **پِدر** مان **پِدا** وغيره. سنڌي ۾ فعلن مان اسمَ ناهڻ عام آهي ۽ ان سان ٻوليءَ کي فعلي اسمَ ناهڻ ۾ وڏي سهولت ملي ٿي.

مثال **چوَڪ** (چڪاس)، (مصدر) **چوَڪَڻُ** (ڌاتو **چوڪ**ُ)؛ **ڳَنڍَ**، مصدر **ڳَنڍَڻُ** (ڌاتو: **ڳَنڍ**). اهڙن اسمن ۾ جيڪي سنسڪرت سان نٿا ملن ته سنڌي پراڪرت جو سهارو وني ٿي ۽ اهو ائين ته يا ته پراڪرت جو آخري وينجن حذف ڪري يا ڪا نئين آوازي پڇاڙي ڳنڍي. مثال **آسِيسَ**- پراڪرت **آسس**، سنسڪرت **آشش**.

2) جن صفتن جي پڇاڙيءَ ۾ مذڪر واري **أ** هجي ته انهن جي مونث ۾ **أ** ايندي. جيئن **ڪُپ** مان **ڪُپ** (نياڳو)؛ **سُڄاڻ** مان **سڄاڻ**. تمام ٿوريون صفتون اصلوڪي **أ** سان ختم ٿين ٿيون، جن ۾ جنس، عدد يا حالت ۾ تبديلي نه ايندي هجي. مثال **جَالَ** يا **جَارَ**؛ **جَامَ** (گهڻو).

3) ڪافي اسمَ اهڙا آهن، جيڪي پڇاڙي **أ** ۽ **اِ** کي متبادل طور استعمال ڪندا رهندا آهن. جيئن ته اهي ٻئي ننڍا سر سنڌيءَ ۾ مونث پڇاڙين ۾ اڪثر ڪري ڪتب اچن ٿا. مثال **نَارَ** يا **نَارِ** (عورت)؛ **آرَ** ۽ **آرِ** (حُب)؛ **چِنَ** يا **چِنِ** (تلاءُ)؛ **رِيڙَ** يا **رِيڙِ** (جهيڙو). جيڪي صفتون **أ** تي ختم ٿينديون هجن، انهن جو مونث ناهڻ لاءِ آخر ۾ **أ** يا **اِ** ڏئي سگهجي ٿي. مثال **آتُورَ** يا **اتوُرِ**- مذڪر **اَتورُ**؛ **چَرِيَتَ** يا **چَرِيَتِ**- مذڪر **چَرِيَتُ** (چريو).

ان ۾ اهو سمجهڻ ڏکيو ناهي ته جيڪي اسمَ پراڪرت ۾ **اِي** تي ختم ٿين ٿا سنڌيءَ ۾ انهن ۾ **أ** جي پڇاڙي لڳي وئي آهي (هڪ مونث پڇاڙيءَ بدران ٻي مونث پڇاڙي) جيئن: **ڀيڻَ** (۽ ڀيڻُ)- پراڪرت **بَهِڻِي**، سنسڪرت **ڀَگنِي** भगिनी؛ **ڌُر** (اصل)- پراڪرت ڌُرا، سنسڪرت **ڌُر** ۽ جيتوڻيڪ لاڳاپيل مونث پڇاڙيون اڪثر متبادل طور ڪتب اچن ٿيون، پر سنڌيءَ ۾ اصلي جنس سختيءَ سان برقرار رکجي ٿي ۽ ائين ورلي

ڪو ٿيندو هوندو تہ ڪو اصلوڪو مذڪر اِسم بدلجي مونث ٿيو هجي. مثال ٻاڦ (مونث) سنسڪرت واشپَ वाष्प (مذڪر)- هندي ۾ اهو مونث آهي).

نوٽ: جيستائين معلوم لهجن جو تعلق آهي، بنگالي ان اصلوڪي مونث پڇاڙي آ کي هميشہ سانديندي آئي آهي. مراٺي هوندي تہ پراڪرت جي هميشہ پيروي ڪندي آئي آهي، پر ان ۾ آ کي ڪجهہ صورتن ۾ اَ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، ۽ آخر ۾ بلڪل ترڪ ڪري ڇڏيو آهي (گهڻ ۾ گهڻ اچار ۾) مثال ڄڀَ، واٽ- ٻين لهجن ۾ آ کي يا تہ برقرار رکيو ويو يا وري پهرين اَ ۾ تبديل ڪرڻ ڪانپوءِ بلڪل ترڪ ڪيو ويو آهي.

جيئن تہ هر هڪ سنڌي اسم ڪنهن سر تي ختم ٿيندو آهي، تنهنڪري اهڙا مونث اسمَ جيڪي هندوستانيءَ مان اڌارا ڪنيل آهن، انهن ۾ سنڌيءَ ۾ مونث پڇاڙي اَ لڳائي ويندي آهي. مثال هندوستاني لفظ زَمين (مونث)- سنڌي زَمِينَ؛ هندوستاني لفظ مِلڪ- سنڌي مِلڪَ (ملڪيت)- ڪجهہ اسمن ۾ جنس بہ بدلجي ٿي. مثال هندوستاني لفظ ڪتاب (مونث) سنڌي ۾ ڪِتابُ (مذڪر).

## VI- پڇاڙي اِي (مذڪر ۽ مونث)

سنڌيءَ ۾ اِي تي ختم ٿيندڙ بناوتون ٻنهي جنسن جون ٿي سگهن ٿيون يعني مذڪر يا مونث.

### i) اِي تي ختم ٿيندڙ مذڪر بناوتون:

مذڪر اسمن ۾ اِي پڇاڙي برابر آهي:

(الف) سنسڪرت جوڙ اِي (برابر اِن = in) سان:- مثال ڌَرِمي- سنسڪرت ڌرمِن، حالت فاعلي واحد ڌرمِي؛ سوَامِي- سنسڪرت سوامِنَ؛ هَاٿِي- سنسڪرت هَستِن.

(ب) سنسڪرت جوڙ ڪ يا اِڪ سان، جتي ڪ کي ڇانٽي ڪندي اِ کي ڊگهو ڪري اِي ڪيو ويندو آهي. مثال هَارِي- سنسڪرت هالِڪ؛ اوٺِي (اُٺَ مان)؛ نيڪِرِي (نِڪِر مان).

(ٻ) سنسڪرت صفاتي جوڙ ي سان ۽ ي کي اِي ۾ تبديل ڪري مثال پِرِين- سنسڪرت پريم؛ اَياڳِي- سنسڪرت اَياڳيَہ.

(ڀ) سنسڪرت پڇاڙي اِييَہ سان، جتي ي ڇانٽي ڪئي وڃي ٿي. مثال هندِي، سنڌِي. ان قسم سان عربي ۽ فارسيءَ جون سڀ صفتون گڏجن ٿيون، جيڪي ياءِ نِسَبَتْ (تعلق واري ي) جي تعلق سان نهن ٿيون. مثال فارَسِي، عَرَبِي، زَخْمِي.

(ت) انهن سنسڪرت مذڪر لفظن سان جيڪي اِ تي ختم ٿين ٿا، پر سنڌيءَ ۾ اها آخري اِ ڊگهي ٿي اِي ٿئي ٿي. مثال ڪَوِي- سنسڪرت ڪَوِ कवि؛ ڪَلِيڪَالُ (معنيٰ ڪاليءَ وارو زمانو) ۽ ڪجهہ اسمن ۾ اصلي ننڍي اِ برقرار رهي ٿي. مثال هَرِ، (هندي هَرِ ۽ هَرِي)؛ پئي (=پتِ पति).

ڪجهہ لفظ اهڙا آهن، جيڪي اِي تي ختم ٿين ٿا ۽ مذڪر آهن پر انهن جي ڌاتوءَ جي ڄاڻ ناهي. مثال ٻيلِي، ٻانڊِي، مَانجهِي.

نوٽ: بنگالي ۽ مراٺي ان ڏس ۾ سنڌيءَ سان سهمت آهن. مثال بنگالي سوامِي، مراٺي هاٿِي وغيره.

ٻين هندن تي ٻنهي ٻولين ۾ مذڪر پڇاڙي اِ قائم رهي ٿي. مثال بنگالي پَتِ، مراٺي ڪَو. پنجابيءَ ۾، (هندوستاني) هنديءَ جي مذڪر بناوتن جي آخري اِ ڪن جاين تي قائم رهي ٿي، پر گهڻو ڪري ترڪ ٿيو وڃي ٿي. مثال **هر** = **هاري**، **ڪر** = **ڪمي** يا **اِي** ۾ ڏٺي ٿئي ٿي (سنڌي وانگر) مثال **ڪالِي** = **ڪال**، **ڪال**.

ii) **اِي تي ختم ٿيندڙ مونث بناوتون:**

(الف) اهڙا مونث اسمَ جيڪي سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ **اِي** تي ختم ٿين ٿا. اهي سنڌيءَ ۾ بہ ائين ئي رهن ٿا. مثال **نَدِي**- سنسڪرت **نَدِي**؛ **سَتِي**- سنسڪرت **سَتِي**؛ **رَاڻِي**- سنسڪرت **راڳيِيي** (राज्ञी) .

پراڪرت پڇاڙي **آ** (مونث) ڪڏهن ڪڏهن سنڌيءَ ۾ **اِي** ۾ بدلجندي آهي. مثال **وَائِي**- پراڪرت **وايہ**، سنسڪرت **واچ** (مونث)؛ ڪجھ اسمن ۾ **اِي** (پراڪرت) ڪي **اِ** ۾ ننڍو ڪيو تو وڃي. مثال **ڏِٺِ**- پراڪرت **ڊِٺِي**، سنسڪرت **درشِٽي**- اهڙا بي جنس اسم جيڪي سنسڪرت ۾ **اِ** تي ختم ٿيندا آهن. سنڌيءَ ۾ مونث پڇاڙيءَ **اِي** طور قبول ڪيا وڃن ٿا. مثال **ڏهِي**- پراڪرت **ديهِ**، سنسڪرت **دَڌِ**؛ **مَاکِي**- سنسڪرت ۾ **ماکِشکر** (ڪ جي ڇانٽي سان)

(ب) مونث پڇاڙي **اِي** سنسڪرت- پراڪرت جوڙ **اِي** سان نهڪي اچي ٿي، جنهن ذريعي مذڪر بناوتن مان مونث ناهيا ويندا آهن. سنڌيءَ ۾ ان پڇاڙيءَ ذريعي **اُو** ۽ **اُ** سان ختم ٿيندڙ مذڪر بنيادن مان مونث ناهيا ويندا آهن. مثال مذڪر بنياد **پَلَوّ** مان مونث **پَلِي**؛ **گوَلوّ** مان **گوَلِي**؛ **ٻَانِيَڻُ** مان **ٻَانِيَٽِي**.

(ٻ) مونث پڇاڙي **اي** اڪثر ڪري ڪنهن شيءِ جي ننڍي هئڻ يا صفائي لاءِ استعمال ڪبي آهي. مثال **ڪَاٺُ** مان **ڪَاٺِي**؛ **مَاٽوَ** مان **مَاٽِي**.

(پ) مونث ڳَنڍ **اي** جيڪو سنسڪرت جي مجرد جوڙ **يَم** سان تعلق رکي ٿو، صفت ۽ اساسي اسم مان اسم ذات ناهڻ ۾ ڪم اچي ٿو. مثال **چوَرُ** مان **چوَري**، **پَلوَ** مان **پَلِي**، **دوَستُ** مان **دوَستِي**.

## VII- پڇاڙي اِ (مونث)

پڇاڙي اِ سواءِ ڪن صورتن جي، مونث اسمن جي نشاندهي ڪندي آهي ۽ سنسڪرت پراڪرت پڇاڙي **اِي** سان تعلق رکي ٿي؛ ۽ ٻين جاين تي اها وري ننڍي ٿي ويندي آهي. بلڪل ائين جيئن آخر ۾ ايندڙ **آ** مان **اُ** ٿيندو آهي. مثال **ٻُڌِ**- سنسڪرت **ٻُڌِ**؛ **مَتِ**- سنسڪرت **مَتِ**؛ **نَارِ**- سنسڪرت **نَارِي**.

اهڙيون صفتون ۽ اساسي اسم جيڪي **اُ** تي ختم ٿين انهن مان مونث ناهڻ لاءِ بہ پڇاڙي **اِ** عام طرح ڪتب ايندي آهي مثال **اَڇِيتُ**- مذڪر مان **اَڇِيتِ**؛ ائين ئي **سَنَڊِ**- مذڪر **سَنڊُ**؛ **گَڏهِ**- مذڪر **گَڏهُ** ۽ **پَريتُ** مان **پَريتِ**.

ڪجھ اسمن ۾ اصل جنس بہ تبديل ڪئي وئي آهي مثال **آڳِ** (مونث)- پراڪرت **اڳِ** (مذڪر)، سنسڪرت **آگِنِ** (مذڪر)؛ **ڊيھِ**- سنسڪرت **ڊيھ** (مذڪر ۽ مونث) جڏهن تہ معلوم لهجن ۾ بہ اهي مونث لفظ آهن.

اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ سنڌيءَ ۾ آخر ۾ ايندڙ **اِ** اڪثر ڪري **اُ** سان تبديل ٿيندي رهندي آهي ۽ ٻئي سر باقاعدگي سان مونث پڇاڙين طور استعمال ٿين ٿا. مثال **آرَ** ۽ **آرِ** (حُبَ)؛ **گوَڙُ** ۽ **گوڙِ** (گجگوڙ)، انهن ۾ اهڙا لفظ بہ سڄاڻڻ گهرجن جتي آخري ڇوٽو سر **اُ** بدلجي **اِ** ٿئي ٿو. مثال **ڏُرِ**- پراڪرت **ڏُرا**.

سنڌيءَ ۾ ڀين معلوم لهجن ۾ ڪجهه مذڪر اسمن ۾ اصلوڪي سنسڪرت پڇاڙي **اِ** ڪي قائم رکيو ويو آهي. مثال **هَرِ** (وشنو)، **وِرَسَپَتِ** (گرهه مشتري)، **پِٽ** (= پَت पति)؛ ۽ ڀين لفظن ۾ **اِيِ** کي ننڍو ڪري **اِ** کيو ويو آهي. مثال **ڪِيهَرِ** (شينهن)- سنسڪرت ڪيشرِن केशरिन، هندي **ڪيهر** ۽ **ڪيهري**؛ **سَهَائِي** يا **سهائي** (مددگار).

ٻاهرين ذاتن جي ڪجهه اسمن ۾ **اِ** جو اضافو ڪيو ويو آهي. مثال **خُداءِ** (فارسي خُدا)؛ **سِيٽِ** (هندي **سيٺ**)؛ **خِضِرِ**.

ڪجهه صفاتي لفظ جيڪي ٻاهرين ٻولين مان آيا آهن، اهي پڻ **اِ** پڇاڙي ڪتب آڻين ٿا. (مذڪر ۽ مونث) مثال **خُشِ** (فارسي خُوش)؛ **شَادِ** (فارسي **شاد**)؛ **چوَرَسِ** (سنسڪرت **چَترُ سَرَ** चतुरस्र)

# باب پيو

## Primary Themes

## بنيادي بناوتون

**نمبر - 7**

بناوتن جي جوڙجڪ جي حوالي سان سنڌي تقريباً پراڪرت جي سرشتي جي پيروي ڪري ٿي، ايتريقدر جو پراڪرت جون بناوتون سنڌيءَ جي مخصوص ترميمن سان ٻوليءَ ۾ داخل ٿيون آهن. ان ڪانسواءِ سنڌي پنهنجي آريائي ۽ اڻ آريائي ذاتن تي ٻڌل موروثي ذخيري کي ڪتب آڻيندي ڪجهه نيون بناوتون به تشڪيل ڏنيون آهن. جيستائين پراڪرت مان آيل گهاڙيٽن جو سوال آهي، ان لاءِ ضروري آهي ته ڪتاب جي تعارف ۾ سنڌي آوازن جي سرشتي/ نظام تي هڪ نظر وجهجي، جنهن مان اسان کي پراڪرت ۾ آيل گهاڙيٽن جي ڏاتوءَ جي خبر پئجي سگهندي. هيٺ ذڪر ڪيل تفصيل ۾ اسان فقط اهڙين بناوتن تي نظر وجهنداسين، جيڪي پراڻي موروثي ذخيري مان ترميمن ذريعي آيون آهن يا وري نئين قاعدي موجب جوڙيون ويون آهن ۽ جن جو پراڪرت سان ڪو واسطو ناهي. اسان هن ڪوجنا مان عربي ۽ فارسي اسمن کي خارج رکنداسين ڇو ته انهن جي اصلي سنڌي شڪلين سان ڪا به مماثلت نه آهي؛ نه رڳو ايترو پر جن جي مڪمل غير موجودگيءَ جي صورت ۾ به سنڌي سني نموني قائم رهندي. اهي عام طرح بناوتن جي جوڙجڪ جي عمومي قاعدن جي پيروي ڪن ٿيون ۽ انهن جي جنس جي مطابق انهن کي ڪا آوازي پڇاڙي ملي ٿي ته

جيئن اهي ڦيرائي سگهجن.

سنسڪرت وانگر اسان بناوتن جي سنڌي طريقي جي جوڙجڪ کي ٻن قسمن ۾ ورهائيندا سين.

يعني اهڙيون بناوتون جيڪي فعلي ڌاتوءَ مان سڌو سنئون نڪتل اهن يا اهي جيڪي جوڙن ذريعي اسم مان نهيل هجن.

**نمبر- 8**

# I- Formation of abstract nouns

# اسم ذات جي بناوت

**1) اَ، اِ، اُ، اوَ (اي: مونث) واريون بناتون:**

(الف) **اَ** واريون بناوتون فعل جي بنيادي ڌاتوءَ مان مصدر جي (فعلي) جوڙ **اَڻُ** کي حذف ڪرڻ سان نهن ٿيون ۽ اهي سنڌيءَ ۽ پڻ سنسڪرت ۾ هميشہ هڪ پديون mono-syllabical هونديون آهن سواءِ انهن مان حاصل ٿيل يا مشتق (Derivative) فعلن جي. ان ذريعي ٻوليءَ جي هر مصدر مان هڪ اسمِ ذات ناهي سگهجي ٿو، جنهن مان فعل جو مجرد هئڻ ظاهر ٿئي ٿو.

جوڙ **اَ** سنسڪرت جوڙ **آ** جي برابر آهي ۽ جنهن کي فعل جي ڌاتوءَ سان لڳائي اسمِ ذات ناهبا آهن (جيئن سنسڪرت **پُوجَ** مان **پُوجا**)؛ سنڌيءَ ۾ اها آخري **آ** ننڍي ڪري **اَ** سان استعمال ٿيل آهي. (ڏسو نمبر V-6) مثال:

**جَاڳَ**- مصدر **جَاڳَڻُ**

**مَرَهَ**- مصدر **مَرَهَڻُ** (معاف ڪرڻ)

**پيڙَ**- مصدر **پيڙَڻُ**

**سَگهَ**- مصدر **سَگهَڻُ**

ڪجھ ڌاتن ۾ **اَ** ڊگهي ٿي آ ۽ **اُ** ڊگهو ٿي اوَ ٿين ٿا. مثال:

**جهَاتِ**- مصدر **جهَتَڻُ**،

**پوَلُ**- مصدر **پُلَڻُ**.

(ب) **اِ** واريون بناوتون بہ ساڳي ريت نهن ٿيون (**اَ** فقط **اِ** جي متبادل طور اچي ٿو) ۽ هت فرق اهو آهي تہ ڌاتو- سر کي هميشہ ڊگهو ڪري اچاريو ويندو (**اَ** = آ، **اُ** = **اوَ**، **اِ** = **اِي**) مثال:

**گهاتِ**- مصدر **گهَتَڻُ**

**گهوَمِ**- مصدر **گهُمَڻُ**

**ويڙهِ**- مصدر **وِڙهَڻُ**

(ٻ) **اُ** پڇاڙي سنسڪرت جوڙ **اَ** سان لاڳاپيل آهي. جنهن ۾ فعلي ڌاتوءَ مان مجرد اسم (اسم ذات) نهندا آهن، جتي ڌاتوءَ سر کي ڊگهو ڪجي ٿو ۽ ڪن جاين تي جيئن جو تيئن رکجي ٿو. اهو ئي طريقو

سنڌيءَ ۾ به لاڳو آهي، جتي ڌاتو- سر يا ته قائم رهي ٿو يا وري ڊگهو ڪيو ٿو وڃي. مثال.

**مَرڪُ**- مصدر **مَرَڪَڻُ**

**لاهُ**- مصدر **لَهَڻُ**

**پوَرُ**- مصدر **پُرَڻُ**

**ڦيرُ**- مصدر **ڦِرَڻُ** (فعلي اسم)

(پ) **اوَ** واريون بناوتون بلڪل انهن جهڙيون آهن، جن ۾ **اُ** لڳل آهي ۽ اهي ٻئي پڇاڙيون اڪثر هڪٻئي جي متبادل طور ڪتب اچن ٿيون (ڏسو نمبر I, II, 6) مثال:

**گهاٽوَ**- مصدر **گهٽڻُ**

**چاڙهوَ**- مصدر **چڙهَڻُ**

**جهڳڙوَ**- مصدر **جهڳڙڻُ**

**ڏيکاروَ**- مصدر **ڏيکارَڻُ**

مذڪر پڇاڙي **اوَ** اڪثر مونث پڇاڙي **اِي** سان بدلجندي آهي، جنهن سان معنيٰ ۾ به ٿوري تبديلي اچي ٿي. مثال:

**چاڙهِي**- مصدر **چڙهَڻُ**.

**ڏيکارِي**- مصدر **ڏيکارڻُ** وغيره.

2) **اڻُ، اٽوَ، اٽِي ۽ اڻِ واريون بناوتون:**

(الف) سنڌي ۾ اڻُ واريون بناوتون مصدر جي ان صورت سان نڪتي اچن ٿيون جيڪي اپڀرنش لهجي ۾ **اڻم** تي ختم ٿين ٿيون. قديم پراڪرت وياڪرڻي ماهرن جي مطابق اپڀرنش لهجن ۾ به ائين ٿئي ٿو. (پيٽ لاءِ ڏسو: ليسن، انسٽ، لنگ: پراڪ صفحو 469،5)

پراڻي سنسڪرت مصدر وارو **تُم** (لاطيني Supinum) جديد ٻولين مان خارج ٿي ويو آهي. (گجراتي مصدر **جيڪو وُنُ** تي ختم ٿيندو آهي، حقيقت ۾ ٻي جنس اسم مصدر (gerundive) آهي، ۽ بنگالي مصدر جيڪو **تِي** تي ختم ٿئي ٿو، اسم مفعولَ آهي. پر فعلي اسم طور ڪتب ايندو آهي) ۽ ان جي جاءِ تي **اَنمَ** وارو فعلي اسم استعمال ٿئي ٿو، جيڪو مرانيءَ ۾ ٻي جنس (**اينَ**) رهيو آهي، پر سنڌيءَ ۽ ٻين لهجن ۾ مذڪر پڇاڙيءَ طور سجاتو ويندو آهي. جوڙ **اڻُ** سنڌي ۾ فعلي ڌاتوءَ ۾ سڌو سنئون لڳائيندي اسم ذات ناهيا وڃن ٿا، جيڪي اسانجي اسم مصدر (Gerunds) سان مطابقت رکن ٿا. مثال:

**ڏِسَڻُ**- ڌاتو **ڏِسَ**

**هَلَڻُ**- ڌاتو **هَلَ**

**مَرَڻُ**- ڌاتو **مَرَ**

جيئن اڳ ڏنو ويو ته سنڌيءَ ۾ ڪٿي به فعلي ڌاتو ظاهر نه ملندو آهي ۽ هميشه امر تي ختم ٿيندو

آهي ۽ ائين ڪنهن سر ۾ ان جي خالص صورت نظر اچي ٿي. اُ (لازمي فعلن ۾) يا اِ (متعدي فعلن) ۾ هوندو آهي. امر جي آخري سر جي مطابق، مصدر ۽ فعلي اسم جو جوڙيندڙ سر سِري (واري لهجي) ۾ مختلف ٿئي ٿو. مثال **مارڻُ**، **ليئڻُ**، پر لاڙ ۾ ان حالت جو ڪو خيال نہ رکيو ويندو آهي ۽ سيئي مصدر **اڻِ** تي ختم ٿيندا آهن (چاهي اهي مصدر متعدي هجن يا لازمي هجن).

**(ب)** **اٽوَ**(جيڪو دراصل **اڻُ** جي ئي مختلف شڪل آهي) واريون بناوتون سنڌي ۾ ڪنهن دائمي ڪم/ ڪرت، ڏنڌي يا حالت جي اظهار لاءِ ڪتب ايندڙيون آهن. مثال: **ڏِئٽوَ وَنٽوَ** ۽ ان ساڳي معنيٰ ۾ **ڏِئڻُ وَنڻُ؛ پَرٽوَ؛ مَگِٽوَ**.

**نوٽ:** ان ڳالهہ جو ڌيان رکڻ ضروري آهي تہ سواءِ بنگاليءَ ۽ گجراتيءَ جي، ٻيا سيئي لهجا مصدر لاءِ ان پڇاڙيءَ کي برقرار رکن ٿا. مثال مراٺي **ڪرڻِ** (اي اصل ۾ اوَ سان ملندڙ آهي. ڏسو ليسن نمبر 144، 2)، هندي، هندوستاني ۽ پنجابي **ڪَرَنا**.

(ٻ) سنڌيءَ ۾ **اٽوَ** کان وڌيڪ مونث پڇاڙي **اٽِي** استعمال ٿيندي آهي، جيڪا ساڳئي وقت ڪنهن ڪم يا حالت جي ننڍي ۽ نفيس هجڻ جي اظهار لاءِ بہ ڪم اچي ٿي. مثال:

**چوَٽِي**- مصدر **چوَڻُ**

**هَلَٽِي**- مصدر **هَلَڻُ**

**پَرِٽِي** مصدر **پَرَڻُ**

**وَڍِٽِي**- مصدر **وَڍَڻُ**

ڪن جاين تي پڇاڙي **اٽِي** ننڍي ڪري **اٽِ** طور بہ ڪم اچي ٿي. مثال:

**گِهَٽِ** (۽ گِهَٽِي) مصدر **گِهَڻُ؛**

**اٽِي** (يا **اِٽِي**) کي بالواسطہ فعل سان جوڙ طور لڳائي ڪنهن ڪم لاءِ معاوضي يا پگهار جي اظهار لاءِ ڪم آڻبو آهي. مثال:

**ڪٽاٽِي**- مصدر **ڪٽائِڻُ**

**چَاراٽِي**- مصدر **چَارَڻُ**

**ڌُئارِٽِي**- مصدر **ڌُئارَڻُ**

**3) تِ واريون بناوتون:**

سنڌي جو **تِ** سنسڪرت جوڙ **تِ** سان تعلق رکي ٿو، جنهن ذريعي فعلي ذاتن مان اسم ذات (Abstract Nouns) ناهيا ويندا آهن ۽ اهي انهن کان علاوہ آهن، جيڪي سنسڪرت مان سنوان سڌا شامل ٿيا آهن. سنڌيءَ ۾ ملائيندڙ سر **ا** آهي. مثال:

**کَپَتِ**- مصدر **کَپَڻُ**

**وَٽَتِ**- مصدر **وَٽَڻُ**

مصدر طور استعمال ٿيندڙ **آوَتِ جاوَتِ** سنڌي ۾ نہ پر هنديءَ ۾ ملن ٿا.

**چِڏِتِ**- مصدر **چِڏَڻُ**

**هَلِتِ**- مصدر **هَلَڻُ**

4) **اٺُ، آٺُ** (آ – اُو) **آٽِي (مونث):**

اهي جوڙ سنسڪرت **اُڻادي** (Unadi) جوڙ **آت** ۽ **اَت** سان واسطو رکن ٿا، جن کي بوپ (Bopp) مصدري جوڙ **ٺُ** ۽ **تُمَ** ڪري سڏيو آهي ۽ اها ڳالهه درست لڳي ٿي ڇاڪاڻ ته بيهڪ ۾ اهي سنڌي مصدر سان هڪجهڙا لڳن ٿا. مثال:

**گهيَرٺُ**- مصدر **گهيرَڻُ**

**چِمڪاٺُ**- مصدر **چِمڪَڻُ**

**پُٽڪاٺُ يا پُٽڪاءُ**- مصدر **پُٽڪَڻُ**

**ڦيراٽِي**- مصدر **ڦيرَڻُ**

**نوٽ:** تقريباً سيني مذڪر بنيادن مان مونث نهي سگهي ٿو.

5) **(اَٽُر) يا (اِٽُر) واريون بناوتون:**

سنڌي جوڙ **اَٽُر** (**اَٺُ**) يا **اِٽُر** (**اِٺُ**) جو تعلق سنسڪرت جي جوڙ اِتر سان آهي، جنهن ۾ ڪنهن ڪم جي ڪرڻ يا ان جي ذريعي جي معنيٰ نڪري ٿي. لاڙ ۾ اهو ڳنڍ **اَٺُ** (= **اَٺُ**) ۾ مدغم ٿئي ٿو. جڏهن ته سري ۾ اصلي مرڪب قائم رکجي ٿو. (فقط **ت** جي **ٺ** ۾ تبديليءَ سان)؛ ڪجهه بناوتن ۾ ڌاتو- سر کي ڊگهو ڪيو ٿو وڃي. مثال:

**واڄٽُر** (وَاڄَٺُ)- مصدر **وَڄَڻُ**

**وَهٽُر** (وَهِٺُ)- مصدر **وَهَڻُ**

6) **اِڪوُ واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ **اَڪ** سان واسطو رکي ٿو (جنهن ۾ ملائيندڙ سر سنڌيءَ ۾ **اَ** مان ڦري **اِ** ٿيو وڃي) جيڪو سنسڪرت ۾ مجهول جو اسم فاعل (Noun of Agency) ناهيندو آهي، پر سنڌيءَ ۾ اسم ذات به نهن ٿا. مثال:

**ڏِڙڪوُ**- مصدر **ڏِڙَڻُ** (وڙهڻُ)

**پِنِڪوُ**- مصدر **پِنَڻُ**

**نمبر - 9**

## II-Formation of appellatives and attributives

## اسم عام ۽ توصيفي صفتن جي جوڙجڪ

7) **اوُ واريون بناوتون:**

ان جوڙ جو تعلق سنسڪرت ڳنيَ **اڪَ** سان آهي. (سنڌيءَ ۾ آخري **ڪ** ڇانٽي ٿيو وڃي) ۽ فعلي ڌاتن مان اهو توصيفي لفظ ناهيندو آهي، جنهن مان ڪنهن عادتي ڪم يا ملڪيت جو مطلب نڪري. ڌاتو- سر جيڪڏهن ننڍو هجي ته ان کي ڊگهو ڪرڻ ضروري آهي، جيئن سنسڪرت ۾ ڪبو آهي. مثال:

**واڍوَ-** مصدر **وَڍَڻُ**

**چيروَ-** مصدر **چيرَڻُ**

**ٽوَبوَ-** مصدر **ٽُبَڻُ**

**گهوَروَ-** مصدر **گهوَرَڻُ**

ڪجهه جاين تي اصلوڪو سنسڪرت جوڙ برقرار رکيو وڃي ٿو. مثال:

**گائِڪُ-** مصدر **ڳائِڻُ**

**8) اُو واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت **اُڪ** سان تعلق رکي ٿو (سنڌيءَ ۾ آخري **ڪ** ڇانٽي ٿيو وڃي ۽ **اُ** ڊگهو ٿي **اُو** ٿئي ٿو) ۽ فعلي صفت يا توصيفي لفظ جنهن ۾ مطلب ڪنهن عادتي يا مخصوص ڪم يا حالت جو نڪري. جيڪڏهن ڌاتو- سر ننڍو هجي ته ان کي عام طرح ان جوڙ لڳائڻ کان اڳ ڊگهو ڪيو ويندو آهي. مثال:

**واڏوُ-** مصدر **وڍڻُ**

**تارُو-** مصدر **تَرَڻُ**

**ويڙهُو-** مصدر **وِڙهَڻُ**

**ڦوَرُو-** مصدر **ڦُرَڻُ**

**گهوَمُو-** مصدر **گهُمَڻُ**

۽ ڌاتو- سر جي ڊگهي نه ٿيڻ جي صورت ۾ مثال آهن.

**رَهُو-** مصدر **رَهَڻُ**

**سَهُو-** مصدر **سَهَڻُ**

**9) اڪُ، اڪُو ۽ اُو واريون بناوتون:**

ان جوڙ مان به اڳئين وانگر ڪنهن مستقل ڪم يا حالت جو مطلب نڪري ٿو ۽ ان جو تعلق سنسڪرت جوڙ **آڪُ** سان آهي، جيڪو فعلي ڌاتوءَ ۾ ان ئي صورت ۾ لڳايو وڃي ٿو يا آخري **اُ** کي ڊگهو ڪندي يا وري **ڪ** جي ڇانٽيءَ سان (آ- **اُوَ**) ڪجهه صورتن ۾ ڌاتو سر کي ڊگهو ڪيو ٿو وڃي. مثال:

**رَهَاڪُو يا رَهَائُو-** مصدر **رَهَڻُ**

**پِئاڪُ-** مصدر **پيَئڻُ**

**وِرچَائُو-** مصدر **وِرچَڻُ**

| | | |
|---|---|---|
| **وِيڪاڻو-** | مصدر | **وِڪڻُ** |
| **پيٺاڻو-** | مصدر | **وِرچَڻُ** |
| **وِيڪاڻو-** | مصدر | **وِڪڻُ** |
| **پِيٺاڻو-** | مصدر | **پِٺڻُ.** |

**10) اَندوَ ۽ اِندو واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جي جوڙ **اَتَ** سان وابسته آهي (پراڪرت انتو) ۽ سنڌيءَ ۾ tenuis جي media ۾ تبديلي ٿئي ٿي ۽ ان مان سنسڪرت ۽ پراڪرت وانگر سنڌيءَ ۾ اسم حاليہ ٺهندا آهن. امر جي آخري سر موجب ڪردنت به اَندو (امر اُ) ۽ **اِيندوَ** (امر اِ) تي ختم ٿيندا آهن. ڪجهہ ڪردنت بنان ڪنهن قاعدي به ٺهن ٿا. مثال:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| **لَڳَندوَ-** | امر | **لَڳُ-** | مصدر | **لَڳڻُ** |
| **ڏِسَندوَ-** | امر | **ڏِسُ-** | مصدر | **ڏِسَڻُ** |
| **پِيليوَ-** | امر | **پِيلِ-** | مصدر | **پِيلَڻُ** |
| **ٿِيندوَ** (بي قاعدو)- | امر | **ٿِيءُ-** | مصدر | **ٿِيَڻُ** |

**نوٽ:** هت ان ڳالهہ جو ڌيان رکڻ ضروري آهي تہ ہين سيني ہولين پراڪرت جوڙ **انتو** مان انوناسڪ اچار ڪڍي ڇڏيو آهي. پنجابيءَ ڪجهہ صورتن ۾ ان کي قائم رکيو آهي. مثال **هوندا، جاندا** وغيره ۽ باقاعده اسم حاليہ ۾ جوڙ سدائين **دا** هوندا آهن، جنهن ۾ سنڌيءَ وانگر Tenuis متجي media ٿئي ٿو. گجراتيءَ ۾ اسم حاليہ **توَ** تي ختم ٿيندو آهي. مثال **لَکتوَ** جڏهن تہ هندِي ۾ **تا** تي ختم ٿيندو آهي. مثال **لِکتا، هوَتا** وغيره. هندئي ۾ **ٿَ** مثال **لِکَٿُ-** سنسڪرت جوڙ **ات** مان مرائي بہ اسم حاليہ جا جوڙ ناهيندي آهي، هڪ **تا** سان جيڪو هندوستاني صورت سان نهي اچي ٿو. مثال **لِهتو** ۽ ان ڳنڍ سان اساسي فعل جون پڇاڙيون ڳڏجي اهڙيون صورتون مثال **تون** ۽ **تونس** وغيره ۽ **ات** يا **اِيت** ٺهن ٿيون. بنگالي ۾ اسم حاليہ جو استعمال ختم ٿي ويو آهي. (سواءِ ڪجهہ سنسڪرت ڪردنتن جي جيڪي **ات** تي ختم ٿين ٿا) ۽ ان جو استعمال بہ اساسي فعل **اَڇِي** مان ڳنڍي ڪيو ٿو وڃي. مثال **ديکيتيڇِي** معنيٰ 'آءٌ ڏسان ٿي' ۽ **ديکيتِي** کي ڪنهن بہ ريت امر نہ سمجهڻ گهرجي جيئن بنگالي وياڪرڻ ۾ اڪثر چيو ويو آهي، اهو دراصل **ديکِت** جي جڳهہ ٻڌائيندڙ صورت آهي ۽ جنهن جو مطلب آهي 'آءٌ ڏسڻ ۾ آهيان'. (اسم حاليہ جو حالتِ مڪانيءَ وارا لفظ سنڌيءَ ۽ هنديءَ ۾ ساڳي ريت استعمال ٿيندا آهن).

**11) آرُ، آرُو ۽ آروَ واريون بناوتون:**

اهي جوڙ سنسڪرت ڳنڍ **آرُ** سان برابر تعلق رکن ٿا ۽ سنڌيءَ ۾ فعلي اسم ٺاهڻ ۾ ڪم اچن ٿا، جن جو مطلب ڪو مستقل ڪم وغيره هجي. اهڙا لفظ گهٽا نہ آهن. مثال:

**گهوَرارو** يا **گهوَرارُو**- مصدر **گهوَرَڻُ**

**پُوڄارو**- مصدر **پُوڄَڻُ**

**پڄارو** - مصدر **پڄَڻُ**

**پينارُ**- مصدر **پِنَڻُ**

12) **اِبوَ واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ **تَويَہ** سان ملي ٿو جيتوڻيڪ اها حيرت جهڙي صورت آهي. سنڌي ۾ **ٽ** ڇانٽي ٿيو وڃي ۽ **وَيَہ** سخت ٿي **ب** ٿيو وڃي. ان مان هاڻ مجهولي اسم حاليہ ناهيا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ ان جو اصلوڪو استعمال ۽ مقصد مستقبل مجهول (Future Passive) ۾ اڃان تائين قائم رهندو اچي ٿو. مثال:

**پُوسَائِبوَ**- مصدر **پُوسَائَڻُ**

**ڊروَهِبو** (ڊوهبو)- مصدر **ڊروَهَڻُ** (ڊوهڻ)

**جهلِبوَ**- مصدر **جهلَڻُ**

13) **اِٽوَ واريون بناوتون:**

سنڌي ۾ **اِٽوَ** جون ٻہ بناوتون آهن، جيڪي ڌاتوءَ ۽ مصدر ۾ بلڪل مختلف نوعيت جون آهن.

(الف) **اِٽوَ** جڏهن اهڙن فعلن ۾ ڳنڍجي جن جا امر **اُ** تي ختم ٿيندا هجن، اهي سنسڪرت جوڙ **اَتَ** سان لاڳاپيل آهن، جن مان اسم عام (Appelative) ۽ لاڳاپيل اسم (Attributes) نهندا آهن: سنڌيءَ ۾ جوڙ **اَتَ** بدلجي **اِٽوَ** ٿي ويو آهي. مثال:

**هَلِٽوَ**- امر **هَلُ**

**مُرڪِٽوَ**- امر **مُرَڪُ**

**ڇرڪِٽوَ**- امر **ڇرَڪُ**

**پُرِٽوَ**- امر **پُرُ**

**پِنِٽوَ**- امر **پِنُ**

انهن مان ڪجهہ لاڳاپيل اسم اساسي طور ٻہ استعمال ٿين ٿا ۽ ان صورت ۾ اِهي مونث پڇاڙين جي اثر هيٺ لڳن ٿا. مثال **ڇٽڪِٽوَ؛ ڦِرِٽوَ؛ ڏوَڙِ**.

(ب) ٻيو جوڙ **اِٽوَ** يا **آٽوَ** سنسڪرت جوڙ **اَنِييَہ** سان لاڳاپيل آهي، جنهن مان سنسڪرت ۾ مجهول ڪردنت اسم استقبال (Future Passive Participle) نهندو آهي. تنهنڪري سنڌيءَ ۾ ان جوڙ ذريعي هر متعدي فعل مان اسم مصدر نهي سگهي ٿو. مثال:

**مَارِٽوَ**- مصدر **مَارَڻُ**

**ڏِيِٽوَ**- مصدر **ڏِيَڻُ**

**ڏٺُوَ**- مصدر **ڏِٺُ**

**وَٺُوَ**- مصدر **وٺڻ**

ساڳيءَ ريت اسم مصدر (Gerundive) **بالواسطا فعلن** (Casual Verbs) مان بہ نهي سگهن ٿا. مثال:

**وَرائِڻوَ**- مصدر **وَرَائِڻُ**

**ڏُنَارِڻوَ**- مصدر **ڏُنَارَڻُ**

**نوٽ:** هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ اسم مصدر، مصدر سان موافق هوندو آهي پر هڪ فرق سان تہ اسم مصدر صحيح معنيٰ ۾ مذڪر اسم آهي ۽ ان ڪري اتي اهو فقط اسم مصدر (Gerund) آهي: مصدر ورلي ڪڏهن خاص اسم مصدر طور استعمال ٿيندو آهي يعني اسم (مجهول استقبال) ۽ پنهنجي اسم جي جنس جي مطابق رهندو آهي، جيئن سنڌيءَ ۾ ڏنو ويو آهي. البت پنجابي ان معاملي ۾ سنڌيءَ وانگر مصدر کي باقاعدي اسم مصدر ڪري ڪتب آڻي ٿي ۽ ان ۾ اسم جي جنس، انگ ۽ بنياد سان صفت وانگر نهڪي اچي ٿي. مراٺيءَ ۾ جوڙ **آوا، آوِي** ۽ **آوير** سان اسم مصدر نهندا آهن، جيڪي سنسڪرت جي **تَويَہ** ۽ پراڪرت **تَوّ** جي برابر آهن. مراٺيءَ ۾ **ت** ڇانٽي ٿيندي آهي ۽ ان جاءِ تي **آ** کي ڊگهو ڪيو ويندو آهي. مثال **ڪَراوا، موڙاوا**، ساڳيءَ ريت گجراتيءَ ۾ جوڙ **اَوو** (= **تَوّ**) سان اسم مصدر نهندا آهن. مثال **لَکوو**- بنگاليءَ ۾ اسم مصدر نهڻ جو ڪو واضح طريقو موجود ناهي ۽ ان ۾ مصدر (فعلي اسم جي پيٽ ۾) کي اسم مصدر جي مطلب ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن، جيئن هنديءَ ۾ ٿيندو آهي. مثال **اَمَاڪَي، جَائِتي هئي، مِهِ اِيُدُم اِست**، ۽ ڪافي اصلي اسم مصدر سڌا سنوان سنسڪرت مان آيا آهن مثال **ڪَرتَوَيَہ**: جوڙ **اِنِييَہ** بہ استعمال ۾ ايندو آهي.

14) **اِوَ ۽ يوَ واريون بناوتون:**

اهي ٻئي جوڙ مڪمل زمانن وارا ڪردنت (Perfect Participles) ناهڻ ۾ ڪم ايندا آهن: سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ ان جو برابر اکر **د** آهي ۽ ڇاڪاڻ جو اهو اڪثر ڪري مڪمل طرح ڇانٽي ٿيو وڃي تنهنڪري وٿيءَ ڪان بچڻ لاءِ سنڌي ۾ **ي** يا **اِ** لڳائي ويندي آهي.

متعدي فعل جي مڪمل ڪردنت (Perfect Participle) جي معنيٰ سدائين مجهولي ٿيندي آهي، جڏهن تہ لازمي فعل ۾ اهي Praeterite[1] جي لاءِ استعمال ٿين ٿا. سنڌي ٻولي اصلوڪي پراڪرت- سنسڪرت جا مڪمل ڪردنت گهڻي ڀاڱي برقرار رکيا آهن ۽ انهن ۾ موجوده سنڌيءَ جي ڇانٽي ۽ ادغام جي قاعدن جي پيرويءَ ۾ ڪجهہ ترميمون ٿيل آهن. مثال:

**پَسِيوَ** (يا پَسئِو)- مصدر **پَسَڻُ**

**جَهِليوَ** (يا جَهِلئوَ)- مصدر **جَهلَڻُ**

**موَنِيوَ** (يا موَنئو)- مصدر **موَنَڻُ**

**ڏِٺوَ**- مصدر **ڏِسَڻُ** (سنسڪرت **درشٽِ**، پراڪرت **ڊِٺو**)

**اُٺوَ** (چيو)- مصدر **اُٿَڻُ** (سنسڪرت **اُترڪ**، پراڪرت **اُٿو**)

**نوٽ:** مڪمل زمان جي ڪردنتن (Perfect Participles) جي جوڙجڪ جي حوالي سان ڄاٽل لهجن ۾ گهٽئي مختلف صورتون محسوس ٿين ٿيون (جديد ٻولين جي وياڪرڻ ۾ معروف فعل جي مڪمل زمان واري ڪردنت وارو (Perfect Participle Active) جو **وَٽ** مڪمل طرح ختم ٿي ويو آهي). ان نڪتي تي پنجابي، گجراتي، هندي ۽ هندوستاني ٻوليون سنڌيءَ سان يڪراءِ آهن. مثال پنجابي: **گهَلّيا**- مصدر **گهَلنا**؛ گجراتي: **لَکِيوُ**؛

هندي (هِندوستاني): **لِکا** (ڇاڻتي ٿيل **ت** يا **د** جي جاءِ تي **اِ** يا **ي** جي اضافي ڪانسواءِ) مصدر **لِکنا**.

مراٺي ان نڪتي تي مٿي ڄاڻايل لهجن کان ڪافي مختلف آهي؛ ان ۾ فعل جي ڌاتوءَ ۾ جوڙ **لا** لڳائي مڪمل زمانن جا ڪردنت Perfect Participle ٺاهيا وڃن ٿا (جنهن ۾ فعل جي مُتعدي يا لازمي حيثيت مطابق **اَ** يا **اِ** جو ملائيندڙ سر استعمال ٿيندو آهي. پراڪرت ۾ ان جوڙ جون نشانيون ڏسڻ ضروري آهي. سنسڪرت جو **ٿ** پراڪرت ۾ برابري واري Media **د** ۾ بدلجي ۽ وري ٻيو دفعو بدلجي **ڏ** نهي ٿو (ڏسو ليسن انسٽ لنگئيه پراڪ صفحو 363) اسان تعارف نمبر (4:6) ۾ اڳئي ڏسي آيا آهيون ته جديد محاوري ۾ **ڏ** اڪثر **ڙ** ۾ بدلجي ٿي ۽ اها وري بدلجي **ل** طور ڪتب اچي ٿي. مثال: **چارلا**- مصدر **چالٹونَ؛ موڙلا**- مصدر **موڙلين**، بنگالي ۾ ان نڪتي تي هندي وانگر ئي محسوس ٿئي ٿي. مثال: **ديگا** (ٻنان **اِ** يا **ي** جي اکري ملاپ).

---

[1] باوجود ڪوشش جي لفظ جي معنيٰ ڪنهن ٻه ڊڪشنريءَ ۾ نه ملي سگهي (مترجم)

# باب ٽيون

## Secondary Themes

## ثانوي بناوتون

**نمبر - 10**

هن عنوان هيٺ اسان اهڙيون بناوتون ڪٺنداسين جيڪي ٻين اسمن ۾ جوڙجڪ لڳائي ٺاهيون وينديون آهن. اهڙيون، سيئي صورتون جيڪي سڌيون سنئيون سنسڪرت پراڪرت مان آيون آهن، انهن کي ڇڏي فقط اهڙيون صورتون ڏسنداسين، جيڪي سنڌيءَ ۾ مخصوص آهن.

## I. Formation of abstract noun

## اسم ذات جي بناوت

اسم ذات صفتن يا اساسي لفظن مان ٺاهي سگهجن ٿا ۽ ان مقصد لاءِ سنڌيءَ جن جوڙن جو استعمال ڪيو آهي، اهي سڀ اوائلي سنسڪرت- پراڪرت جوڙن سان ٺهڪي اچن ٿا.

1) **اِي واريون (مونث) بناوتون:**

جوڙ **اِي** مان وڏي انگ ۾ اسم ذات ٺهي سگهن ٿا ۽ فارسيءَ وانگر اهي ڪنهن بہ اسم مان ٺاهي سگهجن ٿا. ان جوڙ کان اڳ وارو آخري سر حذف ٿي ويندو آهي، پر ان ڪانسواءِ اسم ۾ ٻي ڪا تبديلي نہ ايندي آهي.

اهو جوڙ **اِي** سنسڪرت جي **يَہ** جي برابر آهي. سنڌيءَ ۽ ٻين لهجن ۾ ان جي مونث صورت **اِي** کي برقرار رکيو ويو آهي. مثال:

**چوَرُ** مان **چوَرِي**

**مَنْدوُ** مان **مَنْدِي**

**ڪَمُ** مان **ڪَمِي**

2) **آئي واريون (مونث) بناوتون:**

جوڙ **آئِي** مٿي ڏنل جوڙ جي ئي هڪ مختلف شڪل آهي. هن ۾ آخري **اُ** ۽ **اُوَ** اڳ ايندڙ جوڙ کان پهرين ترڪ نٿا ٿين، بلڪ **آ** ۾ بدلجي (ٻين ٻولين وانگر) پنهنجي جاءِ تي رهن ٿا. مثال:

**ٻَرَمَلُ** مان **ٻَرَمَلائِي**

**ڪُوڙوَ** مان **ڪُوڙائِي**

۽ ڪڏهن تہ اهي ٻئي صورتون اڪثر استعمال ٿينديون آهن، مثال:

**ڀَلوَ** مان **ڀَلِي** ۽ **ڀَلائِي**.

3) **تا ۽ تائي واريون (مونث) بناوتون:**

سنڌيءَ ۾ جوڙ **تا** سان لاڳاپيل اسمن ۽ صفتن منجهان گهٽائي اسم ذات ٺهندا آهن؛ آخري سر هميشہ ترڪ ٿيندو آهي ۽ ڳنڍيندڙ سر **اِ** جو اضافو ڪبو آهي (سواءِ جڏهن اسم **اِ** تي ختم ٿيندو هجي). جوڙ **تا** سنسڪرت ۾ **تا** جي برابر آهي، جيڪو بہ ساڳئي ڪم ۾ ايندو آهي. ان ڪانسواءِ تا جي هڪ وڌيڪ زور واري صورت ۾ **اِي** بہ ڳڏبو آهي (تا-اي) ۽ اها بہ ڪتب ايندي آهي. مثال:

**گهَٽ** مان **گهَٽِتا** ۽ **گهَٽِتائِي**

**جوَڳُ** مان **جوَڳِتا**

4) **تِ ۽ تِي واريون مونث بناوتون:**

جوڙ **تِ** جيڪو عام طرح رڳو ابتدائي صورتن ۾ ڪم ايندو آهي. سنڌيءَ ۾ اهو ثانوي بناوتن ۾ مِلي ٿو (جيتوڻيڪ تمام گهٽ جاين تي). جوڙ تي بہ ڪن جاين تي ملي ٿو ۽ اها **تِ** جي ئي مختلف شڪل آهي (جنهن ۾ **اِ** کي **اِي** ۾ ڊگهو ڪيو ويو آهي). مثال:

**سَنئُوَن** مان **سَنُوتِ**

**گهَٽِ** مان **گهَٽِتي**

**نوٽ:** جوڙ **تي** هندوستانيءَ ۾ استعمال ٿيندو آهي. مثال **ڪَمُ** مان **ڪَمِتي**.

5) **آڻِ يا آئِڻِ واريون بناوتون:**

انهن جوڙن ذريعي صفتن مان گهٽيل اسم ذات ٺهندا آهن، جن مان ڪنهن رنگ يا اهڙي ڪنهن موجود خوبيءَ ڏانهن اشارو هجي. اهي سنسڪرت جوڙ **اِمَنَ** इमन जي برابر آهن، جنهن مان مذڪر اسم ذات ٺهندا آهن. پراڪرت ۾ پڇاڙي **اَنَ** अन کي ڊگهو ڪري **آڻ** ڪيو ويندو آهي. (ڏسو (Var V, 47).

سنڌيءَ ۾ مر جي چانٽي ٿي آهي (جيڪو عام طرح نہ ٿيندو آهي) ۽ مذڪر بدران مونث پڇاڙي ڳڏي ويندي آهي. **اِمَنَ** مان **اِ** حذف ٿئي ٿي = **آڻِ** جڏهن تہ **آئِڻِ** ۾ **آ** کانپوءِ **اِ** لڳائي وئي آهي تہ جيئن **اَ** وڌيڪ ظاهر ٿي وڃي مثال:

**اَچوَ** مان **اَچاڻِ**

**وِيکِروَ** مان **وِيکِراڻِ**

**وَڏوَ** مان **وَڏاڻِ**

**آڻِ** (۽ **آئڻ**) گھٽين جاين تي **آئِي** بدران ڪتب اچي ٿي (ڏسو 2) ۽ ڪافي اسمن ۾ اهي ٻئي جوڙ غلط طريقي سان لڳايا وڃن ٿا. مثال:

**ڪارَاڻِ** يا **ڪارَائِي**

**نوٽ**: هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ جوڙ **ما** (= **اِمَنَ**) ورلي ڪو استعمال ٿئي ٿو ۽ اهو ٻہ مذڪر طور نہ ٿو ٿئي. مثال **گرِيما**- گجراتي ۾ جوڙ **آڻ** ٻي جنس طور استعمال ٿئي ٿو. مثال **اُندبو** (اونهو) مان **اُنداڻ**- بنگاليءَ ۾ مراٺي اصلي سنسڪرت پڇاڙيءَ مان (مذڪر طور) قائم رکي آهي. پنجابيءَ ۾ گجراتي جيان **آڻ** استعمال ٿئي ٿي جيئن: **اُچا** مان **اُچاڻ**.

6) **پڻ، پا، پائِي، پاڻُ، پاٽوَ، تاڻُ، اَٽُ، واريون بناوتون:**

اساسي لفظن ۽ صفتن مان انهن جوڙن ذريعي انيڪ اسم ذات ٺهندا آهن. هت اسان ڏسي سگھون ٿا تہ ڪيئن ساڳئي سنسڪرت جوڙ مان سنڌيءَ ۾ ڪيترا تہ مجرد جوڙ ناهيا ويا آهن، جن ۾ سراسري نظر وجھڻ تي ڪاٻہ هڪجھڙائي نٿي ملي. جوڙ **پڻ، پَ، پائِي، پِي** سنسڪرت جي مجرد جوڙ (Abstract Affix) **تِوَ** **त्व** مان نڪتل آهن ۽ اهو **پّ** ۾ مدغم ٿيندو آهي (ڏسو تعارف نمبر (b, D, 15)؛ ان مان سنڌيءَ ۾ **پَا، پَ، پَائِي** ۽ **پِي** جھڙيون پڇاڙيون حاصل ڪيون آهن. ان ئي ساڳئي جوڙ جيڪو **توَ** مان، جيڪو پراڪرت ۾ **ٽوَڻَ** (اصل **ٽوَنَ** مان) تي ويو آهي ۽ اپڀرنش ۾ ادغام ذريعي **پڻَ** بنجي ويو آهي (ڏسو: Lassen صفحو 459 ,9)، ان مان سنڌيءَ **پَاڻُ** ۽ **پَاٽوَ** جوڙ حاصل ڪيا آهن.

ان ئي ساڳئي ڏاتو مان **تاڻُ** بہ ادغام جي هڪ ٻي صورت ۾ مليو آهي، جنهن ۾ نيم سر و اڳ ايندڙ ڏندوان اچار سان مدغم ٿئي ٿو (نمبر b, D, 15).

ادغام جي هڪڙي ٻي صورت **اَٽُ** (**ٽوَ= ٽَ = ٽَ = آٽ** جتي اڳ ايندڙ سر کي ڊگھو ڪرڻ سان ٻٽو سر حذف ٿيو وڃي) جيڪو تمام گھٽ استعمال ۾ اچي ٿو.

مٿي ڄاڻايل جوڙن جي لڳڻ کان اڳ آخري سرن ۾ ڪيئي تبديليون اچن ٿيون:

آخري **اُ** عام طرح **اَ** يا **اِ** ۾ تبديل ٿئي ٿو، سواءِ انهن مونث اسمن ۾ جيڪي **اُ** تي ختم ٿيندا هجن، جيڪي سيني جوڙن کان اڳ **اُ** کي قائم رکن ٿا. آخري سر **اوَ** ڪمزور تي **اَ** يا بدلجي **اوَ** ٿئي ٿو.

آخري **اِي** کي ڇوٽو ڪري **اِ** ٿو ڪجي يا ان ۾ **اَ** لڳائي **اِيَ** ناهجي ٿو، ۽ اهي اڪثر ڪري **پاڻُ** جھڙن ڳوڙهن جوڙن کان اڳ لڳندا آهن.

آخري **اُو** چوٿو تي **اُ** ٿيندي ان ۾ **ا** جو اضافو ٿيندو آهي (= **اُوَ**) ۽ اهي بہ ٻوڙهن جوڙن **پاڻُ** ۽ **پاڻوَ** کان اڳ لڳندا آهن. ڏٺي **اُو** ڪن صورتن ۾ پنهنجي جاءِ تي قائم بہ رهندي آهي. **پُ**، **پوَ**، **پائِي** ۽ **پِي** جهڙن هلڪن جوڙن کان اڳ آخري **اُو** ننڍو تي **اِ** بہ ٿيندو آهي (for euphony sake: **نفاست لاءِ**). آخري ننڍو **ا** ڏگهو ڪري **آ** ڪري سگهجي ٿو تہ جيئن **اُ** تي ختم ٿيندڙ مونث بناوتن جي سڃاڻپ ڪري سگهجي، پر اهو ان جي استعمال تي منحصر ڪري ٿو.

**(الف) آخري اُ:**

**پَنڊِتَپَڻوَ** (مذڪر) **پَنڊِتُ** مان

**چوَڪِرَاڻُ** (مذڪر) **چوَڪَرُ** مان

**وَٽُپ** (هٽ وناڻ) (مونث) **وَٽُ** مان

**(ب) آخري اوَ:**

**ننڍَپَائِي** (مونث)، **ننڍَپَڻُ** (مذڪر) **ننڍيپوَ** (مذڪر) **ننڍوَ** مان

**(پ) آخري اِي:**

**وَاهِپَ** (مونث)، **وَاهِپوَ** (مذڪر) - **وَاهِي** (چوڪيدار) (مذڪر) مان

**ڪَانڊِپَ** (مونث)، **ڪَانڊِپڻ** (مذڪر) - **ڪَانڊِي** مان

**مُڪتَڻُ**- **مُڪِي** مان

**(ڀ) آخري اُو:**

**مَاٺهِپوَ**، **مَاٺهُپَڻو**- **مَاٺهُون** مان

**نمِرُونَپَڻو**- **مِرُو** مان

**(ت) آخري اَ:**

**رَنَاپَڻُ** - **رَنَ** مان

**رَالَپَڻُ** - **رَالَ** مان

**نوٽ:** اهڙا مجرد ڳنڍ (Abstract Affixes) سيني جاتل لهجن ۾ ملن ٿا. هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ **پن**، **پنا** ۽ **پا** جهڙا جوڙ استعمال ٿين ٿا، جيڪي سنڌيءَ ۾ **پَڻُ**، **پڻوَ** ۽ **پوَ** جي برابر آهن. گجراتي **پَڻ** ۽ **پڻوَ** (ٻئي بي جنس) ۽ **پڻا** (مذڪر) آهن ۽ پنجابيءَ ۾ **پُڻا**. ان ڏس ۾ بنگالي سنسڪرت وانگر اصلي مجرد ڳنڍ **تَوَ** کي بنان ڪنهن تبديليءَ جي قائم رکي ٿي.

**7) ڪارُ، ڪارو، ڪارَ، ڪارِ واريون بناوتون:**

هتي انهن بناوتن جو ذڪر انهن جي جوڙجڪ جي ڪري نه پر انهن جي اهميت جي ڪري ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته هت اسان کي ڪنهن جوڙ نه پر ڪنهن صفت کي جاچڻو آهي، جنهن مان مطلب ڪنهن شيءِ جو نهڻ يا ان جو اثر ڏيکارڻ آهي. سنڌي ۾ **ڪار** جي اهميت اڳئي ختم ٿي وئي آهي ۽ اهو هاڻ هڪ ڳنڍ يا جوڙ طور مختلف اسم ذات ناهڻ ۾ ڪتب اچي ٿو. مثال:

**لُڄَ- لُڄَڪارو**

**وَٺُ- وَٺَڪارُ ۽ وَٺَڪارِ**

**ٿَڙِ- ٿَڙِڪارَ**

**8) ڪوَ ۽ اوَ واريون بناوتون:**

جوڙ **ڪوَ** دراصل صفت ناهڻ ۾ ڪم ايندو آهي ۽ سنسڪرت جوڙ **اِڪ** جي برابر آهي. سنڌيءَ ۾ ڪن جاين تي (اڳ ايندڙ جوڙ **ڪارَ** طور) اسم ذات ناهڻ ۾ ڪم ايندو آهي. جوڙ **اوَ** **ڪوَ** سان مشابهت رکي ٿو ۽ **ڪ** ڇانٽي ڪيو ويندو آهي. مثال:

**لُڇِڪارو- لُڇِڪوَ**

**ڏُوڙِ- ڏُوڙِيوَ**

**نمبر- 10**

## II. Formation of appellatives, attributives and possessives

## اسم عام، صفاتي ۽ اضافتي لفظن جي جوڙجڪ

**9) اِي واريون بناوتون:**

اهو جوڙ جيڪو سنڌيءَ ۽ سندس پيينر ٻولين ۾ تمام گهڻو استعمال ٿئي ٿو ۽ اهو ٽن مختلف بنيادن مان نڪتل آهي.

(الف) جوڙ **اِي** جيڪو سنسڪرت جوڙ **اِڪ** برابر آهي:

ان جوڙ مان مختلف اهميتن وارا صفاتي لفظ ۽ اسم عام نهندا آهن. گهڻو ڪري ان جوڙ جي اضافي ڪان اڳ ڏاتو سر کي ڌگهو ڪيو ويندو آهي يعني **اَ** بدلجي آ، **اِ** بدلجي **اِي**، اُ بدلجي او وغيره ٿيندا آهن. مثال:

**اُٺُ- اوٺِي**

**بَڪَرُ** (ٻاڪرِي)- **ٻاڪِرِي**

**نِيڪِرُ** (نڪر جا ٿانو)- **نيڪِرِي**

(ب) جوڙ **اِي** جيڪو سنسڪرت جوڙ **اِيَہ، اِييَہ** برابر آهي:

سيني جديد ٻولين ۾ ان جوڙ مان ڪو تعلق يا واسطيداري ظاهر ٿيندي آهي، ڪنهن اسم ۾ ان جوڙ جي اضافي ڪان اڳ آخري ننڍي سر ڪي حذف ڪيو ويندو آهي، ڏڳهو **اُو** ننڍي **اُ** ۾ ۽ **اوَ آ** ۾ بدلبو آهي. ڪن جاين تي ننڍو **اُ** (**اوَ** مان ننڍو ٿيل) بدلجي **آ** ڪيو ويندو آهي (= **اوَ**) ۽ تنهنڪري قائم رهندو آهي. **مثال**:

**سِنڌُ- سِنڌِي**

**هِنڌُو- هِنڌُئِي**

**لاڙُ-    لاڙِي ۽ لاڙائِي**

**سِروَ- سِرَائِي.**

(پ) جوڙ **اِي** جيڪو سنسڪرت جوڙ **اِنَ** سان برابر آهي- (حالت فاعلي واحد):

اهو جوڙ سنسڪرت واري **اِن** جيان اضافتي لفظ ٺاهڻ جي ڪم ايندو آهي. مثال:

**دَانُهَہ** مان **دَانُهِي**

**روَڳُ** مان **روَڳِي**

**مَالِنَ-** (سنسڪرت) **مَالِي**

ڪجهہ صورتون جيڪي سنڌيءَ ۾ مخصوص حيثيت رکن ٿيون، انهن ۾ **اِي** کان اڳ آخري ڇوٽو سر پنهنجي جڳهہ تي قائم بہ رهي سگهي ٿو. **مثال**:

**مَتِ** (مسلڪ يا مذهب بابت) مان **مَتِئِي** (آخري **اِ** اچار ڪي نرم رکڻ لاءِ **ا** ۾ تبديل ڪيل آهي)

**10) آئي واريون بناوتون:**

جوڙ **آئي** اصل ۾ جوڙ **اِي** جي هڪڙي ٻي صورت آهي (9- الف). اهڙن موضوعن جا **اُ** ۽ **اوَ** وارا جوڙ جيڪڏهن آخر ۾ ايندا هجن تہ اهي پهرين **آ** ۾ بدلجن ٿا. انهن مان نهنڊڙ اسمن جو مفهوم ڪنهن ڏنڌي، عادت يا لاڙي جي نشاندهي ڪندو آهي. مثال:

**بَاغُ** مان **بَاغَائِي**

**نيچوَ** مان **نيچائِي**

**جهَڳِڙوَ** مان **جهَڳِڙائِي**

**11) اُو واريون بناوتون:**

جوڙ اُو جيڪو سنسڪرت **اُڪَ** جي برابر آهي، اساسي لفظن ۾ ڳنڍجي ٿو، جنهن مان بنيادي بناوتن طور صفت ۽ اسم عام (Appellatives) نڪرندا آهن، جن مان ڪنهن مدامي ڪم يا حالت جو مفهوم نڪرندو هجي. ان جوڙ جي لڳائڻ کان اڳ آخري سر هميشہ ترڪ ڪيو ويندو آهي. ڪجهہ اسمن ۾ ساڳئي وقت

پهريون سر ڏگهو ڪيو ويندو آهي. مثال:

**هَاڄ** مان **هَاڄوَ**

**وِيرُ** مان **وِيرو**

**ڇِپَرُ** مان **ڇَاپِرُو**

**بَڪَرُ** مان **بَاڪِرُوُ**.

**12) آوُ واريون بناوتون:**

جوڙ **آوُ** مٿي ڏنل **أو** سان مشابهت رکي ٿو، فرق فقط اهو آهي ته بناوت جو آخري سر جوڙ **أو** کان اڳ ڏگهو ٿئي ٿو. مثال:

**ڏَرَمُ** مان **ڏرَمَاڻُڪو**؛ **شَرَمُ** مان **شَرَمَاڻُو**.

**13) آئوُن واريون بناوتون:**

جوڙ آئون ايترو ته منجهيل آهي، جو ان جي ڌاتوءَ جي به خبر نٿي پوي. هي جوڙ سنسڪرت **مَيَہ** جي برابر آهي، جنهن مان صفتون ٺهنديون آهن، جن جو مطلب هوندو آهي "ڪنهن مان ٺهيل، يا مشتمل"، ان جوڙ مان چپوان ۾ چانٽي ٿيل آهي. ساڳيءَ ريت **اِمَنَ** مان به چانٽي ٿيل آهي ۽ پورائو ڪرڻ لاءِ **ا** کي ڏگهو ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ ريت نيم سر **ي** به ختم ٿي ويو آهي، (**آئون** = **آيڻُون**). آخر ۾ ايندڙ انوسوار اچار (Euphonic) وٽندڙ آهي ۽ اختياري طور (Optional) ڪتب ايندو آهي. مثال:

**هَيَدِرَ** (هئدر) مان ٺهيل **هئدِرَائوُن** (هئدائون)؛

**جَائِيوَ**مان **جَائِيَاڻُون**؛

**لوَهُ** مان **لوَهَائوَن**.

**14) اوَ واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ **ا** جي برابر آهي ۽ ان مان صفت ۽ لاڳاپيل اسم ٺهندا آهن. ان جوڙ کان اڳ اسم جو آخري چوٿو سر هميشه حذف ٿيندو آهي ۽ **أ** ۽ **اِي** ننڍا ڪيا ويندا آهن. ڌاتو سر يا ته برقرار رهندو يا وري ڏگهو ٿيندو آهي. (مثال **ا** = آ، **اِي** = إي ۽ **أو**= **اوَ**) جيئن:

**سَگهَہ** مان **سَگهوَ**

**وِنگُ** مان **وِنگوَ**

**پَڪُو** مان **پَڪڻُوَ** (بيوقوف)

**وِڇُ** مان **وِيڇوَ**

**بَروَڇ** مان **بَاروَڇوَ**

**اُٺُ** مان **اوَٺوَ**

ڪجهہ بي ترتيب بناوتون هن ريت آهن:

**مِينهہِ- مَاهيوَ**

**سَٿُو** مان **سَيٿوَن**

**15) آرُ (اَرُ)، آروَ ۽ آلُ واريون بناوتون:**

اهي جوڙ سنسڪرت (۽ پراڪرت) جوڙ **آلَ** جي برابر آهن (IV. Var IV, 26) **جيڪي اضافتي لفظ** ناهڻ ۾ ڪم ايندا آهن. سنڌيءَ ۾ ر ۽ **ل** متبادل طور ڪتب ايندا آهن ۽ ڪجهہ اسمن ۾ **آرُ** کي ننڍو ڪري **اَرُ** ڪيو ويندو آهي. ڏاتو سر عام طرح ساڳيو ئي رهندو آهي، پر ڪن اسمن ۾ **اُ** بدلجي **اوَ** ٿيندو آهي. (جتي اُ گهُٽو ٿيندو آهي) مثال:

**مينهِ** مان **مِيهَارُ** يا **ميهرُ**

**چوَٽِي** (وارن جي چوٽي مان) **چوَٽيَرُ**

**ڏَٺُ** مان **ڏَٺارُ**؛ **اُٺُ** مان **اوَٺارُ**

**جَوُ** مان **جَوَالُ** – (جوَن وارو)

ان مان ڪجهہ صورتون جن ۾ **آرُ** يا **آلوَ** استعمال ٿيندو آهي، اهي اساسي اسم واري معنيٰ ۾ ڪتب اچن ٿيون ۽ انهن جو اصلي اضافتي اثر ذري گهٽ ختم ٿي ويندو آهي. مثال

**گهَڙِي** مان **گهَڙِيالُ** ۽ **گهَڙِيَالوَ**

**ڏِئوَ** مان **ڏِئَالُ**

**جهُڙُ** مان **جهُڙالوَ**

**16) اِيروَ، اِيلوَ يا اِيروَ ۽ اِيلوَ واريون بناوتون:**

اهي جوڙ سنسڪرت جي **اِيَر** ۽ **ايلَ** جي برابر آهن ۽ صفاتي لفظ ناهيندا آهن، جن مان ڪنهن عادت، معيار يا سَگهہ/ شدت جو مفهوم نڪرندو هجي. **اِيروَ** ۽ **اِيلوَ** پراڪرت جوڙ **اِلَ** مان نڪتل آهن. (Var IV. 25) مثال:

**گانڍِ** (صبر) مان **گانڍِيروَ**

**هٺ** مان **هٺيلوَ**

**چانو** مان **چانويرو** يا **چاويلو**

**ٽرُ** مان **ٽڙيلوَ**

**چَمُ** مان **چميلوَ**

17) **اِرُ واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ ر برابر آهي (جنهن ۾ ملائيندڙ سر اِ لڳي ٿو) ۽ اسم عام، لاڳاپيل لفظ ۽ اضافتي اسمَ ناهڻ ۾ ڪتب ايندو آهي. ان جوڙ جي لڳائڻ ڪان اڳ آخري سر حذف ڪيو ويندو آهي (چاهي اهو ننڍو هجي يا ڊگهو). مثال:

**سَنّڌِ** (ڀت ۾ سوراخ) مان **سَنّڌِرُ** (ڪاٽ هڻندڙ)،

**جهَاتِي** مان **جهَاتِرُ**

**چِينّي** مان **چِينّپرُ**

**جهَپو** مان **جهَپرُ**

**پيٽُ** مان **پيٽرُ**

**وِهُ** (زهر) مان **وِهِرُ**

18) **اَٽُ ۽ آٽُ واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جي جوڙ **مَتَ** مان نڪتل آهي. جت م ڇانٽي ٿيو وڃي. ڪجهه اسمن ۾ ڇانٽي ٿيل م جي ڪري پورائو ڪرڻ لاءِ **آ** کي ڊگهو ڪيو ويندو آهي. ان سان سنسڪرت جيان اضافتي اسم ٺهندا آهن. مثال:

**پوَرهيوَ** مان **پوَرهِيَٽُ**

**پَرِي** مان **پَرَيَٽُ**

ڏِٺِي (قرض) مان ڏٺِيَاٽُ

19) **اِيتو (اِتو) واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ **اِٽَ** جي برابر آهي ۽ ٺهندڙ لفظن مان مالڪيت يا ڪنهن شيءِ جي پنهنجو هجڻ جو مطلب نڪرندو هجي. سنسڪرت جوڙ جي ننڍي اِ کي سنڌيءَ ۾ لهجي جي مناسبت سان **اِي** ڪيو ويندو آهي. ان جوڙ ڪان اڳ آخري سر هميشه ترڪ ٿيندو آهي. مثال:

**پُٽرُ** (پُٽ) مان **پُٽرِيتوَ** (پٽيتو)

**ڌِيءِ** مان ڌيئِيتوَ

**جوَءِ** مان **جوَٽيتوَ**

**يَاءُ** مان **يَائِتوَ**

20) **آئِتوَ واريون بناوتون:**

اهو جوڙ اشتقاق ۾ اهميت ۾ متي آيل جوڙ جهڙو ئي آهي ۽ فرق فقط ايترو آهي تہ هن ۾ اخري اوَ، اُ ۽ ا هن ڳنڍ کان اڳ آ ۾ بدلجن ٿا. مثال:

**وَاروَ** مان **وَارَائِتوَ**

**سَجهُہ** مان **سَجهَائِتوَ**

**وَاٽ** مان **واٺائِتوَ.**

**21) ڙُ ۽ لُ واريون بناوتون:**

(الف) **ڙُ** سنسڪرت جي تصغيري جوڙ ر جهڙو آهي ۽ ان کي صفتن ۽ اسم حاليہ ۾ ڳنڍيو ويندو آهي، جنهن سان انهن جي اصل معنيٰ ۾ معمولي فرق ايندو آهي. صفت ۾ لڳڻ جي صورت ۾ ڏاتو سر کي اڪثر ڪري ڊگهو ڪيو ويندو آهي. آخري **اُ** ۽ **اوَ** کي هن جوڙ جي اضافي کان اڳ **ا** ۾ بدلبو آهي، جڏهن تہ **اِي** ۾ تبديلي نہ ٿيندي آهي. مثال:

**ڪبوَ** مان **ڪابڙُ**

**سَاڃوَ** مان **سَاڃڙُ**

**ڪسَ** مان **ڪسَڙُ**

**ڪَاچِي** مان **ڪَاچِيڙوَ**

**لِڪَنڊوَ** مان **لِڪَنڊَڙُ**

(ب) جوڙ **لُ** بہ **ڙُ** جهڙو آهي (ر= **ڙ** = **ل**) ۽ ماضيءَ وارن ڪردنتن کي سادين صفتن ۾ تبديل ڪندو آهي. ورلي ڪڏهن اهو صفتن ۾ ملندو آهي، پر انهن جي مفهوم ۾ ڪو خاص فرق نٿو اچي. مثال:

**وِٺوَ** مان **وِٺلُ**

**ڏِنوَ** مان **ڏِنَلُ**

**وِسُوڙوَ** مان **وِسُوڙلُ.**

ساڳيءَ ريت پراڪرت ۾ بہ جوڙ **ر** يا **ل** (تصغيري) اسمن ۽ صفتن ۾ لڳايا ويندا آهن ۽ انهن جي حيثيت ۾ ڪو خاص فرق نہ پوندو آهي (Of Var IV, 26) مثال سنسڪرت **وِديُتَ**- پراڪرت **وِججہ** يا **وِجوُلِي**؛ **پيت** (پيلو)- پراڪرت **پيئہ** يا **پيئلَ**.

اهو ساڳيو جوڙ **لا** مرانيءَ ۾ بہ ملي ٿو، جيڪو ماضيءَ وارن ڪردنتن ۾ لڳائي اصلي صفتون ناهيون ويندون آهن. مثال:

**چالا** مان **چَالليلا** (معنيٰ **وِئلُ**)؛ **موديلا** مان **مودِلا** (معنيٰ **ٿُتَلُ**)، بلڪل ائين ئي گجراتي ۾ بہ ڏٺو ويو آهي. مثال: **لِڪِيلوَ** (صفت **لِکيو** منجهان)

22) **اڙِيوَ واريون بناوتون:**

جوڙ **اڙِيوَ** دراصل تصغيري جوڙ **ڙ** (= **ڙ**) ۽ صفتي جوڙ **يوَ** جو مرڪب آهي، جنهن مان صفتون ۽ توصيفي/ صفاتي لفظ ٺهندا آهن، جن جو مفهوم جهڪاءَ يا هيڻڪ ڏيکاري. مثال:

**سَڌِڙيوَ، گهوَرِڙيوَ، پيرِڙيوَ، پَرَمَتِڙيوَ.**

23) **آڪُ ۽ آڪُو واريون بناوتون:**

اهي اڻادي جوڙ (Unadi Affixes) جيڪي هونئن ته رڳو ابتدائي موضوعن ۾ موجود هوندا آهن، پر سنڌيءَ ۾ ڪن جاين تي ثانوي بناوتن ۾ به ملندا آهن. مثال:

**جهيڙوَ** مان **جهيڙاڪُ** ۽ **جهيڙاڪُو**

24) **اِڪوَ واريون بناوتون:**

هي جوڙ سنسڪرت جي جوڙ **ڪ** جي برابر آهي (سنڌيءَ ۾ ان ۾ ملائيندڙ سر **اِ** لڳي ٿو). جنهن مان صفتون ٺهنديون آهن، جن جو مطلب لاڳاپو يا ڪنهن خاصيت سان هوندو آهي. ان جوڙ کان اڳ آخري سر (ننيو يا ڊگهو) حذف ڪيو ويندو آهي. فقط آخري اُو ننيو تي اُ ٿيندو آهي ۽ ملائيندڙ سُر اِ جي بدران اَ ڪٽندو آهي مثال:

**وَاپَارُ- وَاپَارِڪوَ**

**وَاٽِيوَ- وَاٽِڪوَ**

**هَارِي- هَارِڪوَ**

**مِرُوَن- مِرُوَڪوَ.**

25) **اِيچوَ يا اِيچوَ واريون بناوتون:**

اهي جوڙ سنسڪرت جوڙ **اڪ** مان نڪتا آهن، جنهن مان اهڙيون صفتون ٺهن جن مان مراد نسب يا نسل يا اصليت جي نڪرندي هجي مثال:

**ڳوَٺُ- ڳوَٺيچوَ**

**پَاڙوَ- پَاڙيچوَ**

**پَارِ- پَاريچو**

**ويڙهِ- وِيڙهيچوَ**

26) **اوَڪوَ واريون بناوتون:**

اهو جوڙ جيڪو فقط وقت سان لاڳاپيل اسمن ۽ ظرفن ۾ ڳنڍيو آهي ۽ جوڙ **ڪ** جهڙو آهي. هت ملائيندڙ سر **اوَ** مخصوص حيثيت جو آهي، جيڪو ٻين هنڌن تي نٿو ملي. آخري سر ننيو هجي يا وڏو، هن جوڙ کان اڳ حذف ٿيندو آهي. مثال:

**وَرِهُ- وَرِهوَڪوَ**

**رَاتِ- رَاتوَڪوَ**

**هَاٿي- هاٿوَڪوَ**

**ڪَالهَ- ڪَالهوَڪوَ**

**پَرُ- پَروَڪوَ.**

ڪجهه ٻيون صفتون ساڳئي جوڙ مان نهنديون آهن، پر انهن ۾ فرق اهو آهي ته ڏاتو سر ڪي ڊگهو ڪبو آهي مثال: **چَنْدرُ- چانْدروَڪوَ (چاندوڪو).**

27) **آٽوَ (آڻُ ۽ اِٽوَ)، آٽِڪوَ واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جي جوڙ اِن برابر آهي ۽ اهڙيون صفتون ناهڻ ۾ ڪم ايندو آهي، جنهن مان وابستگي ۽ رشتي يا تعلق جي معنيٰ نڪري .هت اها ذڪر جوڳي ڳالهه آهي ته اصلي ملائيندڙ سر اِ سنڌيءَ مان نڪري ويو آهي ۽ ان بدران **آ** استعمال ۾ آيو آهي، (انهيءَ **عمل جي پيٽ لاءِ ڪجهه لاطيني صورتون** آهن. مثال: **روُمانس، اَفرِيڪانس**).

**آٽوَ** مان نهندڙ صفتن ۾ اجان ٻه جوڙ **ڪوَ** ٻه لڳائي سگهجي ٿو (اِ سر سان) ۽ نتيجي ۾ اسان ڪي اهڙيون صفتون ملن ٿيون، جن ۾ ٻه جوڙ لڳن ٿا. تڏهن ٻه **آٽوَ** واري صورت کان ڪو گهڻو فرق نٿا رکن. **مثال**:

**چوَرُ- چوَرَاٽوَ ۽ چوَرَاٽِڪوَ**

**لُچوَ- لُچَاٽوَ**

**يَائِي- يَايَاٽوَ**

ڪجهه اسمن ۾ ڏاتو سر ڊگهو ڪيو ٿو وڃي. مثال:

**چَنْدر** (چندر) — **چَاندرَاٽوَ** (چانداٽو)، **چَانْدرَاڻُ (چانداڻ)، چَانْدرِٽوَ (چاندٽو).**

28) **اُوٽو (اُوٽِڪو) واريون بناوتون:**

(الف) اهو جوڙ مٿي ڏنل جهڙو ئي آهي، پر هتي ڏاتو سر **اُو** ۾ جوڙ **ڪوَ** ڳنڍي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ معنيٰ ۾ ڪو خاص فرق نٿو پوي مثال:

**سيٺ** مان **سيٺوٽو**

**وات** مان **واتوٽو**

**اڳ** مان **اڳوٽو**

**ڪاله** مان **ڪالهوٽو.**

جوڙ **اوٽو** ۾ **ڪو** ملائي سگهجي ٿو بنان ڪنهن معنيٰ جي فرق جي، مثال:



[1] فارسي جي ڪانَ ۽ ڏو ڪانَ ڪي پيني ڏسو.

**اڳوٽو مان اڳوٽڪو.**

(ب) هڪ ٻيو جوڙ **اُوٽوَ** بہ آهي، جيڪو انگن ۾ لڳندو آهي ۽ جيتوٽيڪ ڏسڻ ۾ متي ڏنل جوڙ جهڙو آهي، پر بلڪل مختلف ڌاتوءَ مان آهي. اهو دراصل سنسڪرت اسم **گُڻ** مان آيو آهي. سنڌيءَ ۾ **گ** ڇانٽي ٿي وئي آهي ۽ **اُو** کي ڊگهو ڪيو ويندو آهي. پنجابيءَ ۾ ٻئي شڪليون **گُڻا** ۽ **اُڻا** استعمال ٿين ٿيون، تنهنڪري ان جي اصل ڌاتوءَ ۾ ڪو شڪ نٿو رهجي وڃي[1]. اهو انگن مان صفت ٺاهيندو آهي، جيڪو ڪا خاصيت يا ڳاٽيٽو ٻڌائيندو هجي. مثال:

**هِيڪُ- هِيڪُوٽوَ**

**پَنجَ- پَنجُوٽوَ**

**سَؤُ- سَؤُٽوَ**

29) **آڻِي واريون بناوتون:**

اهو جوڙ جيڪو سنسڪرت جوڙ **آينِ** برابر آهي، جيڪو خانداني ۽ اهڙا اسم ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو آهي، جن ۾ نسب ظاهر ٿئي. سنڌيءَ ۾ سنسڪرت جوڙ جو **اِ** ڊگهو ڪيو ويو آهي، جيئن ٻين اسمن ۾ ڪيو ويندو آهي. آخري نڌيو سر هن جوڙ کان اڳ حذف ٿيندو آهي. آخري **اِي** بدلجي **ي** ٿيو وڃي ۽ **اُ** کي نڌيو ڪيو ٿو وڃي. مثال: **مَحَمُودَاڻِي**- يعني مَحَمُود جو پٽ يا **اولاد**

**آرِي مان آرِياڻِي**

**آڏُو- آڏُئاڻِي**

**بَاگوَ- بَاگاڻِي**

30) **اِيٽوَ واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ **اِينَ** جي برابر آهي ۽ اهڙيون صفتون ٺاهيندو آهي، جن مان تعلق ۽ نسب جي معنيٰ نڪري. مثال:

**سَڱُ- سَڱِيٽوَ**

**وَسُ- وَسِيٽوَ.**

31) **آڻوَ واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ **آڻ** برابر آهي (۽ **ٺ** ڦري **ٺ** ٿئي ٿي). ان مان مالڪي ڏيکاريندڙ اسم ٺهندا آهن. مثال: **پَاڙِي- پَاڙِيانوَ**

**ڇَپَرَ- ڇَپَرَانوَ.**

32) **آسوَ (آسُو) واريون بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جي **ش** جي برابر آهي ۽ اهڙيون صفتون ٺاهيندو آهي، جن مان ڪنهن شيءَ

سان لاڳاپو ۽ تعلق ظاهر ٿئي. مثال:

**وَارِي- وَارِياسوَ**

**مَؤُ- مَوَاسُ.**

33) **هَارُ يا هَارِوَ وارو موضوع:**

اهو جوڙ سنڌيءَ ۾ ڄاتل لهجن ۾ فعلي اسمن (۽ مصدر) ۾ لڳايو ويندو آهي. ان مان هڪ قسم جو ڪردنت ٺهندو آهي، جيڪو عام طرح اساسي اسم طور استعمال ٿيندو آهي. مراٺيءَ ۾ ان مان اسم استقبال ٺهندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان مان ڪنهن ڪم يا حالت جي مستقبل ۾ ٿيڻ جو مفهوم نڪرندو آهي. سنڌيءَ ۾ به هي اڪثر مستقبل جي حالت ۾ استعمال ٿيندو آهي. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته مراٺي جوڙ ٽار جيڪو عام طرح مراٺي وياڪرڻ ۾ ڏسجي ٿو، اهو غلط آهي ۽ اها ساڳي غلطي گجراتيءَ ۾ به ڏني وئي آهي. دراصل گجراتي ۽ مراٺيءَ ۾ اهو جوڙ **آر** آهي، جيڪو سنسڪرت صفت ڪار جي برابر آهي، جتان **ڪ** ڇانٽي ٿيو آهي، معنيٰ ڪرڻ يا ناهڻ. سنڌي، پنجابي ۽ هنديءَ ۾ اهو هار آهي، جنهن کي سمجهڻ ضروري آهي ته اصل **ڪ** پهرين **ر** سان وسرگجي ۽ پوءِ ڇانٽي ٿيو وڃي ۽ پويان **ھ** بچيو وڃي. (تعارف نمبر VIII) سنڌيءَ ۾ **هارُ** ۽ **هَارِوَ** فقط مصدر ۾ لڳندا آهن. جڏهن ته ٻين بناوتن ۾ اصلي صورت **ڪَارُ** کي بنان ڪنهن تبديليءَ جي قائم رکيو ويندو آهي. مثال:

**سِرّجَڻُ** (مصدر)- **سِرّجَڻّهَارُ** ۽ **لِکَڻُ** (مصدر) **لکڻهار**.

34) **ڪَارُ ۽ ڪَرُ واريون بناوتون:**

اصلي صفاتي صورت ڪَارُ (سنڌي ۾ ننڍيو ٿيل ڪَرُ) به استعمال ٿيندو آهي (البت تمام گهٽ). ان مان اساسي اسمن مان صفاتي/ توصيفي لفظ ۽ صفتون ٺهنديون آهن ۽ ڳنڍيندڙ سر **آ** ڳنڍيو آهي. مثال:

**جهيڙو** مان **جهيڙاڪار** ۽ **جهيڙاڪَرُ**.

35) **وَانُ واريون بناوتون:**

هن جوڙ ۾ سنڌيءَ سنسڪرت جوڙ **وَتَ** (= **وان**) جي فاعلي حالت واحد کي قائم رکيو آهي، جڏهن ته پراڪرت صورت **وَنّتو** کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. اها ئي حالت ٻين ڄاتل لهجن جي به آهي. سواءِ گجراتيءَ جي، جنهن ۾ **وَنّتَ** پڇاڙي ڪتب اچي ٿي. ان مان صفتون ٺهنديون آهن، جن مان ملڪيت جو مفهوم نڪرندو آهي. مثال: **دَيَا مان دَيَاوَانُ**

**وِڄَا مان وِڄَاوَانُ**

**سِيلُ مان سِيلوَانُ**

36) **وَارِوَ واريون بناوتون:**

اهو جديد ٻولين جو انتهائي ڪارآمد جوڙ آهي، جيڪو ڪنهن به فعلي اسم يا يا اساسي لفظ ۾

جوڙي سگهجي ٿو ۽ مالڪ يا ڪندڙ جو مفهوم ڏئي ٿو. اهو جوڙ هندوستاني ۾ (والا) تمام گهڻو استعمال ٿيندو آهي، جتي اهو گهٽين ئي صورتن ۾ متبادل طور بہ ڪم ايندو آهي. اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ ول جي برابر آهي، جنهن مان ئي ڏاتو سر ڪي ڊگهو ڪري اهو جوڙ وجود ۾ آ يو. هت اهو ڏسڻ ضروري آهي تہ **وَارو** ڪي اسم جي عام تشڪيلي صورت يا مفعولي حالت ۾ ڳنڍڻ ضروري آهي. مثال:

**گهَرُ** مان **گهَرَ وَارو: گهَرَيوَارو:**

**ڏِئَڻُ** (مصدر) مان **ڏِيَڻوَارو**

**ٻيڙي** مان **ٻيڙيوَارو**

37) **يوَ واريون بناوتون:**

**يوَ** جيڪو سنسڪرت جي **ي** برابر آهي. اساسي لفظ مان صفت ناهڻ ۾ ڪتب ايندو آهي. مثال:

**ٻَاڳُ** مان **ٻَاڳيوَ:**

**وِڪوڪ** (جوئا) مان **وِڪوڪيوَ** (جوئاري):

**جوَ** (جوءِ معنيٰ زال) مان **جوَيوَ.**

# باب چوٿون

## Formation of Diminutives

## اسم تصغير جي جوڙ جڪ

**نمبر - 11**

سنڌيءَ ۾ مختلف قسمن جا اسم تصغير ناھڻ جي وڏي سھولت آھي ۽ ان ڏس ۾ ھوءَ ٻين پينر ٻولين کان گھڻو اڳتي آھي، جيئن تہ ان ۾ صفت، اساسي لفظن ۽ ڪردنتن مان بہ اسم تصغير ناھڻ جي صلاحيت آھي. اسم تصغير جي خيال کي ظاھر ڪرڻ لاءِ ھڪ طريقو اھو آھي تہ مذڪر جي جڳھ تي مونث پڇاڙي لڳائجي ۽ مونث جي سببان مفھوم ڪنھن شيءِ جي ننڍي، نازڪ ۽ چڱي ھئڻ جو نڪرندو آھي. مثال:

**ڳاٽُ** (مذڪر)- **ڳاٽِي** (مونث) (ڏسو نمبر C, 2, VI, 5)

ڪجھ لفظن ۾ ھڪ پراڻي تصغيري صورت پنھنجو وجود بچائي رکيو آھي. اھي لفظ **اوَٽُر (اوَٽرَ)** يا **اوٽُ (اوَٽوَ)** تي ختم ٿيندا آھن. پشتو ۾ اھا صورت آھي (**اوَٽائِي، اَٽائِي**) ۽ انھن جوڙن مان باقاعدي اسم تصغير ناھيا ويندا آھن. ان تصغيري جوڙ جي اصل ڌاتوءَ بابت پڪي ڄاڻ نہ ملي آھي. سنڌيءَ ۾ مثال:

**ٻَاھِ** مان **ٻاھوَٽِي**

**ڄَامُ** مان **ڄاموٽر (ڄَاموَٽُ)**

**ڏِئوَ** مان **ڏِئاٽِي**

انھن صورتن ڪانسواءِ سنڌي سنا اسم تصغير ناھڻ لاءِ بہ جوڙ ڪتب آڻيندي آھي، جيڪي دراصل ھڪجھڙا آھن. مثال: **اِيروَ** (= **روَ** جتي ملائيندڙ سر **اِ** ذريعي **اِي** سُر وجود ۾ آيو آھي، جنھن جو سبب اُچارڻ جو طريقو آھي)، جيڪو فقط صفت ۾ ڳنڍيو آھي ۽ **روَ** جنھن کي غير رواجي طريقي سان صفت ۽ اساسي لفظن ۾ ڳنڍيو ويندو آھي. اھي ٻئي جوڙ سنسڪرت جوڙ ر جي برابر آھن، جنھن مان سنڌيءَ پنھنجي مخصوص طريقي سان بہ تصغيري جوڙ ناھيا آھن. سنسڪرت جو ھڪ ٻيو تصغيري جوڙ **ڪ** ھندي مراٺي ۽ پنجابي ۾ استعمال ٿيندو آھي، پر سنڌيءَ ۾ استعمال نہ ٿيندو آھي.

1) **جوڙ اِيروَ:**

اهو تصغيري جوڙ، جيئن اڳ ذڪر ڪيوسون تہ فقط صفتن ۾ ڳنڍبو آهي، جنهن مان **ٿورو گهڻو** يا **ڏاڍو** جي معنيٰ نڪرندي آهي. مثال:

**ڊِرگهوَ** (ڊگهو) (صفت)- **ڊِرگهيروَ** (ڊگهيرو)

**ٿوَرو** (صفت)- **ٿوَريروَ**

**گهَڻِ** (صفت)- **گهَڻيروَ**

**2) پڇاڙي ڙوَ، مونث ڙي:**

اهو تصغيري جوڙ اساسي لفظن ۽ صفتن ۾ لڳندو آهي، ۽ اهڙن ۾ بہ جن ۾ اڳئي **اِيروَ** لڳل هجي. ان مان مفهوم **ننڍي، گهٽ** ۽ **نازڪ** جو نڪرندو آهي. ڪنهن شيءِ جي ننڍي هئڻ کي وڌيڪ مؤثر طرح ظاهر ڪرڻ لاءِ مذڪر بدران مونث پڇاڙي **ڙي** بہ ڪتب آڻي سگهجي ٿي. سنڌي شاعر اسم تصغير کي تمام نفاست ۽ سهڻي نموني استعمال ڪندي پنهنجي لکڻين کي مختلف صورتون ڏئي وڌيڪ شاندار بنائيندا آهن. انهن ۾ استعمال ٿيندڙ آخري سر هن جوڙ کي لڳائڻ ڪان اڳ هيٺ ڏنل طريقن سان تبديل ٿيندا آهن:

1) آخري **اُ** (مذڪر)، **اَ** يا **اِ** ۾ بدلجندو آهي. سواءِ اهڙن مونث اسمن جي جيڪي **اُ** تي ختم ٿيندا هجن ۽ اهي قائم رهندا آهن.
2) ساڳيءَ ريت آخري **اوَ** تبديل ٿي، **اَ** يا **اِ** ٿيندا آهن.
3) آخري **اَ** پنهنجي جڳهہ تي قائم رهندو آهي.
4) آخري **اِ** يا تہ ساڳيو رهندو آهي يا وري (اڪري ملاپ خاطر) **اَ** ۾ تبديل ٿيندو آهي.
5) آخري **اِي** ۽ **اُو** ننڍا ٿيندا آهن ۽گهٽ **اَ** سان گڏ (ملائيندڙ سر طور).

**آخري اُ (جا مثال):**

**پَنڌُ- پَنڌَڙو**

**هَٿُ- هَٿِڙي**

**جِنڊُ- جِنڊُڙوَ**

**وِڄُ- وِڄُڙي**

**آخري اوَ (جا مثال):**

**هِنئوَ- هِنئَڙوَ**

**پوَلوَ- پوَلِڙوَ**

**ٿوَروَ- ٿوَرِڙوَ ۽ ٿوَريرِڙوَ.**

**آخري اَ (جو مثال):**

ڏِيءُ- ڏِيَڙِي.

**آخري اِ (جا مثال):**

اکِ- اکِڙِي

ڳالهِ- ڳالهڙِي

**آخري اِي ۽ اُو (جا مثال):**

مَنڍِي- مَنڍِڙو

پَٽون- پَٽُنڙِي

# باب پنجون

## Compound nouns

## مرڪب اسم

**نمبر - 12**

## I. Nouns compounded with a preceding particle

## اڳياڙيءَ سان مرڪب ٿيندڙ اسمَ

1) **ناڪاري جوڙن اَ، اَڻا، نا، نِر، نِ، مَ سان مرڪب ٿيندڙ اِسمَ:**

اهي سيئي ناڪاري جوڙ سنسڪرت ڌاتوءَ جا آهن ۽ ساڳيءَ طرح ۽ ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا، جيئن سنسڪرت ۾ ٿيندا آهن. ناڪاري جوڙ **اَ** فقط صفتن سان استعمال ٿيندو آهي؛ **اَڻا** گهڻو ڪري مشتق اسم ۽ اسم مصدر سان ۽ ڪڏهن ڪڏهن صفت سان استعمال ٿيندو آهي. **نا** صفتن سان ۽ ان جي ننڍي صورت **ٺ** اسم مصدر (Gerund) ۽ ڪردنتي صفتن سان استعمال ٿيندا آهن. **نِرَ** ۽ **نَ** (مدغم ٿيل ر سان) فقط صفتن سان (۽ صفت مان نهيل اسم ذات) سان ڪتب ايندا آهن. هت اسان هڪ ناڪاري جوڙ **دُرَ** جو ذڪر نہ ڪيو آهي، جيڪو بحث جوڳو جوڙ آهي ۽ فقط اهڙين صورتن ۾ استعمال ٿيندو آهي، جيڪي سڌو سنئون سنسڪرت مان آيل آهن ۽ سنڌيءَ ۾ عام طرح ادغام جي عمل مان گذريل آهن. مثال:

**ڏُڪّالُ** (سنسڪرت **دُشڪال**) (ڏسو تعارف نمبر ب 15).

هت هڪ سراسري جائزي وٺڻ لاءِ اسان سيئي ناڪاري اڳياڙيون جمع ڪري ڏيون ٿا، جيتوڻيڪ انهن سان جيڪي اسم مرڪب طور استعمال ڪيل آهن، اهي جوڙجڪ جي حيثيت ۾ هڪ ٻئي قسم جا مرڪب آهن.

**اڳياڙي اَ:**

**اَچِيتُ** (بي دليو)- **اچيتائِي** ۽ **اَچِيتي**

**اڳياڙي اَڻ:**

**اَڻٽِٽُو: اَڻپُڇو: اَڻويسَاهوَ ۽ اَڻويسَاهِي**

**اڳياڙي نا:**

**ناڪَارو: ناچڱو ۽ نا چڱائِي**

**اڳياڙي نَ:**

**نَٽِٽُو: نَٽِٽِي: نڪمو (بي فائدو)**

**اڳياڙي مَ:**

**مَڇِڏو: مَڪمو.**

**اڳياڙي نِر ۽ نِ:**

**نِرڌُڻِي** (بي حس)- سنسڪرت **نِرڌيَہ: نِراسُ**- سنسڪرت **نِرَاش: نِڌِڙِڪو**- (ڌِڙي جي حوالي سان)، **نِپٽرو** (نپٽو)- **پُٽرُ** (پٽ جي حوالي سان)

## 2) انڪاري حرف ڙي ۽ بي سان مرڪب ٿيندڙ اسم:

انڪاري حرف ڙي جيڪو حرف اضافت طور بہ استعمال ٿيندو آهي ۽ جنهن لاءِ هميشہ تشڪيلي صورت (مفعولي حالت) جي ضرورت هوندي آهي، پاڻ سنسڪرت حرف اضافت **رِتي** (پراڪرت **رتي** = **رِئي** ۽ چوٿو ٿي **رِي**) جي برابر آهن، جنهن جي معنيٰ **سواءِ** يا **ڪانسواءِ** نڪرندي آهي. **بَي** فارسي مان آيل آهي ۽ دراصل سنسڪرت اڳياڙي وِ سان لاڳاپيل آهي. عربيءَ ۾ اهي اڳياڙيون اسم سان ڳنڍيون نٿيون وڃن ۽ عام طرح جدا ڪري لکبيون آهن. مثال:

**رَي، رَي ڪمو: ڙي پاڻِيو: ڙي ڇيو**

**بي- بي سَگهو: بي دِينو: بي لَڄو**

## 3) ڳڻ سان لاڳاپيل اڳياڙين سُ (سنو)، ڪُ (خراب) ۽ اَوَ (اءُ) (= پري يا منجهان) سان مرڪب ٿيندڙ اسم:

**سُ (جا مثال): سُڪَالُ: سُڃيٽُ: سُپَرِين**

**ڪُ (جا مثال): ڪُپَتِ، ڪُپَتِيو: ڪُنِيَاءُ: ڪُڍَنگو**

**اَوَ (اءُ) جا مثال: اَوَڳُڻ ۽ آوَڳُڻُ: اَوَتڙُ يا اَوَتڙُ**

## 4) اضافتي حرف سہ (سنسڪرت جي سَهَہ مان نڪتل) سان ٺهندڙ مرڪب اسم: جن جو مفهوم **گڏ** يا **گڏ ڏنل** جو نڪري مثال:

**سَڦُلوَ؛ سَپوَجهوَ؛ سَپُٽروَ (سَپٽو).**

## II. Nouns compounded with a substantive, adjective or numeral
## ڪنهن اساسي لفظ، صفت يا انگ سان مرڪب ٿيل اسم

مرڪب اسمن جي جوڙجڪ ۾ سنڌي گهڻو ڪري سنسڪرت جي قاعدن جي پيروي ڪري ٿي. جيتوڻيڪ ڦرندڙ اکرن جي اٿهوند جي ڪري سنسڪرت وانگر لاتعداد مرڪب اسم سنڌيءَ ۾ ٺٺا نهي سگهن. ٻن کان وڌيڪ اسمن جو مرڪب ٺٺو ناهي سگهجي ۽ ٽن لفظن سان مرڪب ٿيندڙ اسم سنڌي ٻوليءَ ۾ ناممڪن آهي، ڇو ته اهڙي مرڪب ۾ ڪو به ربط ۽ ضابطو مڪمل طور ختم ٿي ويندو. هتي اسان اهڙن سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ مرڪبن تي نظر وجهنداسون جن ۾ سنسڪرت جي نالن بابت لفظ شامل ٿيل آهن.

**1) Tatpurusa تَتپُروشا مرڪب يا ٻن اسمن جو ملاپ جنهن ۾ پهرئين جو پوئين سان حالت موجب رشتو (Case-Relation) هجي:**

اهي مرڪب عام رواجي استعمال ۾ ورلي ڪو ڪتب ايندا آهن ۽ گهڻو ڪري شاعريءَ جي تصنيف ۾ استعمال ٿيندا آهن. اڳ ايندڙ اسم جنهن جو دارومدار پويان ايندڙ اسم تي هوندو آهي، ان کي ٺاهيندڙ درجو ڏيڻ ضروري آهي ته جيئن وياڪرڻي حوالي سان ان جي ضرورت کي اجاگر ڪري سگهجي. اهڙن اسمن کي لکڻ جي طريقي لاءِ ڪو سخت گير قانون نه آهي جن لفظن ۾ معنيٰ جي هم آهنگي وڌيڪ هوندي آهي. اهي گڏ ڪري لکيا ويندا آهن ۽ ٻئي هنڌ جن جو مرڪب بظاهر مضبوط نه هجي اهي الڳ ڪري لکيا ويندا آهن. مثال:

**اُترَ واءُ؛ گهرَ ڌُڻِي؛ مَٽي ڪاڻُو؛ ڏيسَ نِڪالوَ؛ ڪَرَنِ ٽُرٽروَ (ٽٽو)** (سست يا هٽ ڀڳل)؛ **پَاڻَ پَروَ.**

مرڪب جو هڪ مخصوص قسم صفت ۾ اساسي لفظ ڳنڍڻ سان ٺهندو آهي، جنهن ۾ جوڙ **وارو** لڳائڻ سان (ڏسو نمبر 10، 3، ب) اهو ٻيهر اضافتي نهي ويندو آهي. ائين ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته صفت، جنس، انگ ۽ حالت ۾ اساسي لفظ سان ٺهڪندڙ هجي. اهڙا مرڪب سندن مقصديت جي حوالي سان **ٻهُوِرهِس** (Bahuvrihis) (ورجاءُ وارا- متواتر) سڏبا آهن، پر تصنيف جي حوالي سان تَتپُروشا (Tutpurusas) آهن ۽ ان ڪري ئي انهن جو ذڪر هتي ڪيو ويو آهي. مثال:

**ٻئي ڏيسَوَاروَ** (ٻئي ديس جو)؛ **تِکي سُرَتوَاروَ** (سمجهه وارو)؛ **چڱي پَهَوَاروَ** (صلاح وارو)؛ **وَڏِيَ دِلِ داتا.**

**2) دوَنّدواس Dvandvas يا اسمن جو ميلاپ:**

سنسڪرت گرامر جي حوالي سان سنڌيءَ ۾ دوندواس (لفظن جون جوڙيون/ جوڙا) موجود نه آهن. ڪنهن ساڳي سوچ لاءِ ٻه اسم اڪثر گڏجندا آهن پر وياڪرڻ ۾ انهن کي الڳ لفظن طور سمجهيو ويندو

آهي. سنڌيءَ ۾ ٻين جاتل ٻولين ۾ لفظن جو اهڙو قسم جنهن ۾ پهريون حصو ٻئي کي واضح ڪري پر ان جي جاءِ نہ وٺي، ان ۾ بہ اسمَ اڪثر گڏ ملائبا آهن، جن ۾ پويان ايندڙ اسم گهٽو ڪري بي معنيٰ هوندو آهي ۽ فقط آواز کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڳنڍيو ويندو آهي. اهڙن مرڪبن کي دهرا لفظ يا تجنيس (Alliterations) سڏبو آهي. مثال:

**وَٽُ پُڇُ؛ ڇَگُوَ پلو؛ مَٽَ سَٽَ؛ گهَٽِ وَڌِ؛ جهڙُ ڦُڙُ؛ اڄُ صُبحَ؛ ٻَڪَ شَڪَ** (شڪ هڪ بي معنيٰ تجنيسي آهي).

سنڌيءَ ۾ ميلاپ کان وڌيڪ فارسي جوڙ **اوَ** (اڪثر انواسوار **اُون**) ذريعي ٻن اسمن کي جوڙيندو آهي. ان ۾ اڳ ايندڙ اسم جو آخري سر حذف ڪري ٻنهي لفظن کي هڪ ڪري ليکيو ويندو آهي. ڪجهہ حالتن ۾ آخري سر اڳ ايندڙ اسم ۾ پنهنجي جاءِ تي قائم رهندو آهي. وياڪرڻ جي حساب سان اهي لفظ دوندواس سڏبا آهن ۽ فقط پوءِ ايندڙ اسم گردان ڪندو آهي. مثال:

**رَاتوَڏِينهُہ؛ هَٿوَهَٿُ؛ رَاتِئوَرَاتِ؛ پَروَپَرِ** (هر قسم).

اهو ميلاپ فارسي جي ڳنڍيندڙ حرف **آ** ذريعي بہ ٿي سگهي ٿو. بلڪل ساڳي طرح جيئن اڳي ڏنل **اوَ** سان ٿيو هو. اها **آ** سنڌيءَ ۾ اڪثر ڪري انواسوار ٿي **آن** ٿيندي آهي. **آ** يا **آن** کان اڳ ايندڙ لفظ جو آخري سر حذف ٿي ويندو آهي. مثال:

**مُڪا مُڪِي، مُڪا ميلوَ؛ ويرَانوَيرَ.**

### 3) ڪَرمَڌاريا Karmadharyas بياني مرڪب (Descriptive Compounds):

سنڌيءَ ۾ ان قسم جا نوان مرڪب مشڪل سان شامل ٿين ٿا. ٻين ٻولين جيان قاعدي موجب صفت اساسي لفظ کان اڳ ايندي ۽ ان جي جنس، انگ ۽ حالت هڪ جهڙي هئڻ ضروري آهي. ڪرمڌاريا مرڪبن جون ڪجهہ نشانيون سنڌيءَ ۾ رهجي ويون آهن ۽ خاص ڳالهہ اها آهي تہ سنڌي پنهنجي لفظن جي ذخيري مان نوان مرڪب بہ ناهي جاڙي ٿي، جنهن ۾ صفت اساسي لفظ سان ان جي اصلي صورت ۾ گڏجي ٿي. اهڙا سڀ مرڪب هڪ ئي لفظ طور لکيا وڃن ٿا. مثال:

**مَهاجَنُ**- سنسڪرت **مهاجن** (وڏو واپاري)؛ **مَهارَاجُ** ۽ **مَهَرَاجُ؛ وَڏَ ڳاٽُو؛ گهَٽگهُرُوَ؛ مَنُگهُروَ؛ پَرَمَارَٿُ** (ڀلائي ڪندڙ)؛ **پَرَلوَڪُ** (ٻيو جهان).

### 4) دوِگس (Drigus) سڏائيندڙ يا مجموعي مرڪب:

ان قسم جا مرڪب جن ۾ اڳ ۾ انگ ايندو آهي ۽ اڪثر سنڌيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. مثال:

**ٻِپَهَرِي** (ٻہ + پَهَرِي)؛ **چَوَمَاسوَ** (چئن مهينن جو وقت- **مينهوڳي**)؛ **چَوَوَاٽوَ** (چئن رستن جو ميلاپ)؛ **پَنجَسَنَانِي** (پنج عضوا ڏوئڻ- مٿو، ٻہ هٿ ۽ ٻہ پير)؛ **ٻَارَهَنَمَاسِي** (ٻارنهن مهينا = سال).

5) **بَهُورَاهسِي** (Bahuvrihis) **سڏائيندڙ يا نسبتي مرڪب:**

ان قسم جا مرڪب جن مان مالڪيت يا رشتي جو مفهوم نڪري ۽ مٿي ڏنل چئني قسمن جي مرڪبن کي صفت ۾ تبديل ڪري نهن تا ۽ سنڌيءَ ۾ اڪثر استعمال ٿين ٿا. اهڙا مرڪب يا تہ سنسڪرت مان سنئون سڌو داخل ٿين ٿا يا ان ئي قاعدي جي پيروي ڪندا نوان مرڪب ٺهن ٿا. آخري اسم گهٽو ڪري صفتي جوڙ **اوَ** شامل ڪندو آهي. (ڏسو نمبر 14:10). اهڙا مرڪب جيڪي فارسيءَ مان سڌا آيا هجن، انهن ۾ آخري اسم ساڳي صورت ۾ رهي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ان جي رشتي جي حوالي سان اهميت فارسي ۾ اڳئي طي ٿيل هوندي آهي.

**(الف) تَتپُرُوشا** (Tatpurusha) **مرڪبن ۾ ٺهندڙ بُهوَورِهِي لفظ:**

**رَتوَرَنوَ** (رت + ورنو)؛ **مَتمُهوَ** (مت + منهُ)؛ پيٺ مان **پيٺارَٿِي** [پيٺ + ارٿي (**پيٺوڙي**)].

**(ب) ڪرمَڌاريا مرڪبن مان ٺهندڙ بَهُوَرهي لفظ:**

**وَڏوَاتوَ؛ گهَٽِبجوَ؛ ٿوَرَويرَموَ؛ صَافَدِلِ؛ خُوشخِيَالُ.**

**(پ) دُوِڳُ مرڪبن مان ٺهندڙ بَهُوَرهِي لفظ:**

**چوَدَروَ؛ ٻِمَٿوَ؛ ٻَارَهَنَمَاهوَ.**

**(ٻ)** بَهُوَرهِي لفظ جيڪي اهڙن مرڪبن مان ٺهن، جن جي اڳيان ظرف يا اڳياڙي موجود هجي. مثال:

**سَپُترو** (سَپُٽو)، **سُچيتُ** (ڌيان ڏيندڙ)؛ **ڪُمَتيوَ** (بي ايمان).

# باب ڇهون

## Gender of Nouns

## اسمن جي جنس

**نمبر - 13**

جيئن اڳ ذڪر ڪيل آهي ته سنڌيءَ ۾ ٻي جنس ختم ٿيل آهي ۽ گهٽي ياڳي اصلوڪن ٻي جنس اسمن ۾ مذڪر پڇاڙيون لڳي ويون آهن. ڪجهه ٿورن اسمن ۾ مونث پڇاڙيون به لڳيون آهن. جيئن ته هر اسم ڪنهن سُر تي ختم ٿيندو آهي، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ ڪنهن اسم جي جنس سمجهڻ نهايت آسان آهي. ڪجهه پڇاڙيون مذڪر ۽ مونث ٻنهي لاءِ ساڳيون به آهن.

پڇاڙي **او** هميشه مذڪر جڏهن ته پڇاڙي **اِ** مونث آهي. ٻيون پڇاڙيون مختلف جاين تي مذڪر ۽ مونث ٻنهي لاءِ استعمال ٿي سگهن ٿيون.

**1) پڇاڙي اُ:**

پنهنجي اصل موجب پڇاڙي **اُ** مذڪر آهي، پر جيئن ته اصلوڪن سنسڪرت- پراڪرت بنيادن ۾ **اُ** پڇاڙي واريون بناوتون مونث هونديون آهن، تنهنڪري ڪجهه اسم گڏجي ويا آهن ۽ انهن ۾ گهٽن مونث جنس قائم به رکي آهي. ڪجهه اسمن ۾ اصلوڪي مونث پڇاڙي حذف ڪري ان بدران **اُ** استعمال ڪئي وئي آهي، پر تنهن هوندي به مونث جنس قائم رکي وئي آهي، ۽ ٻين هنڌن تي بنان ڪنهن واضح سبب جي ڪجهه لفظ جيڪي سيني ڄاتل لهجن ۾ مذڪر آهن، اهي سنڌيءَ ۾ مونث ٿي ويا آهن. ڪجهه لفظن جي اصل جي ڄاڻ نه مليل آهي، تنهنڪري انهن بابت اندازو لڳائڻ غير مناسب آهي.

عام قاعدي موجب اهو چئي سگهجي ٿو ته پڇاڙيءَ جي بنياد تي اهي سيئي اسم مونث آهن، جن ۾ ڪنهن **زناني** (زال ذات) جي معنيٰ نڪري ٿي. مثال: **ماءُ؛ ڌِيءُ؛ نُنهُ؛ سَسُ؛ پيڻُ؛ ڏيڻُ** (ڪير ڏيندڙ ڍڳي)؛ **ڳئُون**. ڪجهه اسمن ۾ مونث پڇاڙيءَ طور **اُ** به استعمال ٿئي ٿي. مثال **ڌيءَ، نُنهَ؛ پيڻ**.

هيٺ ڏنل فهرست اهڙن **اُ** تي ختم ٿيندڙ اسمن جي آهي، جيڪي مونث آهن:

**اَڄُ** (مونث)- سنسڪرت **اَديہ** (ظرف)- هندي **آج** (ظرف)

**انسُ** (اولادُ) (مونث)- سنسڪرت **اَنْش** (مذڪر)، هندِي **اَنش** (مذڪر)

**انگُ** يا **انگھُ** (لڙڪ) (مونث)- اصل نامعلوم.

**آنڊُ** (پٽڙو ڪاڪوس)- اصل نامعلوم.

**ٻَبُرُ** (مونث)- سنسڪرت **وَرَوُرَ** (مذڪر)؛ هندي **ٻَبُورِ** (مونث)

**بَرَڪُ** (مونث)- (عربي **بَرڪَت**: سنڌيءَ ۾ **ر** جي اثر هيٺ **ڪ** وسرڳجي ويو آهي ۽ هڪ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو).

**ٻِنْدُ** (تخم، مَني) (مونث)- سنسڪرت **وِندُ** (مذڪر)، هندي **بندوُ** (مذڪر)

**پَسُ** (قلهيار، خاڪ) (مونث)- سنسڪرت **پَسَّمَنَ** (اسم)، هندي **پَسَ** (مذڪر)

**پَرُ** (گذريل سال) (مونث)- سنسڪرت **پَرُت** (ظرف)

**پُونئُ** (مونث) ۽ **پُونئِ** (پورو چنڊ)- سنسڪرت **پَرُوَنْ** (n)

**ٿاڪُ** (چمڙي جو برتن) (مونث) اصل نامعلوم.

**ٽَنْدُ** (مونث)- سنسڪرت **ٽَنُٽُ** (مذڪر) هندي **تانُت** (مونث)

**ٿَرُ** (مٿان ڄميل ملائي) (مونث) اصل نامعلوم.

**ٿَڃُ** (مونث)- سنسڪرت **سُتَنَ** (مذڪر)، هندي **ٿن** (مذڪر)

**ٽرڪُ** (ٽڪ = چرخي جو وٽڻو) (مونث)- سنسڪرت **ٽَرڪَ** (سنڌي ۾ مورڌني اچار لاءِ **ر** اڳتي ڪري ڏنل آهي، ڏسو تعارف نمبرXV الف.

**ڄَرُ** (ڄر يا اور 'ناڙو') (مونث)- بظاهر ٻہ لفظ گڏجي هڪ ٿيا آهن. **ڄَرُ** هندوستاني ۾ **زَلُو** برابر آهي (حقيقت ۾ فارسي مان آيل آهن) جيڪو پڻ سنسڪرت جي لفظ '**جالُڪا**' مان نڪتل آهي؛ آخري پد '**ڪا**' حذف ٿي ويو آهي، پر جنس اصلي ئي برقرار رهيس ٿي.

**ڄَرُ** (اور) سنسڪرت **جرايُ** (مذڪر) مان ننڍو ٿيل آهي، هندوستاني **جير** (يوناني **پڻ**)؛ هندوستانيءَ ۾ **جير** جي جنس بابت ابهام موجود آهي ۽ شيڪسپيئر بہ ان موضوع تي خاموش آهي. هنديءَ ۾ ان کي مذڪر سمجهيو وڃي ٿو (ٿامپسن، هندي ڊڪشنري)

**ڄِنْدُ** (مونث)- پنجابي مان کنيل آهي، جيڪو پڻ مونث هوندو آهي.

**ڄَوُ** (سيل ڪرڻ واري ميڻ) (مونث)- اصل نامعلوم.

**جوُڳارُ** (هڪ قسم جو لوڻ جيڪو دوائن ۾ استعمال ٿيندو آهي) (مونث) جيڪو **ڄَوُ** (ڄَوَ) ۽ **ڪار** جو مرڪب ٺهيل آهي.

**جهلُ** (مونث) (هڪ ٻوٽو- انديگو فيرا پوسيفلورا) اصل اڻڄاتل.

**چُپُ** (خاموش) هنديءَ مان ورتل جنهن ۾ اهو مؤنث آهي.

**چِلُ** (هڪ ياجي)- اصل نامعلوم.

**چارُ** (ڪار)- ڪار سان هڪجهڙو- سنسڪرت **ڪشار**

**چِلُ** (چِلرُ/ ڪل) سنسڪرت **چِلّ** يا **چِلي**- اهو **چِلَ** به استعمال ٿئي ٿو.

**چيزُ** (مونث) (شيءِ)- ورتل هندوستاني (فارسي) مان جتي پڻ اهو مونث آهي.

**ڏاتُ** (مونث) (پاڙ، ڌاتو)- سنسڪرت **ڌاتُو** (مذڪر)، هندي **ڌاتُ** ۽ **ڌاتُو** (مذڪر) پر تخم (مني) جي معنيٰ ۾ مونث طور استعمال ٿيندو آهي.

**ڏڏُ** (مونث)- سنسڪرت **ددَر** (مذڪر) هندي **دَادَ** (مذڪر)

**سَرؤُ** (مونث) (خزان)- سنسڪرت **شرد** (مونث) هندي **شَرَد** (مونث)

**سُگنڌُ** (مونث، پر ڪن جاين تي مذڪر)- سنسڪرت **سُگنڌُ**، هندي **سجنڌ**

**سِنڌُ** (مونث)- سنسڪرت- **سنڌُ** (مذڪر) هندي **سنڌ** ۽ **سِنڌو** (مذڪر).

**ڪَٽُ** (مونث، ڪن جاين تي مذڪر): اصل اڻڄاتل.

**ڪَسُ** (مونث) اصل اڻڄاتل

**ڳارُ** (مونث)- سنسڪرت **ڪشار** (مذڪر) هندي **ڪار** (مذڪر)

**ڪڙُ** (مونث ۽ ڪٿي مذڪر)- هندي: **ڪلِي** (مونث)؛ سنسڪرت **ڪلنَ** (مذڪر)

**ڪنڊر** (ڪَنڊُ) (مونث)- سنسڪرت **ڪٹڊ** (مذڪر) هندي **ڪٹڊ** (مذڪر)

**ڳَرُ** (انب) (مونث)- سنسڪرت **ڪرج** (مونث)

**ڳِرُ** (مونث)- سنسڪرت **گرپ** (مذڪر)

**ڳِمُ** (هڪ جهنگلي گاهه) (مونث)- اصل اڻڄاتل

**ڳِئُون** (مونث)- سنسڪرت **گو** (مونث)؛ هندي **گاءِ** ۽ **گئُو** (مونث)

**لِمَ** (مونث)- ڏسو **نِمَ** جيئن ته اهي ساڳيا آهن.

**لَنؤُن** (مونث)- سنسڪرت **ليَہ** (مذڪر) هندي **لَيَہ** (مذڪر)

**مَرُ** (مونث)- سنسڪرت **مَلَمَ** (بي جنس) هندي **مئل** (مونث)

**مَسُ** (مونث)- سنسڪرت **مَسِ** (مونث) هندي **مَسِ** ۽ **مَسِي**

**مِڪُ** ۽ **مِڄُ** (هڏي جي اندر گودو) (مونث)- سنسڪرت **مَڄَا**، هندي **مَجا** (مونث)

**مَيَلُ** (مونث)- ڏسو **مَرُ** جيڪي هڪجهڙا لفظ آهن.

**نِمُ** (مونث)- سنسڪرت **نِمّبوڪَ** (مذڪر)، هندي **ليمُو** يا **نِيمُو**

**نهَٽُرُ** (مونث) (اگر ۾ ڏکندڙ ڦرڙي)- مرڪب آهي **نهُ** (ننهن) ۽ **ٽُرُ جو**.

**وٿُ** (شيءِ) (مونث)- سنسڪرت **وَستوَ** (بي جنس) هندي **بَستُ**.

**وَٿ** (مونث)- سنسڪرت **ورت ٿ** جو وسررڳجڻ ر جي سبب آهي.

**وِڄُ** (مونث)- سنسڪرت **وِديوُت** (مونث) پراڪرت **وججوَ** (مونث)

**وِرَوُ** (الائونس/راشن) (مونث)- سنسڪرت **وَرَتَنَ** (بي جنس)

**وِسُ** يا **وِشُ** (دنيا) (مونث)- سنسڪرت **وِشيَہ** (مذڪر) هندي **وِشيَہ** (مذڪر)

**وَسَوُ** (وسندي) (مونث)- سنسڪرت ڌاتو **ورشِتَ**

**وِڪُ** ۽ **وِهُ زهر**) (مونث)- سنسڪرت **وشم** (بي جنس)؛ هندي **بِس** يا **بِک** (مذڪر)

وَنَسَ (مونث)- سنسڪرت **وَنشُ** (مذڪر)؛ هندي **بَنس** (مذڪر)

**هَنَجُ** ۽ **هَنَجهُ** (مونث)- سنسڪرت **هَنس** (مذڪر) هندي **هَنس** (مذڪر)

**هِنّدُ** (مونث) اصل ۾ اهو هڪ عربي- فارسي **لفظ** آهي، جيڪو ايرانين جي ويجهي پرڳڻي **سِنّڌُ** مان نڪتل آهي. (جت **س- هه** ۾ مٽجي وئي آهي). هندوستاني **هِند** (مذڪر)

**هِنگُ** (مونث)- سنسڪرت **هِنگُ** (مذڪر) هندي **هِنگُ**، **هينگ** ۽ **هندگ** (مذڪر)

هن عنوان هيٺ اسانکي اهڙا ملندڙ جلندڙ لفظ بہ ڏيڻ گهرجن جيڪي **اُ** تي ختم ٿين ٿا ۽ جن کي مونث تصور ڪيو ٿو وڃي، ڇاڪاڻ جو انهن جي آخري **اُ** ۾ ڦير نٿو اچي. اها ڳالهہ ڪجهہ دوندواس (دوهرن) لفظن لاءِ بہ چئي سگهجي ٿي، جيڪي دراصل ٻن امرن سان نهيل آهن ۽ جيڪي **اُ** تي ختم ٿي ساڳيءَ ريت مونث خيال ڪيا ٿا وڃن. جيئن تہ اهي لفظن جي ڦير گهير جي قاعدي کان آزاد آهن. مثال:

**اَڄُ وَڄُ** (مونث امر)، **جهَنوُ جهَنوُ** (آواز جو نقل) (مونث)

**ڇَوُ ڇَوَ** (ڳالهائڻ) (مونث)؛ **ڇَوُ وَٿُ** (مونث)؛ **ٽَنوُ ٽَنوُ** (مونث)؛ **وَٿُ پُڄُ** (تڪڙ) (مونث امر)؛ وغيره وغيره.

## 2) پڇاڙي اُو:

اها پڇاڙي **اُو** عام طرح مذڪر آهي، جيتوڻيڪ ڪن جاين تي ائين نہ بہ آهي ۽ اتي جنس جو تعين ان جي اصلي سنسڪرت استعمال سان يا چالو ٻولين جي قاعدن پٽاندڙ ٿيندو آهي. نقل وارا آواز **اُو** ۽ **اُون** پنهنجي اندر لچڪ نہ هئڻ ڪري مونث تصور ڪيا ويندا آهن. اهڙيون چند صورتون آهن:

**آبرُو** (مونث) هندوستانِي **آبَروَ** (مونث) (اصل فارسي)

**آنئُونَ** (آءٌ، **انا**) برابر ضمير متڪلم واحد 'مان' (پنجابي **هنئُ**).

**پُو** (مونث) ۽ **پُئِي**) (پونءِ/ زمين)- سنسڪرت **پُو** (مونث)

**ٽرُوُ**- اٺ جو سنهو وار (بنياد ٽَرَنُ معنيٰ لنگهي وڃڻ) (مونث)-

**جُون** (۽ **جُئي** ٻہ) (مونث)- هندي **جُونُ** (مونث) سنسڪرت **يُوڪا** (مونث)

**چَمَجُون** (مونث)- جون جو قسم جيڪو **چَمُ** تي چنبڙيل هجي.

**رُون رُون** (مونث) چرخي جي آواز.

**ڪُو ڪُو** (مونث)- آواز جنهن سان ڪتي کي سڏجي

**گنئو** ۽ **گِنئُون** (مونث)

**لُون** (۽ **لُنئُ**) (عضون تي سنهڙا وار) مونث- سنسڪرت **لومَنَ** (ٻي جنس) هندي **لوم** (مذڪر)

**وَهوُ** (ننهن) (مونث)- سنسڪرت وڏو، هندي **ٻهو**

### 3) پڇاڙي آ:

پنهنجي اصل موجب پڇاڙي آ سان گهڻي ڀاڱي مونث اسم نهندا آهن، جيتوڻيڪ ڪجهہ مذڪر اسم بہ آ تي ختم ٿين ٿا ۽ اتي انهن جي جنس جو دارومدار اسم تي هوندو آهي يا ان ٻوليءَ تي جنهن مان اهو لفظ آيل آهي، انهن جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

**رَاجا**- سنسڪرت **راجا** (مذڪر)

**لا لاَ**- هندي **لا لا**

**ڪَرَتا** (فاعل/ ڪندڙ)- سنسڪرت **ڪرتا**

**آتما**- سنسڪرت **آتما**

**مَاخُولِيَا** (اداسي)- عربي ۽ هندي (مذڪر)

**ڏيوَتا**- هندي **ديوتا** (مونث) سنسڪرت **ديوتا** (مونث)

### 4) پڇاڙي اِي:

پڇاڙي **اي** مذڪر ۽ مونث ٻنهي ۾ ملندي آهي، پر اهڙا مونث اسم تعداد ۾ زياده آهن. ڪوبہ اسم جيڪو مرداني جنس (انسان يا جانور) سان تعلق رکي اهو مذڪر ٿيندو آهي ۽ اهڙا اسم جيڪي ڪا زناني (انسان يا شيءِ) جي خصوصيت رکن اهي مونث ٿيندا آهن. ان قاعدي جي ابتڙ هيٺ ڏنل اسم مذڪر آهن. مثال:

**آسِرِي** (لئيءَ جو وڻ)، **ٻَانَڌِي**، **ٻُندي**، **ٻَچَتِي** (هڪ ٻوٽو)، **پَاڪِي**، **پَاٽِي**، **پَڪِي**، **ٿُڏِي** (ٻوٽي جو هينيون حصو)، **ٽِڪِي**، **چَتِي**، **دوَگِي** (هڪ ٿلهو لڪڻ)، **ڏَڙِي** (ڪپڙي جي رنگين ڪناري)، **سُرَجمُڪِي**، **ڪُندِلِي**، **گهَاري** (ليڪ)، **گهِتِي** (ٻيڙيءَ جي رسي)، **لاڏِي**، **مُشْتَرِي**، **مُنْڊِي**، **موَتِي**، **وَانگِي** (ڏندو جنهن ۾ رسي لڳائي پاٽيءَ جا گهڙا وغيره ڪٽبا آهن).

**5) پڇاڙي اِ:**

پڇاڙي **اِ** ۽ ساڳي ريت **اُ** سنڌيءَ ۾ باقاعده مونث پڇاڙيون آهن. ان کانسواءِ ڪجهه مذڪر اسم به **اِ** تي ختم ٿين ٿا ۽ اهي گهٽو ڪري ٻين ٻولين مان آيل آهن. سنڌيءَ ۾ قاعدي موجب ڪو به لفظ خاموش وينجن تي ختم نٿو ٿي سگهي ۽ ان ڪري ڪي اهڙا لفظ جيڪي خاموش وينجن تي ختم ٿيندڙ هجن ته انهن ۾ هڪ ننڍي ۽ تڪڙي اچارجندڙ **اِ** لڳائي ڇڏيو ويندو آهي. اهو ڪجهه ٻاهران آيل لفظن ۾ جيڪي **آ** تي ختم ٿيندا آهن، انهن ۾ اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ ننڍو سر **اِ** لڳايو ويندو آهي. جيڪو ڪن صورتن ۾ **اُ** سان متبادل طور به استعمال ٿي سگهندو آهي. مثال:

**اَحمَدِ**؛ **خُدَاءِ**؛ **خِضرِ**؛ **راءِ** يا **راءُ**- هندي **رَاءِ**؛ **سيٺِ** ۽ **قيصَرِ**.

ڪجهه حالتن ۾ سنسڪرت جي اصلوڪي آخري **اِ** کي ڏِگهو ڪرڻ کانسواءِ قائم رکيو ويو آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ عام طرح ٿيندو آهي. مثال:

**پَئي** (يا پَتِي)- سنسڪرت **پتِ**؛

**وِرَسپَتِ** (مشتري گرهه)- سنسڪرت **ورهسپَتِ**؛

**هَرِ**- سنسڪرت هر، هندي **هَرِ** ۽ **هَرِي**.

اجا ٻين جاين تي (قاعدي جي خلاف) اصلي **اِي** کي ننڍو ڪري **اِ** ۾ بدليو وڃي ٿو. مثال:

**ڪيهَرِ** يا **ڪيسَرِ** (شينهن)؛

**ڪُوءِ** ۽ **ڪُوئِي** (فارسي) (**گهٽي**)؛

**سَهَاءِ** ۽ **سَهَائِي** (مددگار).

ڪجهه لفظ ٻَهوورِهي مرڪب آهن، جن ۾ آخري **اِ** برقرار رهي ٿي (ڏسو نمبر 12، 5، 6) مثال:

**صَافدِلِ**، **اُدوَ اِڌِ**.

# باب ستون

## Formation of the feminine from masculine bases

## مذڪر بنيادن مان مونث ٺاهڻ

**نمبر - 14**

مذڪر اسمن مان مونث ٺاهڻ سنسڪرت ۽ پراڪرت قاعدي سان نهڪي اچي ٿو. ڪجھ صورتن ۾ مونث بناوتون سڌو سنئون سنسڪرت ۽ پراڪرت مان ڪنيل آهن ۽ ان ۾ سنڌي جي ادغام جي قاعدي جي پيروي ڪئي ويندي آهي. مثال **رَاڻِي**- سنسڪرت **راگِيِي** (ڏسو تعارف نمبر XIV، ب). اهڙا مثال اسان ڪي نظر ايندا، پر هيٺ ڏنل تبصري ۾ فقط موجوده وقت ۾ سنڌيءَ ۾ مروج قانون تي روشني وجهنداسين.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجھ جدا لفظ آهن، جيڪي مونث جي اظهار ۾ ڪم ايندا آهن، تنهنڪري مذڪر بنيادن مان مونث ٺاهڻ جي ڳالھ ختم ٿي وڃي ٿي. اها صورت اهڙن اسمن تي لاڳو ٿئي ٿي، جن مان ڪو رشتو يا تعلق ظاهر ٿيندو آهي ۽ عام ذاريل جانورن جي حوالي سان ٻولي نوان مخصوص لفظ پيدا ڪيا آهن، بجاءِ انهن ڪي لاڳاپيل مذڪر بنيادن مان ڪڍڻ جي، مثال:

| | |
|---|---|
| **پيڻَ،** | **پَاءُ** |
| **ڌيءَ يا ڌِيءُ-** | **پُٽر** (پٽ) |
| **مَاءُ-** | **پِيءُ** |
| **وَهُوُ-** | **ڄَاٽرو** (ڄاٽو) |
| **ڏَاچِي-** | **ڏَاگهوَ** |
| **ڳِئُون-** | **ڏَاندُ** |
| **مينُهِ-** | **سَانُ** |

سنڌي ٻين مذڪر بنيادن ۾ باقاعدگيءَ سان مونث ٺاهيندي آهي: ڪجھ اسم فقط مونث ۾ ئي قائم

رهيا آهن، جڏهن تہ انهن جا مذڪر غير متعلق لڳن ٿا يا وري ٻوليءَ مان سراسر غائب ٿي ويا آهن.

**1) اُ تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن مان ٺهندڙ مونث:**

اهڙا اساسي لفظ جيڪي **اُ** تي ختم ٿين ٿا، انهن مان مونث ناهڻ لاءِ **اُ** بدران **اِي** يا **اِ** لڳائي ويندي آهي، جڏهن تہ صفت لاءِ پڇاڙي **اِ** يا **آ** بہ لڳائي سگهجي ٿي. اساسي لفظن ۾ پڇاڙي **اِ** يا **اِي** جو استعمال اختياري آهي ۽ اهي ٻئي هڪٻئي جي جاءِ تي بہ ڪتب اچن ٿيون. مثال:

**ڇوَڪرُ** مان **ڇوَڪرِ** يا **ڇوَڪرِي**

**گڏهُ** مان **گڏهِ**

**پَرٽُ** مان **پَرٽِ** (ڌوٻي).

**ڏِيرُ** مان **ڏِيرَ** ۽ **ڏِيرِ** (ڏيرج)

مونث ناهڻ جي ان طريقي ڪانسواءِ ٻيو طريقو جوڙ **ڻِي، ڻِ، آڻِي، آئِڻِي** ملائڻ وارو بہ استعمال ٿيندو آهي، جيتوڻيڪ انهن جو استعمال فقط انهن اسمن ۾ ٿيندو آهي، جن مان ڪنهن فرد، ذات، ڌنڌي وغيره جي معنيٰ نڪري. صفتن ۽ جانورن جي نالن ۾ انهن جو استعمال ورلي ڪو ملي ٿو.

اهي سيئي جوڙ سنسڪرت جوڙ آني برابر آهن (= **ن**، ڏسو ٻوپ، ڪمپيريٽو گرامر نمبر 840). مثال **اِندراڻي** (اندر جي زال). سنڌيءَ ۾ اصلوڪو جوڙ **آڻِي** (جيڪو ڏندوان ڪان مورڌني ۾ بدلجي ٿو) قائم رهي ٿو يا (ڏسو ٻوپ sub loco) **آ** حذف ڪندي فقط **ڻِي** شامل ڪيو ٿو وڃي. اهي سيئي جوڙ مونث پڇاڙين (**اِ** ۽ ڪڏهن **اُ**) ۾ ملن ٿيون مثال:

**جَٽُ** مان **جَٽِڻِ**، **جَٽِڻِي** ۽ **جَٽِيَاڻِي**.

**ڳاهِڻِ** ۽ **ڳاهِياڻِي**- (ڳائڻ واري: مذڪر مروج نہ آهي)

**ٻروَچُ**- **ٻروَچاڻِي**

**شِينهُ**- **شِينهَڻِ**

**ڇُوٽُ** مان **ڇُوٽِڻِ**، **ڇُوٽِڻِي** ۽ **ڇُوٽِياڻِي** (تکي، تيز)

**2) اوَ تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن مان مونث جو ٺهڻ:**

مذڪر اسم جيڪي **اوَ** تي ختم ٿيندا هجن، انهن مان مونث ناهڻ لاءِ **اوَ** کي **اِي** ۾ بدليو وڃي ٿو. مثال:

**ڇوَروَ** مان **ڇوَري**

**گوَلوَ** مان **گوَلِي**

ان ڪانسواءِ **ڻِي، ڻ، آڻِي، آئِڻِ** بہ ذات، پيشي ۽ ڌنڌي لاءِ استعمال ٿيندڙ اسمن ۾ ڪتب آڻجن ٿا. مثال:

**لَنگهوَ** مان **لَنگهَڻِ**، **لَنگهِڻِي**، **لَنگهِياڻِي** ۽ **لَنگهِيائِڻِ**.

**3) اوَ تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن مان مونث جو ٺهڻ:**

مذڪر اسم جيڪي **اُو** تي ختم ٿيندا هجن، انهن ۾ مونث ناهڻ لاءِ **ٽِي** يا **ڻِ**، ملائيندڙ سر ذريعي لڳايا وڃن ٿا، جنهن سان **اُو** پنهنجي جڳهه تان هٽي ويندو آهي. آخري **اُو** ننڍو ٿي **اُ** به ٿي سگهي ٿو ۽ اتي ملائيندڙ سر طور ڪم اچي ٿو. مثال:

**هِنْدُو- هِنْدِڻِي ۽ هِنْدِڻِ يا هِنْدُٽِي ۽ هِنْدُڻِ**

ڪن صورتن ۾ جوڙ **آڻِي** ۽ **آئِڻِي** به استعمال ٿيندا آهن، جن جي لڳائڻ ڪان اڳ آخري **اُو** ڪي ننڍو ڪري هميشه **اُ** ڪيو ويندو آهي. مثال:

**هِنْدُئاڻِي ۽ هِنْدُئائِڻ.**

**4) اِ ۽ اي تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن مان مونث ناهڻ:**

اهڙا مذڪر اسم جيڪي **اِي** يا **اِ** تي ختم ٿيندا هجن، انهن مان مونث ناهڻ لاءِ جوڙ **ڻِي**، **ڻِ** يا **آڻِي** استعمال ٿيندا آهن. آخري **اِي** کي ننڍو ڪري **اِ** ڪيو ويندو آهي، جيڪو ملائيندڙ سر طور ڪم ايندو آهي، مثال:

**سيٺُ** مان **سيٺِڻِي: سيٺِڻِ ۽ سيٺِيَاڻِي**

**نوٽ:** ڄاتل لهجا به مذڪر اسمن منجهان مونث ناهڻ لاءِ سنڌيءَ جو طريقو استعمال ڪن ٿا، جتي هو مذڪر پڇاڙين کي مونث ۾ تبديل ڪن ٿا يا متي ڏنل جوڙن جو استعمال ڪن ٿا.

ان ڏس ۾ هندي ۽ هندوستاني به سنڌيءَ کي ڪافي ويجها آهن، جتي مونث ناهڻ لاءِ مونث پڇاڙي **اِي** ڪتب اچي ٿي. مثال:

**لڙڪا** مان **لڙڪِي**، **بَرَاهْمَڻ** مان **بَرَاهْمَڻِي.**

يا مذڪر بنياد ۾ جوڙ **اَن**، **اِن** ۽ **آنِي** لڳائڻ ذريعي مونث ناهين ٿا. مثال:

**سُنَار** مان **سُنَارَن: شير** مان **شيرنِي**، **مِهْتَر** مان **مِهْتَرانِي.**

گجراتيءَ ۾ به اهو ئي قاعدو لاڳو ڏسجي ٿو، جتي مذڪر جي جاءِ تي مونث پڇاڙي **اِي** ڪم آڻجي ٿي. مثال **ڪُترو** (ڪتو) مان **ڪُترِي** (ڪتي)، يا وري مونث پڇاڙين **ايڻ**، **ڻِي** ۽ آڻِي کي مذڪر بنياد ۾ لڳايو وڃي ٿو. مثال:

**واگهه** (شينهن) مان **واگهيڻ**، **اُونٺُ** مان **اُونٺِڻِي**، **ڏَڻِي** مان **ڏَڻِئاڻِي.**

پنجابيءَ ۾ مونث ناهڻ ۾ به اها ئي مشابهت ڏسجي ٿي، ڇاڪاڻ ته مذڪر پڇاڙيءَ کي مونث ۾ مٽيو وڃي ٿو. مثال **گهوڙا** مان **گهوڙِي**: يا مونث پڇاڙيون **اَڻ**، **آڻِي** ۽ **ڻي** لڳائيون وڃن ٿيون. مثال **اُسَڪالِي** (خراب ماڻهو) مان **اُسَڪالڻ**، **اُونٺُ** مان **اُونٺڻِي: مُغلُ** مان **مُغلاڻِي.**

مرانيءَ ۾ **اَ** ۽ **آ** کي مونث پڇاڙي **اي** ۾ تبديل ڪري مونث ناهيا وڃن ٿا. مثال:

**مُگلا** (ڇوڪرو)- **مُگِلي** (ڇوڪري)؛ **دَاس- دَاسِي**.

ڪجھ اسم جيڪي **اَ** تي ختم ٿين ٿا، انهن ۾ مونث پڇاڙي **آ** بہ ڪتب اچي ٿي. مثال **شُودَر**- جي زال **شودرا**. ان ڪانسواءِ اهڙا اسم جيڪي ساڪت **اَ** يا **اِي** تي ختم ٿيندا آهن، مثال:

**وَاگهَہ- وَاگهِڻِي**، **پَاپِي** مان **پَاپَڻِ**، **ڏنِي** مان ڏنين.

ان ڏس ۾ بنگالي سنسڪرت جي ويجهو ٿي ڏسجي. ان ۾ مونث پڇاڙين **آ** ۽ **اي** بدران مذڪر پڇاڙيون لڳنديون آهن. مثال: **تنيا** (ڌيءَ)- **تنيہَ** (پٽ)، **پُتّرِي** (ڌيءَ)- **پُتّر** (پٽ). متعدي مجهول وارا اسم فاعل ۽ صفت جيڪي **ڪ** تي ختم ٿين اهي پنهنجا مونث سدائين ڪا سان ناهيندا آهن. مثال: **ڪارَڪ** مان **ڪارِڪا**، **گائِڪ** مان **گائِڪا**. **اِي** (= **ان**) وارا اسم پنهنجا مونث جوڙ **نِي** ذريعي ناهين ٿا. مثال: **هَاٿِي- هَٿِنِي** ۽ ساڳي ريت **پتيءَ** مان **پَتّنِي**، جوڙ **آٽِي** ۽ **آڻِ** جي استعمال ۾ بہ سنسڪرت طريقي تي سختي سان عمل ڪيو ٿو وڃي. مثال: **اَچَارِيَہ- اَچَارِيَاڻِي**.

ان مان خبر پوي ٿي تہ سنسڪرت اصل جا سيئي اتر هندوستاني لهجا مونث ناهڻ ۾ هڪبئي سان نهڪي اچن ٿا.

# حصو ٻيو

## THE INFLEXION OF NOUNS

## اسمن جو گردان- ڦيرو

## باب اٺون

نمبر - 15

## I. Formation of the Plural

## جمع جوڙڻ

خالص سنڌي اسم پنهنجي فاعلي حالت واحد سان سدائين مشابهت رکندو آهي، جديد آريائي ٻولين ۾ هاڻ فاعلي حالت واحد جي ڪا نشاني نٿي ملي. سنڌي ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت وانگر ڪي به (Definite) خصوصي جزا يا غير خصوصي جزا (Indefinite Article) نه هوندا آهن.

جيڪڏهن سجاڻپ خاطر انهن مان ڪنهن جي اظهار جي ضرورت هوندي آهي ته اسم کان اڳ اشاري واروضمير (Demonstrative Pronoun) يا مڪيه ضمير مبهم (Indefinite Pronoun) (يا انگ **هڪ**) لڳايا ويندا آهن. سنڌيءَ ۾ هاڻ ڪو به **تثنيه** (Dual) موجود ناهي ۽ نه ئي پراڪرت سنسڪرت ۽ ٻين جديد سنسڪرتي ٻولين ۾ ملي ٿو. تنهنڪري اسان فقط اسمن جي پڇاڙين جي حوالي سان جمع فاعليءَ جي بناوت جو ذڪر ڪنداسين.

1) **اُ تي ختم ٿيندڙ اسم:**

اُ تي ختم ٿيندڙ اسم گهڻي ڀاڱي مذڪر هوندا آهن، پر ڪجهه مونث به ٿيندا آهن. جمع ناهڻ لاءِ به انهن جي جنس جو خيال رکڻ ضروري آهي، جيئن هيٺ سمجهايل آهي:

**(الف) اُ تي ختم ٿيندڙ اسمن جا جمع:**

انهن اسمن جا جمع ناهڻ لاءِ **اُ** کي **اَ** ۾ تبديل ڪبو آهي. مثال **ڪُوهُ- ڪُوهَ؛ وَرُ- وَرَ؛** جيڪڏهن آخري **اُ** کان اڳ ننڍو **اَ** موجود هجي ته اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ جمع ۾ و لڳايو ويندو آهي. مثال **رَوُ- رَوَ.** پر جيڪڏهن آخري **اُ** کان اڳ **اَ** کان علاوه ٻيو ڪو سر لڳل هجي ته و جو اضافو اختياري ٿي ويندو آهي. مثال **گهَاءُ- گهَاوَ** يا **گهَاءَ؛ ڏيئُ-** (جمع) **ڏيوَ** يا **ڏيوءَ؛** پر جڏهن آخري **اُ** کان اڳ ڊگهو سر انوسوار ٿيندو هجي ته ٻوءِ و لڳائڻ لازمي آهي. مثال **ٿانءُ- ٿانوَ.**

هيٺ ڏنل ٻه اسم پنهنجا فاعلي جمع ناهڻ وقت قاعدي جي پيروي نه ڪندا آهن.

**يَاءُ- يَاٿُرَ ۽ يَاٿُرُ**

**پِيءُ- پِٿُرَ**

اهي ٻئي جمع پراڪرت صورتن ڏانهن اشارو ڪن ٿا يعني ياٿُرا (فاعلي واحد **يائرو**) ۽ **پِئرا** (فاعلي واحد **پِئرو**) ۽ درحقيقت ايترا قاعدي جي برعڪس ٻه نه آهن. (cf Varar V, 35).

**نوٽ:** اسان اڳي ڏسي آيا آهيون (نمبر I-15) ته سنڌيءَ جي **اُ** پڇاڙي پراڪرت جي **او** مان ننڍي ڪري حاصل ڪيل آهي؛ پراڪرت ۾ **او** تي ختم ٿيندڙ اسم جمع لاءِ پڇاڙي **آ** استعمال ڪندا آهن، جيڪا سنڌيءَ ۾ ننڍي ٿي **اَ** ٿي وئي آهي.

ان ڏس ۾ جاٽل لهجا سنڌيءَ سان سهمت آهن. هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ انهن اسمن جي واحد حالت ۾ آخري ننڍو سر اڳئي حذف ٿيل آهي ۽ جمع ۾ ٻه ان کي خارج ڪيو ويندو آهي، يعني جمع ۾ ٻه ڪو فرق نٿو اچي. مراٺي ۽ پنجابيءَ ۾ ٻه ساڳي صورت آهي. جڏهن ته گجراتيءَ ۾ جمع پڇاڙي **اوَ** لڳائي ويندي آهي.

**(ب) اُ تي ختم ٿيندڙ مونث اسمن جا جمع نهڻ:**

اهي اسم آخري **اُ** کي **اُون** ۾ تبديل ڪري جمع ناهيندا آهن. مثال:

**وَٿُ-** جمع **وَٿُون؛ وِڄُ-** جمع **وِڄُون.**

هيٺ ڏنل اسمن ۾ سندن باقاعدي جمع ڪانسواءِ ڪي ٻي قاعده جمع ۾ ٻه نهندا آهن. مثال:

**پيئُ** (يا **پيڻُ**)- جمع **پيٺُون** يا **پيئَرُ** ۽ **پيئَرُون؛**

**مَاءُ-** جمع **مَاٿُون** يا **مَائِرُ** ۽ **مَائِرُون.**

**ڌِيءُ-** جمع ڌِٿُون يا **ڌِيئَرُ** ۽ **ڌِيئَرُون.**

**نُهُ** (۽ **نُهَ**)- جمع: **نُهُون** يا **نُهَرُ** ۽ **نُهَرُون**

ٻوليءَ جي بگاڙ کان بچڻ لاءِ انهن مونث اسمن ساڳيو جوڙ **اَرُ** مروج ڪيو آهي (يا نرم اچار لاءِ **اِرُ**) جيئن مذڪر اسم ٻي قاعدي جمع ۾ لڳائيندا آهن ۽ مونث حالت ۾ ان کي ڊگهو ڪري **اَرُون** ڪيو ويو آهي.

**نوٽ:** پالي لهجن ۾ **اُ** تي ختم ٿيندڙ مونث اسم جمع ٻه ساڳيا رهن ٿا. مثال **يَاگُ-** جمع **يَاگُ؛** يا ان ۾

اوَ (سنسڪرت جوڙ اَمر) لڳندو آهي (۽ ي اچار جي ڦيري لاءِ) جيئن يَڳيوَ: اها ساڳي صورت پراڪرت ۾ بہ ڏسجي ٿي. مثال: بَهُو- جمع بَهُوَ. سنڌيءَ ۾ اهوجمع وارو جوڙ اُ آخري اُ سان ملي اُو ٿئي ٿو ۽ ساڳئي وقت انوسوار ٿي اُون ٿئي ٿو.

2) اوَ (اوُن) تي ختم ٿيندڙ اسم:

اهي اسم آخري اوَ کي آ ۾ تبديل ڪري پنهنجا جمع ناهيندا آهن. مثال: وَاڍوَ- جمع وَاڍَا؛ ٽوَبوَ- جمع ٽوَبَا. جيڪڏهن آخرِي اوَ انوسوار هجي، جيڪو اڪثر ڪري هوندو آهي تہ جمع ۾ بہ انوسوار قائم رهندو آهي. مثال: چوَٽوُن- جمع چوَٽَان.

جيڪڏهن آخري اوَ کان اڳ ننڍو اَ (يا انواسوار آن) هجي تہ اتي اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ ٻنهي جي وچ ۾ و لڳايو ويندو آهي. مثال ٺئوَ- جمع ٺوَا؛ نئوُن- جمع نوَان. پر جيڪڏهن آخري اوَ کان اڳ ٻيو ڪو سر لڳل هجي تہ و جو اضافو اختياري ٿي ويندو. مثال ڪُئوَ- جمع ڪُئا يا ڪُوا؛ ميئوَ- جمع ميئا يا ميوَا؛ گهَائوَ- جمع گهَائا يا گهَاوَا.

اسان ان ڳالهہ تي گهڻا ئي دفعا زور ڀريو آهي تہ سنڌيءَ ۾ پراڪرت پڇاڙي اوَ ننڍي ٿي اُ ٿي ويندي آهي يا ساڳي صورت ۾ رهندي آهي ۽ اهڙي قسم جي اسمن مان جمع نهڻ جو عمل پراڪرت سان ٺهڪي اچي ٿو. (يعني واحد اوَ- جمع آ).

نوٽ: ڄاٽل اصطلاحن ۾ مذڪر پڇاڙي اوَ جي بدران آ استعمال ڪئي وئي آهي. هندي، هندوستاني، مراٺي ۽ پنجابيءَ ۾ آ تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم عام طرح جمع ۾ اِي جو استعمال ڪن ٿا، جيڪا پڻ هڪ جمع پڇاڙي طور قديم پراڪرت لهجن ۾ استعمال ٿيندي رهي آهي. (ڏسو Lassen Instit: Ling: Bak: P430). ان ڏس ۾ گجراتيءَ ۾ طريقو مختلف آهي. ان ۾ مذڪر اسم جيڪي اوَ تي ختم ٿين اهي جمع پڇاڙي آ ڪانپوءِ جوڙ اوَ لڳائين ٿا. مثال چوَڪَروَ- جمع چوَڪَرَاوَ. ان ئي قسم جي صورتحال پراڪرت جي ماڳڌي لهجي ۾ ڏني وئي آهي. (cf Lassen p399)

3) اُو ۽ اُون تي ختم ٿيندڙ اسم:

اهڙا اسم جيڪي اُو يا وڌيڪ عام طرح اُون تي ختم ٿين اهي جمع ۾ ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. مثال وِڇُون (مذڪر)- جمع وِڇُون؛ ڳِئُو (مونث)- جمع ڳِئُو.

پاليءَ ۾ اُ تي ختم ٿيندڙ مذڪر بناوتن ۾ جمع ۾ ان کي ڊگهو ڪري اُو ڪن ٿا. مثال: پِڪ (فقير)- جمع پِڪو ۽ اهڙيون مذڪر بناوتون جيڪي فاعلي واحد ۾ اُو تي ختم ٿين اُهي جمع ۾ ساڳي صورت ۾ رهنديون آهن. مثال اپِيُو- جمع اپِيوُ (اپِيوَو مان ننڍو ٿيل). پراڪرت ۾ اُ تي ختم ٿيندڙ مذڪر بناوتون هميشہ فاعلي واحد ۾ پنهنجي آخري سر کي ڊگهو ڪنديون آهن ۽ جمع ۾ جوڙ اوَ (= اس) جو اضافو ڪن ٿيون. مثال: وَاءُ- (فاعلي واحد) وائُو- فاعلي جمع وَائوَو. پراڪرت ۾ ان جمع جوڙ اوَ کي ننڍو ڪري اُ بہ ڪري سگهبو آهي، جڏهن تہ جديد لهجن ۾ ان کي مڪمل طرح حذف ڪيو ويو آهي. سنڌي ۾ اُو عام طرح

انوسوار ڪيو ويندو آهي. يعني **اوُن**.

نوٽ: هندي، هندوستاني، پنجابي ۽ مراٺيءَ ۾ **اوَ** تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمَ جمع ۾ بہ ساڳيا رهندا آهن. جڏهن تہ هندوستانيءَ ۾ مونث اسم ۾ جمع پڇاڙي **آن** لڳائي ويندي آهي. مثال **جوَرُو**- جمع **جوَرُوان** (پراڪرت جي جمع پڇاڙي **اوَ** کي آ ۽ **آن** ۾ تبديل ٿو ڪجي). گجراتي **اُو** تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن جا جمع ناهڻ ۾ پراڪرت جي ويجهي آهي ۽ ان جي جمع واري پڇاڙي **اوَ** لڳائي ٿي. مثال **هِنُدُو- هِنُدُووَ**

### 4) آ (آن) تي ختم ٿيندڙ اسم:

جيئن اڳي ڏنو ويو آهي (نمبر 13، 3) اهي گهٽي ياڳي مونث هوندا آهن ۽ جمع ناهڻ لاءِ **اوُن** ڪم آڻيندا آهن. مثال: **هَجَا- جمع هَجَائُون**.

انهن اسمن جا جمع پراڪرت جي جمع پڇاڙين آ- **اوَ** ۽ آ- **اُ** جي برابر آهن، جيڪي مونث جي آخري آ ۾ گڏبيون آهن. (ڏسو ليسن ص: 307). سنڌيءَ ۾ پراڪرت جي جمع ۾ اضافي **اوَ** بدران **اُو** ڪتب اچي ٿو ۽ ساڳئي وقت انوسوار بہ ٿئي ٿو.

آ تي ختم ٿيندڙ ڪجهہ اسم مذڪر آهن ۽ جمع ۾ بہ ساڳيا رهن ٿا. مثال: **لالا- جمع لالا**.

سنڌيءَ ۾ پراڪرت جو جمع ناهڻ لاءِ **اوَ** (آ- **اوَ**) پهرين ننڍو تي **اُ** ڪيو ويو ۽ پوءِ مڪمل طرح حذف ڪيو ويو آهي.

نوٽ: هندي ۽ هندوستانيءَ جا مونث اسم جيڪي **آ** (**آن**) تي ختم ٿين اُهي پنهنجا جمع ناهڻ لاءِ **اِين** جو اضافو ڪندا آهن. مثال: **بَلا- جمع بلائين**. اتي اها **اِي** پراڪرت جوڙ **اوَ** جي برابر آهي، جيڪي پراڪرت جي هيناهين لهجن ۾ اڪثر **اِي** ۾ تبديل ڪيا ويندا آهن. (ڏسو ليسن ص: 398، 408). اهڙا مذڪر اسم جن جي آخري آ سنڌيءَ سان نٽي نهڪي اچي، اهي جمع ۾ ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. پنجابيءَ جا مونث اسم جيڪي آ تي ختم ٿين اهي **اِين** يا **انيان**- **اِيان** جو اضافو ڪندا آهن ۽ اهو اضافو **اِين** هندي جي **اِين** مان آيل آهي ۽ **اِيان** پراڪرت **اوَ** جي برابر آهي، جنهن ۾ **اِ** يا **ي** جو اضافو اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ آهي. ڪجهہ مذڪر اسم جمع ۾ بہ ساڳي صورت ۾ رهن ٿا. مثال: **آتما**، **پِتا** وغيره. گجراتي هوبهو پراڪرت وانگر مونث اسمن ۾ آ بدران **اوَ** لڳائي ٿي. مثال: **مَا- جمع مَاوَ**- مراٺي جا مونث اسم جيڪي **آ** تي ختم ٿين اهي جمع ۾ بہ ساڳيا رهن ٿا. مثال: **مَاتَا- جمع مَاتا**، ان ئي قسم جا ڪجهہ مذڪر اسم بہ ساڳي ريت تبديل نہ ٿيندا آهن.

### 5) اُ تي ختم ٿيندڙ اسم:

اهي اسم جيڪي سيئي مونث هوندا آهن، پنهنجا جمع ناهڻ لاءِ آخري **اُ** کي (لاڙ ۾) **اوُن** ۽ (سري ۾) **آن** ۾ تبديل ڪندا آهن. مثال **نَرُ** (ناس)- جمع **نَرُون** يا **نَرَان** (ناسون).

اهي اسم جيئن اڳ ڏنو ويو تہ پراڪرت ۽ سنسڪرت بنياد جيڪي آ تي ختم ٿين، ان مان ننڍا ڪيل آهن: اهي جمع لاءِ آن (برابر پراڪرت **اوَ** جي) کان اڳ آخري **اُ** حذف ڪن ٿا يا اصلي آ کي واپس رکندي

جمع اضافي **اوَ** کي حذف ڪن ٿا ۽ ساڳي وقت آخري ڊگهي سر کي انواسوار ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:** ان قسم جا اسم جن ۾ آخري **اَ** ساڪن ٿيندي هجي، اهي ڄاڻل لهجن ۾ نٿا ملن. مثال هندوستاني **جِيبِ** (مونث)- جمع **جِيبِين** ۽ جتي جمع ٺاهڻ لاءِ **اِين** ڪتب آيو آهي (= پراڪرت **اوَ**). پنجابي **بانهه** (مونث)- (سنڌي **ٻانهَه**). جنهن جو جمع **ٻانهان** آهي. مراٺي **جِيبِ**- جمع **جِيبِيَا**. گجراتي ۾ مونث بنياد تي جمع پڇاڙي **اوَ** لڳندي آهي. خاص ڪري جت وينجن ساڪن هجي. مثال **سانجهه** (مونث)- **سَانجهوَ**.

### 6) اِي (اِين) - تي ختم ٿيندڙ اسم:

(الف) **اي** تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم جمع ۾ ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. مثال **ٻيلِي**- جمع **ٻيلِي**؛ **پرِين**- جمع **پرِين**.

پراڪرت ۾ **اِي** تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم جمع لاءِ **اوَ** جو اضافو ڪندا آهن، جيڪا سنڌيءَ ۾ ننڍي تي **اَ** تي هاڻ مڪمل طرح ختم ٿي وئي آهي.

(ب) **اِي** تي ختم ٿيندڙ مونث اسم جمع لاءِ **اوُن** جو اضافو ڪندا آهن ۽ ان جي لڳائڻ کان پهرين اڳ ايندڙ ڊگهي **اِي** کي ننڍو ڪندا آهن ۽ آواز کي نرم ڪرڻ لاءِ **ي** به لڳائي سگهن ٿا. مثال **گوَلِي**- جمع **گوَلِيوُن** ۽ **نِهائِين — نِهَايُون**.

اي وارا مونث اسم پراڪرت وانگر جوڙ **اوَ** جو استعمال به ڪندا آهن، جيڪو ننڍو تي **اَ** به ٿي سگهي ٿو. هن صورت ۾ سنڌيءَ جو آخري **اَ** ڊگهو تي **اوَ** ٿيندو آهي ۽ ساڳئي وقت انوسوار به ٿيندو آهي ته جيئن جمع ۾ مونث ۽ مذڪر جو فرق واضح رهي.

جڏهن آخري **اي** کان اڳ سخت تارون وارو ڪو به اکر هجي يا **ھ** هجي ته جمع واري جوڙ **اون** کان اڳ **اي** عام طرح حذف ڪئي ويندي آهي. مثال **مَنّجِي**- جمع **مَنّجُون**؛ **مَنّجهِي** (مونث) (مينهن)- **مَنّجهُون**.

نوٽ: هندي ۽ هندوستاني مونث اسم پنهنجا جمع ٺاهڻ لاءِ پراڪرت جي قاعدي جي پيروي ڪن ٿا، فرق رڳو ايترو آهي ته پراڪرت جي جمع واري پڇاڙي **اوَ** تبديل ٿي **آ** ٿيندي آهي ۽ اها انوسوار به ٿيندي آهي. مثال **ڇُرِي**- جمع **ڇُرِيان**. **اِي** وارا مذڪر اسم جمع ۾ پنهنجي واحد جهڙا ئي رهندا آهن. پنجابي به هنديءَ جي طريقي وانگر **اي** تي ختم ٿيندڙ مونث اسمن ۾ جمع پڇاڙي **آن** لڳائي ٿي. مثال **ڌِي**- جمع **ڌِيان** جڏهن ته مذڪر اسم واحد وانگر ساڳيا رهن ٿا. مراٺيءَ لاءِ به اهو چئي سگهجي ٿو. گجراتي ان ڏس ۾ پراڪرت کي سيني کان ويجهي آهي ۽ ان ۾ سيئي اسم چاهي مونث هجن يا مذڪر، اهي پنهنجا جمع ٺاهڻ لاءِ اوَ کي ڪتب آڻين ٿا.

### 7) اِ تي ختم ٿيندڙ اسم:

(الف) **اِ** تي ختم ٿيندڙ مونث اسم جمع ٺاهڻ لاءِ جمع وارو جوڙ **اوُن** ڪتب آڻيندا آهن. مثال **رَاتِ** — (جمع) **رَاتِئون**، جڏهن **اِ** کان اڳ سخت تارون وارا اکر يا **ھ** هجي ته جمع وارو جوڙ **اون** کان اڳ **اِ** غائب ٿي ويندو آهي. مثال **مِينهِ**- **مينهُون**.

لفظ **جوَءِ** پنهنجي جمع جي قاعدي سان **جوَئُون** ۽ قاعدي کان هٽي **جوَئِرُ**، **جوَهِرُ** ۽ **جوَئِرُون** جي صورت وٺندو آهي.

(ب) **اِ** تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم جمع ۾ ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. مثال: **سيٽِ**- جمع **سيٽ**.

نوٽ: جيئن اڳ چيو ويو هو ته هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ آخري **اِ** کي ترڪ ڪيو ويو آهي ۽ اهڙا اسم جيڪي سنڌيءَ ۾ **اُ** يا **اِ** تي ختم ٿين اُهي هڪ ئي جمع وارو جوڙ **اِين** استعمال ڪندا آهن. ساڳي ريت گجراتي ۽ پنجابي مان به آخري **اِ** گهٽي ياڳي نڪري وئي آهي ۽ جمع لاءِ اهي **اوَ** ۽ **آن** ڪتب آڻين ٿا. مرانيءَ ۾ **اِ** تي ختم ٿيندڙ مونث بنياد جمع ۾ ساڳيا رهندا آهن يا آخري **اِ** کي ڊگهو ڪري **اِي** ڪندا آهن. جمع ۾ آخري **اِ** جو ڊگهو ٿيڻ پالي ۽ پراڪرت ۾ مروج آهي ۽ اتان ئي ورتل آهي. (مثال: پالي: **راتِ**- جمع **رَاتِي** يا **رَتِيوَ**؛ پراڪرت- **رَتِيوَ** يا **رَتِيوَ**). **اِ** تي ختم ٿيندڙ مذڪر بنياد جمع ۾ ساڳيا رهندا آهن يا (ڪجهه پنڌتن موجب) ڊگهو ڪري **اِي** ڪتب آڻيندا آهن. (جيئن پالي ۽ پراڪرت ۾ ٿيندو آهي).

**نمبر - 16**

## II. Formation of Cases; Case Affixes

## حالتن جي بناوت، حالتن جا جوڙ يا نشانيون

صحيح معنيٰ ۾ هاڻ سنڌي ۾ ڪو به ڦيرو يا گردان نه رهيو آهي ۽ نه ئي آريائي بنياد جي جديد ٻولين ۾ ڪو گردان بچيو آهي. سواءِ قديم سنسڪرت، پالي ۽ پراڪرت جي حالتن جي ڦيري جي، ٻيون سيئي حالتون ناهڻ لاءِ انهن جا جوڙ (Case Affixes) ۽ حرف جر (Post Positions) ڪم اچن ٿا.

جڏهن اسان جديد آريائي لهجن جي پالي ۽ پراڪرت سان ڀيٽ ڪريون ٿا ته اسان جديد ٻوليءَ جي بگاڙ جو اندازو لڳائي سگهو ٿا، جيئن ته ان مان گردان تقريباً ختم ٿي ويو آهي ۽ انجي جاءِ تي باقاعده ظرف کي متبادل طور استعمال ڪيو ويو، جنهن کي اسان عام طرح حرف جر (Postposition) سڏيون ٿا. ان جي برعڪس پاليءَ ۽ پراڪرت، سنسڪرت جون سيئي حالتون سانديي رکيون آهن، سواءِ حالت مفعولي ثاني (Dative) جي، جيڪا پالي ۾ تمام گهٽ وجي بچي آهي ۽ پراڪرت مان ته مڪمل خارج ٿي وئي آهي ۽ ان جي جاءِ تي حالت اضافت (genitive) جو استعمال ٿئي ٿو. اها ئي ساڳي صورتحال اسان کي جديد رومانوي ٻولين ۾ نظر اچي ٿي، جتي لاطيني گردان جي ڦيري جي خارج ٿيڻ ڪري حرف اضافت کي حالت جي اظهار لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.

بنگاليءَ کان سواءِ ٻين جديد آريائي لهجن ۾ گردان جي حوالي سان مخصوص ڳالهه اها آهي ته اصل ۾ اسم جون فقط ٻه حالتون هونديون آهن: هڪ مڪمل جذب ٿيل يا خالص حالت: جيڪا فاعلي حالت واحد جي برابر آهي ۽ ٻي تشڪيلي (Fromative) حالت، جنهن ۾ ظرف ۽ حرف جر جوڙي ترڪ ٿيل حالتي پڇاڙين جو پورائو ڪيو ويندو آهي. ان حالت کي يورپي وياڪرڻ جي ماهرن مفعولي حالت (Oblique Case) سڏيو

[1] شاعري ۾ حرف جر اسم کان اڳ به ڏٺي سگهجي ٿو ته جيئن شاعري جي رواني متاثر نه ٿئي.

آهي، پر اسان (ڊاڪٽر ڪالڊويل جي پيروي ڪندي) ان کي تشڪيلي (Formative) سڏڻ بهتر سمجهون ٿا.

سنڌي ۽ ٻين ڄاتل اصطلاحن ۾ اسم جي ڦيري يا گردان جي تعداد تشڪيلي حالت (Formative) جي جوڙجڪ جي مختلف طريقن تي منحصر ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته جمع يا واحد ۾ حالتي نشاني ساڳي رهي ٿي، جيئن ته اهي اصل ۾ (سنسڪرت) حرف اضافت يا ظرف آهن.

هاڻ اسان سنڌيءَ ۾ قديم حالتي پڇاڙين جي باقيات جي کوجنا ڪنداسين ۽ اهڙيون حالتون جتي اصلي ڦيري يا گردان جي ترڪ ٿيڻ سبب ظرف ۽ حرف جر لڳايا ويا آهن، انهن کي تفصيل سان ڏسنداسين. ان ڏس ۾ حالتن جي ترتيب اها ئي رکنداسين، جيڪا سنسڪرت جي وياڪرڻي ماهرن رکي آهي ته جيئن انهن جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪرڻ آسان رهي.

1) واحد ۽ جمع جي فاعلي حالت جو ذڪر اڳي ئي ٿي چڪو آهي.

2) واحد ۽ جمع جي مفعولي حالت (Accusative) سنڌيءَ ۽ لاڳاپيل ٻولين ۾ ترڪ ٿيل آهي. پراڪرت لهجن ۾ به اها ئي صورت رهي آهي. جڏهن ته اپڀرنش (جديد سنڌيءَ جي ماءُ) ۾ ان جو خاص طرح ذڪر رهيو آهي. (ڏسو ليسن ص: 459).

ان حقيقت کي هر وقت نظر ۾ رکڻ ضروري آهي ته سنڌي ۽ سندس ڀينر ٻولين ۾ (وياڪرڻي حوالي سان) مفعولي حالت (Accusative) موجود نه آهي ۽ اها هاڻ فاعلي حالت سان مڪمل مشابهت رکي ٿي. تنهنڪري جڏهن اسان کي يورپي وياڪرڻن ۾ حرف جر **کي** يا هندوستانيءَ ۾ **ڪوُ** بابت مفعولي حالت ڄاڻايل ڏسجي ته اسان کي اهڙي بيان کي خالص وياڪرڻ حوالي سان رد ڪرڻ گهرجي. حالت مفعولي ثاني جي بيان ۾ اسان ڏسنداسين ته اتي حرف جر جي اصليت ڪهڙي آهي ۽ ان سان جديد هندوستاني ٻولين جون نحوي خصوصيتون سمجهائڻ ۾ آساني ٿيندي، جيڪي پڻ اهڙا حرف جر استعمال ڪن ٿيون، جيڪي مفعولي يا مفعولي ثاني حالت ڏانهن اشارو ڪنديون هجن.

3) سنڌي ۾ Instrumental کي ڪنهن حالتي پڇاڙي يا حرف جر ذريعي واضح نه ڪيو ويندو آهي. پر فاعلي واحد کان فرق ڪرڻ لاءِ (جتي مناسب هجي) آخري سر جي تبديلي ڪئي ويندي آهي. واحد ۽ جمع ۾ Instrumental حالت تشڪيلي صورت (Formative) سان مشابهت رکندي آهي. ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته Instrumental حقيقت ۾ هڪ حرف اضافت آهي، جيڪو Instrumental جي جمع ۾ وڌيڪ مڪمل طور استعمال ٿيندو آهي.

**نوٽ:** هندي ۽ هندوستاني حالتي جوڙ **ني** کي Instrumental طور استعمال ڪن ٿيون. هِندوئي ۾ (ڏسو گارسن دي ٽيسي، هندوئي ٻولي جون نشانيون ص: 26 ۽ 99) اسان کي اهڙا ٻيا جوڙ **ني**، **نين**، **نِ** ۽ **نَ** جيڪي جمع ۾ **اَن** يا واحد ۾ ني، **نين**، **نِ** جي صورت ۾ ملن ٿا. پنجابي ۾ اسانکيInstrumental جوڙ **نئِ** يا **نہ** يا فقط **اِي** ملن ٿا يا سنڌيءَ وانگر تشڪيلي کي غلط نموني Instrumental ڪري ڪتب آندو ويجي ٿو. گجراتي ۾ **اِي** Instrumental جوڙ طور ملي ٿو. مرائيءَ ۾ واحد Instrumental لاءِ جوڙ **ني** ۽ جمع لاءِ **نِي** ملن

ٿا. انھن مختلف Instrumental جوڙن جي نسب يا اصل بابت ڪو بہ ابھام نہ آهي. سنسڪرت ۾ Instrumental حالت جو ڦيرو جيڪو واحد ۾ **نا** يا **نہ** جي صورت ۾ آهي (See Bopp, Comp. Gram. I P:158). ان کي هندوستاني ۽ پنجابيءَ ۾ الڳ ظرف طور ڪتب آندو ويو آهي. (جڏهن تہ مرانيءَ ۾ اهو اسم ۾ هڪ باقاعده ڦيري طور لڳندو آهي). يا ڪن صورتن ۾ مخفف ڪري **اِي** يا **اِيَ** طور استعمال ٿيندو آهي. (جيئن تہ **ن** اصل ۾Instrumental جوڙ **آ** ۾ اڪري ميلاپ طور شامل ٿيو آهي) ۽ اهو پنجابي ۽ گجراتي ۾ ملي ٿو. Instrumental جمع ۾ مراني (**ني** ڪانسواءِ) جوڙ **هين** بہ استعمال ڪري ٿي، جيڪا پراڪرت جيInstrumental جوڙ **هِن** يا **هِہَ** جي برابر آهي (ڏسو ليسن ص: 310). بنگالي ۾ **تي** کي Instrumental جوڙ طور استعمال ڪندا آهن، جيڪو اصل ۾ حالت جري واري جوڙ **تو**= **تس** سان مشابهت رکي ٿو.

4) پراڪرت مان حالت مفعولي ثاني مڪمل طور ترڪ ٿي وئي آهي ۽ ان جي بدران حرف اضافت مان اهو ڪم ورتو وڃي ٿو ۽ ان ڪري جديد ٻوليءَ جي قاعدي ڪان مفعولي ثاني حالت جي حوالي سان انحراف ظاهر ٿئي ٿو. سنڌيءَ ۾ جوڙ کي واحد ۽ جمع ٻنهي ۾ استعمال ٿيندو آهي. جتي ان کي تشڪيلي واحد يا جمع اسم جي اڳيان لڳايو ويندو آهي. مثال: **گھَرَ** کي يا **گھَرن** کي. شاعرانہ ٻوليءَ ۾ **کي** جي جڳھ تي حرف جر **ڪَن** يا **ڪَڻ** استعمال ٿيندو آهي، جيڪي ساڳئي بنياد مان نڪتل محسوس ٿين ٿا. فرق فقط مدغم ٿيڻ جي طريقي جو آهي. (هندي **ڪَنَ، ڪَنِ**، هندوئِي **ڪَنُھَ**).

نوٽ: بنگاليءَ ۾ مفعولي ثاني جوڙ **ڪي** استعمال ٿيندو آهي. هندي ۽ هندوستاني ۾ **ڪوَ** (دکني لهجي ۾ ان کي **ڪُو** اچاريندا آهن)، هندوئي (گاريسن ڊي ٽيسي مطابق) **ڪوَن، ڪَئُو، ڪَھ، ڪاھ، ڪاها** ۽ **هي** استعمال ڪندي آهي.

ڊاڪٽر ڪالڊويل پنهنجي ’دراوڙي ٻولين جي ڪمپيريٽو گرامر‘ ۾ چوي ٿو (ص: 225): ”اتر هندوستان جي ٻولين ۾ جيڪي سٿيئن خصوصيتن جي زير اثر آهن، ان ۾ هڪ اهڙي پڇاڙي ملي ٿي، جيڪا نہ رڳو دراوڙي ٻولين سان ملندڙ آهي، پر صفا ساڳي آهي. هندوستاني ۽ هنديءَ جي مفعولي ۽ مفعولي ثاني حالت **ڪوَ** آهي يا عام مروج **ڪِي**، شنگھالي ۾ **گھَئِيَ**، هڪ نيم دراوڙيءَ ڪول زبان اُرائن ۾ **گَئِي**، پوٽان جي جابلو علائقي جا رهواسي ٻوڊَ ۾ **ڪوَ** ۽ ٽِبتِي ۾ **گيِہَ**. انهن پڇاڙين ۽ دراوڙيءَ جي مفعولي ثاني حالت جي نشاني **ڪُو** ۾ موجود تعلق نهايت اهم آهي. اتر ۽ ڏکڻ هندوستاني لهجن ۾ موجود مشابهتن مان اها سيني ڪان ظاهر ۽ نهايت اهم ڳالھ آهي ۽ ان مان اهو اشارو بہ ملي ٿو تہ برهمڻ اثر ڪان اڳ اتر ۽ ڏکڻ پرڳڻن جي رهواسين جو اصل ۾ هڪ تعلق هو. يا تہ اهي ٻئي قومون ڪنهن هڪ ئي نسل مان ڦٽِي نڪتيون، جيڪو قديم سٿيئن (Scythan Stock) نسل هو.“

جيڪڏهن اِهي حالتي جوڙ **ڪوَ** يا **ڪُو** اتر هندوستاني ٻولين ۽ دراوڙي ٻولين جي وچ ۾ سيني ڪان واضح ۽ اهم مشابهت هئا تہ اسان هاڻ (اڳتي هلي) ڏسنداسين تہ انهن ٻنهي ۾ ڪوبہ تعلق ڪونهي. جيتوڻيڪ پهرين نظر ۾ انهن جو تعلق بلاشڪ محسوس ٿيو ٿي. ان مفروضي جي خلاف سيني ڪان پهرين حقيقت اها

آهي تہ مراٺي جيڪا دراوڙي ٻولين کي سيني کان وڌيڪ ويجهي آهي، ان ۾ **ڪي**، **ڪي** ۽ **ڪوَ** ترڪ ڪري هڪ مفعولي ثاني نشاني استعمال ڪئي وئي آهي، جنهن جي اصل جي مطالعي سان اسان ان بحث کي سلجهائي سگهنداسين ۽ اسان ڏسنداسون تہ گجراتي ۽ پنجابي ٻولين بہ مفعولي ثاني حالت لاءِ جنهن حرف جر جو استعمال ڪيو آهي، اهي سنسڪرت مان ورتل آهن ۽ جن جو پري تائين دراوڙي ٻوليءَ سان ڪو تعلق ناهي ۽ اهڙو ئي نتيجو اسان ٻين آريائي لهجن بابت بہ اخذ ڪري سگهون ٿا. اها هڪ حيرت انگيز ڳالهہ ٿيندي تہ اهڙا آريائي لهجا جيڪي دراوڙي ٻولين کي ويجها آهن، انهن گردان جي طريقي ۾ دراوڙي اثر نظر انداز ڪيو هجي. جڏهن تہ جيڪي اترين علائقن جي ويجهو هئا اهي ”ستيئن خاصيتن جي زير اثر ٿيا هجن.“ خوش قسمتيءَ سان اسان اهو ثابت ڪري سگهيا آهيون تہ اهڙو مفروضو نہ رڳو غير موزون آهي، پر مٿي ڏنل مفعولي ثاني جوڙن جي بنيادن تي بہ پورو نٿو لهي.

سنڌي **ڪي** ۽ بنگالي **ڪي** سنسڪرت جي حالت مڪاني ڪرتي مان حاصل ڪئي وئي آهي. معنيٰ **ان لاءِ، ان ڪري** يا **ان بابت**. ان سان سنڌي ۾ **ڪ** جو وسرڳجڻ سمجهہ ۾ اچي ٿو، ڇو تہ اهو ڏکي سان نہ پر هڪ سخت قاعدي موجب ٿيندو آهي. (ڏسو تعارف نمبر e, 1 نوٽ). بنگالي ۾ ر اڳ يا پوءِ ايندڙ وينجن جي وسرڳجڻ جهڙو ڪو بہ اثر نٿي رکي، تنهنڪري اتي اهو **ڪي** جي صورت ۾ رهي ٿو. سنسڪرت جي صورت **ڪرِتي** پراڪرت ۾ پهرين **ڪِتي** ٿي ۽ پوءِ (**ت** جي ڇانٽي ٿيڻ سان) **ڪِئي** ۽ پوءِ ڇوٽي ٿي **ڪي** ٿئي ٿي، جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ ر جي ڇانٽي جي ڪري **ڪي** نهيو وڃي. هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ هي ظرف **ڪوَ** جي صورت بہ ساڳي نموني سان سنسڪرت **ڪرتمِ** مان حاصل ٿيل آهي، جيڪا ظرف طور استعمال ٿيندي حالت مڪاني (Locative) **ڪَرتي** مان ورتل آهي. پراڪرت ۽ ٻين جديد لهجن ۾ ٻي جنس مذڪر ۾ ضم ٿي ويو آهي، جنهن مان اسان کي پهرين **ڪِتو** ۽ پوءِ **ڪِئو** مليا آهن، جيڪو وري ڇوٽو ٿي **ڪوَ** ٿيو آهي. ان طريقي سان اسان **ڪي** يا **ڪوَ** بابت اطمينان سان چئي سگهون ٿا ۽ اهو تہ اهي حاصل ٿيل ظرف اتفاق طور نہ پيدا ٿيا آهن، جنهن جو ثبوت سنڌي حرف **رِي** آهي، جيڪو پڻ سنسڪرت حالت مڪاني **رِتِي** مان نڪتل آهن- پراڪرت **رِتي** يا **رِئي**، ۽ پوءِ ڇوٽو ٿي **رِي** يا **رِيءَ** ٿيو آ هي. هاڻ اچو تہ مختصراً هندوئي جي بدلجندڙ صورتن تي نظر وجهون جيڪي گارنس ڊي ٽيسي ڏيکاريا آهن. **ڪونً** ۽ **ڪؤن** ۾ اکري ميلاپ طور انوسوار گڏيو ويو آهي، جنهن کي جديد ٻولين وڏي اتساهہ سان محسوس ڪيو آهي؛ **ڪؤن** اصل ۾ **ڪونً** جو هڪ مختلف اچار آهي، جيئن تہ هندوئي ۾ **اوَ** اڪثر ڪري **أؤ** جي صورت ۾ اچارجي ٿو. صورتون **ڪَهہ** يا انجو انوسوار **ڪَنُهَہ** يا **ڪَهَمِ** انهن ظرفن جي اصليت بابت ثبوت پيش ڪن ٿا ۽ **ڪَهہ** يا **ڪَنُهَہ** (هندي ۾ **ڪَن**، **ڪَني** مڪمل انوناسڪ سان ۽ تنهنڪري **هہ** مدغم ٿئي ٿي) ۾ بنياد ساڳيو **ڪونً** ۽ **ڪؤن** وارو آهي ۽ فرق فقط ادغام جي طريقي جو آهي. جڏهن بہ سر ر وينجن سان ملي تہ پراڪرت قاعدي سان **اِ** ۾ بدلبو (**ڪتي**) يا **اَ** ۾ مثال **ڪَتَمِ- ڪرتي**) (ڏسو Varar 1، 27) **ليسن ص:** 116 ,2, **الف تعارف نمبر** 1).

اصلي ر جي موجودگي جي ڪري پوءِ ايندڙ وينجن وسرڳجي ويندو آهي (جيئن سنڌي ڪ = ک) ۽

تنهنڪري اسان کي **ڪَٽ** جي صورت ملي ٿي: اها وري وسرڳجي **ٽ** ٿي ۽ پوءِ ڇانٽي ٿئي ٿي ۽ پويان باقي **ھ** وڃيو بچي ٿي. (ڏسو ليسن ص: 207، تعارف نمبر 8)، جنهن مان اسان کي **ڪَ**، **ڪَهَڻ** جهڙيون صفتون حاصل ٿين ٿيون. جڏهن تہ ٻي صورت **ھِ** ۾ معاملو مختلف آهي. ان سلسلي ۾ اسان هن هندوئي مفعولي ثاني حالت جي نشانيءَ کي اپڀرنش حرف اضافت جي جوڙ سان پيٽ ڪنداسين ڇاڪاڻ جو حرف اضافت پراڪرت مفعولي ثاني جي بدران استعمال ٿيندو آهي. (ان **هي** جي تفصيلي اپياس لاءِ ڏسو ليسن صفحو 462 ۽ 466).

مراٺي ٻولي مفعولي ثاني لاءِ بہ جوڙ ڪتب آڻي ٿي. جن ۾ اصلي صورت سان ملائيندڙ سر **س** ۽ **لا** ذريعي ڳڏبا آهن. انهن مان پهريون يعني س پراڪرت مفعولي ثاني پڇاڙي 'سَمَ' سان مشابهت رکي ٿو (برابر سنسڪرت **سَيَہ** جي) ۽ تنهنڪري هتي اسانکي قديم سنسڪرت پراڪرت جي حالت جي ڦيري جي نشاني ملي ٿي. جڏهن تہ **لا** جي اصل بابت ڄاڻ پوري نہ آهي. ليسن هڪ نئون مفروضو پيش ڪيو آهي (ڏسو Instit: Ling: Prak: P:55, 99) جنهن مطابق هن ان جوڙ کي سنسڪرت مان نڪتل ڄاڻايو آهي. **آلَ** = **آلَيَہ** معنيٰ جڳهہ تي هجڻ يعني اها جڳهہ جتي ڪم ختم ٿيندو هجي. اسان ان مفروضي کي مڃڻ کان قاصر آهيون، ڇاڪاڻ تہ مراٺي حالتي نشاني **آلَ** نہ پر **لا** آهي ۽ منڍ ۾ هڪ ڊگهو **آ** جوڙ لڳائڻ جو ڪو بہ سبب سمجهہ ۾ نٿو اچي. ان مراٺي مفعولي جوڙ **لا** کي اسان سنڌي **لاءِ** سان ڀيٽي سگهون ٿا ۽ هندوستاني ۾ **ليئي**: اهي ٻئي سنسڪرت ڏاتو **لا** (**را**) مان حاصل ٿيل آهن (سنڌيءَ ۾ **لائِقُ**). مونکي ان جو اشارو فارسي مفعولي ثاني حرف **را** (جيڪو قديم پارسي ۾ تمام گهٽ استعمال ٿئي ٿو) ۾ ملي ٿو ۽ جيڪو سپيجل جي پارسي وياڪرڻ مطابق صحيح معنيٰ ۾ مفعولي حالت نٿو ڏيکاري پر دراصل "ڪنهن ڪم لاءِ" جو مفهوم ڏيکاري ٿو. اهو ئي حرف اسان کي پشتو ۾ بہ ملي ٿو. **لَہ** جيڪو جديد فارسي جي **رَا** جي برابر آهي. بنگاليءَ ۾ بہ (**ڪي** کان سواءِ) خاص ڪري شاعرانہ استعمال ۾ اسان کي مفعولي جوڙ **رِي** ملي ٿو، جنهن کي اسان مراٺي **لا** ۽ هندوستاني جي **ليئي** سان تعلق رکندڙ سمجهون ٿا.

گجراتيءَ ۾ مفعولي جوڙ **نِي** آهي، جيڪو ملندڙ آهي سنسڪرت حرف اضافت **نِ** سان ۽ يوناني Er ۽ لاطيني **اِن** سان. پنجابي ۾ **نُو** مفعولي ثاني جوڙ طور استعمال ڪيو وڃي ٿو جنهن کي پڻ اسان سنسڪرت حرف اضافت **اَنُ** جهڙو سمجهون ٿا يعني **ڏانهن** يا **ڪي**.

5) سنڌيءَ ۾ **حالت اپادان** (Ablative Case) پڇاڙي **آن** سان نهي ٿي جيڪا هميشہ بنياد سان گڏي لکبي آهي ۽ جدا ڪري ڪڏهن بہ نہ لکبي آهي. ان ڏس ۾ سنڌي ان حالتي پڇاڙي جي اصل بابت چڱي ڄاڻ رکندي پانئيجي ٿي ۽ جيڪا پالي پراڪرت حالتي پڇاڙي **آ** سان مشابهت رکي ٿي، جيڪا اصل ۾ سنسڪرت حالت اپادان **آتَ** مان نڪتل آهي، جنهن ۾ **ت** ڇانٽي ٿي وئي آهي (ڏسو ليسن صفحو 304 ۽ 352). سنڌيءَ ۾ آخري ڊگهي سر کي وري انوسوار ڪيو ويندو آهي، جيڪو ٻين هنڌن تي ذڪر ڪري آيا آهيون. واحد صورت ۾ **آن** پڇاڙيءَ کان اڳ **اَ**، **اُ** ۽ **اوَ** حذف ڪيا ويندا آهن. مثال **گهَرَ** مان **گهَرَان**، **دَرُ** مان **دَرَان**، **زَبَان** مان **زَبَانَان**.

اھڙا اسم جيڪي واحد ۾ **اِي**، **اِين** يا **اوَ** ۽ **اُون** تي ختم ٿيندا هجن، اهي **آن** پڇاڙي کان اڳ ڇوٽا ڪيا ويندا آهن. مثال: **نوَڙِي** مان **نوَڙِيان**، **مِرُون** مان **مِرُوان**.

**اِ** (**اِي**) وارا اسم پنهنجو آخري سر **آن** پڇاڙي کان اڳ برقرار رکندا آهن، پر ڪن صورتن ۾ **ان ڪي** حذف بہ ڪري سگهن ٿا، مثال **ڦُرِ** مان **ڦرِئان**؛ **ٻرَٽُ** مان **ٻرَٽان**. **آ** وارا اسم حالت اپادان ۾ انوناسڪ ٿيندا آهن يا عام طرح حرف اضافت **کان** جو استعمال ڪندا آهن وغيره. جمع صورتن ۾ حالت اپادان پڇاڙي **آن** مڪمل طرح تشڪيلي (Formative) **نِ** سان ملائبي آهي. مثلاً **گهَرَنِئان**، **مِرُوئنئان** يا **مِرُوَّنئا** وغيره.

حالت اپادان پڇاڙي لاءِ **آن** ڪانسواءِ سنڌي ۾ ٻيون پڇاڙيون بہ استعمال ٿين ٿيون. مثال **اَوَن**، **اوَن** ۽ **اُون**. قديم سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪا خاص ڪري شاعرن استعمال ڪئي آهي، اتي حالت اپادان واحد گهڻو ڪري **آو** تي ختم ٿئي ٿي. اهي مخلتف پڇاڙيون يا جوڙ پراڪرت جي حالت اپادان پڇاڙي **آدو** مان نڪتل آهن (ڏسو ليسن ص: 302، 304 & 599) جيڪي **د** جي ڇانٽي ٿيڻ سان **آوَ** ٿي ۽ پوءِ **آءُ** جي صورت ۾ (ڇوٽي ٿيڻ ڪري) موجود آهن.

سنڌيءَ ۾ حالت اپادان لاءِ حرف اضافت **کان**[1] **ڳُوَن**، **ڳوَن** بہ استعمال ٿيندا آهن. انهن ۾ اهڙن ٻين حروف اضافت جي استعمال لاءِ اسم جي تشڪيلي صورت هئڻ ضروري آهي. اهڙا ٻيا حروف اضافت جيڪي حالت اپادان جي لاءِ استعمال ٿين ٿا، انهن جي لاءِ حروف اضافت جي فهرست ڏسو.

نوٽ: مراٺي ٻولي ان ڏس ۾ سنڌيءَ جي نهايت ويجهي آهي، جتي اها حالت اپادان پڇاڙي لاءِ **اُون** ۽ **هُون** جو ۽ ڪن جاين تي **ٿُون** استعمال ڪري ٿي. بنگالي ۽ پنجابي ۾ حالت اپادان پڇاڙي لاءِ **تي** استعمال ٿئي ٿي (پنجابي ۾ پڇاڙي **اوَن** بہ ڪتب آڻيندا اهن)، جيڪا دراصل پراڪرت جي پڇاڙي **توَ** مان نڪتل آهي. ساڳي حالت گجراتيءَ ۾ بہ ڏسجي ٿي، جتي پڇاڙي **ٿِي** ڪتب اچي ٿي (وسرڳجڻ جي ڪري). هنديءَ ۾ بہ ٿِي ملي ٿي، پر گهڻو استعمال **سي** جو ٿئي ٿو جيڪا بظاهر پراڪرت حرف اضافت واري پڇاڙي **هي** سان مشابهت رکي ٿي (ڏسو ليسن ص: 462).

6) سنسڪرت ۾ حالت اضافت جي پڇاڙي **سيہ** آهي، جيڪا پالي ۽ پراڪرت ۾ **سّ** جي صورت اختيار ڪيل آهي، پر سواءِ بنگاليءَ جي اهي ٻين جديد ٻولين ۾ استعمال مان نڪري ويون آهن. بنگالي ۾ اها **سّ** سخت ٿي **ر** ٿي وئي آهي. ٻين سيني ٻولين حالت اضافت ناهڻ لاءِ هڪ نئون طريقو ڪڍيو آهي، جنهن جون نشانيون پراڻين ويدڪ ٻولين ۾ ملن ٿيون ۽ اهڙو اسم جيڪو حالت اضافت جي صورت ۾ رکڻو هجي، اهو پهرين صفتي جوڙ ملائڻ سان صفت ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ قاعدي موجب تہ

---

[1] حرف اضافت **کان** بہ **کي** وانگر ساڳي بنياد مان نڪتل آهي، ان فرق سان تہ ان ۾ حالت جري پڇاڙي **آ** يا **آءُ** لڳائي وئي آهي. اها ئي ترڪيب **ڪن** مان **ڪئان** ۾ نظر اچي ٿي.

اها نالي ماتر حالت اضافت جيڪا حقيقت ۾ صفت آهي ۽ ان ڪي پنهنجي لاڳاپيل اسم سان جنس، عدد

۽ حالت سان ٺهڪي اچڻ ضروري آهي. ان مقصد لاءِ سنڌي ۾ **جوَ** ۽ (مونث لاءِ) **جِي** استعمال ڪري ٿي، جيڪو صفتي جوڙ **ڪوَ** جي برابر آهي، tenuis (**چ=ڪ**) جو media **ج** ۾ تبديل ڪري ٿو تہ جيئن انهن ٻن جوڙن ۾ فرق واضح ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. سنڌيءَ ۾ صفاتي ڳنڍ **جو** هميشہ جدا ڪري لکيو ويندو آهي، جڏهن تہ سنسڪرت وانگر عام صفاتي جوڙ **ڪو** بنياد ۾ جوڙيو ويندو آهي (ڏسو نمبر 10، 24)؛ ۽ اهو هميشہ اسم جي تشڪيلي واحد يا جمع ۾ لڳايو ويندو آهي، جيئن:

**گهَرَ جوَ ڏَڻِي، گهَرَن جوَ ڏَڻِي؛ مُڙسَ جي جوءِ، مُڙسَن جُون جوَيُون.**

شاعريءَ ۾ **جو** وانگر **سَنْدوَ** بہ ان ئي ريت ڪتب ايندو آهي. مثال:

**پِريَان سَنْدِي پَارَ ڏِي.**

نوٽ: مرانيءَ ۾ اضافتي حالت جو جوڙ **چا** استعمال ٿيندو آهي، جيڪو سنڌيءَ وانگر ڪنني ڪ ڪان ڦري تارون واري اچار ۾ بدلجي ٿو، تنهن هوندي بہ Tenuis بدلجي media ۾ تبديل نہ ٿيندو آهي. هندي ۽ هندوستاني اصلي سنسڪرتي صفاتي جوڙ **ڪ** کي تارون واري **ڪا** ۾ تبديل ڪرڻ بدران ان کي ئي قائم رکيو آهي. جڏهن تہ هندوئي ۾ اسان کي جوڙ **ڪوَ** ۽ **ڪِئُ** ملن ٿا. پنجابيءَ ۽ گجراتيءَ ۾ صورتحال ائين نہ آهي. پنجابيءَ ۾ حالت اضافت جو جوڙ **دَا** آهي، جنهن ۾ اسان کي پراڪرت جي حالت جري واري پڇاڙي **دوَ** ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن کي حالت اضافت جي جوڙ ۾ بدليو ويو آهي. پنجابيءَ جو اهو حالت اضافت وارو جوڙ پشتو جي حالت اضافت واري اڳياڙي **دَ** جهڙو آهي ۽ ٻنهي جو بنياد بہ ساڳيو آهي. گجراتي حالت اضافت واري جوڙ لاءِ **نوَ** ڪتب آڻي ٿي، جيڪو پڻ هڪ صفتي جوڙ آهي ۽ اهميت جي حوالي سان ڪ سان ملي ٿو ۽ سنڌيءَ ۾ ساڳيءَ ريت صفت ناهڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. مثال **ڪوَ** (ان جوڙ **ڪوَ** جي بنياد بابت تفصيل لاءِ ڏسو (Bopp Comp: Gram: 839)

7) سنڌيءَ ۾ سنسڪرت جي حالت مڪانيءَ واري پڇاڙي **اِ** قائم رکي وئي آهي، جيتوڻيڪ حالت مڪاني هاڻ فقط **اُ** تي ختم ٿيندڙ مذڪر بنيادن ۾ ئي نظر اچي ٿي. مثال **هَٿِ** جي بدران **هَٿُ**، **مَٿُ** جي بدران **مَٿي**. اهڙا اسم جيڪي **اُ** کان سواءِ ڪنهن سر تي ختم ٿيندا هجن، انهن ۾ حالت مڪاني کي واضح ڪرڻ لاءِ ان ۾ ظرف يا حرف جر لڳايو ويندو آهي ۽ ان لاءِ اسم جي تشڪيلي صورت جي ضرورت پوندي آهي. مثال **ڪوَنيءَ** ۾ يا **ڪوَنيءَ مَنجهہ**. شاعريءَ ۾ جي تشڪيلي صورت عام طرح مڪاني حالت طور ۽ بنان ڪنهن حرف جر جي استعمال ڪئي ويندي آهي.

نوٽ: مراني ۾ حالت مڪاني جوڙ **اِ** ڊگهو ٿي **اِي** ۽ پوءِ انوسوار ڪري **اِين** تي ويوآهي. ان ڪانسواءِ اسانکي مڪاني پڇاڙي **آنْت** بہ ملي ٿي، جيڪا اصل ۾ سنسڪرت جي حالت جري صورت آهي، جنهن کي مڪاني ظرف طور استعمال ۾ آندو ويو آهي. بنگاليءَ ۾ مڪاني ظرف سنڌيءَ وانگر **اِي** (اِ) تي ختم ٿيندو آهي يا ڳنڍ تي سان ظاهر ڪيو ويندو آهي. پنجابيءَ ۾ مڪاني ظرف عام طرح ظرف سان حرف جر لڳائي ڏيکاريو ويندو آهي، جيتوڻيڪ جڳهہ ٻڌائيندڙ **لفظ** پاڻمرادو صفا ختم بہ نہ ٿيو آهي؛ اهڙين صورتن ۾ اسان

ڪي جوڙ **اِين** (مراني وانگر) ۽ **اِي ملن** ٿا، جيڪي هميشہ اسم جي بنياد ۾ لڳايا وڃن ٿا. گجراتيءَ ۾ جڳهہ ٻڌائيندڙ لفظ ظاهر ڪرڻ لاءِ جوڙ **اِي** يا ڪنهن حرف جر جو استعمال ڪيو ويندو آهي. هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ حالت جي صورت ۾ جڳهہ ٻڌائيندڙ لفظ ختم ٿي ويو آهي ۽ هميشہ حرف جر ذريعي ئي ظاهر ڪري سگهجي ٿو. البت اهڙيون ڪي نشانيون بہ باقي بچيل ملن ٿيون، جنهن ڪي Absolute Participles (مطلق ڪردنت) سڏيو ويو آهي. مثال **هوَتي** ۽ **هوَتيهِي**. ڪجهہ ٻيا محاوراتي لفظ مثلاً **اُس دِن** وغيره بہ ان مڪاني حالت ڏانهن اشارو ڪن ٿا.

8) سنڌيءَ ۾ حالت ندا جي اظهار لاءِ اڳياڙي طور وچ ۾ لڳڻ وارا حرف يعني **اي**، **هي**، **هوَ** ۽ **يَا** لڳايا ويندا آهن ۽ ڪنهن گهٽ حيثيت واري لاءِ **ڙي** (مونث **ڙِي**) يا **اڙي**[1] ڪتب ايندا آهن. حالت ندا ۾ اسم جو آخري سر ڪجهہ بدلجي سگهي ٿو ۽ برقرار بہ رهي سگهي ٿو. حالت ندا واحد جا اهڙا مذڪر اسم جيڪي **اُ** تي ختم ٿيندا هجن، اهي **آ** ۾ بدلجندا آهن. مثال لفظ **ميهارُ** مان **اِي ميهَارَ**؛ جيڪي اسم **اوَ** تي ختم ٿين اهي **آ** تي ختم ٿيندا. مثال: لفظ **سُوَمِروَ** مان اِي **سُومِرا**. جيڪي اسم **اُو**، **اِي** يا **اِ** تي ختم ٿيندا آهن، اهي ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. مثال **اِي پُنهُون**. حالت ندا جمع ۾ جيڪي اسم **اُ** (مذڪر) تي ختم ٿيندا آهن، انهن ۾ پڇاڙي ۾ **اوَ** يا **آ** لڳندي آهي. مثال **يَارُ** مان **يَارَ** ۽ **اِي يارو**؛ جيڪي اسم اوَ تي ختم ٿيندا آهن، اهي حالت ندا جمع ۾ آ، اوَ ۽ اَءُ ۾ بدلبا آهن. مثال: لفظ (واحد) **مَگْتوَ** مان **اِي مَگْتا** يا **مَگْتوَ** ۽ **مَگْتوَ**- **اُو** (**اوُن**) تي ختم ٿيندڙ اسم **اوَ** يا **آ** تي ختم ٿيندا، پر ان ڪان اڳ ايندڙ **اُو** (**اُون**) ڪي ننڍو ڪيو ويندو آهي، مثال لفظ واحد **وَاٹَاهُو** مان **اِي وَاٹَاهُئَا** يا **اِي وَاٹَاهُئوَ**. **اِي** تي ختم ٿيندڙ اسم جمع ۾ آ، **اوَ** ۽ **اَءُ** تي ختم ٿيندا ۽ ساڳئي وقت بنياد جي آخري **اِي** ڪي ننڍو ڪيو ويندو. مثال لفظ واحد **ڪيچِي** مان **اِي ڪيچِئَا**، **اِي ڪيچِئوَ** يا **اِي ڪيچِئوُ**. ڪن صورتن ۾ حالت ندا واحد ۾ **اَهُ** شامل ڪئي ويندي آهي. مثال: **حَامِيَہ**؛ ۽ جمع ۾ آخري آ ڪي اجان ڊگهو ڪري **آهو** ڪندي يڪ آواز ڪيو ويندو آهي. مثال **پِريَاهُ**- جيڪي **اِ** (**اِي**) تي ختم ٿين، انهن ۾ جمع ۾ رڳو جوڙ **اوَ** يا **آ** لڳايو ويندو آهي. مثال لفظ فاعلي واحد **سيٹِ** مان **اِي سيٹِئوَ** يا **اِي سيٹِئَا**.

فاعلي واحد مونث اسم جيڪي **اُ**، **اَ**، **آ**، **اِي** ۽ **اِ** (**اِي**) تي ختم ٿين اهي حالت ندائي واحد ۾ ساڳيا رهندا آهن ۽ جمع بہ فاعلي صورت جهڙا ئي رهن ٿا. ڪجهہ مونث اسم جيڪي فاعلي جمع ۾ بي قاعدي **اُ** سر تي ختم ٿيندا هجن، جيئن **پيئرُ** وغيره، اهي حالت ندا جمع ۾ بہ پنهنجو آخري **اُ** برقرار رکندا آهن، مثال **اِي پيئرُ**. جڏهن اهي اسم **اُون** تي ختم ٿيندڙ هجن تہ اهي ندائي حالت ۾ پنهنجو انوسوار آواز ترڪ ڪندا آهن. مثال: **اِي ڏِيئرُوَ**- فاعلي جمع **ڏِيئرُون**.

حالت ندا ڪي ڪڏهن تہ اڳياڙي ڪانسواءِ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو. مثال: **مَاٹُهَئَا**!

**نمبر - 17**

## III. The Formative

# اسم جي تشڪيلي صورت

تشڪيلي صورت يا مفعولي حالت (جيڪي سنڌيءَ ۾ Instrumental سان هڪجهڙائي رکن ٿيون) بذات خود ڪي حالتون نہ آهن. اهي حقيقت ۾ حرف جر يا گرداني حرف جي لڳڻ ڪانپوءِ ڪنهن اسم جي آخري سر جي اکري (Euphonic) تبديلي آهي، جنهن سان مختلف حالتون نهن ٿيون. اسم جي آخري سر ۾ ڪنهن حرف جر جي لڳڻ جي ڪري جيڪا تبديلي ٿيندي آهي، اها گهڻو ڪري ڪنهن بہ جوڙ جي لڳڻ واري تبديلي ئي هوندي آهي. سنڌيءَ ۾ حرف جر اسم ۾ گڏجي ضم نہ ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻولي ۾ اها سگهہ آهي تہ ان کي اصلي ظرف سان ڪيئن پيش اچڻو آهي. اسان اڳيئي چئي آيا آهيون تہ تشڪيلي صورت اصل ۾ حالت اضافت آهي، ان کي واحد جي عام تشڪيلي صورت جي حوالي سان ثابت ڪرڻ ڪجهہ ڏکيو آهي،

[1] ڙي، ڙي ۽ اڙي جي بنياد لاءِ ڏسو ڊاڪٽر ڪالڊويل جي دراوڙي ٻولين جو ڪمپيريٽو گرامر (ص: 440).

پر عام تشڪيلي صورت جو جمع اضافت واري حالت جي جمع جي برابر آهي ۽ ان جو ثبوت پراڪرت ۽ بين جديد لهجن ۾ بہ ملي ٿو. پراڪرت ۾ اضافي جمع **آڻ**، **ايڻ**، **اوڻ** تي ختم ٿيندا آهن؛ اپڀرنش لهجي ۾ **اهَر**، **اِهر** ۽ **اُهنِ** تي ۽ سنڌي عام تشڪيلي صورت جي جمع ۾ **آن**، **اِين** يا **ني** تي ختم ٿين ٿا.

گهڻو ڪري تہ عام تشڪيلي صورت پراڪرت جي اضافت واري حالت جهڙي آهي. پر ان ۾ صفتي جوڙ **جو** لڳائي ان کي صفت ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ۽ جديد لهجن ۾ اضافت واري حالت مهيا ڪرڻ جي روش ڏني وئي آهي. تنهن ڪانپوءِ اهو قدم کنيو ويو تہ قديم اضافت واري حالت کي بنياد طور ڪتب آڻي، جنهن ۾ ٻيا سڀئي گرداني حرف جر گڏي حالت اضافت کي عام تشڪيلي صورت ۾ آندو ويو.

1) **اُ تي ختم ٿيندڙ اسمن جي عام تشڪيلي صورت** (مذڪر ۽ مونث):

(الف) **اُ** تي ختم ٿيڻ وارا مذڪر اسم پنهنجي عام تشڪيلي صورت واحد ۾ آخري **اُ** کي **اَ** ۾ تبديل ڪندا آهن. مثال **ڏاسُ**، عام تشڪيلي صورت **ڏاسَ**؛ **ڏاسَ جوَ**؛ **ڏاسَ کي** وغيره. جڏهن بہ آخري **اُ** کان اڳ ننڍو **اَ** موجود هجي تہ اکري و جو اضافو ضروري ٿي ٿو وڃي. مثال **رَؤُ**- عام تشڪيلي صورت **رَوَ**؛ اها ئي ساڳي حالت تڏهن بہ ملي ٿي، جڏهن آخري **اُ** کان اڳ ڊگهو انوسوار **آ** موجود هجي. مثال **ٿانءُ**- عام تشڪيلي صورت **ٿانوَ**- پر جيڪڏهن آخري **اُ** کان اڳ ٻيو ڪو سر هجي تہ پوءِ اکري و جو اضافو اختياري ٿي ويندو. مثال **وَاءُ**- عام تشڪيلي صورت وَاوَ يا **وَاءَ**؛ **ڏيئُ**- عام تشڪيلي صورت **ڏيوَ** يا **ڏيئَ**؛ جڏهن بہ آخري **اُ** کان اڳ ننڍي يا ڊگهي **اِ** موجود هجي تہ اکري اضافي جي ضرورت نٿي رهي. مثال **ڏِنؤُ**- عام تشڪيلي صورت **ڏِنؤَ**؛ **وِيءُ**- عام تشڪيلي صورت **ويءَ**؛ **جِيءُ**- عام تشڪيلي صورت **جيءَ**.

هيٺ ڏنل اسم پنهنجي عام تشڪيلي صورت واحد ۾ آخري **اُ** کي ساڳي صورت ۾ قائم رکندا آهن؛

**پِيءُ**- عام تشڪيلي صورت **پِيءُ** ۽ **پِيءُ جوَ** وغيره

**يَاءُ**- عام تشڪيلي صورت **يَاءُ**، **يَاءُ ڪي** وغيره.

ان ڪانسواءِ **پِيءُ** (پرين) ۽ **يَاءُ** (قيمت) قاعدي موجب آهن.

عام تشڪيلي صورت جا جمع **آن**، **اِين** يا **نِ** تي ختم ٿيندا آهن. مثال **ڦُلُ** (واحد)- فاعلي واحد **ڦُلَ**. عام تشڪيلي صورت جمع **ڦُلاَن**، **ڦُلين** يا **ڦُلَنِ**. **آن** ۽ **اِين** واريون عام تشڪيلي صورتون بنان ڪنهن حرف جر جي استعمال ٿينديون آهن، پر شاعريءَ ۾ ڪاٻه هڪ صورت (Metre) لَئي جي ضرورت مطابق استعمال ڪري سگهجي ٿي.

اهڙا اسم جيڪي پنهنجا جمع بي قاعدا ناهيندا آهن، مثال **يَاءُ**- فاعلي جمع **يَائُرَ** يا **يَائُرُ**؛ **پِيءُ**- جمع **پِئُرَ**، پنهنجا عام تشڪيلي صورت وارا جمع فاعلي واحد يا فاعلي جمع مان ناهيندا آهن. مثال: **يَائُنِ** يا **يَائُرَنِ**؛ **پِئُنِ** يا **پِئُرَنِ** ۽ عام تشڪيلي صورت جي ننڍي صورت (اِ، اِيءِ آن، اِين) انهن سان ڪڏهن ٻه استعمال نه ٿيندي آهي.

(ب) **اُ** تي ختم ٿيندڙ مونث اسم پنهنجي عام تشڪيلي صورت واحد ۾ اڳيان رهندا آهن. مثال **مَاءُ**- عام تشڪيلي صورت **مَاءُ**، **مَاءُ جوَ**؛ جڏهن ته عام تشڪيلي صورت جمع ۾ فاعلي جمع جو ڊگهو **اُو** عام تشڪيلي صورت پڇاڙي **نِ** کان اڳ ننڍو ڪيو ويندو آهي. مثال: **وِڄُ**- فاعلي جمع **وِڄُون**، عام تشڪيلي صورت جمع **وِڄُنِ**.

اهڙا مونث اسم جن جي قاعدي وارن جمع لفظن ڪانسواءِ ٻي جمع ۽ ٻا جمع ٻه هوندا آهن. اهي پنهنجا عام تشڪيلي صورت جا جمع ٻنهي مان ڪهنهن هڪ مان حاصل ڪندا آهن. مثال **پيِڻُ**، فاعلي جمع **پيڻُون** يا **پيئرُ** (پيئرُون)- عام تشڪيلي صورت جمع **پيِنرُنِ**- **پيئرُنِ**.

2) **اوَ تي ختم ٿيندڙ اسمن جي عام تشڪيلي صورت:**

اوَ تي ختم ٿيندڙ اسم عام تشڪيلي صورت واحد ۾ **اوَ** ڪي **اِي** ۾ تبديل ڪندا آهن. مثال: **مَٽوَ**- عام تشڪيلي صورت **مَٽي**. جڏهن ٻه آخري **اوَ** کان اڳ **ا** يا **آ** موجود هجي ته اڪري و جو اضافو ڪري سگهجي ٿو. مثال **دَئوَ** عام تشڪيلي صورت **دَئِي** يا **دَوِي**؛ **نَائوَ**- عام تشڪيلي صورت **نَائي** يا **نَاوِي**. جڏهن **اوَ** ڪنهن ٻئي سر پنيان ايندو هجي ته اڪري جو اضافو نه ڪيو ويندو آهي. مثال **ڏِئوَ**- عام تشڪيلي صورت **ڏِئي**؛ **چُوئوَ** (سرهو تيل)- عام تشڪيلي صورت **چُوئي**- جڏهن اسم انوسوار **اوَ** (**اوَن**) تي ختم ٿئي ته عام تشڪيلي صورت ۾ ٻه ان انوسوار ڪي قائم رکيو ويندو آهي. مثال: **نَائُون**- عام تشڪيلي صورت **نَائين**.

جڏهن **اوَ** کان اڳ **ي** لڳل هجي ته عام طرح ان ڪي تشڪيلي صورت ۾ حذف ڪيو ويندو آهي. مثال **پوَرِهيوَ**- عام تشڪيلي صورت **پوَرِهئي**؛ **رُوپَيوَ**- عام تشڪيلي صورت **رُوپَئي**.

تشڪيلي صورت ۾ جمع **آن** يا **اِين** تي ختم ٿيندا آهن ۽ فاعلي جمع جي پڇاڙي **آ** ان کان اڳ حذف ٿي ويندي آهي. ۽ **نِ** ۾ آخري **آ** ننڍي ٿي **اَ** تي ويندي آهي. مثال **ڪُلّهوَ**- فاعلي جمع **ڪُلهَا**، عام تشڪيلي صورت جمع **ڪُلهَان**، **ڪُلهين** ۽ **ڪُلهَنِ**؛ **ڪُوئو**- فاعلي جمع **ڪُوئَا**، عام تشڪيلي صورت جا جمع **ڪُوئَان**

**ڪُوئين** ۽ **ڪُوئُنِ**.

**3) اُو (اُون) تي ختم ٿيندڙ اسمن جي تشڪيلي صورت:**

**اُوَ** تي ختم ٿيندڙ اسم تشڪيلي صورت ۾ ان ڪي **اُءَ** ۾ تبديل ڪندا آهن. مثال **وَاگهُو**- عام تشڪيلي صورت **وَاگهُوءَ**. جڏهن آخري **اُو** انوسوار هجي **(اُون)** تہ تشڪيلي صورت ۾ انوُسوار ڪي برقرار رکيو ويندو آهي. مثال **وِڇُون**- عام تشڪيلي صورت **وِڇُونءَ**.

عام تشڪيلي صورت جمع جڏهن **ئَان**، **ئين** يا **اُنِ** ۽ **ئُنِ** تي ختم ٿين تہ عام تشڪيلي صورت جي پڇاڙيءَ کان اڳ ڏگهي **اُو** ۽ **اوُن** کي ڇوٽو ڪيو ويندو آهي. مثال **رَهُو**- فاعلي جمع **رَهُو**، عام تشڪيلي صورت جمع **رَهُؤَان** (يا **رَهُئَان**)، **رَهُئين**، **رَهُنِ**، **رَهُئُنِ**؛ مِرُون- فاعلي جمع **مِرُو**- عام تشڪيلي صورت جمع **مِرُئَان**، **مِرُئين**، **مِرُنِ**، **مِرُئُنِ**.

**4) آ (آن) تي ختم ٿيندڙ اسمن جي تشڪيلي صورت:**

آ تي ختم ٿيندڙ اسم تشڪيلي صورت واحد ۾ ساڳيا رهندا آهن. مثال **آگِيَا**- تشڪيلي صورت **آگِيَا**؛ **رَاجَا**- تشڪيلي صورت جمع **رَاجَا**؛ جڏهن تہ تشڪيلي صورت جمع ۾ (فاعلي جمع ۾ ڪتب آندل پڇاڙين آ- اُون) **اُنِ** ۾ بدلبا آهن. مثال **آگِيَائُنِ** ۽ **رَاجَائُنِ**.

**5) اَ تي ختم ٿيندڙ اسمن جي تشڪيلي صورت:**

**اَ** تي ختم ٿيندڙ اسم تشڪيلي صورت واحد ۾ ساڳيا رهندا آهن. مثال **ڪَامَ**- تشڪيلي صورت **ڪَامَ**، جڏهن تہ تشڪيلي صورت جمع ۾ (فاعلي جمع جي طريقي سان) **آن**، **اين** يا **اُنِ** تي ختم ٿيندا آهن. مثال **ڪَامَان**، **ڪَامَين** ۽ **ڪَامُنِ**.

**6) اِي (اِين) تي ختم ٿيندڙ اسمن جي تشڪيلي صورت:**

(الف) **اِي** تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم تشڪيلي صورت واحد ۾ انکي **اِيَ** ۾ تبديل ڪندا آهن. مثال **مَالِي** تشڪيلي صورت **مَالِيءَ**- اهڙا اسم جنهن جو آخري **اِي** انوسوار **(اِين)** هجي. اهي تشڪيلي صورت ۾ انوسوار کي قائم رکندا آهن. مثال **پرِين**- تشڪيلي صورت **پرينءَ**. تشڪيلي صورت جمع **اِيان (يان)**، **اِئين** يا **اِئِي**، **اِئِيَن** ۽ **اِيئُنِ** تي ختم ٿيندا آهن. مثال **مَالِيان**، **مَالئين**، **مَالِنِ**، **مَالِئُنِ**، **(مَالِّيَن)**، **مَالِئُنِ (مَالِّيُنِ)**.

(ب) **اِي** تي ختم ٿيندڙ مونث اسم ساڳي ريت تشڪيلي صورت واحد ۾ **اِي** بدران **اِيءَ** استعمال ڪندا آهن. مثال **ٽوِپِي**- تشڪيلي صورت **ٽوِپِيءَ**. جڏهن تہ تشڪيلي صورت جمع مذڪر اسمن واري طريقي سان ملن ٿا. مثال **ٽوِپِئَان**، **ٽوِپِئين**، **ٽوِپِنِ**، **ٽوِپِئُنِ**، **ٽوِپِئُنِ**. اهڙا اسم جيڪي فاعلي جمع ۾ آخري **اِي** حذف ڪن ٿا. مثال: **مَنجِي**، فاعلي جمع **مَنجُون** تشڪيلي صورت جمع **مَنجَان**، **مَنجَين**، پر **مَنجِئُنِ** ۽ **مَنجِئُنِ** بہ استعمال ٿيندا آهن. بيا بہ ڪي اسم جن ۾ آخري ڪان اڳ تارونءَ وارا اچار نہ هجن، اهي بہ تشڪيلي صورت جمع ۾ اِ جي ڇوٽي شڪل استعمال ڪندا آهن. مثال **ڪوِڙين** جيڪو **ڪوِڙِي** مان نهيو آهي.

**7) اِ (اِي) تي ختم ٿيندڙ اسمن جي تشڪيلي صورت:**

**اِ** تي ختم ٿيندڙ اسم (مذڪر و مونث) تشڪيلي صورت واحد ۾ ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. مثال **پِٽِ** (مونث)- تشڪيلي صورت **پِٽِ**؛ **ڪَيهَرِ** (مذڪر)- تشڪيلي صورت **ڪَيهَرِ**. مونث اسمن جي تشڪيلي صورت جمع ۾ اهي ساڳيون پڇاڙيون استعمال ٿينديون آهن، جيڪو **اِي** وارن مونث اسمن ۾ لڳنديون آهن.

مثال: **پِٽِئَان، پِٽِنِ، پِٽِئُنِ، پِٽِئُن**.

تشڪيلي صورت جمع ۾ اڪثر ڪري **اِ** کي مڪمل طور خارج ڪيو ويندو آهي. خاص ڪري شاعريءَ ۾، پر اهو فقط تشڪيلي صورت جي چوٿي صورت ۾ ٿيندو آهي. مثال: **پِٽين** (جيڪو **پِٽِ** کان مختلف آهي).

تشڪيلي صورت جمع ۾ مذڪر اسم **نِ** تي ختم ٿيندا آهن ۽ اتي **آن** يا **اِين** جي چوٿي شڪل ورلي ڪو ڪتب ايندي آهي. مثال **ڪَيهَرِنِ**.

**جوّءِ** جنهن جو قاعدي وارو جمع **جوّيُون** آهي ۽ بي قاعدي **جوّئِرُ**، **جوّهِرُ** ۽ انهن جو تشڪيلي صورت ۾ جمع **جوّيُنِ** يا **جوّهِرِنِ** آهي.

**نمبر - 18**

هاڻ اچو ته سنڌيءَ جي گردان جي ترتيب جو جائزو وٺون ته جيئن انهيءَ کي واضح طور سمجهي سگهجي. جيئن ته حالت اضافت جو جوڙ **جوّ** دراصل هڪ صفتي جوڙ آهي، جنهن ذريعي اسم ڦري صفت بڻجي ٿو، جنهن جو دارومدار ان جي حامل اسم جي جنس، انگ ۽ حالت تي هوندو آهي، تنهنڪري اسان اهو چئي سگهون ٿا ته **جوّ** جو ڦيرو جيڪو ان جي پڇاڙين **جِي** ۽ **جوّ** ذريعي ٿئي ٿو، ۽ اهو ڦيرو **اوّ** ۽ **اِي** وارن (مونث) اسمن جي طريقي سان ٿيندو. جيئن اڳ چيو ويو **جوّ** لاءِ هميشه اسم جي تشڪيلي صورت جو هئڻ لازمي آهي، جيئن سيني حرف جرن لاءِ هوندو آهي.

**واحد**

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | جوّ | جِي |
| تشڪيلي صورت | جي | جي ۽ جِيَ (جيءَ) |
| حالت ندائي | جَا | جِي |

**جمع**

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | جَا | جُون؛ جِئُون |

| | | |
|---|---|---|
| تشڪيلي صورت | جي؛ جَن | جَي؛ جِن؛ جُن (جِئَن؛ جَئُن) |
| ندائي | جا | جُون؛ جِئُون |

شاعريءَ ۾ ان جي تصغيري صورت **جَڙوَ** ۽ **جَڙِي** ڪن صورتن ۾ **جوَ** بدران استعمال ڪندا آهن.

مثال: **ڪَالهَہ ڦِرِيبَنِ لَڏِئوَ اَڄُ تُنهُن جڙِي وَار** (سون ورني الف ب، II، 4)

**جوَ** وانگر صفت **سَنَدوَ** بہ ڦيري طور اڪثر ڪري شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندي آهي.

**واحد**

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | سَنَدوَ | سَنَدِي |
| تشڪيلي | سَنَدِي | سَنَدِيَ |
| ندائي | سَنَدَا | سَنَدِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | سَنَدا | سَنَدِيوُن |
| تشڪيلي | سَنَدَنِ، سَنَدِين | سَنَدِنِ، سَنَدِيَن، سَنَدِئَنِ |
| ندائي | سَنَدَا | سَنَدِيُون |

## I- گردان يا ڦيرو

## أ - وارا اسم (مذڪر ۽ مونث)

**(الف) أ وارا مذڪر اسم**

**واحد**

| | |
|---|---|
| **فاعلي** | **ڏِيهُ، ڏِيهَہ** |
| حالت اضافي | ڏِيهَہ جوَ |
| مفعولي ثاني | ڏِيهَہ کَي |
| مفعولي | ڏِيهُ (ڏِيهَہ ڪي) |
| مڪاني | ڏِيهِ (ڏِيهَہ کي) |
| اپادان | ڏِيهَان، ڏِيهوَن، ڏِيهُون، ڏِيهَوَن، ڏِيهَاءُ، ڏِيهَہ کَان |

| | |
|---|---|
| ندائي | اِي ڏيهَہ، ڏيهَہ |

**جمع**

| | |
|---|---|
| **فاعلي** | **ڏيهَہ** |
| تشڪيلي | ڏيهان، ڏيهَين، ڏهَنِ |
| اضافت | ڏيهَنِ جوَ |
| مفعولي ثاني | ڏيهَنِ کي |
| مڪاني | ڏيهَنِ ۾ (ڏيهَين) |
| اپادان | ڏيهَنِئان، ڏيهَنِ کان |
| ندائي | ڏيهوَ ڏيهَا |

## هڪ بيقاعده اسم

| | |
|---|---|
| **حالت** | **واحد** |
| فاعلي | پِيءُ |
| اضافت | پِيءُ جوَ |
| مفعولي ثانِي | پِيءُ کي |
| مفعولي | پِيءُ (پِيءُ کي) |
| اپادان | پِيءُ گان |
| ندائي | پِيءُ |

**جمع**

| | |
|---|---|
| **فاعلي** | **پِٽُرَ** |
| تشڪيلي | پِٽُن؛ پيٽُرَنِ |
| مفعولي ثاني | پِٽُنِ کي؛ پِٽُرَنِ کي |
| مفعولي | پِٽُرَ (پِٽُرَنِ کي؛ پِٽُن کي |
| اپادان | پِٽُنِئان؛ پِٽُرَنِئان؛ پِٽُن کان، پِٽُرن کان |

| | |
|---|---|
| نوائي | پٽرو |

شاعريءَ ۾ ندائي صوت ۾ هڪ اضافي سر لڳائي سگهجي ٿو ۽ اهو وزن بحر لاءِ ڪبو آهي. مثال:

- **وَڻَ بدران وَڻاءِ، وَڻاهَہ، وَڻاءَ** (معذوري III، 6، 7، 8).
- **پهرِي پَنّهَن جَي پَاڻَ پَسَان مُلڪُ مَلِيرَ جوَ** (شاهه عمر مارئي I-13)
- **وِسَارِيج مَ وَرَ کي پَئِج مَنّڌُ مَرِي** (شاهه عمر مارئي II- 6)
- **ڪَارِي مُنّهِ قِيَامَ ڏِينّهِ آنڻُون ٿِيَان مَنّجهَان عَاصِنِ** (مج- 731)
- **پَرڏِيهَان پَنّڌُ ڪَرِي هَلِي آيوَ هِتِ** (شاهه سورٺ I ,2)
- **ڦِتِيا پيرَ فَقِيرَ جَا سَيرُون ٿِيَا سَي** (شاهه آبري VI، 6)
- **دَرَدُ دِيوَانوَ ڏَاريوَ چَريوَ لَاهِ چِتَاءُ** (مج 291)
- **آءُ اوَرَاهُون سُپِرين پَري وَجُ مَ پيءُ** (آبري X-3)
- **سُدِ سَنّدِي سَجَڻَين جَي ڪوَ ڏِيمِ اِيئَن** (مج 733)
- **دوِسَ دوَسَنِئَان ڏُورِ ڪَرِي توَ ڏَيَا ڏِيڪَارِي** (سورٺ I، پڇاڙي)
- **اُتوَ وِيجَا مَ وِهوَ وَجوَ دِيَ ڪَڻِي** (شاهه جمن ڪلياڻ I پڇاڙي)

**(ب) اُ - وارا مونث اسم:**

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | وِڄُ |
| تشڪيلي | وِڄُ |
| اضافتي | وِڄُ جو |
| مفعولي | وِڄُ کي |
| اپادان | وِڄُ کان |
| ندائي | وِڄُ |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | وِڄُون |
| تشڪيلي | وِڄُنِ |
| اضافتي | وِڄُنِ جوَ |

| | |
|---|---|
| مفعولي ثاني | وِڄُنِ کي |
| مفعولي | وِڄُون (وِڄُنِ کي) |
| اپادان | وِڄُنِئان؛ وِڄُنِ کان |
| ندائي | وِڄُون |

## هڪ بيقاعده اسم

## (An Irregular Noun)

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي- | مَاءُ |
| تشڪيلي- | مَاءُ |
| ندائي- | مَاءُ |
| | **جمع** |
| فاعلي | مَائُون، مَائرُ، مَائرُون |
| تشڪيلي صورت | مَائُنِ، مَائرُنِ |
| ندائي | مَائُون، مَائرُ |

- لَنوُن سين اُتِي لَڏي کي نہ رَساٽي ڪيڇَ کي (شاهہ معذوري II 10)
- پرين وَڃِجُ مَ پرڏيهڙي موٽِي چَيُسِ مَاءُ (مج 83)
- هوَتُ هَلَنِ ڪَتِئوَ اَنگهُنِ چَاڙهي اَنگُ (شاهہ آبري VII — 7)
- پيئرُ آئون پوِري مُون سَگُ سُجَاڻي نہ ڪِئوَ (شاهہ آبري V، 16)

### II- گردان

**اوَ (اوَن) - وارا اسم:**

**واحد**

| | |
|---|---|
| فاعلي: | مَيڙَاڪوَ |
| تشڪيلي: | ميڙَاڪي |

| | |
|---|---|
| اضافي: | مَيڙاڪي جوَ |
| مفعولي ثاني: | مَيڙاڪي کي |
| مفعولي: | مَيڙاڪوَ، (مَيڙاڪي کي) |
| اپادان: | مَيڙاڪَان: ميڙاڪي کان |
| ندائي: | مَيڙاڪَا |

**جمع**

| | |
|---|---|
| فاعلي: | مَيڙاڪَا |
| تشڪيلي: | مَيڙاڪَان، ميڙاڪَين، مَيڙاڪَنِ |
| اضافي: | مَيڙاڪَنِ جوَ |
| مفعولي ثاني: | ميڙاڪَنِ کي |
| مفعولي: | ميڙاڪَا، ميڙاڪَنِ کي |
| اپادان: | ميڙاڪَنِئان، ميڙاڪَنِ کان |
| ندائي: | ميڙاڪَا، ميڙاڪَوُ، ميڙاڪوَ |

- ٿانوُ ڀَرِي ڳَچ موَتِئين ڀَاڳي ڏِنائِين (مج 714)
- هَاٿِي جي هِيٺوَ وَهَي تہ پہ گهَٽوَ مُلهُہ گهوَڙان (شينهہ ڪيڏارو I- 2)
- اُٺِيءُ ڏِيوَانَا ڏُورِ ٿِيئيءُ هَاٿِي هِتِ مَ وِيهُہ (مج 249)
- سِڙهَ سَنوَان لاَڄُون نوَان مُهَاڻا سَنَدَنَ مِيرَ (شاهہ، سريراڳ 12-1)
- ڪُنَلِ ڪَجَاوَنِ ۾ جَاڙهي هوَتَ هَلاَيوَ (شاهہ، آبري)
- ڪُلَهِنئَان ڪوَرِينِ عَاشِقَ عَبَدُالطِيفُ چَوِي (شاهہ، جمن ڪلياڻ پڄاڻي I، 7)
- تَرِي ٿُنَ پِئاسِ پَاسَنئُون پَاڻِي وَهَي (شاهہ، سريراڳ III6)

## III- گردان

**اُو (اُون) وارا اسم:**

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي- | رَهَاڪُو |

تشڪيلي- رَهَاڪوءَ

اپادان - رَهَاڪُوءَان، رَهَاڪُوءَ کان،

ندائي- رَهَاڪُو

**جمع**

فاعلي رَهَاڪُو

تشڪيلي رَهَاڪُئان، رَهَاڪُئين، رَهَاڪُئِنِ، رَهَاڪُنِ

اپادان رَهَاڪُئوَ، رَهَاڪُئا

- دَارُوءَ جا دَاٽا ڏِنمِ هوءَ هَٿِن سَان (شاهه، ڪوهياري IV ,9)
- پَهُچَائِجِ پُنهُونءَ کي هِيءَ پِيَادِڙي پَانڌِي (شاهه، ڪوهياري IV پڄاڻي)
- ڍِوِلِيَا مَارو مُون سَين پَرَچِنِ شَالَ پَنوُهَارَ (شاهه، عمر مارئي I، پڄاڻي)
- سَچَي جَيهِي سوَنَ مُنهِ نہ پيئِي مَاڙهُئين (شاهه، جمن ڪلياڻ VIII 7)
- مِرُئان موَرَان پَکٽَان وَائِي ٻِيءَ مَ پُلُ (شاهه، جمن ڪلياڻ I ,16)
- مِينڌِيا ڏُئي نہ مَارُئِي مَحلِين مَارُئان ڏَارَ شاهہ،(عمر مارئي III 5)
- جَنِ ڪِٿُنِ گَاڙوَ نہ ڏِنوَ تَن پُرِ ڪِيُون پَاريُون (شاهه، سارنگ V 47)
- مَتَان رَهوَ مَاڙهُئا نَنگرَ جَي آڏَارَ (ماموئين جوبيت)

**نوٽ:** شاعريءَ ۾ ان عمل جي اجازت اهي تہ اسم تشڪيلي صورت ۾ ڦيريو نہ وڃي تہ جيئن بحر وزن قائم رهي. مثال:

- اُوچوَ ٿُون آڪَاسَ تَي آنءُ پوَٽوَ مَٿَي پُون (شاهه، سورٺ I ,3)

(هتي پُنئيءَ بدران پُون استعمال ٿيل آهي)

## IV- گردان

### آ (آن) - وارا اسم

**(الف) مونث:**

| حالت | واحد | جمع |
|---|---|---|
| فاعلي | هَچَا | هَچَائُون |
| تشڪيلي | هَچَا | هَچَائُنِ |
| اپادان | (هَچَان) هَچَان ڪان | هَچَائُنِئَان |
| ندائي | هَچَا | هَچَائُون |

**(ب) مذڪر:**

| حالت | واحد | جمع |
|---|---|---|
| فاعلي | رَاجَا (رَاڄَا) | رَاجَا |
| تشڪيلي | رَاجَا | رَاجَائُنِ |
| اپادان | رَاجَا ڪان | رَاجَائُنِئَان، رَاجَائُنِ ڪان |
| ندائي | رَاجا | رَاجَائوَ |

- ڪانهَي وَاٽَ ڄِيجَا ٽَنِ جَٽَنِ سَان (شاهہ، حسيني VI، پچاڙي)
- سوَ ٽَان توَئِي سَاڻُ جَنْهِن لَئِي جَڦَائُون ڪرِين (شاهہ، آبري III 5)

## V- گردان

### اَ- وارا اسم

| حالت | واحد | جمع |
|---|---|---|
| فاعلي | سَڌَ | سَڌَان، سَڌُون |
| تشڪيلي | سَڌَ | سَڌَان، سَڌِين، سَڌُنِ |
| اپادان | سَڌَانِ، سَڌَ ڪان | سَڌُنِئَان، سَڌُنِ کان |
| ندائي | سَڌَ | سَڌَان، سَڌُون |

- سَاهڙَ جِيَ صَلاَحَ ٻَارِ لَنگهَايَسِ ٻَاجهَہ سَان (شاهہ سهڻي II ,2)
- وَحَدَتَان ڪثْرَتَ ٿِي ڪَثْرَتَ وَحَدَتَ ڪُلُ (شاهہ جمن ڪلياڻ I ,15)
- وِهُہ مَ مَنْڍْ ڀَنْڀِوَرَ ۾ هُنَ پُڇَنْدِينءَ هَاڻِ (شاهہ حسيني VIII ,3)
- لُڪُون لَڳِنِ ڪوَسِيُون، ڏَاڍَا تَپَنِ ڏِينْهَن (شاهہ ديسي III)
- اگَرَ اوَطَاڻِنِ ۾ ڪَٺُورِيُون ڪَٺِنِ (شاهہ مومل راڻو II 3)

## VI- گردان

### اِي (اِين) - وارا اسم

**(الف) مذڪر اسم:**

| حالت | واحد | جمع |
| --- | --- | --- |
| فاعلي | سَاٿِي | سَاٿِي |
| تشڪيلي | سَاٿِي | سَاٿِئَان (سَاٿِيَان)؛ سَاٿِئِين؛ سَاٿِيَنِ (سَاٿئَن)؛ سَاٿِئُن (سَاٿئُن)؛ سَاٿِنِ |
| اپادان | سَاٿِئَان (سَاٿِي شاهہ گان) | سَاٿِيَنِئَان |
| ندائي | سَاٿِي (سَاٿِيه) | سَاٿِئَا؛ سَاٿِئوَ |

- پَيرَين هَيٺِ پرينءَ جَي آنئون وِڇَايَان وَارَ (مج 231)
- تَڏِهِن قَاضِيَ ڇَيوَ قَيَسَ ڪي مَتَان لاَهَين مَرَم (مج 183)
- ڪَنَا ئَارِنِ حامِيَه هَاڻِ ٻَڇَائِجِ هيءَ (شاهہ سورٺ I ,9)
- پَيرَين آئُون نَہ پُڄِڻِي ڏِيهُہ پريَان جوَ ڏُور (شاهہ ڪنيات I، پچاڻي)
- ڪَامُون مُجِجَاهُہ ڪَهَٽِيُون گهرجَنوَ اوَنِئَا (شاهہ آبري x1 ,7)
- حَالُ مُنْهُنجوَ هِهَڙوَ پَسوَ ٿَا پريَاهُہ (مج 441)

**(ب) مونث اسم:**

| حالت | واحد | جمع |
| --- | --- | --- |
| فاعلي | گوَلِي | گوَلِيُون (گوَلِئُون؛ گوَلِّيُون) |
| تشڪيلي | گوَلِيَ | گوَلِئَان، گوَلِئِين، گوَلِئَن، گوَلِئُن ۽ گوَلِنِ |
| اپادان | گوَلِئَان، گوَلِيَ ڪان | گوَلِئنِئَان |

| نِدائي | ڪوَلِي | ڪوَلِئُون |
|---|---|---|

* تَڏهِن ٻَائِيَ ڇيو ٻَانِهيَ ڪي تہ اُتي اُٺُ پَلاڻِ (مج 738)
* ڏُڪي ڏُڪُ وِسَارِ سَيج ڦِٽي ڪَرِ سَسُئِي (شاھہ معذوري VI 6)
* ڪوَڏِيُون ڪوَلاڙَنِ جُون چِٻِيَ سَاڻُ چُنڊِبِينڊِي (شاھہ عمر مارئي II پڇاڙي)
* ٻُڪي ڏِيندا ٻَاجهَ جِي نِهَارِي نَاڙُون (شاھہ جمن ڪلياڻ II 18)
* رَاتِنِ وَرِي رُوءِ ڳُونَدَرَ لَٿا ڪوَلئين (ديسي، چوٽ 3)
* سَرَتِيُون سَاھُ سَنڌوَمِ ٿِئوَ حَوَالِي هوَتَ جي (شاھہ ديسي VII, 11)

## VII- گردان

## اِ وارا اسم

**الف) مونث اسم:**

| حالت | واحد | جمع |
|---|---|---|
| فاعلي | ڳَالھِہ | ڳَالھِيُون |
| تشڪيلي | ڳَالھِہ | ڳَالھِئَان، ڳَالھِئين، ڳَالھِئِينِ ڳَالھِيئُنِ، ڳَالھِينِ |
| اپادان | ڳَالھِئَان، ڳَالھوَن | ڳَالھِئَان |
| نِدائي | ڳَالھِہ | ڳَالھِيُون |

* مِيَان مُون ڪي مِهتِ جِي ڪوَ ڏِيڪارِي وَاٽ (مج 131)
* ڪَاڪِئَان وَڃُ مَ ڪيڏهِين رَاٽَا توَ نہ رِهَاءِ (شاھہ مومل راڻو I پڇاڙي)
* تَان مَڃِ مُحَمَّدُ ڪَارَڻِي نِرتوَن مَنجهَان نِيٽهَن (شاھہ جمن ڪلياڻ I ,2)
* آيَلِ اُنِ نہ وِسَهَان هَنجُون جي هَارِين
* آٽِئوَ آبُ اَڪِين مِ ٿَا ڏِهَ ڪي ڏِيڪَارِينِ (شاھہ جمن ڪلياڻ I 20)

مَينُهُون پَاڻُ مُرادِيوَن ٿَڏَا چَرَنِ ٿَرَ

* سَارِي اَچِئوَ سَامُهِيوَن ڏِئَنِ ڪِيرَ سَجَرَ (شاھہ سارنگ IV، 14)

- ڏيڱين دوَڳَ ڪَڙهَنِ جتِ ڪَنَين ڪَنّڪَ نہ لَهَي (شاهہ، جمن ڪلياڻ II 27)
- جِلدَ سُونهَارَا سَيِنِين پَرَين ٻِئَا مُصَحُفَا موَچَارَا (مج 141)
- مَتِيُون موَتَڻُ سَنَڌِيُون ڪَاڪِيُون ڪِي نہ ڏِيوَمِ (شاهہ، ديسي VII، 6)

**(ب) مذڪر اسم:**

| حالت | واحد | جمع |
|---|---|---|
| فاعلي | ڪيهَرِ | ڪيهَرِ |
| تشڪيلي | ڪيهَرِ | ڪيهَرِئان، ڪيهَرِئين، ڪيهَرِنِ |
| اپادان | ڪيهَرِئان وغيره | ڪيهَرِنِئان |
| ندائي | ڪيهَرِ | ڪيهَرِئوَ |

- اِيءَ ڪَيسَر جِي ڪَارِ جَئَن هَاتِيَ ڪي هَٿُ هَٽي (شينهہ ڪيڏارو- 7)

# باب نائون

## نمبر - 19

## ADJECTIVE

## صفت

سنڌيءَ ۾ صفتن ۽ مشتق اسمن جون پڇاڙيون اساسي لفظن جهڙيون هجڻ ڪري انهن کي اساسي لفظن جي قسم طور سمجهي سگهجي ٿو. سنڌيءَ ۾ اهو قاعدو مروج آهي ته صفت جو پنهنجي وجودي لفظ سان جنس، انگ ۽ حالت ۾ سهمت هئڻ ضروري آهي، جنس جي حوالي سان ان قاعدي جي ڪابہ خلاف ورزي نٿي ٿئي، پر جيڪڏهن ڪا صفت يا مشتق اسم اڳ ايندڙ ٻن وجودي لفظن سان ظاهر ٿئي جنهن مان هڪ مذڪر ۽ ٻيو مونث هجي تہ جمع ۾ مشتق اسم يا صفت مذڪر رهندو. مثال: **نَرُ ۽ مَادِي سِرِ جِيَا اُٿَسِ** (Gen I, 27)

انگ يا شمار جي حوالي سان جڏهن صفت ڪنهن اسم جي ڦيري هيٺ آيل جمع کان اڳ موجود هجي تہ اهو واحد ۾ بہ انهيءَ ڦريل حالت ۾ رهندو. مثال: **ڪُوڙِنِ نَبِيُنِ کي يا ڪُوڙِي نَبِيُنِ کي**.

اها ئي صورت تڏهن بہ رهي ٿي جڏهن صفت ڪنهن اسم جي ندائي جمع کان اڳ موجود هجي، تہ صفت کي بہ عام طرح ندائي واحد حالت ۾ رکيو ويندو. مثال **اِي سِنّڍِئَا مَاڙْهُئَا** بدران **اِي سِنّڌِي مَاڙْهُئَا**. پر جيڪڏهن ڪا صفت يا مشتق اسم جو حوالو ڪنهن اڳ ايندڙ وجودي لفظ سان هجي جنهن پنيان حرف جر **کي** لڳل هجي تہ اتي اها صورت نٿي رهي. چاڪاڻ جو هت صفت ۽ وجودي لفظ ۾ ڪو وياڪرڻي رابطو موجود نہ آهي ۽ صفت جو استعمال يقيني آهي. مثال:

- اُنْهَنِ ٻِنهي ڀَائُنِ کي سَمُنْڊَ ۾ ڄَارُ وِجهَنْدوَ ڏِٺَائِين (ميٿيو IV، 18)
- ڏُونگرَنِ کي اُونْچوَ ڀَانْيَمِ

حالت جي حوالي سان ڏٺو وڃي تہ اهڙيون صفتون جيڪي **اِي** ۽ **اُو** تي ختم ٿينديون هجن، اهي اڻ ڦريل حالت ۾ رهنديون. جڏهن انهن جي فوراً پنيان تشڪيلي حالت جو ڪو بنيادي لفظ هجي. مثال:

- مَ ڪَج ڀَنْڊْڙوَ وِيرُو مَاڙهُنِ سَاڻ ۾
- ٻِنهِي کي ٻَهُون پرين وِيچَارَنِ وِرُوهَ (مج 198)

جنهن صفت پنيان اساسي لفظ هجي تہ صفت کي حالت جريءَ ۾ رکي سگهجي ٿو. جڏهن تہ اڳ ايندڙ اساسي لفظ کي فقط تشڪيلي حالت ۾ ئي رکبو. مثال:

❖ جوَ ڏِيهَہ ڏاڏاڻان آئِئوَ ڏِنُم تَنُهِن طَعَنوَ. (شاهہ عمر مارئي II 2)

جڏهن ڪنهن تشڪيلي حالت جمع جي چوٿي ٿيل صورت واري اسم جي اڳيان يا پنيان صفت اچي تہ اها بہ ساڳي صورت اختيار ڪندي آهي. مثال:

❖ بُچڙين مَاڙهُئين کي چِڏي هَلُ

❖ گهوَرِيَان گهَٽين[1] پَتِئين سَنّدِي بَاجهَہ بِئِنِ (شاهہ جمن ڪلياڻ V)

❖ ڪانڍين ٿانڍين بَابُرِين پَچَان مَرُ پيئِي (شاهہ جمن ڪلياڻ III، 3)

صفت قاعدي موجب هميشہ پنهنجي بنيادي اسم (موصوف) کان اڳ استعمال ٿيندي آهي. مثال:

❖ مَاڻهوَ پَنّهَنجِي نَنّدِي اَکِ سَان جَڳتَرُ توَ ڏِسي

❖ چَڱوَ سُرَهوَ سُڳَنّڌوَ ٻوَرُ، مَنّجهِسِ پِئوَ آهي

صفت جو استعمال پنهنجي بنيادي اسم (موصوف) (Substantive) کان پوءِ بہ ٿي سگهي ٿو. خاص ڪري جڏهن صفت ۾ اسم کان وڌيڪ پَدَ هجن. مثال:

تَارَا مُنّڍَ جي ڏِينهَن گان اڄَا تائِين پَنّهَنجَنِ سَنّڌَنِ نَهِيَلَنِ کان ڦيرُ بہ ڪَرِي پُورِي ڦيرِي ۾ آهِنِ.

بہ يا وڌيڪ صفتون اڪثر ڪري اسم کانپوءِ استعمال ٿينديون آهن. مثال:

❖ دوَسَ مِنَا دِلِدَارَ عَالَمُ سَيُ آبَادُ ڪَرِين (شاهہ سارنگ IV، 2).

❖ خُداءِ جَاڻُوءَ ڏاهي اِهڙَا پيدَ پَنّهنجي ڪَلاَمَ مَنّجهِ وِچُوَرِيَا آهِنِ.

اڪثر ڪري صفتن ۾ بنيادي اسمن ۾ هڪ زور پرائيندڙ اِيِ جو اضافو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جنهن جو مطلب ڪنهن ڳالهہ جي پَڪَ ڏيڻ يا ثابتي ڏيکارڻ هوندو آهي، پر ان سان صفت جي پڇاڙيءَ تي ڪوبہ فرق نہ پوندو آهي (سواءِ اوَ تي ختم ٿيندڙ مونث واحد صفتن جي) مثال: **اوَچِتوَئِي**: **غَرِيبِئِي** (واحد مونث).

❖ اڳِئينئِي پَنڌَ جوَ سَاتِي ڪَرُ سَائِياهُ (سون ورني الف ب I، 1)[2]

**نمبر - 20**

# FORMATION OF GENDER

# جنس جوڙڻ

جيستائين مذڪر مان مونث ناهڻ جي طريقي جو سوال آهي تہ اهي رواجي قاعدن (باب ستون نمبر 14) موجب صفت تي بہ لاڳو آهن. ڪجهہ جڳهن تي جڏهن صفت ۽ ان جي بنيادي اسم جي پڇاڙي هڪ جهڙي هجي تہ اتي ايندڙ معمولي تبديليون هيٺ ڏجن ٿيون.

1) اُ - تي ختم ٿيندڙ صفتون:

اهي پنهنجي مذڪر پڇاڙي اُ کي اِ يا اَ ۾ تبديل ڪنديون آهن. مثال نِڏرُ، مونث نِڏرِ يا نِڏرَ.

❖ اَڏرَ نِڏرَ اَيَرِي اَسُونُهين آهِيَان (شاهه، آبري VIII، 1)

اصل سنڌي بنياد رکندڙ ۽ عربي ۽ فارسيءَ مان ورتل صفتن ۾ جنس، انگ ۽ حالت ۾ ڪا تبديلي نه ايندي آهي. مثال سَرَسُ (سنڌي)، گڏُ (سنڌي)، سَهِجُ (سنڌي)، عَبَثُ (عربي)، تَمَامُ (عربي)، خُوبُ (فارسي)، دُرَسُ جيڪا دُرُسَتُ (فارسي) جي بگڙيل شڪل آهي: مَاتُ (فارسي)، پَشِيمانُ (فارسي)، حَيَرَانُ (عربي)، هَلَاڪُ

---

[1] گهٽين اصل ۾ گهٽئين جي چوٽي صورت آهي.
[2] 'سون ورني الف ب' دراصل 'golden alphabet' جو ترجمو آهي (مترجم)

(عربي)، صَافُ (عربي)، مَعَلِمُ (ع) جيڪا مَعَلُومَ جي بگڙيل صورت آهي.

❖ مَرَٽَان اَڳِي جي مُئَا سي مَرِي ٿِئَنِ نَه مَاتُ (شاهه، معذوري IV، 7)

❖ جوَ ويڄَنِ جي وَاتِ دَارُوَ ٿَنِهن دُرَسُ ڪِيَا (شاهه، جمن ڪلياڻ II، 17)

❖ وَڏُڙئوَ جَنِ وَرَنِ سين پُونَڏيُون تِتِ پَشِيمَانُ (مج 266)

2) اوَ (اُون) - تي ختم ٿيندڙ صفتون:

انهن ۾ مذڪر پڇاڙيءَ کي اِي (اِين) ۾ بدليو ويندو آهي.

مثال: ڪُوڙوَ- مونث ڪُوڙِي: نئوَن- مونث نئِين.

جڏهن به وينجن جي پنيان ايندڙ صفت يا ڪردنت يوَ (يا اِوَ) تي ختم ٿئي ته مونث پڇاڙي اِي کان اڳ ي (اِ) کي حذف ڪيو ويندو آهي. مثال ڏُکيوَ يا ڏُکِئوَ- مونث ڏُکِي، ڪِئوَ- مونث ڪِي: پر پِئوَ (پوڻ مان نڪتل) جو مونث پِي بدران پيئِي ٿيندو. پر جڏهن يوَ کان اڳ ڪو سُر موجود هجي ته مونث ناهڻ لاءِ يِي ڪم آڻبو آهي. مثال چَيوَ (چَوَڻُ مان نڪتل) — مونث چَيِي: ڪَيوَ (ڪَرَڻُ مان نڪتل) — مونث ڪَيِي: آيوَ (اَچَڻُ مان) — مونث آيِي: ۽ انهن مان ي کي يڪسر حذف به ڪري سگهجي ٿو، مثال: چَئِي، آئِي، ڪَئِي وغيره.

جڏهن مونث واحد ۾ زور پرائيندڙ اِي لڳل هجي ته فاعلي صورت ۾ مذڪر پڇاڙي اوَ بدلجي يَا تي ويندي آهي. مثال: مُنوَ- مونث ۾ زور پرائيندڙ اِي ذريعي مُنيَائِي نهي ٿو، پر مونث جا بيا مثال ڪافي حد تائين قاعدي موجب هوندا آهن ۽ انهن ۾ زور پرائيندڙ اِي ورلي ڪو لڳندي آهي.

❖ پَسوَ لَڄَ لَطِيفَ چَئِي ڪيڏِي کي ڪَڱِ (شاهه، سهڻي VIII ,1)

❖ جي پَسي مُنهُن مِهَارَ نَه سَگهِيَائِي سَڄِي ٿئي (شاهه، سهڻي چوٿ 5)

3) اُو (اُون) - تي ختم ٿيندڙ صفتون:

انهن ۾ مونث نهڻ وقت پڇاڙيءَ ۾ ڪو فرق نه ايندو آهي. مثال:

- سَهُو (مذڪر ۽ مونث)؛ وِيڙهُو (مذڪر ۽ مونث).

### 4) آ (آن) - تي ختم ٿيندڙ صفتون:

اهڙا لفظ تمام ٿورا آهن ۽ انهن ۾ جنس جو ڪو بہ فرق نہ ايندو آهي. مثال **ڏاتا**؛ **ٽالان** (پريشان). انهن مان گهڻا لفظ اڻ ڦرندڙ آهن. مثال: **صَفا** (عربي)، **فنا** (عربي)، **ڦان**، **جُدَا** (فارسي).

### 5) اَ - تي ختم ٿيندر صفتون:

انهن ۾ جنس ۾ ڪوفرق نہ ايندو آهي ۽ اهي سيئي اڻ ڦرندڙ[1] آهن: مثال: **وَڏِيڪَ**، **سُڄَ**، **ڏَارَ** يا مرڪب صورت ۾ **ڏَاروَڏَارَ**؛ **جَالَ** يا **جَارَ**؛ **جَامَ**.

- جِيءُ سَيِّڪَنُهِن جِيءَ سين دَرَسَنَ ڏَاروَڏَارَ (ڪلياڻ I 24,)
- سِرَ جُدَا ڏَڙَ ڏَارَ دوَّبَ جِنُهِين جَا ديڳِ ۾ (ڪلياڻ II 24,)

### 6) اِي (اِين) - تي ختم ٿيندڙ صفت:

اِهي مونث ۾ ساڳيون رهنديون آهن. مثال: **بَارِي**؛ **سَوادِي**.
ڪجهہ لفظ فقط مونث طور ئي استعمال ٿيندا آهن.

[1] استيڪ پنهنجي سنڌي گرامر ۾ اهڙي صورتحال ڏيکاري ٿو، جتي هو **سَگرَ** کي تشڪيلي صورت جمع (Formative Plural) ۾ ڦيرائي ٿو؛ پر پنهنجي لغت ۾ هن **سَگرُ** ڏنو آهي، جيڪا درست پچاڙي آهي. مون ڪڏهن بہ اَ تي ختم ٿيندڙ پچاڙيءَ کي ڪنهن بہ طريقي سان ڦرندي نہ ڏنو آهي ۽ انگن جي مثال ۾ **پنجَ** کي ان قسم جو لفظ نٿو جيئي سگهجي.

### 7) اِ - تي ختم ٿيندڙ صفت:

مؤنث جي معاملي ۾ انهن ۾ بہ مٿي ڄاڻايل صفتن وانگر ڪا تبديلي نہ ايندي آهي. مثال **چَوَرِسِ**. ان مان گهڻا تہ اڻ ڦرندڙ لفظ آهن. خاص ڪري جيڪي ٻاهرئين اصل جا هجن. مثال **سُڌِ** (نج)، **ڏَڙِ** (غلط)، **مُڪِ**، **خُوشِ** (فارسي)، جنهن کي عام طرح **خُشِ** اچاريو ۽ لکيو بہ ويندو اهي؛ **شَادِ** (فارسي)، **بَرابَرِ** (فارسي)، **بَجَاءِ** (فارسي).

اُ، اوَ- اُو ۽ اِي تي ختم ٿيندڙ صفتن ۾ جڏهن ماڻهوءَ جي ڪا اصلوڪي (موروثي) عادت، معيار يا پيشو ظاهر ڪرڻو هجي تہ انهن ۾ مونث پچاڙيون **ڻِي**، **ٽي**، **آٽي** (**ياٽي**)، **آئِڻِ** (**يَائِڻِ**) وغيره بہ ڪن صورتن ۾ لڳايون وينديون آهن. (تفصيل لاءِ ڏسو باب VII نمبر 14). مثال: **غَرِيبِڻِ چوڪَرِ** (هڪ غريب ڇوڪري)؛ **سَاڏُڻِي رَنَ** (هڪ بنهہ خراب عورت)، **هوَڏِيَاڻِي ڏَاچِي** (هڪ ضدي ڏاچي).

هت صفت جي ڦيري (Inflexion of adjective) جو جائزو ونون ٿا.

### 1. اُ - تي ختم ٿيندڙ صفت:

**واحد**

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | اَڇيتَ | اَڇيتِ: اَڇيتَ |
| تشڪيلي | اَڇيتِ | اَڇيتَ |
| ندائي | اڇيتَ | اَڇيتِ، اَڇيتَ |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | اڇيتَ | اَڇيتُون، اَڇيتِيُون |
| تشڪيلي | اَڇيتين، اَڇيتُنِ | اَڇيتِنِ |
| ندائي | اَڇيتوَ | اَڇيتُون، اَڇيتِيوُن |

2) اوَ - تي ختم ٿيندڙ صفت:

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | رُڪوَ | رُڪِي |
| تشڪيلي | رُڪي | رُڪِيَ |
| ندائي | رُڪا | رُڪِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | رُڪا | رُڪِيُون |
| تشڪيلي | رُڪين، رُڳنِ | رُڳنِ |
| ندائي | رُڪا، رُڳؤ، رُڪوَ | رُڪِيُون |

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | اڳِيُون | اڳِين |
| تشڪيلي | اڳِئين | اڳِينءَ |
| ندائِي | اڳِئان | اڳِين |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | اڳِئان | اڳِيُون |

| | | |
|---|---|---|
| تشکيلي | اَڪِئِين، اڪِئن | اَڪِنِ |
| ندائي | اِڪِئان، اَڪِئُوَ اَڪِئوَ | اَڪِيُون |

3) **أو - تي ختم ٿيندڙ صفت:**

**واحد**

| حالت | مذکر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | سَهُو | سَهُو |
| تشکيلي | سَهُؤَ | سَهُؤَ |
| ندائي | سَهُو | سَهُو |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | سَهُو | سَهُو |
| تشکيلي | سَهُئين، سَهُئَنِ، سَهُنِ | سَهُئين، سَهُئَنِ، سَهُنِ |
| ندائي | سَهُئوَ، سَهُئَا | سَهُئوَ، سَهُئَا |

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | ڏَاتَا | ڏَاتَا |
| تشکيلي | ڏَاتَا | ڏَاتَا |
| ندائي | ڏَاتَا | ڏَاتَا |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | ڏَاتَا | ڏَاتَائُون |
| تشکيلي | ڏَاتَائُنِ | ڏَاتَائُنِ |
| ندائِي | ڏَاتَائوَ | ڏَاتَائُون |

5) **اِي - تي ختم ٿيندڙ صفت:**

**واحد**

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | ڏُکِي | ڏُکِي |
| تشڪيلي | ڏُکِيَ | ڏُکِي |
| ندائي | ڏُکِي | ڏُکِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | ڏُکِي | ڏُکِيُون |
| تشڪيلي | ڏُکئين ڏُکِنِ | ڏُکِئين، ڏُکِنِ |
| ندائي | ڏُکِئا، ڏُکِئوَ | ڏُکِيون |

**6) اِ - تي ختم ٿيندڙ صفت:**

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | هِڪَمُتِ | هِڪَمُتِ |
| تشڪيلي | هِڪَمُتِ | هِڪَمُتِ |
| نِدائي | هِڪَمُتِ | هِڪَمُتِ |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | هِڪمُتِ | هِڪَمُتِئُون |
| تشڪيلي | هِڪمُتِئين، هِڪَمُتِنِ | هِڪَمُتِئين، هِڪَمُتِنِ |
| ندائي | هِڪَمُتِئوَ | هِڪَمُتِئُون |

**نمبر - 21**

## Comparison of Adjectives

## صفتن جي ڀيٽ

سنڌيءَ ۾ ٻين ڄاتل ٻولين سنسڪرت (۽ فارسي) جي پوئواري ڪندي صفتي جوڙن ذريعي صفت تفضيل (Comparative) ۽ صفت مبالغو (Superlative) ناهڻ جي خاصيت وڃائي ڇڏي آهي ۽ اهميت واري ڳالهہ

اها آهي تہ ان ڪم لاءِ ان سامي (Semitic) طريقو اختيار ڪيو آهي. تفضيل (ڀيٽ) جي اظهار لاءِ جنهن شيءِ يا شين کي ڀيٽڻو آهي، انهن کي حالت اپادان (Ablative) ۾ رکجي ٿو يا ان ئي ساڳيءَ طرح مختلف حرف جر اڳيان لڳايا وڃن ٿا. مثال: **ڪان، کُون، مَان، مَنجهَان** وغيره. جڏهن تہ صفت پنهنجي اثباتي صورت ۾ رهي ٿي. اهڙيءَ ريت صفت مبالغي جي مفهوم جي اظهار لاءِ اپادان (Ablative) کان اڳ ضميري صفت جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. حالت جري جي ذريعي ڀيٽ لاءِ شين جي وچ جو فرق يا مفاصلي ڏانهن اشارو ڪيو ويندو آهي.

- مِنائِيَان مِنوَ گهَٽوَ ڪَڙوَ ئاهِ ڪَلامُ (شاهہ ڪلياڻ III ,10)
- سَوَ سِسِنِئان اَڳرِوَ سَنَدوَ دوَسَان دَمُ (شاهہ ڪلياڻ II ,30)
- سَاهَ رَکيِئُون اوَڏِڙوَ واحِدَ جوَ وِصَالُ (مج 5)
- پِيَارِي پَرِيُنِ ڪوئَن ڪَرِي ڄاتوَ مَنّجِي جوَءِ (پنهنجي جوءِ کي مجي، پياري پريوءِ کان وڌ ڄاتو) (مينگهو 8)
- جي ڀائِيِنِ تَہ پِرِينءَ مڙان، تَہ ڏوهَنّئون ڳُڻُ ڀَانءِ (جمن ڪلياڻ VIII 22)
- جيڪوَڪوَ هِنِ حُڪُمَن موَن هِڪڙِي سَڀَ کَان ننّڍِي کي ڀيجي ۽ مَاڻُهنِ کي اِئين سيکارِي سوَ آسَمَانَ جي پَاتِشَاهِي ۾ سَڀَ کَان ننّڍِوَ چَئِبوَ (ميٿيو V 19)

# باب ڏهون

نمبر - 22

## NUMERAL ADJECTIVES

## عددي صفتون

سنڌيءَ ۾ گهڻيون ئي مختلف قسمن جون عددي صفتون موجود آهن.

### I- Cardinal Numbers

### شماري عدد/ انگ

1: هِڪُ، هيڪُ، ايڪُ، هيڪِڙوَ

2: ٻَہ

3: ٽِري (ٽي)

4: چَارِ

5: پَنْجَ

6: ڇہ يا ڇَهَہ

7: سَتَ

8: اَٺَ

9: نَوَن

10: ڏَهہ

11: يَارَهَن، اِڪَارَهَن، ڪَارَهَن

12: ٻَارَهَن

13: **تيرَهَنَ**

14: **چوَڏهَنَ**

15: **پَنَڌرَهَنَ، پَنَڌهرَان**

16: **سوَرَهَنَ**

17: **سَترَهَنَ**

18: **اَڙهَنَ، اَرڙَهَنَ**

19: **اُڻِيهَہ ۽ اُڻويهَہ**

20: **وِيهَہ**

سمجهاڻِي: سنڌيءَ جا سيئي انگ پراڪرت ڪي ذريعو بنائيندي سنسڪرت مان نڪتل آهن.

**هڪ:** سنسڪرت **ايڪ**، پراڪرت **ايڪّ** جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ اڪري ملاپ طور **ھ** جو اضافو ڪيل آهي. مثال: **هِڪُ**. انگن جي ڳڻپ جي شروع ۾ هندو **هڪ** جي بدران **بَرَڪُ** ۽ مسلمان **بَرَڪَتَ** پڙهندا هئا ۽ ايئن چئ تہ هڪ نموني جي دعائيہ شروعات ڪبي هئي.

**ٻہ:** سنسڪرت **دِ** ۽ پراڪرت **دو**. سنڌيءَ ۾ ان جي هڪ اصلوڪي صورت **دِوَ** ڪي ادغام جي ذريعي **وَوَ** سان ملائي پوءِ **ٻہ** ڪيو ويو آهي. ٻہ ڪان سواءِ ڪن جاين تي **ڏُون** جي صورت بہ ملي ٿي، جيڪا پراڪرت **دوڻ** مان نڪتل آهي.

**ٽِري (ٽي)**: سنسڪرت- **ترِ**: سنڌي- **ٽِري** (ٽي)؛ پراڪرت جي صورت **ترِڻ** مان هندوستاني- **تين** جنم ورتو آهي.

**چار:** سنسڪرت **چَتُرَ** ۽ پراڪرت **چَتّارِ** مان **ت** جي ٻٽي اچار جي ڇاتيءَ ذريعي سنڌي **چار** وجود ۾ آيو آهي.

**پَنجَ:** سنسنڪرت ۾ **پَنچَڻُ** ۽ پراڪرت ۾ **پنچَ**. جڏهن تہ سنڌيءَ (۽ پنجابي) ۾ tenuis **چ** جي بدران media **ج** جو استعمال ٿيندو آهي. (هندوستاني ۽ مراٺيءَ ۾ **پانچ**).

**ڇَهَہ:** سنسڪرت ۾ **شش**، پراڪرت ۾ (سنڌيءَ وانگر) **ڇَہ**.

**سَتَ:** سنسڪرت ۾ **سَپتَنَ**، پراڪرت ۾ **سَتَ**، پنجابي ۾ **سَتَ** ۽ هندوستاني ۽ مراٺيءَ ۾ اڳ ايندڙ سر ڪي ڊگهو ڪندي **ت** جي ٻٽي اچار ڪي خارج ڪيو ويو آهي ۽ **سَاتَ** جي صورت ملي ٿي.

**اَٺَ:** سنسڪرت ۾ **اَشٽَنَ**، پراڪرت ۾ **اَٺَ**، پنجابي ۾ **اَٺَ** ۽ هندوستاني ۽ مراٺيءَ ۾ **آٺَ**.

**نَوَنَ:** سنسڪرت **نَوَنَ**، پراڪرت **ڻَئِہ**، سنڌي **نَنون**، پنجابِي **نَئُون**، هندستاني **نَوَ**، مراٺي **نَوَ**.

**ڏَهَہ:** سنسڪرت **دَشَنَ**، پراڪرت **دَسَ**، مراٺي **دَهَا**، هندستاني ۽ پنجابي ۾ **دَسَ**.

سنسڪرت ۾ پهريان 9 انگ **دَشَن** ۾ ڳڻيي ايندڙ 9 انگ ناهيا ويندا آهن، پر سنڌيءَ ۾ پراڪرت وانگر (۽ ٻين جاتل لهجن ۾) انهن ۾ ايتريون تہ تبديليون ٿيل آهن. جو پهرين نظر ۾ اهي سڃاڻپ ۾ ئي نہ ايندا آهن. انهن مرڪبن ۾ پراڪرت صورت **دَسَ** پهرين بدلجي **ڏَهَہ** ٿئي ٿي ۽ پوءِ ٻيهر بدلجي **رَهَہ** ٿئي ٿي.

مثال: پراڪرت **ايئارهہ**- سنسڪرت **ايڪادَشَن**، سنڌيءَ ۾ **ڪ** کي حذف ڪري **يارنهن** يا **ڪ** کي قائم رکندي **اڪارنهن** يا (شروع واري **اِ** کي حذف ڪندي) **ڪارنهن**.

**ٻارنهن:** پراڪرت ۾ **وارَهَہ**= سنسڪرت **دَوادَشَن**؛ سنڌي **ٻارهنَ**.

**تيرنهن:** پراڪرت ۾ **تيرهہ** = سنسڪرت **تِريوَدَشَن**؛ سنڌي **تيرهنَ**.

**چوڏنهن:** پراڪرت **چَئِدَهَہ**= سنسڪرت **چَتردشن**؛ سنڌي- **چوڏهنَ**.

**پَنڊِرَنهن** (يا **پنڌران**) ناهڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ مخصوص طريقو آهي، جنهن جي پراڪرت صورت **پراڻرهہ** آهي ۽ سنسڪرت **پَنچِدَشَنَ**، جتي **نچہ** پراڪرت ۾ مدغم ٿي موردني **ڻ** ٿي آهي ۽ سنڌيءَ ۾ ر کان اڳ **ند** جي صورت ورتي اٿس.

**سوَرَنهَن:** پراڪرت ۾ **سوَلَهَہ**= سنسڪرت **شوَدَشَنَ** (Var II 23)، سنڌي **سورنهنَ**، هندوستاني **سوَلهہ**.

**سَتَرَنهَن:** پراڪرت **سترَهَہ**= سنسڪرت **سَپَتَدَشَن**، هندستاني **سَتَرَہ**

**اَرڙهن:** پراڪرت **اَٺرَهَہ**= سنسڪرت **اشٽادشن**، سنڌي **ارڙهنَ**. هتي پراڪرت جو موردني مرڪب **ٺ** سنڌيءَ ۾ **ڙ** ۾ تبديل ٿي ويو آهي. (ڏسو تعارف نمبر 7، 2) ۽ پوءِ ايندڙ ڏندوان **ر** سان مدغم ٿي ڊگهي **آ** کي حذف ڪري ٿي، پنجابيءَ ۾ **اناران**، هندستاني ۾ **اناره**، مراٺي ۾ **انارا**.

**اُڻويهَہ:** سنسڪرت **اوُنوِنشَت** يعني ويهن کان هڪ گهٽ، (پراڪرت نامعلوم)، سنڌي **اُڻيهہ** يا **اُڻويهہ**.

**وِيهَہ:** سنسڪرت **وِنشَتِ**، پراڪرت ۾ **وِيسَئِي** ۽ اتان سنڌيءَ ۾ **وِيهَہ** ٿيو وڃي. جڏهن ته مرڪب انگن ۾ **و** حذف ٿي ويندو آهي. خاص ڪري جڏهن ان کان اڳ ڪو وينجن موجود هجي. مثال **اُڻِيهَہ** يا **اُڻويهَہ**، هندوستانيءَ ۾ **اُنِّيس**، مراٺي ۾ **ايڪوڻيس**.

21: **ايڪِيهَہ**.

22: **ٻاوِيهَہ**.

23: **ٽرِيويهَہ يا ٽيويهَہ**.

24: **چوِويهَہ**.

25: **پَنجويهَہ يا پَنجِيهَہ**.

26: **ڇويهَہ**.

27: **سَتاوِيهَہ**.

28: **اَٺاوِيهَہ**.

29: **اُڻتريهہ (اُڻٽيهَہ)**.

30: **ٽرِيهَہ يا ٽِيهَہ**.

انهن ۾ ڪن انگن جي مرڪبن کي ڊگهو ٿيندي ڏٺو ٿو وڃي. مثال: **ٻَا**، **سَتَا**، **اَٺا**، پر اهو ڪنهن

قاعدي موجب نٿو ٿئي. **چَارِ** جڏهن ڪنهن ٻئي انگ سان مرڪب طور استعمال ٿئي ٿو تہ **چوَ** جي صورت ۾ ننڍو ٿيڻ ڪان اڳ ادغام جي هڪ مخصوص طريقي طور پهرين (سنسڪرت) **چَتُر** مان **چئر** ۾ ڳم ٿي پوءِ **چَؤ** ٿيندي نيم سر ر ۾ پوءِ ايندڙ و سان مدغم ٿئي ٿو. اها ئي صورت پنجابي، هندوستاني ۽ مرانيءَ ۾ بہ ملي ٿي.

**ٽِيهہَ**: پراڪرت **ٽيسَئا** مان نڪتل آهي سنسڪرت ۾ **ترِنْشَتَ** جي صورت ۾ ملي ٿو. سنسڪرت جي پڇاڙي **شَتَ** پراڪرت ۾ بدلجي **سَدَ** ٿيو وڃي ۽ پوءِ **سَئا** يا **سا** ۾ بدلجي سنڌي ۾ **هَہ** بڻجي وڃي ٿو.

**چَالِيهہَ**: سنسڪرت **چَتوَارِنْشَتَ**، پراڪرت جو **ٻتوت** (**چَتا=سَا**) مان سنڌيءَ ۾ حذف ٿي ۽ ر بدلجي **ل** نهيو وڃي، اهو ئي عمل پنجابي ۽ مرانيءَ ۾ ٿئي ٿو. سنڌي **چاليهہ**، پنجابي **چالي**، **چاليس** ۾ هندوستاني **چاليس**. باقي رهيل ڏاڪا ادغام جي عام قاعدي موجب نهن ٿا.

**پَنْجَاهَ**: سنسڪرت **پَنْچَاشَتَ**، پراڪرت **پَڃاسَا**. تہ سنڌي پراڪرت جي پيٽ ۾ سنسڪرت جي وڌيڪ ويجهو ٿي پيائجي. ساڳيءَ طرح پنجابي **پنجاهہ**، هندستاني **پَچَاس** ۽ مراٺي **پنا**.

**سَٺِ**: سنسڪرت **شَشِٺ**.

**سَتَرِ**: اهو ڪجهہ مختلف آهي. سنسڪرت **سَپَتَتِ** هت آخري **ٿ** بدلجي ر ٿي آهي. ساڳي حالت پنجابي، هندوستاني ۽ مراٺي ۾ آهي ۽ **ستر** ئي رهي ٿو.

**اَسِي**: سنسڪرت **اَشِيتِ**، پنجابي ۽ هندستاني ۾ **اَسِي** جڏهن تہ مرانيءَ ۾ **اسِين**.

**نوي**: (لاڙ ۾ **نوّءِ**)، سنسڪرت **نوَتِ**، پنجابي ۽ هندستاني ۾ **نوي** ۽ مراٺي ۾ **نوّد**.

31: **ايڪٽريهہَ** (**ايڪٽيهہَ**).

32: **ٻٽريهہ** (**ٻٽيهہَ**).

33: **ٽيٽريهہَ** (**ٽيٽيهہَ**).

34 **چوٽريهہَ** (**چوٽيهہَ**).

35: **پَنْجَٽريهہَ** (**پَنْجَٽيهہَ**).

36: **ڇٽريهہَ** (**ڇٽيهہَ**).

37: **سَتَٽريهہَ** (**سَتَٽيهہَ**).

38: **اَنَٽريَهہَ** (**اَنَٽيَهہَ**).

39: **اُڻيتاليهہَ**.

40: **چَالِيهہَ**.

جڏهن **چاليهہ** ڪان اڳ ڪو انگ هجي، (ان ۾ هڪ گهٽ لاءِ استعمال ٿيندڙ **اُڻ** بہ شامل آهي) تہ اهو بدلجي **ٽاليَهہَ** ڪري پڙهبو آهي، پر انهن صورتن ۾ ڳنڍيندڙ سُر **اِي** ڪي انگن ۾ ملائڻو هوندو آهي تہ جيئن اچارڻ ۾ آساني پيدا ڪري سگهجي.

ان طريقي سان چ جو **ت** ۾ بدلجڻ پراڻي پراڪرت ۾ ٿئو ملي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اهو ڪافي پوءِ جي وقت ۾ ائين ٿيو هجي. ليسن جي مطابق (ڏسو نمبر 33 ,4) **ت** ڪن صورتن ۾ **چ** يا **ٿ** ۾ بدلجي سگهي ٿي ۽ ان مان اسان اهو نتيجو ڪڍي سگهون ٿا تہ شايد **چ** بہ **ت** ۾ بدلجي وئي هوندي. پنجابيءَ ۾ بہ اها ئي صورت آهي (**اِڪتالِي**) ۽ هندستاني ۾ **اِڪتالِيس**، جڏهن تہ مرائيءَ ۾ ان جي صورت **اِيڪيچالِس** آهي.

41: **اِيڪيتالِيهہَ.**

42: **ٻائيتالِيهہَ.**

43: **ٽيتالِيهہَ.**

44: **چوَئيتالِيهہَ.**

45: **پَنجيتالِيهہَ.**

46: **ڇائيتالِيهہَ.**

47: **سَتَيتالِيهہَ.**

48: **اَنيتالِيهہَ.**

49: **اُڻوَنجاهہَ.**

50: **پَنجاهہَ.**

**پَنجاهہَ** (پنجاهُہ ڪري بہ اچاربو آهي). جڏهن ڪنهن انگ اڳيان ايندو آهي تہ بدلجي **وَنجاهہ** ٿي ويندو آهي. ائين اچار کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي، جتي tenuis **پ** پهرين media **ب** ۾ بدلجي پوءِ **و** ۾ بدلجندي آهي. ٻين ٻينر ٻولين ۾ بہ اها ئي صورت رهندي آهي.

51: **اِيڪَوَنجاهہَ.**

52: **ٻاوَنجاهہَ.**

53: **ٽريونجاهہ (ٽيوَنجاهہَ).**

54: **چوَوَنجاهہَ.**

55: **پَنجَوَنجاهہَ.**

56: **ڇاوَنجاهہَ.**

57: **سَتَوَنجاهہَ.**

58: **اَٺوَنجاهہَ.**

59: **اُٺهَٺِ.**

60: **سَٺِ.**

**سَٺِ** ۽ **سَتَرِ** جي اڳيان جڏهن ٻه کو انگ هجي تہ اچار جي نرميءَ لاءِ اهي **هَٺِ** ۽ **هَتَرِ** ۾ بدلجندا آهن (هٺ **س** نرم ٿي **ه** ٿيو وڃي ٿي). پنجابيءَ ۾ بہ ائين ئي ٿيندو آهي. جڏهن تہ هندوستانيءَ ۽ مراٺي ۾ **سَاٺ** جي **س** برقرار رهي ٿي. جڏهن تہ **سَتَر** جي **س** بدلجي **ه** ٿيندي آهي.

61: **اِيڪَهَٺِ**.

62: **ٻَاهَٺِ**.

63: **ٽريهَٺ (ٽيهَٺِ)**.

64: **چوَهَٺِ**.

65: **پَنجَهَٺِ**.

66: **ڇَاهَٺِ**.

67: **سَتَهَٺِ**.

68: **اَٺَهَٺِ**.

69: **اُڻَهَتَرِ**.

70: **سَتَرِ**.

71: **اِيڪَهَتَرِ**.

72: **ٻَاهَتَرِ**.

73: **ٽريهتر (ٽيهَتَرِ)**.

74: **چوَهَتَرِ**.

75: **پَنجَهَتَرِ**.

76: **ڇَاهَتَرِ**.

77: **سَتَهَتَرِ**.

78: **اَٺَهَتَرِ**.

79: **اُڻَاسِي**.

80: **اَسِي**.

**اَسي** ۽ **نوي** کان اڳ ايندڙ انگ انهن سان گڏجڻ کان اڳ انهن ۾ ڳنڍيندڙ آ لڳايو ويندو آهي. ٻين پينر لهجن ۾ بہ ائين ئي ڪيو ويندو آهي.

81: **اِيڪَاسِي**.

82: **ٻِيَاسِي**

83: **ٽرياسي (ٽِيَاسِي)**

84: **چوَرَاسِي**

85: **پَنجَاسِي**

86: **ڇهَاسِي**

87: **سَتَاسِي**

88: **اَٺَاسِي**

89: **اُڻَانوي**

90: **نوي.**

91: **ايڪانوي**

92: **ٻِيَانوي**

93: **ٽريانوي (ٽِيَانوي)**

94: **چوَرَانوي**

95: **پَنجَانوي**

96: **ڇهَانوي**

97: **سَتَانوي**

98: **اَٺَانوي**

99: **نوَانوي، نَڌَانوي، وَڌَانوي**

سمجهاڻي: **سَؤُ** سنسڪرت **شَتَ** مان نڪتو آهي. پراڪرت **سَئہ** پنجابي **سَوَ** يا سئِہ، هندستاني **سَو** يا **سَئِہ** مراٺيءَ (مرڪبن ۾) **سِين** ۽ گجراتي ۾ **سُو**.

**سؤ** کان متي وارا انگ انگريزيءَ وانگر ٺهندا آهن ۽ جتي ننڍو انگ سو کان پويان رکيو ويندو آهي. **مثال**:

101: **هِڪُ سؤُ هِڪُ**

102: **هِڪُ سؤُ ٻَہ.**

پر انهن انگن ناهڻ جا ٻہ ٻيا بہ طريقا آهن، هڪڙي ۾ **سَؤُ** کان اڳ ننڍو انگ صفت جي صورت ۾ رکي. مثال: **ايڪو سَؤُ** ۽ ٻئي طريقي ۾ صفاتي انگ کان اڳ اسم **اُتر** (دراصل صفت) رکي ڇڏجي، جيڪو اڳ ايندڙ انگ جي پڇاڙي سان ننڍو ڪري **اوَتر** جي صورت ۾ لڳي وڃي. مثال **ايڪوتَرسَؤُ** يعني **سَؤُ** کان هڪ وڌيڪ. اهو **اُتر** (سنسڪرت **اُتَرَ** صفت معنيٰ **متي**) ساڳي طرح مراٺي ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي.

[1] اسان هُنن ٻن صورتن جي ڪا اطمينان جوڳي سمجهاڻي ڏيڻ کان قاصر آهيون. ان جا لاڳاپيل هندستاني انگ ٻِنانوي ۽ پنجابي ۾ نڙينوي آهن. اسان سمجهي سگهون ٿا ته پنجابي نڙ (نن= نڻ= نڙ) سنڌي ۾ نڊ يا نڍ ۾ بدلجي سگهن ٿا، پر ڊ يا ڍ جو د يا ڏ ۾ بدلجڻ هڪ جديد پراڪرت لاءِ عجيب محسوس ٿئي ٿو. وَڏانوي بابت ائين چئي سگهجي ٿو ته ن بدلجي و ٿي ويو، پر اهڙو ٻيو [illegible]

101: ايڪو سَؤ يا ايڪوَتَرَسؤ

102: ٻڙوَ سؤ يا ٻروَتَرسَؤُ

103: ٽڙوسؤ يا ٽِرڙو سؤ يا ٽِرِوَتَرَسَؤُ

1043: چوَڙوَ سؤ يا چوَرِوَتَرَسَؤُ

105: پَنجوَ سؤ يا پَنجوَتَرَسَؤُ

106: ڇَهَوَ سؤ يا ڇَهَوَتَرَسَؤُ

107: سَتِيَوسؤ يا سَتَوَتَرَسَؤُ

108: اَٺِيوَ سؤ يا اَٺوَتَرَسَؤُ

109: نڙو سؤ يا نڙوترسؤ

110: ڏهو سؤ يا ڏهوترسؤ

111: يارهو سؤ يا يارهوتر سؤ

112: ٻارهو سؤ يا ٻارهوتر سؤ

113: تيرهو سؤ يا تيرهوتر سؤ

114: چوڏهو سؤ يا چوڏهوتر سؤ

115: پندرهو سؤ يا پندرهوتر سؤ

116: سورهو سؤ يا سورهوتر سؤ

117: سترهو سؤ يا سترهوتر سؤ

118: اڙهو سؤ يا اڙهوتر سؤ

119: اُڻيهو سؤ يا اڻيهوتر سؤ

120: ويهو سؤ يا ويهوتر سؤ

121: ايڪيهو سؤ يا ايڪيهوتر سؤ

122: ٻاويهو سؤ يا ٻاويهوتر سؤ وغيره

150: **پنجاهو سؤ يا پنجاهوتر سؤ**

160: **سٺيو سؤ يا سٺيوتر سؤ**

170: **ستريو سؤ يا ستريوتر سؤ**

180: **اسيو سؤ يا اسيوتر سؤ**

190: **نوِيو سؤ يا نوِيوتر سؤ/ نيو سؤ يا نويوتر سؤ.**

جڏهن پهريَن انگن جي فهرست واريون عددي صفتون سؤ جي جمع کان اڳ موجود هجن تہ انهن جو پنهنجن بنيادي اسمن سان لاڳاپو هجڻ ضروري آهي. مثال:

201: **اِيڪَا ٻہ سَوَ** جنهن جو مطلب آهي ٻہ سَوَ جن ۾ هڪ موجود هجي.

202: **ٻِڙا ٻہ سَوَ** وغيره.

اهي انگ تشڪيلي صورت ۾ استعمال نہ ٿيندا آهن، جيئن تہ اهي فقط ڳٽپ ۾ استعمال ٿيندا آهن. ٻي فهرست جا انگ پنهنجي حقيقي افاديت جي مناسبت سان ساڳيا رهندا آهن.

سَوَن جي جوڙجڪ باقاعدگي سان سؤ جي جمع جي صورت ۾ هوندي آهي. مثال:

200: **ٻہ سَوَ (يا سا)**

300: **ٽي سَوَ**

400: **چَارسَوَ**

500: **پَنجَ سَوَ**

600: **ڇَهہ سَوَ**

700: **سَتَ سَوَ**

800: **اَٺَ سَوَ**

900: **نَوَ سَوَ**

1000: **سَهَسُ، هَزارُ**

2000: **ٻہ سَهَسُ- ٻہ هَزَارَ**

100000: **لَکُ**

200000: **ٻہ لَکَ**

1000000: **ڏهہ لک**

10000000: **ڪِروڙُ- ڪوَرُ** (هڪ سؤ لَکَ)

20000000: **ٻَہ ڪِروڙُ- ٻَہ ڪوَرَ**

1000000000: **اَرَبُ** (هڪ سَؤ ڪِروڙُ)

100000000000: **کَرَبُ** (هڪ سؤ اَرَبَ)

10000000000000: **نِيلُ** (هڪ سَؤ کَرَبَ)

1000000000000000: **پَدَمُ** (هڪ سؤ نِيلَ)

سمجهاڻي: لفظ **سَهَسُ** سنسکرت **سهس** (پراکرت **سَهَسّ**) مان نڪتل آهي. اهو هڪ باقاعده بنيادي اسم آهي، جيڪو ان ئي مناسبت سان ڦيرو ڪائيندو آهي. **هَزارُ** فارسي بنياد جو لفظ آهي. **لَکُ**- سنسکرت **لَکش**، هندستانِي **لا ک**، مرانِي **لاک** ۽ عام طرح سان اساسي مذڪر طور ڪتب ايندو آهي.

**ڪِروڙو**- (سنسکرت ڪوَٽِ) ڦيرو نہ ڪائيندو آهي، جڏهن تہ **ڪوَرُ** باضابطي اساسي اسم وانگر استعمال ٿيندو آهي. باقي رهيل انگ جيڪي حقيقت ۾ خيالي انگ آهن، پر سڀ بنيادي آهن. مثال **اَرَبُ** (سنسکرت اَربُہ)، **کَرَبُ**- سنسکرت **کرَبَ**، **نِيلُ**- سنسکرت **پَدَمُ**- سنسکرت **پَدمَ**.

## نمبر - 23

## Inflection of Cardinal Numbers

## شماري انگن جو ڦيرو

**هڪُ** يا **هِڪڙوَ** باقاعده صفت آهي ۽ پنهنجي پڇاڙيءَ جي مناسبت سان ڦيرو ڪائيندي آهي. (**هِڪُ** مذڪر، **هِڪَ** مونث وغيره). ٻين انگن ۾ جنس جي ڪا تبديلي نہ ٿيندي آهي، پر پنهنجي تشڪيلي جمع ۾ ڦيرو ڪائيندا آهن. مثال:

| ٻَہ | تشڪيلي | جمع | ٻِن |
|---|---|---|---|
| ٽري (ٽي) | = | = | ٽرن (ٽِن) |
| چَارِ | = | = | چَئِن |
| پَنجَ | = | = | پَنجَن |
| ڇَهَ | = | = | ڇَهَن |

| | | | |
|---|---|---|---|
| سَتَ | = | = | سَتَنِ |
| اَٺَ | = | = | اَٺَنِ |
| نَوَنَ | = | = | نَوَنِ |
| ڏَهَہ | = | = | ڏَهَنِ |

هيٺ ڏنل انگن ۾ آخري انوسوار تشڪيلي جمع ۾ خارج ٿي ويندو آهي ۽ آخري **هه** ڪان اڳ ايندڙ **أ** حذف ٿي ويندي آهي. مثال:

| يَارَهَن | تشڪيلي | جمع | يَارَهَنِ |
|---|---|---|---|
| ٻَارَهَنَ | = | = | ٻَارَهَنِ |
| تيرَهَنَ | = | = | تيِرَهَنِ |
| چوَڏَهَنَ | = | = | چوَڏَهَنِ |
| پندرهَن يا پندران | = | = | پَنْڌرَهنِ |
| وِيهہ | = | = | وِيهَنِ |

اهڙا انگ جيڪي **اِ** يا **اِي** تي ختم ٿين، اهي ڦيري جي قابل نہ هوندا آهن. مثال: **سَٺِ**، **سَتَرِ**، **نوي** يا **نوئي**. جڏهن تہ **اَسِي** تشڪيلي واحد ۾ **اَسِيَ** ٿي ويندو آهي.

**سَؤ** جو ڦيرو هيٺ ڏنل طريقي سان ٿيندو آهي:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| فاعلي | سَؤُ | سَوَ يا ننڍو ٿي سَا |
| تشڪيلي | سَوَ | سَوَنِ، سَانِ، سَوين، سَئين |

(Cardinal) انگ، خاص ڪري ڏهائي (Decimal) انگ مرڪب/ گڏيل (Collective) انگن طور بہ استعمال ٿيندا آهن ۽ ان صورت ۾ اهي پنهنجي پڇاڙين جي مناسبت سان ڦيرو ڪائيندا آهن. مثال: **ٽي ڏهون**- تشڪيلي **ٽرن** (**ٽِنِ**) **ڏهُنِ**؛ **چار سَؤن**- **نوي** پنهنجو جمع **نويٹون** طور ٺاهيندو آهي- تشڪيلي **نويٹُنِ**. جڏهن اهي انگ گڏيل طور استعمال ٿين تہ گهڻو ڪري اهي تشڪيلي جمع پڇاڙي **اِي** طور ڪيا ويندا آهن. مثال **وِيهين**، **سَوين**، **سَهسين** (يعني هزارن ۾).

جڏهن ڪو اسم پنهنجي تشڪيلي جمع ۾ پڇاڙيون **ني** يا **اِينُ** استعمال ڪندو هجي تہ ان ڪان اڳ ايندڙ انگ ٻين صفتن وانگر پڻ ائين ئي ڪندو. **ڏهَنِ وِيرَنِ** ڪي يا **ڏهين وِيرِئين**- **بَہ** ۽ **ٽري** (ٽي) ۾ تشڪيلي

۾ **اِين** نہ لڳندو آهي، بلڪ اتي **اِين** لڳندو آهي. مثال: **ٻِين**، **ٽِين**.

**چار** لاءِ **اِين** ۽ **اِين** ٻنهي ۾ تشڪيلي صورت موجود آهي. مثال: **چَئِين** يا **چَئين**؛ ۽ تشڪيلي **ٻِين**، **ٽِين** ۽ **چَئِين نِي** تي ختم ٿيندڙ اسمن جا تشڪيلي ناهڻ ۾ ڪتب ايندا آهن.

زور ڀرائيندڙ **اِي** يا **هِي** ڪي بہ شماري انگن ۾ لڳائي سگهجي ٿو، جنهن مان مڪمل يا پورائي ڪندڙ جو مفهوم نڪرندو آهي. مثال **ٻَئِي** يا **ٻيئِي** تشڪيلي جمع **ٻِنْهِي** يا **ٻِنهِين** يا **ٻِنْهِن** ۽ **ٻِنْهِنِي**.

**ٽريئي** (ٽيئِي)- تشڪيلي جمع **ٽِنهِي** يا **ٽِنْهِين** ۽ **ٽِنْهِن** يا **ٽِنْهِنِي**.

**چَارَئِي** يا **چَارِيئِي**- تشڪيلي جمع **چَئِنِي**.

**اَٺَئِي**- تشڪيلي جمع **اَٺِنِي**.

ٻہ ڪان اڳتي انگن ۾ جمع ناهڻ لاءِ بنيادي صورت جي ضرورت هوندي آهي، پر اتي فارسي طريقي مطابق پنهنجي واحد صورت مان بہ ناهي سگهجن ٿا. **سَئُوَ، هَزَارُ، سَهَسُ، لَکُ** وغيره جيڪي پاڻ بنيادي لفظ آهن، اهي پوءِ ايندڙ بنيادي صورت جي حالت اضافت جمع طور ناهيا ويندا آهن ۽ جمع ۾ اهي قاعدي مطابق ئي رهندا آهن. بنيادي انگ ڪان اڳ ايندڙ انگن ۾ ڦيرو يا تہ بنيادي صورت جي پڇاڙين جي مطابقت سان ٿي سگهي ٿو يا انهن انگن ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڦيرو نہ ايندو آ هي. جڏهن ڪنهن بنيادي لفظ ڪان اڳ ٻہ يا وڌيڪ انگ هجن تہ ڦيرو فقط آخري انگ ۾ ايندو آهي.

- وِسَارِيج مَ وِيڻَ جويَنَ ٻَہ ٽي ڏِينْهَڙَا (شاھ، جمن ڪلياڻ: پڇاڙي، وائي[2])
- ٻين ٽِين وَرِهَنِ جوَ خَرَچُ ڪَڍِي وَڃَاءِ (اَمُلھ ماڻڪ، اسٽئڪ گرامر P:147).
- اَٺَئِي پَهَرَ اَنِمرِي گَهٽوَ رُئِي سِين رَنّجَ (مج 562).
- ڏَهَنِ وِيرَنِ وَڃَ ۾ آيوَ آهي اِنسَانُ.

اِنهِي ڏَهَنِي وِيرِنِ وِچَ مَان جوَ ڪٽي جَنّگِ جُوَانُ (شاھ، بروو سنڌي 18 چوٽ)

- جَنّهِن جي حُڪُمَ ۾ سَٺِ اَسِي ٻَانُهِي آهي تِنِ سَٺِ اَسِيَ ئِي ٻَانهِيَ ڪي گُليلِيُون هَٿَن ۾ آهن. (اَمُلھ ماڻڪ P:141)
- اُنهي مَحَلَ سُفِيدَ ڊيوَ وَٽِ سَئُو پَرِيُون بہ نَچَنّدِيُون هُونّدِيُون تہ هُو چَوَندوَ جي ٿُون هِنِ سَؤُ پَرِيُنِ ڪي وِهارِي مُون ڪي نَچِئوَ ٽِي ڏيکارِين (املھ ماڻڪ P:144)
- جِئِرِي تَنّهِن جُوَانَ جي نَوَنّ سَا نَوَن گَهَاءَ (شاھ، ڪيڏارو VI، 7)

---

[1] ٿ جي اچار ۾ ٿرمپ ر بہ هر هنڌ شامل ڪئي آهي. جديد صورتخطيءَ موجب ٿ ئي لکيو ويندو آهي، پر جتي جتي ر بابت ڪا سمجهاڻي آهي اتي ان کي قائم رکيو اٿئون (مترجم).

[2] ٿرمپ سِٽن جی آخر ۾ آيل واين کی Epilogue لکيو آهی، جنهن جی لغوي معنیٰ پڇاڙی يا حرف آخر ٿئی ٿی.

- تَنّهِن سَان ڏَهَہ سَا ڏَاتَارنِ جَا چَڙهِئَا ڊُونّدين تِڪين (عجائب V 253)
- سَوِين آهِن سَئِنسَارَ ۾ ٻِئَا ڀِي ڏَاتَا ڏَلَ (شاھ، سورٺ II، 3)

- مَرضَ تان مُون کي ٽِئا حڪيمَن هزارَ (شاهه، آبري I، پڃاڙي)
- جي هَؤُنِي هوَتَ هَزَارَ تـہ بِہ پَاڙِج ڪوَ مَ پُنّهُون ۽ سَان (شاهه، معذوري V ,2)
- اِيڪَ قَصرِ دَرَ لَکَ سَهَسين ڪَٽِسِ ڳِڙکِيُون (شاهه، جمن ڪلياڻ I، 23)
- جيڏَان قَاتِلَ ڪوَرَ اَڪِيُون اوَڏَانُهِين ڳٽِين (شاهه، سر جمن ڪلياڻ IV، 4)
- پَلَنگَ پَٽَرِٽِيُون پَالڪِيُون نَوَن لَکَ نَاٽِي نِيلَ (شاهه، سورٺ II، 5)

نمبر - 24

# II- Ordinal Numbers

## قطاري انگ

| | |
|---|---|
| پَهَرِيوَن، پِهريوَن، پِهروَن | First |
| ٻِئوَ، ٻِيجوَ | Second |
| ٽِرِئوَ (ٽِيوَن)، ٽِرِيجوَ (ٽِيجو) | Third |
| چوَٿوَن | Fourth |
| پَنجوَن | Fifth |
| ڇهوَن | Sixth |
| سَتوَن | Seventh |
| اَٺوَن | Eighth |
| نَائوَن يا نوَوَن | Ninth |
| ڏَهوَن | Tenth |
| يَارَهوَن | Eleventh |
| ٻَارَهوَن | Twelfth |
| تيرَهوَن | Thirteenth |
| چوَڏهوَن | Fourteenth |
| پَندرَهون يا پَندَروَن | Fifteenth |
| سوَرَهوَن | Sixteenth |

| | |
|---|---|
| سَترهوَن | Seventeenth |
| اَرڙهوَن | Eighteenth |
| اُوڻيهوَن | Nineteenth |
| وِيهوَن | Twentieth |
| ايڪِيهوَن | Twenty first |
| ٻاوِيهوَن وغيره | Twenty second |
| ٽِيهوَن | Thirtieth |
| چاليهوَن | Fortieth 40th |
| پَنجاهوَن | Fiftieth 50th |
| سَٺيوَن | Sixtieth 60th |
| سَتَرِيوَن | Seventieth 70th |
| اَسِيوَن | Eightieth 80th |
| نَوِيوَن، نَوائيوَن | Ninetieth 90th |
| سَوِيوَن، سَوَئوَن، سَيَئوَن | 100th |

مرڪب انگن ۾ فقط آخري حصو قطاري انگ جو روپ وٺندو ۽ ڦيرو ڪائيندو آهي. مثال:

| | |
|---|---|
| **هِڪُ سَوُ پهريوَن** | One hundred and first |
| **ٻَہ سَوِيوَن** | Two hundredth |
| **ٻَہ سا ٻِئوَ** | Two hundred and second |
| **هَزاروَن، سَهَسوَن** | Thousandth |

سمجهاڻي: قطاري انگ قاعدي سان پراڪرت مان نهندا آهن. جيتوڻيڪ **پهريون** پراڪرت جي ضابطي جي پوئواري نہ ٿو ڪري ۽ ادغام جو پنهنجو منفرد طريقو ورتل ڏسجي ٿو. پراڪرت جو **پَٿَمَ** ۽ سنسڪرت ۾ اهو **پرٿم** آهي، جنهن ۾ پهرين اهو **پَهَمَ** ٿيو ۽ هتان غير معمولي نموني سان **م** جي جاءِ تي **ل** (ر) اچڻ سان اهو **پَهَلَ** ٿي ويو (**پَهَرَ**) ۽ پوءِ سنڌي ۾ **پهِرِيوَن** يا **پَهريوَن** نهيو، جڏهن تہ هندستاني، پنجابي ۽ مراٺي ۾ اهو **پَهَلا** جي صورت ۾ نظر اچي ٿو.

**ٻئوَ** جي صورت مان پراڪرت ڏانهن اشارو ملي ٿو. جيئن تہ پراڪرت صورت **ويئہ** (وِڊِئہ مان نڪتل) آهي، جڏهن تہ ٻي صورت **ٻيجوَ** پراڪرت صورت **دُئجَ** سان ملي ٿي.

**ٽريو** (ٽيو)- پراڪرت صورت **تِيئہ** ۽ سنڌيءَ ۾ اصلي **ر** جو اچار برقرار رهيو آهي.

**چوٿوَن**- پراڪرت صورت **چَٿُٿَ**. هت ڏندوان **ٿ** جو اچار سنڌيءَ ۾ قائم رهيو آهي.

انهن ڪانپوءِ وارن سمورن انگن جا قطاري انگ سنڌن شماري انگن مان باقاعدگي سان ٺهن ٿا ۽ ان لاءِ سنسڪرت جوڙ **ٿمَ** ۾ **اوَن** لڳائي وڃي ٿي، جيڪا سنڌيءَ ۾ **ت** جي ڇاٽتي ٿيڻ ڪري **اوَن** ٿي آهي. (پيٽ لاءِ ڏسو تعارف نمبر 9). هندستاني ۽ پنجابيءَ ۾ **ٿمَ** کي **وَان** ۽ مراٺي ۾ **وَا** ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ گجراتي جوڙ **موَ** کي قائم رکيو ويو آهي ۽ بنگالي سڄي جوڙ **ٿم** کي قائم رکي ٿي.

**نمبر - 25**

## Inflection of Ordinal Numbers

## قطاري انگن جو ڦيرو

قطاري انگن ۾ ڦيرو باقاعدي صفت وانگر انهن جي پڇاڙين جي مناسبت سان ٿيندو آهي.

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | پِهرَيون | پِهرِين |
| تشڪيلي | پِهرِين | پِهرِينءَ |
| ندائي | پِهرَيَان | پِهرِين |

**جمع**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | پِهرَيَان، ، | پِهرِيُون |
| تشڪيلي | پِهرئين پِهرِيَان، پِهرَيَنِ | پِهرئين، پِهرَيَان، پِهرِنِ، پِهرَيُنِ |
| ندائِي | پِهرَيَان، پِهرَيوَ، پِهرَيَوُ | پِهرِيُون |

- پِهرِيوَن وِيرِي پَائِهَن جوَ آهي نِجَسُ نَادَانُ (شاهہ، بروو سنڌي چوٽ 18)
- ڪُوپَا ڪِلِي ڪوَڏِيَا سَاهُو سلي دَارَ

  هِڪڙَا پَائُرَ ٻِياَ پائئيا ٽِيَا جَانِي يَارَ (شاهہ، ڪيڏارو III، 2)

- ❖ اِيڪوِيهين مَاهِ عَاشِقَ کي وِيوَ وِسِرِي پَاڻُ
  مَحَفِلِي ٽِيوَ مَحبُوبَ سِين ٻَاوِيهين مَاهِ ٻُجهَاڻُ ( مج 519- 518)
- ❖ ڪَارِهين ڏِيَنهَن ڪَرمُ وَرِئو وِيرَاڳِين جوَ (رامڪلي 11، II)

سال جون تاريخون قطاري (ordinals) بدران شماري (cardinal) انگن سان ظاهر ڪيو وينديون آهن:

- ❖ مَاهَ مُبَارَڪَ رَمَضَانَ جي سَتَاوِيهِينءَ سَارِي
  قَدَرِ رَاتِ قِصَو پُنوَ ڏِينَهَن اَڳَارِي
  اڪَارهَنَ سَا ڇَتِيهَه هِجَرَتَ هوَسَنُ
  عَارِفَنِ جي عِشَقَ جوَ فَاضِلَ جوَڙِيوَ فَنُ (مج 289)

## نمبر - 26

# III- Arithmentical Figures

# حسابي انگ/ صورتون

حسابي صورتون يا انگن جا نالا صفت طور ظاهر ڪيا ويندا آهن ۽ ان لاءِ صفاتي جوڙ **اوَ** کي شماري (cardinal) انگن ۾ لڳايو ويندو آهي. ڪجهه قطاري انگن کي حسابي صورت کان مختلف ظاهر ڪرڻ لاءِ جوڙ **ڪوَ** بہ لڳايو ويندو آهي.

| | |
|---|---|
| **اِيڪوَ يا هِڪوَ** - | يعني **هڪ** جي صورت يا انگ رکندڙ. |
| **ٻِڪوَ** - | 2 جو انگ رکندڙ |
| **ٽِڪوَ** - | 3 جو انگ رکندڙ |
| **چوَنڪو**- | 4 جو انگ رکندڙ |
| **پَنجوَ**- | 5 جو انگ رکندڙ |
| **ڇَڪوَ**- | 6 جو انگ رکندڙ |
| **سَتوَ**- | 7 جو انگ رکندڙ |
| **اَٺوَ**- | 8 جو انگ رکندڙ |
| **ناٺوَن**- | 9 جو انگ رکندڙ |

| | |
|---|---|
| ڏهو- | 10 جو انگ رکندڙ |
| يارهوَ- | 11 جو انگ رکندڙ |
| ٻارهوَ- | 12 جو انگ رکندڙ |
| تيرهوَ- | 13 جو انگ رکندڙ |
| چوڏهوَ- | 14 جو انگ رکندڙ |
| پنڌرهوَ- | 15 جو انگ رکندڙ |
| سوَرهوَ- | 16 جو انگ رکندڙ |
| سَترهوَ- | 17 جو انگ رکندڙ |
| اَڙهوَ- | 18 جو انگ رکندڙ |
| اُوڻيهوَ- | 19 جو انگ رکندڙ |
| وِيهوَ- | 20 جو انگ رکندڙ |
| اِڪيهوَ- | 21 جو انگ رکندڙ وغيره. |
| ٽِيهوَ- | 30 جو انگ رکندڙ |
| چاليهوَ- | 40 جو انگ رکندڙ |
| پنجاهوَ- | 50 جو انگ رکندڙ |
| سَٺيوَ- | 60 جو انگ رکندڙ |
| سَتريوَ- | 70 جو انگ رکندڙ |
| اَسيوَ- | 80 جو انگ رکندڙ |
| نويوَ - | 90 جو انگ رکندڙ |
| سَويوَ- | 100 جو انگ رکندڙ |

انهن انگن ۾ ڦيرو **اوَ** تي ختم ٿيندڙ صفت وانگر باقاعدي ٿيندو آهي. مثال: ٻہ هِڪا- **"ٽِڪي ڪان پوءِ چوَنڪوَ ٽوَ لڳي"**

**نمبر - 27**

## IV- Collective Numbers

## اجتماعي/ گڏيل انگ

اسان اڳيئي ڏسي آيا آهيون (ڏسو نمبر 22) تہ شماري انگ گڏيل انگن طور بہ استعمال تي سگهن

تائ ۾ سنڌيءَ ۾ هڪ مخصوص قسم جا انگ اهڙا بہ آهن، جن سان ڪنهن مجموعي رقم کي ظاهر ڪري سگهجي ٿو، اهي آهن:

**ڏَهَاڪوَ** تقريباً **ڏهہ**

**وِهَارو** يا **وِيهَارو** تقريباً **وِيهَہ**

**ٽِهارو** يا **ٽِيهارو** تقريباً **ٽِيهَہ**

**چَالِيهَارو** تقريباً **چَالِيهَہ**

**پَنجاهِي** يا **پَنجَاهوَ** تقريباً **پَنجَاهہ**

**سَائِيڪوَ** تقريباً **سَٺِ**

اهي انگ درحقيقت صفتون آهن، جيڪي جوڙ **ڪوَ** (نمبر 10، 24) ۾ **آرو** جي لڳڻ سان جڙن ٿيون، مثال: **ڏَهَاڪوَ؛ وِيهَارو** وغيره. انهن جي نهڻ لاءِ بنيادي لفظ ۾ اسم کي حالت اضافت صورت ۾ رکجي ٿو يا عددي/انگن واريون صفتون ناهي سگهجن ٿيون. مثال:

**ڏَهَاڪوَ چوڪَرَن جوَ يا ڏَهَاڪوَ چوڪَرَ.**

اهڙي ڪنهن انگ جي غير يقيني مقدار کي وڌيڪ واضح طرح ظاهر ڪرڻ لاءِ ظرف **گَنُ** جو اضافو ڪيو ويندو آهي (معنيٰ – ٽڪرو يا حصو- سنسڪرت **گڻڊ**). اهو **گَنُ** شماري انگن ۾ بہ لڳائي سگهجي ٿو، مثال:

**وِيهَارو گَنَ**

**پَنجَ هَزَارَ گَنُ مُڙسَ هُئا** (ميٽيو)

**چَوَنڪُ** ۾ **چَوَنڪِڙِي** يعني **چئن** جو عدد عام طرح بنيادي طور استعمال ٿيندا آهن. جڏهن تہ **ڪوَڙِي** کي گهٽو ڪري تشڪيلي جمع طور **ڪوَڙين** جي صورت ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

- سَهَسين شُڪِرَانا ڪوَڙين پَالَ ڪَرِيمَ جَا (شاهہ، سُر سريراڳ I پچاٽي)

**سيڪِڙوَ** فقط وياج کي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪتب ايندو آهي. مثال:

- بَہ سَا رُوپَيَا پَنجين رُوپَئين سَيڪڙي اُڏَارِيَمِ.

سيڪڙي کي صفت طور بہ ظاهر ڪري سگهجي ٿو (جنهن کي **بهووريهي** سڏين ٿا، ڏسو نمبر 19، II، 5) جتي ڏنل رقم کي مرڪب ڪري صفت سان **اوَٽرِوَ** ذريعي ڳنڍي ظاهر ڪيو ويندو آهي، مثال:

**اِيڪوٽرِوَ سَؤُ** يعني سؤ کان هڪ مٿان معنيٰ تہ هڪ سيڪڙو

**ٻروٽرو سَوُ**- يعني ٻہ سيڪڙو

**ٽروٽرو سَوُ**- يعني ٽي سيڪڙو وغيره وغيره.

اهڙي ئي قسم جون ٻيون ٻہ مرڪب صفتون آهن. جيئن **چوآنوَ** (سؤ) يعني **سَوُ ۾ چار** آنا يا **چار آنا سيڪڙو**. ۽ **ٽيپاٽيوَ** (سَوُ) يعني **ٽي پاڳي چار رپيو**، جنهن جو مطلب ٽيو رُپئي جي ٽن حصن جيترو سيڪڙو. جڏهن مِٽي (وياج) جي ڳالهہ هجي تہ **سَوُ** کي خارج ڪبو آهي. مثال **ڏيڍوترِي مِٽِي** يعني ڏيڍ جيترو وياج.

**نمبر - 28**

# V- Proportional Numbers

# نسبتي انگ

اهڙا انگ جيڪي اهو ڏيکارين تہ گهڻا دفعا يا پيرا انگ کي ڳڻيو وڃي ٿو. اهي آهن مثال:

| | |
|---|---|
| **هيڪُوٽو يا هيڪُوٽوَ** | يعني واحد يا هڪ |
| **ٻيٽوَ يا ٻٽوَ** | يعني ٻہ دفعا يا ٻن جيترو |
| **ٽيٽوَ** | ٽن جيترو/ پيرا |
| **چؤٽوَ يا چوَٽوَ** | چار پيرا |
| **پنجُوٽوَ** | پنج پيرا |
| **ڇهُوٽوَ** | ڇهہ پيرا |
| **سَتُوٽوَ** | ست پيرا |
| **اَٺُوٽوَ** | اٺ پيرا |
| **نَئُوٽوَ** | نون پيرا |
| **ڏهُوٽوَ** | ڏهہ پيرا |
| **يَارهُوٽو** | يارنهن پيرا |
| **ٻَارهُوٽوَ** | ٻارنهن پيرا |
| **تيرهُوٽوَ** | تيرنهن پيرا |
| **چوَڏهُوٽوَ** | چوڏنهن پيرا |
| **پَندرهُوٽوَ** | پندرنهن پيرا |
| **سوَرهُوٽوَ** | سورنهن پيرا |

| | |
|---|---|
| **سترهوُٽوَ** | سترنهن پيرا |
| **اَرڙهوُٽوَ** | ارڙهن پيرا |
| **اُوڻيهُوٽوَ** | اُڻيهه پيرا |
| **وِيهُوٽوَ** | وِيهه پيرا |
| **اِيڪِيهوُٽوَ** | ايڪويهه پيرا |
| **ٽِيهُوٽوَ** | ٽِيهه پيرا |
| **چَالِيهُوٽوَ** | چالِيهه پيرا |
| **پَنجَاهُوٽو** | پنجاهه پيرا |
| **سَٺِيُوٽوَ** | سٺ پيرا |
| **سَترِيُوٽوَ** | ستر پيرا |
| **اَسِيُوٽوَ** | اَسِي پيرا |
| **نَوِيُوٽو** | نَوِي پيرا |
| **سَئُوٽوَ** | سَؤُ پيرا |

انهيءَ ساڳئي طريقي مطابق ياڳن وارن انگن ۾ جوڙ **اُوٽوَ** (نمبر 10، 28) لڳايو ويندو آهي. مثال:

**اَڍُوٽوَ، ڏِيڍُوٽوَ، اَڍَاوُٽوَ، سَوَاُوٽو** وغيره.

- ❖ جَڏِهِين آندُوَ تَڏِهِين پَاڻَ ڪان بِيٽُوَ دوّزَخَ جوَ بَارُ ٽا ڪَرِيوّسِ (15، 23 ميٿيو)
- ❖ ٻِيا ٻِجَ چَڱِي ڌَرَتِيءَ تي پِئا سي ڦَرِئا ڪي سَئُوٽا ڪي سَٺِيُوٽا ڪي ٽِيهُوٽا (8، 13 ميٿيو).

**نمبر - 29**

## VI- Reduplicative Numbers

## ٻِئا ٽيندڙ انگ

اهڙا عددي ظرف جيڪي ٻٽو ٽيڻ ڪي ظاهر ڪندا هجن، اهي هن ريت آهن:

| | |
|---|---|
| **هيڪَارَ يا هيڪَرَ** | هڪ دفعو |
| **ٻِهَارَ يا ٻِهَرَ** | ٻيو |
| **ٽِيهَارَ يا ٽِيهَرَ** | ٽيون دفعو |

**چوَهَارَ** يا **چوَهَرَ** چوٿون دفعو

انهن کان پوءِ وارا انگ عام طرح شماري انگن ۾ اسم **وَارَ**، **پيرو** ۽ **لِڱُوَ** ملائڻ ذريعي ٺهندا آهن.

سمجهاڻي: جوڙ **هَارَ** يا ننڍو ڪيل **هَرَ** سنسڪرت **وَارَ** مان نڪتل آهن: هندستاني **بَارَه**، پنجابي **وَارِي**، سنڌي ۾ و حذف ٿي ويو آهي ۽ ان جي جاءِ تي نرم اچار واري **ه** لڳي وئي آهي.

**نمبر - 30**

## VII- Fractional Numbers

## اڻپورا يا پاڱن وارا انگ

اڻپورا انگ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. اهي بنيادي لفظ ٿي سگهن ٿا يا وري صفت جي صورت ۾ ٿيندا آهن.

**الف) بنيادي** (Substantives):

**چوَٿِ**، **چوَٿائِي** ۽ **چوَٿوَ**- يعني چوٿون حصو

**پَاءُ**- جمع **پَاوَ** يا **پَا**- چوٿو (وزن لاءِ)

**ٽِهَائي**- ٽيون حصو

**اڌُ**-

**سَوَائِي**- هڪ کان چوٿو وڌيڪ

**سَاڍُ**- ڪنهن رقم کان اڌ وڌيڪ

**ڏيڍُ**- هڪ ۽ اڌ

**ب) صفتون** (Adjectives)

**پَوَڻُوَ** ۽ **مُنوَ**- هڪ کان چوٿون حصو گهٽ

**اڌُ** ۽ **آڌوَ**

**سَوَا**- هڪ کان چوٿون حصو وڌيڪ

**سَاڍَا**- هڪ کان اڌ وڌِيڪ

**ڏيڍُ**- هڪ ۽ اڌ

**اَڍائِي**- ٻہ ۽ اڌ

سمجهاڻي: **چوٿ، چوٿائي ۽ چوٿو** سنسڪرت لفظ **چترٿانش** مان نڪتل آهن. هندستانيءَ ۾ **چوٿا** ۽ **چوٿائي**، ساڳي ريت **ٽهائي** سنسڪرت جي **ترتيبانش** مان آيل آهي. هندستانيءَ ۾ **تهائي**.

**پاءُ** سنسڪرت جي **پادَ** جي برابر آهي ۽ هندستاني ۾ **پائو** جي صورت ۾ موجود آهي. صفت **پوڻو** سنسڪرت صفت **پادونَ** مان ڦٽي نڪتي آهي- ۽ هندستاني ۾ **پوَنا** سڌبو آهي. جڏهن تہ مرانيءَ ۾ **پاوُن**- ٻئي طرف **مُنوَ** جي اصل بابت ڄاڻ اڻپوري آهي. **اڌُ** صفت ۽ بنيادي صورتن ۾ موجود آهي، جنهن لاءِ سنسڪرت لفظ **اردڌ** آهي ۽ هندستاني ۾ **آڌا**- **سوائي** ۽ ان جي صفت **سوَا** سنسڪرت لفظ **سپادَ** مان نڪتي آهي، جيڪو هندستانيءَ ۽ مرانيءَ ۾ **سوا** جي صورت ۾ ملي ٿو. **ساڍُ** ۽ **ساڍا** (صفت) سنسڪرت صفت **سارڌ** مان نڪتل آهي. اهو هندستانيءَ ۾ **ساڙهي** جي صورت ۾ هوندو آهي. **ڏيڍِ** ۽ ان جي صفت **ڏيڍُ** بظاهر سنسڪرت جي هڪ غيرمعمولي مرڪب **ترِ** ۽ **اردَ** مان نڪتل آهن، جنهن جي معنيٰ آهي **ٽي اڌَ**- اهو هندستانيءَ ۾ **ڍيڙهه**، پنجابيءَ ۾ **ڍيڍ** ۽ مراٺي ۾ **ڍيڍ** جي صورت ۾ ملي ٿو. **اڍائي** دراصل سنسڪرت صورت **اردَتيہ** مان نڪتل آهي ۽ هندستاني ۾ **اڙهائي**، پنجابي **ڍائي** ۽ مراٺي ۾ **اڍيٽس** جي صورت ۾ ملي ٿو.

انهن اڻپورن انگن جي حوالي سان اهو ڏسڻ ضروري آهي تہ **مُنوَ** عام طرح اِڪن (units) سان استعمال ٿيندو آهي ۽ **پوڻو** ٻہ يا ٽي وغيره سان استعمال ٿيندو آ هي. مثال: **مُنو روپيو** يعني هڪ روپئي مان هڪ چوٿو گهٽ يا رپئي جا ٽي پاڱا؛ **پوڻا ٻہ رُوپيا** يعني ٻن روپين مان هڪ چوٿو گهٽ يا ٻہ رپيا ۽ ٽي پاڱا؛ **پوڻو سوُ** يعني 100 مان هڪ چوٿو گهٽ، جنهن جو مطلب ٿيو 75-.**سوا** معنيٰ هڪ چوٿو وڌيڪ مثال **سوا سيرَ** معنيٰ هڪ سير ۽ چوٿو (پاءُ) ۽ **سوا ٽي سيرَ** وغيره.

**سوا** واحد ۾ ڦيرو نہ ڪائيندو آهي ۽ نہ ئي فاعلي جمع ۾ البت ان جو تشڪيلي جمع مذڪر **سوائِن**، **سوائن** يا **سوائين** ۽ مونث ۾ **سوائِن** يا **سوائُن** ٿي سگهن ٿا، پر عام طرح ان ۾ ڦيرو نہ ايندو آهي، مثال:

- سَوَائِن چَئِن مَٽِن سين، يا سَوَا چَئِين مَٽين سين.

سَوَا انگن سؤُ ۽ هزار وغيره کان اڳ لڳائي سگهجي ٿو. مثال **سَوَا سَوُ** (125)، **سوا هزار** 1250 وغيره.

**اڌُ** هڪ عام صفت آهي ۽ ان ئي حيثيت ۾ استعمال ٿيندي آهي.

سَاڍَا فقط **ٻہ** ۽ ان کانپوءِ ايندڙ اسمن جي انگن ۾ لڳندو آهي ۽ تنهنڪري جمع صورت ۾ ٻہ ملي ٿو. ان جو مونث **ساڍِيُون** آهي. مثال:

- تَڏهِن سَاڍَا ٽَوَنَ سيرَ سِنڌُرَ ٽُراڙي توَرِي (مج)

**ڏيڍُ** فقط واحد ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ ٻين انگن سان مرڪب ۾ استعمال نہ ڪيو ويندو آهي. مثال: **ڏيڍُ آنوَ، ڏيڍ رَتِي.**

**اَڍائِي** فقط جمع ۾ ڪتب ايندو آهي ۽ فاعلي حالت ۾ جنس ان تي اثر نٿي ڪري، پر تشڪيلي جمع ۾ مذڪر طور **اَڍائِن، اَڍايَن** ۽ **اَڍائين** جڏهن ته مونث طور **اَڍائِن، اَڍائِن** ۽ **اَڍائين** مثال: **اَڍائِي گج** (گز)، **اَڍائِي توُيُون**؛

تشڪيلي **اَڍائِن گزَن، اَڍائِن توَيُن** وغيره.

انهن پاڱن وارن انگن مان هڪ ٻئي قسم جون صفتون ٺهن ٿيون، جن جو مفهوم ”جزيل رقم جي مناسبت جو ڪاٿو“ ۽ ڪنهن ”مناسبت وارو“ نڪرندو آهي. مثال:

**پَاٽِيوَ** يا **پَاٽيڪُ** (فقط مرڪب ۾ استعمال ٿيندو آهي).
**ٽِرپَاٽيڪُ** ۽ **ٽِرپَاٽيوَ** يعني روپئي جي ٽن چوٿن جي حساب سان.

**پَائوَ**- جيڪو شماري انگن سان مرڪب طور ڪتب ايندو آهي، مثال: **ٽي پَاؤ**- يعني ٽي چوٿا رڪنڊڙ

| | |
|---|---|
| **سَوَايوَ** | $1\frac{1}{4}$ جي حساب سان. |
| **ڏيڍيوَ** | $1\frac{1}{2}$ جي حساب سان |
| **ڏيڍُئوَ** | $1\frac{1}{2}$ جي جاءِ تي بيٺل |
| **اَڍَايوَ** | $2\frac{1}{2}$ مان ٺهيل |
| **اَڍَائُون** | $2\frac{1}{2}$ جي جاءِ تي موجود |

اهي لفظ عام صفتن جي صورت ۾ استعمال ٿين ٿا ۽ انهن جي جوڙجڪ ۽ گردان ٻه انهيءَ طريقي سان ٿيندو آهي.

ڪجهه ٻيا جزوي انگ مرڪب طور هيٺ ڏنل طريقي سان ٺهندا آهن.

| | |
|---|---|
| **اَڌُ پَاءُ** | يعني $\frac{1}{8}$ |
| **ڏيڍُ پَاءُ** | يعني $\frac{3}{8}$ |
| **ٻَہ ٽِهَائِي** | يعني $\frac{2}{3}$ |

**پوڻا ٻہ** يعني $1\frac{3}{4}$ وغيره وغيره.

ڪجهہ جزوي انگ ڪن خاص مقصدن لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن، مثال:

**ٻارُپوَ، ٻائِلي ۽ ٻائِٽ** يعني روپئي جو چوٿون حصو.

**ٻائِڙي** هڪ گزَ جو چوٿون حصو.

**لاري** روپئي جو ٽيون حصو.

**آڌيلوَ ۽ آڌِيوَ** اڌ روپيو.

**آڌِڙي** معنيٰ اڌ گزُ يا اڌ دَمڙِي.

# باب يارهون

**نمبر- 31**

## PRONOUNS

## ضمير

سنڌيءَ ۾ خالص ضمير ٻن قسمن جا هوندا آهن. اهي يا تہ مڪمل يا مطلق ضمير جي صورت ۾ ٿي سگهن ٿا يا پڇاڙيءَ جي صورت ۾ اسم، ظرف ۽ فعل ۾ لڳائي سگهجن ٿا.

## I. PERSONAL PRONOUNS

## خالص ضمير

سنڌيءَ ۾ خالص ضمير فقط ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر (واحد ۽ جمع) لاءِ ملن ٿا. جڏهن تہ ضمير غائب ضمير اشاري سان ناهيو ويندو آهي. ضمير غائب ۾ قديم خالص ضمير، ضميري پڇاڙيءَ طور سانديو ويو آهي، جيڪو اسان اڳتي هلي ڏسنداسين.

**1) ضمير متڪلم جو خالص ضمير:**

ضمير متڪلم واحد لاءِ خالص ضمير جون ٻہ صورتون مروج آهن: **آنئُون** (آءٌ) ۽ ننڍو **آن**. ان ڪانسواءِ سِرِي جي لهجي ۾ **مَان** ۽ **مُون** بہ استعمال ٿيندا آهن.

خالص ضمير جي مروج صورتن ڪي ڏسي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ بگاڙ جو چڱيءَ ريت اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پراڪرت صورت **اَهَمّ** يا **اَهَئمّ** (سنسڪرت **اَهَم**)، پر بگڙيل اپڀرنش لهجو جيڪو موجوده سنڌيءَ جي ماءُ آهي، ان ۾ اسانکي **هَئُنّ** ۽ **هَمُ** ملن ٿا (۽ **مَ** ڪي حذف ڪرڻ سان سنڌي **آنئُون** حاصل ڪيل ٿي پائنجي (ليسن نمبر 183): ۽ صورت **آن** ڪي **اَهَمّ** جي ننڍي ڪيل صورت چئي سگهجي ٿو. جڏهن تہ صورتون مان ۽ مون اصل ۾ مفعولي آهن، سنسڪرت **مانّ** (پراڪرت ۾ ننڍي ٿيل **هَمّ**) ۽ اهي تشڪيلي واحد طور اڄا بہ استعمال ٿيندا آهن.

حالت اضافت **مُنْهُن** ۽ **مُنْهِن** صفتي جوڙ جو سان گڏ ايندي آهي ۽ ان ڪي سمجهڻ لاءِ سنسڪرت پراڪرت اضافت **مَهَ** (سنسڪرت **مَم**)، اپڀرنش **مَهُ** (ليسن نمبر 183) ڏانهن ڏسڻ سان خبر پوي ٿي تہ سنڌيءَ

۾ انهن لفظن جي سُرن کي انوسوار ڪيو ويو آهي.

فاعلي جمع **اَسِين**: پراڪرت ۾ **اَمّهي**، (سنسڪرت ڌاتو **اَسّمَ**) آهي ۽ سنڌيءَ ۾ **م** حذف ٿيل آهي، جڏهن ته آخري **اِي** کي **اِي** (اين) ۾ تبديل ڪيو ويو آهي: تشڪيلي **اَسَان** پراڪرتي اضافت وارو جمع **اَمّهَانڻَ** (سنسڪرت **اسّمارڪم**) جي برابر آهي.

سمجهاڻي: ڄاٽل لهجن ۾ حالت مفعوليءَ کي فاعلي حالت لاءِ استعمال ڪيل ڏٺو ويو آهي: مراٺي **مِي** (پراڪرت لهجي ۾ **مئي**- ليسن نمبر 183، 2)، تشڪيلي **مَا** (پراڪرت اضافت **مَهَ**: هندستاني **مَين**- تشڪيلي **مُجهي** يا **مُجهَ**. جڏهن ته گجراتي ۾ **هُون**- تشڪيلي **مَا**. جمع ۾ مراٺي ۾ فاعلي حالت ۾ **آهَمِي** ۽ تشڪيلي صورت ۾ **آهّمَان** آهي، هندستاني ۾ **هَمَ**- تشڪيلي صورت **هَمَ** ۽ **هَموَ**، پنجابي ۾ **اَسِين**- تشڪيلي صورت **اَسَا**، گجراتي ۾ **هَمين** يا **هَموَن**- تشڪيلي صورت **هَم** ۽ **هَموَ** ٿينديون آهن.

## ضمير متڪلم جو قيرو

I. **آنءُون يا آن.**

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | آنءُون، آنَ، مَان ۽ مُون |
| تشڪيلي | مُنهُن جوَ: مُنِهن جوَ: مُون جوَ: آن جوَ |
| مفعولي ثاني | مُون کي- مَان کي |
| اپادان | مُوئهان: مُون کان: مَان کان |

| حالت | جمع |
|---|---|
| تشڪيلي | اَسَان، اَسَانِهن، اَسَانهُون |
| حالت اضافت | اَسَان جوَ، اَسَانِهن جوَ |
| مفعولي (۽ ثاني) | اَسَان کي، اَسَانِهن کي |
| اپادان | اَسَان کان |

**مثال**:

- آن جي ڏِنَا هُون ته اَلهَ ڪَارَڻِ ڳَالهِ ڪَرِئوَ
- نيڻَ مُون جَا رُونِ رَاتوَ ڏِينَهَان اُنِ کي (شاهه، حسيني X، 22)
- ڪِي نَہ ڇڏِينديَسِ جانِي آن جوَ قِيَامَتَا (شاهه، ڪيڏارو IV)
- قَاضِي مُون کي ڪِئَن هَٽن مِيَان پَسِيوَ مَرِيضُ (مج 251)

- مُونَهَانِئي اَگِي هُوند گهِڙِيُون سَپِ گهَڙا ڳٽِي (شاهه، سهڻي I، 4)
- آهيس، آرُ اَللهَ سين اَسَان ڏهُنَ اِيمَانُ (مج 671)
- اَسَانُهُون وَهي وِترِوَ نِينَهُن سُپِيرِيَان سيُن (مج 675).

2) **ضمير حاضر جو خالص ضمير:**

ضمير حاضر **تُون** آهي، جيڪو پراڪرت **تُمَ** کان وڏيڪ سنسڪرت **تُوَنَ** ڏانهن اشارو ڪري ٿو: ان جي تشڪيلي صورت ۽ Instrumental **توَ** پراڪرت Instrumental **تُئي** مان نڪتل آهي. حالت اضافت **تُنهُن** ۽ **تُنهِن** (جو سان گڏيل) اپڀرنش اضافتي صورت **تُهَم** سان ملي ٿي.

ان ضمير جي جمع ۾ گهڻئي صورتون ملن ٿيون. مثال: **توَهِين**، **توِين**، **تهِين**، **تَئِين** يا **اوَهِين**، **اوِين**، **اهِين**، **آئِين** ۽ **انئِن**.

**توَهين** پراڪرت جي فاعلي جمع صورت **تُمَهي** مان نڪتل آهي. **تون** کي **توَ** ۾ بدلي **م** کي حذف ڪيو ويو آهي. **اوَهِين**، **اهِين** وغيره جون صورتون دلچسپ آهن. جيئن ته شروعاتي **ت** ڪڏهن به حذف نه ٿيندي آهي، تنهنڪري اهي **توهِين** مان نڪتل صورتون نه آهن ۽ اهو ممڪن آهي ته اهي صورتون سنسڪرت جمع **يُشمي** (= پراڪرت **يُمهي**+) سان تعلق رکنديون هجن، جنهن مان اڳ ايندڙ ي ڇانٽي ٿيو وڃي: ۽ سنڌي ۾ **اُ** بدران **اوَ** لڳائي **م** کي حذف ڪيو ويو آ هي. بلڪل ان ئي طريقي سان جيئن **توَهِين** ۾ ڏنو ويو هو.

تشڪيلي صورتون **توَهَان** ۽ **اوَهان** پراڪرت اضافت جمع **تُمَهَاڻَم** جي برابر آهن.

سمجهاڻي: ڇاتل لهجا سنڌيءَ جي سيني اهم نڪتن سان نهڪي اچن ٿا. مرائي: **تُون** تشڪيلي **تُو** يا **تُوجَ** (پراڪرت **تُهَ** يا **تُجهَ**، فاعلي جمع **تُهِمي** ۽ تشڪيلي **تُهَمَان**.

**هندستاني: تُو** يا **تين**: حالت اضافت **تيرَا** (**ميرَا**) ۽ هت **رَا** کي ضميري صفت ناهڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي.

تشڪيلي **تُجهَ** اصل ۾ پراڪرت اضافت **تُجهَ** مان آيو آهي ۽ Instrumental **تُو** سنڌي **توَ** سان مشابهت رکي ٿو. فاعلي جمع **تُمَ** پراڪرت **تُمهي** مان نندي ٿيل صورت آهي ۽ ان مان **تُمهَا** (**تُمهَارَا**)، **تُمهوَن** جهڙيون صورتون نهن ٿيون. هت **تُمهه** مان پراڪرت اضافتي جمع **تُمهَاڻَم** ڏانهن اشارو ملي ٿو.

**پنجابي**: **تُون**- اضافت **تيرَا**، Instrumental **تَن** (پراڪرت **تئِہ**)، تشڪيلي **تَين** (پراڪرت حالت اضافت- **تي**)؛ فاعلي **تُسِين** تشڪيلي **تُسَا**.

**گجراتي**: **تُون**، حالت اضافت، **تَهَاروَ**: عام صورت **تَا**، فاعلي جمع **تَمي** يا **تَموَ**، تشڪيلي صورت **تَمَ** يا **تَموَ**.

## ضمير حاضر جي خالص ضمير جو قيرو

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | تُون |

تشڪيلي صورت ۾ توَ

Instrumental

| | |
|---|---|
| اضافت | تُنهُن جوَ |
| مفعولي | توَ کي |
| اپادان | توَ کان؛ تَوَهَان |

**جمع**

| | |
|---|---|
| فاعلي | تَوَهِين، تَوِينَ، تَهِين، تَئِين، اَوَهِين، اَوِين، اَهِين، آئِين، اَئِن. |
| تشڪيلي صورت | تَوَهَان، تَهَان، اَوَهَان، اَهَان، آن |
| اضافت | تَوَهَان جوَ، اَوَهَان جوَ، تَوَانُهِن جوَ، اَوَانُهِن جوَ. |
| مفعولي | تَوَهَان کي، اَوَهَان کي |
| اپادان | تَوَهان کان وغيره |

زور پرائيندڙ **اِي** يا **هِي** ۽ **هِين** اڪثر ڪري ان ضمير ۾ لڳائي مختلف صورتون ناهڻ ۾ ڪم اينديون آهن.

**مثال**:

- ❖ تُونُهِين رَهينَمِ رُوحَ ۾ توَهِي ڏانهنَ نيڻ (مج 211)
- ❖ سَنَمِ سَاهيڙِنِ جَا طَعَنَا توَهِي لاءِ (شاهہ، مومل راڻو I پڄاڻي)
- ❖ توَهِي سَنَدوَ مِيهُڻوَ پَلِي ڪَري لَدوَمِ (مج 341)
- ❖ سَارِيَان ڪَا نہ سَرِيرَ ۾ طَاقَتَ تَوَهَان ڏَارَ (شاهہ، سهڻي II، 4)
- ❖ مِيَان مَنَعَ مُون کي اَنِئن ڪَا مَ ڪَرِيوَ (مج 95)
- ❖ چَنِ چَڏِينديَسِ ڪِي نہ ڪِي دوَسَ اَوَانُهِن جوَ دَرُ (شاهہ، بروو سنڌي I، 16)
- ❖ ڪَامَڻِ آهِن جي ڪُرَ جي آڏِ وَڏَائِي آهي (شاهہ، عمر مارئي II، 8)
- ❖ پِرِينءَ پُڄَڻَاءُ آنئُون اَوَان سين اوَرِيَان (شاهہ، حسيني VI، 5)

**نمبر - 32**

# II- DEMONSTRATIVE PRONOUN

# اشاري وارو ضمير

1) **ضمير اشارو ويجهو:**

**هِي، هي** يا **هِيءُ** ضمير اشارو ويجهو آهن: لاڙ ۾ شروع وارو **ھ** جو اچار عام طرح حذف ڪيو ويندو آهي. مثال- **اِي، اِي** ۽ **اِيءُ**- ان ضمير جو بنياد **اِي** آهي (پيٽ لاءِ ڏسو بوِّپ نمبر 360)؛ جڏهن تہ تشڪيلي صورت ۾ هڪ ٻيو ضميري بنياد استعمال ڪيو ويندو آهي. مثال: **اِنَ** (بوِّپ نمبر 369)، سنسڪرت **اِدَمَ** جو ڦيرو بہ پيٽڻ مناسب ٿيندو).

**سمجهاڻي**: ان اشاري جي مراني صورت **هَا** آهي، تشڪيلي صورت: **يَا** (پراڪرت **ائمَ**= سنسڪرت **اَيَمَ**).

**هندستاني**: **يہ**- تشڪيلي صورت: **اِس** (سنسڪرت **اَسيَہ**)؛ جمع- **يِي**، تشڪيلي صورت: **اينَ**

**پنجابي**: **اِهہ**، تشڪيلي صورت: **اِس**، Instrumental **اِن**، جمع **اِنَ** ۽ تشڪيلي صورت **اِنَان**.

## ضمير اشارو ويجهو - ڦيرو

| حالت | هِي |
|---|---|
| فاعلي | هِي، هي، هِيءُ يا هِيءُ (مذڪر) |
| | هِي، هي، هِيءَ يا هيءَ (مونث) |
| عام صورت | هِنَ يا اِنَ |
| مفعولي ثاني | هِنَ کي، هِي |
| اپادان | هَنَ ڳان، هِنَان |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | هِي، هي |
| تشڪيلي صورت | هِنِ، اِنِ؛ هِنَنِ يا اِنَنِ |
| اضافت | هِنَ جوَ؛ هِنَنِ جوَ |
| مفعولي ثاني | هِنِ کي، هِنَنِ کي |
| مفعولي | هِنِ کي، هِي، هي |
| اپادان | هِنِ ڳان، هِنَنِ کان |

ان ضمير جي هڪ زور پرائيندڙ صورت **هيئِي** بہ آهي. مثال:

- پُرَڻُ پُنهُون پُٺِ ۾ اِيءَ سَعَادَتَ سَنّدِيَام (شاهہ معذوري III، 1)
- هِنَ پَاٽِيَ سين پَائِهن جوَ مُورِ نَہ مَتوَ ڏوَءِ (شاهہ سهڻي چوٺ 3)
- مَنِي مُورَانئِين مَنَ ۾ اِنَ کي هُئي (مج 244)

❖ هَڏِهِين نہ هُونَدو هِنَان پوءِ عَالَمَ ۾ (شاهہ، ڪاهوڙي III، II)

❖ جيڪوَ هِنِ نَنَڍَنِ مَنجهَان هڪڙي کي ٿَڌي پَاڻِيَ جوَ ڪَٽوروَ پِيَاري (42، 10 ميٿيو).

❖ خداءِ هِنَ پَهڻَنِ موَن اِبَرَاهِيمَ لاءِ پُٽَ ڪري توَ سگهي (9، 3 ميٿيو)

### 2) زور پرائيندڙ ضمير اشارو ويجهو:

حقيقت ۾ لفظ **اِهو** هڪ مرڪب ضمير آهي، جنهن ۾ اشارتي بنياد **اِ** ۽ **هوَ** موجود آهن (سنسڪرت **هه** ۽ **اِهَ**) ۽ تنهنڪري ان ۾ ڦيرو بنهي پچاڙين جي نسبت سان ٿيندو آهي.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | اِهوَ، اِيهوَ، اِئوَ، اِيئوَ (مذڪر)[1] |
| تشڪيلي صورت | اِنَهي، اِنَهِي، اِنَهَ |
| اضافت | اِنهي جوَ |
| مفعولي ثاني | اِنهي کي |
| مفعولي | اِنهي کي، اِهوَ (مذڪر)، اِهَا (مونث) |
| اپادان | اِنهي کان |
| | **جمع** |
| فاعلي | اِهي |
| تشڪيلي صورت | اِنَهَنِ، اِنَهِنِ، اِنَهين |
| اضافت | اِنَهَنِ جوَ |
| مفعولي ثاني | اِنَهَنِ کي |
| مفعولي | اِنَهَنِ کي، اِهي |
| اپادان | اِنَهَنِ کان |

ان ضمير ۾ ڏنل شيءِ کي وڌيڪ چٽو ظاهر ڪرڻ لاءِ زور پرائيندڙ **اِي** جو اضافو ڪري سگهجي

[1] شاعري ۾ اهو ضمير **اِيهَہ** جي صورت ۾ بہ ملي ٿو.

ٿو. مثال: **اِهوَئِي** (مذڪر) ۽ **اِهَائِي** (مونث).

**عام** صورت: **اِنَهيئِي**، جمع **اِهيئِي**. **عام** صورت: **اِنَهَنِي** يا عام طرح **اِنَهين** بہ لکبو آهي.

❖ اِهوَ سَائِينءَ جوَ سَبَبُ جوَ ٻُڌَا اُڪَاري ٻَارَ مَان (شاهہ، سريراڳ II، 16)

❖ عَاشِقَ عَبۡدُاللَّطِيفُ چَوِي اِنهِي پَهَ پِئَا (شاهہ ڪلياڻ I، 8)

❖ اهي ڪَمَ اِلَاهِي نَہ تَہ ڪُنَنِ ۾ ڪيرُ گهِڙِي (شاهہ سهڻي VI، 13)

**3) ضمير اشارو- اِجهوَ:**

**اِجهوَ** فقط فاعلي واحد ۽ جمع ۾ استعمال ٿيندو آهي. بظاهر اهو بنياد **اِ** ۽ سنسڪرت ضمير **سَهَ** جو مرڪب آهي ۽ سنڌيءَ ۾ **س** بدران **ج** ۽ ڪٿي **جهہ** بہ لڳائي وجي ٿي. (ڏسو تعارف نمبر 11، 2).

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | اِجهوَ (مذڪر)، اِجهَا (مونث) |
| | **جمع** |
| فاعلي | اِجهي (مونث ۽ مذڪر ٻنهي لاءِ ساڳيو) |

❖ اِجهي ٿَا اَچَنِ ڪَاڪَ ڪَڪوَرِيَا ڪَاپَڙِي (شاهہ مومل راڻو II، 3)

**4) ضمير اشارو ڏور:**

**هُو** يا **هو** (جن ڪي لاڙ ۾ **اُو** يا **اوَ** اچاريو ويندو آهي) ضمير اشارو ڏور آهن. ان ضمير جو بنياد هو سنسڪرت ۾ استعمال نہ ٿيندو آهي. جڏهن تہ پراڪرت ۾ ان جي باقيات **هي** جي اضافت واري صورت ۾ موجود آهي. ان جي بناوت **سوَ** مان هوندي، جنهن منجهان **هُو** قاعدي موجب نهي ٿو. (بوپ جي ڪمپيريٽو گرامر نمبر 341 موجب). ان جو ڦيرو بہ **هِي** سان ملندڙ آهي ۽ فقط تشڪيلي صورت ۾ **هِي** جي جاءِ تي **هُو** ڪتب ايندو آهي.

سمجهاڻي: مراٺي ٻوليءَ ۾ **اهو** ضميري بنياد موجود ڪونهي. اتي فقط **توَ** جو استعمال ٿيندو آهي، جيڪو سنڌي ۾ **سوَ** جي برابر آهي.

پنجابيءَ ۾ **اهہ**، **اُن** ۽ **اُس** ملن ٿا، جيڪي جمع ۾ **اُهہ** ۽ **اُنَان** جي صورت وٺن ٿا.

هندستانيءَ ۾ **وُہ** ۽ **اُس** استعمال ٿيندا آهن ۽ جمع ۾ **وِي** ۽ عام صورت **اُن** ڪتب ايندي آهي.

هندوئي- **وَاهہ**، تشڪيلي صورت **وَا**، جمع **وِي**، تشڪيلي صورت **اُن**).

گجراتي مراٺيءَ وانگر فقط **تي** جي بناوت رکي ٿي.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | هُو، هوَ، اوَ (مذڪر) |
| | هُو، هُوءَ، اُو، اُوءَ |
| تشڪيلي صورت | هُنَ، اُنَ |
| مفعولي ثاني | هُن ڪي |

| | |
|---|---|
| مفعولي | هُنَ کي، هُو، هُوءَ |
| اپادان | هُنَان، هُنَهَان، أنَان، هُن کان |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | هُو، هوَ، هُوءِ، أوءِ، هوَءِ |
| تشکيلي صورت | هُنَنِ، أنَنِ، هُنِ، أنِ (زور پرائيندڙ هُنِين) |
| مفعولي | هُنَنِ کي، هُو، هوَ |
| اپادان | هُنَنِ کان |

**مثال:**

- پَرڏيهان پَنڌُ ڪَرِي هَلِي آيوَ هُو (شاهه، سورٺ I، 3)
- هُوءَ جَا پَائِنِ پيرَ ۾ تَنَهن آن جُتِيَ نَہ جيهِي (شاهه، ڪوهياري III، 8)
- أن دَرَ سيئِي اڳهِيَا جَنِ وِجَايوَ وُجُودُ (شاهه، سريراڳ I، پڃاٽي 2)
- هُوءِ مَحَلَ هُوءِ مِهتِئُون هُوءِ قَصَرَ قَاضِئَن (مج 137).
- ڳُوهَا ڪَالهَ ڪٽِي أنِ وِڌَا اوَتَرَ آسرِي (شاهه، سريراڳ III)

### 5) زور پرائيندڙ ضمير اشارو ڏور- أهو:

زور پرائيندڙ ضمير اشارو ڏور آهي **أهو**. ان جو نهڻ بلڪل **اِهوَ** وانگر آهي ۽ هن صورت ۾ **اِ** جي جاءِ تي **أ** لڳايو ويندو آهي.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | اِهُوَ ۽ أَئوَ (مذڪر) |
| | أهَا ۽ أئَا (مونث) |
| تشڪيلي صورت | أنهي، أنَهِيَ، أنِهَ |
| اضافت | أنَهي جوَ |
| مفعولي | أنَهي کي، أهوَ (مذڪر) ۽ أهَا (مونث) |
| اپادان | أنَهي کان |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | أهي |

| | |
|---|---|
| تشڪيلي صورت | اُنَهَنِ، اُنَهِنِ، اُنَهين |
| اضافت | اُنَهَنِ جوَ |
| مفعولي | اُنَهَنِ کيَ، اُهي |
| اپادان | اُنَهَنِ کان |

ان ضمير ۾ زور پرائيندڙ **اِي** جو اضافو بہ ڪري سگهجي ٿو. مثال: **اُهوئِي** (مذکر) ۽ **اُهَائِي** (مونث). جڏهن تہ ان جي تشڪيلي صورتون **اُنهيئِي**، **اُنَهِي** يا **اُنَهِين** آهن. جمع ۾ **اُهيئِي**: تشڪيلي صورت **اُنَهَنِي** ۽ **اُنَهِين**. مثال:

- اڳي ٿي سُئِي اُنَهِي سَنَڌِي ڳَالَهَڙِي (شاهہ، ڪاهوڙي I، II)
- اِنهي گهر ۾ اچِي انهي ٻار کي ۽ اُنِهَ جي مَاءُ مَريَمَ کي ڏِسِي هُنَ کي پيرين پَئِي پُوڄَائُون (II، II ميٿيو)
- هي چَنّڊِ اُهوَئِي جوَ هِتُ پَسي ٿوَ پِرِينءَ کي (شاهہ، ڪنيات I، 3)
- سَندَا اُهيئِي توَ کي سَارِنِ
- جي نہ ڪَڏِهِن مَنجهُہ گامَ گُزَارِين (شاهہ، سارنگ II پڇاڙي).
- اُنَهِين ڏَان اَحَمَدِ چَوِي آهِمِ سِڪَ سَرَسُ (شاهہ، عمر مارئي x[1]).

6) **ضمير اشارو ڏور - اُجهوَ:**

**اُجهوَ** اهڙي ئي ضمير **اِجهوَ** وانگر فقط فاعلي واحد ۽ جمع ۾ استعمال ٿيندو آهي. اهو سنسڪرت ضمير **سَه** ۽ **اُ** جي مرڪب طور ٺهيل آهي (ڏسو **اِجهوَ**).

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | اُجهوَ (مذکر)؛ اُجهَا (مونث) |
| فاعلي | اُجهي |

**نمبر - 33**

## III. THE RELATIVE PRONOUN

## ضمير موصول

سنڌيءَ ۾ **جوَ** (جيڪو) موصول ضمير آهي، جڏهن تہ سنسڪرت ۾ **يوَ** ۽ پراڪرت ۾ **جو** جي صورت ۾ هوندو آهي. تشڪيلي صورت واحد **جَنَهِن** پراڪرتي اضافت **جَسَّ** = **جَهَ** جي برابر آهي. ان جو فاعلي جمع

[1] اهو بيت شاهہ جي رسالي ۾ ڏنل بيت کان مختلف آهي.

**جي** آهي (پراڪرت ۾ پڻ **جي**) ۽ تشڪيلي صورت **جِنِ** يا **جَنِ** پراڪرت اضافت **جَاڻ** سان ملي ٿو، جت سنڌيءَ ۾ **آ** ڪي ننڍو ڪيل آهي.

سمجهاڻي: ڄاتل لهجن ۾ سنڌيءَ کان وڏو ڪو فرق ڏسڻ ۾ نٿو اچي؛ مراٺي- واحد **جوَ** ۽ جمع **جي**؛ گجراتي ۾ واحد **جي** ۽ جمع **جيوَ**؛ هندستاني واحد **جوَ** ۽ **جَنُ** جنهن جي تشڪيلي صورت **جِسَ** هوندي آهي. جمع ۾ **جوَ**، تشڪيلي صورت **جِنَ** يا **جِنهہ**؛ پنجابي **جوَ** ۽ **جن**، عام صورت **جِس**؛ جڏهن ته جمع ۾ **جوَ** ۽ تشڪيلي صورت ۾ **جِنَان** استعمال ٿين ٿا. بنگاليءَ ۾ **جي** ۽ **جِنِ** ۽ تشڪيلي صورت **جَانَهَا** (پراڪرت **جَاسَ**) ۽ جمع **جَانَهَارَا**.

| واحد | حالت |
| --- | --- |
| جوَ (مذڪر) ۽ جَا (مونث) | فاعلي |
| جَنِهن | تشڪيلي صورت |
| جَنِهن جوَ | اضافت |
| جَنِهن کي، جَنِهن جَا | مفعولي |

| جمع | حالت |
| --- | --- |
| جي | فاعلي |
| جَن، جِن، جِنهَن؛ جِنِهن؛ جِنَن؛ جِنِن | تشڪيلي صورت |
| جَن جوَ وغيره | اضافت |
| جَن کي؛ جي | مفعولي |
| جَن کان | اپادان |

شاعريءَ ۾ تشڪيلي صورت واحد ۽ جمع ۾ اڪثر ڪري هن ضمير ۾ زور پرائيندڙ **اِيِ** جو اضافو ڪيو ويندو آهي. مثال تشڪيلي صورت واحد: **جَنِهِين**؛ تشڪيلي صورت جمع **جَنِي** (جنهن ڪي **جِنِين** به لکيو ويندو آهي) ۽ **جَنِهِين** جنهن ڪي تشڪيلي صورت واحد کان الڳ شناخت آهي. مثال:

- هوَ جَا پِڪَ پُنهُنءَ (پنهونءَ) جِي، چَنِيَان تَنِهن چُواڪوَ (شاهه، سهڻي II پڄاڻي 2)
- جَنِهن کي سِڪَ سَاهَڙَ جي سَا گهيڙُ نہ پُڇي گهَاٽَ
  جَنِ کي عِشْقَ جِي اوَسَاڻَ سي وَاهُڙَ پَائِنِ وِڪِڙِيُون (شاهه، سهڻي II، 4)
- جي سَنْجِهيئِي سُتِيوَن سي مَرُ سُورَ سَهَنِ (شاهه، ڪاهوڙي III، 2)

- ويندَا سي اِيمَانَ سين ڪَلِمُو جَنِين وَاتِ (مج 37)
- اَمَڙِ وَڃِي آڻِ ڇَرَڪوَ آتَڻَ وِچَ مَان.

ڪَتِيُمِ جَنهِين ڪَاڻِ سوَ ڪوَهِيَارو ڪيچِ وِئو (شاهہ حسيني III، 8)

- پِڪُون سي پِئَنِ سِرَ جَنهِين جَا سَٿِ ۾ (شاهہ جمن ڪلياڻ، II 25)

**نمبر - 34**

# IV- CORRELATIVE PRONOUN

# ضمير جواب موصول

ضمير **سوَ** تقريباً هميشہ **جوَ** جي نسبت سان (يا جواب طور) استعمال ٿيندو آهي: اهو جدا صورت ۾ تمام گهڻ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ ان صورت ۾ اهو پنهنجي اصل معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي. اهو ضمير سنسڪرت ۾ **سَهَ** جي برابر آهي (۽ پراڪرت ۾ **سوَ جي**). ان جي تشڪيلي صورت واحد **تَنهِن** پراڪرت اضافت **تَسَّ** مان نڪتل آهي. (سنسڪرت **تَسّيَہ = تهہ**): ان جو فاعلي جمع **سي** پراڪرت ۽ سنسڪرت **تي** کان انڪري مختلف آهي، جو ان پنهنجي واحد جو بنياد قائم رکيو آهي: تشڪيلي صورت جمع **تَنِ** پراڪرت اضافت **تاڻَ** جي برابر آهي، پر هت **آ** کي ننڍو ڪيو ويو آهي، جيئن **جَاڻَ** مان ڪيو ويو هو.

سمجهاڻي: اهو ضمير سيڻي ڄاتل لهجن ۾ ملي ٿو.

مراٺي- **توَ**، جمع **تين**: گجراتي- **تي**، جمع **تيوَ**: هندستاني- **سوَ** يا **تَئُن**- تشڪيلي صورت **تِس**: فاعلي جمع **سوَ** يا **تَئِن**- تشڪيلي صورت **تِن**، **تِنهہ** يا **تِينهُوَن**: پنجابي: **سوَ**، **تِن**- تشڪيلي صورت **تِس**، جمع: **سوَ**- تشڪيلي صورت **تِنَان**: بنگالي- **سي**- تشڪيلي صورت **تَاهَا**- جمع **تَاهَارَا**.

| **حالت** | **واحد** |
|---|---|
| فاعلي | سوَ: (مونث) سَا |
| تشڪيلي صورت | تَنهِن |
| اضافت | تَنهِن جوَ |
| مفعولي | تَنهِن کي: سوَ، سَا |
| اپادان | تَنهان: تَنهِن کان |

| **حالت** | **جمع** |
|---|---|
| فاعلي | سي |

| | |
|---|---|
| تشڪيلي صورت | تَن، تِن، تِنَن، تِنِن، تِنهَن، تِنهِن |
| اضافت | تَنِ جوَ وغيره |
| مفعولي | تَنِ کي، سي |
| اپادان | تِنِئان، تَنِ کان وغيره |

ان ضمير ۾ زور پرائيندڙ **اِين** جو اضافو بہ ڪري سگهجي ٿو.

مثال: فاعلي واحد: **سوِّئِي**، مونث: **سَائِي**؛ تشڪيلي صورت: **تَنِهين**، فاعلي جمع: **سيئِي**، تشڪيلي صورت: **تَنِي** يا **تَنِهين**. مثال:

- سوَ هيءُ سوَ هُو سوَ اَجَلُ سوَ اَللهُ
- سوَ پِرِين سوَ پَسَاهُ سوَ وِيرِي سوَ وَاهَرُو (شاھ، ڪلياڻ I، 19)
- سُومِرَا سَاهي تَنِهن سَتِيَ وِجهُ مَ سَنگهَرُون (شاھ، عمر مارئي III).
- تَنِهين وِيلهَ ڪِئوَ م وَڃَنُ وِيڙهِيچَنِ سين (شاھ، عمر مارئي I، 1)
- جڏهِن سُتِيُون جي پَٽَرِ پيرَ ڏِگهَا ڪَري
  تَڏهِن تَنِهين کي سَاڌَ سُتيئِي ڇَڏِئو (شاھ، ڪوهياري I، 8)
- جَنِهين سَنڌِي مُنهَ ۾ سَوِين سَهَسَ نَڪَن
  تِنِئان وَڍِئوَ هيڪَڙو تہ ڪَهڙوَ تَوَرو تَنِ (شاھ، مومل VI، 22)

**نمبر - 35**

## V- INTERROGATIVE PRONOUN

## ضمير استفهام

**1) ضمير استفهام- ڪيرُ:**

اهو ضمير استفهام فقط يقيني صورت ۾ استعمال ٿيندو آهي. اهو فاعلي بنياد **ڪيرُ** سنسڪرت **ڪِيتَرش** مان نڪتل آهي. (پراڪرت **ڪيرِسّ**) (ڏسو تعارف نمبر 2، 6)؛ ۽ تشڪيلي صورت واحد **ڪَنِهن** ۽ تشڪيلي صورت جمع **ڪَنِ** سنسڪرت **ڪَهَ** ۽ اضافت واري واحد **ڪَسّيَہ** مان نڪتل پائنجن ٿا. (پراڪرت **ڪسّ= ڪَهَ**)؛ ۽ پراڪرت ۾ اضافت وارو جمع **ڪاهَ** آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ آ کي نندو ڪيل آهي.

سمجهاڻي: ڄاتل لهجن جا اهڙا ضمير سنسڪرت بنياد واري **ڪَهُ** (कः) مان نڪتل آهن (يعني ان جي مفعولِي واحد **ڪَنُ** कं مان).

مرانِي ۽ گجراتي: **ڪوَن**، هندستاني : **ڪوَن**، تشڪيلي صورت: **ڪيس**، جمع: **ڪوَن**، تشڪيلي

صورت: **ڪِن**، **ڪِنه** ۽ **ڪِنوَ** پنجابي: **ڪَوَن**، تشڪيلي صورت: **ڪِس**، جمع: **ڪَوَن**: تشڪيلي صورت: **ڪِنَان**، بنگالي: **ڪي**، تشڪيلي صورت: **ڪَانَهَان** ۽ ان جو جمع **ڪَانَهَارَا**.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | ڪيرُ، ڪيرَ (مونث) |
| تشڪيلي صورت | ڪَنهِن |
| اضافت | ڪَنهِن جوَ |
| مفعولي | ڪَنهِن کي، ڪيرُ، ڪيرَ |
| اپادان | ڪَنهِن کان |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | ڪيرِ |
| تشڪيلي صورت | ڪَن، ڪِن، ڪِنَن، ڪِنِن، ڪِنهَن، ڪِنهِن. |
| مفعولي | ڪَن کي، ڪيرِ |
| اپادان | ڪَن کان |

- ڪيرُ آنهين ڪِٿان هَلين ڪُجَاڙوَ ڻالوَءِ (مج 167).
- ڪيرُ ٻانَيَڙِ ڪَن جِي ڪيرُ ڄاڻي ڪيٽاسِ (شاهه، معذوري I، 14)
- ڪير هُئا ڪيڏانهن وئا ڪهڙي هُئا جات (مج 659)

### 2) ضمير استفهام- ڇَا:

اهو ضمير استفهام فقط بي جنس طور ڪتب ايندو آهي ۽ ان جو ڪو بہ جمع نہ ٿيندو آهي. ان جي اضافت واري حالت **ڇا جوَ** مان مراد آهي **ڪهڙي قسم جو** ۽ جڏهن ان ۾ حرف جر مثلاً **کي**، **کَاڻِ** ۽ **کان** لڳل هجن تہ انهن مان مراد هوندي **ڪهڙي ڪم لاءِ** ، يا **ڇوَ**؟ اهو ضمير سنسڪرت جي لفظ **ڪِم** مان نڪتل آهي.

سمجهاڻي: هندستانيءَ ۾ ان لاءِ **ڪِيَا** استعمال ٿيندو آهي. جڏهن تہ پنجابيءَ ۾ **ڪِي** ۽ **ڪيا**، تشڪيلي صورت: **ڪَاس**، مراٺي: **ڪَائي**، تشڪيلي صورت **ڪَسَا**، بنگالي: **ڪِي** ۽ انجي تشڪيلي صورت **ڪَاهہ**، هندوئِي: **ڪَهَا**، تشڪيلي صورت **ڪَاهي**. مثال:

- جي لُونڊُ جوَ سَوَادُ وَجي تَہ ڇَا سَان سَلُوڻوَ ٿئي (13، 5 ميٿيو).

### 3) ضمير استفهام- ڪوَهُ:

اهو ضمير استفهام بہ **ڇا** وانگر بي جنس ٿيندو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن قسم جو ڦيرو نہ ايندو آهي. ان مان مطلب **ڇو** ۽ **ڇا جي لاءِ** جو نڪرندو آهي. شاعريءَ ۾ اڪثر ڪري ان کي ننڍو ڪري **ڪُهُ** جي صورت ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

ان جو ڏاتو ڇَا جي ڏاتو يعني **ڪَا** = **ڪَاهَا** سان ملي ٿو، جتي آ بدران **اوَ** استعمال ڪيل آهي. هندوئي ٻوليءَ ۾ بہ ساڳي ريت **ڪَوَن** جي تشڪيلي صورت **ڪَا**، **ڪوَهي** يا **ڪَاهي** ذريعي ٺهندي آهي. **مثال**:

- ❖ **ڄئارِيَسِ سَنْيَارَ ڪوَهُ ڪَرِيندُم ڳَڏِجي** (شاهہ، سهڻي IV، 7)
- ❖ **سِڌِڙيَا سَرِي جون ڪُهُ پَڃَارُون ڪَنِ** (شاهہ، ڪلياڻ، II، 25)

**4) ضمير استفهام- ڪيهوَ، ڪُڃاڙوَ ۽ ڪيهَروَ:**

اهي ٽئي ضمير استفهام بنيادي اسم سان پنهنجي حيثيت يا صفت طور استعمال ڪري سگهجن ٿا. لاڙ ۾ **ڪيهوَ** بدران **ڪيئوَ** بہ ڪتب ايندو آهي. **ڪيهَروَ** کي **ڪِهَرو** جي صورت ۾ بہ لکي سگهجي ٿو ۽ ننڍو ڪري **ڪيرهوَ** طور بہ لکي سگهجي ٿو. انهن جي اشتقاق بابت معلومات لاءِ ڏسو تعارف نمبر 2 (6). اهي باقاعدگي سان ڦيرو بہ ڪائيندا آهن. **ڪُڃَاڙو** جي مفعولي ثاني واحد صورت **ڪُڃَاڙِي ڪي** ۽ مونث اپادان واحد صورت **ڪُڃَاڙِئان** (جنهن کي **ڪُڃَاڙِئا** بہ لکبو آهي). عام طرح سواليہ/ استفهام واري ظرف طور استعمال ڪيو ويندو آهي. جيئن **ڇو**، **ڇا لاءِ**.

- ❖ **ڪيهِيَ پَرِ پَرِين ڏُکِي ڏَاتَارَنِ رِي** (شاهہ، جمن ڪلياڻ، 16، IV)
- ❖ **ٿِئوَ ڪُڃَاڙوَ ڦَيَسَ کي اَڇِئوَ اِئِين ڇَوَنِ** (مج 39).
- ❖ **ڪُڃَاڙِي کي توَ ڪِئوَ هِيئَن پَنْهَن جوَ حَالُ** (مج 655).

**نمبر - 36**

# VI- INDEFINITE PRONOUN

# ضمير مبهم

**1) ضمير مبهم- ڪوَ:**

ان ضمير مبهم جو بنياد ضمير استفهام وانگر سنسڪرت لفظ **ڪوِ** آهي؛ انڪري ٻنهي ضميرن ۾ تشڪيلي صورت جا واحد ۽ جمع هڪجهڙا ۽ ساڳيا رهندا آهن.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | ڪوَ، ڪَا (مونث) |
| تشڪيلي صورت | ڪَنْهِن |

| | |
|---|---|
| اضافت | ڪَنهِن جوَ |
| مفعولي ثاني | ڪَنهِن کي |
| مفعولي | ڪَنهِن کي، ڪوَ، ڪَا |
| اپادان | ڪَنهِن کان |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | ڪي |
| تشڪيلي صورت | ڪَن، ڪِن |
| اضافت | ڪَنِ جوَ |
| مفعولي ثاني | ڪَنِ کي |
| مفعولي | ڪَنِ کي، ڪي |
| اپادان | ڪَنِ کان |

- ڪَمِ نہ اِينَدُءِ ڪوَ ٻِيوَ پَنهِن جي پوَڪئي ڙي
  ڪَنوَ نہ ڏِين توَ ڪَنهِن کي ٽُون ميڙِئوَ مَالُ ڏڙين (مينگهو 10)
- ڪي چَمَڪَنِ چِينَ تي ڪي لَهَنِ سَمَرَقَندِنِ سَارَ (شاھ، سارنگ IV، 12)
- ڪَرِيَان ٻِي نہ ڪَنِ آهَرَ اُنهِين آهِيَان (شاھ، عمر مارئي VII، 5)

ان ضمير جي زور پرائيندڙ صورت بہ تشڪيلي استعمال ٿيندي آهي.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | ڪوَئِي، ڪَائِي (مونث) |
| تشڪيلي صورت | ڪَنهِين |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | ڪيئِي، ڪَئِين، ڪَنئِين |
| تشڪيلي صورت | ڪَنِي، ڪَنهِين |

- دَرَ دوَسَنِ جي ڪَنئِين جوَ هُونَدَا مُون جيهَا مُشَتَاقَ (شاھ، جمن ڪلياڻ VIII پڇاڙي)

❖ ڪَنِهين ڪَنّهِين مَاڙهُئِينَ پيئِي ڪَلَ ڪَائِي (شاهه، سورٺ I، 17).

❖ ڪوَ ڪوَ وِيڻ ڪَلاَلَ جوَ پِتي سِرِ پئوَن (شاهه، جمن ڪلياڻ 18، IV پڇاڙي).

**ڪوَ** جي ٻي جنس صورت **ڪي** آهي ۽ ان ۾ ڦيرو نہ ايندو آهي.

❖ ڪٿوَ ڏهيلي ڏاڪرِي ڪَمَنڊَان ڪِي ڪَارِ (سون ورني الف ب IV، 8)

انهيءَ **ڪو** کي زور پيدائڻ لاءِ ڪا ٻي صورت ڪانهي بلڪ ان کي ٻہ ڀيرا استعمال ڪبو آهي. انڪار يا نفيءَ جي معنيٰ ۾ **ڪوَ** ۽ **ڪِي** استعمال ٿيندا آهن. جڏهن تہ ڪنهن ڳالهہ تي زور ڏيڻ لاءِ اهي اڪثر ٻٽا ڪري استعمال ڪيا ويندا آهن ۽ ان صورت ۾ **نہ** ٻنهي جي وچ ۾ لڳايو ويندو آهي. مثال: **ڪوَنہ ڪوَ** ۽ **ڪِي نہ ڪِي**.

❖ هِنَ زَمَاني ۾ پَلوَ سوَ پَائِي
جَنهِن وِيَاءُ نہ وَڃُ ڪوَ نہ پُترُ نہ ڀُهَائِي
نہ ڪِي هَڙَ نہ هَنج کي ڪتوَ نہ ڪاهِي
هيٺِ پُرَاڻِي مَتي چِئلَ لَڄَ نہ لوَءِ ڪَائِي (سون ورني الف ب VII).

❖ هِتوَنئِين هَمَرَاهُ تِيندُءِ ڪُٺَنَبَ مَنجهُون ڪوَ نہ ڪوَ (مينگهو)

جڏهن **ڪوَ** جي پٺيان معاون فعل **آهي** موجود هجي ۽ نفيءَ جو نشان ٻہ هجي تہ ان کي ننڍو ڪيو ويندو آهي ۽ لفظ **ڪوَنهي** وجود ۾ اچي ٿو. (ڪو نہ آهي). مثال: **ڪوَنهي** (مذڪر) ۽ مونث **ڪَانهي**؛ **ڪوَنهيڪوَ** ۽ مونث **ڪَانهيڪا** (ٻي جنس **ڪِينهيڪِي**).

**2) مرڪب ضمير مبهم- جيڪوَ:**

ان ضمير جي اصلي صورت **جوَڪوَ** (مذڪر) ۽ **جَاڪَا** (مونث) آهن، جيڪي فقط تشڪيلي صورت واحد ۽ جمع ۾ استعمال ٿيندا آهن. جڏهن تہ فاعلي واحد ۽ جمع ۾ **جيڪو** وڌيڪ استعمال ٿيندو آهي. اهو **جي** ۽ **ڪوَ** جي گڏجڻ سان نهيو آهي. **جيڪو** ۽ **جوَڪوَ** بدران ان جي ٻٽي صورت **جوَجوَ** (۽ انجو هم نسبت/ **سوَسوَ**) جو استعمال ٻہ تشڪيلي آهي. ان جو گردان اڪيلي **جوَ** (۽ **سوَ**) وانگر ئي ٿيندو آهي.

| **حالت** | **واحد** |
|---|---|
| فاعلي | جيڪوَ؛ جيڪَا (مونث) |
| تشڪيلي صورت | جَنهِن ڪَنهِن |
| اضافت | جَنهِن ڪَنهِن جوَ |
| مفعولي | جَنهِن ڪَنهِن کي، جيڪوَ، جيڪَا |
| اپادان | جَنهِن ڪَنهِن کان |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | جيڪي |
| تشڪيلي صورت | جَن ڪَن؛ جِن ڪِن |
| اضافت | جَن ڪَن جوَ |
| مفعولي ثاني | جَن ڪَن کي |
| مفعولي | جَن ڪَن کي، جيڪي |
| اپادان | جَن ڪَن کان |

- جيڪَا هُوئِسِ هينئي ۾ تَان سَا ڪَالِ سُٽِيس (مج 43).
- جيڪِي جَپِيئَڊِين جَڳَڊِيسَ کي سوَ سَنُڳِي ٿِيئَڊُءِ سَاڌُ (مينگھو 9)

**جوَ ڪوَ** جي جاءِ تي شاعر اڪثر **ڪوَجوَ** استعمال ڪندي انهن ٻنهي ضميرن جي ترتيب کي بدلائيندا آهن. مثال:

- ڪَاڄَا ڳَالھِ ڪَرِي بِيجَلَ ٻُڌَاءِ مُون (شاھ، سورٺ II، 17).
- جي جي وَڏَ چَڱوَ ڦَلُ نَہ ٿَا ڏِئَنِ سي سي وَڍِي ٻَاھِ ۾ ٿَا وِجھجَنِ (ميٿيو 9، 7)

ان ضمير جي هڪ ٻٽي صورت **جيڪوَڪوَ** آهي، پر اهو فقط فاعلي واحد ۽ جمع ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | جيڪوَڪوَ: جيڪَاڪَا (مونث) |
| **حالت** | **جمع** |
| فاعلي | جيڪيڪي |

ان جي بي جنس صورت **جيڪيڪي** آهي. مثال:

- جيڪوَڪوَ پِنهِن جي پَاءُ تي بي سَبَبِ توَ ڪَاوِڙجي سوَ عَدَالَتَ جوَ ڏُهَارِي ٿِيئَدوَ (2- 5 ميٿيو).

سمجھاڻي: **ڪوَ** جو هڪ ٻيو مرڪب **هَرَڪوَ** (هندستاني **هَرَڪوَئِي**) آهي ۽ فقط واحد صورت ۾ ڪتب ايندو آهي جڏهن تہ ان ۾ باقاعدگي سان ڦيرو ايندو آهي. مثال:

فاعلي: **هَرَڪوَ: هَرَڪَا** (مونث).

تشڪيلي صورت: **هَرَ ڪَنِهِن** (بي جنس)

نمبر - 37

# VII- REFLEXIVE PRONOUN

# مشترڪ ضمير

**پاڻ:**

سنڌيءَ ۾ **پاڻ** مشترڪ ضمير آهي، جيڪو **پاڻُ** جي صورت ۾ بہ موجود آهي. اهو سنسڪرت لفظ **آتّما** مان نڪتل آهي، جيڪو پراڪرت ۾ **اَپّا** يا **اَپّاڻ** جي صورت ۾ هوندو آهي ((Var III, L: 45 & 48. ان پراڪرت صورت **اَپّاڻ** مان شروعاتي پد **اَپ** حذف ٿي سنڌيءَ جو **پاڻ** وجود ۾ آيو آهي.

سمجهاڻي: مراٺي مشترڪ ضمير **آپَن** مان بہ پراڪرت **اَپّاڻ** ڏانهن اشارو ملي ٿو. جڏهن تہ هندستاني **آپ** (اضافتي: **اَپْنَا**) جو لاڙو پراڪرت **اَپّا** ڏانهن لڳي ٿو. ساڳيءَ ريت پنجابيءَ ۾ بہ **آپ** ۽ اضافتي صورت **اَپّڻَا**. گجراتيءَ ۾ پراڪرت جون ٻئي صورتون نظر اچن ٿيون. جيئن **آپ** ۽ **آپڻو**.

**پاڻ** (معنيٰ روح) جي اصلي اهميت مان ان جي استعمال کي چڱي طرح سمجهائي سگهجي ٿو. ڪنهن بہ جملي ۾ ان جو اشارو يا مقصد خود فاعل (ڳالهائيندڙ) ڏانهن هوندو آهي، پوءِ چاهي اهو صاف طرح چيو ويو هجي يا مبهم هجي. اضافتي حالت (**پَانهَن جوَ**) ۾ جيتوڻيڪ اهو ضمير مالڪي ڏيکاريندڙ طور ڪم اچي ٿو، پر ساڳئي وقت اهو own جو ترجمو ٿي سگهي ٿو يا ان فاعل ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

### واحد ۽ جمع

| | |
|---|---|
| فاعلي: | پاڻ (مونث ۽ مذڪر) |
| تشڪيلي صورت: | پاڻ |
| اضافت: | پَانهَن جوَ؛ پَنهَن جوَ؛ پَانَ جوَ (لاڙ ۾ استعمال). |
| مفعولي: | پاڻ کي |
| اپادان: | پاڻان؛ پاڻ کان. |

ان جي هڪ ظرفي (adverbial) صورت **پَاڻِهين** آهي، **جيڪا** ان ئي مطلب سان اپادان حالت ۾ **پاڻان** طور بہ استعمال ٿيندي آهي.

- پَاڻِهِين سُجَاڻي پَاڻُ پَاڻُ ڪَرَ پَاڻُ لَهي
  پَاڻِهين پَسي پَاڻُ کي پَاڻِهين هِيءَ مَحبُوبُ (شاهہ، ڪلياڻ I، 18)
- پَانهِن جوَ آهين پَاڻُ آڏوَ عَجِيبَن کي (شاهہ، آبري V، 2)
- پُوڄَا ڪَرِ مَ پَاڻُ کي جوَڳِي رَکِجِ جوَڳُ (شاهہ، رامڪلي VII، 20)

❖ ٽُون پَنهَن جي پَاءُ کي ڪيئن چَوَنٖدين تہ مُون کي پَنَهَن جي اَڪِ مُون ڪَٽَرُ ڪَيڻ ڏِي (4، 7 ميٽيو).

اِن آخري جملي ۾ مشترڪ ضمير جو اشارو جنهن فاعل ڏانهن آهي، ان کي ڳالهائيندڙ جي حساب سان يا متن جي حوالي سان سمجهڻ گهرجي.

**ڏُرِ** هڪ مشترڪ ضمير نہ آهي (جيئن ڪيپٽن جارج اسٽئڪ سمجهيو آهي)؛ اهو دراصل **ڏُرُ** جو حالت مڪانيءَ جو روپ آهي معنيٰ حد، خاص مقام وغيره. (پنجابي **ڏُر**- ظرف) جنهن کي ظرف طور استعمال ڪيو ويو آهي. ساڳي صورتحال **پِنڊِ** جي آهي، جيڪو **پِنڊُ** جي حالت مڪانيءَ جو لفظ آهي ۽ جنهن مان مطلب **پاڻ** جو نڪري ٿو ۽ ان ڪري ان جي اضافتي حالت **پِنڊِ جوَ** آهي.

❖ پَرَ پُڇُ پِنڊِ پَانَهَن جوَ مَنجهِسِ مُنَهُ پَايو (سون ورني الف ب)

❖ هِينئا هيڪڙا پِئَنِ کي سَدَائِين سَارِين (مج 200)

نمبر - 38

# VIII- PRONOMINAL ADJECTIVE

# ضميري صفت

هن بحث ۾ اسان فقط انهن صفتن جو ذڪر ڪنداسون جيڪي تقريباً ضمير وانگر آهن ۽ انهن ۾ ڦيرو بہ قاعدي موجب نٿو ٿئي ۽ اهي ضميري بناوٽن مان پيدا ٿيل آهن. انهن ۾ اهڙيون صفتون جيڪي جملن ۾ ضمير بدران استعمال ٿين انهن جو ذڪر نہ ڪنداسون. مثلاً: **فلاڻوَ، هِڪِڙو، ٻِئوَ، سَڃوَ**. ڇاڪاڻ جو انهن جي بناوٽ باقاعدي صفتن جهڙي آهي.

## 1) Indefinite pronominal adjective

### مبهم ضميري صفت

هت اسان ضميري صفت **سَڀُ** جو ذڪر ڪنداسون، جنهن جي زور ڀرائيندڙ صورت **سَيوَئِي** آهي، ۽ مرڪب **سَيَڪوَ، مِڙيوَئِي** يا **مِڙوَئِي**.

i) **ضميري صفت- سَڀُ:**

اها سنسڪرت جي **سَرَوَ** مان نهيل آهي. پراڪرت ۾ **سَوَّ**؛ هندستانيءَ ۾ **سَبُ** (مراٺي ۾ **سَرَوَ**) سنڌي ۾ ب وسرڳجي ٿي، ڇاڪاڻ جو ر جي ڇانٽي ٿي وڃي ٿي. (پنجابيءَ ۾ بہ **سَڀ**؛ تفصيل لاءِ ڏسو تعارف نمبر 15، B، C)

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | سَڀُ؛ سَڀَ (مونث) |
| تشڪيلي صورت | سَڀَ |
| اضافت | سَڀَ جوَ |

| | |
|---|---|
| مفعولي ثاني | سَپَ کي |
| مفعولي | سَپَ کي؛ سَپُ؛ سَپَ |
| اپادان | سَپَ کان |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | سَپِ |
| تشڪيلي صورت | سَپَنِ؛ سَپِنِ؛ سَپِنِنِ؛ سَپين |
| اضافت | سَپَنِ جو |
| مفعولي ثاني | سَپَنِ کي |
| مفعولي | سَپَنِ کي، سَپِ |
| اپادان | سَپَنِئان؛ سَپِئان؛ سَپَنِ گان |

فاعلي جمع ۾ ڪجھ جڳھين تي **سَپِ** بدران **سَپي** جي لکيل صورت ملي ٿي. تشڪيلي صورت جمع ۾ **سَپَنِ** بدران **سَپين** بہ استعمال ٿيندي آهي ۽ اهو تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن تشڪيلي صورت جي بلڪل پويان اسم موجود هجي. مثال:

- عُمَرِ سَپَ عَبَثُ وَقتَ وِڃَايَمِ پَانَهَن جَا (شاهہ سريراڳ، V پڇاڙي)
- اَللهُ اَنَ پِرِينءَ جَا سَپي ڪَاڄَ سَرَنِ (مج 688)
- وِيئَا پَڙهَنِ پِرَتِ سين نِتُ تِمَايوَ نيڻ
  جَلدَ سُونَهَارَا سَپين پِرِين پِئَا مُصَحَفَ موَچَارَا. (مج 141، 140)
- سَائِينءَ جوَ سَوَڳَندُ جوَ سَاجَنُ سَپِئَان سُهَڻوَ (شاهہ بروو سنڌي II-6)

ii) **ضميري صفت- سَپوَئِي:**

ان صفت ۾ ڦيرو بي قاعده ٿيندو آهي.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | سَپوَئِي؛ سَپَائِي (مونث) |
| تشڪيلي صورت | سَپيئِيَ؛ سَپَائِيَ (مونث) |

| حالت | جمع |
|---|---|

| | |
|---|---|
| فاعلي | سپيئِي يا سَپَئِي |
| تشڪيلي صورت | سَپِني يا سَپِنين |
| اپادان | سَپِنائِي يا سَپِنائِنئي |

- آءُ پُنَهُون پيهي وِئَڙا سُورَ سَپيئِي (شاهه، ديسي II پڄاڻي).
- سَپِنِي جي سَيّدُ چَوِي آهي اُتِ اَمَانَ (شاهه، آبري V، 6)
- توَڏِي کي تَعَظِيمَ بِيُنِ سَپِنائِني اَگِرِي (شاهه، سهڻي III، 9)

iii) **ضميري صفت- سَيُڪوَ:**

ان مرڪب ضميري صفت ۾ ڦيرو هيٺ ڏنل طريقي سان ايندو آهي.

| **حالت** | **واحد** |
|---|---|
| فاعلي | سَيُڪوَ: سَيَڪَا (مونث) |
| تشڪيلي صورت | سَيَڪَنِهن |

| **حالت** | **جمع** |
|---|---|
| فاعلي | سَيَڪي |
| تشڪيلي صورت | سَيَڪَنِ |

ان ضمير جي بي جنس صورت **سَيُڪِي** آهي، جڏهن تہ زور ڀرائيندڙ (emphatic) صورت **سَيُڪوَئِي** آهي.

- سَانَوَڻِ گهڙي سَيَڪَا هِيءَ سَرَهِي سِيَارِي (شاهه، سهڻي III، 17)
- اَڄَان وِيلهَ سَيَڪَنهين وَڄَان وَاجهَائي (شاهه، بروو سنڌي II، 7)
- پِي پِيَالوَ عِشقَ جوَ سَيُڪِي سَمَجهوَسُون (شاهه، ڪلياڻ، II پڄاڻي).

iv) **ضميري صفت- مِڙيوَئِي:**

ان ضميري صفت ۾ **سَپوَئِي** وانگر ڦيرو ايندو آهي.

| **حالت** | **واحد** |
|---|---|
| فاعلي | مِڙيوَئِي يا مِڙوَئِي: مِڙيَائِي (مونث) |
| تشڪيلي صورت | مِڙيِيئِي يا مِڙيئِي: مِڙيَائِي |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | مِڙيئِي يا مِڙيئِي؛ مِڙئِي (لاڙ ۾) |
| تشڪيلي صورت | مِڙني؛ مِڙيَني |
| اپادان | مِڙنِئان، مِڙني کان |

- مِڙيوَئِي چَگو وَڻُ چَگو ڦَلُ ڏِئي (17، 7 ميٽيو).
- جِئَڻُ ناهي جَڳَ ۾ ڏِينَهَہ مِڙيئِي ڏُون (شاهہ ڪلياڻ II پڃاڻي).
- مِڙنِئُون موَڪَلَ ڪَالَهہ ڪَنَدَا وِئَا ڪَاپَڙِي (شاهہ رامڪلي VII پڃاڻي)

حالت مکاني واحد مذکر **مڙيئي** تشکيلي طرح تمام گھڻو استعمال ٿيندو آهي، پر ان ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي تہ حالت مکانيءَ وارو **مڙيئِي** هميشہ ان اسم جي پويان ايندو، جنهن تي سجو زور هجي. مثال:

- لَڳَوَ ڪوَسوَ وَاءُ لوڪُ مِڙيئي لَهَسِئوَ (شاهہ آبري I، II)
- رَائوَ مِڙيئِي رَتَ سَان ڪَارَڻِ ڪَانَڌَ ڪَکوَرِ (شاهہ آبري VIII، 8)
- جَاڃِڪَ توَ مَٿَاءُ مِلِڪَ مِڙيئي گهوَرِيَان (شاهہ سورٺ IV، 10)

## 2) Correlative Adjectives

### هم نسبتي صفت

سنڌيءَ ۾ ضميري بنيادن مان هم نسبتي صفتون ناهڻ لاءِ بي شمار طريقا ملن ٿا.

الف) **مقدار** (quantity) ٻڌائيندڙ ضميري صفتن ناهڻ لاءِ اصلوڪن سنسڪرت- پراڪرت يا ٻين اهڙين بنيادن ۾ صفاتي پڇاڙي **روَ** کي ڳنڍڻ سان ضميري صفت ٺهندي آهي. مثال **ڪيترِوَ** (سنسڪرت **ڪِيَتَ**: پراڪرت **ڪيتِئہ**). اهڙو ئي ساڳيو نمونو هندستانيءَ ۾ ۽ جاتل لهجن ۾ بہ ملي ٿو. مثال: **ڪِتَا** يا **ڪِتِئَا**: پنجابي: **ڪِتنَا**: مراٺي **ڪِتِي** يا جوڙ **ڪ** سان **ڪِتِيڪ**: گجراتي: **ڪيتلوَ** ۽ بنگالي ۾ **ڪَتَ**.

ب) **قد** يا **حجم** (size) جي نشاندهي ڪندڙ ضميري صفتون لاڳاپيل ضميري بنيادن ۾ پڇاڙي **ڏوَ** ڳنڍڻ ذريعي ناهيون ويندون آهن. مثال: **ڪيڏوَ**. اها پڇاڙي حقيقت ۾ صفاتي جوڙ نہ آهي، بلڪ پاڻ هڪ صفت آهي. **وَڏوَ** جنهن جو پهريون پد ان بناوت مان **ف** خارج ڪيو ويو آهي. ان جو واضح ثبوت مراٺيءَ ۾ ملي ٿو. جيئن **ڪي وَڍَا** (يعني ڪيترو وڏو) ۽ گجراتي ۾ **ڪيوَڏوَ**. (پنجابي ۾ اهو سنڌي وانگر **ڪيڊَا** آهي).

انهن سيني ضميري صفتن ۾ تصغير يا ننڍي ڪرڻ جي معنيٰ لاءِ جوڙ **ڙو** لڳائي سگهجي ٿو. مثال: **ڪيڏِڙوَ**.

پ) قسم (kind) بيان ڪندڙ ضميري صفتون اهي ضميري بنيادن هر هڪ **ڪيهَا**، **جيهَان**، **تيهَا**، **اِيهَا**، **اُهَا** (هُئَا) ۾ جوڙ **ڙوَ** جي اضافي ذريعي ٺهن ٿيون؛ جنهن صورت ۾ ضميري بنياد جو ڏگهو سر ننڍو ڪيو وڃي ٿو. مثال: **ڪِهِڙوَ** معنيٰ 'ڪهڙي قسم جو' يا 'ڪهڙي طريقي جو'.

اهي ٽن قسمن جون صفتون جيڪي ضميري بنيادن مان نهنديون آهن، اهي آهن هر هڪ: **اِي يا هي**، **اوَ** (اوَ) ۽ **هوَ**: ۽ ضمير موصول جي بنياد **جوَ** (جي) مان ۽ جواب موصول **سوَ** (**تي**) ۽ سواليہ **ڪي** مان. انهن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هيٺ چارٽ ڏجي ٿو.

| بنياد | مقدار/ تعداد | قد يا حجم (Size) | قسم |
|---|---|---|---|
| اِي | اِيتِروَ | اِيڏوَ- اِيڏِڙوَ | اِهَڙوَ |
| هي | هيتِروَ | هيڏوَ- هيڏِڙوَ | هِئَڙوَ |
| اوَ | اوَتِروَ | اوَڏوَ- اوَڏِڙوَ | اُهَڙوَ |
| هوَ | هوَتِروَ | هوَڏوَ- هوَڏِڙوَ | هُئَڙوَ |
| جوَ (جي) | جيتِروَ | جيڏوَ- جيڏِڙو | جِهَڙوَ |
| سوَ (تي) | تيتِروَ | تيڏوَ- تيڏِڙوَ | تِهَڙوَ |
| ڪي | ڪيتِرو[1] | ڪيڏوَ- ڪيڏِڙوَ | ڪِهَڙوَ |

اهي سيئي موصول واريون صفتون باقاعده ڦيرو ڪائينديون آهن، جنهن جو دارومدار انهن جي لاڳاپيل پچاڙين تي هوندو آهي (مذڪر ۽ مونث).

[1] **ڪيتِروَ** کي سواليہ ضميري صفت **ڪَنئُوَن** کان الڳ سمجهڻ گهرجي جيڪو سنسڪرت ڪَيَتَم مان نڪتو آهي. ان لفظ جي بنياد ۽ جوڙ جڪ لاءِ ڏسو تعارف نمبر 9.

**نمبر - 39**

## IX- PRONOMINAL SUFFIXES

**(attached to nouns and postposition)**

## ضميري پچاڙيون

**(اسمن ۽ حروف جر سان لڳندڙ)**

خالص ۽ اضافتي ضميرن جي گرداني حالت بدران سنڌيءَ ۾ پچاڙين جو استعمال تمام گهڻو ڪيو ويندو آهي، جيڪي اسم، حرف جر (ظرف) ۽ فعل ۾ جوڙ طور استعمال ٿين ٿيون. انهن پچاڙين جو استعمال سنڌيءَ جي هڪ خاصيت آهي، جيڪا ان کي هندستان جي پينر ٻولين جي ڀيٽ ۾ هڪ خاص درجو ڏئي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ٻين ٻولين ۾ ضميري پچاڙيون موجود ئي نہ آهن، پر ساڳئي وقت انهن پچاڙين جي استعمال سبب ٻوليءَ ۾ جملا ڻاهڻ جو عمل ايترو تہ مشڪل ٿيو وڃي جو نئون ماڻهو هن کي سمجهڻ ۾

ڏڪيائي محسوس ڪندو آهي. ان حوالي سان سنڌيءَ جو پشتو ۽ فارسي ٻولين سان هڪجهڙائي وارو رشتو آهي، ڇو ته اهي ٻوليون هندستان ۽ ايران جي وچ ۾ لاڳاپي جون اهم ڪڙيون آهن.

هتي اسان اسم ۽ حرف جر ۾ پڇاڙين جي لڳائڻ جو طريقو بيان ڪنداسون. فعلي پڇاڙين جو ذڪر مناسب جڳهه تي ڪيو ويندو.

اسم ۽ ظرف ۾ لڳندڙ ضميري پڇاڙيون هن ريت آهن:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم- | مِ | اوُن يا هُون |
| ضمير غائب- | سِ | نِ ۽ نَ |

ضمير متڪلم واحد **مِ** پراڪرت اضافتي واحد **مي** جي برابر آهي: فارسي پڇاڙي **اَم** آهي جڏهن ته پشتو ۾ سنڌي وانگر **مِ** آهي. ضمير حاضر واحد جي پڇاڙي ءِ سنسڪرت اضافتي واحد **تي** مان ڦٽي نڪتي آهي ۽ سنڌي ۾ **ت** حذف ٿي وئي آهي، جيڪو عمل پراڪرت قاعدي موجب ٿيندو آهي (ڏسو تعارف نمبر 7). فارسيءَ ۾ آخري **اِي** حذف ٿيندي آهي. (**اَت**) جڏهن ته پشتو ان ضمير جي اصلي صورت قائم رکي آهي. فقط ان فرق سان ته tenuis **بدلجي** media يعني **د** ٿيو وڃي.

ضمير غائب واحد جي پڇاڙي **سِ** جو تعلق پراڪرت اضافتي **سي** (جيڪو **اَسّيَہ** مان نڪتو آهي) سان آهي. فارسيءَ ۾ اهو **اَش** آهي. جڏهن ته پشتو ۾ **س** کي **ھ** ۾ (زند ۾ **هي**) بدلائي ۾ بدلائي پوءِ مڪمل طور حذف ڪيو ويو آهي = **ئي**.

ضمير متڪلم جمع جون پڇاڙيون **اُون** يا **هُون** فقط حرف جر تي لڳنديون آهن ۽ ضمير متڪلم جمع جي ڪا به پڇاڙي اسم سان نه لڳندي آهي. اها پراڪرت اضافتي جمع **اَمّهو** جي تصغيري يا ننڍي ٿيل صورت آهي. ان جي فارسي صورت **مَا** آهي ۽ پشتو ۾ **مُو** يا **اَمُ** آهي.

ضمير حاضر جمع جي پڇاڙي وَ سنسڪرت پراڪرت اضافتي جمع وو مان نڪتل آهي. فارسيءَ ۾ اُها **شُما** آهي (جنهن مان سنسڪرت اضافتي جمع **يُشمَا ڪمَ** ڏانهن اشارو ٿو لڳي). جڏهن ته پشتو ۾ اهو **مُو** آهي.

ضمير غائب جمع جي پڇاڙي **نِ** يا **نَ** بظاهر هڪ پراڻي ضميري بنياد **نَ** مان نڪتل آهي، جيڪا پالِيءَ ۾ **سو** جي جاءِ تي متبادل طور ايندي آهي: ان جي پراڪرت اضافتي جمع صورت **ٽيهمَ** ٿيندي (ٻيٽ لاءِ ليسن صفحو 325، VI, Var، 4). جڏهن ته ننڍيو ٿيل **نَ** يا **نِ ٿَانَ** مان نڪتل ٿي سگهن ٿا.

اهي پڇاڙيون پنهنجي اشتقاق جي حوالي سان جڏهن اسم سان ڳنڍجن ٿيون ته اهي اضافتي ضمير جي جڳهه ٻڌائين ٿيون، پر جڏهن اهي ظرف يا حرف جر سان گڏ هجن ته ان صورت ۾ اهي ڪنهن به ڦرندڙ خالص ضمير جي جاءِ وٺي سگهن ٿيون. جيتوڻيڪ اهي پڇاڙيون اسم سان ئي سجاتيون وڃن ٿيون، پر اهي فعل سان فعلي جوڙ طور به لڳي سگهن ٿيون، جيئن اسان اڳتي هلي سمجهاڻي ڏينداسون.

نمبر - 40

# I- PRONOMINAL SUFFIXES (attached to nouns)

# اسمن سان لڳل ضميري پڇاڙيون

جڏهن اسم ۾ ڪا پڇاڙي لڳندي آهي ته ڪجهه حالتن ۾ ان جي آخري سُر ۾ تبديلي ايندي آهي. ان ڳالهه جو ڌيان رکڻ ضروري آهي ته اسم ۾ پڇاڙيون بي قاعدي نه لڳايون وينديون آهن ۽ گهڻو ڪري ڪنهن ماڻهوءَ جي حوالي سان استعمال ٿينديون آهن.

**فاعلي واحد صورت ۾:**

1) **اُ** تي ختم ٿيندڙ اسمن ۾ پڇاڙي لڳڻ جي ڪري ڪابه تبديلي نه ايندي آهي.

2) **اوَ** تي ختم ٿيندڙ اسم گهڻو ڪري ان کي ننڍو ڪندي **اُ** ۾ تبديل ڪندا آهن، پر ڪن جاين تي **اوَ** برقرار به رهندو آهي.

3) **اِي** تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ ان کي **يُ** يا **يَ** ۾ تبديل ڪندا آهن.

4) **اِي** تي ختم ٿيندڙ مونث اسم ان کي **يَا** ۽ ننڍو ڪري **اِ** ۾ تبديل ڪندا آهن.

5) **اِي** (اِ) تي ختم ٿيندڙ اسمن ۾ ڪابه تبديلي نه ايندي آهي.

**تشڪيلي صورت واحد:**

هن ۾ پڇاڙيون آخري سُر تي لڳي انهن ۾ ڪا تبديلي آڻينديون آهن. سواءِ **اوَ** تي ختم ٿيندڙ اسمن جي جيڪي تشڪيلي صورت واحد پڇاڙين کان اڳ **اَ** ۾ ختم ٿيندا هجن ۽ نه ڪي **اِي** ۾.

**فاعلي جمع:**

هن ۾ آخري ڊگهو سر ننڍو ڪيو ويندو آهي ۽ آخري انوسوار **ن** پڇاڙيءَ کان اڳ حذف ڪيو ويندو آهي؛ پر مذڪر اسمن ۾ آخري **اِي** کي **يَا** (يء) ۾ بدلايو ويندو آهي (جيئن فاعلي واحد ۾ ٿيندو آهي).

**تشڪيلي صورت جمع:**

هن ۾ پڇاڙيون آخري **نِ** ۾ بنان ڪنهن تبديليءَ جي لڳنديون آهن.

**اُو** (**اُون**) ۽ آ تي ختم ٿيندڙ اسمن ۾ پڇاڙي ورلي ڪو نظر ايندي آهي، جڏهن ته **آ** تي ختم ٿيندڙ ڪجهه اسمن ۾ ائين ٿيندو آهي. خاص ڪري شاعريءَ ۾ ڌنو وجي ته سراسري طرح پڇاڙيون گهٽي ياڳي اهڙن اسمن ۾ لڳنديون آهن، جيڪي **اُ** ۽ **اوَ** تي ختم ٿيندا آهن ۽ ڪجهه صورتن ۾ **اِي** (مذڪر ۽ مونث) ۽ **اِي** ۾ لڳنديون آهن.

هيٺ ڏنل مثالن مان پڇاڙين جي اسمن ۾ لڳڻ کي آسانيءَ سان سمجهائي سگهجي ٿو.

1) **اُ تي ختم ٿيندڙ اسمَ (مذڪر)**

فاعلي واحد- **نيڻُ**؛ تشڪيلي صورت (تنهنجي اک) **نيڻَ**

**واحد**

| فاعلي | تشڪيلي صورت |
|---|---|
| ضمير متڪلم- نيڻُمِ (منهنجي اک) | نيڻَمِ، نيڻَهِمِ |
| ضمير حاضر- ٽيڻِيءِ (تنهنجي اک) | نيڻَئي، نيڻَهِ |
| ضمير غائب- نيڻُسِ (هن جي اک) | نيڻَسِ، نيڻَهسِ |

**جمع**

| | |
|---|---|
| ضمير حاضر- نيڻَوَ (توهان جي اک) | نيڻَوَ، نيڻَهِوَ |
| نِيڻَنِ (هنن جي اک) | نيڻَنِ، نيڻَهِنِ |

تشڪيلي صورت واحد ۾ مِ بندران **هِمِ** بہ ڪتب ايندو آهي. ساڳي ريت **سي** بدران **هِسِ** بہ استعمال ٿيندو آهي. مثال: **نيڻَهِسِ**، تشڪيلي صورت جمع ۾ زمان حاضر جي پڇاڙي **اِي** کي تشڪيلي طرح پڇاڙي **ني** جو آخري سر سان چوٽو ڪري لڳايو ويندو آهي. ۽ ڪڏهن تہ ان کي **اِي** يا **هي** جي صورت ڏئي وچوٽيءَ کان بچايو ويندو آهي. مثال: **نيڻَني**، **نيڻَنِي** ۽ **نيڻَنِهِ**.

شاعري ۾ پڇاڙيءَ کان اڳ آخري **اُ** کي اڪثر ڪري ڊگهو ڪندي **اوَ** وانگر اچاريون ويندو آهي. ساڳيءَ ريت آخري **اَ** کي بہ وزن بحر جي مناسبت سان ڊگهو ڪيو ويندو آهي. مثال: **نيڻَانَ** (**نيڻَنَ** جي بدران)

**واحد**

| فاعلي | | تشڪيلي صورت |
|---|---|---|
| متڪلم- نيڻَمِ | (منهنجون اکيون) | نيڻَنِمِ |
| حاضر- نيڻَئي | (تنهنجون اکيون) | نيڻَني |
| غائب- نيڻَسِ | (هن جون اکيون) | نيڻَنِسِ |

**جمع**

حاضر- نيٺوَ (توهان جون اکيون)   نيٺِنوَ

غائب- نيٺنِ (هنن جون اکيون)   نيٺِنِ

ان قسم جا ڪجهه اسم جيڪي تشڪيلي صورت واحد ۾ آخري اُ کي نتا بدلائين انهن ۾ پڇاڙي لڳڻ جو عمل ڪجهه بي قاعدي ٿيندو آهي. اِهي آهن پيءُ، ڀاءُ، ماءُ، ڌيءُ، نُهُه.

**واحد پيءُ (فاعلي ۽ تشڪيلي)**

**واحد**

ضمير متڪلم   پئُمِ، پئامِ، پِٽُهَمِ، پِٽُهِمِ (منهنجو پيءُ)

ضمير حاضر   پيءُ، پئاءِ، پِٽُهي (تنهنجو پيءُ)

ضمير غائب   پئُسِ، پئاسِ، پِٽُهَسِ (هن جو پيءُ)

**فاعلي پئَر، تشڪيلي پئرن: يا پيئن**

**جمع**

ضمير حاضر   پئُوَ، پئاوَ، پِٽُهَوَ (توهان جو پيءُ)

زمان غائب   پئُنَ، پِٽُهُنِ (هنن جو پيءُ)

**واحد**

ضمير متڪلم: پئُرَمِ   پئُرَنمِ، پئُنمِ (منهنجا پيءُ)

ضمير حاضر: پئُرَئِ   پئُنِي (تنهن جا پيءُ)

ضمير غائب: پئُرَسِ   پئُنِسِ (هن جا پيءُ)

**جمع**

ضمير حاضر: پئُرَوَ   پئُنِوَ (توهان جا پيءُ)

ضمير غائب: پئُرَنَ   پئُنِنِ (هنن جا پيءُ)

**ڀاءُ (فاعلي ۽ تشڪيلي)**

**واحد**

ضمير متڪلم   ڀائُمِ، ڀامِ، ڀاٽُمِ، ڀاٽِمِ (منهنجو ڀاءُ)

ضمير حاضر   ڀاءِ، ڀاٽي (تنهنجو ڀاءُ)

ضمير غائب يَاسِ، يَاٹُسِ (هن جو ياءُ)

**جمع**

ضمير حاضر: يَائُوَ، يَاٹُوَ (توهان جو ياءُ)

ضمير غائب: يَائُنَ. (هنن جو ياءُ)

فاعلي- **يائُرَ**، تشكيلي- **صورت: يَائُرَنِ، يَائُنِ.**

**جمع**

زمان متكلم: يَائُرَمِ يَائُرَنِمِ، يَائُنِمِ (منهنجا يائرَ)

**مَاءُ** (فاعلي ۽ تشكيلي)

**واحد**

ضمير متكلم: مَائُمِ، مَامِ، مَاٹُهِمِ (منهنجي ماءُ)

ضمير حاضر: مَاءِ، مَاٹي (تنهنجي ماءُ)

ضمير غائب: مَائُسِ، مَاسِ، مَاٹُسِ، مَاٹِسِ (هن جي ماءُ)

ضمير حاضر: مَاوَ، مَاٹُوَ (توهان جي ماءُ)

ضمير غائب: مَانِ، مَاٹُنِ (هنن جي ماءُ)

**جمع- فاعلي: مَائُرَ، تشكيلي صورت: مَائُنِ**

ضمير متكلم: (فاعلي) مَائُرَمِ، تشكيلي: مَائُنِمِ (منهنجون مائون)

**واحد ڏِيءُ (ڏِيءَ) فاعلي ۽ تشكيلي**

**واحد**

ضمير متكلم: ڏِئُمِ، ڏِئَمِ، ڏِيٹَمِ، ڏِٹِمِ (منهنجي ڏيءَ)

ضمير حاضر: ڏِيِءَ، ڏِيٹي (تنهنجي ڏيءَ)

ضمير غائب: ڏِئُسِ، ڏِئَسِ، ڏِيٹُسِ (هن جي ڏيءُ)

**جمع- فاعلي ڏئرُ، تشكيلي: ڏِئُنِ**

ضمير متكلم: فاعلي- ڏِئَرُمِ؛ تشكيلي: ڏِئُنِمِ (منهنجون ڏيئون)

**نُهُ** (۽ **نُهَ**) ( = نُنهَن)

واحد: فاعلي ۽ تشڪيلي: **نُھُ**

**واحد**

ضمير متڪلم: نُھُمِ، نُھَمِ، نُھِٽَمِ، نُھِٽِمِ (منهنجي ننهن)

ضمير حاضر: نُھِٽِيِ، نُھيِ، نُھِٽي (تنهنجي ننهن)

ضمير غائب: نُھَسِ، نُھَسِ، نُھِٽِسِ (هن جي ننهن)

**جمع**

ضمير حاضر: نُھُوَ (توهان جي ننهن)

ضمير غائب: نُھُنِ، نُھَنِ (هنن جي ننهن)

## فاعلي- نُھَرُ: تشڪيلي- نُھُنِ (جمع)

ضمير متڪلم: نُھَرُمِ: تشڪيلي: نُھُنِمِ وغيره (منهنجو نهرون)

**اهڙا اسم جن ۾ پڇاڙيون لڳل هجن، انهن جي آخر ۾ حرف جر جو اضافو ٿي سگهي ٿو: اهڙي صورت ۾ پڇاڙيون اسم جي تشڪيلي صورت ۾ لڳنديون آهن.**

- **مَاڙھُنِ ڇَيوَ مَاٽُسِ ڪي تَہ ٿُون پَاڻَ پُڇِينَسِ** (مج 42)
- **اُھوَ پٽ ۽ بَنِ پَوِي جوَ يَاٽِمِ جوَ سِرُ وَڍِي** (راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي صفحو 1)
- **اَمَڙِ ڪُھِ ڳَھَروَ ۽ مُونَھَان وَجي سَاٽَڙوَ** (شاھ، حسيني II، 7)
- **جھوَلَ نَہ جھَلِي سُھِٽِي سَائِرَ سَٺَ سَنَدِيَاسِ**<br>**جَنَھِن اِھَڙِي جَائِي عَاجِزَان سَا مَرُ مَرَڪي مَاسِ**<br>**پَسين جي پِئَاسِ تہ ڪِي عِشَقُ آٽئين** (شاھ، سھٽي III، 13)
- **ماٽِسِ ۽ پائرنِسِ ٻَاھَرِ ٻِيھُي سَاٽُسِ ڳَالھَائِڻُ ڳَھُريوَ** (46، 12 ميٿيو)
- **وِھَان جَان مَاٺِ ڪَرِي وِسَارِي وِيٺَانِ**<br>**ٿَان وَارِيَ جِيئَن وَجي ھِنئوَن ڪٽِڪِئوَ ڪيٽَان** (مج 680، 679)
- **اَجُ تہ ڳَالھَائوَنَ ھُوَنِ ڏِينَھاڙِي نِجھِرِي** (شاھ، مومل راڻو V، 12)

### 2) اوَ تي ختم ٿيندڙ اسم:

**اوَ تي ختم ٿيندڙ اسم جو پڇاڙين لڳڻ جي حوالي سان اُ تي ختم ٿيندڙ اسمن سان ڪو خاص فرق نہ آهي. انهن ۾ تشڪيلي طرح آخري اوَ ڪي اُ ۾ ننڍو ڪيو ويندو آهي، پر فاعلي واحد ۾ اهي پنهنجي**

---

[1] سِرِي جي علائقي ۾ عام صورت واحد ۾ اڪثر ڪري اض بدران اِ استعمال ڪندي ان ڪي مَتِمِ لکبو آهي.

[2] شاعري ۾ ڊگها سر برقرار رکي سگهبا آهن، جيئن مَتو ۽ مَٿانَ

ساڳي صورت ۾ رهي سگهن ٿا (خاص ڪري شاعريءَ ۾). تشڪيلي صورت واحد اِ بجاءِ سدائين ا تي ختم ٿيندي آهي. فاعلي جمع ۾ پڇاڙي ڪان اڳ ا ۾ ننڍو ٿيڻ بدران آ قائم رهندو آهي.

**مَتوَ (واحد)**

**واحد**

| فاعلي | تشڪيلي |
|---|---|
| مَتوَ | مَتي= مَتَ |
| ضمير متڪلم: مَتُمِ | مَتمِ[1] مَتهِمِ |
| ضمير حاضر: مَتُءِ[2] | مَتَءِ، مَتهِ |
| ضمير غائب: مَتُسِ | مَتَسِ، مَتهسِ، متهِنَسِ |

**جمع**

| | |
|---|---|
| ضمير حاضر: متو | مَتوَ، مَتِوِ |
| ضمير غائب: متن | مَتَنِ، مَتهِنِ |

**متا (جمع) فاعلي- متا، تشڪيلي- متن:**

**واحد**

| فاعلي | تشڪيلي |
|---|---|
| ضمير متڪلم: مَتَمِ | مَتَنِمِ |
| ضمير حاضر: مَتَءِ | مَتَنِي، مَتَنِهِ |
| ضمير غائب: مَتَسِ | مَتَنِسِ |

**جمع**

| | |
|---|---|
| ضمير حاضر: مَتَوَ | مَتَنِوَ |
| ضمير غائب: مَتَنِ | مَتَنِنِ |

- ڪيرُ آهِين ڪِتَان هَلين ڪُڄاڙوَ ٽالوءِ (مج 167)
- جِتي نَظُرَ ٽاٽَ جوَ اُتي اوٽارَانَ
- اُهي اُهُنجَاتَان لڪَا پُٽَنِ لوَڪَ ۾ (شاهه، رامڪلي II، 9)

**3) اِي تي ختم ٿيندڙ اسم (مذڪر):**

**اِي** **تي** **ختم** ٿيندڙ (مذڪر) اسم پڇاڙي لڳڻ کان اڳ سر کي گُهٽو ڪري **يا** ۾ ڪڏهن **يُ** ۾ مٽائيندا آهن. تشڪيلي صورت واحد ۾ **اِي** **کي** هميشه **يا** ۾ تبديل ڪبو آهي. فاعلي جمع ۾ به ائين ئي ڪيو ويندو آهي. تنهنڪري اسم کي فاعلي يا تشڪيلي صورت واحد ۾ فاعلي جمع ۾ رکڻ جو دارومدار جملي جي بيهڪ موجب ٿيندو.

شاعريءَ ۾ پڇاڙي لڳڻ کان اڳ ايندڙ ننڍو سر ڊگهو ڪيو ويندو آهي. مثال: **ڏُٽِياس.** (**ڏُٽِيس** بدران).

**فاعلي- ڏُٽِي- تشڪيلي صورت: ڏُٽِيَ:**

| **فاعلي** | **تشڪيلي صورت** |
|---|---|
| ضمير متڪلم: ڏُٽِيَمِ: ڏُٽِيُمِ (منهنجو ڏٽي) | ڏُٽِيَمِ |
| ضمير حاضر: ڏُٽِيَئِي، ڏُٽِيُئِہ (تنهنجو ڏٽي) | ڏُٽِيَئِہ، ڏُٽِيَهِ |
| ضمير غائب: ڏُٽِيَسِ، ڏُٽِيُسِ (هن جو ڏٽي) | ڏُٽِيَسِ |
| **جمع** | |
| ضمير حاضر: ڏُٽِيَوَ، ڏُٽِيُوَ (توهان جو ڏٽي) | ڏُٽِيَوَ |
| ضمير غائب: ڏُٽِيَنِ، ڏُٽِيُنِ (هنن جو ڏٽي) | ڏُٽِيَنِ |

**جمع**

**فاعلي- ڏُٽِي، تشڪيلي صورت ڏُٽِيُنِ**

| **فاعلي** | **تشڪيلي** صورت |
|---|---|
| **واحد** | |
| ضمير متڪلم: ڏُٽِيَمِ | ڏُٽِيُنِمِ |
| ضمير حاضر: ڏُٽِيَئِہ | ڏُٽِيُنِي، ڏُٽِيُنِهِ |
| ضمير غائب: ڏُٽِيَسِ | ڏُٽِيُنِسِ |
| **جمع** | |
| ضمير حاضر: ڏُٽِيَوَ | ڏُٽِيُنِوَ |
| ضمير غائب: ڏُٽِيَنِ | ڏُٽِيُنِنِ |

- وِيرِوَ تَارَ وُجُودَ ۾ پِرِيَمِ جِي پَچَارَ (شاهه، سهڻي IV، 7)
- ڏُٽِيَمِ ڪَرِمَ ڏَارَ پَاڙوَ تَنِ پِرِيَنِ کان (شاهه، بروو III، 5)

❖ جيڏان سَڏَرُ سُڳَڙِيَاسِ تيڏان وَهي وَه سَامهُون (شاهه، سريراڳ III، 6)

4) **اِي تي ختم ٿيندڙ اسم (مونث):**

اهي اسم پڇاڙي لڳڻ کان اڳ واري **اِي** کي ڇوٽو ڪري **اِ** يا انکي **يا** ۾ تبديل ڪندا آهن. صفت ۽ اسم جيڪي **اِي** تي ختم ٿيندا هجن تہ اهي بہ ان کي **يا** ۾ تبديل ڪندا آهن. پڇاڙين کان اڳ فاعلي جمع ۾ **اُون** کي **اوُ** ۾ نديو ڪري آخري انوسوار خارج ڪيو ويندو آهي.

**واحد**

**فاعلي: ٻَائِي؛ تشڪيلي صورت: ٻَائِيَ (ٻائيءَ)**

| فاعلي | تشڪيلي صورت |
|---|---|
| ضمير متڪلم: ٻَائِمِ، ٻَايَمِ (منهنجي ٻائي) | ٻَايَمِ |
| ضمير حاضر: ٻَايِي، ٻَائِيِہ (تنهنجي ٻائي) | ٻائيِہ |
| ضمير غائب: ٻَائِسِ، ٻايَسِ (هن جي ٻائي) | ٻَايَسِ |
| **جمع** | |
| ضمير حاضر: ٻَائِوَ، ٻَايَوَ (توهان جي ٻائي) | ٻَايَوَ |
| ضمير غائب: ٻَائِنِ، ٻَايَنِ (هنن جي ٻائي) | ٻَايَنِ |

**جمع**

**فاعلي: ٻَايُون؛ تشڪيلي صورت: ٻَايُنِ**

| فاعلي | تشڪيلي صورت |
|---|---|
| **واحد** | |
| ضمير متڪلم: ٻَايُمِ (منهنجون ٻايون) | ٻَايُنمِ |
| ضمير حاضر: ٻَايُئِہ (تنهنجون ٻايون) | ٻَايُنِي |
| ضمير غائب: ٻَايُسِ (هنن جون ٻايون) | ٻَايُنسِ |
| **جمع** | |
| ضمير حاضر: ٻَايُوَ (توهان جون ٻايون) | ٻَايُنوَ |

ضمير غائب: ٻَاٻُنِ (هنن جون ٻيون)            ٻَاٻُنِ

شاعريءَ ۾ آخري **اِي** ڪن صورتن ۾ **يا** ۾ نہ بدلبي آهي ۽ رڳو **ا** ۾ بدلجندي آهي. مثال:

- جيڪا پُڄَنْدَمِ سَا. (شاهہ، ڪيڏارو IV، 9)

**لفظ ٻُڪِّي** جي باقاعدي صورتن کان علاوہ ٻيون صورتون بہ ٿين ٿيون. مثال: **ٻُڪِّٽَمِ** يا **ٻُڪِّٽِمِ**.

- چوڏهينءَ مَاهَہ چَنْدَ جِنءَ پِڙَ ۾ پَاڳِڙِيَاسِ (شاهہ، ڪيڏارو V، 1)
- ڪوَنِي ڪَنْهِن نہ پُڇِيَا اَنْدَرِ اَنْدوَهِيَانَ (شاهہ، رامڪلي VI، 4)

**5) اِي تي ختم ٿيندڙ اسم (مونث):**

پڇاڙي لڳڻ کان اڳ اهي اسم ساڳيا رهندا آهن يا آخري **اِي** کي **يا** ۾ تبديل ڪندا آهن (فاعلي ۽ تشڪيلي صورت واحد ۾).

**فاعلي: چوَڪَرِ؛ تشڪيلي صورت: چوَڪَرِ (واحد):**

| فاعلي | تشڪيلي صورت |
|---|---|
| **واحد** | |
| ضمير متڪلم: چوَڪَرِمِ، چوَڪَرِيَمِ | چوَڪَرِمِ، چوَڪَرِيَمِ |
| ضمير حاضر: چوَڪَرِي، چوَڪَرِيَئہ، چوَڪَرِيَهِ | چوَڪَرِي، چوَڪَرِيَئہ، چوَڪَرِيَهِ |
| ضمير غائب: چوَڪَرِسِ، چوَڪَرِيَسِ | چوَڪَرِسِ، چوَڪَرِيَسِ |
| **جمع** | |
| ضمير حاضر: چوَڪَرِوَ، چوَڪَرِيَوَ | چوَڪَرِوَ، چوَڪَرِيَوَ |
| ضمير غائب: چوَڪَرِنِ، چوَڪَرِيَنِ | چوَڪَرِنِ، چوَڪَرِيَنِ |

فاعلي: **چوَڪَرِيوُنِ**؛ تشڪيلي صورت: **چوَڪَرِنِ (جمع)**

| **فاعلي** | **تشڪيلي صورت** |
|---|---|
| **واحد** | |
| ضمير متڪلم: چوَڪَرِيُمِ | چوَڪَرِنمِ |
| ضمير حاضر: چوَڪَرِيُئِ | چوَڪَرِني |
| ضمير غائب: چوَڪَرِيُسِ | چوَڪَرِنسِ |
| **جمع** | |

| | |
|---|---|
| ضمير حاضر: چوَڪَرُيُوَ | چوَڪَرِنوَ |
| ضمير غائب: چوَڪَرُيُنِ | چوَڪَرِنِ |

اساسي اسم **جوَءِ** يا زوءِ پڇاڙيون لڳڻ جي صورت ۾ ڪجھ بي قاعدگيون ڏيکاري ٿو.

**واحد**

| فاعلي | تشڪيلي صورت |
|---|---|
| **واحد** | |
| ضمير متڪلم: جوَئِمِ، جُوَيَمِ، جُوَٽَمِ، جَٽّهَمِ، جوَٽِمِ، جوَٽّهِمِ | جوَئِمِ، جُوَيَمِ، جُوَٽَمِ، جُوَٽّهَمِ، جوَٽِمِ، جوَٽّهِمِ |
| ضمير حاضر: جوَئي، جوَيي، جوَيَيءِ، جوَٽي، جُوَٽّهي | جوَئي، جوَيي، جوَيَيءِ، جوَٽّهي، جُوَٽّهي |
| ضمير غائب: جوَئِسِ، جوَيَسِ، جُوَٽَسِ، جوَٽّهسِ | جوَئِسِ، جوَيَسِ، جُوَٽَسِ، جوَٽّهسِ |
| ضمير حاضر: جوَئوَ، جوَيوَ، جوَٽوَ، جوَٽّهوَ | جوَئوَ، جوَيوَ، جوَٽوَ، جوَٽّهوَ |
| ضمير غائب: جوَئِنِ، جوَٽَنِ، جوَٽّهَنِ | جوَئوَ، جوَيوَ، جوَٽوَ، جوَٽّهوَ، جوَئِنِ، جوَٽَنِ، جوَٽّهَنِ |
| **جمع** | |
| ضمير حاضر: جوَيُمِ | جوَيُنِمِ وغيره وغيره |

- جَڏهين هُو عَدَالَتَ جي گَادِيَ تي وينوَ تڏهين جوَٽَسِ چَوَائي موَڪِليُسِ (ميٿيو 19، 27)

ٻيا اهڙا اسم جيڪي **اُو**، آ، **اَ** تي ختم ٿيندا آهن، انهن ۾ تشڪيلي طرح پڇاڙيون نہ لڳنديون آهن، جيتوڻيڪ هڪ اڌ جڳھ تي انهن ۾ پڇاڙي لڳندي آهي. اهڙي صورت ۾ **اُو** فاعلي صورت ۾ **اَ** ۾ تبديل ٿيندو آهي. جڏهن تہ تشڪيلي صورت ۾ اهو **اُءَ** ٿيندو آهي. آ ۽ **اَ** سر پڇاڙين لڳڻ باوجود برقرار رهندا آهن.

- جي ڪَا جِمَارَان[1] سَا مَنجهِ گوَنَدَرَ گُذرِي (شاھ، رامڪلي III، 4)

**نمبر - 41**

# II- PRONOMINAL SUFFIXES

## (attached to Postpositions and Adverbs)

## ضميري پڇاڙيون

**(حرف جر ۽ ظرف سان ڳنڍجندڙ)**

جن اصولن تحت اسم ۾ ضميري پڇاڙيون لڳنديون آهن، اهي حرف جر ۽ ظرف ۾ لڳندڙ پڇاڙين تي بہ لاڳو ٿيندا آهن. حرف جر ۾ ڪا بہ پڇاڙي لڳي سگهي ٿي، پر تشڪيلي طرح رڳو ضمير غائب واحد ۽ جمع واريون پڇاڙيون ئي لڳنديون ڏسجن ٿيون. البت سنڌيءَ ۾ ان ڳالهہ جي آزادي آهي تہ حرف جر ۾ ڪا پڇاڙي لڳائي وڃي يا وري تشڪيلي صورت ۾ خود ضمير لڳائجي، پوءِ ان ۾ حالت اضافت واري نشاني **جي** سان يا ان ڪان سواءِ بہ لڳائي سگهجي ٿو. مثال: **وَٽِسِ** يا **هُنَ وَٽِ**

**1) حرف جر- سَنْدوَ:**

**لفظ سَنْدوَ** اصل ۾ حرف جر نہ پر صفت آهي تنهنڪري ان ۾ ڦيرو اچي سگهي ٿو. ساڳئي وقت ان ڪي اضافتي حالت جي نشاني **جوَ** بدران بہ استعمال ڪيو وڃي ٿو. (ڏسو نمبر 18). ان جي برابريءَ ۾ پنجابي ۾ **سَنْدَا** استعمال ٿئي ٿو (سنسڪرت **سَنْت** = **سَنَ**) ۽ ڪنهن شيءِ جو تعلق ۽ لاڳاپو ڏيکاريندو آهي. اهو هاڻ اڪثر حرف جر طور استعمال ٿئي ٿو، خاص ڪري اهڙن اسمن سان جن ۾ پڇاڙيون لڳل نہ هجن يا آخري سر لاءِ يا وضاحت لاءِ؛ جيئن شاعريءَ ۾ بحر وزن لاءِ پڇاڙي لڳائي ويندي هجي.

---

[1] شاعري ۾ ضرورت آهر نڍي اَ کي آ ۾ ڊگهو ڪري سگهبو آهي.

**واحد**

**سَنْدوَ** (مذڪر)

## فاعلي: سَنْدوَ؛ تشڪيلي صورت: سَنْدَ

**واحد:**

**واحد**

| | |
|---|---|
| ضمير متڪلم: سَنْدُمِ (منهنجو) | سَنْدَمِ |
| ضمير حاضر: سَنْدُءِ (تنهنجو) | سَنْدَءِ |
| ضمير غائب: سَنْدُسِ (هن جو) | سَنْدَسِ |

**جمع**

| | |
|---|---|
| ضمير متڪلم: سَنْدُون (اسان جو) | سَنْدَئُون |
| ضمير حاضرل سَنْدُوَ (توهان جو) | سَنْدَوَ |

| | |
|---|---|
| ضمير غائب: سَنّدُنِ (هنن جو) | سَنّدَنِ |

**جمع:**

**واحد**

| | |
|---|---|
| فاعلي | تشڪيلي صورت |
| ضمير متڪلم: سَنّدُمِ | سَنّدَمِ |
| ضمير حاضر: سَنّدُءِ | سَنّدَءِ |
| ضمير غائب: سَنّدُسِ | سَنّدَسِ |

**جمع**

| | |
|---|---|
| ضمير متڪلم: سَنّدُون | سَنّدَئُون |
| ضمير حاضر: سَنّدُوَ | سَنّدَوَ |
| ضمير غائب: سَنّدُنِ | سَنّدَنِ |

جمع: فاعلي- **سَنّدَا**؛ تشڪيلي صورت- **سَنّدَنِ**

**واحد:**

**واحد**

| | |
|---|---|
| ضمير متڪل: سَنّدَمِ | سَنّدَنِمِ |
| ضمير حاضر: سَنّدَءِ | سَنّدَنِي |
| ضمير غائب: سَنّدَسِ | سَنّدَنِسِ |

**جمع**

| | |
|---|---|
| ضمير متڪلم: سَنّدَئُون | سَنّدِنِئُون |
| ضمير حاضر: سَنّدَوَ | سَنّدِنِوَ |
| ضمير غائب: سَنّدَنِ | سَنّدَنِنِ |

اسان اهو اڳ بہ چئي آيا آهيون (ڏسو **اوَ** تي ختم ٿيندڙ اسم: نمبر 40، 2) تہ پڇاڙين کان اڳ **اوَ** ۽ **اَ** ساڳي صورت ۾ برقرار رهي سگهن ٿا. مثال:**سَنّدوَمِ**، **سَنّدَاسِ** وغيره.

**سَنّدِي (مونث)**

**واحد:**

| فاعلي | تشڪيلي صورت |
|---|---|
| | **واحد** |
| ضمير متڪلم: سَنّديَمِ | سَنّديَمِ |
| ضمير حاضر: سَنّديَءِ | سَنّديَءِ |
| ضمير غائب: سَنّديَسِ | سَنّديَسِ |
| | **جمع** |
| ضمير متڪلم: سَنّديَئُون | سَنّديَئُون |
| ضمير حاضر: سَنّديَوَ | سَنّديَوَ |
| ضمير غائب: سَنّديَنِ | سَنّديَنِ |

**جمع:**

| فاعلي | تشڪيلي صورت |
|---|---|
| | **واحد** |
| ضمير متڪلم: سَنّديُمِ | سَنّديُنمِ |
| ضمير حاضر: سَنّديُءِ | سَنّديُني |
| ضمير غائب: سَنّديُسِ | سَنّديُنسِ |
| | **جمع** |
| ضمير متڪلم: استعمال نہ ٿيندو آهي | استعمال نہ ٿيندو آهي |
| ضمير حاضر: سَنّديُوَ | سَنّديُنوَ |
| ضمير غائب: سَنّديُن | سَنّديُني |

**سَنّدوَ** جو جمع تمام گهڻ استعمال ٿيندو آهي. **سَنّدوَ** جمع ۾ اسم ڪان اڳ هجي تہ عام طرح واحد طور ئي ڪتب ايندو آهي.

- سوَئِي سَاٽِيهُہ مُنهُن جوَ سَاجَنُ جِتِ سَنّدوَمِ (مج 86)
- رَاڄُ پَرَتوَ رَبَّ ڪي سُومَرَا سَنّدوَءِ (شاهہ عمر مارئي VI )

- مَاڙهُون ڏِينّدا مِيهَڻَا جيڪي سِيڻَ سَنّدَاءِ (مج 292)
- زَالُنِ مَٽي بَہ چوڙِيُون
مُڙسَنِ مٽي وَارَ
هَٿين سوڙِيُون
مَٿين چوڙِيُون
اِهي سَنّدَنَ آچَارَ (ماموئين جا بيت)
- جَنّتَ سَنّدِيَنَ جُوءِ فَائِقَ هَلِيَا فِردوَسَ ڏِي (شاهہ ڪيڏارو IV، 5)

شاعريءَ ۾ ڪن جاين تي **سندوَ** پڇاڙين ڪان سواءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ اهڙي صورت ۾ پڇاڙي جملي ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ ڏنل ٿي سگهي ٿي.

- لَڏَائِي لَطِيفُ چَوِي سَنّدَا ڏَاڻَ ڏِسَنِ (شاهہ سورٺ I، 14)

2) اُ - **تي ختم ٿيندڙ حرف جر: سَاڻُ**

| | واحِد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | سَاڻُم | سَاڻُهون |
| ضمير حاضر | سَاڻُئِي | سَاڻُوَ |
| ضمير غائب | سَاڻُسِ | سَاڻُنِ |

**سيڻُ** سان بہ پڇاڙيون ان ئي طريقي سان ڳنڍبيون آهن. ضمير غائب جمع ۾ شاعري ۾ **سيڻُنِ** بدران **سيڻَانَ** ۽ **سيڻَانِ** استعمال ۾ آهن.

- جَان جَان سَاڻُئِ سَاهُ ٿَان پَاڙِج ڪوَ مَ پُنّهُونءَ سَان (شاهہ معذوري V، 5)
- مُنهُن جوَ سَاهُ وِئوَ سيڻَانِ آيَلِ وِهَان ڪِيئَن پَنّيوَرَ ۾ (شاهہ حسيني XI پڇاڙي)

3) **اِ يا اِي (اِين) تي ختم ٿيندڙ حرف جر: ڪَڻِ يا ڪَنِ**

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | ڪَڻِم | ڪَڻِئُون |
| ضمير حاضر | ڪَڻي | ڪَڻِوَ |
| ضمير غائب | ڪَڻِس | ڪَڻِنِ |

**ڪَڻِ** جي اشتقاق لاءِ ڏسو نمبر 16، 4

ان قسم جا ٻيا حرف هن ريت آهن: **ڳرِ**، **وَٽِ**، **مَنجهہِ**، **هيٺِ**، زمان غائب واحد جي پڇاڙيءَ ڪان اڳ آخري **اِ** کي اڪثر ڏگهو ڪري **اِين** ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي. جيئن **وَٽينس** ۽ ضمير غائب جمع جي پڇاڙيءَ ڪان اڳ **اِي** لڳايو ويندو آهي. مثال **مَنجهِينَ**.

- ❖ اِيڪَ قَصَرِ دَرَ لَکَ سَهسين ڪَٽِسِ ڳِڙڪِيُون (شاهہ، ڪلياڻ I، 23).
- ❖ جيڪَڏهِن أَنهن ڪَٽِيُون مَارِئوَ تَڏهِن پُڻَ ڪَتِيوَ اَسَان جوَ آهي. (سنڌي ڪتاب ص: 64)
- ❖ ڪَا جَا ڳَالهِہ ڳِرِي ٻِيجَلَ ٻُڌَاءِ مُون (شاهہ، سورٺ II، 17)
- ❖ ڪَرِنَ مَ ڳِرَ هيڄ روَئِي ڪَج مَ پَڌِروَ (شاهہ، رپ 8، I)
- ❖ سَنَدَسِ چيلا وَٽِينَسِ آيَا (متيو 1، 5)

**اِي** تي ختم ٿيندڙ حرف جر ۽ ظرف ۾ طريقو مختلف آهي. اهي پڇاڙين ڪان اڳ ايندڙ **اِي** کي برقرار رکندا آهن يا ان کي ڇوٽو ڪندي **اِ** ۾ تبديل ڪندا آهن. ان ڪري حرف جر **ڪي** جيڪا مفعولي حالت جي نشاني آهي، پڇاڙيءَ ڪان اڳ پنهنجي **اِي** کي برقرار رکندي آهي. مثال: **ڪيسِ**، **ڪينِ** يا **ڪينَ** جڏهن تہ لفظ **أتي** پنهنجي آخري **اِي** کي **اِ** ۾ تبديل ڪندو آهي جيئن **أتِسِ** يا **أتِهِسِ**؛ **أتِنِ** يا **أتِهِنِ**. ٻين حرف جرن ۾ بہ فرق نظر اچي ٿو. مثال: **مَٿي** (**مَٿوَ** حالت مڪاني) مان **مَٿِئِي** يا **مَٿِسِ**.

- ❖ چوَمَاسوَ چَارِ مَاهَ مَٿِئِي وَسِئا مِينَهَ (مج 646)
- ❖ مَٿِسِ نَاهِ مَلَامُ جي ڪِي پُڇين پُڃُ سوَ (شاهہ، ڪنيات I، 10)

حرف جر ۾ منجهہ پڇاڙيون هن ريت لڳنديون آهن:

**مينَسِ** يا **مَينَسِ** (سرِي جي علائقي ۾)؛ **مَيَنُون**، **مينِ** يا **مينَ**. (سرِي ۾ **مَنَن**[1]).

**4) آ، آن، آوڻ، أون تي ختم ٿيندڙ حرف جر:**

انهن مان جيڪي **آ** تي ختم ٿيندا آهن اهي پڇاڙي ڪان اڳ ساڳيا رهندا آهن. مثال **ڪيٽَاءِ**[2]، **ڪِٽَاسِ** ۽ **ڪيٽَانِ**. ساڳي طرح **ڳان** – **ڳانسِ**، **ڳانِ**؛ **مَٿَان** (**مَٿوَ** جي حالت اپادان)- **مَٿَانئِ**، **مَٿَانسِ**؛ **پُٺِيَانسِ** (**پُٺِ** جي حالت اپادان).

ڪن صورتن ۾ ۽ خاص ڪري شاعريءَ ۾ ضمير غائب جمع جي پڇاڙيءَ ڪان اڳ **اِ** جو اکري ملاپ ڏنو ويندو آهي. جيئن **مَنجهَانِئِن** (**مَنجهَان** بدران).

جيڪي حرف جر **آوُن**، **آنءُ** ۽ **آءُ** تي ختم ٿين، اهي پڇاڙيءَ ڪان اڳ ساڳيا رهندا آهن ۽ انهن ۾ فقط آخر ۾ ايندڙ انوسوار اچار ختم ڪيو ويندو آهي. مثال: **مَٿَانئُسِ**، **مَٿَانئُوَ**؛ **ڳانئُسِ** ۽ **ڳانئُن**.

**أون** تي ختم ٿيندڙ حرف جر پڇاڙيءَ ڪان اڳ **آن** ۾ تبديل ٿيندا آهن. مثال: **پُٺوَن** مان **پُٺَانسِ**.

- ❖ تَڏهِن مَاءُ پُڇي کي مَجِني ڪِهَڙي لِڳِي ڪِٽَاءِ (مج 44).

- آئِنِ مُنُهُن جَا اَنگڙَا کَهَلَ نہ پَہِي کيٽَانَ (شاھ، ڪاھوڙي پڇاڙي I)
- آنٹُون پَاڻ مَتانئِين گھوَڙِيَان اِنيَهِين چِيَائِين (مج 755)
- سوَ سَيوَئِي حالُ مَنجهَانِئِن مَعَلُومُ ٿِئي (شاھ، ڪلياڻ I، 21)
- هِيءُ سِرُ سَمَانوَ گھوَٽَ مَٿَانءُ گھوَڙِيَان (شاھ، ڪيڏارو IV، 8)
- ٿَان سوَ عَيَنُ جوَ غَيَنُ جي مَٿَانئُسِ نقُطوَ ڏُورِ ڪَرِين (شاھ، ڪلياڻ I، 21).

  اِهَڙَا ڏِينهَ اِينڊَاَ جوَ گھوَٽُ گَانئُنِ ڪَسَبوَ (15، 9 ميٿيو)

---

[1] موجوده سنڌيءَ ۾ منجھ حرف جر ۾ تہ ضميري پڇاڙيون لڳائي منجهس، منجهن وغيره ٺاهيندا آهن پر حرف جر ’۾‘ سان ڪابہ پڇاڙي ڪانہ لڳائبي آهي. ممڪن آهي تہ ان دور ۾ لڳائي ويندي هجي (ايڊيٽر).

[2] اهو حرف جر يا ظرف ڪڏهن بہ پڇاڙيِ کان سواءِ نہ هوندو آهي.

# حصو ٽيون

# THE VERB

# فعل

جديد هندستاني ٻولين ۾ جيترو بگاڙ آيو آهي، اهو انهن جي متصل ڦيرن واري عمل مان صاف ظاهر ٿيندو آهي. انهن مان تقريباً سڀئي سنسڪرت جا زمان غائب ٿي ويا آهن. خاص ڪري جيڪي ماضيءَ بابت آهن. ڇاڪاڻ ته عام اڻپڙهيل ماڻهوءَ لاءِ اهي لفظ تمام گهڻا ڏکيا هئا ۽ ان ڪري انهن مجبور ٿي انهن زمانن جي پورائيءَ لاءِ مختلف قسمن جا گهاڙيٽا ٺاهيا آهن ۽ ان عمل ۾ ضابطي ۽ طريقي ۾ ايترو ته فرق آهي جو هر بناوٽ ۾ ڪي نيون خصوصيتون ظاهر ٿين ٿيون جيڪي ٻين ٻولين ۾ نٿيون ملن.

## باب ٻارهون

**نمبر - 42**

## Formation of the Verbal Themes, the Imperative and the Participles

## فعلي بناوتن جي جوڙجڪ - امر ۽ ڪردنت (اسم مشتق)

**فعلي بناوتن جي جوڙجڪ:**

اسان اڳيئي (نمبر 7، 2) ۾ ڏسي آيا آهيون ته سنڌي فعلن جا اهڙا مصدر جيڪي اَڻُ تي ختم ٿيندا هجن، اهي سنسڪرت ۽ پراڪرت جي فعلي اسمن سان ٺهڪي اچن ٿا. ان ڪري سنڌي فعل جو ذاتو مصدر ۾ ڳولهڻ بدران امر ۾ ڏسبو، جنهن ۾ فعل جي اصلي صورت بنان ڪنهن اضافي جي ملندي، سواءِ ان آخري سر جي جيڪو فعل جي ذاتوءَ جو حصو نه آهي.

ڏنو وڃي ته سنڌيءَ ۾ فقط هڪ قسم جا فعل آهن، ڇاڪاڻ جو سڀئي فعل هڪ ئي طريقي سان ڦيرو کائيندا آهن؛ ۽ انڪري سنسڪرت جي برعڪس ان ۾ مختلف متصل ڦيرا نه هوندا اٽن ڇو ته فعل جي

گردان لاءِ هڪ ئي قاعدو استعمال ٿيندو آهي.

**ڪجهه زمانن ۾ بي جنس ۽ معروف فعلن ۾ وڏو فرق هجڻ ڪري، عملي طرح سنڌيءَ ۾ فعلن کي فعل معروف** (Active) **۽ بي جنس** (Neuter) **۾ ورهائي سگهجي ٿو.**

1) **بي جنس يا لازم فعل امر ۾ اُ ۽ مصدر ۾ اَڻُ تي ختم ٿيندا آهن. مثال:**

**هَلَڻُ**- (امر) **هَلُ**

**وَرَڻُ**- (امر) **وَرُ**

پر مشتق (derivative) **فعل جن ۾ مصدر جي پڇاڙي کان اڳ آ موجود هجي ته اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ مصدر اِڻُ تي ختم ٿيندو آهي. مثال:**

**ڪَارَائِڻُ**- (امر) **ڪَارَاءُ**

**جڏهن فعلي ڌاتو ننڍي اَ يا اِ تي ختم ٿيندو هجي اتي ٻه اکري ملاپ لاءِ و انهيءَ ۾ مصدر جي وچ ۾ لڳايو ويندو آهي. مثال:**

**پَوَڻُ**- (امر) **پَوُ** (**پَئُ**)

**نَوَڻُ**- (امر) **نَوُ** (**نِئُ**)

2) **معروف يا متعدي فعل مصدر ۾ ساڳي طرح اَڻُ** (سري ۾ **اِڻُ**) **تي ختم ٿيندو آهي. جڏهن ته امر 'اِ'** (۽ **ڪڏهن اُ**) **تي ختم ٿيندو آهي. مثال:**

**جهَلَڻُ**- (امر) **جهَلِ**

**ڦُرَڻُ**- (امر) **ڦُرِ**

**۽ جڏهن مصدر جي اضافي ڪان اڳ اِ، آ ۽ اوَ موجود هجن ته مصدر اِڻُ**[1] **تي ختم ٿيندو آهي. مثال:**

**مَئِڻُ**- (امر) **مَئِي**

**ڳَالهَائِڻُ**- (امر) **ڳَالهَاءِ**

**ڌوَئِڻُ**- (امر) **ڌوَءِ**

**جڏهن ڪو فعلي ڌاتو اِيِ ۽ اُو تي ختم ٿئي ته مصدر ڪان اڳ اهي سر ڇوٽا ڪري استعمال ٿيندا آهن. مثال:**

**پِئِڻُ**- (امر) **پِيءُ**

**پوَڻُ** (**پوَئِڻُ**)- (امر) **پُوءُ**

**ڪجهه حالتن ۾ مصدر ۾ اوَ کي ساڳي طريقي سان ڇوٽو ڪيو ويندو آهي. مثال:**

**ڌُوَڻُ** (**ڌُئِڻُ**)- (امر) **ڌوءُ**

**رُوَڻُ** (**روَئِڻُ**)- (امر) **روَ**

گهٽائي فعل اهڙا آهن، جيڪي معروف ۽ بي جنس صورت ۾ مختلف شڪل جا هوندا آهن، پر اهو چوڻ غلط ٿيندو تہ بي جنس فعل بدلجي معروف فعل جي صورت ورتي آهي، ڇاڪاڻ جو انهن جو تعلق مختلف سنسڪرت صورتن سان آهي، جن مان اهي ڦٽي نڪتا آهن ۽ تنهنڪري انهن کي پنهنجي آزاد حيثيت جو فعل سمجهڻ گهرجي. انهن ۾ سڀني کان وڌيڪ عام استعمال وارا فعل هيٺ ڏجن ٿا.

| بي جنس | معروف |
|---|---|
| اُجهامَڻُ | اُجهائِڻُ |
| اُڏامَڻُ | اُڏائِڻُ |
| ٻَجهَڻُ | ٻَنڌَڻُ |
| ٻُجهَڻُ | ٻُنڌَڻُ |
| ڀَڄَڻُ | ڀَڃَڻُ |
| ڀُڄَڻُ | ڀُڃَڻُ |
| ڦاٽَڻُ | ڦاڙَڻُ |
| ڄاپَڻُ ۽ ڄَمَڻُ | ڄَڻَڻُ |
| ڇُٽَڻُ | ڇُهَڻُ |
| ڇِڄَڻُ | ڇِنَڻُ |
| ڏوَپَڻُ | ڏوَئڻُ |
| ڏُيَڻُ | ڏُهَڻُ |
| ڏَجهَڻُ | ڏَهَڻُ |
| ڍَراپَڻُ | ڍَرائِڻُ |
| رَجهَڻُ | رَنڌَڻُ |
| رَهَڻُ | رَکَڻُ |
| سُجَڻُ | سُڻَڻُ |
| کُسَڻُ | کُهَڻُ |
| ڳاڄَڻُ | ڳائِڻُ |
| ڳامَڻُ | ڳانئِڻُ |

[1] ڪجهہ سنڌي، خاص ڪري مسلمان، ان کي آڻ بدران آئڻُ، آڻُ يا ڇوٽي آڻُ ڪري اچاريندا ۽ لکندا آهن.

| | |
|---|---|
| گجَڻُ | ڪَٽڻُ |
| گسَڻُ | گھَڻُ |
| لَبَڻُ | لُٽَڻُ |
| لَيَڻُ | لَهَڻُ |
| مَاپَڻُ، مَامَڻُ | مَائِڻُ |
| مُسَڻُ | مُهَڻُ |
| وِسامَڻُ | وِسَائِڻُ |
| وِڪامَڻُ، وِڪَڻُ | وِڪَٽڻُ |
| وَهامَڻُ | وِهَائِڻُ |
| هَپامَڻُ | هَپائِڻُ |
| يِپَڻُ | يَهَڻُ |

II- تقريباً هر معروف يا بي جنس فعل منجهان فعل بالواسطہ ڪڍي سگهجي ٿو. اهڙا بالواسطہ فعل جيڪي بي جنس فعل مان نهيا هجن، اهي پنهنجي افاديت جي حوالي سان فعل معروف وانگر هوندا آهن، جڏهن تہ جيڪي بالواسطہ فعل نڪتا ئي فعل معروف مان هجن، اهي ٻئا معروف ٿي وڃن ٿا.

بالواسطہ فعل اصلي فعل جي ڌاتوءَ ۾ ڊگهو سر آ لڳائڻ سان ٺهندو آهي، جنهن ۾ مصدر ۾ اضافو عام ترتيب سان ئي ٿيندو آهي. مثال:

| | |
|---|---|
| وِرَچَڻُ- | (بالواسطہ) وِرَچَائِڻُ |
| ڏَسَڻُ- | (بالواسطہ) ڏَسَائِڻُ |
| ڊوَڙڻُ- | (بالواسطہ) ڊوَڙائِڻُ |

(الف) پر جڏهن ڪو فعل بنيادي 1 سان ختم ٿيندو هجي تہ ان ۾ آخري ڌاتوءَ واري سُر ۽ بالواسطہ جي جوڙ وچ ۾ وَ شامل ڪندا آهن. جيئن فعل مَئڻُ ۽ مَوائِڻُ (بالواسطہ).

**ان اصول کان هٽيل بناوٽون:**

جڏهن فعل ڪنهن سخت ر، ڙ، ڙه يا ه ۾ اڳ آيل ننڍي 1 سان هجي تہ بالواسطہ اضافو انجي ڌاتوءَ ۾ لڳي، ننڍي 1 کي آ ۾ تبديل ڪندو آهي. مثال:

| | |
|---|---|
| ٻَرَڻُ | ٻَارَڻُ |
| ڳَڙَڻُ | ڳَاڙَڻُ |
| پَڙهَڻُ | پَاڙهَڻُ |

گهَڻُ        گَاهَڻُ

گهٽن ئي فعلن ۾ جڏهن آخري ر (يا ڙ) کان پهرين سر اِ موجود هجي، تہ آخري سر کان اڳ آ جو اضافو ڪيو ويندو آهي ۽ اِ کي حذف ڪيو ويندو آهي. مثال:

سُڌِرَڻُ-        سُڌَارَڻُ
وِسِرَڻُ-        وِسَارَڻُ
ڪِندِرَڻُ-        ڪِندارَڻُ
اُجِڙَڻُ-        اُجَاڙَڻُ وغيره

پر بالواسطہ فعل ناهڻ جو عام قاعدو بہ اڪثر استعمال ٿيندو آهي. جيئن:

اَڙَڻُ        اَڙائِڻُ
تَرَڻُ        تَرَائِڻُ
پَڙهَڻُ        پَڙهَائِڻُ
سَنيَڻُ        سَنيَائِڻُ

(ب) جڏهن ڪنهن فعلي ڌاتوءَ جي آخري ر يا ڙ کان اڳ ننڍا سر اِ يا اُ موجود هجن تہ اتي بالواسطہ وارو اضافو ڪندڙ آ انهن جي اِي يا اوَ سان گڏجي ويندي آهي. مثال:

ڦِرَڻُ        ڦيرَڻُ
ڪِندِرَڻُ        ڪِنڌيرَڻُ (ڪِندَارَڻُ)
وِڇُڙَڻُ        وِڇوَڙَڻُ

اهڙا فعل جن ۾ ڌاتو سر اِ بالواسطہ اضافي آ ۽ اِي سان گڏجندو هجي، اهو ان فعل جي بالواسطہ حيثيت کي مٿائڻ ڪانسواءِ بہ رهي سگهي ٿو. مثال:

ڦِرَڻ        ڦيرَڻُ يا ڦيرَائِڻُ

اهڙا فعل جن ۾ سخت اُ هجي، بالواسطہ فعل هن ريت ناهيندا آهن. مثال:

ڪُڙَڻُ (ٽڪجڻ)    ڪُڙَائِڻُ

ڪجهہ فعلن ۾ بالواسطہ صورت ۾ آخري مورڌني ٽ يا ڏ کي ڙ ۾ بدلائيندا آهن. مثال:

ٻُڏَڻُ-        ٻوَڙَڻُ
ٽُٽَڻُ-        ٽوَڙَڻُ

(ڀ) جڏهن ڪنهن فعل جي آخر ۾ بنيادي اِ يا اُ هجي تہ بالواسطہ اضافي کان اڳ ر جو اضافو ڪيو ويندو آهي. مثال:

**ڏئِڻُ-** **ڏئارڻُ**

**چُوَڻُ** (چوئڻ)- **چُئارَڻُ**

۽ جڏهن آخري هه کان اڳ اِ موجود هجي تڏهن ٻه اهڙو ئي طريقو استعمال ڪبو آهي. مثال:

**وِهَڻُ** **وِهارَڻُ**

پر جيڪڏهن هه کان اڳ اُ موجود هجي ته ان صورت ۾ عام قاعدو لاڳو ٿيندو آهي. مثال:

**ڪُهَڻُ** **ڪُهائِڻُ**

ان جي برعکس اهڙا فعل جن جو بنيادي حصو آ تي ختم ٿيندو هجي ته انهن جي بالواسطه اضافي ڪان اڳ نرم (euphonic) **ر** لڳائي ويندي آهي. مثال:

**گهائِڻُ-** **گهارَائِڻُ**

ڪيترائي بالواسطه فعل اهڙا آهن، جن تي مٿي ڏنل قاعدا نٿا لاڳو ٿين. مثال هيٺ ڏجن ٿا.

**اُٿڻُ** **اُٿارڻُ**

**ڊِڄَڻُ** **ڊيڄارَڻُ**

**سِکَڻُ** **سيکارَڻُ**

**سُمهَڻُ** **سُمهارَڻُ**

**وَڃَڻُ** **وِڃائِڻُ**

**وِنُهجَڻُ** **وِنُهجارَڻُ**

III. اڪثر بالواسطه فعل منجهان هڪ ٻيو بالواسطه فعل ٻه ڪڍي سگهجي ٿو ۽ اهڙي صورت ۾ پهريون ۽ سادو بالواسطه فعل پنهنجي ليکي هڪ بناوت جي حيثيت اختيار ڪري ٿو.

سادو بالواسطه: **وِرچائِڻُ**- ٻٽو بالواسطه: **وِرچارائِڻُ**

سادو بالواسطه: **ڳاڙڻُ**- ٻٽو بالواسطه: **ڳاڙائِڻُ**

سادو بالواسطه: **وِڇوڙڻُ**- ٻٽو بالواسطه: **وِڇوڙائِڻُ**

سادو بالواسطه: **ڦيرائڻُ**- ٻٽو بالواسطه: **ڦيرارائِڻُ**

سادو بالواسطه: **گهارائڻُ**- ٻٽو بالواسطه: **گهارارائِڻُ**.

سمجهاڻي: پراڪرت ۾ بالواسطه فعل ناهڻ لاءِ **اِپ** (سنسڪرت **اَپ**) يا **آوِي** (سنسڪرت **آپي = آبي= آوِي**: ڏسو ورار VII، 26، 27) جو اضافو ڪيو ويندو آهي. جديد هدستاني ٻولين ۾ فقط **آوِي** جو اضافي استعمال ملي ٿو، جنهن کي سنڌي هندستاني ۽ بنگاليءَ ۾ ننڍو ڪري آ ڪيو ويو آهي ۽ **وِي** کي حذف ڪيل ڏسجي ٿو.

گجراتيءَ ۾ بالواسطه ناهڻ لاءِ **آوَ** (۽ **وَاڊ** جڏهن فعل جي آخر ۾ سر موجود هجي) جو اضافو ڪيو

ويندو آهي. پنجابيءَ ۾ اهو ڪم آ مان ورتو ويندو آهي ۽ مراٺيءَ ۾ آوَ کي ننيو ڪري اوَ طور لڳايو ويندو آهي.

سنڌيءَ ۾ اڪري ملاپ طور ر (هندستاني ۽ پنجابي ۾ ل) جو مثال اڳ ۾ ل جي صورت ۾ موجود هئي، جيڪا ڪجهہ سنسڪرت بالواسطہ بناوتن ۾ لڳائي ويندي هئي.

هندستانيءَ ۾ ٻئو بالواسطہ فعل ناهڻ لاءِ سادي بالواسطہ اضافي آ ڪان اڳ و لڳائي ڪيو ويندو آهي. پنجابيءَ ۽ گجراتيءَ ۾ بہ اهو ئي طريقو رائج آهي.

IV: تقريباً هر ٻي جنس، معروف ۽ بالواسطہ مان مجهول صورت ڪڍي سگهجي ٿي ان جي فعلي ڌاتوءَ ۾ اضافي جَڻُ لڳائڻ سان ڪجهہ فعل، خاص ڪري (Denominatives) فقط مجهولي صورت ۾ ئي هوندا آهن. مثلاً: **اَڪنئِجَڻُ، اَنگرِجَڻُ، ڏَمِرجَڻُ** وغيره.

ڪو بہ ٻي جنس فعل پنهنجي اصلي حيثيت کي برقرار رکندي بہ مجهولي صورت وٺي سگهي ٿو. ٻي جنس ۽ لازمي فعلن جي مجهولي صورت فقط ضمير غائب واحد ۾ ڪتب آڻبي آهي. جڏهن تہ فعل معروف ۽ بالواسطہ فعل جون مجهولي صورتون هر زمان ۾ ڦيرو ڪائي سگهن ٿيون.

مجهول جي نشاني جَڻُ فعلي ڌاتو ۾ تڏهن گڏي ويندي آهي، جڏهن اهو وينجن تي ختم ٿيندو هجي، پوءِ ان ۾ ڳنڍيندڙ سر اِ موجود هجي يا نہ هجي، پر جيڪڏهن فعلي ڌاتو ڪنهن سر تي ختم ٿيندو هجي تہ ڳنڍيندڙ سر اِ جو استعمال ضروري آهي. مثال:

**پُورَڻُ**- (بالواسطہ) **پُورِجَڻ**

**گهَٽَڻُ**- (بالواسطہ) **گهَٽِجَڻُ**

**وِڃائڻُ**- (بالواسطہ) **وِڃائِجَڻُ**

اهڙا فعل جيڪي سخت آ ۽ اَمر وري اُ تي ختم ٿين (ڏسو نمبر 43) مثال: **چَوَڻُ**- اَمر **چَؤُ**، مجهولي صورت جي اضافي ڪان اڳ مصدر مان و حذف ڪندا آهن. جيئن: **چَئِجَڻ**؛

**پَوَڻُ**- امر **پَؤُ**- **پَئِجَڻُ**

اهڙا فعل جيڪي مصدر جي اضافي ڪان اڳ پنهنجي آخري ڌاتو سر (اِيءِ، اُو، اوَ) کي چوٿو ڪندا آهن، اهي پنهنجي مجهولي پڇاڙي جَڻُ ڪان اڳ پنهنجي ڊگهي سر کي قائم رکندا آهن. **مثال**:

**پِئَڻُ**- (امر) **پِيءُ**- مجهول **پِيجَڻُ**

**پوئڻُ**- (امر) **پُؤُ**- مجهول **پُوئِجَڻُ**

**ڌُوئڻُ**- (امر) **ڌوَءِ**- مجهول **ڌوَئِجَڻُ**

ان جي ابتڙ قاعدي جو پورائو نہ ڪندي هي مثال ڏسو:

**ٽِئَڻُ**- (امر) **ٽِيءُ**- مجهول **ٽِجَڻُ**

**ڪَرَڻُ**- (امر) **ڪَرِ**- مجهول **ڪِجَڻُ**

سمجهاڻي: سنسڪرت ۾ مجهول ناهڻ لاءِ فعل جي ڌاتوءَ ۾ **ي** جو اضافو ڪيو ويندو آهي؛ پراڪرت ۾ ان ي بدران **اِجّ** ۽ اپڀرنش ۾ **اِجَ** يا **اِجّ** لڳايو ويندو اهي (Lassen, P:467). تنهنڪري سنڌيءَ ۾ مجهول جو اضافو **ج** آهي، جيڪو فعلي اسم يا مصدر جي جوڙ سان ڳنڍيو ويندو آهي، يعني **جَ**+ **اَڻُ** = **جَڻُ**. سنڌي (۽ ڪنهن حد تائين پنجابي) واحد ٻولي آهي، جنهن ۾ باقاعده مجهول موجود آهي، جڏهن ته ٻين سيني پينر ٻولين ڪي مجهول ناهڻ لاءِ مختلف گهاڙيٽن جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. انهن ٻولين ۾ مجهول ناهڻ جو عام طريقو اهو آهي ته اسم مفعول ڪي فعل **جانا** سان مرڪب ڪيو ويندو آهي. مثال جيئن هندستاني ۾ ”**مين مَارَا جَاتَا هُون**“. تنهنڪري ڏنو اهو ويو آهي ته جاٽل لهجن ۾ جيڪڏهن چئجي ته مجهول موجود آهي ته ان لاءِ انهن وٽ فعلن (مجهول ۽ ٻي جنس) جو وڏو انگ موجود آهي.

**نمبر- 43**

# THE IMPERATIVE

# امر

امر سنڌي فعل جي ڌاتوءَ جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ جيئن ته سمورن فعلي ڦيرن جو دارومدار ان تي آهي، تنهنڪري ان جي جوڙجڪ ڪي سمجهائڻ ضروري آهي.

1) ٻي جنس ۽ مجهول فعلن جو امر هميشه اُ[1] تي ختم ٿيندو آهي، مثال:

| | | |
|---|---|---|
| **مَرَڻُ**- | امر: | **مَرُ** |
| **اڇَڻُ**- | امر: | **اڇُ** |
| **ڳڏِجَڻُ**- | امر: | **ڳڏِجُ** |

اهڙا فعل جن ۾ مصدر ۾ و لڳندو آهي، اهو امر ۾ حذف ٿي ويندو آهي. مثال:

| | | |
|---|---|---|
| **نَوَڻُ**- | امر: | **نَوُ** |

جڏهن مصدر ۾ آخري سر ننڍو ڪيو ويو هوندو آ هي ته امر ۾ اهو واپس اچي ويندو آهي. **مثال**:

| | | |
|---|---|---|
| **ٽِيَڻُ**- | امر: | **ٽِيءُ** |
| **چُوَڻُ**- | امر: | **چُوءُ** |
| **رُوئَڻُ**- | امر: | **روَ** (روَءِ) |
| **وِهَڻُ**- | امر: | **وِيهُ** |

هيٺ ڏنل فعل پنهنجا امر قاعدي موجب ۽ قاعدي کان سواءِ ناهيندا آهن.

| | | |
|---|---|---|
| **اچَڻُ**- | امر: | **اچُ** ۽ **آءُ**[2] |
| **وَڃَڻُ**- | امر: | **وَڃُ** ۽ **وَنءُ** |

2) فعل معروف ۾ بالواسطہ جا امر اِ تي ختم ٿيندا آهن. مثال:

**ڀَالَڻُ**- امر: **ڀَالِ**

**گھَٽائڻُ**- امر: **گھَٽاءِ**

اهڙا گھٽا ئي فعل لازم آهن، جن جا امر اِ تي نہ پر اُ تي ختم ٿيندا آهن. ڪن ۾ ٻئي پڇاڙيون بہ هونديون آهن. مثال:

---

[1] ان قاعدي جي خلاف ورزي فقط هڪ جڳھہ تي ڏسجي ٿي. ڀَاٻُوهَڻُ جنهن جي امر ۾ ڀَاٻُوَهُ ڪانسواءِ ڀَاٻُوَهِ بہ ٿيندو آهي.

[2] اهو پراڻي ڏاتو آ مان آيو آهي، جيڪو هاڻ سنڌيءَ ۾ استعمال نہ ٿيندو آهي، پر هندستانيءَ ۾ آهي. مثال: **آنا**.

| فعل | امر |
| --- | --- |
| اُپِٽَڻُ (ڇاٽڻ) | اُپِڻُ |
| آڪڻُ | آڪُ ۽ آڪِ |
| اُگهَڻُ | اُگهُ |
| اَلڻُ | اَلُ |
| ٻُجهَڻُ | ٻُجهُ |
| ٻَنڌَڻُ | ٻَنڌُ |
| ٻُنڌَڻُ | ٻُنڌُ |
| ڀَڄَڻُ | ڀَڄُ |
| ڀُڄَڻُ | ڀُڄُ |
| ڀُڃَڻُ | ڀُڃُ |
| ڀُرجهَڻُ | ڀُرجهُ |
| ڀَرُوَڙَڻُ | ڀَرُوَڙَ |
| پَڙهَڻُ | پَڙهُ |
| پَسَڻُ | پَسُ |
| پِنَڻُ | پِنُ |
| پُئَڻُ | پُئُ |
| پِهَڻُ- پِيهَڻُ | پِهُ- پِيهُ |
| پِئَڻُ | پِيءُ |
| ڄاڻَڻُ | ڄاڻُ |
| جَهڻُ | جَهُ |
| جهِٽڪَڻُ | جهِٽڪُ |
| چُپَڻُ | چُپُ |
| چَرَڻُ | چَرُ |

| | |
|---|---|
| چَکَڻُ | چَکُ |
| چُڱَڻُ | چُڱُ |
| چُگھَڻُ | چُگھُ |
| چُمَڻُ | چُمُ |
| چَوَڻُ | چَؤُ |
| چُهَڻُ | چُهُ |
| چِنَڻُ | چِنُ |
| چُؤَڻُ، چُهَڻُ | چُوءِ، چُهُ |
| ڏَائِڻُ | ڏَاءُ |
| ڏُٽَڻُ | ڏُٽُ |
| ڏَنوَڻُ | ڏَنءُ ۽ ڏَنئِهِ |
| ڏُوئَڻُ | ڏوَءِ |
| ڏَرَڻُ | ڏَرُ |
| ڏِسَڻُ | ڏِسُ |
| ڏَهَڻُ | ڏَهُ |
| ڏُهَڻُ | ڏُهُ |
| رَکَڻُ | رَکُ |
| سِبَڻُ | سِبُ |
| سِکَڻُ | سِکُ |
| سَلَڻُ | سَلُ |
| سَمُجهَڻُ | سَمُجهُ |
| سَنِّيرَڻُ | سَنِّيرُ |
| سُڃَاڻَڻُ | سُڃَاڻُ |
| سِٽِکَڻُ، سُٽِکَڻُ | سِٽِکُ، سُٽِکُ |

| | |
|---|---|
| سِنگهَڻُ | سِنۡگهُ |
| سُنگهَڻُ | سُنگهُ |
| سُٽَڻُ | سُڻُ |
| سَهَڻُ | سَهُ |
| کَتَڻُ | کَتُ |
| کَڍَڻُ | کَڍُ |
| گائِڻُ | گاءُ |
| کٿَڻُ | کٿُ |
| کَهَڻُ | کَهُ |
| کُهَڻُ | کُهُ |
| کٽَڻُ | کڻُ |
| کنۡهَڻُ | کنۡهُ |
| کيڏَڻُ | کيڏُ |
| کِئَڻُ | کِيءُ |
| ڳِنۡهَڻُ | ڳِنۡهُ |
| گَهُرَڻُ | گَهُرُ |
| گهَڻُ | گهُ |
| ڳِهَڻُ | ڳِهُ |
| لَکَڻُ | لَکُ |
| لِکَڻُ | لِکُ |
| لِنبَڻُ | لِنۡبُ |
| لُٽَڻُ | لُڻُ |
| لَهَڻُ | لَهُح |
| لَهٽَڻُ | لَهَڻُ |

| | |
|---|---|
| مُڄَڻُ | مُڄُ |
| مَڄَڻُ | مَڄُ ۽ مَڄ |
| مَڳَڻُ | مَڳُ |
| مَنَڻُ | مَنُ |
| وَٽَڻُ | وَٽُ |
| وِجهَڻُ | وِجهُ |
| وِڪِڻَڻُ | وِڪِڻُ |
| هَڻَڻُ | هَڻُ |
| يَهَڻُ[1] | يَهُ |

[1] ڪئپٽن اسٽئڪ پنهنجي سنڌي وياڪرڻ ۾ هيٺ ڏنل فعلن کي بہ فعل معروف ۾ شامل ڪيو آهي، جن جا امر اُ تي ختم ٿين ٿا. ٻَڪَڻُ، ٻُلَڻُ، چَنبُڙَڻُ، جهَڪَڻُ، رُڃَڻُ، سُنهَڻُ سُنهَائِڻُ، وِچُڙَڻُ، وِسَهَڻُ، وَنَڻُ. پر اهي سيئي لازم فعل آهن ۽ انهن جا امر قاعدي موجب نهندا آهن.

هيٺ ڏنل فعل معروف اهي آهن، جن جا امر بنان قاعدي جي ٺهندا آهن:

**ڏيَڻُ**- (امر) **ڏي** (**ڏِيءُ** بدران)

**نيَڻُ**- (امر) **ني** (**نِيءُ** بدران)

اهي فعل جن جا امر واحد **اُ** تي ختم ٿيندا آهن، اهي جمع ۾ **اوَ** (يا **يوَ**، اکري ملاپ لاءِ **ي** جيڪو فعل **اُ** ۽ **اُ** کان علاوه ٻئي ڪنهن سر تي ختم ٿيندو هجي) تي ختم ٿيندا ۽ اهي جن جا امر واحد **اِ** تي ختم ٿين انهن جا جمع **يوَ** يا **اِوَ** تي ختم ٿيندا آهن. مثال:

| جمع | امر |
|---|---|
| اَچوَ | اَچُ |
| ڏوَيوَ | ڏوَءُ |
| پَئوَ | پَئُ |
| ڏِئوَ | ڏي |
| جهَليوَ ۽ جهَلِيوَ | جهَلِ |

ضمير حاضر جمع جي هڪ پراڻي شڪل پڇاڙي **هوَ** جي صورت ۾ آهي، جيڪا پڻ استعمال ٿيندي آهي. مثال: **جهَلِهوَ**.

امر جا ٻيا زمان سَگهَه ڏياريندڙ مرڪب فعل مان ڪڍٿا پوندا.

امر جي هڪ ٻي صورت **جي**[1] تي ختم ٿيندي آهي، جيڪا پڻ ٻي جنس ۽ فعل معروف ۾ ڳڻيدي ويندي آهي. امر جو اهو قسم دراصل هڪ دعائيہ Precative آهي، جنهن مان مفهوم ڪنهن التجا، عرضن يا دُعا وارو نڪرندو آهي[2] مثال:

**موَنَڻُ**- امر: **موَٽُ**، دعائيہ **موَنِج**

**وِيڻُ**، امر: **وِيٽِ**، دعائيہ **وِيڻِج**

جڏهن ڪو فعل **اِ** يا **اِي** تي ختم ٿيندو هجي تہ **اِج** جو شروعاتي سر **اِ** خارج ڪيو ويندو آهي. **مثال**:

**ڪِئَڻُ**- امر: **ڪِيءُ**- دعائيہ **ڪِج**.

**ٿِئَڻُ**- امر **ٿِيءُ**، دعائيہ: **ٿِيج يا ٿِج**.

هڪ ٻئي فعل ۾ ٻي قاعدگي ڏسجي ٿي:

**ڪَرَڻُ**- (امر) **ڪَرُ**، دعائيہ **ڪِج يا ڪَج**

ڪجهہ فعل ( ٻي جنس ۽ معروف) جيڪي امر ۾ **اُ** تي ختم ٿيندا آهن، اهي اڪثر ۽ خاص ڪري شاعريءَ ۾ پڇاڙي **اِج** بدران **اِجُ** استعمال ڪن ٿا. مثال:

**سُڻَڻُ-** امر: **سُڻُ**؛ دُعائيہ: **سُڻِجُ**

**اها پڇاڙي ڪن صورتن ۾ اهڙن معروف فعلن ۾ بہ لڳندي آهي، جن جا امر اِ تي ختم ٿين، مثال:**

**پَائِڻُ-** امر: **پَاءِ**، دعائيہ: **پَائِجُ**

---

[1] شاعري ۾ اڪثر ڪري اِج کي ڊگهو ڪري اِيج ڪيو ويندو آهي، پوءِ اهو فعل معروف هجي يا ٻي جنس. جنهن جو امر اُ يا اِ تي ختم ٿيندو هجي. مثال ڪَرَڻُ مان ڪَرِيج- امر ڪَرُ؛ وَڃَڻُ مان وَڃيج- امر وَڃُ.

[2] سنڌي وياڪرڻ ۾ انهيءَ کي "امر نيازي" جيو/ لکيو ويندو آهي. (ايڊيٽر)

**التجا يا دُعائيہ لفظ جي جمع ۾ پڇاڙي اِجوَ (۽ اِيجوَ) لڳندي آهي. مثال:**

**پُورِجِ (پُورِيجُ)- جمع پُورِجوَ (پُورِيجوَ)**

**اِجوَ ۽ اِيجوَ ڪانسواءِ اِجَا، اِجَاءِ (اِجَائِءِ)، اِجَاهُ (اِجَاءُ) ۽ اِجَاهَ جهڙيون پڇاڙيون استعمال ۾ آهن ۽ عام طرح عزت واري ۽ مان ڏيڻ واري معنيٰ جي ڪري فقط فاعلي حالت لاءِ استعمال ٿينديون آهن. مثال:**

**وَرِجُ- جمع وَرِجَا**

**وَڃِجُ- جمع وَڃِجَاءِ**

**سُڻِجُ- جمع سُڻِجَاهَ**

**پَڙهِجُ- جمع پَڙهيجَاءُ**

**سمجهاڻي: پراڪرت ۾ سنسڪرت جا مختلف متصل ڦيرا خارج ڪندي فقط هڪڙو استعمال ٿيندو آهي. امر جو ضمير حاضر واحد پراڪرت ۾ اَ تي ختم ٿيندو آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ بدلجي اُ ۽ اِ تي ويو آهي. ضمير حاضر جمع هَا تي ختم ٿيندو آهي. (سنسڪرت ڌا) ۽ سنڌيءَ ۾ اوَ تي ختم ٿيندو آهي. ڄاٽل لهجن ۾ حاضر جمع ۾ امر جو آخري سر مڪمل طور خارج ٿي ويو آهي. جمع ۾ امر سنڌيءَ وانگر اوَ تي ختم ٿئي ٿو. جڏهن تہ مراٺي ۾ جمع امر آ تي ختم ٿيندو آهي.**

**سنڌي دعائيہ جو تعلق پراڪرت پڇاڙي اِجَ ۽ اِجَّ سان آهي، جيڪي زمان حال، مستقبل ۽ امر ۾ فعل جي ڌاتوءَ ۽ ڦيري وارين پڇاڙين جي وچ ۾ لڳندا آهن. (Varrar VII, 21)، ليسن (P:357) جي خيال ۾ اهو اضافو پراڪرت دعائيہ مان آيو آهي. گجراتيءَ بہ سنڌيءَ وانگر دعائيہ ناهڻ لاءِ فعلي ڌاتوءَ ۾ اَجي (جمع اَجوَ) لڳائيندي آهي. هندستانيءَ ۾ اِي فعل جي ڌاتوءَ ۾ لڳائي ضمير غائب واحد (عام طرح آپ) ناهيندي آهي ۽ ڪنهن کي عزت سان سڏڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ اِيوَ ضمير حاضر ۽ غائب جمع لاءِ لڳندو آهي. جِيي فقط تڏهن لڳندو آهي، جڏهن ڌاتو اِي يا اوَ تي ختم ٿيندو هجي. پنجابيءَ ۾ فعل جي ڌاتوءَ ۾ ضمير حاضر واحد لاءِ اِين ۽ زمان حاضر جمع لاءِ اِيوَ لڳايو ويندو آهي. ساڳيءَ ريت بنگالي ۾ اوَ فعل جي ڌاتوءَ ۾ ضمير حاضر واحد ۽ جمع بنهي ۾ لڳندو آهي.**

**نمبر - 44**

# The Participle Present

## اسم حاليہ

امر يا فعلي ڌاتوءَ مان اسم حاليہ حاصل ڪرڻ لاءِ طريقو هيٺ ڏجي ٿو:

1) بي جنس فعل جن جا امر اُ تي ختم ٿين اهي ڌاتوءَ ۾ جوڙ **اَندوَ** (ڏسو نمبر 8، 11) لڳائيندا آهن. مثال:

**هَلَڻُ**- امر: **هَلُ**- اسم حاليہ: **هَلَندوَ**

ساڳيءَ ريت فعل معروف جنهن جا امر اُ تي ختم ٿين انهن ۾ بہ اسم حاليہ ائين ٺهندا آهن. مثال:

**هَڻَڻُ**- امر: **هَڻُ**- اسم حاليہ: **هَڻَندوَ**

ڪجھ صورتن ۾ بي پڇاڙي **اِيندوَ** لڳندي آهي. مثال:

**سُڻَڻُ**- امر: **سُڻُ**- اسم حاليہ: **سُڻَندوَ** ۽ **سُڻِيندوَ**

اهڙا فعل جيڪي آ تي ختم ٿين ۽ انهن جو امر اُ تي ختم ٿئي، اهي اچار کي نرم رکڻ لاءِ اسم حاليہ ۾ **آندوَ** جي جاءِ تي **اِيندوَ** جوڙ لڳائيندا آهن. مثال:

**ڳائِڻُ**- امر: **ڳاءُ**- اسم حاليہ: **ڳائِيندوَ**

**ٻُڌائِڻُ**- امر: **ٻُڌاءُ**- اسم حاليہ: **ٻُڌائِيندوَ**

اهڙا فعل جيڪي مصدر ۾ آخري سر کي ننڊو ڪندا آهن يا اکري ملاپ طور و جو اضافو ڪندا آهن (نمبر 42، 1، 2) اهي بہ اسم حاليہ جي ڳنڍ ڪان اڳ ائين ئي ڪندا آهن. مثال:

**پَوَڻُ**- امر: **پَوُ**- اسم حاليہ: **پَوَندو**

**پِئَڻُ**- امر: **پِيءُ**- اسم حاليہ: **پِئَندوَ**

**ڌُئَڻُ**- امر **ڌوَءُ**- اسم حاليہ: **ڌوَندوَ**

ڪجھ فعل جن ۾ نرم و جو اضافو ٿيندو آهي، انهن ۾ ننڊو ٿيڻ جو عمل ٿيندو آهي. مثال:

**چوَڻُ**- امر **چوُ**- اسم حاليہ: **چوَندوَ** ۽ **چُوندوَ**

**هُئَڻُ**- امر: **هوَءُ**- اسم حاليہ **هُوندوَ** (۽ نہ هُئَندوَ)

ساڳيءَ طرح ڇوٽو ٿيڻ جو ٻيو مثال آهي:

**ڪِئَڻُ**- امر: **ڪِيءُ**- اسم حاليہ: **ڪِيندوَ**

**ڏِئَڻُ**- امر: **ڏِي**- اسمِ حاليہ: **ڏِيندوَ**

**نِئَڻُ**- امر: **نِي**- اسم حاليہ: **نِيندوَ**

هينيان ڏنل فعل بنان قاعدي جي پنهنجا اسم حاليہ ٺاهيندا آهن. مثال:

**اَچَڻُ**- امر: **اَچُ**- اسم حاليہ: **ايندوَ**

**وَڃَڻُ**- امر: **وَڃُ**- اسم حاليہ: **وِينْدوَ**

2) فعل معروف ۽ فعل بالواسطہ پنهنجا اسم حاليہ ناهڻ لاءِ جوڙ **اِيندوَ** لڳائيندا آهن. مثال:

**پَرَڻُ**- امر: **پَرِ**- اسم حاليہ: **پَرِيندوَ**

**ڳنڍَائِڻُ**- امر: **ڳنڍَاءِ**- اسم حاليہ: **ڳنڍَائِيندوَ**

فعل **ڪَرَڻُ** پنهنجا اسم حاليہ قاعدي ۽ بنان قاعدي يعني ٻنهي طريقن سان ناهيندا آهن. جيئن: **ڪَرِيندوَ** يا **ڪَندوَ** ۽ **ڪِندوَ**

3) مجهولي صورت جي اسم حاليہ ناهڻ لاءِ مجهولي بناوٽ جي ڌاتوءَ ۾ جوڙ **اِبوَ** لڳايو ويندو آهي. (ڏسو نمبر 8، 13). مثال:

**پَسَڻُ**- مجهولي صورت: **پَسِجَڻُ**- اسم حاليہ: **پَسِبوَ**

**چَوَڻُ**- مجهولي صورت: **چَئِجَڻُ**- اسم حاليہ: **چَئِبوَ**

**ڏُوئڻُ**- مجهولي صورت: **ڏوَئِجَڻُ**- اسم حاليہ: **ڏوَئِبوَ**

**پِئڻُ**- مجهولي صورت: **پِيجَڻُ**- اسم حاليہ: **پِيبوَ**

**ڏِئڻُ**- مجهولي صورت: **ڏِجَڻُ**- اسم حاليہ: **ڏِبوَ**

**ڪَرَڻُ**- مجهولي صورت: **ڪجَڻُ**- اسم حاليہ: **ڪَبوَ**

اسم حاليہ ڪي مستقبل جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪو اسان 'مستقبل' بابت باب ۾ ڏسنداسون.

**نمبر - 45**

## Participle Past The

## اسم مفعول

هر قسم جي فعل مان سنڌيءَ ۾ جوڙ **اِوَ** يا **يوَ** لڳائي اسم مفعول ناهيا ويندا آهن. (**يوَ** فقط انهن جڳهين تي لڳائبو جڏهن ڌاتو ڪنهن سر تي ختم ٿئي) (ڏسو نمبر 8، 14). ٻي جنس فعل جي اسم مفعول مان مطلب Praeterite (ماضي) جو نڪرندو آهي، جڏهن تہ فعل معروف (۽ بالواسطہ) جي حيثيت Praeterite مجهول جي هوندي آهي:

**جَاڳَڻُ** (فعل بالواسطہ)- اسم مفعول: **جَاڳِئوَ**

**ڪُٽَڻُ** (فعل معروف)- اسم مفعول: **ڪُٽِيوَ**

**پَرِيَائڻُ** (فعل بالواسطہ)- اسم مفعول: **پَرِيَايوَ**

**پَرَکِجَڻُ** (مجهولي فعل) اسم مفعول: **پَرَکِئو**َ

اهڙا فعل جيڪي پنهنجي امر ۾ و جو اضافو ڪندا آهن، اهي اسم مفعول جي جوڙ ڪان اڳ ان کي حذف ڪندا آهن. مثال:

**چَوَڻُ**- اسم مفعول: **چَيو**َ

**نُوَڻُ**- اسم مفعول: **نُيو**َ

جڏهن فعل **اِ** يا **اِي** تي ختم ٿيندو هجي تہ اسم مفعول جي جوڙ **اِوَ** مان شروعاتي **اِ** خارج ٿي ويندي آهي ۽ اهو تڏهن بہ ٿيندو آهي، جڏهن ڌاتو تاروان **ڄ**، **ڃ**، **ج** يا **جھ** تي ختم ٿئي: مثال:

**نِئَڻُ**- اسم مفعول: **نِئوَ**

**ٽِئَڻُ**- اسم مفعول: **ٽِئوَ**

**جِيئَڻُ**- اسم مفعول: **جِيئوَ**

**ڪُڄَڻُ**- اسم مفعول: **ڪُڄوَ**

**سوِجھَڻُ**- اسم مفعول: **سوِجھوَ**

جڏهن مصدر ۾ آخري **اوَ** ۽ **اِي** چوٿا ٿيل هجن تہ سواءِ ڪجھ صورتن جي، اهي اسم مفعول ۾ واپس بحال ٿي ويندا آهن. مثال:

**ڏوَئَڻُ**- (امر: **ڏوَءُ**)- اسم مفعول: **ڏوَيوَ**

**جِيئَڻُ**- (امر: **جِيءُ**) - اسم مفعول: **جِيئوَ**

اهڙا مرڪب جوڙ جيئن **يَالُ** ۽ **اِئَلُ**، **يَاڙوَ** (**اِئاڙوَ**) اسم مفعول ۾ لڳي (ان جي حيثيت صفت جهڙي ڪندا آهن، ان جي پيٽ لاءِ ڏسو نمبر 9، 22). وڏي تعداد ۾ فعل پنهنجا اسم مفعول قاعدي خلاف بہ ناهيندا آهن. اصل ۾ انهن سنسڪرت پراڪرت جي اسم مفعول جي صورت بحال رکي آهي ۽ ان ۾ ٿير گهير وقت جي حوالي سان ڪندا آيا آهن. هتي انهن جي هڪ فهرست ڏجي ٿي (ترتيبوار اکرن جي حساب سان).

| لفظ | فعلي صورت | اسم مفعول |
|---|---|---|
| أيَامَڻُ | فعل بي جنس | أيَاٺو |
| أيَڻُ | فعل بي جنس | أبِينوَ |
| أتَڻُ | فعل معروف | أتوَ |

| | | |
|---|---|---|
| اُجَڻُ | فعل بي جنس | اُڄِئوَ |
| اُٽَڻُ | فعل معروف | اُٽِئوَ |
| اُجهامَڻُ | فعل معروف | اُجهَاٽوَ |
| اَچَڻُ | فعل بي جنس | آيوَ |
| اُڏامَڻُ | فعل بي جنس | اُڏاڻوَ |
| اُڪَرَڻُ | فعل معروف | اُڪَريوَ/ اُڪتوَ |
| اُڳهَڻُ | فعل معروف | اُڳهَنوَ |
| اَلَڻُ | فعل معروف | اَلتوَ |
| اُلَهَڻُ | فعل بي جنس | اُلَٿوَ |
| ٻَجهَڻُ | فعل بي جنس | ٻَجهوَ |
| ٻُنَڌَڻُ | فعل معروف | ٻَڌوَ |
| ٻُجهَڻُ/ ٻَنَڌَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | ٻُڌوَ |
| ٻُڏَڻُ | فعل بي جنس | ٻُڏوَ |
| ڀَڃَڻُ/ ڀَڄَڻُ | فعل معروف/ فعل بي جنس | ڀَڳوَ |
| ڀُڃَڻُ/ ڀُڄَڻُ | فعل معروف/ فعل بي جنس | ڀِڳوَ |
| ڀُڇَڻُ | فعل بي جنس | ڀُتوَ |
| ڀُٽَڻُ | فعل بي جنس | ڀُٽوَ |
| ٻِهَڻُ/ ٻِيهَڻُ | فعل بي جنس | ٻِيٺوَ |
| ڀَائِڻُ | فعل معروف | ڀَاتوَ |
| پُڄَڻُ | فعل بي جنس | پُنوَ- پُڄِتوَ |
| پَچَڻُ | فعل بي جنس | پَڪوَ |
| پُرَجهَڻُ | فعل معروف | پُرڌوَ |
| پَرَچڻُ | فعل بي جنس | پَرَتو- پَرَچوَ |
| پَرَنڻُ | فعل معروف | پَرَتوَ |

| | | |
|---|---|---|
| پَوَڻُ | فعل بي جنس | پئوَ |
| پُوَڻُ | فعل معروف | پُوتوَ |
| ڦائڻُ | فعل معروف | ڦاتوَ |
| ڦاسَڻُ | فعل بي جنس | ڦاٿوَ |
| ڦِٽڻُ | فعل بي جنس | ڦِٽوَ |
| ڦَهُڇَڻُ | فعل بي جنس | ڦَهِتوَ |
| ڦَسڻُ | فعل بي جنس | ڦَٿوَ |
| ڦِسَڻُ | فعل بي جنس | ڦِٿوَ |
| پِهَڻُ ۽ پيهَڻُ | فعل بي جنس | پيٺوَ |
| پيچَڻُ | فعل بي جنس | پيتوَ |
| پيسَڻُ | فعل معروف | پيٺوَ |
| پيئڻُ | فعل معروف | پيتوَ |
| پيهَڻُ | فعل معروف | پيٺوَ |
| تَپڻُ | فعل بي جنس | تَتوَ |
| ٿُسَڻُ | فعل بي جنس | ٿُٺوَ ۽ ٿُٺوَ |
| ٽَڪَڻُ | فعل بي جنس | ٽَڪوَ |
| ٽراهَڻُ/ ٽرَهَڻُ | فعل بالواسطہ/ فعل بي جنس | ٽرَاٺوَ/ ٽرَٺوَ |
| ڄاپَڻُ | فعل بي جنس | ڄائوَ ۽ ڄايوَ |
| ڄَڻَڻُ | فعل معروف | ڄَڻِيوَ |
| ڄاڻَڻُ | فعل معروف | ڄاتوَ |
| ڄَيَڻُ/ ڄَهَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | ڄَتوَ |
| ڄُنبَڻُ | فعل بي جنس | ڄُتوَ يا ڄُنبِئوَ |
| جهَپامَڻُ | فعل بي جنس | جهَپائوَ |
| جهَلَڻُ | فعل معروف | جهَلتوَ ۽ جهَلِئوَ |
| چُڪَڻُ | فعل بي جنس | چُڪوَ |

| | | |
|---|---|---|
| ڇُپَڻُ/ ڇُهڻُ | فعل بي جنس / فعل معروف | ڇُتوَ |
| ڇُٽَڻُ | فعل بي جنس | ڇُٽوَ |
| ڇِڄَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | ڇِنوَ |
| ڇُهَڻُ | فعل معروف | ڇُنوَ |
| ڏُٽَڻُ | فعل معروف | ڏُٺوَ |
| ڏُيَڻُ/ ڏُهَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | ڏُڌوَ |
| ڊِڄَڻُ (ڊِڄَڻُ) | فعل بي جنس | ڊِنوَ (ڊِنوَ) |
| ڊهڻ | فعل بي جنس | ڊَٺوَ |
| ڊاهڻ | فعل بالواسطہ | ڊِٺوَ |
| ڏِسَڻُ | فعل معروف | ڏِٺوَ |
| ڏيَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | ڏِنوَ |
| ڏهَڻُ | فعل معروف | ڏڌوَ |
| ڏِٺَڻُ | فعل معروف | ڏِٺوَ |
| رِڄَڻُ | فعل بي جنس | رِڌوَ ۽ رِڄِئوَ |
| رَجهَڻُ/ رَنڌَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | رَڌوَ |
| رَچَڻُ | فعل بي جنس | رَتوَ |
| رُسَڻُ | فعل بي جنس | رُٺوَ |
| رُنيَڻُ ۽ رُيَڻُ | فعل بي جنس | رُڌو ۽ رَنيِئوَ |
| رُوئَڻُ | فعل بي جنس | رُنوَ |
| رِيجهَڻُ | فعل بي جنس | رِيڌوَ |
| سَامَائِجَڻُ | فعل بي جنس | سَامَاڻوَ يا سَامَايوَ |
| سُڄَڻُ | فعل بي جنس | سُوڄوَ |
| سُڄَڻُ/ سُڻَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | سُئوَ/ سُڻِئوَ |
| سِجهَڻُ | فعل بي جنس | سِڌوَ |
| سُڪَڻُ | فعل بي جنس | سُڪوَ |

| | | |
|---|---|---|
| سَلَڻُ | فعل معروف | سَلتوَ ۽ سَلئوَ |
| سَمَائِجَڻُ | فعل بي جنس | سَمَاڻوَ |
| سَمجهَڻُ | فعل معروف | سَمتوَ يا سَمجهِئوَ |
| سُمَهَڻُ | فعل بي جنس | سُتوَيا سُمهِئوَ |
| سَنپِرَڻُ | فعل بي جنس | سَنپيوَڙوَ يا سَنپِرِئوَ |
| ڪَرَڻُ | فعل معروف | ڪيوَ يا ڪِيتوَ |
| ڪُوماَتِجَڻُ/ ڪُومَائِجَڻُ | مجهولي فعل | ڪُوماَڻوَ يا ڪُومَايوَ |
| ڪامَڻُ | فعل بي جنس | ڪاڻوَ |
| ڪپَڻُ | فعل بي جنس | ڪتوَ |
| ڪُپَڻُ | فعل بي جنس | ڪُتوَ |
| ڪِسَڻُ | فعل بي جنس | ڪُتوَ |
| ڪُسَڻُ | فعل بي جنس | ڪُتوَ |
| ڪُهَڻُ/ ڪُسَڻُ | فعل معروف/ فعل بي جنس | ڪُنوَ |
| ڪٽَڻُ | فعل معروف | ڪنيوَ ۽ ڪٽِئوَ |
| ڪُهَڻُ | فعل بي جنس | ڪُتوَ |
| گُپَڻُ | فعل بي جنس | گتوَ |
| گُتَڻُ | فعل معروف | گُتوَ |
| گسَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | گنوَ |
| گُسَڻُ | فعل بي جنس | گُسِئوَ ۽ گُتوَ |
| لائِڻُ | فعل معروف | لاتوَ يا لايوَ |
| لاهَڻُ | مجهولي فعل | لاتوَ |
| لَيَڻُ/ لَهَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | لَدوَ |
| لِڪَڻُ | فعل بي جنس | لِڪوَ يا لِڪِئوَ |
| لِنّبَڻُ | فعل معروف | لِتو ۽ لِنبِئوَ |
| لُوسَڻُ/ لُوهَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | لُونوَ |

| | | |
|---|---|---|
| مَچَڻُ | فعل بي جنس | مَتوَ |
| مُسَڻُ/ مُهَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | مُنوَ |
| مُنجهَڻُ | فعل بي جنس | مُوڙهوَ |
| وَڻَڻُ | فعل معروف | وَرَتوَ، وَردوَ ۽ وَڻِتوَ |
| وِجهَڻُ | فعل معروف | وِڌوَ |
| وِرچَڻُ | فعل بي جنس | وِرتوَ |
| وِسامَڻُ | فعل بي جنس | وِساٽوَ |
| وَسَڻُ | فعل بي جنس | وَٺوَ، اُٺوَ، وُٺوَ |
| وِڪامَڻُ | فعل بي جنس | وِڪاٽوَ |
| وِڪِڻَڻُ | فعل معروف | وِڪِئوَ |
| وَيَڻُ | فعل بي جنس | وِئوَ |
| وِنهجَڻُ | مجهولي فعل | وِهِتو |
| وِهَڻُ | فعل بي جنس | وِيٺوَ |
| هَپامَڻُ | فعل بي جنس | هَپاٽوَ |
| يَيَڻُ/ يَهَڻُ | فعل بي جنس/ فعل معروف | يَڌوَ |

**نمبر - 46**

## The Participle of the Future Passive or the Gerundive[1]

## اسم استقبال يا اسم مصدر

اسم استقبال يا اسم مصدر فعلي ڌاتوءَ ۾ جوڙ **اِٽوَ** لڳائي ناهيو ويندو آهي. جڏهن فعل **اِ** يا **اِي** تي ختم ٿيندو هجي ته اتي **اٽوَ** ۽ فعل جي **اُ** يا **اوَ** تي ختم ٿيندو هجي ته **اِٽوَ** ۽ **اٽوَ** مان ڪو به هڪ استعمال ڪبو آهي. اسم مصدر فقط فعل معروف مان ٺهندو آهي. فعل بي جنس به **اِٽوَ** لڳائي هڪ قسم جو ڪردنتي (مشتق) اسم (participle noun) ناهيندو آهي. پر ان کي اسم مصدر نه سمجهڻ گهرجي. ڏسو نمبر 9، 12.

فعلي ڌاتوءَ جي آخري سر ۾ اسم مصدر جي جوڙ ڪان اڳ اهي تبديليون ايندريون آهن، جيڪي مصدر جي جوڙ لڳڻ ڪان اڳ اينديون آهن. (ڏسو نمبر 42) ۽ ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته اصول اهو ٿيو ته مصدر جي پڇاڙي **اَڻُ** اسم استقبال ناهڻ لاءِ **اٽوَ** (**اِٽوَ**) ۾ تبديل ٿيندي آهي. **اِٽوَ** پڇاڙي جي اصليت لاءِ ڏسو

نمبر 8، 12.

| | | |
|---|---|---|
| وِجهَڻُ- | اسم مصدر | وِجهِڻو |
| ڏِٺَڻُ- | اسم مصدر | ڏِٺُو |
| ڏوَٺَڻُ- | اسم مصدر | ڏوَٺُو يا ڏُٺِڻوَ |
| ڳائِڻُ- | اسم مصدر | ڳائِڻوَ |

نمبر - 47

## Indeclinable Past Participle

## اڻ ڦرندڙ اسم مفعول

سنڌيءَ ۾ مختلف ماضي معطوفي ۽ اڻ ڦرندڙ اسم مفعول استعمال ٿيندا آهن.

1) سيني کان وڌيڪ استعمال ٿيندڙ اهي آهن، جيڪي اِي (اوَ) ۾ اِي تي ختم ٿيندا آهن.

الف) بي جنس يا اهڙا فعل معروف جيڪي امر ۾ اُ تي ختم ٿين، اهي پنهنجا معطوفي/ اسم مفعول ناهڻ لاءِ فعلي ڌاتوءَ ۾ جوڙ اِي لڳائيندا آهن. مثال:

وَرَڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي، وَري

سُٽَڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي، سُٽِي

اهڙا فعل جيڪي ختم ئي اِي تي ٿين تہ اهي ماضي معطوفي جي جوڙ سان گڏجي ويندا آهن. مثال:

ٽِئَڻُ- امر ٽِيءُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي- ٽِي

جيڪي فعل اُو تي ختم ٿيندا هجن، انهن ۾ اُو کي ڇوٽو ڪرڻ ڪانپوءِ جوڙ اِي لڳندو آهي. مثال:

پُوئَڻ- امر: پُؤُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي پُئِي

۽ اهڙا فعل جيڪي مصدر ۾ آخري اوَ کي اُ ۾ تبديل ڪندا آهن، اهي ماضي معطوفي/ اسم مفعول

[1] اسم مستقبل معروف جو هڪ قسم جوڙ هَارُ مصدر ۾ لڳائي حاصل ڪبو آهي. مثال: هَلَڻهَارُ، (ڏسو نمبر 9، 33)

۾ ان کي ٻيهر بحال ڪري اوَ واري صورت ۾ آڻيندا آهن. مثال:

رُوئَڻُ- امر: روَ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي روَئِي

جيڪڏهن مصدر ۾ ان جي جوڙ ۽ فعلي ڌاتو جي وچ ۾ اکري و وڌل هجي تہ اهو اسم مفعول/ ماضي معطوفي ۾ حذف ڪيو ويندو آهي. مثال:

ڇَوَڻُ- امر: ڇؤُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي ڇَئِي

**پَوَڻُ**- اسم مفعول/ ماضي معطوفي **پَئِي** ۽ **پيئِي**

فعل **اَچَڻُ** جو اسم مفعول/ ماضي معطوفي قاعدي موجب **اَچِي** ۽ بنان قاعدي **آچِي** جي صورت وٺندو آهي. فعل **ڏِئَڻُ** (امر: **ڏِي**) ۽ **نِئَڻُ** (امر: **ني**) جا ماضي معطوفي ڏيئي ۽ **نيئي** جي صورت ۾ هوندا آهن.

مجهولي فعل پوءِ اهي بي جنس يا معروف بناوٽ مان آيل هجن، اهي بہ ساڳي ريت اسم مفعول/ ماضي معطوفي ٺاهيندا آهن ۽ ان لاءِ مجهولي بنياد ۾ جوڙ **اِي** (**اوَ**) لڳندو آهي. مثال:

**وَئِجَڻُ**- اسم مفعول/ ماضي معطوفي **لوَئِجِي** ۽ **لوَئِجوَ**

ب) اهڙا فعل معروف ۽ فعل بالواسط جيڪي امر ۾ **اِ** تي ختم ٿين، اهي اسم مفعول/ ماضي معطوفي ٺاهڻ لاءِ فعلي ڌاتو ۾ **اِي** لڳائيندا آهن. مثال:

**مَلَڻُ**- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: **مَلي**

**لَڳائِڻُ**- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: **لَڳائي**

2) ٻيو اسم مفعول/ ماضي معطوفي ٺاهڻ لاءِ فعل جي ڌاتو ۾ (پوءِ اهو متعدي هجي يا لازم) جوڙ **يوَ** (يا **اِئوَ**) لڳايو ويندو آهي. اها صورت فقط حال، مستقبل يا امر سان استعمال ٿيندي آهي ۽ اڪثر جاين تي ان لاءِ اسم حاليہ وانگر استعمال ٿي سگهي ٿو. مثال:

**موَٽِڻُ**- اسم مفعول/ ماضي معطوفي **موَٽِيوَ** (موَٽِئوَ)

**سِٽَڻُ**- اسم مفعول/ ماضي معطوفي **سِٽِئوَ**

جڏهن فعل **اِ** (۽ **اِي**) تي ختم ٿئي تہ اهو جوڙ **اِئوَ** سان ڳنڍجي ويندو آهي. مثال:

**ڏِئَڻُ**- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: **ڏِئوَ**

**پِئَڻُ**- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: **پِئوَ**

اهڙا فعل جيڪي پنهنجي مصدر ۾ **اوَ** کي ڇوٽو ڪري **اُ** ڪندا آهن، اهي اسم مفعول/ ماضي معطوفي ۾ ان کي بحال ڪندا آهن. مثال:

**ڌوَئڻُ** (امر: **ڌوَءُ**)- اسم مفعول/ ماضي معطوفي **ڌوَيوَ**

**رُوئڻُ** (امر: **روَ**)- اسم مفعول/ ماضي معطوفي **روَيوَ**

اهڙا فعل جيئن **ڳنَڻُ**، **هَڻَڻُ**، **ڪَرَڻُ** پنهنجي اسم مفعول ۾ جوڙ **يوَ** کان اڳ آخري بنيادي اکر (Radical) حذف ڪندا آهن. مثال:

**ڳنَڻُ**- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: **ڳنيوَ** يا **ڳيوَ**

**هَڻَڻُ**- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: **هَنيوَ** يا **هَيوَ**

**ڪَرَڻُ**- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: **ڪَيوَ** يا **ڪِيوَ**

3) ٽيون اسم مفعول/ ماضي معطوفي ناهڻ لاءِ **فعل معروف** جي ڌاتوءَ ۾ **جي** (ءُ **اِجي**) ۽ **فعل بي جنس** جي ڌاتو ۾ **جِي** (يا **اِجِي**) لڳائيندا آهن.

اهي صورتون عام طرح زمان حال ۽ زمان ماضيءَ سان ڪتب اينديون آهن.

**ڪَٽَڻُ**: (امر: ڪَٽُ) اسم مفعول/ ماضي معطوفي **ڪَٽِجي**

**وِرَچَڻُ**: (امر: ورچ) اسم مفعول/ ماضي معطوفي **وِرَچِجي**

4) چوٿون اسم مفعول/ ماضي معطوفي ناهڻ لاءِ **اِي** ۽ **إي** تي ختم ٿيندڙ اسم مفعول/ ماضي معطوفي جي پٺيان **ڪَري** لڳائي ويندي آهي. اها مرڪب صورت عام طرح زمان حال، ماضي، **مستقبل** ۽ امر ۾ استعمال ٿيندي آهي. مثال:

**وَري ڪري**- مصدر: **وَرَڻُ**

**مَلِي ڪري**- مصدر: **مَلَڻُ**

**لوَئِجي ڪري**- مصدر: **لوَئِجَڻُ**

سمجهاڻي: سنسڪرت ۾ اڻ ڦرندڙ اسم مفعول ناهڻ ۾ **تُوَا** ۽ **يَا** استعمال ٿيندا آهن. پراڪرت ۾ **تُوَا** بدلجي **تُوڻَ** ۽ پوءِ **ت** جي ڇانٽي جي ڪري **اُوڻَ** تي ويندو آهي ۽ **يا** بدلجي **اِيئَہ** تي ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ اسم مفعول (ماضي معطوفي) جي پهرين صورت **اِي** ۽ **إي** تي ختم ٿئي ٿي، جيڪا پراڪرت جوڙ **اِيئَہ** جي برابر آهي. ٻي صورت جيڪا **يو** تي ختم ٿئي ٿي اها پهرين صورت جهڙي آهي ۽ ساڳي صورتحال ٽين صورت جي بہ آهي، جيڪا **جِي** يا **جي** تي ختم ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ جو سنسڪرت جوڙ **يا** ۽ پراڪرت جوڙ **اِيئَہ** سنڌيءَ ۾ بدلجي **جا** ۽ **جي** ٿيا آهن، جيڪو مجهول صورت ۾ واضح آهي. ڄاٽل لهجن ۾ بہ اهڙي ئي صورتحال نظر اچي ٿي. هندستانيءَ ۾ اسان کي اسم مفعول (ماضي معطوفي) جون اهڙيون صورتون ملن ٿيون. مثال: (مصدر- **مَرَنَا**)، **مَارَ، مَارِي، مَارڪي، مَارڪَرڪي**.

پهرين صورت **مَار** ۾ جوڙ **ايئہ** مڪمل طور خارج ٿيل آهي. جڏهن تہ ٻي صورت **مارِي** ۾ جوڙ **اِيئہ** کي ننڍو ڪري **اِي** ڪيو ويو آهي. **مَارڪي** جو جوڙ **ڪي** سنڌيءَ ۾ **جي** سان ملي ٿو. **مَارڪَر** ۽ **مَارڪَرڪي** مرڪب اسم مفعول آهن. ساڳيءَ ريت اسان کي پنجابيءَ ۾ بہ اها ئي صورت نظر اچي ٿي. (مصدر **گهَلنَا**- **گهل** ۽ **گهلڪي**)

گجراتيءَ ۾ اسم مفعول (ماضي معطوفي) جون بہ صورتون ڏسجن ٿيون. هڪ **اِي** (خاص ڪري مرڪب فعلن ۾) جيئن **لَکِي** ۽ ٻيون **اِينِي** مثال: **لَکِينِي**. پهرين صورت بلڪل سنڌيءَ وانگر آهي. جڏهن تہ ٻي صورت **اِينِي** پراڪرت جي **اُوڻَ** سان ملي ٿي، جتي **اُو** جي جڳهہ تي **اِي** استعمال ٿيو آهي. مراٺي فقط هڪ قسم جو معطوفي اسم مفعول ناهي ٿي، جيڪو **اُونَ** تي ختم ٿئي ٿو. جيئن **ڪَرُون**. اهو جوڙ پراڪرت جوڙ **اُوڻَ** جهڙو آهي.

بنگالي جوڙ **يا** (۽ **اِيَا**) استعمال ڪري ٿي. مثال: ڊيکِيَا (**ديڪي** ۽ **ديکِي** بہ استعمال ٿيندا آهن) ۽ اسم مفعول جو حالت مڪانيءَ وارو لفظ **ديکِتِي** هوندو آهي.

# باب تيرهون

## نمبر - 48

# FORMATION OF TENSES AND PERSONS

# زمانن ۽ شخصي ضميرن جي جوڙ جڪ

زمانن کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ سادن ۽ مرڪب زمانن ۾ فرق کي سمجهيو وڃي.

## I- Simple Tense

## ساده زمان

فعل جي معروف ۽ مجهول صيغن ۾ ٽي سادا زمان هوندا آهن، يعني فعل امڪاني (Potential)، مضارع (Aorist) ۽ مستقبل (Future).

1) امڪاني يا متشڪي فعل (Potential) اهي ٿيندا آهن جن مان مطلب امڪان، غير يقيني يا خواهش جونڪرندو آهي. اهي فعلي ڌاتوءَ ۾ گرداني پڇاڙيون لڳائڻ سان ٺهندا آهن. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي اهميت ڏيکارڻي هجي تہ فعل کان پهرين خالص ضمير بہ لڳائي سگهجي ٿو، پر جيڪڏهن ان جي ضرورت نہ هجي تہ شخصي ضمير ڏانهن خود گرداني پڇاڙيءَ ذريعي اشارو ٿي ويندو آهي.

فعل ٻي جنس ۽ لازم جيڪي امر ۾ اُ تي ختم ٿيندا هجن ۽ سيني مجهول فعلن ۾ ساڳيون ضميري پڇاڙيون لڳنديون آهن. جڏهن تہ متعدي فعل جيڪي امر ۾ اِ تي ختم ٿين انهن جو متڪلم ۽ ڪنهن حد تائين ضمير حاضر واحد ۾ ۽ جمع جي سيني ضميرن کان فرق اهو آهي تہ اهي گرداني پڇاڙيءَ کان اڳ پنهنجي پڇاڙي اِ کي برقرار رکندا آهن.

## 1- Personal Terminations of the Potential

## متشڪي (امڪاني) فعل جون ضميري پڇاڙيون

| | امر ۾ اِ تي ختم ٿيندڙ فعل | | امر ۾ اُ تي ختم ٿيندڙ فعل | |
|---|---|---|---|---|
| | واحد | جمع | واحد | جمع |
| ضمير متڪلم- | يَان- | يُون، اِئُون | آن | اُون |

اِيئان

ضمير حاضر- اِئين، يين، يوَ، اِئو اِين، اِين اوَ

اِين، اِين

ضمير غائب- اِي اِين، اِنِ اِي اَنِ

امر ۾ اُ تي ختم ٿيندڙ فعلن جي حوالي سان اهو ڏسڻ ضروري آهي تہ:

(الف) سيني ضميري پڇاڙين کان اڳ آخري ڊگهو سر هميشہ ننڍو ڪيو ويندو آهي، جيئن مصدر جي جوڙ کان اڳ ڏنو ويو هو. مثال:

**رُئڻ**- امر: **روُ**- متشڪي (امڪاني) **فعل ضمير متڪلم**: **رُئان**. (معنيٰ تي سگهي ٿو آءٌ **رُئان**)[1]

**پِئڻُ**- امر: **پيءُ**- مرڪب فعل ضمير متڪلم: **پِئان**

**پُوَڻُ**- امر: **پُوُ**- مرڪب فعل ضمير متڪلم: **پُئان**

شاعريءَ ۾ ضمير متڪلم واحد ۾ اصلي ڊگهو سر واپس بحال ٿي سگهي ٿو، جتي ضميري پڇاڙي **اِي** کي ساڳئي وقت ننڍو ڪري **اِ** ڪيو ويندو آهي. مثال: **روءِ** (روئي بدران).

ب) **اُ** تي ختم ٿيندڙ فعل جي ڌاتوءَ ۾ مصدر جي جوڙ جي وچ ۾ لڳندڙ و عام طرح برقرار رهندو آهي، جڏهن تہ جمع ۾ ضمير غائب ۾ بہ برقرار رهندو آهي. پر ضمير متڪلم ۽ حاضر (جمع) ۾ حذف ڪيو ويندو آهي. مثال:

مصدر: **پُوَڻُ**- متشڪي (امڪاني) **فعل** ضمير متڪلم واحد: **پَوَان**

مصدر: **پُوَڻُ**- متشڪي (امڪاني) **فعل** ضمير حاضر واحد: **پَوِين**

مصدر: **پُوَڻُ**- متشڪي (امڪاني) **فعل** ضمير غائب واحد: **پَوِي**

مصدر: **پُوَڻُ**- متشڪي (امڪاني) **فعل** ضمير غائب جمع: **پَوَنِ**

مصدر: **پُوَڻُ**- متشڪي (امڪاني) **فعل** ضمير متڪلم جمع: **پَئُون**

مصدر: **پُوَڻُ**- متشڪي (امڪاني) **فعل** ضمير حَاضر جمع: **پَئوَ**

ضمير متڪلم ۽ حاضر واحد ۾ بہ و حذف ڪري سگهجي ٿي. مثال: **چَئِين** (چئي[2])

ٻ) ضمير غائب ۾ فعل جمع جيڪي **اُ** (**اُو** يا **اوَ**) ۽ **اَ** (و جي اضافي سان گڏ) تي ختم ٿيندا هجن، اهي پنهنجي گرداني پڇاڙين **اُئَنِ** ۽ **اوِئَنِ** کي ڇوٽو ڪري **اُونِ** ڪري ڇڏيندا آهن. مثال:

**رُوئَنِ** بدران **رُونِ**

**پَوَنِ** بدران **پُونِ**

**چَوَنُ** بدران **چُونِ**

جڏهن فعل **اِ** (**اِي**) تي ختم ٿئي تہ بہ ضمير متڪلم واحد ۽ ضمير غائب جمع ۾ ننڍي ٿيڻ جو عمل ڏٺو ويندو آهي. مثال:

**ڏِئين** بدران **ڏِينُ**

**ڏِئِن** بدران **ڏِينِ**

**نِين** بدران **نِينِ**

**پِئِن** بدران **پِينِ**

**ڪِئِن** بدران **ڪِينِ**

جيتوڻيڪ انهن جي عام صورت (بنان ننڍي ٿيڻ جي) بہ عام طرح استعمال ٿيندي آهي.

ب) اهڙا فعل جيڪي آ تي ۽ امر ۾ اُ تي ختم ٿين اهي ضمير متڪلم واحد ۽ جمع ۾ اڪري و ملائيندا آهن ۽ ضمير حاضر جمع ۾ اڪري ي گرداني پڇاڙي ڪان اڳ ملائيندا آهن. مثال:

**ٻُڏايَان- ٻُڏايُون- ٻُڏايوَ**

---

[1] ترجمو I may weep جو، ان ڪي سنڌي وياڪرڻ جا ماهر ’متشڪي‘ پڻ لکن ٿا (ايڊيٽر).

[2] چئي ڪي چي جي صورت ۾ بہ استعمال ڪيو ويندو آهي. خاص ڪري جڏهن ڳالهائيندڙ جي ڳالهہ برزبان ٻڌائڻ جو اشارو ڏجي (يعني ”هن جي چواڻي).

ساڳيءَ ريت ضمير غائب جمع ۾ اچار ڪي نرم رکڻ لاءِ اهي **اَنِ** بدران **اِنِ** تي ختم ٿيندا آهن. **مثال**: **ڳائِنِ** ان قاعدي جي فقط هڪ جڳهہ خلاف ورزي نظر اچي ٿي. اها آهي **ڳايَان** بدران **ڳان**.

اهڙا فعل جيڪي امر ۾ **اِ** تي ختم ٿين انهن جي حوالي سان اهو سمجهڻ گهرجي تہ:

1) امر جي مخصوص پڇاڙي **اِ** ضمير متڪلم ۽ حاضر واحد ۽ جمع جي گرداني پڇاڙين سان ننڍي ٿيڻ جي عمل مان ٿيندي **يَان**، **يين** (**يِين**)، **يُون**، **يوَ** تي سگهن ٿيون. اهو عمل فعل جي وينجن تي ختم ٿيڻ جي صورت ۾ لاڳو نہ ٿيندو آهي، پر ننڍو ٿيڻ جو عمل فعل جي ڪنهن سر تي ختم جي صورت ۾ ممڪن آهي. مثال: **چَڏِيَان** يا **چَڏِئَان**، **چَڏِيين** يا **چَڏئين** ۽ **پَائِڻُ** مان **پَايَان** ۽ **پَايين**. شاعريءَ ۾ البت ان جي هلڪي صورت بہ استعمال ٿيندي آهي. مثال **پَائِئَان** يا **پَائِيَان**. ضمير حاضر جمع ۾ گرداني پڇاڙي **يين** يا **يِين** ڪي ننڍو ڪري **اِين** يا **اِين** ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. مثال: **سَانِّيِين** يا **سانِيِين**

بي جنسءَ معروف فعلن ۾ فرق رکڻ لاءِ ضمير غائب جمع ۾ **اِ** ڪي گهٽو ڪري ڊگهو ڪري **اِي** ڪيو ويندو آهي ۽ گرداني پڇاڙي **اَنِ** جو شروعاتي **ا** حذف ڪيو ويندو آهي. پر جڏهن فعل ڊگهي **آ** تي ختم ٿيئي تہ **اِينِ** اڪثر ڪري **اِنِ** طور لکيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي. جيئن **ڳالهَائِنِ**.

2) فعل **ڪَرَڻُ** پنهنجو ضمير غائب جمع قاعدي موجب **ڪَرِينِ** ۽ بنان قاعدي **ڪَنِ** ۽ **ڪِنِ** ناهيندو آهي.

سمجهاڻي: سنسڪرت جو متشڪي (امڪاني) فعل پراڪرت ۾ تقريباً غائب يا خارج ٿي ويو آهي، پر ان حقيقت جي باوجود سنڌيءَ جو متشڪي (امڪاني) فعل پراڪرت جي زمان حال سان واسطو رکي ٿو. سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪيئي مثال موجود آهن، جن مان پراڪرت جي قديم زمان حال سان سنڌي امڪاني فعل جو تعلق نظر اچي ٿو، چاڪاڻ تہ اڪثر ڪري ۽ خاص طور تي شاعريءَ ۾ ان ڪي حال جي لاءِ مخصوص **ٿو** ڪان سواءِ بہ استعمال ڪن ٿا. جڏهن اهو رواج پئجي ويو تہ زمان حال ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ **ٿو** جو استعمال ڪجي

تہ قديم زمان حال هڪ متشڪي (امڪاني) فعل جو تاثر ڏيڻ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو. سنڌي متشڪي (امڪاني) فعل جون گرداني پڇاڙيون گھڻي ڀاڱي پراڪرت زمان حال جي برابر آهن. مثال:

پراڪرت ضمير متڪلم واحد آءِ (سنسڪرت آمِ) ۽ سنڌيءَ ۾ **آن**.

پراڪرت ضمير حاضر واحد **اسِي** (سنسڪرت **اسِي**)- سنڌيءَ ۾ **اِين** (يا **اِين**) ٿيو وڃي ڇو تہ **أ** (ملائيندڙ سر) حذف ٿيو وڃي ۽ **س** پهرين **ھ** ۾ بدلجي پوءِ مڪمل حذف ٿيو وڃي.

ضمير غائب واحد **اتِ** يا **اِدِ** (سنسڪرت **اتِ**) جنهن منجهان **ت** يا **د** جي ڇانٽيءَ سان **اءِ** يا سنڌي **اِي** وجود ورتي ٿو. ضمير متڪلم جمع لاءِ پراڪرت ۾ پڇاڙيون **اموُ** (سنسڪرت **آمهَ**)، **آمُ**، **آمَ**، **اموُ**، **امُو** وغيره موجود آهن. انهن آخري ٻن پڇاڙين منجهان سنڌي پڇاڙي **م** کي ڇانٽي ڪندي **اُون** حاصل ڪئي آهي، جنهن ۾ آخري سُر **اُ** کي **اُون** ۾ ڊگھو ڪندي انوسوار اچار ڏنو آهي. ضمير حاضر جمع لاءِ جوڙ **اهَ** (سنسڪرت **اٿ**) جڏهن تہ سنڌي ۾ **اوَ** آهي. هت **ھ** کي حذف ڪيو ويو آهي ۽ **اَ** کي ڊگھو ڪري **اوَ** ڪيو ويو آهي. ضمير غائب جمع **انْتِ** (سنسڪرت **انْتِ**) جي صورت ۾ آهي ۽ سنڌيءَ ۾ **ت** حذف ٿي **انِ** ٿي سگھي آهي. هندستاني پنجابي ۽ گجراتي ان حوالي سان سنڌيءَ سان سهمت آهن، جت اهي پنهنجا امڪاني فعل ڪجھہ ترميمن سان سنڌيءَ وانگر ٺاهين ٿيون. مرانيءَ جو اصلي امڪاني فعل جنهن کي اڄڪلھ جا وياڪرڻي ماهر ماضي

---

[1] مراٺي گرامر مطابق، جيڪا آمريڪي مشن بمبئي 1854ع ۾ ڇپائي.

مدامي(Past habitual[1]) سڏين ٿا، اهو بہ پراڻي پراڪرت زمان حال ڏانهن مائل ڏسجي ٿو. فقط بنگاليءَ پنهنجو قديم زمان حال برقرار رکيو آهي، جيڪو فعلي ڌاتوءَ ۾ گرداني پڇاڙيون لڳائي ٺاهبو آهي، بنگالي ۾ حال کي امڪاني فعل جي مفهوم ۾ بہ استعمال ڪبو آهي.

2) سنڌيءَ ۾ هڪ باقاعده مضارع (Aorist) يا (Praeterite tense) زمان ماضيءَ جو قسم بہ آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ ٿيل ڪنهن ڪم ڏانهن اشارو ڪندو آهي.

الف) مضارع ٻي جنس فعلن مان اسم مفعول ۾ قديم (جيڪو هاڻ سنڌيءَ ۾ استعمال نٿو ٿئي) اساسي فعل **هئڻ/ ٿيڻ** (To be) جون پڇاڙيون لڳائي ٺاهيو ويندو آهي. تنهنڪري اهو هڪ مرڪب زمان آهي ۽ ان ۾ (مذڪر يا مونث) جنس جي مطابق اسم مفعول ڳنڍيو ويندو آهي ۽ مذڪر ۽ مونث واحد جي ضمير متڪلم ۽ حاضر، مذڪر ۽ مونث جمع جي ضمير متڪلم ۽ مذڪر جمع جي ضمير حاضر ۾ گرداني پڇاڙيون لڳنديون آهن. ان جي برعڪس واحد ۽ جمع ضمير غائب ۽ مونث جمع جي ضمير حاضر ۾ ڪابہ گرداني پڇاڙي نہ لڳندي آهي.

ب) متعدي فعل منجهان (جنهن جي اسم مفعول جي حيثيت هميشہ مجهول هوندي آهي). مضارع ناهڻ لاءِ اسم مفعول ۾ ٻي جنس فعلن واريون ساڳيون گرداني پڇاڙيون لڳايون وينديون آهن ۽ هت بہ واحد ۽ جمع مذڪر ۽ مونث جي ضمير غائب ۽ مونث جمع جي ضمير حاضر ۾ ڪابہ گرداني پڇاڙي نہ لڳندي

آهي. ۽ جڏهن متعدي مجهول جي فاعل (Agent) جو اظهار ڪرڻو هجي ته اهو (Instrumental) **حالت** ۾ رکڻ ضروري آهي، جت اسم مفعول فاعل سان جنس ۽ عدد ۾ هر وقت ٺهڪي ايندو آهي.

# 2- The Inflexional Terminations of the Aorist

## مضارع جون گرداني پڇاڙيون

| | واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|---|
| | مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| ضمير متڪلم | سِ | سِ | سينَ- سُون | سينَ- سُون |
| ضمير حاضر | اِين | اَنَ (اِينَ) | اُ | |
| ضيمر غائب | | | | |

بي جنس ۽ معروف فعلن جا اسم مفعول عام طرح **يوَ** ۽ **اِئوَ** ۽ (مونث) **اِي** تي ختم ٿيندا آهن. تنهنڪري جڏهن اسم مفعول مذڪر جو هوندو ته ان ۾ ضمير متڪلم جي گرداني پڇاڙيءَ کان اڳ آخري **اوَ** کي ننڍو ڪري **اُ** ڪيو ويندو، نتيجي ۾ **اُسِ** حاصل ٿيندو. جڏهن ته ٻين ضميري پڇاڙين کان اڳ مونث جي آخري **اِي** کي **يا** ۽ **اِيءَ** ۾ تبديل ڪبو آهي. جيئن **يَاسِ**، **اِئسِ**. مثال:

**هَلِئو** (مذڪر)- ضمير متڪلم مذڪر: **هَلِئُسِ**، مونث **هَلِئسِ**.

ساڳيءَ طرح ڏسو:

**ڏِٺو** (**ڏِسَڻُ** جو اسم مفعول)- مذڪر **ڏِٺُسِ**، مونث **ڏِٺِئسِ** يا **ڏِٺِيَسِ**.

شاعريءَ ۾ **اِئوَ** ۽ **يوَ** گرداني پڇاڙيءَ **سِ** کان اڳ پنهنجي جڳهه تي برقرار رهي سگهن ٿيون، جڏهن ته **اِئہ** ۽ يا ڏگهيون ٿي **ايا** ۽ **يَا** تي سگهن ٿيون. مثال: **چَڙِهيئوَسِ**، مونث **چَڙِهئاسِ**.

ضمير حاضر مذڪر جي گرداني پڇاڙي **اِين** کان اڳ آخري **اوَ** مڪمل طرح حذف ٿيندو آهي. مثال: **هَلِئين**، **ڏِٺين**؛ ضمير حاضر مونث جي گرداني پڇاڙي آ کان اڳ آخري **اِي** ننڍي ٿي اِ ٿيو وڃي- **اِئا** ( ۽ مذڪر ۾ ڪن جاين تي **اِئين**) مثال: **هَلِئَن**، **ڏِٺِئَن**.

ضمير متڪلم جمع ۾ گرداني پڇاڙي **سِين**، (**سين**) ۽ **سُون** اسم مفعول جي مونث يا مذڪر سان ڳنڍجندي آهي. مثال: **هَلِئاسين**، **هَلِئوَنسِين** (مونث)، **ڏِٺاسِين**، **ڏِٺِئُونسِين**.

ضمير حاضر مذڪر ۾ گرداني پڇاڙي **اُ** کان اڳ جمع جي آخري آ ننڍي ٿيندي آهي = **اَئُہ**. مثال **هليئُہ**، **ڏٺيئُہ**. ضمير حاضر مونث ۾ ڪابہ گرداني پڇاڙي نہ لڳندي آهي ۽ هتي فقط اسم مفعول جو مونث جمع استعمال ٿيندو آهي ۽ جنهن جي فاعل کي واضح ڪرڻ لاءِ خالص ضمير لڳائي سگهجي ٿو يا لکت مان ڪڍيو ويندو آهي. اهو ڏسڻ ضروري آهي ته شاعريءَ ۾ گهڻو ڪري اهي گرداني پڇاڙيون نہ لڳنديون آهن ۽

اهڙي صورت ۾ فاعل جي نشاندهي (ڪنهن خالص ضمير وغيره يا) لڪت مان ڪرڻي پوندي آهي.

سمجهاڻي: سنسڪرت جا ٿئي Praeterite (ماضي) زمان سواءِ هڪ ٻن جاين جي (ورار VII، 23) پراڪرت مان خارج ٿي ويا آهن ۽ اهو شايد ان ڪري ٿيو جو انهن جي جوڙجڪ هينئين طبقن جي لاءِ غير موزون ۽ سمجهه کان ٻاهر هئي. انهن جي جاءِ تي اسم مفعول ڪي مضارع جي حيثيت ۾ گرداني پڇاڙين سان يا انهن کانسواءِ استعمال ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ماضي بعيد ڪي متشڪي (امڪاني) زمان سان سجاتو ويو آهي. جيڪي گرداني پڇاڙيون سنڌيءَ ۾ اسم مفعول سان ڳنڍجن ٿيون، اهي سنسڪرت جي بنيادي يا اساسي فعل اَسّ (هئڻ، ٿيڻ) مان آيل آهن، پر اهي ايترو ته بگاڙ جو شڪار ٿيون آهن ۽ پراڪرت ۾ استعمال ٿيندڙ پڇاڙين کان ايتريون ته مختلف آهن، جو هاڻ انهن جي سڃاڻپ به مشڪل لڳي ٿي (Lassen, P: 45). ضمير متڪلم واحد جي پڇاڙي س سنسڪرت پڇاڙي اَسِمِ (پراڪرت اَمِهِ) جي برابر آهي. سنڌيءَ ۾ م مڪمل طور خارج ٿي وئي آهي.

ضمير حاضر (سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ اَسِ) س = هه حذف ٿي ويا آهن ۽ آخري اِ ڪي مذڪر ۾ اِين جي صورت ۾ ڊگهو ڪيو ويو آهي. جڏهن ته مونث ۾ اَس جو شروعاتي اَ برقرار رهيو آهي ۽ آخري حصو حذف ٿي ويو آهي. مذڪر پڇاڙي اِين البت ڪن جاين تي مونث تي به لڳائي وڃي ٿي. ضمير متڪلم جمع ۾ سنسڪرت سَمَاهه (پراڪرت اَمّهوَ) کي بدلائي سِين (سين) ۽ سُون ڪيو ويو آهي. ضمير حاضر مذڪر ۾ سنسڪرت جو سٿَ پهرين ٿ ۾ تبديل ٿيو ۽ پوءِ هہَ ۽ آخر ۾ هه جي ڇانٽي ڪري اَ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

هندستاني، پنجابي ۽ گجراتيءَ ۾ مضارع اسم مفعول جي ذريعي ڪنهن گرداني پڇاڙيءَ کان سواءِ ٺهندو آهي، پر مرانيءَ ۾ سنڌيءَ وانگر، اسم مفعول ۾ گرداني پڇاڙيون لڳنديون آهن. بنگاليءَ ۾ به ائين ئي ڪيو ويندو آهي، فرق فقط اهو آهي ته ان ۾ مضارع جو معروف نه رڳو بي جنس پر معروف فعل مان به نهي سگهي ٿو، جڏهن ته مجهول لاءِ ان کي جوڙجڪ ڏانهن رجوع ڪرڻو پوي ٿو.

## 3) The Future

## مستقبل

سنڌيءَ ۾ مستقبل فقط ايندڙ زماني لاءِ نه پر امڪان ۽ غير يقيني حالت لاءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ ان جي نهڻ لاءِ به صورتون ٿين ٿيون:

الف) فعل جي معروف حالت ۾ اسم حاليه ۾ اهي گرداني پڇاڙيون لڳايون وڃن ٿيون، جيڪي مضارع ۾ لڳنديون آهن.

ب) فعل جي مجهول حالت ۾ مجهول اسم حاليه ۾ اهي ساڳيون گرداني پڇاڙيون لڳائي ناهيو وڃي ٿو، جيڪي معروف صورت ۾ اسم حاليه ۾ لڳن ٿيون.

سمجهاڻي: مستقبل جي ناهڻ لاءِ سنڌي پراڪرت کان تمام پري ٿي وئي آهي ۽ گم ٿيل زمان مستقبل جي پورائيءَ لاءِ جوڙجڪ جو سهارو وني ٿي. ان ڏس ۾ اها سنسڪرت کي وڌيڪ ويجهي آهي،

جيڪا پڻ معروف حالت جو مستقبل ناهڻ لاءِ اساسي فعل **اَسّ** جي گرداني پڇاڙين کي تا (**ٿ**) تي ختم ٿيندڙڪردنتي اسم ۾ ڳنڍي ٿي. جديد آريائي لهجا مستقبل ناهڻ جي قاعدن ۾ هڪ ٻئي کان تمام گهڻا مختلف آهن. هندستاني ۽ پنجابي مستقبل جو اظهار هڪ مرڪب فعل ذريعي ڪن ٿيون. ان لاءِ اهي امڪاني فعل ۾ اسم مفعول **گا** (عام طور استعمال ٿيندڙ **گيا** بدران) ڪي جوڙين ٿا، جيڪو ڏاتو **گمّ** (وڃڻ) مان نڪتل آهي ۽ جنهن جي جنس جو فاعل سان مطابقت ۾ هجڻ ضروري هوندو آهي. ان کي هڪ تمنائي صيغو (Desiderative) چوڻ وڌيڪ مناسب آهي نه ڪي مستقبل. پر سنسڪرت ۾ اڪثر تمنائي (Desiderative) ڪي مستقبل جي معنيٰ ۾ استعمال ڪبو آهي ۽ انڪري هندستانيءَ ۾ اسان کي **ڪَرُونگا** (مذڪر) ۽ **ڪَرُونگي** (مونث) صورتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ساڳيءَ ريت پنجابيءَ ۾ لفظ **ڪَرَان گا** (مذڪر) ۽ **ڪَرانْ گِي** (مونث) ملن ٿا.

ان ڏس ۾ گجراتي پراڪرت ڏانهن وڌيڪ مائل ڏسجي ٿي. پراڪرت جو ڳنڍيندڙ سر **اِ** ضمير متڪلم واحد ۽ جمع ۾ ڊگهو ڪيو وڃي ٿو ته جيئن **س** جي ٻٽي ٿيڻ ڪي سمجهائي سگهجي ۽ فقط هڪ **س** استعمال ٿئي (ڏسو تعارف نمبر 19). مثال: **لَکِيس** (آءٌ لکندس)، جمع **لَکِيسُن** (اسين لکنداسين).

ضمير حاضر ۽ غائب واحد ۽ جمع ۾ اهو سر مڪمل طور حذف ڪيو ويو آهي. مثال: ضمير حاضر واحد **لکسي** (تون لکندين)..

مرانيءَ جو مستقبل ان حوالي سان مخصوص حيثيت رکي ٿو ته اها پراڪرت ۾ استعمال ٿيندڙ مستقبل جون مختلف پڇاڙيون ڪتب آڻي ٿي.

ضمير متڪلم واحد جي پڇاڙي **اِين** (**اِين**) پراڪرت پڇاڙي **هِمِ** مان نڪتل لڳي ٿي (Varar VII ،12) ۽ ضمير متڪلم جمع **اوَن** پراڪرت پڇاڙي **سِسِ** (= **هِسِ**؛ ليسن صفحو 352) جنهن جي آخري **اِ** حذف ٿي وئي آهي ۽ ان جي برابري لاءِ **اِ** کي ڊگهو ڪري **سِيسِ** ۽ آخري **س** کي سخت ڪري **ر** ۽ پوءِ **ل** ۾ تبديل ڪيو وڃي ٿو. ضمير حاضر جمع **آل** تي ختم ٿيندو آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ پراڪرت پڇاڙي **سَهَ** جنهن جو آخري حصو **اَهَ** شايد خارج ڪيو ويو آهي ۽ **سّ** کي سادي **س** ۾ تبديل ڪرڻ کان اڳ ان کان اڳيون سر ڊگهو ڪيو ٿو وڃي. جيئن **آس**؛ **س** وري به سخت ٿيندي پهرين **ر** ۽ پوءِ **ل** ۾ تبديل ٿئي ٿي. اها ئي ساڳي حالت ضمير غائب واحد جيڪا **اِيل** (۽ **اِيل**) ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان جي پراڪرت پڇاڙي **هِدِ** (برابر= **سِدِ**) آهي، جنهن مان شروع واري **هه** ڇانٽي ٿيو وڃي ۽ **اِدِ** ڊگهو ٿي **اِيدِ** ٿيندي آخري **د** (جيڪو اسم مفعول ۾ عام طرح ٿيندو آهي) **ل** ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. ضمير غائب جمع جيڪو **تِيل** تي ختم ٿيندو آهي، اهو ڪافي منجهائيندڙ آهي. هت اسان ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪنداسون ته پراڪرت ۾ **هِسّ** جي بدران **هَتْ** به ڪتب ايندو آهي (ليسن ص: 353، ورا، VII، 15). جيتوڻيڪ اهو فقط ضمير متڪلم جمع ۾ ٿيندو آهي. مرانيءَ ۾ ائين ٿو لڳي ته **تهَ** ضمير غائب جمع ۾ به ڪتب آيو آهي ته جيئن ضمير غائب جمع مناسب طريقي سان **هِتِنتِي** تي ختم ٿئي، جنهن مان شروعاتي **هِي** ڇانٽي ٿي ۽ وسرڳ **ٿ** گهٽجي **ت** ٿيو وڃي. مرانيءَ ۾ ضمير غائب جمع جي پڇاڙي منجهان **ن** هميشه حذف ٿيندو آهي ۽ ان جي ڪري ان کان اڳيون سر **اِ** ڊگهو ٿي ويندو آهي. ان

مان اسانکي ٽِيت ملي ٿو، جنهن مان آخري ت بدلجي ل ٿيندي ٽِيل ٿيو آهي.

بنگاليءَ ۾ مستقبل ناهڻ لاءِ فعل جي ڌاتوءَ ۾ گرداني پڇاڙي اِبَ جو اضافو ڪبو آهي، اهو عمل انتهائي غور طلب آهي ۽ ڪنهن به پراڪرت لهجي سان ان جي مناسبت نٿي ملي. ان مان اسان ڪي لاطيني پڇاڙي بو ڏانهن اشارو ملي ٿو جيڪا ضمير متڪلم ۽ حاضر جي ڦيرن سان معروف مستقبل ناهيندي آهي، جيڪا بوپ (Comp: Grammar II-No 526, 623) جي چواڻي سنسڪرت ڀُو مان نڪتل آهي. هت بهتر اهو ٿيندو ته ان جي پيٽ سنڌي جوڙ بوَ سان ڪجي، جيڪو مجهول اسم حاليه ناهڻ ۾ ڪم ايندو آهي، پر حقيقت ۾ ان جي ڌاتو جي اصليت ڪڏهن به ڪا اهڙي جوڙجڪ ٿيڻ ڪانه ڏيندي.

# II- Compound Tenses

# مرڪب زمان

## 1) The Compound Potential

## مرڪب امڪاني فعل

الف) اسم حاليه ۽ معاون فعل جي امڪاني فعل سان ملڻ سان مرڪب امڪاني (متشڪي) فعل ٺهن ٿا.

مثال: هُئڻُ جنهن مان ڪنهن عمل جي جاري رهڻ جي معنيٰ نڪري مثال:

آءٌ پڙهندو هُئان. (I may be reading)

ب) اسم مفعول ۽ معاون فعل جي امڪاني فعل سان ٺهيل مرڪب مثال:

هُئڻُ- آءٌ رُلِئوَ هُئان (I may have wandered about)

مُون ڏِٺو هُئي (I may have seen it)

## 2) The Present Tense

## زمان حال

سنڌيءَ ۾ زمان حال جا ٻه قسم هوندا آهن.

**الف) عام (indefinite) زمان حال:**

ان مان مراد اها آهي ته ڪو ڪم شروع ٿيو آهي يا ان وقت هلندڙ آهي ۽ ان ڪي ناهڻ لاءِ امڪاني فعل (Potential) ڪانپوءِ (۽ ڪن حالتن ۾ ان کان اڳ) ٿوَ[1] لڳايو ويندو آهي، جنهن جو جنس سان ٺهڪي اچڻ ضروري آهي. مثال:

آءٌ هَلان ٿوَ ۽ آءٌ هَلان ٿِي (مونث).

**ب) مطلق زمان حال (Definite Present):**

ان مان مطلب عادتي استعمال يا اهڙو ڪم جيڪو ڳالهائڻ وقت هلندڙ هجي، وارو هوندو آهي ۽ ان کي ناهڻ لاءِ اسم حاليه کي معاون فعل جي زمان حال سان مرڪب ڪجي. مثال:

**هُئَڻُ- آئُون لِکَنّدو آهِيَان يا آئُون رُوئندوَ آهِيَان.**[2]

شاعريءَ ۾ معاون فعل (Auxiliary Verb) اڪثر خارج ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو اسم حاليہ استعمال آهي، جنهن جي فاعل جو تعين اسم يا ضمير ڪندو آهي.

سمجهاڻي: امڪاني فعل جيڪو زمان مضارع جي ترجماني ڪري ٿو، اهو هاڻ زمان حال جي اظهار لاءِ ڪافي نٿو سمجهيو وڃي ۽ انڪري **ٿوَ** جي اضافي ذريعي حال جي معنيٰ کي وڌيڪ اثرائتو ٺاهيو وڃي ٿو. اهو سنسڪرت صفت **سٿَ** مان نڪتل آهي، جيئن اهو مرڪبن جي آخر ۾ استعمال ٿيندو آهي، جنهن مان مطلب **بيٺل** جو نڪرندو آهي. مثال: **آئُون پَسَان ٿوَ** (I see). (معنيٰ تہ آءٌ بينو ڏسان يا ڏسڻ جي عمل ۾ آهيان)

هندستانيءَ ۾ **ٿا** ماضي بعيد جي نشاني طور استعمال ٿيندو آهي، جڏهن تہ عام زمان حال رڳو اسم حاليہ ذريعي ظاهر ڪبو آهي ۽ مطلق (definite) زمان حال داميءَ لاءِ معاون فعل **هوَنَا** جو اضافو ڪيو ويندو

---

[1] ٿوَ جي جاءِ تي پئو (مونث پيئي) بہ استعمال ٿيندو آهي، ان فرق سان تہ هتي هڪ وڌيڪ طويل دورانيي جي ڪم جو ظاهر ڪرڻ ضروري هجي. ڏسو نمبر 53، 2)

[2] هن ڏس ۾ سنڌ جا وياڪرڻي ماهر اهڙي زمان کي 'حال مدامي' لکن ٿا (مترجم).

آهي. پنجابي ۾ بہ اها ئي صورتحال آهي. رڳو ان فرق سان تہ سنسڪرت **سٿَ** پنجابي ۾ مدغم ٿي **سَا** ٿي ويو آهي. گجراتيءَ ۾ عام زمان حال جو اظهار معاون فعل **ڇاؤُ (ڇَئوَ)** جي اضافي ذريعي ڪيو ويندو آهي، جيڪو مرڪب فعل ۾ لڳائبو آهي. مثال: **هُون لَکُوڇُون** ۽ حال داميءَ جي اظهار لاءِ معاون فعل **هوَؤُو** وارو حصو اسم حاليہ سان ڳنڍيو ويندو آهي. مثال، **هُون لَکوَ هوَوُو ڇُون**.

مرانيءَ ۾ زمان حال ناهڻ لاءِ سنسڪرت جي اساسي فعل **اَسَ** جي گرداني پڇاڙين کي **ٿا** تي ختم ٿيندڙ اسم حاليہ سان ملائيندا آهن تہ هي پڇاڙيون پاڻ ۾ ڳنڍجي وينديون آهن. مثال **ٿوَ** ۽ **ٿوَسَ** وغيره. ان ڪانسواءِ مراني حال داميءَ جا ٽي مرڪب قسم استعمال ڪندي آهي، جنهن مان پهريون **اِت** يا **اَٿ** تي ختم ٿيندڙ اسم حاليہ ۽ معاون فعل **اسٿين** جون بي قاعده پڇاڙيون مثال: **آهين** سان مرڪب ڪيون وينديون آهن. مثال: **مِي لِهِت آهين** معنيٰ آئون لکان پيو.

ٻئي قسم ۾ معاون فعل **آهين** وغيره کي **توَن** تي ختم ٿيندڙ عام زمان حال ۾ ڳنڍيو ويندو آهي. مثال: **مي لِهيتوَن آهين** (آءٌ لکان پيو). اهي ٻنهي قسمن جا حال مدامي هڪ ٻئي کان مفهوم جي حوالي سان مختلف نہ آهن ۽ ان مان معنيٰ نڪرندي آهي تہ ڪو ڪم هلندڙ آهي ۽ ڳالهائڻ وقت جاري آهي.

ٽيون قسم **اَت** ۽ **اِت** تي ختم ٿيندڙ اسم حاليہ ۾ معاون فعل **اَسَٽي** جو باقاعده زمان حال ڳنڍڻ سان ٺهندو آهي. مثال: **استونَ- مِي لِهيتَ اَستوَنَ** (معنيٰ: مون کي لکڻ جي عادت آهي) ۽ ان قسم مان مطلب ڪنهن عادت، رواج يا قدرتي عمل جو نڪرندو آهي ۽ ان کي حال مدامي (Present Habitual) سڏيو ويندو آهي.

بنگاليءَ ۾ بہ هڪ سادو زمان حال موجود آهي، جيڪو فعل جي ڌاتوءَ ۾ گرداني پڇاڙيون لڳائي ٺاهيو ويندو آهي ۽ هڪ حال مدامي بہ آهي، جيڪو معاون فعل **آڇي** وغيره کي **اِتي** تي ختم ٿيندڙ اسم حاليہ

۾ ڳنڍيو ويندو آهي ۽ ان وقت جوڙجڪ لاءِ شروعاتي آ کي حذف بہ ڪري سگهجي ٿو. مثال: **آمِي ديڪتيڇِي** (معنيٰ آءٌ ڏسان ٿو).

## 3) The Habitual Aortist

### مضارع مدامي

ان مان مراد اهڙي ڪم جي، ”جيڪو ماضي ۾ دُهرايو ويو هجي يا ڪنهن ڏنل وقت تي ٿيو هجي“، جي هوندي آهي. ۽ اهو مضارع ۾ اڻ ڦرندڙ جوڙ **تي** لڳائڻ سان ٺهندو آهي. اها تي مضارع کان اڳ يا پوءِ لڳائي سگهجي ٿي. مثال: **هُو آيوَ تي**.

اهو زمان سنڌي لاءِ تمام مخصوص آهي ۽ ان جو مثال پيئر بولين ۾ نٿو ملي. اڻ ڦرندڙ تي بظاهر **ٿوَ** جي مڪاني (جڳهہ ٻڌائيندڙ) پچاڙي آهي، جنهن مان مراد **ٻيڻل هئڻ** جي نڪرندي آهي.

## 4) The Imperfect

### ماضي استمراري (جاري)

ان مان مراد آهي، ”اهڙو ڪم جيڪو گذريل وقت ۾ ٿيندڙ يا دهرايو ويندڙ هجي“ ۽ مضارع جي اسم حاليہ ۾ معاون فعل **هُئَڻُ** لڳائي ناهيو ويندو آهي. مثال: **آئُون رُلَنَدوَ هوَس** يا **آئُون لوَڙِبوَ هوَس**. انهيءَ قسم جي ماضي کي وڌيڪ زور پيدائڻ لاءِ اسم مفعول **پِئوَ** بہ لڳائي سگهجي ٿو. مثال: **هُو پِئا ڍِسَنَدَا هُئَا**.

سمجهاڻي: هندستانيءَ ۾ ان قسم جو ماضي ناهڻ لاءِ اسم حاليہ ۾ **ٿا** لڳايو ويندو آهي. پنجابيءَ ۾ بہ ان ئي قاعدي سان **سَا** لڳايو ويندو آهي. مرانيءَ ۾ معاون فعل **اَسَڻِي** سان مضارع کي ڳنڍيو ويندو آهي، جيئن **هوَتوَن** وغيره کي **اَت** يا **اِت** تي ختم ٿيندڙ اسم حاليہ ۾ ڳنڍيو ويندو آهي. گجراتيءَ ۽ بنگاليءَ ۾ بہ بلڪل ائين ئي ڪيو وڃي ٿو. بنگاليءَ ۾ رڳو معمولي فرق اهو آهي تہ معاون فعل جو مضارع اسم حاليہ سان ضم ٿي ويندو آهي.

## 5) The Perfect[1]

### ماضي قريب (مڪمل زمانو)

ان مان مراد ”اهو ڪم جيڪو گذريل وقت ۾ ٿي گذريو“ آهي ۽ ان کي ناهڻ لاءِ معاون فعل **آهِيَان** کي اسم مفعول سان ملائبو آهي. مثال: **آئُون وِيو آهِيان، آئُون جَهلِئوَ آهِيَان**.

سمجهاڻي: سيئي پيئر بوليون مڪمل زمان سنڌيءَ وانگر معاون فعل جو حال اسم مفعول ۾ ڳنڍيي ناهينديون آهن.

## 6) The Pluperfect

### ماضي بعيد

ان مان مراد اهڙو ڪم جيڪو گهڻو اڳ مڪمل ٿيو هجي، ۽ ان گذريل زماني کي سمجهڻو يا ان جو اظهار مقصود هجي. ان کي ناهڻ لاءِ معاون فعل **هُئَڻ** جو مضارع اسم مفعول ۾ ڳنڍيو ويندو آهي. مثال:

**هَلِئوَ هوَس، هَلِي هُيسِ** (مونث).

سمجهاڻي: هندستاني ۽ پنجابيءَ ۾ ماضي بعيد ناهڻ لاءِ اسم مفعول ۾ **ٿا** ۽ **سَا** لڳايو ويندو آهي. مرائيءَ ۾ مضارع **هوَتوَن** کي اسم مفعول ۾ ڳنڍيبو آهي ۽ گجراتيءَ ۾ **هَتوَ** وغيره. بنگالي (جنهن ۾ متعدي فعل جي صورت ۾ مجهولي جوڙجک نہ ڪئي ويندي آهي) معاون فعل **چِلاَم** جي مضارع کي اسم مفعول ۾ تڏهن ملائيندي آهي، جڏهن اهو **يا** تي ختم ٿيندو هجي.

## 7) The Compound Future Tenses

### مرڪب زمان مستقبل

سنڌيءَ ۾ ٻہ مرڪب زمان مستقبل ٿيندا آهن.

الف) پهرئين ۾ معاون فعل **هُئَڻُ** جو مستقبل، اسم حاليہ (حال) ۾ ڳنڍيو ويندو آهي، جنهن کي مستقبل مدامي سڏي سگهجي ٿو، مثال:

**ڏِسَنْدوَ هُونْدُسِ.**

ب) ٻئي ۾ معاون فعل **هُئَڻُ** جو مستقبل اسم مفعول (ماضيءَ) ۾ ڳنڍيبو آهي ۽ ان کي مستقبل ماضي چئي سگهجي ٿو. مثال:

**هَلِئوَ هُونْدُسِ، هُو ٻَڌوَ هوُندوَ.**

اهي ٻئي فعل نہ صرف استقباليہ ڏانهن سختيءَ سان اشارو ڪن ٿا، پر لڪل مطلب امڪان، غير يقيني ۽ شڪ وارو اتس.[2]

---

[1] جديد انگريزيءَ ۾ Perfect جا هن قسم جا ٻہ زمان هوندا آهن. Present Perfect (ماضي قريب) ۽ Past Perfect (ماضي بعيد). . . پر ٽرومپ انهن جا نالا Perfect ۽ Pluperfect ڏنا آهن (ايڊيٽر)

[2] اهو ئي سبب آهي جو سنڌي وياڪرڻ ۾ انهن لاءِ اصطلاح زمان حال متشڪي ۽ ماضي متشڪي ڪتب اچن ٿا (ايڊيٽر).

# باب چوڏهون

**نمبر - 49**

## THE AUXILIARY VERBS

## معاون فعل

فعلي ڦيرن جي قاعدن کي ناهڻ کان اڳ، اهو ضروري آ هي تہ معاون فعل **هُئَڻُ** جي گردان جو ذڪر ڪجي، جنهن مان ٻين فعلن جا مرڪب زمان ٺهندا آهن.

**مصدر Infinitive**: **هُئَڻُ**

**امر Imperative**

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير حاضر | هوَ يا هوَءُ | هوَ يا هُئوَ |

**تمنائي/ دعائيہ Precative**

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير حاضر | هُئِج، هوَئِج، هُجُ، هوَج | هُجو |

**ڪردنت/ اسم مشتق Participles**

1) اسم حاليہ: هوُندوَ

2) اسم مفعول: هوَ، هُئوَ

**Verbal noun**

**فعلي اسم (هُئَڻوَ)**

## I- THE POTENTIAL

## امڪاني فعل

1) **ساده امڪاني فعل** (THE SIMPLE POTENTIAL):

واحد

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | آئُون هُئان، هُجَان | I may be |
| ضمير حاضر: | تُون هُئين، هُجين | Thou mayst be |
| ضمير غائب: | هو هُئي، هُجي | He may be |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | اَسِين هُون، هُجون | We may be |
| ضمير حاضر: | اَهِين، هُئو هُجوَ | You may be |
| ضمير غائب: | هُو هُئَنِ، هُونِ، هُجنِ | They may be |

ضمير حاضر واحد ۾ **هُئِين، هُجِين** ٻہ ڪافي هنڌن تي استعمال ٿيندا آهن. شاعريءَ ۾ ضمير غائب واحد ۾ اڪثر ڪري **هُئِي** بدران **هوءِ** ملي ٿو.

**2) مرڪب متشڪي (امڪاني) فعل (The Compound Potential):**

(الف) مرڪب فعل سان اسم حاليہ: **هُئان** وغيره.

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُوندوَ[1]، هُئان، هُجَان | هُوندِي، هُئان، هُجَان |
| ضمير حاضر: | هُوندوَ، هُئين، هُجين | هُوندِي، هُئين، هُجين |
| ضمير غائب: | هُوندو، هُئي، هُجي | هُوندِي، هُئي، هُجي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُوندا، هُوَن، هُجُون | هُوندِيُون[2]، هُون، هُجُون |
| ضمير حاضر: | هُوندَا، هُئوَ، هُجوَ | هُوندِيُون، هُئوَ، هُجوَ |
| ضمير غائب: | هُوندَا، هُئَنِ، هُجَنِ | هُوندِيُون، هُئَنِ، هُجَنِ |

(ب) مرڪب فعل سان اسم مفعول: **هُئان** وغيره.

واحد

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُئوَ، هُئان | هُئِي، هُئان |

| | | |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | هُئوَ، هُئين | هُئِي، هُئين |
| | هُئوَ، هُئي | هُئِي، هُئي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُئا، هُون | هُيُون، هُون |
| ضمير حاضر: | هُئا، هُئوَ | هُيُون، هُئوَ |
| ضمير غائب: | هُئا، هُئِن | هُيُون، هُئِن |

[1] مڪمل خالص ضمير پويان ايندڙ زمانن مان ان ڪري ڪڍي ڇڏيا آهن ڇو تہ اهي آساني سان ملي سگهن ٿا.

[2] مونث جمع ۾ هُوندِئُون کي هُوندِيُون ۽ هُونديُون جي صورت ۾ اچاري ۽ لکي سگهجي ٿو.

# II- THE PRESENT
## زمان حال

1) **عام زمان حال** (The Indefinite Present):

**ٿو** سان امڪاني فعل:

**(I am being)**

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُئان ٿو | هُئان ٿِي |
| ضمير حاضر: | هُئين ٿو | هُئين ٿِي |
| | هُئي ٿو | هُئي ٿِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُون ٿا | هُون ٿِئُون |
| ضمير حاضر: | هُئو ٿا | هُئو ٿِئُون |
| ضمير غائب: | هُئن ٿا | هُئن ٿِئُون |

سنسڪرت اساسي فعل **اَسَ** (آهِيان) جي پراڻي حال واري صورت:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | آهِيان | آهِيُون |
| ضمير حاضر: | آنهين، آنهِين | آهِيو |
| ضمير غائب: | آهي | آهِن، آنهِن، آنهِين |

اها صورت زمان حال ۾ اڪثر ملي ٿي ۽ سو به امڪاني زمان ۾ جڏهن ته **هُئان ٿو** تمام گهٽ ملي ٿو ۽ ڪڏهن به امڪاني زمان ۾ استعمال نه ٿيندو آهي.

شروعاتي سر آ اڪثر ڪري انوسوار ڪان سواءِ نظر اچي ٿو يعني **آنهِيان** بدران فقط **آهِيان**. جڏهن به **آهي** کان اڳ **ڪونه**، **ڪِي نه**، **ڪانه** وغيره موجود هجن ته اهي سُسِي **ڪونهي**، **ڪِينهي**، **ڪانهي** ٿي ويندا آهن ۽ **آهي** کان اڳ ايندڙ **نه** ان سان گڏجي سگهي ٿي يعني **ناهي** جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿي.

2) **زمان حال مطلق**[1] (The Definite Present):

معاون فعل **آنهِيان** اسم حاليه سان:

**واحد**

[1] هن بناوٽ جي فعلن کي سنڌي وياڪرڻ ۾ زمان حال مدامي لکيل آهي پر هتي ٽرومپ ان کي مطلق (definite) سڏي ٿو (مترجم).

| | مذکر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُوندوَ آنهِيَان | هُوندِي آنهِيَان |
| ضمير حاضر: | هُوندوَ آنهين | هُوندِي آنهين |
| ضمير غائب: | هُوندوَ آهي | هُوندِي آهي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُوندَا آنهِيُون | هُوندِئُون آنهِيُون |
| ضمير حاضر: | هُوندَا آهيوَ | هُوندِئُون آهِيوَ |
| ضمير غائب: | هُوندَا آهِنِ | هُوندِئُون آهِنِ |

# III- THE IMPERFECT

# نا مڪمل يا ماضي جاري

اسم حاليہ معاون فعل **هوَڻ** جي مضارع سان[1]:

**واحد**

| | مذکر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُوندوَ هوَسِ | هُوندِي هُيَسِ |
| ضمير حاضر: | هُوندوَ هُئين | هُوندِي هُئِئَن يا هُئئين |
| ضمير غائب: | هُوندوَ هوَ | هُوندِي هُئِي يا هِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُوندَا هُئَاسِين | هُوندِئُون هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | هُوندَا هُئوُ، هُئوَ | هُوندِئُون، هُيُون |
| ضمير غائب: | هُوندَا هُئَا، هَا | هُوندِئُون هُيُون |

# IV- THE AORIST

# مضارع

1) **سادو مضارع** (The Simple Aorist):

اسم مفعول **هوَسِ** ۽ **هُئاسِين** جي گرداني پچاڙين سان[2]:

**(I was, Have been)**

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هوَسِ | هُيَسِ |
| ضمير حاضر: | هُئين | هُئَن، هُئِين |
| ضمير غائب: | هوَ | هُئِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُئاسِين | هُيُونَسِين |
| ضمير حاضر: | هُئُؤ، هُئوَ، هوَ | هُيُون |
| ضمير غائب: | هُئا، هَا | هُيُون |

**هُئاسِين** جي جڳهه تي **هُئاسُون**، **هَاسِين**، **هَاسُون** جهڙيون سُسيل صورتون بہ استعمال ۾ آهن. ڪن صورتن ۾ گرداني پچاڙيون مڪمل طور تي خارج ٿينديون آهن، پر اهڙي صورت ۾ خالص ضمير هميشہ ڳنڍڻ گهرجي. مثال: **آئُون هوَ** (I Was) وغيره[1].

2) **مدامي مضارع** (The Habitual Aorist):

**تي** سان سادو مضارع:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هوَسِ تي وغيره | هُيَسِ تي وغيره |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُئاسِين وغيره | هُيُونسِين تي وغيره |

V. **مڪمل زمانو** PERFECT ۽ VI. **ماضي بعيد** PLUPERFECT استعمال ۾ نہ آهن.

## VII- THE FUTURE

[1] سنڌيءَ ۾ هنن بناوٽن کي ماضي مدامي چيو ويو آهي، پر هتي ڊاڪٽر ٽرومپ منڊل تو لڳي (ايڊيٽر).

[2] هنن بناوٽن کي بہ سنڌيءَ ۾ ٻيا نالا ڏنل آهن.

# زمان مستقبل

گرداني پڇاڙين سان اسم حاليہ (**هُوندُس**).

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُوندُسِ | هُوندِئِسِ[2] |
| ضمير حاضر: | هُوندِين | هُوندِئِن[3] |
| ضمير غائب: | هُوندوَ | هُوندِي |

**جمع**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُوندَاسِين | هُوندِئُوسِين |
| ضمير حاضر: | هُوندَؤُ، هُوندوَ | هُوندِئُون |
| ضمير غائب: | هُوندَا | هُوندِئُون |

مرڪب زمان مستقبل استعمال ۾ نہ آهن.

بي جنس فعل وانگر معاون فعل مان بہ مجهولي صورت ناهي سگهجي ٿي. مثال:

- ضمير غائب واحد (حال): **هوَئِجي ٿوَ**
- ضمير غائب واحد (مستقبل: **هوَئِبوَ**

سمجهاڻي: ڏاتو **هوَ** (مصدر **هُئَڻُ**) سنسڪرت ڌاتو **ڀُو** جي برابر آهي، جيڪو پراڪرت ۾ **هوَ** سان مدغم ٿيندو آهي ۽ انجو اسم مفعول پراڪرت ۾ **هُئوَ** يا **هُوَ** آهي، ان مان سنڌي **هُئوَ** حاصل ٿيو. متشڪي فعل **هُجَان** جي حوالي سان اهو ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ پراڪرت ۾ اڳئي حال (۽ مستقبل لاءِ) **هوَجَّ** ۽ **هوَجَّا** جهڙيون صورتون موجود آهن، جن کي لَيسن سنسڪرت دُعائيہ ڀُيَاتَ مان ڪنيل سمجهيو آهي. (ڏسو ليسن صفحو 357). ڏاتو **هوَ** سيني ٻينر ٻولين ۾ استعمال ٿيندو آهي.

پراڻي زمان مضارع جو **آنهِيَان** سنسڪرت اساسي فعل جي حال واري صورت **اَنَس** مان آيو آهي. پراڪرت ۾ **اَمّهِ**. ان جي مراني صورت **آهين** سنڌي سان ڪافي حد تائين ملي ٿي. هندستاني (**هَان**، **هين**، **هَي**) ۾ شروعاتي **اَ** (جيڪا سنڌي ۽ مراني ۾ ڊگهي ٿيندي آهي)، خارج ڪيل آهي. بلڪل اهو ئي طريقو پنجابي ۾ نظر اچي ٿو. گجراتي ۾ بہ جتي شروعاتي **اَ** خارج ٿي آهي، اتي اسان کي **ڇِئُون**، **ڇي** وغيره جهڙيون صورتون ملن ٿيون [illegible] اچن ٿيون (ليسن صفحا 266 ۽ 346). بنگاليءَ ۾ بہ

[illegible]

3 هُوندِئين بہ استعمال ۾ آهي.

اسانکي قديم صورت **اڇي** ملي ٿي.

**نمبر - 50**

b) **معاون فعل ٿِئَڻُ:**

فعل **ٿِئڻ** ڪنهن حد تائين معاون فعل طور بہ استعمال ٿيندو آهي ۽ ان جا مرڪب زمان معاون **هُئَڻ** جي ذريعي ٺهندا آهن.

مصدر: **ٿِئَڻُ**.

**امر**

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | ٿِيءُ | ٿِيئو، ٿِئوَ |

**نيازي/دعائيہ** Precative

| | | |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | ٿِجِ، ٿِيجِ | ٿِجوَ، ٿِيجوَ |

**مشتق اسم**

1) اسم حاليہ: **ٿِيندَوَ**

2) اسم مفعول: **ٿِئوَ**

3) ماضي معطوفي جا ڪردنت: **ٿِي، ٿِئوَ، ٿِي ڪَري**

4) فعلي اسم: **ٿِئِڻوَ**

# I- THE POTENTIAL

# امڪاني فعل

1) **سادو مرڪب فعل** (The Simple Potential):

ٿي سگهي ٿو (May become)

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئان | ٿِئُون |
| ضمير حاضر: | ٿِين، ٿئين | ٿِئوَ |
| ضمير غائب: | ٿِئي | ٿِئَن، ٿِين |

2) **مرڪب امڪاني فعل** (Compound Potential):

(الف) **هُئَڻُ** جو امڪاني فعل اسم حاليہ سان: (May be becoming)

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِيندوَ هُئان[1] | ٿِيندِي هُئان |
| ضمير حاضر: | ٿِيندوَ هُئين | ٿِيندِي هُئين |
| ضمير غائب: | ٿِيندوَ هُئي | ٿِيندِي هُئي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِيندَا هُون | ٿِيندِئُون هُون |
| ضمير حاضر: | ٿِيندَا هُئوَ | ٿِيندِئُون هُئوَ |
| ضمير غائب: | ٿِيندَا هُئَنِ | ٿِيندِئُون هُئَنِ |

ب) **هُئَڻُ** جو امڪاني فعل اسم مفعول سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئوَ، هُئان يا هُجَان | ٿِي هُئان يا هُجَان |
| ضمير حاضر: | ٿِئوَ هُئين | ٿِي هُئين |
| ضمير غائب: | ٿِئوَ هُئي | ٿِي هُئي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئَا هُون | ٿِئُون هُون |
| ضمير حاضر: | ٿِئَا هُئو | ٿِئُون هُئوَ |
| ضمير غائب: | ٿِئَا هُئَنِ | ٿِئُون هُئَنِ |

# II- THE PRESENT
# زمان حال

1) **سادو زمان حال** (The Present Indefinite):

**ٿوَ** سان امڪاني فعل:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|

[1] يا هُجانَ

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئان توَ | ٿِئان ٿِي |
| ضمير حاضر: | ٿِئين توَ | ٿِئين ٿِي |
| ضمير غائب: | ٿِئي توَ | ٿِئي ٿِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئُون ٿا | ٿِئُون ٿِئُون |
| ضمير حاضر: | ٿِئوَ ٿا | ٿِئوَ ٿِئُون |
| ضمير غائب: | ٿِئِن ٿا | ٿِئِن ٿِئُون |

2) **زمان حال مطلق** (The Present Definite):

**آهِيَان** سان اسم حاليه:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِيندوَ آهِيَان | ٿِيندِي آهِيان[1] |
| ضمير حاضر: | ٿِيندوَ آهين | ٿِيندِي آهين |
| ضمير غائب: | ٿِيندوَ آهي | ٿِيندِي آهي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِيندَا آهِيُون | ٿِيندِئُون آهِيُون |
| ضمير حاضر: | ٿِيندَا آهيوَ | ٿِيندِئُون آهِيوَ |
| ضمير غائب: | ٿِيندَا آهِنِ | ٿِيندِئُون آهِنِ |

# III- THE IMPERFECT

# ماضي مدامي

**هوَسِ** سان اسم حاليہ

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِيندوَ هوَس | ٿِيندِي هُيَسِ |

[1] اهي بناوٽون حال مداميءَ جون آهن (ايڊيٽر)

| | | |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | ٿِيندوَ هُئين | ٿِيندِي هُئِئن/ هُئِئين |
| ضمير غائب: | ٿِيندوَ هوَ | ٿِيندِي هُئِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِيندَا هُئاسِين | ٿِيندِئُون هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | ٿِيندَا هُئؤُ/ هُئوَ | ٿِيندِئُون هُيُون |
| ضمير غائب: | ٿِيندَا هُئَا | ٿِيندِئُون هُيُون |

# IV- THE AORIST

## مضارع

1) **سادو مضارع** (The Simple Aorist):

اسم مفعول گرداني پچاڙي **ٿِئُس**:

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئُس[1] | ٿِئَس |
| ضمير حاضر: | ٿِئين | ٿِئَن يا ٿِئين |
| ضمير غائب: | ٿِئوَ | ٿِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئَاسِين | ٿِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | ٿِئوَ، ٿِئؤُ | ٿِئُون |
| ضمير غائب: | ٿِئَا | ٿِئُون |

2) **مضارع مدامي** (The Habitual Aorist):

**ٿي** سان سادو مضارع:

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئُس ٿي | ٿِئَس ٿي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئَاسِين ٿي | ٿِئوَنسِين ٿي |

وغيره　　　　وغيره　　　　وغيره

# V- THE PERFECT
## مڪمل زمانو (ماضي قريب)

اسم مفعول معاون فعل **آهِيَان** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٽِٺوَ آهِيَان | ٽِي آهِيَان |
| ضمير حاضر: | ٽِٺوَ آهين | ٽِي آهين |
| ضمير غائب: | ٽِٺوَ آهي | ٽِي آهي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٽِٺا آهِيُون | ٽِٺُون آهِيُون |
| ضمير حاضر: | ٽِٺا آهيوَ | ٽِٺُون آهيوَ |
| ضمير غائب: | ٽِٺا آهِن | ٽِٺُون آهِن |

# VI- THE PLUPERFECT
## ماضي بعيد

اسم مفعول مضارع **هوَس** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٽِٺوَ هوَس | ٽِي هُيَس |
| ضمير حاضر: | ٽِٺوَ هُئين | ٽِي هُئِئَن |
| ضمير غائب: | ٽِٺوَ هوَ | ٽِي هُئي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٽِٺا هُئاسِين | ٽِٺُون هُيُونسِين |

[1] شاعري ۾ اڪثر ٽِٺوَس ۽ ٽِٺاس (مونث)

| | | |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | ٽِئا هُئؤ | ٽِئُون هُيُون |
| ضمير غائب: | ٽِئا هُئا | ٽِئُون هُيُون |

## VII- THE FUTURE

## زمان مستقبل

1) **سادو مستقبل** (The Simple or Indefinite Future):

اسم حاليہ گرداني پچاڙي **ٽِيندُس** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٽِيندُس | ٽِيندِئس (ٽِينديَس) |
| ضمير حاضر: | ٽِيندين | ٽِيندِئن(ٽِيندِيئن) |
| ضمير غائب: | ٽِيندو | ٽِيندِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٽِينداَسِين | ٽِيندِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | ٽِيندَؤ (ٽِيندوَ) | ٽِيندِئُون |
| ضمير غائب: | ٽِيندَا | ٽِيندِئُون |

2) **مرڪب زمان مستقبل** (Compound Future Tenses):

**(الف) زمان مستقبل مطلق** (**The Definite Future**):

اسم حاليہ مستقبل **هُوندَس** (وغيره) سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٽِيندوَ هُوندُس | ٽِيندِي هُوندِئس |
| ضمير حاضر: | ٽِيندو هُونڊين | ٽِيندِي هُوندِئن |
| ضمير غائب: | ٽِيندوَ هُوندوَ | ٽِيندِي هُوندِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٽِيندَا هُونداسِين | ٽِيندِئُون هُوندِيُونسِين |

| | | |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | ٽِيندَا هُوندَؤُ | ٽِيندِئُون هُوندِئُون |
| ضمير غائب: | ٽِيندَا هُوندَا | ٽِيندِئُون هُوندِئُون |

**(ب) مستقبل ماضي متشڪي (The Past Future):**

مستقبل **هُوندُسِ** (وغيره) اسم مفعول سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئوَ هُوندُسِ | ٿِي هُوندِئَسِ |
| وغيره | وغيره | وغيره |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئَا هُونداسِين | ٿِئُون هُوندِئُوسِين |

# باب پندرهون

**نمبر - 51**

## A) INFLEXION OF THE REGULAR VERBS

## باقاعده فعل جو گردان

**(الف) فعل بي جنس ۽ فعل لازم جو گردان:**

سيئي بي جنس فعل امر ۾ **اُ** تي ختم ٿيندا آهن. (نمبر 43) ۽ اسم حاليہ ۾ **اَندوَ** تي ختم ٿيندا آهن (نمبر 44). پر متعدي فعلن جو بہ هڪ وڏو انگ امر ۾ **اُ** تي ختم ٿيندو آهي ۽ اسم حاليہ ۾ **اَندوَ** تي، ان ڪري انهن ۾ ڦيرو بہ بي جنس فعلن وارو ئي ايندو آهي، سواءِ زمان ماضيءَ ۾ جنهن لاءِ انهن کي مجهولي جوڙ جڪ ڪرڻي پوندي آهي.

هاڻ اسان باقاعدي بي جنس فعل جي گردان جو بيان ڪنداسون.

**مصدر**: **هَلَڻُ**

**امر** (Imperative):

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | هَلُ | هَلوَ |

**دعائيہ/ نيازي (Precative)**

| | |
|---|---|
| هَلِج ۽ هَلِجُ | هَلِجو |

**ڪردنت/ مشتق اسم** (Participles):

1) اسم حاليہ: هَلَندوَ

2) اسم مفعول: هَلِئوَ

3) ڳنڍيندڙ/ معطوفي: هَلِجِي، هَلِي، هَلِئوَ، هَلِي ڪَرِي

فعلي اسم: **هلڻوَ**

## I- THE POTENTIAL

## امڪاني فعل

1) **سادو مرڪب فعل** (The Simple Potential): **هَلاَن** وغيره.

| | | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | آئُون هَلان | اَسِين هَلُون |
| ضمير حاضر: | تُون هَلين | اَهِين هَلوَ |
| ضمير غائب: | هُو هَلي | هُو هَلَنِ |

2) **مرڪب امڪاني فعل** (Compound Potential):

(الف) اسم حاليہ امڪاني (ماضي متشڪي) فعل **هُئَان** (وغيره) سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندوَ هُئَان | هَلَندِي هُئَان |
| ضمير حاضر: | هَلَندوَ هُئين | هَلَندِي هُئين |
| ضمير غائب: | هَلَندوَ هُئي | هَلَندِي هُئي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندَا هُون | هَلَندِئُون هُون |
| ضمير حاضر: | هَلَندا هُئوَ | هَلَندِئُون هُئوَ |
| ضمير غائب: | هَلَندَا هُئَنِ | هَلَندِئُون هُئَنِ |

ب) اسم مفعول مرڪب فعل **هُئَان** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئوَ هُئَان | هَلِي هُئَان |
| ضمير حاضر: | هَلِئوَ هُئين | هَلِي هُئين |
| ضمير غائب: | هَلِئوَ هُئي | هَلِي هُئي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئَا هُون | هَلِئُون هُون |
| ضمير حاضر: | هَلِئَا هُئوَ | هَلِئُون هُئوَ |
| ضمير غائب: | هَلِئَا هُئَنِ | هَلئُون هُئَنِ |

# II- THE PRESENT

# زمان حال

1) **عام زمان حال** (The Present Indefinite):

امڪاني فعل **ٿوَ** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلان ٿوَ | هَلان ٿِي |
| ضمير حاضر: | هَلين ٿوَ | هَلين ٿِي |
| ضمير غائب: | هَلي ٿوَ | هَلي ٿِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلُون ٿا | هُلُون ٿِئُون |
| ضمير حاضر: | هَلوَ ٿا | هَلوَ ٿِئُون |
| ضمير غائب: | هَلَنِ ٿا | هَلَنِ ٿِئُون |

2) **زمان حال مطلق**[1] (The Present Indefinite):

اسم حاليہ **آنهِيَان** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندوَ آنهِيَان | هَلَندِي آنهِيَان |
| ضمير حاضر: | هَلَندوَ آنهِين | هَلَندِي آنهِين |
| ضمير غائب: | هَلَندوَ آهي | هَلَندِي آهي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندَا آنهيُون | هَلَندِئُون آنهِيُون |
| ضمير حاضر: | هَلَندَا آهِيوَ | هَلَندِئُون آهِيوَ |
| ضمير غائب: | هَلَندَا آنهِنِ | هَلَندِئُون آنهِنِ |

## III- THE IMPERFECT

## ماضي مدامي/ جاري

اسم حاليہ **هوَسِ** (وغيره) سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندوَ هوَسِ | هَلَندِي هُيَسِ |
| ضمير حاضر: | هَلَندوَ هُئين | هَلَندِي هُئِئَن |
| ضمير غائب: | هَلَندوَ هوَ | هَلَندِي هُئِي |

**جمع**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندَا هُئَاسِين | هَلَندِئُون هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | هَلَندَا هُئوُ | هَلَندِئُون هُيُون |
| ضمير غائب: | هَلَندَا هُئَا | هَلَندِئُون هُيُون |

---

[1] سنڌيءَ وياڪرڻ ۾ مدامي.

# IV- THE AORIST
# مضارع

1) **سادو مضارع** (The Simple Aorist):

گرداني پڇاڙي سان اسم مفعول. مثال: **هَلِئُسِ**

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئُسِ | هَلِئَسِ |
| ضمير حاضر: | هَلِئين | هَلِئَنِ ۽ هَلِئين |
| ضمير غائب: | هَلِئوَ | هَلِي |

**جمع**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئَاسِين | هَلِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | هَلِيَوُ | هَلِئُون |

| | | |
|---|---|---|
| ضمير غائب: | هَلِئا | هَلِئُون |

2) **مدامي مضارع** (The Habitual Aorist):

سادو مضارع پڇاڙي **ٿي** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئُسِ ٿي | هَلِئَسِ ٿي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئاسِين ٿي | هَلِئُونسُون ٿي |
| وعيره | وغيره | وغيره |

# V- THE PERFECT

# مڪمل زمانو (ماضي قريب)

اسم مفعول **آنهيان** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلئوَ آنهِيَان | هَلِي آنهِيَان |
| ضمير حاضر: | هَلئوَ آنهين | هَلِي آنهين |
| ضمير غائب: | هَلئوَ آهي | هَلِي آهي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئا آنهيُون | هَلِئُون آنهيُون |
| ضمير حاضر: | هَلِئا آهيوَ | هَلِئُون آهِيوَ |
| ضمير غائب: | هَلِئا آنهِنِ | هَلِئُون آنهِنِ |

# VI- THE PLUPERFECT

# ماضي بعيد

اسم مفعول مضارع **هوّس** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئوَ هوَسِ | هَلِي هُيَسِ |
| ضمير حاضر: | هَلِئوَ هُئين | هَلِي هُئِن |
| ضمير غائب: | هَلِئوَ هوَ | هَلِي هُئِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئا هُئاسِين | هَلِئون هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | هَلِئا هُئؤُ | هَلِئون هُيُون |
| ضمير غائب: | هَلِئا هُئا | هَلِئون هُيُون |

# VII- THE FUTURE
# زمان مستقبل

1) **سادو مستقبل** (The Simple or Indefinite Future):

اسم حاليہ گرداني پچاڙي **هَلَندُس** (وغيره) سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندُسِ | هَلَندِئَسِ، هَلَنديَسِ |
| ضمير حاضر: | هَلَندِين | هَلَندِئَن ۽ هَلَندئين |
| ضمير غائب: | هَلَندوَ | هَلَندِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَنداسِين | هَلَندِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | هَلَندؤُ | هَلَندِئُون |
| ضمير غائب: | هَلَندا | هَلَندِئُون |

2) **مرڪب زمان مستقبل** (Compound Future Tenses):

**الف) مستقبل مدامي** (The Definite Future):

اسم حاليہ **هُوندس** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندوَ هُوندُسِ | هَلَندِي هُوندِئَسِ |
| ضمير حاضر: | هَلَندوَ هُوندِين | هَلَندِي هُوندِئَن |
| ضمير غائب: | هَلَندوَ هُوندوَ | هَلَندِي هُوندِي |

**جمع**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندَا هُونداسِين | هَلَندِئُون هُوندِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | هَلَندَا هُوندَؤ | هَلَندِئُون هُوندِئُون |
| ضمير غائب: | هَلَندَا هُوندَا | هَلَندِئُون هُوندِئُون |

**ب): ماضي مستقبل** (The Past Future[1]):

**اسم مفعول سان مستقبل هُوندُسِ گڏيل:**

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئوَ هُوندُسِ | هَلِي هُوندِئَسِ |
| ضمير حاضر: | هَلِئوَ هُوندِين | هَلِي هُوندِئَن |
| ضمير غائب: | هَلِئوَ هُوندوَ | هَلِي هُوندِي |

**جمع**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئَا هُونداسِين | هَلِئُون هُوندِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | هَلِئَا هُوندَؤ | هَلِئُون هُوندِئُون |
| ضمير غائب: | هَلِئَا هُوندَا | هَلِئُون هُوندِئُون |

بي جنس فعل اڪثر ڪري پنهنجي امڪاني فعل ۽ زمان حال ۾ مجهول صورت اختيار ڪندا آهن. پر انهن جو مفهوم ۽ حيثيت بدلجندو نہ آهي ۽ اهي مجهول فعلن وانگر ئي ڦيرو ڪائيندا آهن. (ڏسو مجهولي فعلن جو گردان). مثال:

پَهَرَڻُ- پَهَرِجَڻُ
لُڙهَڻُ- لُڙهِجَڻُ
ڪَاوِڙَڻُ- ڪَاوِڙِجَڻُ
اَچَڻُ- اَچِجَڻُ
پَوَڻُ- پَئِجَڻُ

[1] سنڌيءَ ۾ ان کي ماضي متشڪي چئبو (ايڊيٽر)

مجهولي صورت جي بي جسن فعل جو ضمير غائب واحد مضارع ۽ مڪمل (perfect) زماني ڪانسواءِ سيني زمان ۾ عام طرح استعمال ٿيندو آهي. مثال: **هَلِجي- هَلِجي ٿوَ، هَلِبوَ** آهي، **هَلِبوَ هوَ** ۽ **هَلِبوَ**.

سنڌيءَ ۾ ڪئين بي جنس فعل اهڙا آهن، جن ڪي بي جنس ۽ معروف ڪري سمجهيو ويندو آهي ۽ تنهنڪري اهي زمان ماضيءَ ۾ بي جنس (ضمير سان) يا متعدي فعل طور ڻاهيا ويندا آهن (يعني مجهولي صورت ۾ جتي متعدي مجهول جو فاعل وسيلو ڏيکاريندڙ حالت (instrumental) ۾ رکبو آهي. مثال:

**وِڙهِئُسِ** يا **مُون وِڙهِئوَ** (وِڙهَڻُ مان) (معنيٰ اهو مون پاران وڙهيو ويو).

**کِلِئُسِ** يا **مُون کِلِئوَ** (کِلَڻُ مان)

پر **رُوئڻو** ڪي زمان ماضيءَ ۾ هميشہ مجهول صورت ۾ ڻاهبو آهي. مثال: **رُنائِين**.

ان ڪانسواءِ ڪجهہ فعل معروف اهڙا آهن (جن جو امر **اُ** تي ختم ٿئي) جيڪي زمان ماضيءَ ۾ مجهول بدران بي جنس فعل وانگر نهندا آهن. مثال: **سِکَڻُ** (فعل معروف) مان **سِکِيئُسِ** (مون **سِکِئوَ نہ**) ۽ **سِڪَڻُ** مان **سِڪِئُسِ**.

**نمبر** - 52

# B) INFLEXION OF THE TRANSITIVE VERB

# متعدي فعلن جو گردان

متعدي ۽ بالواسطہ فعلن جو گردان عمومي طرح بي جنس فعل سان امڪاني فعل زماني، زمان حال، ماضي استمراري/ جاري Imperfect ۽ مستقبل سان نهڪي ايندو آهي. انهن جو بي جنس فعل جي ڦيري ڪان خاص فرق اهو آهي تہ انهن ۾ فعل جي معروف حالت جو زمان ماضي نہ هوندو آهي، جنهن جي ڪري ان جا ماضي، مجهولي صورت ۾ ظاهر ڪيا آهن ۽ متعدي فعل جي اسم مفعول جي حيثيت مان هميشہ مجهول جي معنيٰ نڪرندي آهي. ان ڪري متعدي مجهول جي فاعل ڪي زمان ماضيءَ ۾ وسيلو ڏيکاريندڙ حالت Instrumental جي صورت ۾ رکڻو پوندو يا ٻي صورت ۾ اسم مفعول ۾ جيڪڏهن اهو ڪو ضمير هجي تہ ان ۾ پڇاڙي لڳائي سگهجي ٿو، اهو ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ اسم مفعول مجهول جو پنهنجي اساسي فعل سان انگ، جنس ۽ صفت ۾ نهڪي اچڻ لازمي آهي.

هر ڪنهن متعدي ۽ بالواسطہ فعل (۽ ڪجهہ بي جنس فعلن) مان هڪ مجهولي بناوٽ حاصل ڪري سگهجي ٿو، جنهن جو سيني زمانن ۾ باقاعده ڦيرو ٿيندو آهي.

هاڻ امر ۾ اِ تي ختم ٿيندڙ متعدي فعلن جي گردان تي نظر وجهون ٿا.

# 1) ACTIVE VOICE

# فعل جو معروف صيغو

مصدر- **ڇَڏَڻُ**:

**امر**

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | ڇَڏِ | ڇَڏِئو (ڇَڏيوَ ۽ ڇَڏِيوَ) |

**تمنائي/ دُعائيہ**

| | |
|---|---|
| ڇَڏِجِ ۽ ڇَڏِجُ | ڇَڏِجوَ |

**اسم**

1) اسم حاليہ: **ڇَڏِيندوَ**

2) اسم مفعول: **ڇَڏِئوَ**

3) اسم مفعول عطف (ماضي معطوفي): **ڇَڏِي، ڇَڏِئوَ، ڇَڏِجي، ڇَڏِي ڪَري**.

# 1- THE POTENTIAL

# امڪاني فعل

1) **سادو مرڪب فعل** (The Simple Potential):

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | آنئُون ڇَڏِئان | اَسِين ڇَڏِئُون |
| ضمير حاضر: | تُون ڇَڏِئين (ڇَڏِين ۽ ڇَڏِين) | اَهِين ڇَڏِئوَ |
| ضمير غائب: | هُو ڇَڏِي | هُو ڇَڏِين (ڇَڏِنِ) |

2) **مشترڪ امڪاني فعل** (Compound Potential):

**الف)** اسم حاليہ+ امڪاني **فعل هُئان** (وغيره) سان.

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِيندوَ هُئان | ڇَڏِيندِي هُئان |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِيندوَ هُئين | ڇَڏِيندِي هُئين |
| ضمير غائب: | ڇَڏِيندو هُئي | ڇَڏِيندِي هُئي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِيندَا هُون | ڇَڏِيندِئُون هُون |

| | | |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | ڇڏِيندا هُئوَ | ڇڏِيندِئُون هُئوَ |
| ضمير غائب: | ڇَڏِيندا هُئَن | ڇڏِيندِئُون هُئَن |

ب) اسم مفعول ۽ ضمير غائب واحد ۽ معاون فعل **هُئَڻُ** جي امڪاني/ مضارع فعل جو جمع، جنهن جو متعدي مجهول جو فاعل Instrumental ۾ هجي:

**By me, may have been give up**

**واحد**

| | |
|---|---|
| **جڏهن مفعول مذڪر هجي** | **جڏهن مفعول مونث هجي** |
| مُون ڇَڏِئو هُئي[1] | مُون ڇَڏِي هُئي |

[1] مذڪر فعل جي اهڙي بناوت سنڌيءَ ۾ عام ڪانهي. ترومپ اها بناوت الائجي ڪهڙي تناظر ۾ ڏني آهي، پر جيڪڏهن لفظ 'هُئي' (هوءِ) دراصل 'هُجي' واري معنىٰ ۾ آهي ته پوءِ ڪو مفهوم نڪري ٿو (ايڊيٽر).

| | |
|---|---|
| توَ ڇَڏِئوَ هُئي | توَ ڇَڏِي هُئي |
| هُنَ ڇَڏِئو هُئي | هُنَ ڇَڏِي هُئي |
| اَسَان ڇَڏِئوَ هُئي | اَسَان ڇَڏِي هُئي |
| اَهَان ڇَڏِئو هُئي | اَهَان ڇَڏِي هُئي |
| هن ڇَڏِئوَ هُئي | هُنَ ڇَڏِي هُئي |

**جمع**

| | |
|---|---|
| مُون ڇَڏِئا هُئَن | مُون ڇَڏِئُون هُئَن |

# II- THE PRESENT
# زمان حال

1) **عام زمان حال** (The Present Indefinite):

**توَ** سان امڪاني فعل (وغيره).

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِئَان توَ | ڇَڏِئَان ٿِي |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِئين توَ | ڇَڏِئين ٿِي |
| ضمير غائب: | ڇَڏِي توَ | ڇَڏِي ٿِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِئُون ٿا | ڇڏِئُون ٿِئُون |
| ضمير حاضر: | ڇڏِئوَ ٿا | ڇڏِئوَ ٿِئُون |
| ضمير غائب: | ڇڏِينِ ٿا | ڇڏِينِ ٿِئُون |

2) **زمان حال مطلق**[1]: (The Present Definite):

اسم حاليہ+ **آنهِيَان** سان:

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِيندوَ آنهِيَان | ڇڏِيندِي آنهِيَان |
| ضمير حاضر: | ڇڏِيندوَ آنهِين | ڇڏِيندِي آنهين |
| ضمير غائب: | ڇڏِيندوَ آهي | ڇڏِيندي آهي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِيندَا آنهِيُون | ڇڏِيندِئُون آنهِيُون |
| ضمير حاضر: | ڇڏِيندَا آهيوَ | ڇڏِيندِئُون آهِيوَ |
| ضمير غائب: | ڇڏِيندَا آنهِنِ | ڇڏِيندِئُون آنهِنِ |

## III- THE IMPERFECT

## ماضي جاري

اسم حاليہ مضارع **هوَسِ** سان:

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِيندوَ هوَسِ | ڇڏِيندِي هُيَسِ |
| ضمير حاضر: | ڇڏِيندوَ هُئِين | ڇڏِيندِي هُئِئَن |
| ضمير غائب: | ڇڏِيندوَ هوَ | ڇڏِيندِي هُئي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِيندَا هُئَاسِين | ڇڏِيندِئُون هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | ڇڏِيندَا هُئُئُو/ هُئوَ | ڇڏِيندِئُون هُيُون |
| ضمير غائب: | ڇڏِيندَا هُئَا/ هَا | ڇڏِيندِئُون هُيُون |

## IV- THE AORIST

[1] سنڌي وياڪرڻ ۾ ان بناوت لاءِ 'مدامي' مروج آهي.

# مضارع

1) **سادو مضارع** (The Simple Aorist):

اسم مفعول (مجهولي) ۽ **مجهول جي فاعل** وسيلو ڏيڪاريندڙ **حالت** (Instrumental) سان:

**واحد**

| | |
|---|---|
| مذڪر مفعول لاءِ | مونث مفعول لاءِ |
| مُون چَڙِئوَ | مُون چَڙِي |
| توَ چَڙِئوَ | توَ چَڙِي |
| هُنَ چَڙِئوَ | هُنَ چَڙِي |
| اَسان چَڙِئوَ | اَسان چَڙِي |
| (اوهان) اَهان چَڙِئوَ | (اوهَان) اَهَان چَڙِي |
| هُنِ چَڙِئوَ | هُنِ چَڙِي |

**جمع**

| | |
|---|---|
| مون چَڙِئا | مُون چَڙِئُون |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

2) **مضارع مدامي** (The Habitual Aorist):

سادو مضارع **تي** سان:

**واحد**

| | |
|---|---|
| مذڪر مفعول لاءِ | مونث مفعول لاءِ |
| مُون چَڙِئوَ تي | مُون چِڙِي تي |

**جمع**

| | |
|---|---|
| مون چَڙِئا تي | مُون چَڙِئُون تي |

# V- PERFECT

# مڪمل زمانو

اسم مفعول (مجهولي) **آهي** ۽ **آنهِن** سان – (فاعل وسيلو ڏيڪاريندڙ **حالت** (Instrumental) ۾:

By me, has been given up

واحد

| | |
|---|---|
| مذڪر مفعول لاءِ | مونث مفعول لاءِ |
| مُون ڇَڏِئو آهي | مُون ڇَڏِي آهي |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

جمع

| | |
|---|---|
| مؤن ڇَڏِئا آنهِن | مُون ڇَڏِئُون آنهِن |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

# VI- THE PLUPERFECT

## ماضي بعيد

**هوَ، هُئا** وغيره سان اسم مفعول (مجهول):

واحد

| | |
|---|---|
| مذڪر مفعول لاءِ | مونث مفعول لاءِ |
| مُون ڇَڏِئو هو | مُون ڇَڏِي هُئِي |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

جمع

| | |
|---|---|
| مؤن ڇَڏِئا هُئا | مُون ڇَڏِئُون هُيُون |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

# VII- THE FUTURE

## زمان مستقبل

1) **سادو زمان مستقبل** (The Simple or Indefinite Future):

گرداني پڇاڙين سان اسم حاليہ:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏيندُسِ | ڇڏيندِئسِ |
| ضمير حاضر: | ڇڏيندين | ڇڏيندِئن |
| ضمير غائب: | ڇڏيندوَ | ڇڏيندِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏينداسِين | ڇڏيندِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | ڇڏيندَؤُ | ڇڏيندِئُون |
| ضمير غائب: | ڇڏيندا | ڇڏيندِئُون |

### 2) مرڪب مستقبل (Compound Future):

**الف) مستقبل مطلق (The Definite Future[1]):**

**هُوندُسِ** سان اسم حاليہ:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏيندوَ هُوندُسِ | ڇڏيندِي هُوندِئسِ |
| ضمير حاضر: | ڇڏيندوَ هُوندين | ڇڏيندِي هُوندِئن |
| ضمير غائب: | ڇڏيندو هُوندوَ | ڇڏيندِي هُوندِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏيندا هُونداسِين | ڇڏيندِئُون هُوندِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | ڇڏيندا هُوندَؤُ | ڇڏيندِئُون هُوندِئُون |
| ضمير غائب: | ڇڏيندا هُوندا | ڇڏيندِئُون هُوندِئُون |

**ب) ماضي مستقبل (يا متشڪي) (The Past Future):**

هُوندوَ سان اسم مفعول (مجهولي) جنهن ۾ مجهولي فاعل کي وسيلو ڏيکاريندڙ حالت (instrumental) ۾ رکبو.

**واحد**

[1] سنڌي وياڪرڻ ۾ اهو ’متشڪي‘ زمانو چئبو آهي (ايڊيٽر)

| | |
|---|---|
| مذڪر مفعول لاءِ | مونث مفعول لاءِ |
| مُون ڇڏِئوَ هُوندوَ | مُون ڇڏِي هُوندِي |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

**جمع**

| | |
|---|---|
| مؤن ڇڏِئا هُوندَا | مُون ڇڏِئُون هُوندِئُون |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

2) **فعل جو مجهول صيغو** (Passive Voice):

مصدر- **ڇڏِجَڻُ**:

**امر**

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | ڇڏِجُ | ڇڏِجوَ |

**اسم**

1) اسم حاليہ: **ڇڏِبوَ**

2) اسم مفعول: **ڇڏِئوَ**

3) اسم استقبال يا اسم مصدر Gerundive: **ڇڏِڻوَ**

4) اسم مفعول عطف: **ڇڏِجي يا ڇڏِجو ۽ ڇڏِجي ڪَري**

# I- THE POTENTIAL

# امڪاني فعل

1) **سادو امڪاني فعل** (The Simple Potential):

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِجَان | ڇڏِجُون |
| ضمير حاضر: | ڇڏِجِين (ڇڏِجِين) | ڇڏِجوَ |
| ضمير غائب: | ڇڏِجي | ڇڏِجَن |

2) **مرڪب امڪاني فعل** (Compound Potential):

الف) امڪاني فعل "**هُئَان**" اسم حاليہ سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏبوَ هُئان | ڇڏي هُئان |
| ضمير حاضر: | ڇڏبوَ هُئين | ڇڏي هُئين |
| ضمير غائب: | ڇڏبوَ هُئي | ڇڏي هُئي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏبا هُون | ڇڏبيُون هُون |
| ضمير حاضر: | ڇڏبا هُئوَ | ڇڏبيُون هُئيو |
| ضمير غائب: | ڇڏبا هُئن | ڇڏبيُون هُئن |

ب) اسم مفعول- امڪاني فعل **هُئان** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏئوَ هُئان | ڇڏي هُئان |
| ضمير حاضر: | ڇڏئوَ هُئين | ڇڏي هُئين |
| ضمير غائب: | ڇڏئو هُئي | ڇڏي هُئي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏئا هُون | ڇڏئُون هُون |
| ضمير حاضر: | ڇڏئا هُئوَ | ڇڏئُون هُئوَ |
| ضمير غائب: | ڇڏئا هُئن | ڇڏئُون هُئي |

# II- THE PRESENT
# عام زمان حال

1) **سادو زمان حال** (The Indefinite Present):

امڪاني فعل **ٿوَ** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متكلم: | ڇڏِجَان توَ | ڇڏِجَان تِي |
| ضمير حاضر: | ڇڏجين توَ | ڇڏِجين تي |
| ضمير غائب: | ڇڏِجي توَ | ڇڏجي تِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متكلم: | ڇڏِجُون ٿا | ڇڏِجُون تِٿُون |
| ضمير حاضر: | ڇڏِجوَ ٿا | ڇڏِجوَ تِٿُون |
| ضمير غائب: | ڇڏِجَنِ ٿا | ڇڏِجَنِ تِٿُون |

2) **زمان حال مطلق**[1] (The Definite Present):

**آنهِيَان** سان اسم حاليہ:

**واحد**

| | مذكر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متكلم: | ڇڏِبوَ آنهِيَان | ڇڏِبِي آنهِيَان |
| ضمير حاضر: | ڇڏِبوَ آنهين | ڇڏِبِي آنهين |
| ضمير غائب: | ڇڏِبوَ آهي | ڇڏِبِي آهي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متكلم: | ڇڏِبَا آنهِيُون | ڇڏِٿُون آنهِيُون |
| ضمير حاضر: | ڇڏِبَا آهِيوَ | ڇڏِبِٿُون آهِيوَ |
| ضمير غائب: | ڇڏِبَا آنهِنِ | ڇڏِبِٿُون آهِنِ |

# III- THE IMPERFECT

# ماضي جاري

اسم حاليہ **هوَس** سان:

**واحد**

| | مذكر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متكلم: | ڇڏِبوَ هوَسِ | ڇڏِبِي هُيَسِ |

| | | |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | ڇڏِبوَ هُئين | ڇڏِبي هُئَن |
| ضمير غائب: | ڇڏِبوَ هوَ | ڇڏِبي هُئي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِبا هُئاسِين | ڇڏِبئُون هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | ڇڏِبا هُئؤ، هُئوَ | ڇڏِبئُون هُيُون |
| ضمير غائب: | ڇڏِبا هُئا | ڇڏِبئُون هُيُون |

# IV- THE AORIST

## مضارع

1) **سادو مضارع** (The Simple Aorist):

اسم مفعول گرداني پچاڙين سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِئُس، (ڇڏِيُس ۽ ڇڏِيَس) | ڇڏِئَس |
| ضمير حاضر: | ڇڏِئين | ڇڏِئَن |
| ضمير غائب: | ڇڏِئوَ | ڇڏِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِياسِين | ڇڏِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | ڇڏِيؤ | ڇڏِئُون |
| ضمير غائب: | ڇڏِيا | ڇڏِئُون |

2) **مضارع مدامي**[1] (The Habitual Aorist):

سادو مضارع **تي** سان

**واحد**

| | |
|---|---|
| ڇڏِئُس تي | ڇڏِئَس تي |

[1] سنڌي وياڪرڻ ۾ 'مدامي' (ايڊيٽر)

| | | |
|---|---|---|
| وغيره | وغيره | |

# V- THE PERFECT
## مڪمل زمانو (ماضي قريب)

اسم مفعول **آنهِيَان** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِئُوَ آنهِيَان | ڇَڏِي آنهِيَان |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِئُوَ آنهين | ڇَڏِي آنهين |
| ضمير غائب: | ڇَڏِئُوَ آهي | ڇَڏِي آهي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِئا آنهِيُون | ڇَڏِئُون آنهِيُون |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِئا آهِيُوَ | ڇَڏِئُون آهِيوَ |
| ضمير غائب: | ڇَڏِئا آنهِن | ڇَڏِئُون آنهِن |

# VI- THE PLUPERFECT
## ماضي بعيد

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِئُوَ هوَسِ | ڇَڏِي هُيَس |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِئُوَ هُئين | ڇَڏِي هُئِن |
| ضمير غائب: | ڇَڏِئُوَ هوَ | ڇَڏِي هُئِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِئا هُئاسِين | ڇَڏِئُون هُيُونسِين |

| | | |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | ڇَڏِئا هُئُوُ | ڇَڏِئُون هُيُون |
| ضمير غائب: | ڇَڏِئا هُئا | ڇَڏِئُون هُيُون |

# VII- THE FUTURE

# زمان مستقبل

1) **سادو مستقبل** (The Simple or Indefinite Future):

اسم حاليہ گرداني پڇاڙين سان:

**واحد**

| | مذکر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِبُس | ڇَڏِبِئَس |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِبين | ڇَڏِبِئَن |
| ضمير غائب: | ڇَڏِبوَ | ڇَڏِبِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِباسِين | ڇَڏِبِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِبَوُ | ڇَڏِبِئُون |
| ضمير غائب: | ڇَڏِبا | ڇَڏِبِئُون |

2) **مرڪب زمان مستقبل** (Compound Future):

الف) زمان مستقبل مدامي (متشڪي) (**The Definite Future**):

اسم حاليہ + **هُوندُس** سان:

**واحد**

| | مذکر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِبوَ هُوندُس | ڇَڏِبِي هُوندِئَس |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِبوَ هُوندين | ڇَڏِبِي هُوندِئَن |
| ضمير غائب: | ڇَڏِبوَ هُوندوَ | ڇَڏِبِي هُوندِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | **ڇَڏِبَا هُونداسِين** | **ڇَڏِبئُون هُوندِيُونسِين** |
| ضمير حاضر: | **ڇَڏِبَا هُوندَؤُ** | **ڇَڏِبئُون هُوندِيُون** |
| ضمير غائب: | **ڇَڏِبَا هُوندَا** | **ڇَڏِبئُون هُوندِيُون** |

**ب) مستقبل ماضي (متشڪي)** (The Past Future):

اسم مفعول + **هُوندُسِ** سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | **ڇَڏِئوَ هُوندُسِ** | **ڇَڏِي هُوندِئَسِ** |
| ضمير حاضر: | **ڇَڏِئوَ هُوندِين** | **ڇَڏِي هُوندِئَن** |
| ضمير غائب: | **ڇَڏِئوَ هُوندوَ** | **ڇَڏِي هُوندِي** |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | **ڇَڏِئَا هُونداسِين** | **ڇَڏِئُون هُوندِئُونسِين** |
| ضمير حاضر: | **ڇَڏِئَا هُوندَؤُ** | **ڇَڏِئُون هُوندِئُون** |
| ضمير غائب: | **ڇَڏِئَا هُوندَا** | **ڇَڏِئُون هُوندِئُون** |

# باب سورهون

## نمبر - 53

## COMPOUND VERBS

## مرڪب فعل

سنڌيءَ ۾ ڪنهن فعل کي ٻئي فعل سان مرڪب ٺاهي ان فعل کي مختلف معنائون ڏيڻ جي خاص صلاحيت رکيل آهي.

1) **هڪ فعل کي ٻئي سان مرڪب ڪرڻ لاءِ سيني کان عام طريقو اهو آهي ته فعل کان پهرين** (۽ شاعري ۾ ڪن صورتن ۾ مستقل فعل کانپوءِ) **اِي يا اِي** (۽ ڪن صورتن ۾ **اِئو**) تي ختم ٿيندڙ معروف يا مجهول حالت جو اسم مفعول عطف (ماضي معطوفي) لڳايو ويندو آهي ۽ انڪري اهڙي مرڪب فعل جي جوڙجڪ جو دارومدار ڪنهن به صورت ۾ اسم مفعول عطف تي نه پر مستقل فعل تي هوندو آهي ۽ ان طريقي سان ٺهندڙ فعل هيٺ ڏجن ٿا.

**الف) زور پرائيندڙ فعل** (Intensities):

جيڪي اڳيان لڳل اسم مفعول عطف جي ڪري ڪنهن فعل کي هڪ مخصوص معنيٰ ڏيندا آهن. مثال:

**مَري وَڃَڻُ؛ چَڙهي وَڃَڻُ؛ وَٺي وَڃَڻُ؛ کُلي پَوَڻُ؛ جي پَوَڻُ؛ وَهِي پَوَڻُ؛ وَڍِي وِجهَڻُ، سوَڙي ڪَيَڻُ، ڇَاڙهي آڻَڻُ؛ لوَڙهي ڇَڏَڻُ؛ ٽاڻِئوَ جهِٽَڻُ؛ موَٽائي نِئَڻُ** وغيره وغيره.

هت اهو ڏسڻ ضروري آهي ته **ڳٺَڻُ** جو اسم مفعول عطف **ڳٺِي** هر قسم جي فعل ۾ لڳي ان جي اهميت کي زور پرائيندو آهي، جنهن مان معنيٰ ڪنهن ڪم جو ٿي وڃڻ نڪرندو آهي. **مثال**:

**ڳٺِي لَڪَڻُ؛ ڳٺِي اُجَارَڻُ، ڳٺِي وَڃَائِڻُ، ڳٺِي وَڃَڻُ.**

ساڳيءَ ريت **پَوَڻُ** جو اسم مفعول عطف **پَئِي** يا **پيئِي** ڪنهن فعل کان اڳ لڳائي ان جي معنيٰ کي وڌيڪ زور پرائيندو آهي. مثال **پَئِي ڪئَڻُ**. جڏهن ته زمان حال جي اضافي **ٿوَ** کي حذف ڪري **پيئي** يا **پئي** شامل ڪيو ويندو آهي.

❖ سوَ جَڏِهِن وَڏوَ ٿِئوَ تَڏِهِن مَرِي وِئوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 2)

- سُونَهَنِ جي صَلاح وَٺُ تہ وِيرِ لَنگهي وَڃين (شاھہ سريراڳ، V، 7)
- لَڙئوَ پوَنِ لَطِيفَ کي ڳوَڙَا مَٿي ڳَلُ (مج 459)
- سَانڊاڙي سَمُونڊَ جي ٺھوَڙِي نِٿا (شاھہ سامونڊي I، 11)
- آٽي پَاڻُ اَڙَاءِ ڪَٽِي ڪُوڙي وِچَ ۾ (شاھہ جمن ڪلياڻ III، 13)
- جَان ڪَٽِي وَڃَائي تہ ڇَٺُوٽا ھَرَڻُ مِرُون پَڪِي هَلِئا اَڇَنِ (راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي، ص: 3)
- وَڪَرُ سوَ وِهَاءِ جوَ پِئِي پُرَاٽوَ نہ ٿِئي (شاھہ سريراڳ III، 2)
- پوءِ هِنَ ڏِنّدَ مَنجهان مِٽِي ڪَڍِي حُجِرَا ۽ مَسّجِد جُوَڙِئاٿُون (عبداللطيف جي زندگي: ص: 22)
- ڪِينّدوَ جوَ خوشِيَ پَئِي سوَئِي مُنهُن جوَ سيڻُ. (مج 319)

ب) اهڙا مرڪب ٽيل فعل جن جو مفهوم امڪان ۽ طاقت جو نڪرندو هجي، اهي فعل ناهڻ لاءِ فعل **سَگهَڻُ** (**سَگهَڻُ** سان مصدر بہ **گَڏِي** سگهجي ٿو) ۽ فعل **ڄَاڻَڻ** ڪان اڳ اسم مفعول عطف (يا ماضي معطوفي) لڳايو ويندو آهي. مثال:

- ڪَرِي يا ڪَريوَ سَگهَڻُ: ڏيئِي ڄَاڻَڻُ.
- ڪَنهن پَرِ رُئان پِرِينءَ ڪي روِئِي نہ ڄَاڻَان (شاھہ ڪوهياري VI، 1)
- اوَڄَاڳوَ اَکِنِ ڪي ڄَاڻُئِي نہ ڏِيئِي (شاھہ ڪوهياري I، 12)

پ) ڪنهن موضوع جي مڪمل ٿيڻ جي اظهار لاءِ ڪجهہ فعلن ڪان اڳ هڪ اسم مفعول عطف (يا ماضي معطوفي) لڳايو ويندو آهي. اهي فعل آهن. مثال: **رَهَڻُ**، **وَڃَڻُ**، **چُڪَڻُ**، **ٻَنِهَڻُ** يا **ٻَنِڻُ**.

ساڳِيءَ ريت: **بَسِ ڪَرَڻُ**، **وَڃِي رَهَڻُ**، **رَمِي رَهَڻُ**، **ڳائِي** وَڃَڻُ، **ڪَرِي چُڪَڻُ** ۽ **ڇَئِي بَسِ ڪَرَڻُ**.

- اُنهِي ڪِٺوَٽِنِ جي ڏِسَڻَ واسّطي ٻِهِي رَهِئوَ (املهہ ماٽڪ ص: 146).
- ڇَارَڻُ ڇَنگُ ڪُلهي ڪَرِي رَمِي رَهِئوَ رَاتِ (شاھہ سورٺ III ,5)
- جيڪوَ زَالَ ڏِي حَرَامَ جي دِلِ سَان تَوَ ڏسي اهو انهي ۾ ئي هن سان من ۾ حرام ڪري چڪو (4، 5: ميٿيو)
- تَنِهن سين ڪَرِي پريتڙِي نِبَائي نِبي (مج 196).
- پوءِ جَڏِهين عِيسَىٰ اِهي ڳالهِئُون ڇَئِي بَسِ ڪِيُون تَڏِهين مَاڻهُون هُنَ جوَ مَٽُ ٻُڌِي وِسَاتِئا (28، 7، ميٿيو).

ت) ٻٽو ڪرڻ ۽ دهرائڻ[1] جي عمل کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اصل فعل ۾ **اِئوَ** تي ختم ٿيندڙ اسم مفعول عطف (ماضي معطوفي) لڳائبو آهي، جنهن ۾ زور پيرائيندڙ **اِي** جو اضافو بہ ڪري سگهجي ٿو. مثال: **پڙهِئوَ پڙهَڻُ**.

- ❖ پَڙهِئوَ پَڙهيجَاءُ سَبَقُ اِنهِينَ سُورَ جوَ (شاهه، جمن ڪلياڻ V، 31)
- ❖ سوَئي سوَ حَرَفُ پَڙهِئوَئِي ٿوَ پَڙهَان (شاهه، جمن ڪلياڻ V، 33)

2) زور پرائيندڙ فعل جو هڪ ٻيو قسم ناهڻ لاءِ مطلق فعل جي امر، زمان حال[2] يا جاري زمانن Imperfect کان اڳ پَوَڻُ جو اسم مفعول عطف (ماضي معطوفي) پِئوَ لڳايو ويندو آهي. مثال: پِئوَ مَاڻِجَانس، پِئا ٿِئَنِ، پِئا ڏِسَندَا هُئَا.

- ❖ جَڏهِين ڪَٿ تي اَچِي تَڏهِين ٿُون پَرَ پَٽي ڪَڍِجَانُسِ پوءِ پِئوَ مَاڻِجَانُسِ (املهه ماڻڪ ص: 147).
- ❖ تَنهِن ۾ تَجِلاَ ڪِنوِڻِن وَانگي پَئا ٿِئَنِ (املهه ماڻڪ ص: 140)
- ❖ سَنَدَسِ اَجَرَ ڪَهَٽَا چوَڪَرَ پِئا پِئا ڏِسَندَا هُئا (عبداللطيف جي زندگي ص: 3)

3) تسلسل جي مفهوم جي اظهار لاءِ فعلن رَهَڻُ ۽ وَتَڻُ کان اڳ اسم حاليہ لڳايو ويندو آهي. مثال: وِيندوَ رَهي، چَارِيندوَ وَتي.

- ❖ وِيندوَ رَهَندوَ وِرَچِي مَنجهَان مِصِرَ شَامَ (مج 357).
- ❖ سَنَدُسِ پِيءُ شاهُ حَبِيبُ ڪيس ڳولِيندوَ ڦوَلِيندوَ ئِي رَهِئوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 9)
- ❖ ٻِيجَلُ گهوَڙَا چَارِيندوَ وَتي (راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي ص: 2)

4) ٻن فعلن کي ڳنڍڻ جو ٻيو طريقو اهو آهي تہ ڪنهن فعل جو تشڪيلي صورت وارو مصدر فعل کان اڳ لڳايو وڃي. مثال: لَڳَڻُ، اَچَڻُ، وَڃَڻُ. ان طريقي سان شروعات يا آرنڀ ڪندڙ فعل (inceptives) ناهيا ويندا آهن. مثال: رُوئَڻَ لَڳَڻُ، وَسَڻَ اَچَڻُ، سَڏَڻَ وَڃَڻُ.

- ❖ وِجُون وَسَڻَ آئِيُون سَارَنگُ چڙهِئوَ سيجَ (شاهه، سورٺ[1] IV، 13)
- ❖ پوءِ جيسِين هوَ ڳِنهَڻَ وِيئُون تيسِين گهوَٽُ اَچِي سَهَڙِيوَ (10، 25 ميٽيو).

---

[1] هن عنوان کي ترومپ Duration or Repetition لکيو آهي، جيڪا پروف جي غلطي ٿي لڳي. اهو بجاءِ duration جي شايد durative هوندو، جنهن جو مطلب جاري- مسلسل ٿئي ٿو (ايڊيٽر)

[1] سر سارنگ جو هي بيت ترومپ سر سورٺ ۾ ڄاڻايو آهي شايد پروف جي غلطي هجي (ايڊيٽر)

[2] ان صورت ۾ اضافي ٿوَ کي حذف ڪيو ويندو آهي.

# باب سترهون

## نمبر - 54

## THE VERB WITH PRONOMINAL SUFFIXES

## ضميري پڇاڙين سان فعل

سنڌيءَ ۾ ضميري پڇاڙين جو استعمال اسم جي پيٽ ۾ فعل ۾ وڌيڪ ٿيندو آهي. (ڏسو نمبر 30). انهن پڇاڙين جي لڳڻ سان فعل فقط مفعولي سببي (Accusative)، مفعولي ثاني (Dative) حالت ظاهر ڪندو آهي. جيتوڻيڪ اهي اسم مفعول مجهول ۾ وسيلو ڏيکاريندڙ حالت Instrumental سان به لڳندي ڪنهن به حالت ۾ ظاهر ڪري سگهجن ٿا. سواءِ فاعلي حالت جي.

فعلن ۾ لڳندڙ ضميري پڇاڙيون اسم ۾ لڳندڙ پڇاڙين جهڙيون ئي آهن، فرق رڳو اهو آهي ته ضمير متڪلم جمع جي پڇاڙي **اُون** جيڪا اسم ۾ استعمال نه ٿيندي آهي (ظرف ۽ حرف جر سان ٿيندي آهي) اها فعل ۾ عام طرح استعمال ٿيندي آهي. هڪڙي ٻي مخصوص وسيلو ڏيکاريندڙ حالت (Instrumental) جي پڇاڙي يعني واحد لاءِ **اِين** ۽ جمع لاءِ **اُون** اسم مفعول مجهول سان لڳندي آهي ۽ اسم ۽ ظرف ۾ ڪڏهن به استعمال نه ڪئي ويندي آهي.

ائين محسوس ٿئي ٿو ته پڇاڙي **اِين** اصل ۾ وسيلي واري (Instrumental) واحِد جي پڇاڙي **اِنَ** (**هِي** منجهان) ۽ **اُون** Instrumental جمع جي پڇاڙيءَ **اُنِ** (**هُو** منجهان) مان آيل آهن.

ضمير متڪلم واحد ۽ جمع ۾ ساڳئي ضمير جي پڇاڙي ڪڏهن به نه لڳائي ويندي آهي ۽ اهڙي صورت ۾ ضمير مشترڪ (Reflexive pronoun) **پَاڻَ** ڪي استعمال ڪرڻ ضروري آهي. مرڪب ٿيل فعل ۽ مرڪب زمان ۾ جيتوڻيڪ پڇاڙي جو اصل تعلق مرڪب جي پهرئين حصي سان هوندو آهي، پر لڳندو هميشه مرڪب جي آخري حصي ۾ آهي. ساڳيءَ ريت پڇاڙي فعل ۾ لڳندڙ **ٿوَ** يا ٿي بدران خود فعل ۾ لڳندي آهي.

مجهول اسم مفعول ۾ به پڇاڙيون به لڳي سگهن ٿيون، جنهن مان پهرين پڇاڙي وسيلي واري حالت Instrumental جي اظهار لاءِ ۽ ٻي مفعولي ثاني يا مفعولي سببي حالت لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿي.

فعل جي گرداني جوڙن ۾ مختلف جوڙن جي لڳڻ جي طريقي کي بهتر سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل تفصيل کي ڏسڻ ضروري آهي.

## نمبر - 55

### I. معاون فعل هُئَڻُ ۽ ٿِئَڻُ سان لڳندڙ ضميري پڇاڙيون:

1) امر- امڪاني ٿيل فعل جي ضمير حاضر واحد ۽ جمع جهڙيون ساڳيون ٿينديون آهن.

دعائيہ

| پڇاڙي | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُجَانَمِ | هُجوَمِ |
| ضمير غائب: | هُجَانَسِ | هُجوَسِ |
| ضمير متڪلم: | هُجَائُون | هُجوَئُون |
| ضمير غائب: | هُجَانِ | هُجوَئُون |

ساڳي طرح ٿِجُ ۾ پڇاڙيون لڳنديون آهن. مثال: **ٿِجَانمِ، ٿِجَانسِ**. مثال:

- پوَءِ هُو ٿِينِ اَڳُ ۾ تہ ٿُون پُٽِ ۾ ٿِجَانِ (املهہ ماڻڪ ص: 144).

### 2) امڪاني فعل هُئَان:

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| ------- | **واحد** | |
| | هُئَانءِ | هُئَانسِ |
| هُئِينَمِ | ------- | هُئِينَسِ |
| هُئِيمِ | هُئِيئِي | هُئِيسِ |
| | **جمع** | |
| ------- | هُونِئِ | هُونَسِ |
| هُئوَمِ (هوَمِ، هوَسِ) | ------- | هُئوَسِ |
| هُئِنمِ | هُئِني (هُئِنِئِي) | هُئِنِسِ |
| | **واحد** | |
| ------- | هُئَانوَ | هُئَانِ |
| هُئِينئُون | ------- | هُئِينِ[1] |
| ------- | هُئِيوَ | هُئِينِ |

**جمع**

| ضمير متڪلم | ضمير حاضر | ضمير غائب |
|---|---|---|
| ------- | هُونَوَ | هُونِ |
| هُئوَٿُون | ------- | هُئوَنِ |
| هُئَنِٿُون | هُئَنِوَ | هُئَنِ |

ان ئي طريقي سان فعل **ٿِئَانِ**، زمان حال مطلق **هُئَان توَ** ۽ **ٿِئَان توَ** (مثال **هُئينَمِ توَ**) سان بہ پڇاڙيون لڳنديون آهن.

- ❖ آخِرِ اُهِرِينَسِ تہ جوَڪوَ ٿِئيئِي نہ جَهَازَ ڪي (شاهہ، سريراڳ III، 7)
- ❖ جي پُوروَ ٿِئيمِ پَسَاهُ تہ بُہ نِجوَ مَٿِهُ مَليرَ ڏِي (شاهہ، عمر مارئي V، 14)
- ❖ جي هُئَنِي هوَتَنِ لَڪَ تہ پَاڙِجِ ڪوَ مَ پُنهُونءَ سَان (شاهہ، معذوري V، 4)

---

[1] جڏهن بہ ڪنهن انوسوار سر (اِين) ڪانپوءِ ڏندوان انوسوار ايندو هجي، تہ انوسوار جي نشاني (عربي اکرن ۾ ن ) ڪي اضافي سمجهندي حذف ڪبو آهي. تنهنڪري **هُئينن** بدران **هُئين** ۽ **هُونّ** بدران **هُونِ** استعمال ٿيندا آهن.

### 3) زمان حال جو آنهِيَان:

**واحد پڇاڙي**

**واحد**

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| | آنهِيَانيِ (آهيانءِ) | آنهِيَانَسِ |
| آنهِيَمِ (آنهِيم) | ------- | آنهينَسِ |
| آهيمِ | آهيئِي | آهيسِ |

**جمع**

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| | آنهِيُونيِ (آهيونءِ) | آنهيُونَسِ |
| آهِيوَمِ | ------- | آهِيوَسِ |
| آنهِنمِ | آنهِني (آنهِنئي) | آنهِنسِ |

**جمع پڇاڙي**

**واحد**

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| | آنهِيائوَ | آنهيانِ |

| | | |
|---|---|---|
| آنھِينئِوَن | ------- | آهِينِن |
| آهيئون | آهين | آهينِ |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ------- | آنھِيُوئَوَ | آنھِيُونِ |
| آهِيوَڻُون | ------- | آهِيُونِ |
| آنهنڻُون | آنھِنوَ | آنھِنِ |

سنڌيءَ ۾ **آهي** ۽ **آنھِن** بدران **اَٿ** بہ استعمال ٿيندي آهي، پر اهو تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن پڇاڙيون انهن ۾ لڳنديون هجن. اها پراڪرت جي پراڻي صورت **اَتِٿِ** جي برابر آهي (اساسي فعل **اَسِمِ** جي ضمير غائب واحد جي صورت ۾) جيڪا سنڌيءَ ۾ جمع ۾ بہ ڪتب اچي ٿي. اهي پڇاڙيون هيٺ ڏنل طريقي سان لڳنديون آهن.

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙِي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| | **واحد** | |
| اَٿمِ | اَٿِي، اَٿيئي | اَٿسِ |
| | **جمع** | |
| اَٿوَن | اَٿوَ | اَٿنِ |

زمان حال مطلق/ مدامي جي **هوندوَ آنھِيَان** ۾ پڇاڙيون مرڪب جي آخري حصي ۾ لڳنديون آهن.

- ❖ سَرَتِنِ سَاڻُ سَمَنَ آهيمِ اُنَي مِينھَڙِي (شاھہ عمر مارئي V، 21)
- ❖ ڳُجھِي اَٿمِ ڳَالھَڙِي آءُ اوَڙِي ٿَان اوَرِيَان (شاھہ سورٺ II، 22)
- ❖ تَڏِهِن سُٽِي سَبَقُ سَرَهوَ ٿِئوَ نَاهِسِ ڪوَ نِيَاز (مَج 189)
- ❖ جي اُٿِي سَڏَ پَسَڻَ ۾ تہ ڳُڻُ مَ پيرَ پَڙِي (شاھہ ڪلياڻ II، 4)
- ❖ ٻِنَان ڀَڄَنَ ڀَڳوَانَ جي اَٿيئِي ٻِي سَڀِ خُودِي خَامَ (مينگھو 4)
- ❖ مَنِي نہ آهِئُون مَنَ ۾ اُوءِ جوَنَا مَارِنِ جَڪَ (مج 255)
- ❖ اَسَان ڪي اُنھِنِ پَاهَڻِ سَان ڪوَ ڪَمُ نہ آهي مَگرِ پَنھِن جي ڏَٽِيَ سَان ڪَمُ اَٿُون (عبداللطيف جي زندگي ص: 20)
- ❖ سَاءُ نہ اَٿوَ سُورَ جوَ هَاڻي تِئُون هَسوَ (شاھہ ساموندي III، پڄاڻي)
- ❖ مَنِڊِي نہ آهين مَنَ ۾ سُجَاتَائُون ثوَابُ (مَج 218)

**4) مضارع:**

الف) مذڪر صورت **هوَّسِ**

| ضمير متڪلم جي پچاڙي | ضمير حاضر جي پچاڙِي | ضمير غائب جي پچاڙي |
|---|---|---|

**واحد پچاڙي**

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هوَّسَانئي (هوسانءِ) | هوَّسَانئَسِ |
| هُئينَمِ | ------- | هُئينَسِ |
| هوَّمِ | هوَّءِ | هوَّسِ |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هُئَاسُونءِ | هُئَاسُونَسِ |
| هُئوَّمِ | ------- | هُئوَّسِ |
| هُئَمِ[1] | هُئَئِہ | هُئَسِ |

**جمع پچاڙي**

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هوَّسَانوَ | هوَّسَانِ |
| هُئينئُون | ------- | هُئينِ |
| هوَّسُون | هوَّوَ | هوَّنِ |

---

[1] شاعري ۾ ڏگهو آ اڪثر ڪري برقرار رکيو ويندو آهي. مثال: **هُئَامِ، هُئَاءِ، هُئَاسِ**

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هُئَاسُونوَ | هُئَاسُونِ |
| هُئوَّسُون | | هُئوَّنِ |
| هُئَاسُون | هُئَوَ | هُئَنِ |

ب) مونث صورت **هُيَسِ**:

| ضمير متڪلم جي پچاڙي | ضمير حاضر جي پچاڙِي | ضمير غائب جي پچاڙي |
|---|---|---|

## واحد پڇاڙِي

### واحد

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هُئِيسَانيءِ (هئيسانءِ) | هُئِيسَانُسِ |
| هُئِيَنَمِ (هِئنمِ) | ------- | هُئِيَنَسِ |
| هُيَمِ | هُيَنيءِ | هُيَسِ |

### جمع

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هُيُونَسُونِ | هُيُونَسُونءِ |
| هُيُنَمِ | ------- | هُيُنَسِ |
| هُيُنَمِ | هُيُنِئہ | هُيُنَسِ |

## جمع پڇاڙِي

### واحد

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هُئِيسَانُوَ | هُئِيسَانِ |
| هُييسُون | ------- | هُئِيَنِ |
| هُئِيسوُن | هُيَوَ | هُيَنِ |

### جمع

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هُيُونَسُونَوَ | هُيُونَسُون |
| هُيُونَسُون | ------- | هُيُنِ |
| هُيُونَسُون | هُيُنَوَ | هُيُنِ |

پڇاڙيون **هوَ ۽ هُئِي** (وغيره) **جڏهن مجهول اسم مفعول ۾ ماضي بعيد سان پڇاڙيءَ جي صورت ۾ لڳنديون هجن** (خاص ڪري وسيلو ڏيکاريندڙ حالت Instrumental جي صورت ۾) جو ذڪر اڳتي ڪنداسون (نمبر 56، 5).

ضمير متڪلم واحد مونث ۽ مذڪر جي گرداني پڇاڙِي **سِ** پڇاڙي لڳڻ ڪان اڳ **سَان** ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون. جڏهن ته مونث ۾ **هُيَسِ** ساڳئي وقت سُسي پنهنجي اصلي صورت **هُئِي** ۾ تبديل ٿئي ٿي. مثال: **هُئِسَانءِ**. امر، فعل ۽ زمان حال جي پڇاڙي **اُون**، ضمير متڪلم جمع جي پڇاڙي مضارع ۾ **سُون** ۽ **سِين** ٿي ويندي آهي. ضمير حاضر (مونث) واحد ۾ **هُيين** يا **هُئِين** استعمال ٿينديون آهن ۽ جڏهن انهن ۾ پڇاڙي **سُون**

يا **سِين** لڳندي آهي تہ اچارڻ ۾ سجو زور **فعل** جي آخري پد تي هوندو آهي. مثال: **هُئينسُون** يا **هُئِينسُون**.

**هوَسِ** ۽ **هُيَسِ** وانگر **تِئُسِ** ۽ **تِئَسِ** ۾ بہ ساڳي ريت پچاڙيون لڳنديون آهن. اهڙيءَ طرح مضارع ۾ هر ڪنهن ٻي جنس **فعل** ۾ بہ پچاڙيون لڳنديون آهن، جنهن لاءِ **تِسُ** ڪي بنياد طور رکيو ويندو آهي.

مضارع: **تِئُسِ**

الف) مذڪر صورت **تِئُسِ**:

**واحد پچاڙي**

**واحد**

| ضمير متڪلم جي پچاڙي | ضمير حاضر جي پچاڙي | ضمير غائب جي پچاڙي |
|---|---|---|
| ------- | تِئوَسَانءِ | تِئوَسَانسِ |
| تِئينمِ | ------- | تِئينسِ |
| تِئُمِ[1] | تِئُءِ | تِئُسِ |

**جمع**

| ضمير متڪلم جي پچاڙي | ضمير حاضر جي پچاڙي | ضمير غائب جي پچاڙي |
|---|---|---|
| ------- | تِئَاسُونءِ | تِئَاسُونسِ |
| تِئوَمِ | ------- | تِئوَسِ |
| تِئَمِ | تِيَءِ | تِئَسِ |

**جمع پچاڙي**

**واحد**

| ضمير متڪلم جي پچاڙي | ضمير حاضر جي پچاڙي | ضمير غائب جي پچاڙي |
|---|---|---|
| ------- | تِئوَسَانوَ | تِئوَسَانِ |
| تِئينئُون | ------- | تِئينِ |
| تِئوَسُون | تِئُوَ | تِئُنِ |

**جمع**

| ضمير متڪلم جي پچاڙي | ضمير حاضر جي پچاڙي | ضمير غائب جي پچاڙي |
|---|---|---|
| ------- | تِئَاسُونوَ | تِئَاسُونِ |
| تِئوَسُون | ------- | تِئوَنِ |
| تِئَاسُون | تِئوَ | تِئَنِ |

ب) مونث صورت: **تِئَسِ**:

**ضمير متڪلم جي پچاڙي** | **ضمير حاضر جي پچاڙي** | **ضمير غائب جي پچاڙي**

**واحد پچاڙي**

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ------- | تِيسَانءِ | تِيسَانُسِ |
| تِئَنمِ | ------- | تِئَنُسِ |
| تِئَمِ | تِيَئِہِ | تِيَسِ |

[1] شاعري ۾ اسم مفعول ۾ اڪثر تصغيري پڇاڙي ڙوَ لڳائي ويندي آهي، جنهن ۾ عام قاعدن موجب پڇاڙيون لڳنديون آهن. مثال **تِئَڙُمِ، تِئَڙُسِ**. پر ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر ۾ ڪڏهن بہ تصغيري پڇاڙي نہ لڳندي آهي.

## جمع

| | | |
|---|---|---|
| ------- | تِئُونسُونءِ | تِئُونَسِينَسِ |
| تِئَمِ (۽ تِئُنَمِ) | ------- | تِئُنَسِ |
| تِئُومِ | تِئُونءِ | تِئُنَسِ |

## جمع پڇاڙي

## واحد

| | | |
|---|---|---|
| ------- | تِيسَانُوَ | تِيسَانِ |
| تِئِينَسُون | ------- | تِئَنِ |
| تِيسُون | تِيَوَ | تِيَنِ |

## جمع

| | | |
|---|---|---|
| ------- | تِئوونَسِينُوَ | تِئُونَسِين |
| تِئُونَسُون | ------- | تِئُنِ |
| تِئُونَسُون | تِئُنُوَ | تِئُنِ |

- جَڏِهِن پِٽُسِ وَڃِي ڳُوَلي وَنِي آٽِيندوَ هوَسِ تَڏِهِن ٻَاهَرِ اِيندوَ هوَ (عبداللطيف جي زندگي ص 3
- جيتِروَ گهُرِبوَ هوَسِ تيتِروَ اُنَ ٻَرَتَنَ مَان ڪَڍَندوَ هوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 21)
- اِيَ سُٽِيندَهِي ٻَالَهِڙِي چَرِئو تِئَڙُسِ چِٽُ (مج 375).
- تَنِي رِي تَنُورَ ۾ تِئَمِ سُورَ سَرسو (مج 663).
- ڏِئَڙِي ڪي اُٿَارِي پَنَهَن جي گهَرِ وِهَارِي پَاڙهِيندَا هُئَسِ (عبداللطيف جي زندگي ص: 46).
- جيڪي ٽُڪُرَ ڪَائِڻَ ڪان بَچَندَا هُئَنِ سي اُنَ لئي جي ڏِنَدِرَ ۾ رَکَنَدَا هُئَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 23).

5) زمان مستقبل

[1] شا[illegible] مِ ۽ هُونَدا مِ

[2] يا هُوندي

الف) مذکر صورت **هُوندُسِ**:

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| | **واحد پڇاڙي** | |
| | **واحد** | |
| ------- | هُونَدوَسَانءِ | هُونَدوَسَانَسِ |
| هُونڊِينَمِ | ------- | هُونَڊِينَسِ |
| هُوندُمِ[1] | هُوندُءِ[2] | هُونَدُسِ |
| | **جمع** | |
| ------- | هُونَدَاسُونءِ | هُونَدَاسُونَسِ |
| هُونَدوَ مِ | ------- | هُونَدوَسِ |
| هُونَدَمِ | هُوندَءِ | هُوندَسِ |
| | **جمع پڇاڙي** | |
| | **واحد** | |
| ------- | هُوندوَ سَانَوَ | هُوندوَسَانِ |
| هُونڊِينئُون | ------- | هُونڊِينِ |
| هُوندوَسُون | هُوندُوَ | هُوندُنِ |
| | **جمع** | |
| ------- | هُونداسُونَوَ | هُونداسُونِ |
| هُونداسُون | ------- | هُوندوَنِ |
| هُونداسُون | هُوندَوَ | هُوندَنِ |

ب) مونث صورت **هُونڊِئَسِ**:

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|

## واحد پڇاڙي

### واحد

| | | |
|---|---|---|
| | هُوندِيسَانءِ | هُوندِيسَانَسِ |
| هُوندِئَنمِ (هُوندِئِينمِ) | ------- | هُوندِئَنَسِ |
| هُوندِيَمِ | هُوندِيَئِہ | هُوندِيَسِ |

### جمع

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هووندِئووَنسُونءِ | هُوندِئُونسُونَسِ |
| هُوندَيُنَمِ | ------- | هُوندَيُنَسِ |
| هُوندَيُنَمِ | هُوندِيونئِہ | هُوندَيُنَسِ |

## جمع پڇاڙي

### واحد

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هُوندِيسَانُوَ | هُوندِسَانِ |
| هُوندِئِينئُون | ------- | هُوندِئَنِ |
| هُوندِيسُون | هُوندِيوَ | هُوندِيَن |

### جمع

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هُوندِئُونسُونوَ | هُوندِئُونسُونِ |
| هُوندِئُونسُون | ------- | هُوندَيُنِ |
| هُوندِئُونسُون | هُونديُنوَ | هُوندِيُنِ |

**هُوندُسِ** ۽ **هُوندِئَسِ** وانگر مستقبل جي معروف ۽ مجهول ۾ ۽ انهن ٻنهي صورتن جي اسم حاليہ ۾ ٻہ ان ئي طريقي سان پڇاڙيون لڳنديون آهن.

- مَتوَ ۾ ڪِيڪَارَ يارَ ڏَاڻُ ڏيندوَسَانءِ مَگَّڻَا (شاهہ سورٺ III پڇاڙي)
- سَڀَاجهوَ ڀَاجهہ ڪرِي تَنَهِين سين ميڙِيندوَمِ (مج 182)
- هوَتُ گَڏِبُئِي حَبَّ ۾ رَهَبَرُ مَٿي رَاهہَ (شاهہ معذوري V، 5)
- ٻَئوَ ٻِ جيڪي گهُرَندوَ سوَ ڏِبُسِ (راءِ ڏياج جي ڪهاڻي ص: 7)
- جيڪَڏِهِن ليلهِرَائِي ڪَٻِي تَان پُڻُ ڪَالُ ڪِي نہ ڇَڏِيندوَسِين (سنڌي ڪتاب ص: 63)
- اَوهَان مُون سَان چِڙَندوَ ۽ ٻيلِپي مَان ڪَڍَندوَمِ (سنڌي ڪتاب ص:51)

- ❖ اِديُون عبدُالّطِيفُ چَوِي سيڻَ لَهَندُمِ سَارَ (شاهہ عمر مارئي I پچاٽي)
- ❖ ٿُون جَنْهِن جي نَکَ تي وِينديوَ ڏِسين سَا سُجَاٽي کَڍِج تہ اُهَا هُونديِسَانءِ (املهہ ماٽڪ ص:150)
- ❖ هَڪِئوَ هُجُ هُشِيَارُ کوَڻِ کوَندَئِي اوَڄتِي (شاهہ سريراڳ VI، 5)
- ❖ اِئين موَچَاروَ تہ مَينِ وَڃِي پَئُون ۽ هِڪَ ٻئِي جي وَاهَرَ سَاڻُ مَارِي مَجَائِيندِڻُونسِين (سنڌي ڪتاب ص: 64)
- ❖ تہ چوَنّديُنسِ پَاتِشَاهَزَادِي رَاتِ تَمَاشي تي هَلي هُئِئَن.

**نمبر - 56**

**II. باقاعده فعل ۾ لڳندڙ ضميري پڇاڙيون:**

**1) امر (امڪاني فعل وانگر):**

- ❖ اَچِي چَيَائِين مَاءُ کي رُخَصَتَ ڏِيئَمِ رَضَا (مج 77)
- ❖ مَاڙهُنِ چَيوَ مَاڻُسِ کي تہ تَان پَاڻ پُڇِينّسِ (مج 42)
- ❖ سَا ڏِيکَارِئُون جُوءِ جِئَان لَاهُوتِي لَالُ تِئوَ (شاهہ مومل راڻو III، 9)
- ❖ رَبَّ پَسَايُون روَءِ اُنْهِين جِي اِحَسَانَ سَان (شاهہ ڪيڏارو IV، 5)
- ❖ تَازِي ڏِئوَسِ تَڪِڙوَ جوَهَرَ پَائِي زِينَ (شاهہ سورٺ I، 18)

**تمنائي/ دعائيہ** (The Precative)

| پڇاڙي | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم جمع: | چَڏِجَانَمِ | چَڏِجوَمِ |
| ضمير غائب جمع: | چَڏِجَانَسِ | چَڏِجوَسِ |
| ضمير متڪلم واحد: | چَڏِجَاڻُون | چَڏِجوَڻُون |
| ضمير غائب واحد: | چَڏِجَانِ | چَڏِجوَنِ |

- ❖ هُو جي ڏَهَ ٻَارَهَنَ ڏَاڪُئا (ڏاڪون/ ڏانوَ) سي ٿُون مَتوَنئِين ڪَاڻِي وَڃِجَانّسِ (املهہ ماٽڪ، ص: 144)
- ❖ اَسِين جَڏِهِين ٻَئِي گَڏِجِي اَچُون تَڏِهِين هِي نَاٽوَ ڏِجَاڻُون (استيڪ گرامر، ص: 135)
- ❖ جَڏِهِين آن ڪَچَهَرِي ٻَاهَرَايَان تَڏِهِين مَارِي وِجهوَسِ (راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي، ص:4)

**2) امڪاني/ مضارع فعل:**

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|

**واحد پڇاڙي**

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ------- | ڇَڏِئانءِ | ڇَڏِئانَسِ |
| ڇَڏِينَمِ[1] | ------- | ڇَڏِينَسِ |
| ڇَڏِيمِ | ڇَڏِئيي | ڇَڏِيسِ |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ------- | ڇَڏِئُونءِ | ڇَڏِئُونَسِ |
| ڇَڏِئوَمِ | ------- | ڇَڏِئوَسِ |
| ڇَڏِنمِ | ڇَڏِني | ڇَڏِينَسِ |

## جمع پڇاڙي

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ------- | ڇَڏِئانوَ | ڇَڏِئان |
| ڇَڏِينئُون | ------- | ڇَڏِين |
| ڇَڏِيئُون | ڇَڏِيوَ | ڇَڏِين |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ------- | ڇَڏِئُونوَ | ڇَڏِئُونِ |
| ڇَڏِئوَئُون | ------- | ڇَڏِئونِ |
| ڇَڏِنئوون | ڇَڏِنوَ | ڇَڏِينِ |

**ان ئي طريقي سان مجهول جي امڪاني/ مضارع فعل ۾ پڇاڙيون لڳنديون آهن. باقاعدي مجهول جو فعل ۽ زمان حال ۾ پڇاڙي ورلي ڪو لڳندي آهي ۽ گهڻو ڪري اهي مجهولي صورت واري فعل لازم ۾ لڳنديون آهن. مثال: گَڏِجَانءِ تَوَ.**

**ماضي جاري/ استمراري** (Imperfect) **۾ پڇاڙي معاون فعل هوَسِ ۾ لڳندي آهي.**

- **سَائِين صَاحِبزَادِي ڪي موَڪَلَ ڏِي تَہ آنئُون فَقِيرَ جي پيرين وِجهَارَائي اَچَانَسِ** (املھ ماڻڪ ص: 1)
- **مَتوَ هِيءُ مِهمَانَ هَلِي چوُ تَہ هُتِ ڏِيَانءِ** (شاھ، سورٹ: I، 13)
- **تُونهِين رَهِينَمِ رُوحَ ۾ توَهِين ڏَانُهَن نينِ** (مج 211)
- **ٺڏهِن پَرِ ۾ پَلَنَ جِيُون ڪِئوَ مَتِيُون ڏِيسِ مَاءُ** (مج 288)

1 يا ڇَڏِئينَمِ، ڇَڏِينَمِ

- جيڪِي گهُرَجيئي سوَ هِنَ مَان ڪَٽِجِ (عبدالَّطيف جي زندگي ص: 21)
- جيڪِي گهُرِيوَ سوَ آٽي ڏِجوَسِ (املھ ماڻڪ ص: 148)
- ٻَانْيَڻِ ٿِيءُ ٻُوٽِيُون تہ ڪُتَا ڪِيئِنِي ڪيچَ جا (شاھ، معذوري I، 1)
- رَاتَّا رِهَاڻِنِ جا تَّا مَارِنِئُون مَذڪُورَ (مومل راڻو V، 10)
- توَڙِي چِڪَنِ چَاڪَ تہ پِي آھَ نہ سَلَنِ عَامَ کي (شاھ، ڪلياڻ II، 23)

**3) اسم مفعول** (مضارع جو ضمير غائب):

بي جنس فعل جي مضارع ۾ ضميري پڇاڙين جي لڳڻ جي طريقي کي سمجھڻ لاءِ **ڇِڏُسِ** جي مثال کي سامهون رکي سگهجي ٿو. مجهول جي مضارع ۾ پڇاڙيون فقط ضمير غائب (واحد ۽ جمع) يا اسم مفعول مجهول ۾ لڳنديون آهن. اهڙين پڇاڙين لڳڻ ڪانپوءِ مفهوم مفعولي ثاني، مفعولي سببي يا وسيلي واري حالت (Instrumental) جو نڪرندو آهي. ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر (واحد ۽ جمع) جي پڇاڙين مان فاعل يا مفعول جو مفهوم نڪرندو آهي، پر ضمير غائب ۾ مفعول يا فاعل لاءِ مختلف پڇاڙيون استعمال ٿينديون آهن. (پڇاڙي **سِ** ۽ **نِ** مفعول لاءِ ۽ **اِين** يا **اُن** فاعل لاءِ) اهي ٻئي پڇاڙيون ڳريون پڇاڙيون تصور ڪيون وينديون آهن، جن جي ڪري اچار جو زور پهرئين بدران آخري پد ڏانهن هليو ويندو آهي. انڪري پڇاڙيءَ کان اڳ اسم مفعول جو آخري **اوَ** بدلجي **آ** ٿيندو آهي (۽ اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ **آ** ۾ انوسوار بہ لڳندو آهي) تہ جيئن پوءِ ايندڙ ڳري پڇاڙي کي سهارو ڏئي سگهجي. مونث واحد ۾ ساڳي ريتءَ آخري **اِي** ۽ پڇاڙين **اِين** ۽ **اُون** جي وچ ۾ **آ** جو اضافو ضروري هوندو آهي ۽ ان لاءِ مونث پڇاڙي **اوُن** کي جڳھ ڏيڻي پوي ٿي ۽ نتيجي طور **اِين** ۽ **اُون** پڇاڙيون لڳڻ جي صورت ۾ ٻنهي جنسن جا واحد ۽ جمع هڪجهڙا ٿي وڃن ٿا.
ويندا آهن.

**الف) اسم مفعول واحد پڇاڙين سان:**

مذڪر (واحد) **ڇِڏِئوَ**

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| واحد: ڇِڏِئُمِ | ڇِڏِيُئِي (ڇِڏِئي) | ڇِڏِيَائِين |
| جمع: ڇِڏِئوَسُون | ڇِڏِيُوَ (ڇِڏِيَان) | ڇِڏِيَائُون |

مذڪر (جمع) **ڇَڏِئَا**

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| واحد: ڇِڏِئُمِ | ڇِڏِيَئِي (ڇِڏِيِي) | ڇِڏِيَائِين |
| جمع: ڇَڏِئَاسُون | ڇِڏِيَوَ | ڇِڏِيَائُون |

مونث (واحد) ڇڏِي:

| | | |
|---|---|---|
| واحد: ڇڏِئمِ | ڇڏِيئہ | ڇڏِيائِين |
| جمع: ڇڏِيسُون | ڇڏِيوَ | ڇڏِيائُون |

مونث (جمع) **ڇڏِئُون**

| | | |
|---|---|---|
| واحد: ڇڏِئُئمِ (ڇڏِئمِ) | ڇڏِيُونءِ | ڇڏِيائِين |
| جمع: ڇڏِيُونسُون | ڇڏِيُنوَ | ڇڏِيائُون |

- هِنَ مِنَائِيَ ميوِوَ ٻِئوَ ڪَڏِهن نہ ڳاڌوَمِ (مج 129)
- اَڇِي سوَ ڏِنوَءِ جوَ ڪَپِرُ سُئي ڪَنَنِ سِين (شاهہ سريراڳ III، 9)
- جَانِي ڪِئِڙءِ جُدا سورٺ تي ساڙي (شاهہ سورٺ پڇاڙي I)
- پٽ جَٽِيائِين تنهنَ جو نالو مِيانَ غُلام شاهہ رکِئائُوَنَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 35)
- پِي پيالو عِشقَ جو سَيڪِي سَمَجهوسُونَ (شاهہ ڪلياڻ II، پڇاڙي)
- ڏِنو جي بَروچُ مونَ جان هوَٺُ اَکِيُنِ سِينَ (شاهہ حسيني XI، 1)
- ڪو نہ مُڪائُون ڪَڏهِنَ توڏهِنَ نِياپوَ سِينَ نِينَهَہ (مج 648)
- هُوند نہ سَنَيَمُ هيتِرِي ڪوَهِيارِي جِي ڪَاڻِ (شاهہ آبري، V،17)
- وِچائِي وِڌئوءِ وِکَ نہ ڪَئِي هيڪڙي (شاهہ حسيني X، 27)
- مون ڪَر نہ لڌِي ڪڏهن ساجن تُنَهن جي سار (مج 757)
- اَڻِيا سَٽِيا نہ ڪَرِي سُونَهَن وِجايَسِ سُور (شاهہ عمر مارئي III، 7)
- ماني ڪئِيسين ڪِي نہ اُنهي وَاسطي اِئِينَ چِئائِينَ (ميٿيو 16، 7)
- هُوندَ نہ پَليوَ مَان گهڙيون سَڀ گهڙا ڪٽي (شاهہ سهڻي I، 3)
- پَسَڻَ خاطِر پِرِيَنءِ جِي پاتيَم جهاتِڙِيُونَ (شاهہ ڪنيات: II، حرف آخر 1)
- ميَڻ چَونِم ڪِي تہ لجايئي تر جائيون (عمر مارئي II، 17)
- تہ ٻانهَن وِجهي وَات رِيهُون ڪَيوَ رُج ۾ (شاهہ حسيني XII، 6)

**مفعول ڏانهن اشارو ڪندڙ ضمير غائب (واحد ۽ جمع) جون پڇاڙيون:**

| | |
|---|---|
| **ڇڏِئوَ** | **ڇڏِئا** |
| واحد: ڇڏِئُسِ | ڇڏِئسِ |

جمع: ڇَڏِئُنِ ڇَڏِئَنِ

**ڇَڏِي** **ڇَڏِئُون**

واحد: ڇَڏِئَسِ ڇَڏِئُنسِ

جمع: ڇَڏِئَنِ ڇَڏِئُنِ

- **ڪو ڇَوِي پِڻُسُ جِنُ جُسي ۾ ڪوَ ڇَئي عَقُلُ قِريوَسُ** (مج 40)
- **ڪالهَہ گَڏِيوسُونَ ڪاپڙِي بابُو بيڪارِي** (مومل راڻو III ,4C)
- **سِيپئِي وِئم وِسَرِي جيڪي سَڳا سيڻَ** (مج 212)
- **ترِي ٺُن پِئاسَ پَاسنڻُون پاٽي وهي**
- **ڪوهو جهر جُهنُو تِئوَ لاَجوَ سَپ لَڙئاسِ** (سريراڳ III، 6)
- **اِها ڏِئڙِي پڻ جڏهن ڳالهاءُ ان جوَ ٻُڌندِي هُئِي تَڏهنَ پَنَهنَ جي سِر اُتِي ٺُڪرِ مَانِيءَ جوَ ڪٽِي آٽي ڏِيَنِدِي هُيَسِ** (عبداللطيف جي زندگي ص: 46)
- **جي هُيَوَ هوتُ پُنُهُون سيڻَ مُون ڪَا مُلاَقَاتَ** (شاهہ حسيني XII، 6)
- **هِنَ اَسَان جي حالَ جِي خَبَرَ تَان نہ پِئي** (مج 229)
- **تنهِين جي وائِي هوندَ نہ وِيَنُوَ وِسرِي** (شاهہ حُسيني XII، 7)
- **مُونَ ڪي چَڏي هَلِئا ڪَا پِيين متي پتي** (شاهہ معذوري III، پچاٽي)
- **جِيئَن آيُنسِ مَتِئون وَجِئو تِي وارِيس** (مج 424)
- **سرِي ڪِي نہ ڪِئونِ وِيڻ موڪِيءَ جي مارِئا** (شاهہ يمن ڪلياڻ IV، 8)
- **اَوَڱُڻَ رُسِي سَيَڪو ڳُٽِين پرِينَ رُنامِ** (شاهہ آسا IV، 24)
- **ڪَنهِينَ ڪامَڻَ ڪِياءِ ڪَئِين پَنيوَلَئِين ڪَرَهَا**
- **اَڪِنِ متي اَڪيا پِڙَ ۾ پيرَ ڪُتاءِ** (شاهہ ڪنيات II، 39)
- **سنهي لَڪ نَڪ سَنّئِين ڪَجَلَ پَرِيَنِ نيڻَ** (شاهہ ساموندي I، 35)

## ب) ٻن پڇاڙين سان اسم مفعول:

اسم مفعول ۾ ٻہ پڇاڙيون بہ لڳائي سگهجن ٿيون، جنهن مان پهرين **فاعل** لاءِ ۽ ٻي **مفعول** (مفعولي- مفعولي ثاني) ڏانهن اشارو ڪنديون آهن. مثال: **ڇڏئومانءِ**= يعني مون توکي ڇڏيو).

ضمير حاضر واحد ۽ جمع ۾ ڪابہ وڌيڪ پڇاڙي نہ لڳندي آهي. اهڙي طرح بہ پڇاڙيون عام طرح ضمير غائب (واحد ۽ جمع) ۾ ۽ ورلي ڪڏهن ضمير متڪلم ۾ لڳنديون آهن.

ضمير متڪلم واحد لاءِ پڇاڙي **آنئون** بدران **مان** استعمال ٿيندي آهي ڇاڪاڻ تہ **آنئُون** ايتري

مضبوطي نتي رکي جو پويان ايندڙ پڇاڙيءَ کي سنڀالي سگهي. ضمير غائب واحد جي حالت Instrumental پڇاڙي اين اڳ ايندڙ آ سان سُسي آن تي ويندي آهي، پر ڪن صورتن ۾ اها قائم بہ رهي سگهي ٿي. ضمير غائب جمع ٻي ڪنهن پڇاڙيءَ کان اڳ پنهنجي جڳهہ تي قائم رهندو آهي يا ڪڏهن سُسي اُون (او) تي سگهي ٿو.

اسم ۾ جڏهن ضمير غائب جمع يا واحد جي پڇاڙي لڳندي هجي تہ ان ۾ جنس ۽ انگ جي ڪابہ تبديلي نہ ٿي اچي سگهي. پر جڏهن اسم ۾ ضمير متڪلم واحد يا جمع جي پڇاڙي موجود هجي تہ ان جو جنس ۽ انگ سان نهڪي اچڻ ضروري آهي.

**واحد**

## ضمير متڪلم واحد جي پڇاڙي

| مذڪر | مونث |
|---|---|
| چَڏِئوَمانءِ | چَڏِيمَانءِ |
| چَڏِئوَمانَس | چَڏِيمَانَس |
| چَڏِئوَمانوَ | چَڏِيمَانوَ |
| چَڏِئوَمانءِ | چَڏِيمَانِ |

## مذڪر ۽ مونث واحد ۽ جمع

ضمير غائب واحد جي پڇاڙيون

| | |
|---|---|
| چَڏِئانئِينَم | چَڏِئانَم |
| چَڏِئانئِينئِ | چَڏِئانءِ |
| چَڏِئانئِينَس | چَڏِئانَس |
| چَڏِئانئِينَسُون | چَڏِئانَسُون |
| چَڏِئانئِئوَ | چَڏِئانوَ |
| چَڏِئانئِين | چَڏِئانِ |

متڪلم ضمير جمع جون پڇاڙيون

| | |
|---|---|
| چَڏِئوَسُونءِ | چَڏِيسُونءِ |
| چَڏِئوَسُونَس | چَڏِيسُونس |
| چَڏِبوَسُونوَ | چَڏِيسُونوَ |

چڙِئوَسُون        چڙِسونِ

**ضمير غائب جون جمع پڇاڙيون**

چڙِئانئُونَمِ

چڙِئانئُونءِ

چڙِئانئُونَسِ

چڙِئانئُونسُون

چڙِئانئُونَوَ

چڙِئانئُونِ

**جمع**

| مذکر | **مونث** |
|---|---|
| چڙِئا | چڙِئُون |

ضمير متڪلم واحد: چڙِئامَانءِ        چڙِئوَنمَانءِ

ضمير متلڪلم جمع: چڙِئاسُونءِ        چڙِئُونسُونءِ

- ❖ ٹُنهِن جي چيلَنِ وَٽِ وَنِي آنَدوَمَانَسِ پَر هُوَ چُٽائي نَہ سَگهَئَسِ (ميتيو 17، 16)
- ❖ سِيڌا پَاڌا ڏِئانئِينَسِ (رَاءِ ڏياچ جي ڪهاڻي ص:5)

---

[1] يا ان کي ننڍو ڪندي چڙِئانئُنمِ ۾ آخري انوسوار حذف ڪري چڙِئانئُمِ بہ استعمال ٿينديون آهن.

- ❖ مِيَان غُلَامِ شاهَہ ڪَٿ تَان ٽِپو ڏِيئِي اَچِي هَٽِ صَاحِبزَادِي جو وَنِي ڪَٿ تي سيرانڊِيءَ ڪَٺُونَ وِهَارِئانئِينَسِ (عبداللطيف جي زندگي ص: 7)
- ❖ اُٽِي آيوَ اُسَتَادِ ڏَانُهِنَ اُپِي عَرَضُ ڇَيَانَسِ (مج 6)
- ❖ ڇِئانئِين ابوَ تَهان جو اُنهي پُڇَنَ جو واسطو ڪِهڙو (املهہ ماٽڪ صل 140)
- ❖ اِهو سَبُ فقِيَرَ جو نَذَرُ ڏِيئِي هَلاَيان (املهہ ماٽڪ ص: 140)
- ❖ سي پَنَهَنَ جو ناٹوَ هڪڙي بُڍِيَ وَٽِ ڏَرَاوَتِ رکِي چڙِيئُوَنَسِ (اسٽئڪ گرامر ص: 135)
- ❖ مَانِي جوڙِي آٽي اڳِيَان ڌرِئانئُونَسِ (عبدالطيف جي زندگي ص: 48)

4) اسم مفعول معاون **آهي** (وغيره) سان:

**مڪمل زمانو (The Perfect):**

واحد پڇاڙيون، پوءِ اهي فاعل ڏانهن اشارو ڪن يا مفعول ڏانهن، اهي اسم مفعول سان نہ پر **آهي** ۽ **آهن** ۽ خاص ڪري ان جي صورت **اٿ** ۾ لڳنديون آهن، ۽ ان صورت **اٿ** ۾ بہ پڇاڙيون بہ لڳي سگهن ٿيون، جنهن مان پهرين فاعل ۽ ٻي مفعول ڏانهن اشارو ڪنديون آهن. مثال **ڏِنو اَٿِيمَانءِ**. ضمير غائب واحد ۽ ضمير حاضر جمع جي پڇاڙي سان ٻي پڇاڙي نہ لڳندي آهي.

هت **اَٿِ** جي اصلوڪي **اِ** واپس ظاهر ٿئي ٿي ۽ جڏهن ان جي پنيان ضمير حاضر ۽ غائب واحد جي ٻِٽي پڇاڙي هجي تہ ڏِگهي ٿي ٻٽي پڇاڙيءَ ڪي زور ونرائيندي آهي.

**واحد ۽ جمع**

**ضميرمتڪلم واحد جي پڇاڙيون**

چِڏِئوَ اَٿِيمَانءِ

چِڏِئا اَٿِيمَانسِ

چِڏِي اَٿِيمَانئوَ

چِڏِيُون اَٿِيمَانِ

**ضمير حاضر واحد جون پڇاڙيون**

چِڏِيُون اٿيئِيمِ

چِڏِيُون اٿيئِيسِ

چِڏِيُون اٿيئيسُون

چِڏِيُون اٿيئِين

**ضمير متڪلم جمع جون پڇاڙيون**

چِڏِيُون اَٿُونءِ

چِڏِيُون اَٿُونسِ

چِڏِيُون اَٿُونئوَ

چِڏِيُون اَٿُونِ

**ضمير غائب جمع جون پڇاڙيون**

چِڏِيُون اَٿنِمِ

چَڏِيُون اَٿَنِئِي

چَڏِيُون اَٿَنِسِ

چَڏِيُون اَٿَنِئُون

چَڏِيُون اَٿَنِمَ

چَڏِيُون اَٿَنِ

- سَنهِڙِي ۾ هُنَ ڪَرِي گهڻيُون ڳالهِيُونَ سَنِيُونَ اَٿَمُ (ميٿيو 27، 19)
- حُسِنَ پَرِي راڻيَ جِي گوڏَ تي ڪَنڌِ رَکِيوَ آهيسِ (املھ ماڻڪ ص: 152)
- پوءِ وَارَ سُڪائي ڪَپڙا ڳُهرايَا اَٿيئِي (املھ ماڻڪ ص: 146)
- شِينَهَن جَاڳَايَسِ تَہ پَرِيُونَ آيُونَ اَٿيئِي (املھ ماڻڪ ص: 150)

5) **اسم مفعول معاون هوَ** وغيره سان:

**زمان بعيد (The Pluperfect):**

**هوَ** (وغيره) ۾ واحد پڇاڙي لڳندي آهي. انڪري ضمير غائب (واحد ۽ جمع) ۾ پڇاڙي **اِين** ۽ **اُون** بہ **هوَ** سان جڙنديون آهن. مثلاً **چڏِئو هئائين**[1] ۽ **چَڏِئوَهُئاڻُون**.

۽ **هوَ** (وغيره) ۾ ٻِٽي پڇاڙي بہ لڳي سگھي ٿي، جنهن مان پهرين فاعل ۽ ٻي مفعول ڏانهن اشارو ڪندي آهي. مثال **چَڏِئوَ هوَماڻ**ءِ. اهي ٻٽيون پڇاڙيون بهرحال تمام گهٽ ملن ٿيون ۽ ضمير حاضر (واحد ۽ جمع) ۾ بلڪل نہ لڳنديون آهن.

**واحد**

| مذڪر | مونث |
|---|---|
| ضمير متڪلم واحد جي پڇاڙي | |
| چَڏِئوَ هوَمَانءِ | چَڏِي هُئِيمَانءِ |
| چَڏِئوَ هوَمَانِسِ | چَڏِي هُئِيمَانسِ |
| چَڏِئوَ هوَمَانوَ | چَڏِي هُئِيمَانوَ |
| چَڏِئوَ هوَمَانِ | چَڏِي هُئِيمَانِ |

**مذڪر ۽ مونث واحد ۽ جمع**

ضمير غائب واحد جون پڇاڙيون

چَڏِئوڪ هُئانِئينمِ (هُئانِئنمِ ۽ هُئانِئمِ)

چَڏِئا هُئانِئِينءِ

چَڏِي هُئانِئِينَسِ

چَڏِيُون هُئانِئِينَسُون

چَڏِيُون هُئانِئِينَوَ

چَڏِيُون هُئانِئِينِ

| مذڪر | مونث |
| --- | --- |
| چَڏِئوَ هوَسُونءِ | چَڏِي هُئِيسُون |
| چَڏِئوَ هوَسُونَسِ | چَڏِي هُئِيسُونَسِ |
| چَڏِئوَ هوَسُونَوَ | چَڏِي هُئِيسُونَوَ |
| چَڏِئوَ هوَسُونِ | چَڏِي هُئِيسُونِ |

## ضمير غائب جون جمع پچاڙيون

چَڏِئوَ هُئانئُونَمِ (يا هُئانئُنمِ ۽ هُئانِئُمِ

چَڏِئا هُئانئُونءِ

چَڏِي هُئائُونَسِ

چَڏِيُون هُئائُونسُون

چَڏِيُون هُئانَئُونَوَ

چَڏِيُون هُئانئُون

### جمع

| | مذڪر | مونث |
| --- | --- | --- |
| ضمير متڪلم واحد: | چَڏِئا هُئامَانءِ | چَڏِيُون هُيُونَمَانءِ |
| ضمير متڪلم جمع: | چَڏِئا هُئاسُونءِ | چَڏِيُون هُيُونسُونءِ |

- ڙِي ڪُنِّيَرَ جا پُٽَ مُونَ سانَ ٻِيَن مَهِينَنِ جو ڪَڻُ ڪِئو هوَءِ (راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي ص:5)
- اسان ڪي جا چِنِي بَاسِي هُيَئِي سا ڏِي (عبداللطيف جي زندگي ص: 49)

[1] **هُئائِين** ۽ **هُئائُون** بدران اِنَ جي ننڍي ٿيل صورتون **هائِين** ۽ **هائون** (**هوَ** مان نڪتل) بہ استعمال ٿينديون آهن.

- جَنْهِنِ خِذْمَتِگَارَ کي اڳِي سيکارِئو هَانئِين تَنْهَنَ ڏِي نِهَارِيَائِيِنَ (عبدالطيف جي زندگي ص:9)
- جَا فَقِيِرَ اَوَهَانَ سَانَ ڳَالهِ ڪِي هُئَائِيِنَ تَنهِن سَبِبَان پَاڻَ نَہ آيوَ (عبدالطيف جي زندگي ص: 49)
- اِهوَ وِينْدِوَ جِيئَنَ پَرِيَ چَيوَ هوَس تِيئَنَ ٻَانهِيَ جِي گهڙَ ۾ وِڌائِيِنَ (املھ ماٹک ص: 150)
- جو پَاتَشاهِي قولُ چَيوَ هُئَاتُونَ (املھ ماٹک 143)

**6) زمان مستقبل (The Future):**

ڏسو **هُونڏَسِ** جو احوال.

# حصو چوٿون

## ADVERB, POSTPOSTION, CONJUNCTION AND INTERJECTION

## ظرف، حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا

# باب ارڙهون

نمبر - 57

## Adverb

## ظرف

سنڌيءَ ۾ تمام ٿوري تعداد ۾ اصلي ظرف[1] موجود آهن. ظرف صفت جي صفت واري پڇاڙيءَ ۾ تبديلي آڻي نہ نهندا آهن ۽ صفت پاڻ (مذڪر واحد ۾) ظرف جي مفهوم ۾ استعمال ٿيندي آهي يا جڏهن موصوف سان جنس ۽ انگ ۾ صفت نهڪي ايندي هجي تہ اتي اسان ظرف جو استعمال فعل جي معاون طور ڪريون ٿا. مثال:

**گهڻو رُئي ٿو يا هو رُڳي ماني کائي ٿو.**

ڪافي تعداد ۾ اساسي لفظ فاعلي، وسيلي واري Instrumental، مڪاني يا اپادان حالت ۾ ظرف طور استعمال ٿيندا آهن. ساڳيءَ ريت مڪاني ۽ حالت اپادان ۾ ڪجهہ صفتن کي ظرف واري حيثيت ملندي آهي.

## I- Original adverbs[2]

## اصلوڪا ظرف

انهن ۾ سيني کان عام ظرف هيٺ ڏجن ٿا. (پيج نمبر 381 تي ترتيب آهي)

اَپاڪَ    بِنهَہ    شَايَدِ    نيٺ

---

[1] عربي ۽ فارسي مان کنيل ظرف هتي انڪري ذڪر هيٺ آيل آهن ڇاڪاڻ تہ اهي سنڌيءَ ۾ عام طرح استعمال ٿين ٿا.

[2] انگي ظرف لاءِ ڏسو نمبر 29

| | | | |
|---|---|---|---|
| اَپِرِ | پَتِيَ | شَائِتَ/ شات | ويتر |
| اَتِ | ڦَتِ | ڪَالهه/ ڪلهه | هَاڻي/ هاڻيئي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| اَجُ | پَرِينهَن | ڪَڏاچِتِ | هَرُويَرُو |
| اَچَانَڪَ | ٿُرتُ | ڪَرَ (يا ڪَرُ) | هِنئَرَ |
| اَچَاچِيتِ | توءِ | ڳَڏُ | هوند |
| اَرِهَنَ تَرِهَنَ | ٺَهَ پَهَ | مَسَ | هيرَ |
| اَسَهُ | جَائِي | مَسَان/ مَسين | هيڪَارِي |
| اَلَبَتَہ | جَڻُ | نَہ | |
| أمَالَڪَ | جهَٽِپَٽِ | نِپَٽُ | |
| اَجَا | جيڪُسِ | نِتُ | |
| بَسِ | چوَ | نِتُ پَرتُ | |
| بِلَڪُلِ | سَدَا | نِجُ | |

- ❖ اَتِ أڪَندِي آهِيَان تَنيءَ آتَڻَ تَنئي ڏِيهَہ (شاهہ، عمر مارئي II، 1)
- ❖ اَجَا تُون اَٽوَتُ ڪُورِي خَبَرَ نَہ لَهين (شاهہ، جمن[1] ڪلياڻ III، 11)
- ❖ ٺَهَ پَهَ جهپِي أتِي أڏاڻِي (املهہ ماڻڪ ص: 147)
- ❖ جوَ مُنهِ مُومَلَ جي پوءِ موَتَڻُ تَنهِين مَسَ ٿِئي (شاهہ، مومل راڻو III، 5)
- ❖ نيتِ پَاتِشَاهُ وِيهِي وِيهِي ڳَنوَ ٿِئي (املهہ ماڻڪ ص: 143)
- ❖ ڪَنَڙُ ڦُدُورِي ڪَافِيا جي پَڙهِي پَروَڙِين سَڀُ
- ❖ جَڻُ مُندِي مَاڪوَڙِي ڪوُهَہ ۾ پيئِي ڪَتي أپُ (شاهہ، جمن ڪلياڻ V، 4)
- ❖ جيڪُسِ وَيئِسِ وِسرِي آئُون مَنَان مَعَشُوقَنِ (مج 507)
- ❖ پَابوَهَندِيئِي پَڏِرَا ڪَرَ ڳَلَنِ ڪَنَٺَهَارَ (مج 55)
- ❖ يَلِي[2] آئين نِجُ آئين (املهہ ماڻڪ ص: 141)

## II- Peculiar Use of Adjectives
## صفت جو مخصوص استعمال

[1] اهو دراصل قاضي قادن جو بيت آهي [illegible] شاهہ جي رسالي ۾ [illegible] آهي (ايڊيٽر).

[2] يلي اساسي لفظ آهي، جنهن ۾ عام طرح ڪري لڳايو ويندو آهي يعني يلي ڪري.

[3] آڏوَ، اوَڏوَ، سَامهُون، وِيجهوَ ۾ جي ۽ ڪي لڳائي بہ استعمال ڪيو ويندو آهي.

هيٺ ڏنل صفتون اڻ ڦرندڙ ظرف طور بہ استعمال ٿي سگهن ٿيون ۽ جيڪڏهن موصوف سان ڏنل بناوٽ ۾ جنس ۽ انگ ۾ ٺهڪي اچن تہ ان ئي صورت ۾ رهي سگهن ٿيون، جڏهن تہ انگريزيءَ ۾ ان جاءِ تي ظرف جو استعمال ٿيندو آهي.

| | |
|---|---|
| آڏوَ[3] | سَوَاروَ |
| اوَچِتوَ | سَوِيروَ |
| اوَڏِڙوَ | سُودَوَ[1]، سنئون |
| اَوِيلوَ | چوَڏارِي |
| مَهَندِئوَن | ڏاڍوَ |
| وِيجهو | سَاجهُرُ |
| سَامُهون | وِيجهِڙوَ |

ساڳيءَ ريت وقت ۽ مڪان جي معنيٰ واريون صفتون ظرف ۾ **آهوَن** يا **آروَ** لڳائي ٺاهيون آهن ۽ اهي ظرف طور ڪتب آڻي سگهجن ٿيون. جڏهن اهي موصوف سان جنس ۽ انگ ۾ پوريون هجن تہ بہ استعمال ڪري سگهجن ٿيون. مثال:

**اوَرِي** مان **اوَرَانهوَن**

**اڳي** مان **اڳاهوَن**

**پوَئتي** مان **پوَئتَاهوَن**

**متي** مان **مَتَاهوَن**

**مَنجهِ** مان **مَنجهَاروَ** يا **مَنجهَاهوَن**

جڏهن انهن جو استعمال ظرفاڻو هجي (جيڪو عام طرح هوندو آهي) تہ انهن ۾ مونث پڇاڙيون بہ لڳنديون آهن. مثال:

**اڳاهِين، مَتَاهِين** وغيره.

**آئتوَ** تي ختم ٿيندڙ صفتون بہ ظرف طور ڪم آڻي سگهجن ٿيون: مثال **سُنهَائتوَ، وَسَائتوَ** وغيره.

اهڙيون صفتون جيڪي هڪ پڇاڙيءَ (one ending) واريون هجن ۽ جن ۾ ڦيرو نہ ايندو هجي، اهي سيئي ظرف طور استعمال ڪري سگهجن ٿيون. مثال: **بَرَابَرِ، جَارَ، جَالَ، جَلدُ، سوَڏِيٽُ** (سچ پچ)، **عَبَٽُ** وغيره.

❖ اوَچِتوَ ئِي ڪُئي هِڪِڙي اَنَ يَانڍي جي يَرِ ۾ بِرُ ڪَيوَ (سنڌي ڪتاب ص: 54).

- ❖ سيٽَنِ سَاجَهرُ لَڌِيوَ ٿُون هَارِي نِهارِين اَڄُ (شاهه، ساموندي II، پچاڻي 2)
- ❖ تَڏِهِنَ جَرُ هَارِي جَالَ گهڻوَ روَئِي مَاءُ وَرِيَاسِ (مج 99)
- ❖ تَڏِهِن آهي آڳانجِهي گهڻوَ ڪَا مِصِرِنِ مُرُوَتَ (مج 135)
- ❖ لاَيوَ لاَمَ اَيفَ سين خُوبُ لِکَنِ خَطَّ (مج 144)
- ❖ جي پَندُ پَارِيائُون تَہ سِگهائِي سَگها ٿِيَا (شاهه، يمن ڪلياڻ II، 2)
- ❖ لُڪُون لَڳَنِ ڪوَسِيُونَ ڏَاڏَا تَپَنِ ڏِينهَن (شاهه، ديسي III پچاڻي)
- ❖ هُنَ سَان رُڳِيُون ڳالهِيُون آهِنِ (املهه ماڻڪ ص: 150)
- ❖ چوَڏَارِي چَڙَا ٿَا ٻُرَنِ ٻيلاَئِن جَا (شاهه، سهڻي IV، 2)
- ❖ اَڪِيُون اَڪِينِ سَامُهِيُون ڏِينهُه سَجوَ ٿِي راتِ (مج 219)
- ❖ سُتِئَن سَوَارِي وِيڙهي مُنُهُن مُئَنِ جَان (شاهه، ڪاهوڙي I، 11)
- ❖ مُونَ ڪي نَہ موَنَاءِ آئُونَ اَڳَاهِين آهِيانَ (شاهه، سورٺ IV، 12)

## III- Substantives used adverbially in the uninflected state

## اساسي لفظ جو اڻ ڦريل صورت ۾ ظرف طور استعمال

گهڻائي اساسي لفظ ظرف طور بہ استعمال ٿيندا آهن. مثال:

| | |
|---|---|
| اساسي مونث: **اَوِيرَ**- | **اَوِيرَ ۽ اَوِيلَ** |
| اساسي مونث: **ٻُچَان**- | **ٻُچَان** |
| اساسي مونث: **تَارِيخَ**- | **تَارِيخَ** |
| اساسي مذڪر: **جوَرُ**- | **زوَرُ ۽ جوَرُ** |
| اساسي مونث: **ڏِينهَاڙِي**- | **ڏِينهَاڙِي** |
| **سُبَهَڻَ** (اساسي مونث)- **سُبَهَڻَ** | **سُبَهان** (سُپان) |
| اساسي مونث: **سَوِيرَ**- | **سَوِيرَ** |

- ❖ تَڏِهِن سُمهَنَدِيُون جوَ اوِيلَ سوَ اَتيئِي سِجُ اُڀِرِي وِيندُن (املهه ماڻڪ ص: 145)
- ❖ مُحِبُ مُنْهِنَ جوَ مَجَنوَ ٻُچَان سوَ بيزَارُ (مج 294)
- ❖ ڏِينهَاڙِي جهَجهوَ پَاڳوَ اُنَ مَان سَنگتِنِ ڪَاڻِ خَرچِيَائِين (سنڌي ڪتاب ص: 55)

## IV- Substantives and Adjectives used adverbially in the

[1] سودوَ سنسڪرت سارڌجر مان نڪتل آهي ۽ سنڌون سنهڻ مان.

## inflected state
## اساسي لفظن ۽ صفتن جو ڦريل صورت ۾ ظرف طور استعمال

1) **اساسي** (Substantives):

**اڳَ** مان مڪاني زور پرائيندڙ **هِين** سان- **اڳِهين** (اڳيهن بدران)

**اڳوَ** مان مڪاني – **اڳي**

**اَندَرُ** مان مڪاني – **اَندَرِ**

**اَندَرُ** مان حالت اپادان – **اَندَران** ۽ **اَندرَوَن**

**اَنْدَ** مان حالت اپادان – **اَنْدَ**

**اوَڙڪُ** مان مڪاني – **اوَڙڪِ**

**ٻاهَرَ** مان مڪاني – **ٻاهَرِ**

**ٻاهَرَ** مان حالت اپادان – **ٻاهَرَان**

**پَارُ** مان حالت اپادان – **پَارَان**

**پَارُ** مان مڪاني – **پَارِ**

**پَاسو** مان مڪاني – **پَاسي**

**پُٺِ** مان حالت اپادان **پُٺِيَان**

**پوءِ** مان حالت اپادان– **پُٺَان**[1]، **پُٺوَن**

**پوءِ** مان مڪاني – **پوَءِ**

**حَقُ** مان حالت اپادان – **حَقوَن**

**حُڪُمُ** مان مڪاني – **حُڪُمَان**

**حُڪُم** مان– **حُڪُمِ**

**خُوشِ** مان حالت اپادان – **خُوشِئون**

**دِلِ** مان مڪاني – **دِلِئوَن**

**زوَرُ** مان مڪاني – **زوَرِ**

**مَاڳُ** مان مڪاني – **مَاڳِ** ۽ **مَاڳِهين**

**مَٿو** مان مڪاني – **مَٿي**

**مَٿو** مان حالت اپادان – **مَٿَان**

[1] پوَٺان بدران پُٺان

**مُورُ** مان حالت اپادان– **مُورَانئِي**

**مُورُ** مان مڪاني – **مُورِ، مُورَهِين**

**مَهَندُ** مان مڪاني – **مَهَندِ**

**مَهَندِ** مان حالت اپادان – **مَهَندَان**

**نِهچوَ** مان Instrumental - **نِهچِي** (پڪ سان)

**وِچُ** مان مڪاني – **وِچ**

**هَڏُ** مان مڪاني – **هَڏِهِين ۽ هَڏِ**[1]

**هيٺُ** مان مڪاني – **هيٺِ**

**هيٺ** مان حالت اپادان – **هيٺان**

- اَندَرِ آڊيسِنِ ڪي ڏُرَانئِي ڏٽِي (شاهہ، رامڪلي II، 6)
- ٻَاهَرِ ٻوِلِي ٻِي ڦِرِي ڳهَٺَ ۾ ڳهَايَلَ ڳهُور (شاهہ، رامڪلي III، 2)
- ٻِئوَ نہ مَگّي مُورِ اَمُلُ ڏِئوَ اِنَ ڪي (شاهہ، سورٺ I، 8)
- مَهَندِ ٽِيندوَ مُصَطَفيٰ پُٺِيَ لوَڪُ لَڏِيندوَ (شاهہ، بروو II، پڄاڻي 2)

2) **صفت (Adjective):**

**اڳِيُون** مان حالت اپادان – **اڳِيَان**

**اَندَٺُ** مان مڪاني – **اَندَٺِ**

**اوَرِيوَ** مان مڪاني – **اوَرِي**

**اوريوَ** مان حالت اپادان – **اوَرِيَان**

**اَوَسُ** مان مڪاني – **اَوَسِ**

**پَلوَ** مان مڪاني – **پَلي**

**بيڏوَهُ** مان مڪاني – **بيڏوَهِ**

**پَرُ** مان مڪاني – **پَرِي**

**پَرُ** مان حالت اپادان (مونث) – **پَرِٿَان**

**پهرِيُون** مان حالت اپادان – **پِهَرانئِي**

**پهرِيُون** مان مڪاني – **پهرين**

[1] مَاڳِ، مُورِ ۽ هَڏِ مان ڪٿهن منفي جملي ۾ مطلبُ ”اصل نہ“ جو نڪرندو آهي.

**چَڱو** مان حالت اپادان (مونث) — **چَڱئان**

**ڏيرو** مان مڪاني — **ڏيري**

**ڏاڍو** مان حالت اپادان (مونث) — **ڏاڍئان**

**سَاڀ** مان حالت اپادان — **سَاڀيَان**

**سامُهُون** مان مڪاني — **سَامُهُون**

**سَوِيرو** مان مڪاني — **سَوِيري**

**مَٿو** مان حالت اپادان (مونث) — **مَٿِئان**

**هورو** مان حالت اپادان (مونث) — **هوَرئان**

**هورو** مان مڪاني — **هوَرِي يا هَوَرِي**

- ❖ پيڙَ پَرِي وِيئِي اَڇَڻَ سَاڻُ عَجِيبَ جي (شاهہ جمن ڪلياڻ: II، 10)
- ❖ اَوهِين گهڻوَ مَنِيَان پَائِيندَؤُ (سنڌي ڪتاب ص:51)
- ❖ وَاٽَ تي بِيهِي ڏَاڍِيَان ٽي هوَڪا ڪَرِي چَؤُ (سنڌي ڪتاب ص:15)

## V- Adverbs derived from the Pronominal bases

## ضميري بنيادن مان ٺهندڙ ظرف

ضميري بنيادن مان ڪجهہ جوڙ ملائي مختلف ظرف ٺهندا آهن، جن ۾ اهي جوڙ ضميري بنياد سان ضم ٿي ويندا آهن. انهن جو جائزو وٺڻ لاءِ هيٺيون چارٽ ڏسو:

| ضميري بنياد | طريقو | جڳهہ | طرف | وقت |
|---|---|---|---|---|
| اِ، اِي، اِي، هي | اِيئن[1] | اِتِ[2] | اِيڏي[3] | اِيسِين[4] |
| | هِيئن | هِتِ | هيڏي | هيسِين |
| اُ، اُو، اوَ، هوَ | اُوئن | اُتِ | اوَڏي | اوَسِين |
| | هُونءَ | هُتِ | هوَڏي | هوَسِين |

---

[1] يا ننڍي ٽيل اِئن، هِئن، اُنءَ، جِئن.

[2] يا اِتي، هِتي ۽ ٽي، اُتي

[3] هن ظرف جون ڪيئي شڪليون آهن. مثلاً اِيڏهَنَ، اِيڏهُن، هيڏهَنَ وغيره. تفصيل لاءِ ڏسو اسٽئڪ جي سنڌي لغت

[4] يا اِيسِينءَ، اِيسِينءَ. اهي ظرف عام طرح حرف جر سان مرڪب طور بہ ڪتب اچن ٿا. مثلاً: تائِين، توَئِين ۽ توَڻِي وغيره سان جيئن اسينتائين ۽ اسَتَائين وغيره

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | أُئِين | | | | |
| | هُئِين | | | | |
| جوَ | جِيئَن | جِتِ[1] | جيڏي | جيسِين[2] | جَڏِهين |
| | جِئِن | جَتِ | | جَاسِين | جَان |
| سوَ | تِيئَن | تِتِ | تيڏي | تيسِين | تَڏِهين |
| | تِيئَن | تَتِ | | تَاسِين | تَان |
| ڪوَ | ڪِيئَن | ڪِتِ | ڪيڏي | ڪيسِين | ڪَڏِهِن |
| | ڪِئين | ڪَتِ | | ڪَاسِين | |

هنن مان ڪجھ ظرف ٻيهر ظرفي پڇاڙين (۽ ڪجھ اڳياڙين) سان مرڪب ٿيندا آهن. مثال:

**جَانڪِي- جَانڪِيتَان.**

**جَڏِهَاڪوَ- جَڏِهوَڪوَ- جَڏِهَاڪُرَ**

**تَانڪِي- تَانڪِيتَان**

**تَڏِهَاڪوَ- تَڏِهوَڪوَ- تَڏِهَاڪُرَ ۽ ڪَڏِهَاڪوَ**[3] وغيره

**اِيڏِتي**، **اِيڏِتَائِين** يا **اِيڏِتَاهِين** ۽ **جيڪَڏِهِن** وغيره.

اهڙا ظرف جيڪي طرف/ سمت يا جڳھ جو مفهوم رکندا آهن اهي حالت اپادان ۾ ٻه رکي سگھجن ٿا. جيئَن:

**اِتَان- اِتَائُون ۽ اِتِهُون، اِتَاهُون.**

ساڳي طرح **أُتَان- أُتُون، أُتِهُون**

**تِتَان- تِتُون، تِتَائُون.**

**ڪِٿَان- ڪِٿُون، ڪِتاهُون**

**اِيڏَان- اِيڏَائُون، اِيڏِهُون، اِيڏَاهُون** وغيره.

---

[1] يا جِتي، جَتي، جِتِ، جِتي. ان جي ڏگھي صورت جاتي ٻه استعمال ٿيندي آهي.

[2] حرف جر سِين بدران تَائِين، توَئِين، توَٽي وغيره ٻه 'جي' ۾ گڏي سگھجن ٿا. مثلاً جيتَائِين، تيتَائِين وغيره.

[3] جَڏِهَاڪوَ وغيره اصل ۾ ٻٽا مرڪب آهن، يعني جَڏِهَان ۽ ڪوَ يا ڪُون جي ملڻ سان نهي ٿو. ساڳي ريت جَڏِهَاڪَرَ مرڪب آهي، جڏِهَان ۽ ڪَرَ جو.

[4] اچار کي بهتر ڪرڻ لاءِ اڪثر انهن ظرف جي آخري **اِي** تبديل ٿي **اَ** ٿي ويندي آهي پر ڪن صورتن ۾ اِي برقرار ٻه رهندي آهي.

زور پرائيندڙ پڇاڙيون **اِي** (**اِين**) يا **هِي** (**هِين**) اڪثر انهن ظرفن ۾ لڳنديون آهن مثال:

**اِئينئِي**، **اِئِئِي** يا **اِئِهِي**[4]، **اِتانئِي** ۽ **اِتانِهِي** ۽ ساڳي ريت ٻيو مثال ڏسو:

**اِيڏِئِي**، **اِيڏِهِين** ۽ **اِيڏانئِي**.

- مُونَ اَڪِئُون تَن تِتِ جِتي جَنَبُ جيڏِئِين (شاهه، عمر مارئي I، 12)
- ڪَالهوَڪوَ ڪَاڏِي وِيوَ سَندَوَ جوَڳِيَن جوَشُ (شاهه، رامڪلي I، 30)
- اُتَان اوَنِي آئيوَ خَبَرَ اِيءَ ڪرِي (شاهه، عمر مارئي II، 6)
- جِنِيءَ ئُون گُهرِين تئينئِي ٿِئِئِي (ميٿيو 15، 28)
- آئُون توَ پُڇَان گهوَتِيا ڪيسِين عَقدُ ڪِيوَءِ
- ٿَان چي گهَارِيَان مَڪّي شَهَرَ ۾ هيسِئن قَصَدُ هوَمِ (مج 169، 168)
- جيسِتَائِين هُو سَنْپِرَن تيَستَائِينَ چَڙهِي وِيهجُ (املهه ماڻڪ ص: 144)
- جَتَنِ سَانَ جَانڪُون سَرتيُون مُون سَنگُ ٿِيوَ
- ڪَرِي ڪوَهيَاروَ وِيوَ تَن چِنِي تَانڪُون
- آئُون پُڻُ تَڏانڪُون اَدَ ڏُکوَئِي آنهِيَان (شاهه، سر ديسي جاٽ 6)

# VI- Compound Adverb

# مرڪب ظرف

سنڌيءَ ۾ مرڪب ظرف[1] گهڻي انداز ۾ موجود آهن ۽ انهن کي ٺاهڻ لاءِ ظرف (يا اسم) کي ٻيهر ٻڻو ڪيو ويندو آهي يا ساڳيو ظرف (يا اسم) ٻيهر لڳائي سگهبو آهي يا حرف جر يا ظرفي پڇاڙي لڳائي مرڪب ٺاهبو آهي.

**1) ٻِٽا ظرف:**

(ڳنڍيندڙ سر سان يا ان کانسواءِ: ڏسو نمبر 12، II، 2)

مثال: **پيرِي پيرِي، پَلِ پَلِ، ڏِينهُن ڏِينهُن، رَاتِئورَاتِ، سَرَاسَرِ، گهَڙِي گهَڙِي، نيئَانيئِ، وَرهوَرهَ، هَرَهَرَ، هَنُڌو هَنُڌِ** وغيره.

**2) ملندڙ ظرف يا اسم سان مرڪب ٿيندڙ ظرف:**

مثال: **اَڄُ سُبَان، جَڏِهِن تَڏِهِن، جِيئَن تِيئَن، رَاتوَڏِينهُن، ڪَڏِهِن ڪَڏاني، هيٺِ مَٿي** وغيره.

**3) ظرفي پڇاڙي يا حرف جر سان مرڪب ٿيندڙ ظرف:**

مثال: **اَڳِيَروَ، اَڳِتي، پوَئِتَاهوَن، پوَئِتي، رَاتَاڪَرَ، ڪَالهَاڪُون.**

**(نوٽ: نمبر 58 تي ڏنل مرڪب ظرف سان ڀيٽ ڪريو).**

- **ڏُکُ نہ سَارِينِ ڏِيلَ ۾ وِيرَاوِيرَ وِهَسَنِ** (مج 801)
- **هيڪڙي سَيِيئِي هَڏَّ هَنّدَوَهَندَ ڪَنڍِي مَنڌُر پَڙهِي چَندوَ هَنيوَ** (سنڌي ڪتاب ص:53)

[1] اهڙا مرڪب ظرف الڳ يا گڏ لکي سگهجن تا. جڏهن انهن ۾ ڳنڍيندڙ يا ملائيندڙ سر هجي تہ اهي لکڻ ۾ بہ گڏي ڇڏبا آهن.

# باب اُوڻيهون

### نمبر- 58

## POSTPOSITION

## حرف جر

سنڌيءَ ۾ اڳ ۾ حرف جر نہ ٿيندا آهن ۽ فقط حرف جر پويان ئي لڳندا آهن ڇاڪاڻ تہ اسم تي اثر ڪرڻ وارا سيئي ظرف يا حرف جر اسم جي پنيان ئي لڳندا آهن. فقط **ري** ۽ **رِيءَ** ڪن جاين تي اڳيان يا پويان بہ لڳي سگهن ٿا[1].

سنڌيءَ ۾ اصلوڪن حروف جر جو تعداد تمام گهٽ آهي، جنهن لاءِ اسم جو تشڪيلي صورت ۾ هئڻ ضروري آهي. ۽ گهڻي پاڱي جيترا بہ حرف جر هاڻ استعمال ۾ آهن اهي اصل ۾ ظرف آهن. (يعني اساسي لفظ يا صفت جيڪي ظرف طور استعمال ٿيندا هجن: ڏسو نمبر 57، II, II & IV) جيڪي پنهنجي ظرفي اهميت کي برقرار رکن ٿا ۽ انڪري **جي** سان ٺهندا آهن يا جن کي حرف جر طور سمجهيو وڃي ٿو ۽ تنهنڪري ان لاءِ اسم کي تشڪيلي صورت ۾ رکڻ لاءِ بہ ڪم اچن ٿا. انهن مان گهڻا ئي ظرف **جي** سان يا ان کانسواءِ بہ ٺاهي سگهجن ٿا ۽ جيڪي جنهن اسم تي لاڳو هجن انهن کان اڳ يا انهن جي پنيان لڳي سگهن ٿا.

باقاعده حرف جر جن لاءِ اسم تشڪيلي صورت ۾ هجي:

**پَرَ** يا **پَرِ** (سنسڪرت **پَرَ**: صفت[2])،

**پَرِ** (سنسڪرت **اُپَرِ**)

**ٿائِين** يا **توَنئِي** (سنسڪرت **ستاني** ۽ **هندستاني**)

**تئِين**، **توڙِي**[3] يا **توڻي**.

**تي**[4] (سنسڪرت **اُت**)، **ٿان** ۽ **توَن**

**جَان**، **جِئَن**، **جِيئَن** ۽ **جِئين** (سنسڪرت **پٽا**)

**ڏان**[5]، **ڏانهَہ**، **ڏِي**

**ڏهَان**، **ڏهُون**، **ڏانهُون**[6].

---

[1] شاعريءَ ۾ حرف جر جي جڳهہ شعر جي گهرج مطابق اڳيان يا پنيان ٿي سگهي ٿي.

[2] هندستانيءَ ۾ **پَرُ** جي حيثيت حرف جر واري آهي. سنڌيءَ ۾ اساسي لفظ **پَرُ** بہ استعمال ۾ آهي، جنهن جو مڪاني لفظ **پَرِ** آهي.

[3] جيڪو شايد **توڙ** مان نڪتل ٿو ڀانئجي، **توڙي** ۽ **توڙئِي**.

[4] تي ۽ ٿان بدران پنجابيءَ جي صورتون **اُ** تي ۽ **اُتان** بہ ڪڏهن ڪڏهن سنڌيءَ ۾ استعمال ٿينديون آهن.

[5] صورتون **ڏهَن**، **ڏهُن** ۽ **ڏانهِين** بہ ڪتب ايندیون آهن.

[6] اپادان حالت واري **ڏانهن** گهڻو ڪري مڪاني حالت طور استعمال ٿيندي آهي.

**ڙي، ڙيَ** (سنسڪرت **شَرِتي**)

**سَرُو** (سنسڪرت **سَارِٿمَ**، پراڪرت **ساردو يا سارئو**)

**سَان، سَاڻُ، سين، سيڻُ** (سنسڪرت **سَمَ**)

**سُوڌان** (**سُوڌا**) - سنسڪرت **ساردڇم**

**سِينءَ**- سنسڪرت **سيمَا**، پنجابي- **سِين**

**ڪَرَ** — (UP TO)

**ڪَنِ**[1] ۽ **ڪَنِي** - سنسڪرت **ڪرڻ** (ٿانءَ جي ڪناري)، سنڌي **ڪَنوَ**، پنجابي **ڪَنِّي**

**ڪَنان**[2] ۽ **ڪَنوَن** (اپادان واري صورت)

**ڪي**- (سنسڪرت ۾ **ڪرتي**)

**ڳان، ڳوَن، ڳوَن** (حالت اپادان)

**ڳِرِ** - (سان- لاءِ ۾)

**ڳهَا، ڳهَاءِ** (جيئن، جهڙو)

**لَاڳُون- پنجابي** ۾ **لَاڳُون** (سنسڪرت **لَاڳَ**)

**مَنجهِ**- سنسڪرت **مَديي**

**مَنجهَان**- حالت اپادان

**۾**- سنسڪرت **مَديي** ۽ هندستاني **مين**

**مان** ۽ **مون**- حالت اپادان

**وَٽِ** - سنسڪرت **وَٽِ** (سنڌي ۾ **وَٽُ** ٻـ ڪتب ايندو آهي).

- شَاهُ صَاحِبُ هِڪِڙي ڏُونگَرَ ۾ وَڃِي ڇَهَ مَهِينَا هِڪِڙي پَاسي پَرَ سُمِهئوَ پِيوَ هوَ (عبدالطيف جي زندگي ص: 39)
- خُدَاءِ جَا گهڻَا شُڪرَانَا ڪَري ڪٿ تَان هيٺِ لَهِي پَنّهَن جي ڪَڇَهَرِيَ ۾ وَڃِي وِيٺوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 30)
- اَبَا گهوَڙي وَڃَان خُدَاءِ جي نَانوَ تَان (املهہ ماڻڪ ص: 41)
- ڪِڙِيُون ڪَنّڻهَارَ جيئَن وِجُون اُتَرَواءِ (شاهہ سارنگ II، 1)
- ڪَرِيوَ مُهَڙِ مَلِيرَ ڏِي روَئي اُڀِي ڇوئي (شاهہ عمر مارئي III، 8)
- پَاڻَ پَڇَنِ ميوَارِيَ وَاهَپَ ڙي وَاڙِ (شاهہ عمر مارئي III، 14)

- وَرُ پُنهُونءَ سين پَلَڪُ ڪُهِ ٻَارَنهَن مَاهه ٻِيَن سين (شاهه، معذوري VI، 6)
- مَاڙِيَ لَڳُمِ مِينهَڙُوَ سَپَ جَمَانَدَرَ سِينءَ (شاهه، عمر مارئي V، 1)
- تَڏِهن ڇَا ڏِسَنِ تہ ڏُنگُ دَارُوَ جوَ پَرِيَلُ ڪَنَنِ ڪَرَ ڏَرِيوَ آهي (سنڌي ڪتاب ص: 68)

[1] ڪني بدران لاڙ ۾ **ڳني** استعمال ٿيندو آهي ۽ **ڪَنَان** ۽ **ڪَنوَن** بدران **ڳنَان** ۽ **ڳنوَن**

[2] ان کي گهٽو ڪري آخري انوسوار کان سواءِ لکيو ويندو آهي. جيئن **ڪَنَا**

- ميٽِرِيَان سَانڊِيَان مَالَ کي ڪَنهِن ڪَنِ ڪِي نہ ڏِيَان (سون ورني الف ب)
- ڳِنهِي آيُسِ ٻَالَهَڙِي ڳُجِهي توَ ڳِڙِي (شاهه، سورٺ II، 18)
- ڪَنهِن جي گهرَ مَنجِهه وَڃِي اُنَ کي ڪِئَڻَ مان ڪِي چوَرَائي ڳاڏَائِين (سنڌي ڪتاب ص: 62)
- مَاءُ وَٽَان کي مَجَني ڪوَني ٽَنهِن ڇَيوَ (مج 49)

هيٺ ڏنل پويان حرف جر (جيڪي گهٽو ڪري ٻاهران آيل آهن) مرضيءَ موجب **جي** سان ٿاهي سگهجن ٿا.

**ٻَاجهَان، ٻَاجهُون، ٻَاجهوَن** (پنجابي)

**ٻِگر** (بغير) (پنجابي)

**ٻِنَا** (هندستاني)

**سِواءِ** (عربي)

**ڪَرِ، ڪَرِي** (سنسڪرت **ڪرتي**)

**لاءِ، لَئِہ** (پنجابي **لَئِي** ۽ هندستانيءَ ۾ **لِيي**).

- ٽَان سُورِهَہ پَانيَا سيلهَہ ڏيکَڻَ ٻَاجهون دوَسَ جي (**عجائب** V, 20 )
- سوَڍِي ٻِگرِ سَرتِيُون هَڏِ نہ سَاهَہ سَرِي (شاهه، **مومل راڻو** I، 8)
- ٻِنَان پَجَڻَ پَڳوَانَ جي نُنهِن جوَ هَارِيَا ڪوَنہ حَالُ (**مينگهو** 12)
- پَرَ گهرَان پَاسوَ ڪَرِي پُڃُ پَرِيَان ڪَرِ پَاڻُ

  سوَئِي ٽَان توَئِي سَاڻُ جَنهِن لَيِ جِفَائُون ڪَرِين (شاهه، آبري، III، 5)
- لوَچِين چوَ نہ لَطِيفُ چِي هَارِي لَئِہ هوَ تَنِ (شاهه، ڪوهياري I، 10)

II- اهڙا ظرفي حرف جر (جيڪي اساسي لفظ يا صفت مان نهيل هجن) جيڪي **جي** سان يا ان کانسواءِ جوڙي سگهجن يا جن ۾ هڪ اضافي حرف جر جي ضرورت پوي:

**اُبَتَڙِ** (عام طرح **جي** سان گڏ ڪتب ايندو آهي)

**آڏوَ** [1]

**اَڳي** [2] **۽ اَڳيُون**

**اَندَرِ ۽ اَندَرَان**

**اوَڏوَ ۽ اوَڏِڙوَ**

**اوَرِي ۽ اوَرِيَان**

**ٻَاهَرِ ۽ ٻَاهَرَان**

**ٻَدِرِ، ٻَدِرَان**

**پَارِ، پَارَان، پَاروَن**

**پاسي**

**پَٺَاندَرِ** (گهڻو ڪري **جي** سان)

[1] آڏو، اوَڏوَ ۽ وِيجهو ۾ **ڪي** بہ لڳي سگهي ٿي.

[2] اڳي، پوءِ ۽ ڏاران گهڻو ڪري ”کان“ سان جوڙي ڪتب ايندا آهن.

**پُٺيَان**

**پَرَ پُٺِ**

**پَرِي**

**پُڄَاڻوَ ۽ پُڄَاڻَان**

**پوءِ** (هميشہ **کان** سان جوڙيو ويندو آهي)

**پُٺَان**

**خاطِرِ**

**چوَڌارِي، چوَگِردِ**

**ڏَارَان، ڏَارِين** (**گان** سان جڙندو آهي)

**ڏَارَ** (هميشہ **جي** سان)

**رُوبرُو** (فارسي)

**سَامهُون** [1]**، سَامهُون، سَامهُيِ**

**سَانگي، سَانگَان**

**سِرِ**

**عِوَضِ** (عربي)

**ڪَارَڻِ**

**ڪَاڻِ، ڪَاڻي**

**لَڳِ، لَڳي** (گهٽو ڪري '**جي**' سان)

**مَٿي، مَٿان**

**مَنجهَارَان، مَنجهَارُون**

**مُقَابِلِ** (عربي)

**مُوجِبِ** (عربي)

**مَهَنڊِ، مَهَنڊَان**

**وَاسِطي**

**وَانگُرَ، وانگي، وَانگِيَان** (گهٽو ڪري **جي** سان)

**وِچ**

**وِگهي**[2]

**وِيتَرِ**

**وِيجهوَ، وِيجهِڙوَ**

**هيٺِ، هيٺَان**

---

[1] **سَامهُونءَ ۽ سَامهُون**

[2] وِگهي بظاهر وِگهن جي ننڍي صورت آهي. فاعلي صورت وِگهَنُ (سنسڪرت ويگهَن) ۽ عام طرح تڏهن استعمال ٿيندو آهي، جڏهن ڪا تڪليف يا عارضو ڏيڪارڻو هجي.

- **شَاهَ صَاحِبَ جي اڳِيُوَن مُجِروَ پَري عَرضُ ڪَرِ** (**عبداللطيف جي زندگي** ص: 34).
- **مَرَٽا اَڳِي جي مُئَا سي مَرِي ٿِيَنِ نَہ مَاٺُ** (**شاهہ معذوري** IV، 7)
- **هِنَ پَهَاڪي جوَ ڳُڻُ اِهوَ آهي تَہ آوَتِ پِٺاندَرِ جَاوَتِ ڪَرَڻُ گهُرجي** (**سنڌي ڪتاب** ص: 58)
- **ٿوَرِي گهَٽي ڏِينهَنِ پُڄَاڻوَ مَخدُومَ صَاحِبُ وِصَالُ ڪِئوَ** (**عبداللطيف جي زندگي** ص: 37)
- **هِنَ مَهَلَ ڳَان پوَءِ ٿُون مُنهِن جِي مَاءُ پِيڻُ آهِين** (**عبداللطيف جي زندگي** ص: 37)
- **وَنيِ مُنهِن ڪِهوَ وَڃَان وَطَنَ سَامُهوَن** (**شاهہ عمر مارئي** V، 5)
- **اُنَ هَنڌَ جي مَٿَان چِتِي ڏِنِي پيئِي آهي** (**عبداللطيف جي زندگي** ص: 45)
- **مُنهُن جِي ڏِيءُ پُوتَ وِگهي ڏَاڍِي پيڙِيَلَ آهي** (**ميٿيو** 15، 22)
- **شَاهُ جَمَالُ گهوَڙِي تي چَڙهِيَلُ ڪَٺَ جي وِيجهوَ اَچِي گهوَڙِي تَان لَٿوَ** (**عبداللطيف جي زندگي** ص: 7)

# باب ويھون

**نمبر - 59**

## CONJUNCTIONS

## حرف جملو

حرف جملو ڪنهن جملي ۾ ٻن لفظن يا ٻن جملن جي وچ ۾ تعلق ڏيکاريندو آهي. انهن جي مفهوم جي مناسبت سان حرف جملي کي مختلف قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1) **حرف عطف** (Copulative):

**اَوَن، اَيَن[1]، اِين.**

**ٻ، ٻ، ٻي، ٻ، ٻڙ، ٻُڙ، ٻُڙُ**

**تِيئَن، تِيئَن**

- ❖ سوَ ٻي جَڏِهِن وَڏوَ ٿِيوَ تَڏِهِن مَرِي وِيوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 2)
- ❖ تَنهِن ڪَان گهٽَا ٻيرَا مَارَ ٻڙِ ڪَائِنِ ٿَا (سنڌي ڪتاب ص: 50)
- ❖ اُتِ اُڪَندِي آهِيَان تِيئَن آتَڻَ تِيئَن ڏِيهَ (شاهہ عمر مارئي II، 1)

2) **فقرن کي ڳنڍيندڙ** (Concessive):

**تہ، ٿَان**

**تہ ٻ، تَڏِهِن ٻ**

**توَڙِي، توَٽِي، جيتوَڙِي (جي توڙِي)، جيتوٽِي**

**جي**

- ❖ تَنهِن جي لِڱَنِ توَن جي ڪَپڙوَ لَهِيوَ وَجي تہ تَجِلوَ وِڄُ وَانگي ٿِيوَ وَجي (املھ ماڻڪ ص: 141)
- ❖ ٿَان چِي مَرَان ٿَان مَانُ لَهَان جي موَٺَان تہ ڪَرَ مِيهُ (مج 408)
- ❖ توَڙِي چِڪَنِءَ چَاڪَ تہ ٻِ آهَ نہ سَلَنِ عَامَ ڪي (شاهہ ڪلياڻ II، 23)
- ❖ دِلِ ٻي ڏِجي هِڪَ ڪي توَڙِي سَوَ سِڪَنِ (شاهہ بروو سنڌي III، 7)
- ❖ ٿُون سَا مَجَلِسَ مَتِ جي حَاصِلُ هُوِيئِي هَزَارَ جوَ (شاهہ رامڪلي VIII، 25)

**3) ضد ڏيکاريندڙ يا ابتڙ** (Adversative):

**ٻِگرِ، پَرَ، پَڻَ.**

**توَڙي، توَڻي**

---

[1] عام طرح ۾ ڪري لکبو آهي.

**توَڙي، نَہ تَہ**

**جَان**

**جَان جَان**

**ڪِ، ڪِي**

**مَگرِ**

**نَہ تَہ**

**هَٿان، هَٿائِين، هَتوَن، هَتوَئِين**

مثال:

- توَڙي ڪَنڌِيَ ڪَنِ[1] نَہ تَہ سَاڻُنِ وَجَنِ سِيَر ۾ (شاهہ، سهڻي VIII، 1)
- مَاڻهُو ڪِ ڪَنڊَن موَن ڊَاکَ ٽَا چِنَنِ جَان ڪَانڊيرِيَ موَن اِنُجِيرَ (ميٿيو 7، 16)
- ڪوَ ئِي مَاڻهُو ٻِنِ ڌَڻِيُنِ جِي نوڪَرِي ڪَرِي نَہ توَ سَگهي جوَ جَان هِڪِڙِي سَان وِيرُ رَکندوَ ۽ ٻِئي سَان پِرِيتِ ڪَندوَ جَان هِڪِڙِي جِي ڌَاوَڻِ وَٺَندوَ ۽ ٻِئي ڪي ڪِي نَہ ليکِيندوَ (ميٿيو، 6، 24)
- جوَ اَچِڻوَ هوَ سوَ تُون ئِي آهِين ڪِي ٻِئي جِي وَاٽَ ڏِسُون (ميٿيو 11، 3)
- اَسَان ڪي اُنهِنِ پَانهڻِنِ سَان ڪوَ ڪَمُ نَہ آهي مَگرِ پَنهِن جي ڏَڻِيَ سَان ڪَمُ اَڻُون (عبداللطيف جي زندگي ص: 20)

**4) بالواسطہ ۽ آخري** (Causal and Final [2]):

**تَہ** معنيٰ: سو/ تنهنڪري ۽ ڪنهن جي لفظ ڪي بيان ڪرڻ مهل استعمال ٿيندو آهي.

**جَان، جِيئَن، جَئين، جِيئَن تہ**

**جوَ** معنيٰ: ڇو تہ.

**جِيلَان، جيلَهَن، جيلاَهِين، جيلَهِنِ**

**جيلَان- تيلَان، جيلَان- تَہ**

**ڇَا جوَ**[3]

**چاڪاڻ ته، ڇا لاءِ ته، ڇا لاءِ جوَ، ڇوَ ته، ڇوَجوَ**

**سوَ معنيٰ:** تنهن ڪري.

**سوَ ڪوَ، سوَ ڪوَ ته، سوَڪوَهُ، سوَڪوَهُ ته**

**مَ**

**مَتَان، جوَ مَتَان، مَڇَڻِ، مَڇُڻِ، مَڇُڻُ**

**مثال:**

[1] **ڪَن** حرف جر آهي. بقول استئڪ جي (استئڪ گرامر ص: 101) اهو **ڪَرِين** جو ضمير غائب جمع آهي، پر حقيقت ۾ اهو مفروضو غلط آهي. نوٽ: اتي ڏنل بيت رسالي سان نهڪي نٿو اچي.

[2] اسان بالواسطہ ۾ آخري حرف جملي کي هڪ ٻئي جڳهه تي انڪري بيان ڪيو آ هي چاڪاڻ جو اهي هڪ يا ٻئي مفهوم ۾ عام طرح استعمال ٿيندا آهن.

[3] [illegible]

- ❖ هِيءُ جوَڳ نَاهي تَہ چوَرِي ڪَرِي پوَءِ دَارُون پِيُون (سنڌي ڪتاب ص: 69)
- ❖ مينگها مُنهُ پَائي اُتِي ڏُورِ تَہ لَهين ڏِينهِ ۾(مينگهو ص: 23)
- ❖ اُتِي طَلَبَ تَوَحِيدَ جِي جَان آتُون ڪَرِيَان ڪَاءِ (مج 9)
- ❖ مَرَ ڪين مَرَڪين اِنَ ۾ جِيئَن مَاٺهُو چَوَنِي مِيَان (سون ورني الف ب لپي X، 13)
- ❖ اِيءُ دوَسَنِ جوَ دَسَتُورُ جِيئَن چِنَا چِنَنِ کِي نِہ کِي (شاهہ بروو سنڌي III، 9)
- ❖ چي حَضَرَتَ هِئين نَہ گُهرَجي جوَ کِلي هَٿَ هَٿَنِ (مج 348)
- ❖ تيدَان ڏَٿِيَ دهُٺَا جيلاَن وِيَا وَحَدَتَ گَڏجِي (شاهہ ڪلياڻ I، 8)
- ❖ ڇَا لاءِ تَہ سُکِي پَلَکَ ڏُکِيَ جِمَارَ ڪَان چِڱِي آهي (سنڌي ڪتاب ص: 62)
- ❖ ڪَٿِيوَ اَسَانهِن جوَ آهي ڇوَ تَہ نَالوَ وَڏوَ ٿِيندوَ ۽ نَانوُ نِڪِرندوَ (سنڌي ڪتاب ص: 64)
- ❖ تَڏهِن سُمهَندِيُون جوَ اَوِيلَ سوَ اُٿئيي سِجُ اُپِرِي وِيندُنِ (املهہ ماٽڪ ص: 143)
- ❖ پَائي وِيهُہ مَ پَلنگَ تي ڳِڇِيَ سِرِ ڳَانوَ (شاهہ عمر مارئي II، 2)
- ❖ ڏوَرِيَان ڏوَرِيَان مَ لَهَان شَالَ مَ مِلاَن هوَتَ
- ❖ مَنَ اَندِرَ جَا لوَجَ مَڇُڻُ مِلَڻ سَان مَانِي ٿِئي (حسيني VII، 3)
- ❖ مَتَان هَرَڻَ ۽ گَڏهہ جَان پوَءِ اَرمَانُ ڪَرِينِ (سنڌي ڪتاب ص: 68)

5) **شرطيہ (Conditional):**

**جي، جيڪَر**

**جيڪَڏهِن**

- ❖ جي ٽوِپِي ڏرين ڪَنڌَ تي تہ صُوفِي سَالِمُ ٿِيءُ (شاھ، جمن ڪلياڻ V، 8)
- ❖ اِهَڙَا عَاشِقَ هُئَنِ جيڪَرَ تني سين توَهِ (مج 776)
- ❖ جيڪَڏِهِن رَاڳُ ڪَنڌَاسُون تَڏِهِن رَاڳُ جي سُرَ تي ڏَٽِيُس جَاڳِي ليڪوَ سَارِيَ ڄَمَارَ جوَ وَننڊوَ (سنڌي ڪتاب ص: 68)

6) **سواليہ** (Interrogative):

**ڪِ، ڪِي**

- ❖ پَاتِشَاهزَادِي اَسِين ڪِي توَ ڪي مَنَعَ ٿِيُون ڪَرِيُون (املھ ماٽڪ ص: 145)

# باب ايڪيهون

## نمبر - 60

## INTERJECTIONS

## حرف ندا

حرف ندا جي حوالي سان اهڙا اسم يا ننڍا جملا بحث هيٺ ايندا جيڪي حرف ندا جي مفهوم ۾ ڪتب ايندا آهن. مثال: **مَاڻِ، چَڱوَ، سَچُ، الله اعلمُ** ۽ ڪجهه اهڙا حرف جر جيڪي هاڻي حرف ندا وانگر ندائي صورت اختيار ڪري چڪا آهن.

نمبر 16، 8 تي ڏنل ندائي نشانين کان علاوه عام استعمال ۾ ايندڙ ڪجهه صورتون هيٺ ڏجن ٿيون:

1) **اثباتي** (Assent):

**آنهہ، آنءِ، آنئِين، هَان، هَائوَ، هَوُ، هَئوَ**: اهي سيئي **ها** جي معنيٰ رکن ٿا.

**بَلي** ۽ **بَلَيٰ**: معنيٰ هائو، سچو.

**يَلا، يَلِي**: سنو يا چَڱوَ

**جِيءُ**[1]: ادب سان هائو ڪرڻ

**مَرُ** ۽ **وَرُ**: هائُو

- ڊِيوَ توَ ڪي چَوَندَا تہ توُن سُجَاڻَنڊين تہ چَئِجَان هَوُ (املهہ ماڻڪ ص: 150)
- يَلاَ اُهي شَيُون مُون ڪي ڏِيڪارِ (املهہ ماڻڪ ص: 147)
- تُندِي مَتاهِين ڪُتَاءِ ٻوَڏِ چَوَنِي جِيءُ چَوُ (شاهہ، جمن ڪلياڻ VIII، 22)
- جَنِ ڪي عِشقُ اللهَ جوَ مَرُ ٿا سي مَرَڪَنِ (مج 778)
- ٻَلَڪَ نہ رَهي دِلِ توَ ڀِري وَرُ مِيَان صَاحِبَ ٻَروَچَا (شاهہ، آبري پجاڻي 2)

2) **تعريفي** (Commendation):

**اَلوَالوَ** – معنيٰ واهہ واهہ

**ڇَاٻَسِ، شَاٻَسِ** – واهه واهه (فارسي)

**عَشْقُ ۽ عِشْقُ** – جنهن جي تعريف ڪجي (عربي).

[1] جِيءُ بظاهر جِئڻُ جو امر آهي.

**واهُ**

- سَيِنِي ڇِيوَ ٻيلِي پَاتِشَاهَ اُهَا سَاڳِي هيترِنِ مُون ڪَڍِي آهي. شَابَسِ اَٿَسِ. ائين اَلوَ اَلوَ ٿِي وِيوَ (املهه ماڻڪ ص: 151)
- عَشْقُ رَاءِ ڏِيَاچَ کي جَنهِن سِرُ ڏِيئِي ڏِيگارِيوَ (راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي ص: 17)

3) **عجب يا حيرت** (Astonishment):

**لوَ، مَارِ، مَارِ پيٽِي، مَارمَانجهَان**

**مثال**:

- جيڏِيُون آئُون تَا نَہ ڇَونَدِي لوَ ڏُکُ ڏوَرَاپوَ سَجَڻين (شاهه، سهڻي V، پڄاڻي 1)

4) **التجا ۽ دعا** (Desire):

**ڇَالَ**[1] **يا شَالَ**

**مَانَ ۽ مَنَ**

**اَللهُ تُهَارَ**[2]**، اَللهُ توَهَارَ**

- پَرَچَنِ شَالَ پَونَهَارَ ڍوَلِيَا مَارُو مُون سين پَرَچَنِ شَالَ پَونَهَارَ (شاهه، عمر مارئي I، پڄاڻي)
- ڪَنڌِيَ اَچِي سُپِرِين مَانَ ٻَرِٻَرِ ڪَنِ (شاهه، سهڻي V، 20)
- جَان اِينڌَا تَا اُسَهوَ اِلٰهِي توَهَار (مج 437)

5) **بي يقيني يا ابهام** (Uncertainty):

**اَللهُ جي، اَلاجي**

**نِڄَاڻَا**

6) **اختلافي/ نهڪاري** (Dissent):

**خَيْرُ ۽ خَيْرُئِي خَيْرُ** (ادب سان نهڪار ڪرڻ)

**نَہ**

- اَسَان ڪَا اَڳِي تُنهِن جي چوَرِي ڪَئِي ڇي ڙِيوُن نَہ اَهَان چوَرِي ڪَانَہ ڪَئِي (املهه ماڻڪ ص: 145)

7) **ناراضگيءِ پڇتاءُ** (Disapprobation and reproach):

**اوَهِ، ٻوَڙُ، ڦِٽِ، ٿُو، ڇِ ۽ ڇِي، مَانهِيَان، هُنَّ، هيٺِ**

8) **ڏک ۽ شڪايت** (Grief & Complaint):

**افسوسُ، آهَ، آهَا**[3]

**ٻَرِٻَرِ**

**حَيفُ**

**گھوَڙَا گھوَڙَا**

**وَاوِيلَا**

---

[1] عربي جي **اِنشَاءَ الله** مان نڪتل آهي.

[2] درست لکڻي **اَللهُ توَ اَهَارَ** آهي.

[3] **آهَا** لطف ڏيارينڌڙ مفهوم ۾ بہ ڪتب ايندو آهی.

**وَاءِ، ووَ، وِي**

**هَا، هَاءِ، هَئِي**[1]**، هَئي**

**هوَئي، هُوئي، هُئي**

**هَيَهاتِ**

- ❖ حَيفُ مُنهُن جي حَالَ ڪي جَان ٻُڇِي آئُون بيڪَارِ (مج 756)
- ❖ گھوَڙَا گھوَڙَا ڪَرَڻُ اُنهِي ڪَمَ ۾ جَنهِن جوَ بِلوَ تِيَٽوَ نَاهي ڏَاهَپَ جِي رِيتِ نَاهي (سنڌي ڪتاب ص: 56)
- ❖ ووَ پيئرَ آئُون جِئَندِيَسِ تَا نَہ جَتَنِ رِي (شاهہ، ديسي VII، پڇاڙي 2)
- ❖ هَئِي هَئِي ڪَٽِئوَ هَتَڙَا ڪَامِيوَ ڳنيَائِين (مج 758)
- ❖ هَيِّهَاتِ هَيِّهَاتِ لِمَا تُوعَدُون سُڃِي تِي اوَطَاقَ.

[1] نندو ڪري هي ٻہ ڪتب ايندو آهي.

# THE SYNTAX
# علم نَحو

علم نَحو کي اسان ٻن حصن ۾ ورهايون ٿا يعني تجزياتي (Analytical) ۽ ترڪيبي (Synthetical).

تجزياتي حصي ۾ ٻوليءَ جا بنيادي حصا جيڪي ابتدائي وياڪرڻ ۾ سمجھايا ويا آهن، انهن جي حقيقي معنيٰ، حيثيت ۽ استعمال تي نظر وجھنداسون. ترڪيبي حصي جي احوال ۾ غور سان ڏسبو ته ٻولي جا مختلف حصا پاڻ ۾ ڪھڙيءَ ريت ملي جملن جي شڪل وٺن ٿا ۽ ڪيئن ٻه يا وڌيڪ جملا هڪٻئي سان ملن ٿا.

---

## I. THE ANALYTICAL PART
## تجزياتي حصو

# حصو پهريون

# باب پهريون

### نمبر - 61

## NOUN THE
## اسم

### سنڌيءَ ۾ Article جزي يا حروف تنڪير جو موجود نه هئڻ[1]

سنسڪرت ۽ هندستان جي جديد آريائي لهجن وانگر سنڌيءَ ۾ ڪو پختو يا مستقل جزو يا حرف تنڪير موجود نه آهي. ان ڪري اسم عام (indefinite) يا مخصوص (definite) يا مستقل به ٿي سگھي ٿو. مثال: زَالَ (ڪابه زال يا ڪا مخصوص زال).

ڪنهن اسم کي خاص يا عام نموني بيان ڪرڻ لاءِ ڪو قاعدو موجود نہ آهي ۽ ان جو دارومدار

[1] انگريزي گرامر جي معيارن تي سنڌي گرامر کي پرکڻ جي نتيجي ۾ اهوسوال پيدا ٿئي ٿو تہ ان ۾ آرٽيڪل آهن يا نہ؟ ضروري ڪونهي تہ هڪ ٻوليءَ ۾ موجود خصوصيتون ٻي ٻوليءَ ۾ بہ هجن. ان ڪري ان لفظ لاءِ متبادل سنڌي لفظ بہ ڪونهي. آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ 'حرف تنڪير' لکيو ويو آهي. (ايڊيٽر)

جملي ۾ اسم جي ويهڪ تي هوندو آهي. بهرحال ان لاءِ ڪجهہ ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن.

1) ڪجهہ اسمن جي پنهنجي هڪ مستقل معنيٰ هوندي آهي. مثال: **هِنئون، سِجُ، ايرندوَ، سُرڳُ، اُبُ** وغيره. ساڳي ريت سيئي اسم خاص.

2) جڏهن بہ ڪو اسم ٻئي اسم خاص سان گڏ موجود هجي تہ ان جي حيثيت مخصوص ٿي ويندي آهي. مثال: **چينَ وِلاَيَتَ، حُسِنِ پَرِي**.

ڪنهن سبب جي ڪري جڏهن ڪنهن اسم کي عام نموني indefinite ڏيکارڻو هجي تہ ان ۾ انگي صفت **هِڪِڙوَ** يا ضمير مطلق **ڪوَ** لڳايو ويندو آهي. **ڪوَ** ۽ **هِڪِڙوَ** جي استعمال ۾ ٿورو فرق آهي ۽ اهو هي تہ جڏهن ڪنهن هڪ شيءِ يا زمان جو ڏيکارڻ مقصود هجي اتي **هڪڙو** استعمال ڪبو ۽ جڏهن گهڻين شين مان ڪنهن هڪ ڏانهن اشارو ڪرڻو هجي تہ **ڪوَ** استعمال ڪبو آهي. **هڪڙو** جمع لاءِ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو. خاص ڪري ٻئي انگ کان اڳ تہ جيئن ان انگ ۾ شڪ يا ابهام ڏيکارڻو هجي. مثال: **هڪڙا ٻہ ماڻهو**، جتي انگ واضح نہ هجي. جڏهن ڪنهن شيءِ جو ڪو حصو يا مقدار ڏيکارڻو هجي تہ اسم کان اڳ **ڪِي** (يا **ڪِين ڪِي**) لڳائبو آهي. پوءِ اسم جو جنس کهڙي بہ هجي. (جيئن هندستانيءَ ۾ **ڪُڇ**).

- ❖ گَڏَهَہ سَرَهَائِيَ ۾ اَچِي هَرَڻَ کي چوَڻَ لَڳوَ (سنڌي ڪتاب ص: 68)
- ❖ هُنَ دِلوَ حِڪَمَتَ جوَ اُنهِن کَان گُهرِيوَ نيٺِ دِلوَ ۽ اُنَ جِي حِڪمَتَ اُنَ کي ڏِنوَ (سنڌي ڪتاب ص: 67)
- ❖ کي نِينگرَ پَنهِن جِي سَنٿَا هِنئوَن لاَيوَ پَڙهَنِ (سنڌي ڪتاب ص: 50)
- ❖ اُوچوَ توُن آڪَاسَ تي آن پوُٽوَ مَتي پُو (شاهہ، سورٺ، I، 3)
- ❖ مُنهِن جُون شَهَرَ پَنيوَرَ ۾ پَلِ پَلِ پوَنِ پَچَارُون (شاهہ، معذوري IV، پڄاڻي)
- ❖ ڪَنهِن وِيجَ وَٽِ هِڪِڙوَ ٻيلِي هوَ، هِڪِڙي ڏِينهَن وِيجَ اُنَ کي ڪَا دَوَا کُٺَڻَ لاَءِ ڏِنِي (سنڌي ڪتاب)
- ❖ اَسَان ۾ هِڪِڙَا سَتَ پَائُرَ هُئَا (ميٿيو، 22، 15)
- ❖ اَهِين ڪي اَمِيرَ آهِيوَ ڪي وَزِيرَ آهِيوَ (املهہ ماڻڪ ص: 160)
- ❖ جيڪِي ڪِيرُ ۽ آڪَرُ تِيندوَ سوَ آئُون پَرَڏِيهِن کي ڏِيندُسِ (سنڌي ڪتاب ص: 60)
- ❖ ڪَنهِن ڳوَٺَاٽي ڪِين قَدُرُ اَنَّ جوَ پَانڊِي ۾ رَکِيوَ هوَ (سنڌي ڪتاب ص: 54)

# باب ٻيو

**نمبر - 62**

## On the Gender of Nouns
## اسم جي جنس بابت

سنڌيءَ ۾ فقط مونث ۽ مذڪر جنسون ٿينديون آهن جڏهن تہ وقت گذرڻ سان بي جنس غائب ٿي ويو آهي. جنس جي حوالي سان ڪجھ ڳالهيون غور طلب آهن:

1) مذڪر جنس مان مفهوم ڪنهن مرد ماڻهو، شيءِ يا خيال جو نڪرندو آهي.

الف) مذڪر جنس سان عام طرح سان ساھ وارن يا ماڻهن ڏانهن اشارو هوندو آهي (انهن ۾ مونث بہ شامل ڪيا ويندا آهن) مثال: **مَاڻهُو** (عام طرح مراد: مرد)، **ٻَچوَ، جَانُوَرُ، گهوَڙو**. پر ڪجھ ننڍن جانورن لاءِ عام طرح مونث صورت ٻنهي جنسن جي لاءِ ڪم ايندو آهي. مثال: **ٻَلاَ، مَڪِ، جُون** وغيره. پر جڏهن ڪنهن اسم جي جنس ڪي واضح ڏيکارڻو هجي تہ اسم ڪان اڳ **نَرُ** ۽ **مادِي** لڳائڻ ضروري آهي.

- ❖ مَاڻهُو مَڪي شَهَرَ جَا مِڙِيوَ ميڙَا ڪَنِ (مج 38)
- ❖ خُدَاءِ چَيوَ تہ ڌَرتِي اُپَجَائي جِٽَرَا پَنهِن جِي جَاتِ سَارُو ڍِوَر ۽ وِڙهَندَڙَ جَانوَرَ (سنڌي ڪتاب ص: 14)

❖ ٽَرُ پَکِي وِهَڻُ نہ ٽِيُون ڄَڏِينِ (املهہ ماڻڪ ص: 141)

اها هڪ عجيب ڳالهہ آهي تہ اسم **بازُ، بَاشوَ، شِڪرِو، چَرَڳُ، سِيچَاڻوَ، بينسِروَ، لَڳڙُ** جيتوڻيڪ مادي بازن جا مختلف قسم آهن، پر اهي مذڪر آهن. جڏهن تہ نر بازن جي قسمن جا نالا مثلاً: **بَشِينَ** ۽ **چِپَڪَ** مونث آهن.

ب) جڏهن بي جنس جي نشاندهي ڪرڻي هجي تہ اسم کي مذڪر ۾ رکڻ ضروري آهي يعني مذڪر بي جنس جي جڳهہ تي استعمال ٿيندو آهي. مثال: **چڱو آهي؛ مون چيو.** پر اهو فقط واحد ۾ ٿيندو آهي ۽ صفت (يا اسم) جو مذڪر جمع ڪڏهن بہ بي جنس لاءِ استعمال نہ ٿيندو آهي. اها ڳالهہ ياد رکڻ ضروري آهي تہ صفت جي مذڪر صورت ڪڏهن بہ مجرد اساسي لفظ[1] جي حيثيت ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي (جيئن لاطيني، يوناني ۽ جرمن ٻولين ۾ ٿيندو آهي) ۽ انڪري لاڳاپيل اساسي لفظ استعمال ڪرڻو پوندو آهي (ڏسو نمبر 9، I، 1، 2) يا صفت سان گڏ ڪنهن شيءِ يا مواد[2] جو مفهوم رکندڙ اساسي لفظ لڳائبو آهي، فقط اسم مفعول مجهول جي مذڪر واحد کي بي جنس اساسي لفظ طور استعمال ڪري سگهجي ٿو.

❖ خُدَا جِهڙَا ٿِيندَوَ چڱَائِي ۽ مَندَائِي جَا سُڌَوَارَا (سنڌي ڪتاب ص: 19)

❖ تِنِ کي هوَ چَڱِيُون شَيُون نہ ڏِيندوَ (ميٿيو 7، 12)

---

[1] چڱو ڪَرَڻُ رِهَندو (چڱو ڪرڻ جي اجازت آهي) جهڙن جملن ۾ **چڱو آهي** منسوب ٿئي ٿو، **ڪرڻ** سان.

[2] چڱو ڪَرَڻُ رِهَندو (چڱو ڪرڻ جي اجازت آهي) جهڙن جملن ۾ **چڱو آهي** منسوب ٿئي ٿو، **ڪرڻ** سان.

❖ صَحِي لوَڙِيوَ لِکِيوَ لِکِيَان جُتي نہ ڪوَءِ (مج 258)

❖ مُنهُن جوَ چَيوَ نہ ڪَرِي هَلِي توُن هَٿِ ڪَرِينْسِ (مج 285)

**پ)** اهڙا اسم جن ۾ ننڍي يا وڏي هئڻ جو فرق ڪرڻ جي اجازت هجي. ڪنهن شيءِ جي وڏي هجڻ جو اظهار ڪرڻ لاءِ مذڪر پڇاڙيءَ جو استعمال ڪيو ويندو آهي. مثال:

**مَاڪوَڙوَ، مَکوَ، پُنگوَ، ڪوَنوَ، ڪَاٺُ**

2) مونث جنس مان مونث ساهہ وارا، شيون ۽ خيال ظاهر ڪيا ويا آهن.

الف) جيئن تہ مونث جنس کي عام طرح ڪمزور سمجهيو ويندو آهي تنهنڪري ننڍي يا ڪمزور هئڻ جي مفهوم جي اظهار لاءِ اسم ۾ معنيٰ جي مطابقت سان مونث پڇاڙي لڳائي ويندي آهي. مثال:

**مَاڪوَڙِي، مَکِ، پُنگِي** وغيره.

ب) ڪافي تعداد ۾ صفتون فقط مونث صورت ۾ ئي ملن ٿيون. مثال:

**سَنڊِ، پَچَرَ** (سَنڊ جانور)، **گرِپِڙِي يا گرِپِڻ، سُٽَا، ڳِيوَرَاڙِي، وَرِيتِي، وَڏوَرَ** وغيره.

پ) مونث طور استعمال ٿيندڙ صفتون ۽ ضمير اڪثر هڪ مختلف طريقي سان ڪتب ايندا آهن، جتي ڳالهہ جهڙا اسم هوندا آهن جڏهن تہ تاريخ (ڏينهن) اسم کي بہ ڪڏهن وساري ويهندا آهن.

❖ تَڏهِنِ مَاءُ پُڇِي کي مَجَني ڪِهَڙِي لَڳِي ڪيٽَاءِ (مج 44)

- سُونهَارَا سوِرَٺَ وَرَ ڪَا مُنهُن جِي ڪَرِ (شاهه، سورٺ I، 11)
- چوِڏِهِينءَ چَنڊُ اُڀِرِيوَ اُڻَتِيهِنءَ پَسيسِ عَامُ (شاهه، ڪنڀات II، 10)

# باب ٽيون

## نمبر - 63

## Number

## عـدد

سنڌيءَ ۾ فقط ٻه عدد يعني واحد ۽ جمع هوندا آهن جڏهن ته پراڪرت وانگر عدد تثنيٰ يا ٻن وارو انگ (dual) اڳيئي حذف ٿي چڪا آهن. (ڏسو نمبر 15). انهن جي مخصوص استعمال لاءِ ڪجهه ڳالهيون غور طلب آهن.

1) اهڙا عربي اسم جيڪي جمع صورت ۾ پنهنجي مفهوم کي ظاهر ڪن انهن کي گڏيل يا مشترڪ (collective) اسم وانگر ڏٺو ويندو آهي ۽ تنهنڪري اهي فعل (يا صفت) جي واحد مان ناهيا ويندا آهن. عربي مونث جمع **اَت** کي به ساڳي ريت واحد طور سمجهيو ويندو آهي. ان جي باوجود ڪن صورتن ۾ عربي جمع کي فعل جي جمع صورت مان به ناهيو ويندو آهي يا ان کي سنڌيءَ جي جمع صورت ۾ رکيو ويندو آهي.

- پُڄُ تہٖ اَوۡلاَدُ ڪوَ مُون کي حَقَّ دَرگاهَ موَن لِکِئوَ آهي ڪِي نہٖ (املهه ماڻڪ ص: 139)
- سَيَاڳَا سيئِي جي پَرچَائِڻوَارَا هِنَ وَاسطي جوَ خُدَا جوَ اَوۡلاَدُ چَئِبَا (ميٿيو 5، 9)
- تہٖ وَالِي ڏِيَاڙيئِي وِيءُ جِتِ آهي جِنَاتِ عَدَنِ جِي (شاهه، سورٺ I، 9)
- نہٖ ٿَا ڏِسوَ جوَ سَردَارُ عَالَمَ جوَ مِڙنِي اَصحَابَنِ سَان ۽ سَيئِي نَبِي آيَا آهِنَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 37)

2) عدد سان اسم جي واحد صورت استعمال ٿي سگهي ٿي البت جمع وڌيڪ عام طرح ڪتب آڻبا آهن (نمبر 23 ڏسو).

3) جمع جي صورت ۾ استعمال ڪنهن کي عزت ڏيڻ جي مفهوم ۾ به استعمال ٿيندو آهي ۽ ان ڪري ڪو اسم واحد فعل (يا صفت) جي جمع مان به ناهي سگهجي ٿو، يا اسم کي ئي جمع ۾ رکي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ مفهوم واحد جو مقصود هوندو آهي. اها صورت عام طرح هنن اسمن ۾ ڏٺي وڃي ٿي. مثال:

**دوَسُ، هوَتُ، پرِين، سُپرِين** وغيره.

۽ ان ئي ڪري ڪنهن ڪي ادب ۽ پيار سان سڏڻ لاءِ ضمير حاضر جمع استعمال ٿيندو آهي. هندستانيءَ ۾ ائين نہ ٿو ڏنو وڃي ۽ ماڻهو عام طرح هڪ ٻئي کي سڏڻ لاءِ ضمير حاضر واحد استعمال ڪندا آهن.

- عَبدُاللطِيفُ ٺٺيِيَنَ ۾ ڪَڏهِن ڪَڏهِن پَاڻَ جيڏَنِ چوَڪَرَنِ سَان لَڪَ لِڪوَٽِي رَاندِ ڪَندَا هُئَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 9)
- وَ پيئرَ آئُون نہ جِيَندِيَسِ تَا نہ جَتَنِ رِي (شاهہ، ديسي VI، پڄاڻي، 2)
- پرِيَنِ جِي پَچَارَ سيڻَنِ جِي سَنيَارَ جَڏڙوَ جِيءُ جِيَارِيوَ (شاهہ، جمن ڪلياڻ III پڄاڻي)
- شَاهَ وَتِ اَچِي عَرضُ ڪَيَائِين تہ سَائِين مُون ڪي پِي پِيَارِيوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 32)

4) هيٺ ڏنل اسم پنهنجي جمع ۾ ٿوري معنوي شڪل مٽائين ٿا.

| واحد | جمع |
|---|---|
| امِيرُ | اَمِيرَ (امامن جا محرم ۾ ماتام لاءِ تاوبت (تعزيا) |
| پيڪوُ | پيڪَا |
| چَانوَرُ | چَانوَرَ |
| چوڳوُ | چوڳا |
| زَردِي | زَرديُون (گهوڙي جي ڏندن جا نشان) |
| جردي | |
| سَاري | سَاريُون |
| سَاهُروُ | سَاهُرَا |
| سيئي | سيئُون |
| نَانَاڻوُ | نَانَاڻا |

5) هي اسم فقط جمع ۾ ئي استعمال ٿين ٿا:

**ٻَاٻُرِيُون، پِٺُون، ٽيِيون، جَورَا، چِٽَرا، جَنڊَا، جُنڊِڙَا، جهِنڊَا** (نندي ٻار جي مٿي جا وار) **ڏَاڙِيُون، رَتِڙِيَا، ڪَتِيُون، ڪُرَ، ڱَنجَا، موَتِيَا، مُهَدَ ۽ مُهَدهَ، وَاپِنبَا، هَتوَڙِيُون.**

# باب چوٿون

### نمبر - 64

## THE CASE OF THE NOUN

## اسم جون مختلف حالتون

## I- The Nominative

## فاعلي حالت

فاعلي حالت جي استعمال لاءِ ڪجھ ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ ضروري آهن:

1) اهڙا اسم عام يا اسم خاص جيڪي ٻئي ڪنهن اسم سان گڏ هجن ته انهن تي به ساڳي حالت لاڳو ٿيندي آهي. مثلاً: **ڪَرَاچِي بَنْدَرُ، لِڪَ لِڪوَّڙِي رَانڌُ، شَمَسُ پَاتِشَاهُ** وغيره. ۽ اهڙن اسمن ڪي حالت اضافت جي پيروي ڪندي به جوڙجڪ ۾ رکي سگهجي ٿو (پيٽ لاءِ ڏسو نمبر 67، 4)

- ❖ مُرڪي مَرُ مَاتَا رَاتِي رَاوَ ڏِيَاچَ جِي (شاهه، سورٺ III، 6)
- ❖ لِيلَا ئَالوَ ئَارِجوَ جَا قَاضِي قَمَرَ ڏِيءُ (مج 33)
- ❖ ڏِنوَ مَحَرَمُ مَاهُ سَوَنڪوَ شَاهَزَادَنِ ڏِيوَ (شاهه، ڪيڏارو I، 1)

2) اهڙا اساسي لفظ (Substantives) جيڪي تعداد يا معيار جو مفهوم رکندا هجن اهي ڪنهن اسم سان حالت اضافت جي لاڳو ٿيڻ بدران فقط سادي نموني سان منسوب به ٿي سگهن ٿا. مثال: **ڏَاٿرَ دَلَ** (معنيٰ سخين جو ميڙ).

- ❖ اَصَلُ عَاشِقَنِ تي ڇُغُلَ چَارِي لَڪَ (مج 254)
- ❖ مَارِي مِصرِنِ سين ڊُونڊَ ڪِيَائُون ڊِيرَ (شاهه، ڪيڏارو III، 4)
- ❖ دَانَ دَلوَّچَا دِلِ وَٽِيَا وَنِي رَاضِي ٿِيءُ (شاهه، سورٺ III، 4)

3) وقت جي گذرڻ يا مدي جو اظهار فاعلي حالت ۾ ڪبو آهي (يا اڻ ڦرندڙ حالت سان)

- اَنئِي پَهَرَ عَظِيمَ جوَ ڪَنڌُ مَنجهِ ڪَپَارَ (شاهه، سورٺ I، 20)
- رَاتِيوَن جَاڳِنِ جي سي آئُون ڪَندَڙِي سيڻ (شاهه، جمن ڪلياڻ I، پڄاڻي 2)
- رَهُ اَجوَڪِي رَاتِڙِي تُون لَالَنَ مُون لائي (شاهه، سامونڊي I، 20)

4) ٻن يا ان کان وڌيڪ اسمن جي هڪ ٻئي جي پنيان اچڻ کان بچڻ لاءِ اصلي فاعلي حالت جو اڪثر استعمال ٿيندو آهي ۽ اسم کي جنهن حالت ۾ هجڻ کپي ان لاءِ ضمير يا ضميري صفت کان ڪم ورتبو آهي. جڏهن جملي جي ڪنهن حصي تي زور ڏيڻو هجي ته ان کي اصلي صورت ۾ رکندي ان جي تعلق ڏيکارڻ لاءِ ضمير استعمال ڪبو آهي. ۽ خاص ڪري تڏهن جڏهن اسم فاعلي حالت ۾ ان جي لاڳاپيل اسم سان سمجهايل هجي.

- ميوَا مَجَرَ مَاڪِيُون سَيِنِي چَکَنِ چَسَ (شاهه، عمر مارئي VI، 9)
- خُدَا جي پَاتِشَاهَ ۾ شَاهُوڪَارَ جوَ گهِڙَڻُ تَنهِن کان سُئِيَ جي پَاڪي ۾ اُٺَ جوَ گنگهڻُ سَوَکوَ آهي (ميٿيو 19، 14)
- سَا سَائِينَ کي سَارِيندِي ڏَڪَندِي ڦِرَندِي ڊِڄَندِي ڳَاٺَ مَٿي ڪَرِي مَاءُ ڪِيَائِين (ماءُ: سنڌي ڪتاب ص: 64)
- تَہ اَهِين پَنهِن جوَ پِيءُ جَو آسَمَانَ ۾ آهي تَنهِن جَا پُٽَ ٿِيندَؤُ (ميٿيو 5، 45)

**نمبر - 65**

## II- The Vocative

## حالت ندا

حالت ندا جو استعمال ڪنهن شخص يا شيءِ کي ذاتي حيثيت ۾ سڏڻ لاءِ ڪبو آهي. تنهنڪري حالت ندا جو ٻين اسمن يا فعلن سا ڪو تعلق نہ هوندو آهي ۽ ان کي عام طرح جملي جي شروعات ۾ استعمال ڪبو آهي.

1) حالت ندا جي استعمال وقت جيڪڏهن ڪنهن شخص ڏانهن خاص طرح ڪو زور نہ ڏيڻو هجي ته حرف ندا جي جزن جو استعمال نہ ڪيو ويندو آهي، پر جڏهن شخص ڏانهن ڌيان ڇڪرائڻ مقصود هجي ته اتي حرف ندا جا جزا يا اڪر **يَا**، **اِيِ**، **اَيِ**، **اوَ**، **هوَ** مذڪر اسمن ۾ لڳايا ويندا آهن ۽ ڪنهن ننڍي کي سڏيندي يا گهٽي پيار سان ڪنهن سان مخاطب ٿيڻ لاءِ حرف ندا جا جزا **ڙِي** (**رِي**) ۽ **اَڙِي** (**اَرِي**) مذڪر اسم ۾ لڳايا ويندا آهن. جڏهن ته مونث سان **ڙِي** (**رِي**) ۽ **اَڙِي** (**ارِي**) استعمال ٿيندا آهن. (پيٽ لاءِ ڏسو نمبر 16، 8، نوٽ). پوءِ اهي ڀلي واحد يا جمع ۾ هجن. **ٻَڙِي**، **ڙِي** ۽ **ڙِيُون** اسم ڪانسواءِ بہ ڪنهن ننڍي (گهٽ ذات ) يا ويجهي دوست کي سڏڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن.

- جِيَسِ جيڏِيُون مُنهِن جَا آءُ پُنهُون پيهِي (شاهه، ديسي II، پڄاڻي)

- اَللهُ ڪَارَڻَ اوَٺِيَا ڪَرَهَا مَ ڪَاهِيوَ
  جَانِبَ جَڏِي جِيءَ جوَ آڳَانديوَ آهِيوَ
  لَاڳَاپوَ لَاهِيوَ مَتَان مُنهُن جوَ سُپَرِين (شاهه، ديسي III، 1)
- يَا عَلِي عَلِي سِرِ يَتِيمَنِ جي آئِي
- آيوَ حُڪُمُ اَللهُ جوَ يَا اِمَامَ (شاهه، ڪيڏارو V، پڇاڙي)
- ڙِي مَاٺهُوءَ جَا ٻَچَا تُون اَسَان جِي مَاءُ ڪي مَارِي توَ وَڃِين (املهه ماڻڪ ص: 48)
- ڙِي ٻوَرچِيَاڻِي مَانِي آڻِ (املهه ماڻڪ ص: 144)

2) حالت ندا ۾ اسم ڪان پهرين يا پوءِ ايندڙ صفتون بہ حالت ندا ۾ ئي رکبيون آهن، پر جڏهن هڪ صفت ٻي صفت ڪي ظرف طور ظاهر ڪري تہ اها ڦيرو نہ ڪائيندي آهي.

- دوَسَ مِٺَا دِلدَارَ عَالَمَ سَڀُ آبَادُ ڪَرِين (شاهه، سارنگ IV، 12)
- گهڻوَ سَٻَاجَها سُپِرِين مُون ڪي ڇَڏِيَاءُون مَسَ (مج 664)

3) حالت ندا جي بدران فاعلي جمع استعمال ٿيندو آهي، خاص ڪري اُ (مذڪر) تي ختم ٿيندڙ اسم سان.

- ڪيرِ آهِيوَ ڪيڏَهُن اَچوَ پُرَسُ پَرَاهين پَارَ (نانگ جو قصو، بيت 23)
- اَهِين ٻُهيَلَ ۽ وَڏِي بَار ڪَٽِيَلَ مُون وَٽُ اَچوَ (ميتيو 11، 28)

4) ڪافي اسم فقط حالت ندا ۾ ملن ٿا. مثلاً: **اَمڙُ (اَمَڙُ، آئِي، آيَلِ، اَمِي، مَائِي، اَدِي، دَادِي، جِيجَا يا جِيجِي)، اَدَا يا دَادا** (فاعلي **ادوَ ۽ دادوَ**)، **اَبَا ۽ بَابَا** (فاعلي **ابوَ ۽ بَابوَ**) — اهي ڪنهن ننڍي ٻار لاءِ بہ استعمال ٿيندا آهن، **مِيَان** (واحد ۽ جمع).

- آيَلِ پُنِي آسَ پُنهُون پَهُتوَ ڪيچَ ۾ (شاهه، ديسي چوٿ، 4)
- بَابَا آئُون تُنهِن جوَ سَگُ توَ ڪَرِيَان لَالَ پَاتِشَاهَ جي پُٽَ سَان (املهه ماڻڪ ص: 142)
- ابوَ تَهَانَ جوَ اِنهي پُڇَڻَ جوَ وَاسطوَ ڪَهِڙوَ (املهه ماڻڪ ص: 140)
- اَچِي لَالَنَ لَٿِ مِيَان مُئِيَ جوَ لوَڙهُ لَڪَن ۾ (شاهه، معذوري VI، پڇاڙي)

**نمبر- 66**

# III- The Instrumental

# وسيلو ڏيڪاريندڙ حالت

مان مراد يا تہ فاعل جي آهي، جيڪو ڪو ڪم سرانجام ڏئي ٿو يا ان ذريعي جي جنهن جي معرفت يا وسيلي اهو ڪم ٿئي ٿو[1]. سنڌيءَ ۾ اها حالت Instrumental نہ رڳو متعدي ۽ بالواسطہ فعل (جن جو هميشہ

مجهول مفهوم هوندو آهي) جي زمان ماضي سان استعمال ٿيندي آهي، پر مجهولي مفهوم وارن بي جنس فعلن سان بہ، پوءِ چاهي اهي ڪهڙي بہ زمان ۾ هجن.[2]

- سَاٿِن ٻَڌا ٻَارَ توَ ڪي آرِسُ اَڪِڙِيَن ۾ (شاهہ، سريراڳ III، پڇاڙي).
- سُهڻِيَ کي سَيِّدُ چَوِي وِڌوَ قُربَ کُهِي (شاهہ، سهڻي V، 17)
- عَاشِقَنِ وِيروَ تَارَ نہ وِسرِي (شاهہ، جمن ڪلياڻ VII، 1)
- پيرين آٿُون نہ پَجڻِي ڏِيهہ پريَان جوَ ڏُورِ (شاهہ، ڪنيات I، پڇاڙي)
- پَڪين ڪِي نہ پَرَچَنِ مَٺَ تَڪِيَاٿُون مَنجِهئَان (شاهہ، جمن ڪلياڻ IV، 9)

2) ان حالت Instrumental مان بالواسطي[3] جو اظهار.

- سَتَين مَاهِ سُڪِي وِيوَ مَنجَهان رَٿُ رَڳُنِ
  اَنين مَاهِ عَاشِقَ سَندِيُون اَڪِيُون اُجَ مَرَنُ (مج 478، 477)

---

[1] جڏهن حرف جر ساڻ اسم سان Instrumental طور لڳي تہ معنيٰ ۾ فرق اچي ويندو آهي. هت مراد اها آهي تہ شخص وٽ ڪو ذريعو يا ساٿي هو نہ ڪي هن ڪو ڪم ڪنهن ذريعي ڪيو آهي.

[2] لفظ نالوَ جو Instrumental روپ نالي ظرف طور ڪم ايندو آهي، جتي اهو فعل ڪان آزاد هوندو آهي. مثال: هِڪَڙوَ فَقِير مُحَمَدِ عَالِمُ نَآلي.

[3] [illegible]

3) حالت Instrumental ڪنهن ڪم جي ڪرڻ جي رستي يا طريقي جو اظهار ڪندي آهي.

- سُنَّتَ قَاضِيَ سَامُهُون چَڳِي پَتِ رَکِيَائِين (مج 173)
- لَا مَقصُودَ فِي دَارَيۡنِ اِنَ پَرِ اُتَائون (شاهہ، جمن ڪلياڻ V، 23)
- ٻِنهِين کي ٻَهُون پَرين وِيچَارَنِ وِرُوهہ (مج 198)

4) اها ئي حالت Instrumental ڪنهن شيءِ جي خريد يا وڪري جي قيمت جو اظهار ڪندي آهي.

- ٻَہ جِهرڪِيُون پَيسي ڪِي نہ ٿِيُون وِڪَامَنِ (ميٿيو 10، 29)
- ڪَارِيُون ڳَٿِيُون خَاصِيُون اوَچِي اُو اُتِ اَچَنِ (شاهہ، عمر مارئي VI، 8)

**نمبر - 67**

# IV- The Genitive

# حالت اضافت

1) اهو ياد رکڻ ضروري آهي تہ سنڌيءَ ۾ حالت اضافت اصل ۾ لفظ/ جوڙ جوَ سان نهندڙ صفت آهي ۽ جنهن لاءِ اسم کي تشڪيلي صورت ۾ هئڻ ضروري آهي. انڪري حالت اضافت ۾ جنس، ڦيرو ۽ عدد بلڪل صفت وانگر موجود هوندا آهن. ان جي تصغيري پڇاڙي جوَ کان علاوه شاعري ۾ جَڙوَ بہ

استعمال ٿيندي آهي ۽ خاص ڪري **سندو** ۽ ان جي تصغيري صورت **سندڙو**. اضافتي حالت جون نشانيون **جو** وغيره اسم (پڇاڙين سان) ۾ به گڏجي سگهن ٿيون. شاعريءَ ۾ ڪڏهن ته انهن کي يڪسر حذف ڪري ڇڏيندا آهن. **سَندوَ** به جنهن اسم سان موجود هجي، ان کان الڳ به ڪري سگهجي ٿو.

- فَقِيرِيَ جوَ فَهَمُ سوَ آهي نہ آسَانُ (مينگهو 37)
- جَانِبَ مُنهُن جِي جِيءَ ۾ تُنهُن جِي طَمَا پوَءِ (شاهہ، بروو سنڌي II، 2)
- دِلِي جِي حِڪمَتَ سَاڻَ هُونڊِ وَاروَ ٿِيوَ (سنڌي ڪتاب ص: 67)
- گهَرَ جَا ڏٺِي اُتِي ڇَا ڏِسَن تہ چوَرَ گهرَ جِيُون مڙيئِي وَٿُون ميڙِي هَرَ ٻَنِي دَارُون پِي ڪِيو ٿي توَ نڇي (سنڌي ڪتاب ص: 69)
- پَاتوَ پَاتِ جَا ڪَاڄَ مَاڻهُنِ جي گهرَنِ مَان ڏِينهَاڙِي چوَرِي ڪَرِي اَنَ کي آٽِي ڏِيندَا هُئَا (سنڌي ڪتاب ص: 62)
- اُهوَ پُٽُ ٻَنِ جوَ پَاڻِم جوَ سِرُ وَڍِي (راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي ص: 1)
- سَندِي جَا سَاٿِيهَ کِهَ ڪٿُورِي پَائِنَان (شاهہ، عمر مارئي II، 1)

2) اضافتي حالت گهڻو ڪري پنهنجي لاڳاپيل اسم کان اڳ موجود هوندي آهي، جيئن صفت ۾ ٿيندو آهي. پر جڏهن اسم تي زور پرڻو هجي تہ حالت اضافت واري نشاني پويان بہ لڳي سگهي ٿي. شاعريءَ ۾ بہ رواني ۽ شعر جي مزاج موجب حالت اضافت اسم جي اڳيان يا پويان لڳي سگهي ٿي.

- جيڪوَ دِقَتِ پوَرِهئي جي ڪَنَا پَجَندوَ اَنَ جوَ حَالُ ڪُتَنِ جَان ٿِيندوَ (سنڌي ڪتاب ص: 61)
- ڪِشتِي ڪَمِيڻِيَ جِي اَللهَ لَڳِ اُڪَارِ (شاهہ، بروو سنڌي II، پڇاڙي)

3) اضافتي حالت جي سنڌيءَ ۾ ٻيڻي اهميت آهي: اها فاعل يا جملي جي مفعول ڏانهن اشارو ڪري سگهي ٿي. اهڙي اضافت کي ان وقت موضوعاتي (Subjective) سڏبو جڏهن اها پنهنجي اسم (يا **فاعل**) ۽ ان جي مالڪ ڏانهن اشارو ڪندي هجي ۽ جڏهن اها مفعول (جنهن جي طرف فاعل اشارو پيو ڪري) ڏانهن اشارو ڪندي هجي تہ ان کي معروضي (Objective) سڏيو ويندو آهي.

- سَنئَم سَاهيڙِنِ جَا طَعَنَا توَهِي لاءِ (شاهہ، مومل راڻو I، پڇاڙي)
- آهِيَان جِنِ سَندَڙِي مُون کي سي نہ ڇڏِيندَا (شاهہ، ڪوهياري II، پڇاڙي)
- پيرِين هيٺ پِرِينءَ جي آئُون وِڇَايَان وَارَ (مج 231)
- آهيمِ آرِيَ ڄَامَ جِي اَندَرَ مَنجِهہ اُسَاتَ (شاهہ، حسيني VIII پڇاڙي)
- فَريَادُون فِرَاقَ جُون پُنهَلَ کي چوَنديَسِ مِيَان (شاهہ، حسيني VIII پڇاڙي)

4) اڪثر هڪ اسم ٻئي اسم تي اضافت جي ذريعي انحصار ڪندو آهي. اتي انهن ٻنهي اسمن کي هڪ ئي حالت[1] (Apposition) ۾ سمجهڻ کپي. ان طريقي سان **نالو** ۽ اهڙا ٻيا اسم حالت اضافت ۾ لقب کي

ماتحت ڪري رکندا آهن. ان ئي طريقي سان اضافت جو ماتحت تيڻ عمل ۾ تڏهن بہ ايندو آهي، جڏهن ڪنهن شيءِ جو خاص نسل سمجهائڻو هجي. مثلاً: **انجير جو ٻوٽو** يا جڏهن ڪو جاگرافيائي نالو يا لقب ڪنهن اسم خاص سان گڏ موجود هجي مثال: **سنڌو درياهہ**. ان ئي مثال وانگر انگريزي ۾ بہ اهڙي بناوت نظر اچي ٿي. مثال: **لنڊن جو شهر** وغيره.

- ❖ **برهہَ جي بَاڻِي ڪَنهن ڪان سِڪئين سُپِرين** (شاهہ، بروو سنڌي II، 8)
- ❖ **زَالَ نَالوَ رَوَڪَڙ جوَ هوَرِيَان وَردَائِين** (سنڌي ڪتاب ص: 68)
- ❖ **أهَا سُڪِي ٿوٽِي سَائو وَڻُ لَئي جوَ وَڏوَ ۽ ٿُلهوَ ٿِي بِينوَ** (عبداللطيف جي زندگي ص: 23)
- ❖ **هِڪڙو مَاٺهو وَڏوَ مَائِيتوَ رهاڪو ٿَني جي ڳوَٺ جوَ هوَ** (عبداللطيف جي زندگي ص: 45)

5) **حالت اضافت ڪنهن شيءِ بابت اها ڳالهہ سمجهائيندي آهي تہ اها ڪهڙن جزن سان ٺهيل آهي. ان صورت ۾ اضافت حقيقت ۾ صفت وانگر ڪم اچي ٿي.**

- ❖ **يُحَنَّا جوَ وَڳوَ مِليَسِ جوَ هوَ ۽ چيلهہِ ڏارئين چَمَ جوَ پَٽِڪوَ** (ميٿيو 3، 4)
- ❖ **هُوَ چُوڙَا ٻِيڙَا ڍَڪي ڪَرِي موَتِنِ ۽ يَاقُوتَنِ جوَ وَڳوَ آڻَائِيندي** (املهہ ماڻڪ ص: 144)

6) **حالت اضافت اسم جي فطرت يا معيار جو اظهار ڏيکاريندي (معياري اضافت** = genitivus qualitatis) **آهي، پر ان صورت ۾ اضافت جو ڪنهن شيءِ سان منسوب هئڻ ضروري آهي پوءِ اها صفت، ظرف يا اضافتي حالت ۾ ٻيو ڪو اسم بہ ٿي سگهي ٿو. ڪنهن اسم جو ٻيهر استعمال بہ انتساب وانگر ڪتب اچي سگهي ٿو. شاعريءَ ۾ ۽ ڪڏهن عام تصنيف ۾ بہ حالت اضافت جي نشاني مڪمل طرح حذف ٿي سگهي ٿي ۽ تنهنڪري اهڙيون بناوٽون حالت مڪاني** (locative) **ڪان فرق نہ رکنديون آهن** (ڏسو نمبر 70، 4)

- ❖ **أنِن مَان هِڪڙوَ نَوَنِ وَرِهَنِ جوَ هوَ ٻيوَ اَٺَن وَرِهَنِ جوَ** (سنڌي ڪتاب ص: 50)
- ❖ **رِيَ ٻُڌِ وِدِيَا ڪَنهن ڪَمَ جِي نہ آهي** (سنڌي ڪتاب ص: 54)
- ❖ **ڪيجَان آيوَ قَافِلوَ طَرحَ موَچَارِيَ توَڏَ** (شاهہ، ديسي III، 8)
- ❖ **ڪَپِڙَا طَرحين طَرحين جَا ڏِيئي هَلاَيَان** (املهہ ماڻڪ ص: 140)

7) **جڏهن حالت اضافت اهڙن اسمن جي ماتحت هجي جن مان حصي، مقدار يا ماپي جو مفهوم نڪرندو**

[1] (ڏسو نمبر 64، 1) (ان کي اردوءَ ۾ **عطف تقابل** چيو ويو آهي. (مترجم)

**هجي تہ اضافت انهن سيني کي ظاهر ڪندي آهي جڏهن تہ اسم ان جو هڪ حصو ٿي ويندو آهي. پر جڏهن اهڙو اسم اڳيان نہ هجي تہ اتي حرف جر جو استعمال ضروري آهي. مثال: مَان، منجهان** وغيره).

- ❖ **جَنهِن کي زَالَ وَٽِي اَٽي جي ٽن پَٽين ۾ لِڪَايوَ** (ميٿيو 13، 33)

- مَٿُ سَرِي جوَ هَٿُ آيُسِ (سنڌي ڪتاب ص: 62)
- تنِ مُون هِڪِڙِي ۾ مُنهُن جِي ڳَٺَ پيئِي هُوندِي ۾ پَاتِشَاهَ جِي (املهہ ماڻڪ ص: 142)
- جي اَهَان مَنجَهان ٻَہ ڄڻا ڪَنهِن سُوَالَ لاءِ هِڪَ دِلِ ٿِيندَا. (ميٿيو، 18، 19)

8) ڪجهہ اهڙا اسم عام ۽ صفتون جن ڪنهن حد تائين اساسي لفظ جي معنيٰ اختيار ڪئي هجي، اهي ٻئي اسم کي اضافت جي ماتحت ڪري سگهن ٿا. ان قسم جا اسم پڇاڙي **آڪُ**، **آؤ** وغيره لڳائي ناهيا ويندا آهن (ڏسو نمبر 8، 9)

- عَاشِقَ زَهَرَ پِيَاڪَ وِهُ ڀَسيوَ وِهِسنِ گهڻوَ
  ڪَڙِي ۽ قَاتِلَ جَا هَميشَہ هيرَاڪَ (شاهہ، ڪلياڻ II، 33)
- تُون رَهَاڪُو سُڄَ ۽ ڀَٽَ جوَ آهِين (سنڌي ڪتاب ص: 69)
- ٽيڙَ ٽُڪِرين هيرَڻُون نَہ ڪوَ ليڪَرُ لَلُ (مج 304)
- جَا مَتي توَ مَٽِيَا تَنهِن سِرَ جوَ آهِيَان سيڪَڙُو (شاهہ، سورٺ II، 7)
- سَيِّدُ شَاهَ حَبِيبَ نَالي مُورِ وِيئَلُ ڳوَٺ وَنگي وِلاَسي جوَهوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 1)

9) حالت اضافت اسم جي اثر ڪان سواءِ وقت جو مدو ظاهر ڪري سگهي ٿي، مثال **رَاتِ جوَ**، **ڏِينهَن جوَ** ۽ جيڪو اسم اضافت تي اثر ڪندڙ هجي اهو اصطلاحاً حذف ڪيو ويندو آهي. مثال: **وِيلوَ**.

اها بناوت انڪري نمبر 64، 3 تي ڏنل بناوٽ سان ملي ٿي. هندستانيءَ ۾ ان ئي معنيٰ ۾ **ڪوَ** استعمال ٿيندو آهي.

- وِڇينءَ جوَ آن وِيهِي جَرِ پَلَوَ پَائِيَان (شاهہ، سورٺ V، 16)
- پَاڻَ پَهرِئِينءَ رَاتِ جوَ ڳُڙهَہ پَاسي ڳَايوَ (شاهہ، سورٺ II، 1)
- ڏِينهَن جوَ تَنهِن جِي چَانوَ ۾ وِهَندَا هُئَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 23)

10) ڪافي صفتن کي (جڏهن اسم ان سان لاڳاپيل هجي تہ) محاورن لاءِ اضافت جي ڦرندڙ حالت جي ضرورت هوندي آهي. انهن ۾ سيني کان وڌيڪ عام استعمال جا مثال: **آڏوَ**، **اوَڏوَ**، (**اوَڏِڙوَ**)، **سَامُهُون**، **مَهَندِيُون**، **وِيجهوَ** (**وِيجهِڙوَ** وغيره) آهن. اهي صفتون گهڻو ڪري ظرفي حرف جي (Adverbial Particle) وانگر استعمال ٿين ٿيون (نمبر 58، II) ۽ باقاعده صفت طور استعمال ۾ بہ انهن جي اها ئي شڪل برقرار رهي آهي.

- جَڏهِن هي جِيروشَلمَ جي اوَڏَا آيَا (ميٿيو 21، 1)
- اُيَرُ چَندَ پَسُ پِرين توَ اوَڏَا مُون ڏُورِ (شاهہ، ڪنيات II، 7)

- اَکيُون اَکِين سَامِهوَن ڏِينهِن سَجوَ ئِي رَاتِ (مج 219)

11) **ڇهوَ، ڇهَڙوَ، سَندوَ، جيترِوَ ۽ جيڏو** جهڙيون لاڳاپيل صفتون هميشہ اسم جي تشڪيلي صورت سان ناهيون ويندڙيون آهن، جن جو ان سان تعلق هجي.

- مَحمُودَاڻِي مَجنُوَن اَڃَنَ تَا نہ ڇهوَ (مج 719)
- ڄَائين ڦُلين ڇهَڙَا ڏِنسِ ڏَندَ ڏَاتَار (مج 54)
- جوَ سَڳوَروَ سَپِين پِرين سَندوَ توَ سُبحَانَ (مج 825)
- تَان تِرَ جيڏوَ توَ تَنَ سَرَ تِي سرَڻُ نہ آئِيوَ (عجائب بيت 21)

12) جڏهن ڪو اسم، اضافت جي ذريعي ٻي جنس يا معروف فعل جي مصدر جو ماتحت هجي تہ حالت اضافت جي نشانيءَ کي حذف ڪري سگهجي ٿو.

- ڳوَنَاڻوَ اُنَ توَرِڙِي اَنَ جي سوَرَڻَ مَنجهہ رُنپِيئلُ ٿِئوَ (سنڌي ڪتاب ص: 56)
- مُغَلَ تَرَارُون ڪٽِي شَاهَہ جي مَارَڻَ لاءِ آيَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 15)
- هِنَ نِعَمَتَ ڏِسَڻَ ڪانپوَءِ جوَڳوَ شُڪرُ مَڃِيَائِين (سنڌي ڪتاب ص: 55)
- آسَمَانِ ۽ ڌَرتِي وَڃَڻَ توَڻِي شَرَعَ جوَ هِڪَڙوَ تِرُ ڪَنهِن طَرَحَ نہ وِيندَو (ميٿيو 5، 18)

**نمبر - 68**

# V- The Dative

# حالت مفعولي ثاني

1) حالت مفعولي ثاني وارو لفظ ان ڏورانهين مفعول ڏانهن اشارو ڪندو آهي، جنهن تي فاعل لاڳو ٿئي ٿو ۽ اهو حرف جر **کي** جي ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي (نمبر 16، 4) ۽ ان مان ئي اها حالت نهندي آهي[1] ۽ ان مان مفهوم نڪرندو آهي **ڪنهن جي لاءِ، ڪنهن جي ڪري ۽ ڪنهن حوالي سان**. عام تصنيف ۾ **کي** هميشہ اسم جي تشڪيلي صورت کان پوءِ رکبي آهي، پر شاعريءَ ۾ اها اڳ ۾ اچي سگهي ٿي يا مڪمل طور خارج بہ ٿيندي آهي.

جڏهن اضافت مفعولي ثاني واري اسم (جنهن تي ان جو دارومدار هوندو آهي) جي فوراً پويان اچي تہ حرف جر **کي** حالت اضافت جي نشاني کانپوءِ لڳندو.

- آءُ اوَرَاهُون سُپِرين ڏُکِيَ ڏُکُ مَ ڏِيڄ (شاهہ، آبري X، 4)
- تَان مَسَتِ نَازِ مَلُوکَ کي اَچِي هِئَن اُتو (عجائب بيت 90)

❖ أَسَ مَ لَڳِي اوَڻيئين ليڙن لُڪَ مَ لڳُ
اَلَا آرِيچَن کي ڪوَسوَ وَاءُ مَ وَڳُ (شاهہ ديسي I، 25)
❖ ٻَڌِي ڊَڪيدَارَ ڳَوَٺَ جي کي ڏِنَاٺُونسِ (سنڌي ڪتاب ص: 69)

2) معاون فعل **هُئَڻُ** ۽ **ٿِئَڻُ** سان مفعولي ثاني لفظ مان ڪنهن شيءِ جي ملڪيت جو اظهار ٿيندو آهي.

❖ مُون کي آهي اُميدَ اَللهَ جِي (شاهہ سورٺ I، پڇاڙي)
❖ مُون کي دُنِيَا جِي ڪَمِي ڪَائِي ڪَانهي پَرَ اَوَلَادِ کِي نَہ ٿوَ ٿِئيمِ (املھ ماڻڪ ص: 139)

3) حالت مفعولي ثاني ان ڏورانهين فاعل ڏانهن اشارو ڪري ٿي، جنهن جي حوالي سان ڪو ڪم ٿئي ٿو. ان صورت ۾ حرف جر **کي** جو مفهوم **لاءِ** يا **ان لاءِ** هوندو آهي.
❖ ڪامي دل خمار ۾ هنئون کي هوتن (مج 728)
❖ ڪيچِ تَنهِين کي ڪوَٺِ کِي نَہ جَنهِين جي ڪَڇَ ۾ (شاهہ معذوري II، 11)
❖ ڪَاتي پَاڙِي ڳاهَ کي مَاٺُهو مُڪَانڻُون (شاهہ ڪيڏارو I، 5)
❖ سُورِهَ مَرين سوَيَ کي تَہ دِلِ جَا وَهَمَ وِسَارُ (شاهہ ڪيڏارو VI، 9)

4) حالت مفعولي ثاني وارو لفظ ڪنهن جڳهہ جي سفر جو اظهار ڪري ٿو:

❖ ڪاهي رسيس ڪيچ کي جتي پاڻ پنهون (شاهہ آبري V، 1)
❖ مُنڌَ مَرَٺَا پوَءِ پُهچَندِينءَ پُنهُون کي (شاهہ معذوري IV، 5)
❖ ڪَاشِيدَاڙِي ڪَارِ کِي نَہ رَسَاڻي ڪيچَ کي (شاهہ آبري IV، 10)

5) حالت مفعولي ثاني لفظ ڪنهن اهڙي وقت ڏانهن اشارو ڪندو آهي، جڏهن وقت جو دوران اڻڄاتل هجي؛ ۽ جڏهن ڪنهن ڪم جو وقت مقرر ٿيل هجي تہ حرف جر ۾ يا **مَنجھ** جو استعمال ڪبو آهي.

❖ قَيَصَرِ چي ڪَلَاتَ ۾ رَاتِ تَنهِين کي رَسُ (شاهہ سارنگ IV، 3)
❖ پريَان ڏِي پرِيَاتِ وَؤُن ڏِينَارِي ڏِينهَن کي(شاهہ سهڻي چوٽ 11)
❖ وَهندوَ تَنهِين وِيرَ کي فَرَّاشين فَرَمَائشَ ٿِي (عجائب بيت 15)

**نمبر - 69**

# VI- The Accusative
## حالت مفعولي سببي

حالت مفعوليءَ جا سنڌيءَ ۾ ٻہ قسم آهن. اها فاعلي يا مفعولي ثانيءَ جهڙي ٿي سگهي ٿي يعني مفعولي حالت جي اثر جو اظهار حرف جر **کي** ذريعي بہ ڪري سگهجي ٿو.

1) مفعولي حالت اڪثر فاعليءَ جي هڪ صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي، جڏهن فعل مفعول تي اثر رکندڙ هجي پر ساڳئي وقت حالت مفعولي ثانيءَ تي ڪو اثر نہ هجيس.

- ❖ سوَ جَڏهِن پَنهِن جَا گهوڙَا ٻيڙَا سِپَاهِي رَکِي ۽ پَنهِن جَا آچَار وِيچَارَ ڪَري (املهہ ماڻڪ ص: 139)
- ❖ جي پَرڻِيندُس تہ اِهَا حُسِنِ پَري پَرڻِيندُسِ (املهہ ماڻڪ ص: 141)

2) ۽ جڏهن جملي ۾ فاعل ڪو ساهوارو اسم (فاعلي حالت ۾) هجي تہ مفعول (مفعولي سببي **حالت** ۾) جي حرف جر **کي** سان نشاندهي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ڪنهن غلطيءَ کان بچي سگهي. جڏهن فاعل ساهہ واري شيءِ ۽ مفعول بي جان هجي تہ مفعول بہ عام طرح اڻ ڦريل صورت ۾ رهندو آهي (يعني بنان حرف جر جي) تہ جيئن ڪا غلط فهمي نہ ٿئي. جڏهن فاعل ۽ مفعول ٻئي بي جان هجن تہ مفعول ساڳيءَ ريت اڻ ڦريل رهندو.

- ❖ شَاهُ صَاحِبُ اُنهيءَ فَقِيرَ کي پَاڻَ سَان وَٺِي آيو (عبداللطيف جي زندگي ص: 40)
- ❖ وَالِدُ شَاهَ جوَ صَاحِبَ کي ڳوَلِيندوَ رَهيوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 44)
- ❖ جَڏهِن مَخدُومَ هَاشِمَ ٻُڌوَ تہ شَاهُ صَاحِبُ مَسجِدَ ۾ رَاڳُ ٿوَ ڪَري (عبداللطيف جي زندگي ص: 35)
- ❖ جيڪَڏهِن اِهَا ڳَالِ ڪُئِن جوَ بَادِشَاهُ ٻُڌندوَ (سنڌي ڪتاب ص: 62)
- ❖ جَڏهِن تَنهِن کي ڪَوَ مَاڻهُو لَهي ٿوَ تَڏهِن لِڪَائي ٿوَ رَکي (ميٿيو 13، 14)
- ❖ سَنڌِئُون سُورَ ڪَرِينِ هَڏَ پُڻُ ڏُکَنِ هوَتَ لاءِ (شاهہ آبري چوٽ 2)

3) جڏهن بہ ڪنهن معروف فعل جو مفعول ڪنهن بہ سبب جي ڪري وڏيڪ ظاهر ڪرڻو هجي تہ حرف جر **کي** ان مقصد لاءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ ائين خاص ڪري تڏهن ڪيو ويندو آهي، جڏهن مفعول مان مراد ڪا ساهہ واري شيءِ هجي يا بہ ۽ بن کان وڌيڪ ماڻهو يا شيون هڪ ٻئي سان ڀيٽائڻيون هجن. پر گهڻو ڪري اهو ڳالهائيندڙ جي مزاج تي ڇڏيل آهي. شاعريءَ ۾ ڪن جاين تي **کي** کي خارج ڪيو ويندو آهي ۽ ان صورت ۾ تشڪيلي جمع جي سُسيل صورت استعمال ڪبي آهي.

- ❖ اُنَ مُرِيدَ ڏِيئڙِي کي سَڏِي چَيوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 48)
- ❖ ڊِيوَنِ چَيوَ ٿُون اُنهي کي سُڃَاڻَنڊِين (املهہ ماڻڪ ص: 151)
- ❖ اُئين پَيسَا مِلَندَا تَنهِين مَان آٽي مِزمَائِنِ کي ڳَارَايَاٿُون (عبداللطيف جي زندگي ص: 41)

* اَڏيُون عَبدُاللَطِيفُ ڇَوِي سَڄَڻَ کي سَارَاهِيوَ (شاهہ آبري ڇوٽ پڄاڻي 3)
* پِهرِيَائِين رَوَ کي ميڙِي ڪَڙَا ٻَڌِي سَاڙَڻَ لاءِ پوءِ ڪَڻڪَ کي ڀَانڊَ ۾ ميڙِي رَکوَ (ميٿيو 13، 30)
* جي ڪِي سِڪَڻُ سِکُ نَا تہ پَسُ سِڪَندِئين (شاهہ جمن ڪلياڻ VII، 7)

4) جڏهن فعل معروف کي زمان ماضيءَ ۾ جوڙيو وڃي تہ مفعول کي حرف جر **کي** سان ظاهر ڪبو آهي.

* تَڏهِن تَنهِن کي سَاٿَ سُتيئَيَ ڇَڏِيوَ (شاهہ ڪوهياري I، 8)
* اُنَ جي ڳَندِڙِي وَنِي اُنَ کي ڇَڏِي ڏِنَائِين (سنڌي ڪتاب ص: 53)

5) جڏهن فعل ڪنهن ٻني مفعولي حالت کي بيان ڪري تہ ٻئي مفعول اڻ ڦريل حالت ۾ رهندا. جيڪڏهن اهي ڪنهن شيءِ بابت هجن ۽ جڏهن ٻني مفعول مان پهريون ڪو ماڻهو يا ساهہ وارو مفعول هوندو تہ اهو حرف جر **کي** لڳڻ سان وڌيڪ سگهارو يا مستقل[1] ٿي ويندو آهي. جڏهن تہ ٻيو مفعول (پوءِ اهو ماڻهو هجي يا ڪا شيءِ) واحد ۾ اڻ ڦريل رهندو پر اشارو جمع ڏانهن ڪندو. جڏهن زور ٻئي مفعول تي هجي تہ ان کي پهرين رکي سگهجي ٿو (ڏسو نمبر 94، 3).

* ڏِيندُسِ مَانهُہ مِرُنِ کي آئُون جَرَا جِيءُ ڪرِي (شاهہ آبري IX، پڄاڻي)
* سوَ مِزمَائِن کي مَانِي ڳَارَائِيندوَ هوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 40)
* هَاڙهوَ هِيڄِيَ کي لَنگهائِج لَطِيفُ چَوِي (شاهہ ديسي IV، 4)
* آئُون اُوهَان ئِي مَاڻهُن جوَ ميوُ ڪَندُسِ (ميٿيو 4، 19)

[1] ٻئي مفعول جڏهن ماڻهن سان تعلق رکن تڏهن بہ اڻ ڦريل صورت ۾ رهي سگهن ٿا (ڏسو نمبر 94، 3).

6) جڏهن ڪو فعل معروف ڪنهن ويجهي ۽ ڏور فعل کي ساڳئي وقت ماتحت ڪري (حالت مفعولي ۽ مفعولي ثاني) تہ مفعولي حالت (اڻ ڦريل صورت ۾) مفعولي ثاني حالت ڪانپوءِ ايندي آهي. جڏهن

مفعولي حالت تي خاص طور تي زور پيرڻو هجي تہ اهڙي صورت ۾ اها مفعولي ثاني کان اڳ رکي سگهجي ٿي.

* ڪَامِلِ ڏِينهَاڻِي ڦيسَ کي ڇَڳَا ڪَاڙي تِي چَاڪَ (مج 223)
* هَٿَ اَسَان کي ڏِيئُڙِي ڏُنَاڙي (عبداللطيف جي زندگي ص: 48)
* هِڪِڙوَ هَتوَن نہ ڏِينِ هَٿَ سَاڻُ ٻِئي کي ڀَنگُ وِڃهي ڀَائِي (مينگهو 11)

**نمبر - 70**

# VII- The Locative

# حالت مڪاني

مڪاني يا جڳھ ٻڌائيندڙ حالت جو اظهار فقط **اُ** تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن جي واحد صورت ۾ ڪري سگھجي ٿو. ٻين سڀني اسمن ۽ سڀني جمع صورتن ۾ حالت مڪانيءَ جي اظهار لاءِ حرف جر ۾ ۽ **منجھ** لڳايا ويندا آهن. شاعريءَ ۾ اهي حرف جر اڪثر حذف ڪيا ويندا آهن، پر اتي مڪانيءَ حالت لاءِ رڳو اسم جي تشڪيلي صورت استعمال ٿيندي آهي. جڏهن ته جمع ۾ (**اين** يا **آن** تي ختم ٿيندڙ) تشڪيلي صورت ڪي نئين ڪري ڪتب آڻڻ ضروري آهي. اڪثر محاوراتي طور تي لکت ۾ حرف جر ۾ يا **منجھ** خارج به ڪيا ويندا آهن. خاص ڪري اهڙا اسم جن جو تعلق **وقت** سان هجي.

جڏهن مڪاني حالت ۾ ڪو اساسي لفظ **اُ** تي ختم ٿيندڙ صفت سان گڏ استعمال ٿئي ته صفت کي به مڪاني حالت ۾ رکڻ ضروري آهي، ۽ ٻين پڇاڙين تي ختم ٿيندڙ صفتن، ضميرن يا انگن کي فقط تشڪيلي صورت ۾ رکڻو پوندو آهي.

1) سنڌيءَ ۾ مڪاني حالت رڳو مڪان نه پر ان جي رستي ۽ ان ڏانهن هلڻ جي به نشاندهي ڪندي آهي. ان ڪري اها حالت اهڙن فعلن ۾ استعمال ڪبي آهي، جيڪي ڪنهن مڪان ڏانهن هلڻ يا سفر جو مفهوم رکندا هجن مثلاً: **اَچَڻُ**، **وَڃَڻُ** وغيره.

- وَڻِ نه وِيئا ڪانگَ، وِڇين ٿِي وِيلا ڪَرِي
  کِهڙِي گهڙوَ هَٿِ ڪَرِي سُٽِي سَانجهِيَ ٻَانگَ (شاهه، سهڻي I، 14)
- ڏيکِين دوَکَ ڪَڙهنِ جِتِ ڪُنينَ ڪَٽڪوَ نه لَهي (شاهه، ڪلياڻ II، 27)
- اُونهي نِينهن اَتِ گهڻي سَهَا ۽ سِيَارَ (مج 548)
- مَتَان ڪا ٻَڙِي ٻوَلِ ٻَروَچِي وِسَهي (شاهه، ديسي چوٽ 7)
- وَڃَان ٿِي وَٽڪَارِ ڏِنُمِ پيرُ پُنهُونءَ جوَ (شاهه، حسيني V، 4)
- ٻِيَا دَرَ ڏِيئي ٻِيَنِ کي آيُسِ تَنهِن جي دَرِ (شاهه، سورٺ I، 11)

2) مڪاني حالت اهڙن اسمن لاءِ به استعمال ٿيندي آهي، جيڪي ڪنهن ڪم جي ٿيڻ جي وقت يا مهل لاءِ ڪتب ايندا آهن.

- هِڪِڙِي ڏِينِهن شَئِلُ ڪَندَا وَڃِي جيسَرميرَ گان نِڪِرِيَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 40)
- ڪَنِهين ٽَاٽي ڳوَٺَ هِڪِڙِي مَنجهه ڪُئي هِڪِڙِي پَنهن جي هُرِڏي ۾ وِيچَارُ ڪَرِي چَيَائِين (سنڌي ڪتاب ص: 61)

❖ سَجَڻُ سُونهَارو پيچَ پِنِيَ گهرِ آئِيو (شاهه، ڪنيات I، 9)

❖ جِئَڙو جَنجِيرُن ۾ راتِئان ڏِيئهان روءِ (شاهه، عمر مارئي V، 7)

3) مڪاني حالت ڪنهن صورتحال يا صورت ڏيکارڻ لاءِ لاطيني خالص حالت جريءِ وانگر به ڪتب ايندي آهي. (Latin ablative absolute). ان طرح سان ڪنهن صفت کي خالص حالت ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. (يعني اساسي طور فجنهن ۾ ڪو منسوب لفظ ڳنڍي سگهجي) يا اساسي لفظ صفت سان گڏي استعمال ٿي سگهي ٿو. انهن ٻنهي صورتن ۾ اسم حاليہ هُوندي لڳائڻ گهرجي جيڪو محاورتي استعمال ۾ خارج ڪري سگهجي ٿو[1].

❖ سوَ مُون توَرو لاءِ جِيئَن جِيئَرِي مِلان هوَتَ کي (شاهه، آبري I، 1)

❖ اَسان جي جِيئَرِي ٿُنهُن جي وَارَ جوَ نالوَ بہ ڪوَ نہ ڳِنهَندو (املهه ماڻڪ ص: 151).

❖ لاهِ مَ لَڏوَ لَڏِ تہ ڳاڙهي سِجَ ڳالهِ مڙين (شاهه، حسيني I، 2)

4) مڪاني (Locative) فاعل جون ڀرپور صلاحيتون يا گُڻ بيان ڪرڻ لاءِ بہ ڪم ايندي آهي. انگريزي ٻوليءَ ۾ مڪاني حالت جي معنيٰ لاءِ حرف جر of يا with (يعني جو يا سَان) لڳائبو آهي.

❖ سَنهي لَڪِ نَڪِ سَنئين ڪَجَلِ ڀَرِيَنَ نيڻَ (شاهه، سامونڊي I، 35)

❖ سَرَ تَنَ جي سِينگارَ ۾ آهي سُورهُ وَڏِي سَتِ (عجائب بيت 156).

❖ وَڏي اوَهِ آئِيُون پُنِيَ لائي ڦَرَ (شاهه، سارنگ IV، 16).

❖ هِهَڙين آڙين پَارين توَ ڪوَ شاهُ عَبدُالَطِيفُ ناليِ پُٽُ مُنهُن جوَ ڪَاٺِئين ڏِنوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 9)

❖ چوَروَ چنين ڪپڙين ڪَرَ ڏِسندِيئي ڏَلُ (مج 303)

❖ هَرَڻ اَکِئين هَنجَڙِيَ ڪَنين ڪوَلَ جِي ڪَارِ (مج 52)

❖ ڪَبُوتَرَ جِهَڙِي ڳِچِي سِيني سُنهَارِي (مج 60)

5) مڪاني حالت ڪنهن حساب يا جدول ۾ بہ ڪم ايندي آهي، جنهن ۾ شيءِ جي رقم يا قيمت کي مڪاني حالت ۾ رکيو ويندو آهي.

❖ تَنهِن جوَ قَدَمُ پَدَمِ نہ پَاڙِيَان جي تُون تِئين جَمِيعُ (شاهه، سورٺ II، 4)

❖ جوَ مَنُ مَلهِ مُورِ نہ سُپجي اَچِي سوَ گُهرِيوَءِ (شاهه، سورٺ II، 15)

**نمبر - 71**

## VIII- The Ablative

## حالت اپادان

ان جو اظهار حالت اپادان (ڏسو نمبر 16، 5) يا مختلف حروف جر ذريعي ڪيو ويندو آهي. مثلاً **گان**، **ڪَوِن**، **ڪَئا**، **مَان**، **مَنجهَان**، **ٿَان**، **مَٿَان** وغيره.

---

[1] اسم حاليہ ۽ اسم مفعول جي حالت مڪانيءَ لاءِ ڏسو نمبر 81، 2.

1) **اپادان حالت ڪنهن شيءِ يا جڳهہ کان مفاصلي، پري ٿيڻ يا عليحدگي جي مفهوم لاءِ استعمال ٿيندي آهي. انڪري عام طرح اها اهڙن فعلن، ظرفن ۽ حروف جر سان ڪتب ايندي آهي جتي ڪنهن شيءِ يا جڳهہ کان دوري يا مفاصلو ڏيکارڻ مقصود هجي.**

- **پَرڏيهَان پَنڌِ ڪَري هَلِي آيوَ هِيءَ** (شاهہ، سورٺ I، 5)
- **پَکِيَسِ جَان پَنيوَرَ گان ٿَان سُورَ مِڙِيئِي سُکَ**
  **لَٿي مَٿَان لَکَ پُنهُون ٿِيَسِ پَاٽهِين** (شاهہ، آبري V، 2)
- **اَجَلاَن اَگِي سَسُئِي مُنڌَ جِٽَرَائِي مَرُ**
  **تَوَلِيَان تَنهِن ۾ تَرُ جَنهِن رُوحُ وِڃَايوَ رَاهَہ ۾** (شاهہ، معذوري IV، 6)

2) **انڪري حالت اپادان اهڙين ٻيڻ وارين صورتن ۾ استعمال ٿيندي آهي، جتي فاعل، جنهن کي اسم سان ڀيٽيو وڃي، ان کي اپادان حالت ۾ رکيو ويندو آهي تہ جيئن هڪ اسم جو ٻئي اسم کان مفاصلو يا فرق ظاهر ڪري سگهجي** (ڏسو نمبر 21).

- **جي پَانئِين تہ پِرِينءَ مِڙَان تہ ڏوِهَنِئُون ڳُڻُ پَانءِ** (شاهہ، جمن ڪلياڻ VIII، 22)
- **اُوتارُو مِڙِنِي ٻِيَنِ فَقِيرَنِ کان چَڱوَ جَوڙَائِي ٻِٽَ تي وِينوَ** (عبداللطيف جي زندگي ص: 21)

3) **ڪنهن سبب، ڪارڻ يا احساس جي ڪري ڪو ڪم ڪيو وڃي ان اظهار لاءِ بہ حالت اپادان ڪتب ايندي آهي.**

- **مَڃ مُحَمَّدُ ڪَارَڻِي نِرَتوَن مَنجهان نِينهَہ** (ڪلياڻ I، 2)
- **خُتَا ٻِيَا ڪِٽِي وَڃوَ جَان سَا خُوشِيَان گاءِ** (مج 117)

4) **حالت اپادان مان وسيلائپ ذريعي يا ڳنڍڻ جو مفهوم بہ نڪرندو آهي. پر اهو استعمال شاعري لاءِ ۽ بنان ساهہ وارن (يا بيجان) اسمن لاءِ ئي ڪري سگهجي ٿو، جڏهن تہ عام لکڻين ۾ وسيلائي** (Instrumental) **يا حرف جر سان ان مقصد لاءِ ڪتب ايندو آهي.**

- **هوَءِ چوَنِي ٿُون ڪِي مَ چُؤُ وَاتَان وَرَائي وِيڻُ** (شاهہ، جمن ڪلياڻ VIII، 17)
- **ڪَرِ ٿُون حَمدُ حَڪِيمَ کي ظَاهِرُ زَبَانَا1** (شاهہ، سريراڳ I، پچاٽي 1)
- **مَتِئيُون لَهِي مُنهَاءُ جي توَ چَانگا چِنِيُون** (شاهہ، ڪنيات II، 29)
- **سوَنَان وَڌُن صَرَّاف سِينءَ لَذوَ هَڏِ مَ لاَهِ** (شاهہ، سريراڳ IV، 9)

5) بي جنس فعل سان حالت اپادان (خاص ڪري حرف جر **ڪان** سان) متعدي مجهول جي فاعل ڪي ڏيکاريندي آهي. اها ئي حالت اهڙن مجهول فعلن جي بہ آهي، جيڪڏهن متعدي مجهول جو فاعل بيجان هجي.

- سَائِين مُونهَان ڏوَهُ ٿِيو، سو ٿُون توَهيئَمِ (عبداللطيف جي زندگي ص: 20).
- شَمَعَ ٿِيندِيَسِ شَبَ ۾ اِنَ خُوشِيَ ڪان گامِي (شاهہ، ڪنيات I پڇاڙي 3)
- صُورَتَ سُونهَن ڪان ڪِيَسِ چِٽَ چَرِي (شاهہ، سهڻي IX، 8)

---

[1] زَبَانَن جي بدران زَبَانَا استعمال ڪيل آهي.

# باب پنجون

# PRONOUNS

# ضمير

## نمبر - 72

## I- Personal Pronouns

## خالص ضمير

1) خالص ضمير عام طرح ظاهر نہ ٿيندا آهن ۽ انهن جي مفهوم لاءِ فعل جون گرداني پڇاڙيون ڪم اينديون آهن. ان ڪري اهي فقط ڪنهن شيءِ جي چٽي اظهار يا زور پرائڻ[1] لاءِ يا فرق ڏيکارڻ لاءِ ڪم ايندا آهن. شاعريءَ ۾ اڪثر خالص ضمير خارج ڪيو ويندو آهي ۽ جتي انهيءَ جي ضرورت محسوس ٿئي تہ اهو لکٽيءَ ۾ ڪنهن جاءِ تي ظاهر ڪيو ويندو آهي.

مجموعي طور تي خالص ضمير جنهن فعل سان تعلق رکندو آهي، ان کان اڳيان يا پويان (خاص ڪري شاعريءَ ۾) لڳائي سگهجي ٿو.

- آئُون هيڪلِي حَبِ ۾ نہ مُون مِٺُ نہ ڪَاڪوَ (شاهہ سهڻي II پڇاڙي 2)
- وَرِيتِيُون پہ وَروَ آنءُ نہ وَرَندِيَسِ وَرَ رِي (شاهہ آبري IV، 9)
- وَجوَ سَڀُ موّتِي اُوهِين جي وَرَنِ وَارِيُون (شاهہ آبري IV، 9)
- مُون کي مَارِينِ موّنهِين سَندَا ڏُکَڙَا.

2) اضافتي حالت وارو **منهن جو** ۽ **تنهن جو** فاعلي حالت ۾ صفتون آهن ۽ ان ئي طريقي سان ڦيرو کائينديون آهن. شاعريءَ ۾ اڪثر حالت جي نشاني **جو** خارج ٿي ويندي آهي، پر ان صورت ۾ **مون** ۽ **تو** جو استعمال ضروري ٿي ويندو آهي. صفتن بدران اسمن (فعل ۽ حرف جر) سان جڙيل ضميري پڇاڙيون يا **سندو** ۽ ڪن صورتن ۾ **پنهن جو** ڪي بہ ڪتب آڻي سگهجي ٿو (ڏسو نمبر 77).

ضمير متڪلم ۽ حاضر جي خالص ضميرن جي اضافتي حالت جو اظهار تشڪيلي **منهن جي**، **تنهن جي** وغيره سان ڪيو ويندو آهي، جيڪي پڻ اهڙن حرف جرن ڪان اڳ ۾ استعمال ٿيندا آهن، جن ۾ **جي جي** ضرورت هجي (ڏسو نمبر 58، II).

---

[1] عام طرح زور پرائيندڙ **اِي** (اِين) ۽ **هي** يا **هِين** سان استعمال ٿينديون آهن.

- ❖ **هِنئوَن مُنهِن جوَ هُتِ ٿِيوَ هِتِ مِٽِي ۽ مَانهہ** (عمر مارئي VI، 16)
- ❖ **مُون گهرِ مُون پرِيَنِ جي اَچڻَ جوَ وَاروَ** (شاهہ، ڪنيات I، 9)
- ❖ **توَ جيڏَا توَ يَارَ لَهَرِنِ لاَوَهَارَا ڪِيَا** (شاهہ، سريراڳ VI، 6)
- ❖ **جيڪوَ پُٽَ جَان ڏِيءُ ڪي مُون ڪان گهڻوَ گهُرندوَ سوَ مُنهُن جي جوَڳُ نہ آهي** (ميٿيو 37 ,10)
- ❖ **اَچُ مُنهُن جي پُٽُون هَلُ** (ميٿيو 19، 12)

3) **منهن جو** ۽ **تنهن جو** خاص ڪري جمع ۾ اساسي حيثيت ۾ استعمال ٿيندا آهن.

- ❖ **أڪَنڌَ مُون اَپَارَ شَالَ مُنهُن جَا موَٽِيَا** (شاهہ، سامونڊي II، 17)

4) خالص ضمير جي مفعولي سببي حالت کي ظاهر ڪرڻ ۾ حرف جر **کي** جو استعمال ضروري آهي. البت شاعريءَ ۾ ان کي اڪثر حذف ڪيو ويندو آهي، پر جڏهن ڪنهن جملي ۾ خالص ضمير جون حالتون مفعولي ثاني ۽ مفعولي سببي گڏ موجود هجن تہ ٻنهي ۾ **کي** لڳائڻي پوندي، پر ان قسم جي جوڙجڪ کان اڪثر پاسو ڪيو ويندو آهي[1].

- ❖ **مُون کي مُون حَبِيبَ طَعنوَ ڏِي تُنهُن جوَ** (شاهہ، مومل راڻو II، 14)
- ❖ **ڪَاڪِئَان وَڃُ مَ ڪَڏِهِين رَاڻَا توَ نہ رِهَاءِ** (شاهہ، مومل راڻو I پڄاڻي)
- ❖ **اَوهَان کي پِٽَ نہ ٿِي ڇڏِي ۽ تُون مَ پڄُ** (عبداللطيف جي زندگي ص: 21)

3) جڏهن خالص ضمير گرداني حالت ۾ ڪنهن منسوب ٿيل لفظ سان گڏ هجي تہ اهي لفظ تشڪيلي صورت ۾ ان کان اڳيان رکڻ گهرجن.

- ❖ **ڪَرِ ڪوَ پيروَ ڪَانڌَ مُون نِمَاڻِيَ جي نِجهِرِي** (شاهہ، ڏهر III، 1)
- ❖ **وِوَ مُون نِمَاڻِيَ تَان ڪِي نہ ڇيوَ** (شاهہ، ديسي IV، پڄاڻي)
- ❖ **ڏِيندَا مُون ڏُکِيَ کي اَللهَ لَڳُ اُهجَاڻُ** (شاهہ، کوهياري III، پڄاڻي)

**نمبر - 73**

## II. Demonstrative Pronouns

# ضمير اشارو

سنڌيءَ ۾ ضمير غائب (واحد ۽ جمع) جو ڪو ضمير خالص موجود نہ آهي. ان جي جاءِ تي عام طرح ضمير اشارو **هُو** لڳايو ويندو آهي. پر جڏهن ڪنهن مفعول جي ويجهو يا نسبتاً ڏور هجڻ جو اظهار ڪرڻو هوندو آهي تہ ضمير اشارو **هِيءَ**[2] ويجهي مفعول لاءِ ۽ پري واري لاءِ **هُو** استعمال ٿيندو آهي. جڏهن ڪنهن جملي کان اڳ ايندڙ مفعول (يا فاعل) ۾ ضمير لڳائڻو هجي تہ ضمير اشارو **سو**[3] استعمال ڪبو آهي.

- ❖ **جَڏِهِن ڪٽِڪَ اُنَ جي مَرَڻَ جِي اُنَ جي ڪَنَ تي رَسِي** (سنڌي ڪتاب ص: 64).
- ❖ **تُون مُڙسِ آهِين هُوءَ مِهِرِي** (املهہ ماڻڪ ص: 147)
- ❖ **هُنَ ڪي رَاتِ رُوحَ ۾ هِي ٿَا پَائِنِ هيءَ** (مج 34)
- ❖ **توَ ڪي ڍِيوَ نَوَ لَکوَ هَارُ ڏِنوَ سوَ پِي مُون جَهپي هَٿَ ۾ ڪَيوَ** (املهہ ماڻڪ ص: 147)
- ❖ **هِي مِڙِئِي مينهُون مَنجَهانئُسِ تِيُون آهِن سي پَنهَن جِيُون وَٺُ** (سنڌي ڪتاب ص: 61)

2) ضمير اشارو **اِهوَ** ڪنهن ويجهي مفعول ڏانهن زور پرائيءَ وارو اشارو ڪندو آهي يا جنهن جو ويجهڙ ۾ ذڪر ڪيل هجي يا فوراً پوءِ ذڪر ڪيل هجي. جڏهن تہ **اُهو** ڪنهن ڄاڻايل شيءِ کان وڌيڪ پري واري شيءِ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. **اِجهوَ** ۽ **اُجهو** فقط ويجهڙائپ جي معنيٰ ۾ ڪتب ايندا آهن.

- ❖ **جيڪڏهن اِهَا ڳَالِ ڪُئِن جوَ بَادِشَاهُ ٻُڌَندوَ** (سنڌي ڪتاب، ص: 63)
- ❖ **اُهَا تہ مُنهُن جِي پيڻُ آهي** (املهہ ماڻڪ ص: 149)

3) مفعولي حالت ۾ ضمير اشارا عام طرح حرف جر **ڪي** گڏ لڳائيندا آهن. جڏهن ڪنهن شخص (يا ساهہ واري مفعول) کي وڌيڪ ظاهر ڪرڻو هجي ۽ جڏهن ڪنهن ضمير اشاري تي ڪو بہ زور پرائڻو نہ هجي تہ پوءِ ان جي اڻ ڦرندڙ صورت ۾ ئي استعمال ڪيو ويندو آهي. جڏهن ضمير اشارو ڪنهن ٻئي اسم کان اڳ صفت واري معنيٰ ۾ اڻ ڦرندڙ صورت ۾ هجي، تہ اهي مفعولي حالت ۾ بہ اڻ ڦرندڙ صورت ۾ رهندا آهن، ۽ ان صورت ۾ انهن کي حرف جر **ڪي** جي ضرورت نہ رهندي آهي (سبب لاءِ ڏسو 69، 3)

- ❖ **تَنهِن هِنَن ڪي ڏِسِي ڪٺِي دَرُ پَاتوَ** (املهہ ماڻڪ ص: 149)

---

[1] مُون اَوَهَان ڪي هِنَ جي هَٿِ بَخشُ ڪيوَ (املهہ ماڻڪ ص: 198). اهو هن قسم جي مجهولي جوڙجڪ ذريعي بہ ڪري سگهجي ٿو.

[1] **هِي** محاوري طور هيٺ ڏنل طريقي سان بہ ڪتب ايندو آهي. مثال:

” نہ تہ هِي مُلڪُ هِي تُون (املهہ ماڻڪ ص: 141)

[3] ضمير اشارو **سوَ** جڏهن خالص ضمير سان گڏجي ايندو آ هي تہ ان مان معنيٰ ”ان ڪري يا تنهن ڪري“ جي نڪرندي آهي. مثال:

عُمَرَ سَا آئُون ڪيئن ٻَڌُ ٻَڌ بَان سُومَرَان (شاهہ عمر مارئي VII، 6)

- جَڏِهِن هوَ لَهوَ تہ مُون کي اَچِي خَبَرَ ڏجوَ (ميٿيو 2، 8)
- پوءِ اُهوَ آن ڏسَندِيَس تہ توَ کي بَانُهِي ڏِيَارِي موَڪِليندِيَس (املهہ ماٽک ص: 150).
- هِي وَڻَ نہ لَهَندَاءُ هُوءَ وَڻَ اوَڏَانهِين گهٽَا.

**نمبر - 74**

# III- The Relative and Correlative Pronoun

## ضمير موصول ۽ ضمير جواب موصول

1) سنڌيءَ ۾ ضمير موصول[1] **جوَ** ۽ جواب موصول **سوَ** آهي، جيکو ضمير موصول سان اکثر گڏ استعمال ٿيندو آهي. ان موصول **جوَ** کان علاوه ضمير مطلق **جيکوَ**، **جوَکوَ** بہ آهن، **جيکي** پويان ايندڙ جواب موصول **سوَ** سان لاڳاپيل هوندا آهن. ضمير موصول جي جڳهہ تي لاڳاپيل ظرف بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ ضمير جواب موصول **سوَ** بدران ڪو ضمير اشارو بہ ڪتب آڻي سگهجي ٿو ۽ خاص ڪري تڏهن جڏهن ڪنهن شيءِ تي زور پرائڻو مقصود هجي.

ڪو جملو جڏهن ضمير موصول سان شروع ٿيندو هجي، اهو اهڙي جملي، جيکو ضمير جواب موصول **سوَ** سان شروع ٿيو هجي، ان جي اڳيان يا پنيان لڳي سگهي ٿو ۽ ان جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ ڪهڙي ضمير تي زور پرائڻو آهي. زور پرائڻ لاءِ ضمير جواب موصول پيهر بہ استعمال ٿي سگهي ٿو.

[1] جڏهن بہ ساڳئي جملي ۾ **جوَ** جي پنيان خالص ضمير لڳل هجي تہ ان مان **جيئن** جي معنيٰ نڪرندي آهي. مثال: حَيفُ مُنهُن جي حَالَ کي جَا بُڇي آئُون بيڪَارِ (مج 756)

جڏهن ضمير موصول (يا جواب موصول) جو اشارو ضمير متڪلم يا ضمير حاضر ڏانهن هجي، تہ ان جملي جو فعل گهڻو ڪري ضمير غائب واري صورت ۾ هوندو آهي.

شاعريءَ ۾ اهي ضمير خارج بہ ڪري سگهجن ٿا.

- جَنهِن ڳِيدِي بِلِي هوَڪَارِئو  سوَ پُڻُ پَڄِي وَيوَ (سنڌي ڪتاب ص: 64).
- جي ٽُون بَيتَ پَائِيين سي آيَتُون آهِنِ (شاهہ، سهڻي IX، 6)
- سَنگِي ٿِيندُءِ سوَ جيڪِي جَپِيندِين جَڳدِيسَ کي (مينگهہ 8)
- سوِئِي سَاٽيهُ مُنهُن جوَ سَاڄَنَ جِتِ سَندوَمِ (مج 86)
- لَاهِيَان جي نہ چِتان اَلَا اُنِ مَ وِسِرَان (شاهہ، ساموندي II، 4)
- جي جي وَڻَ چَڱو ڦَلُ نہ ٿا ڏِيَنُ سي سي وَڍِي بَاهِہ ۾ ٿا وِجهجَنِ (ميٿيو 7، 19)
- آن جَا ڇَڏِي ڇَپرِين سَا ڪيچِ رَسَندِي ڪِيئَن (شاهہ، ديسي III، پڄاڻي)

2) ضمير موصول (۽ ضرورت آهر ضمير جواب موصول) عام طرح جنهن اساسي لفظ ڏانهن اشارو ڪري ٿو،

ان جي اڳيان ايندو آهي، پر جڏهن اساسي لفظ هڪ يا وڌيڪ ڳڻ هجن تہ ضمير موصول ان جي پويان بہ لڳي سگهندو آهي. ڪنهن جملي جي مضمون کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اڪثر شروع ۾ ضمير اشارو استعمال ٿيندو آهي ۽ ان کي وڌيڪ واضح ۽ زور پرائڻ لاءِ ضمير موصول ۽ جواب موصول استعمال ٿيندا آهن.

- ❖ جَا بِلِي پَنهِن جي بَارَ کي ٿِي ڪائي سَا ڪُٺِي کي ڪِيئَن ڇڏِينِدِي (سنڌي ڪتاب ص: 53)
- ❖ سوَ سوَدوَئِي ڇَڏِ جَنهَن جواهِرُ نَاهي ڪوَ (شاهہ سريراڳ IV، 8)
- ❖ فَقِيرَ جوَ پُڇٿَاتِي وَاروَ هوَ تَنهِن کي خَبَرَ پَئِجِي وَئِي (املهہ ماڻڪ ص: 147)
- ❖ دَردُ دِيَوانوَ ڏَاريوَ جوَ پَرَڏِيهِي پَڙهي
- ❖ سوَ تُنهُن جي ڏِيءُ سين ڪِلِئوَ هَٿَ هَٿي (مج 240، 241)
- ❖ هوَ جي وَڏَا وِيرَ وَرِيَامَ سي سَڪِٽَا وِيَا سَنسَارَ موَن (مينگهو 4)

3) ساڳئي جملي ۾ ضمير موصول ۽ جواب موصول فاعل ۽ مفعول ٿي سگهن ٿا، جنهنڪري اهڙو جملو ٻٽي جواب موصول وارو ٿي ويندو آهي ۽ ضمير غائب واري مفعول کي بہ ضمير موصول ۽ جواب موصول سان ظاهر ڪري سگجي ٿو.

- ❖ جي جَن جَا سيڪَڙُو سي ميڙين کي تَن (مج 203)
- ❖ سوَ وَڙُ سيئِي ڪَنِ جوَ وَڙُ جُڙِي جَنِ سَان (شاهہ سريراڳ IV، 4)

4) اهڙو جملو جنهن ۾ بہ ضمير جواب موصول هجن انهن ۾ پهريون (يا ٻيو) حصو سادي ضمير موصول جو بدران **سوَجوَ** جي صورت ۾ ظاهر ڪبو آهي.

- ❖ تَنِ جَنهِين جِي تَانگهَہ سي سَجَڻَ هَلِئَا سَفَرِ (شاهہ سامونڊي I، 24)
- ❖ سي قَادِرَ اِيندَا ڪَڏهِين تَنِ جَنِ جِي تَاتِ (مج 457)

5) جواب موصول طور ظرف (Correlative Adverb) سان ضمير جواب موصول يا صفت بہ ساڳئي جملي ۾ لڳي سگهن ٿا.

- ❖ وَحدُہٗ لَا شَرِيڪَ لَہٗ جَڏهِن چِيوَ جَن
  تَنِ مَڃِيوَ مُحَمَّدُ ڪَارَڻِي هيجَان سَاڻُ هِنئَنِ
  تَڏهِن مَنجهَان اُنِ اَوَتَڙِ ڪَنهِينِ نَہ اوَلِئوَ (شاهہ ڪلياڻ I، 3)
- ❖ جِتي جيتِرِيُون لِکِيُون لوَهَہ قَلَمَ ۾
  تِتي تيتِرِيُون گهَڙِيُون گهَارَڻَ آيُون (شاهہ معذوري V، 9)

7) جڏهن بہ جواب موصول طور صفت ۽ ظرف هڪ ٻئي پٺيان لڳل هجن تہ ان مان مفهوم هڪ مطلق حالت

جو نڪرندو آهي. اها ساڳي صورت ضمير موصول جي ضمير استفهام سان موجود هئڻ ۾ ملي ٿي.

- ٻِلِي ڪُئِن مَنجَهان جيتِرَا ڪيتِرَا سَرهَائِيَ سَان ڪائِي وَئِي (سنڌي ڪتاب ص: 64).
- پَاتِشَاهَزَادِي جِيئن تِيئن چَٽَ ٻَڌِي دِلِ وَنِي ڪَدَايُسِ (املهہ ماڻڪ ص: 147)

## نمبر - 75

# IV- The Interrogative Pronouns

# ضمير استفهام

1) شخصن يا فردن لاءِ **ڪيرُ** جڏهن تہ **ڇا** ۽ **ڪوَهُ** بيجان شين لاءِ ڪتب ايندا آهن. اهي ٽيئي ضمير اصلي صورت ۾ استعمال ٿيندا آهن ۽ ٻئي ڪنهن اسم[1] ۾ صفاتي طور نہ لڳندا آهن، جنهن صورت ۾ صفت استفهام ۾ **ڪيهوَ، ڪيهَروَ** ۽ **ڪيهَڙوَ** استعمال ٿيندا آهن.

ضمير استفهام سواليہ جملن ۾ سدا سنوان استعمال ٿيڻ ڪانسواءِ اڻ سڌن سواليہ جملن ۾ بہ ڪتب ايندو آهي. جڏهن جملي ۾ انڪار يا نهڪاري معنيٰ مقصود هجي ۽ جڏهن جملو اثباتي هجي تہ ضمير موصول **جو** کي ترجيح ڏني ويندي آهي. اهو ئي قاعدو سواليہ صفت ۽ ظرف تي بہ لاڳو ٿيندو آهي.

- پَڪِي سُتِ نَہ اَٿَمِ تَہ ڪيرُ آهي (عبداللطيف جي زندگي ص: 13)
- آن پِي اَوَهَان کي نَہ ٿوَ چَوَان ڪِهڙِي حُڪُمَ سَان هي ٿوَ ڪَرِيَان (ميٿيو 21، 26)
- آن بَہ چَوَندوَ سَانُوَ جَنهِن حُڪُمَ سَان هي ٿوَ ڪَرِيَان (ميٿيو 21، 24)

2) ضمير استفهام (صفت ۽ ظرف) اڪثر تڏهن بہ استعمال ٿيندا آهن، جڏهن ڪنهن منفي جواب جي توقع هجي.

- قِسمَتَ قَيدُ ڪِيَاسِ نَہ تَہ ڪيرُ اَچِي هِنَ ڪوَٽَ ۾ (شاهہ، عمر مارئي I، 8)

## نمبر - 76

# V- The Indefinite Pronouns

# ضمير مبهم

1) **ڪوَ** جڏهن اڪيلي سر موجود هجي تہ ساهہ وارين شين لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ۽ بيجان شين لاءِ **ڪِي** ڪتب ايندو آهي. جڏهن **ڪوَ** صفت طور استعمال ٿئي تہ اهو ڪنهن بہ اسم ۾ لڳي سگهي ٿو. ساڳيءَ ريت ڪنهن حصي يا مقدار جو اظهار ڪرڻ لاءِ **ڪِي** استعمال ٿيندو آهي (ڏسو نمبر 61، 3)

2) **ڪوَ** ڪن صورتن ۾ خالص ضمير ۾ زور پيرائڻ لاءِ سواليہ ۽ منفي جملن ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽

[1] ڪيرُ صفاتي طور تي شاعريءَ ۾ لڳي سگهي ٿو. مثلاً: ڪيرُ مُنجون ڪَرَهِ تي بانڪو ٻَلا جِيَ (نانگ جي ڪهاڻي ص: 59)

ساڳي ريت **ڪِي** بہ ان ئي معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي.

- ڄَڏِي ٿُون ڪوَ ڇپرين وينڌين هوتَ نہ پانيَمِ هِيئن (شاهہ، ديسي III، پڇاڙي)
- ڪِوَ ڇوي پِئسِ جِنُ جُسي ۾ ڪوَ ڇِئي عَقُلُ قِريوَسِ (مج 40)

**نمبر - 77**

# The Reflexive Pronoun

# ضمير مشترڪ

1) ضمير مشترڪ **پاڻ** (واحد ۽ جمع) هميشہ جملي جي فاعل ڏانهن اشارو ڪندو آهي؛ ان جي اضافتي حالت جي ضمير مشترڪ واري صفت **پنهن جو** جو استعمال هڪ مخصوص حيثيت رکي ٿو. جڏهن جملي جو فاعل ضمير متڪلم ۾ حاضر هجي (پوءِ ان ڪي پڌرو ڪيل هجي يا فقط ان جو مفهوم نڪرندو هجي) تہ ان جو استعمال ڪافي ظاهر هوندو آهي، پر جڏهن فاعل ضمير غائب ۾ ظاهر ٿيل هجي تہ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ مالڪي ڏيکاريندڙ ضمير **هُن جو**، **هِن جو** وغيره جملي جي مکيہ فاعل ڏانهن حوالو ڏيکاري ٿو يا ڪنهن ٻئي فاعل ڏانهن! پهرين صورت ۾ ضمير مشترڪ جو استعمال ضروري هوندو آهي. جڏهن تہ ٻي صورت ۾ ضمير اشاري ڪان ڪم ورتو ويندو آهي.

- اُتي ڪِيڪارِي وَڏِي آڏَرَ پاوَ سَان گَڏِجِي پَاڻَ ۾ وِينَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 36)
- نِرمَلَ نِظَارو پيءُ پَسَايوَ پَنهَن جوَ (شاهہ، سورٺ I، 10)
- پَنهَن جَنِ ٻيلِنِ سُودوَ مَنجِهہ خِدمَتَ شَاهَ صَاحِبَ جي اَچِي حَاضُرُ ٿِئوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 31)
- اُنَ پَاڳِي اُنَ جي سُڃَاڻَ تي اَڄُرجُ ڪَرِي پُڇِئانسِ (سنڌي ڪتاب ص: 61)

2) ڪجهہ صورتن ۾ ڪنهن کي مخاطب ٿيڻ لاءِ ضمير مشترڪ واري صفت **پنهن جوَ** جو استعمال ڪيو ويندو آهي (جيئن هندستاني ۾ **آپ ڪا**) ۽ هڪ مخصوص ضمير جنهن جي ضرورت هوندي آهي، جنهن کي هن مثال ۾ ڏسي سگهجي ٿو. يعني "سائين هي پنهن جو مال آهي"، جنهن جي ڪن صورتن ۾ معنيٰ اها بہ ٿي سگهي ٿي تہ "سائين هي اسان جو مال آهي" جنهن ۾ ڳالهائيندڙ پاڻ کي بہ شامل ڪري ٿو. مثال:

- ڪَڍِي مَنجوَ مُوشَ کِي پَنهَن جي ڏِيهَہ دَوَارَ (ڪُئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 35)

3) ضمير مشترڪ واري صفت **پنهن جو** بلڪل پوءِ ايندڙ مفعول ڏانهن بہ اشارو ڪري سگهي ٿي (اسم حرف جر سان، يا مفعولي ثاني ۽ مفعولي سببي صورت ۾).

- پُٽَ پَنهَن جي پِيءُ سَان ڌِيءُ پَنهَن جِي مَاءُ سَان وِيڙهَائِڻَ آيوَ آهِيَان (ميٿيو 10، 35)

4) جڏهن جملي جو فاعل خالص ضمير سان گڏ لڳل اسم هجي ته مخصوص خالص ضمير استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ نه ڪي **پَنْهَنْ جوَ** چاڪاڻ ته **پَنهَن جوَ** جو استعمال هڪ مختلف مفهوم پيش ڪري ٿو. ساڳيءَ ريت جڏهن ڪنهن جملي جو فاعل ڪو خالص ضمير هجي ۽ جڏهن پوءِ ايندڙ جملي ۾ ڪو اسم خالص ضمير سان گڏيل هجي (خاص ڪري جڏهن ڪو ملائيندڙ حرف جر موجود هجي) ته متي ڄاڻايل سبب جي ڪري خالص ضمير جو استعمال ضروري ٿي وڃي ٿو.

- ڪوَ مُنهُن جوَ مُنهُن جي مُلڪَ ۾ هُجي پَهلَوَانُ (شمشاد جي ڪهاڻي بيت: 40).
- آئُون حُڪُمِي ماڻهُو آهِيَان ۽ مُنهُن جي هَٿَ هيٺِ سِپَاهِي آهِن (ميٿيو 8، 9)

5) ڪن صورتن ۾ **پنهن جو** جنهن فاعل ڏانهن اشارو ڪري ٿو اهو جملي جي حوالي سان سمجهڻ گهرجي ۽ جڏهن ڪنهن خاص فاعل ڏانهن ظاهر اشارو موجود نه هجي ته ان مان ضمير متڪلم جي معنيٰ نڪرندي آهي (واحد ۽ جمع)

- ڏِيهَہ پَنهَن جي ڪوَن ڏُورِ ٿِي وَڃِي ڪٿئِين ڪَجي قِسمَتَ (ڪئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 20)

6) **پَنهَن جوَ** ڪي اساسي لفظ طور ملڪيت، دوستن ۽ ماڻهن لاءِ به استعمال ڪري سگهجي ٿو جنهن مان **منهنجو تنهنجو** جي معنيٰ نڪري سگهي ٿي.

- پَنهَن جوَ وَٽُ ۽ وَڄُ (ميٿيو 20، 14)

# حصو ڇهون

# THE VERB

# فعل

## باب ڇهون

### نمبر - 78

## The Infinitive

## مصدر

1) فعل معروف (بالواسطہ) جو مصدر ۽ بي جنس سنڌيءَ ۾ باقاعده اساسي لفظ طور سمجهيو ۽ لکيو پڙهيو ويندو آهي. معروف فعل جو مفعول مصدر جي ماتحت هجڻ لاءِ حالت اضافت ۾ ۽ حالت مفعولي سببيءَ ۾ ان جي اڻ ڦرندڙ صورت ۾ يا حرف جر **کي** جي طابع هوندو آهي.

- ❖ جَيئڻُ جَتَ ڏَارَان مَعذُورِ جوَ مَسَ ٿِئي (شاھہ آبري V، 9)
- ❖ مُغَلَ تَرَارُيون کڻِي شَاهَ جي مَارَڻَ لاءِ آيَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 15)
- ❖ سُورِيَ چڙهَڻُ سيجَ پَسَڻُ اِيُ کَمُ عَاشِقَنِ (شاھہ کلياڻ II، 8).
- ❖ تَنهِن کي مُورَهِين جهُڳِي مَنجِهہ رَکڻُ جوَڳُ نَاهي (سنڌي ڪتاب ص: 65)

3) مصدر ڪڏهن پرتيءَ طور (expletive) مفعول جي صورت ۾ ڪجھہ فعلن ۾ لڳندو آهي. جهڙوڪ **ڏِيَڻُ، ڇَڏڻُ، گهُرَڻُ، سَگهَڻُ**. ۽ جڏهن فعل جنهن جي ماتحت مصدر هجي ان کي مفعول جي ضرورت هوندي تہ ان کي حالت مفعولي ۾ رکي ان فعل کي مڪمل فعل (finite verb) جي حيثيت ملندي آهي.

- ❖ لُڙڪ لکڻ نہ ڏِين ڪِريو پُيون قلم تي. (عمر مارئي II، 9)
- ❖ مُغَلَ شَاهَ صَاحِبَ کي اَچَڻُ نہ ڏِيندَا هُئَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 15)
- ❖ نَرُ پَکِي وَهَڻُ نہ ڏِيُون ڇَڏِينِ (املهہ ماڻڪ ص: 141)
- ❖ اِنهي کي گهٽَنِ نَبِيُنِ ۽ ڌَرمِينِ ڏِسَڻَ گُهريوَ هوَ (ميٿيو 13، 17)

2) مصدر کي حالت اضافت واري نشاني **جوَ** لڳائي صفت ۾ بہ تبديل ڪري سگهجي ٿو. ان صورت ۾ مصدر

ڪي قاعدي سان اساسي لفظ سمجهڻ گهرجي ۽ **جوَ** ڪي **جهوَ** ۽ **جهڙوَ** جي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي (ڏسو نمبر 67، 11)

- پَرَ مَنگرَ مَڃَنِ جي ڪِئَڻَ جوَ ڪِي نہ هوَ (راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي ص: 1)
- هِيَ ٻَالهِہ رُڳِي چَرچِي ۽ نہ ٽِيَڻَ جِي آهي.

# باب ستون

## نمبر - 79

## The Gerundive

## اسم مصدر

1) سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل معروف جي مصدر منجهان باقاعده اسم مصدر يا مجهول اسم استقبال حاصل ٿيندا آهن (ڏسو نمبر 8، 12، B ۽ نمبر 46) جيڪي ان جي فاعل سان جنس ۽ عدد ۾ ٺهڪي ايندا آهن، سواءِ اهڙين جاين تي جتي جوڙجڪ دوران حرف جر **ڪي** جو استعمال ٿيل هجي (ڏسو نمبر 94، 5). متعدي مجهول جي فاعل (Agent) کي (لاطينيءَ وانگر) مفعولي ثاني حالت ۾ رکيو ويندو آهي. يا ضميري پڇاڙيءَ ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي.

- توَ کي جيڪوَ فَرِيَادُ ڪَرِڻوَ هُيئِي سوَ تُون اَڃِي ڪَرِ. (املهہ ماٽڪ ص: 150)
- مُون کان جيڪِي توَ کي پَائِڻوَ آهي سوَ خَيرَاتَ آهي (ميٿيو 15، 5)
- هَاٿِي جيڪِي چَوِڻوَ هُيئِي چَوُ (املهہ ماٽڪ ص: 143)

2) جڏهن ڪنهن جملي ۾ **ڪي** لڳائي ان کي غير شخصي (impersonal) حيثيت ملي يا جڏهن جملي ۾ مفعولي ثاني حالت موجود هجي تہ متعدي مجهول جي فاعل کي وسيلي واري حالت Instrumental سان ظاهر ڪرڻ گهرجي تہ جيئن **ڪي** جي ٻہ دفعا استعمال کان بچي سگهجي.

- هِنَ گهَوڙِي کي توَ جَهلِيوَ هوَ
- جوَ توَکي مُون لَهِڻوَ آهي سوَ ڏِينَمِ (ميٿيو 18، 28)

# باب اٺون

## Participles
## اسم مشتق يا ڪردنت

### نمبر - 80
### I- The Participle Present
### اسم حاليہ

1) اسم حاليہ مڪمل فعل (Finite Verb) جي فاعل سان باقاعده صفت جي حيثيت ۾ نهڪي ايندو آهي. ان جو استعمال تڏهن ڪيو ويندو آهي جڏهن ڪو ڪم پائيدار يا مستقل ٿيندڙ هجي ۽ جنهن مقصد لاءِ ان کي ٻيهر بہ استعمال ڪري سگهجي.

- سَجي شهَرَ جوَ شَئِلُ ڪَرِي گهُمندَا گهُمندَا پَاتِشَاهَ جِي گِهتِينِ ۾ آيَا (املهہ ماٽڪ ص: 140)
- مَتِنَ ٿُبِڪَ ٿُبِڪِڙَا چِنگهندَا اَچَنِ (شاهہ عمر مارئي VI، 12)

(مٿن تي ننڍيون وڏيون ٽوڪريون ڪٽي، ڪنجهندا پيا اچن)

2) اسم حاليہ اڪثر واحد مڪاني حالت ۾ **اِي** تي ختم ٿي يا زور پرائڻ لاءِ **اِي، هِي، اِيئِہ ۽ اِيهِي**[1] تي ختم ٿيندي اهڙي ڪم جي اظهار لاءِ ڪم ايندو آهي، جيڪو مڪمل يا مطلق فعل سان نهڪي ايندو هجي.

جيستائين اسم حاليہ جي مڪاني جي فاعل جو تعلق آهي، اهو هڪ تہ ساڳيو فعل جهڙو ٿي سگهي ٿو يا اهو جملي ۾ موجود ڪنهن ٻئي اسم ڏانهن اشارو ڪري سگهي ٿو (اهو حالت اضافت، مفعولي ثاني يا مفعولي سببي وغيره ۾ ٿي سگهي ٿو ۽ عام طرح ضميري پڇاڙيءَ سان ظاهر ڪيو ويندو آهي.) يا ان کي اصل ئي ظاهر نہ ڪبو آهي ۽ مطلب جملي مان ڪڍيو ويندو آهي.

جڏهن حالتِ مڪانيءَ واري اسم حاليہ جو فاعل فعل کان مختلف هجي تہ ان کي تشڪيلي حالت سان ظاهر ڪيو ويندو آهي. اها ئي صورت تڏهن بہ ٿيندي آهي، جڏهن اسم حاليہ جي فاعل سان ڪا ڳالهہ



[1] ڪڏهن ڪڏهن **ايهي** کي **اَهِي** ۾ ننڍو ڪيو ويندو آهي جيئن **سٽينديهي** بدران **سٽيندهي**.

منسوب ٿيل هجي. ۽ جڏهن اسم حاليہ جي مڪاني حالت کي مفعول جي ضرورت پوي تہ اهو عام مروج قاعدي موجب ڪيو ويندو آهي.

- ❖ اِينِدي وِينِدي هِي حَرفَ چَوَندوَ هوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 47)
- ❖ ٻُکَ مَرَندي ٻُکِيَا ڪَنهِن گان ڪِي نہ گهُرن (رامڪلي VII، 7)
- ❖ ڏوَرِينِدي مَنجهِہ ڏُونگرين ماڻهُو ڪوَ مِڙئوَسِ (مج 122)
- ❖ ٿان ڪينِّدِيئِي خُمَارِي چَرِئو ٿئُس چِٽُ (مج 178)
- ❖ جُٺائِي جي جوَءِ ۽ چِوِڪَرَنِ کي گهرَ مَنجهِہ هُوندي پُڻُ گهَرَ ۾ نہ ڄاڻِج (سنڌي ڪتاب ص: 52)
- ❖ پَسَندي پِرَ کي ڏُکَ سَپِ ڏُورِ ٿِئَنِ (مج 818)
- ❖ مَيوَ ٿُون موَٺاءِ مُون رُوئندي رَاتِ وِهاءِ (شاهہ مومل راڻو I پڃاڙي)

## نمبر - 81

# II- The Participle Past

# اسم مفعول

1) بي جنس فعل جو اسم مفعول فاعل سان جنس، عدد ۽ حالت ۾ ٺهڪي ايندو آهي. ان وقت **الُ** واري صورت ۾ استعمال ٿيندو آهي تہ جڏهن اسم مفعول جي حيثيت صفت جهڙي ٿي ويندي آهي. معروف ۽ بالواسطہ فعلن جا اسم مفعول پنهنجي فاعل سان انگ، جنس ۽ حالت ۾ هميشہ ٺهڪي ايندا آهن. سواءِ انهن صورتن ۾ جتي جملي جي جوڙجڪ کي حرف جر **کي** ذريعي غير شخصي (impersonal) حيثيت ڏنل هجي.

2) معروف فعل (۽ ڪنهن حد تائين بالواسطہ فعل) جا اسم مفعول جن جي مجهول حيثيت هجي اهي اساسي لفظ طور بہ استعمال ٿيندا آهن. (ڏسو نمبر 62، 2) ۽ تنهنڪري انهن کي حرف جر لڳائي بہ ناهي سگهجي ٿو.

- ❖ چَارِيَنِ جوَ چَيوَ ڪَرِي قَاضِي ٿِيوَ قَهَارُ (مج 296)
- ❖ ڀَڳِي پُڄَاڻَاءُ پَدمَانَئِي پَرِي ٿِئو (شاهہ سريراڳ IV، 17)

3) معروف ۽ بالواسطہ فعلن جا اسم مفعول گهڻو ڪري مڪاني واحد حالت ۾ ڪتب ايندا آهن. (ڏسو نمبر 80، 2). جڏهن اسم مفعول جو فاعل فعل جي فاعل کان مختلف نہ هجي تہ ان کي ظاهر نہ ڪيو ويندو آهي، پر جڏهن اهو مختلف هجي تہ ان جو تشڪيلي صورت ۾ اضافو ڪيو ويندو آهي. ۽ جڏهن اسم مفعول جو فاعل ڪنهن ڏورانهين مفعول ڏانهن اشارو ڪندو هجي تہ ان جو اظهار نہ ڪيو ويندو

آهي. جنهن صورت ۾ مڪاني حالت خالص طور تي استعمال ٿيندي آهي. اسم مفعولي جي غير شخصي (impersonal) جي جوڙجڪ حرف جر **ڪي** ذريعي برقرار رکي ويندي آهي حالانڪ اسم مفعول مڪاني حالت ۾ هوندو آهي.

مڪاني حالت ۾ اسم معفول اساسي طور استعمال ٿيندو آهي ۽ ان تي دارومدار رکندڙ اسم فقط محاورتاً تشڪيلي صورت ۾ رکيا ويندا آهن ۽ اضافتي حالت جي نشاني **جي** جي ماتحت نہ هوندا آهن.

- اَچِي عِزرَائِيلَ سُتي جاڳَائي سَسُئِي (شاهہ آبري VIII، 5)
- اَلا اَچَنِ اُوءِ جَنِ آئي مَنُ سَرَهوَ ٿِئي (شاهہ ديسي III، 5)
- مُون اَبِني هَلِيَا بَندَرَ جي تَڙَنَ (شاهہ ساموندي II، 2)
- وِيجَنِ وِينيئِڙِ دوَسُ پيهِي دَرِ آئِيوَ (شاهہ جمن ڪلياڻ II، 10)
- اَگرِ ڇُتي هيڪڙِي ٻهُون جي نہ ٻُجَهنِ (شاهہ جمن ڪلياڻ V، 29)
- ڏِٺي ڏوَٽِيئَڙَنِ ڪي ٿِئَڙَمِ ڏِينهَن گهڻا (سون ورني الف ب XXVIII، 2)
- وِيني جَنهِن وَٿُ ڏُڳندوَ ڏَاڍِوَ ٿِئي (شاهہ جمن ڪلياڻ VIII، 25)
- ڳاڙِي جَنهِين ڳَتِ ٿِئي اَچَنِ اوَچَارَا (سون ورني الف ب 102)

**نمبر - 82**

## III- The Past Conjunctive Participles

## ماضي معطوفي يا اسم مفعول عطف

اسم مفعول عطف يا ماضي معطوفي (ڏسو نمبر 47) مرڪب جملن جي مختلف حصن کي ڳنڍڻ ۾ تمام گهڻا مددگار ٿيندا آهن ۽ تنهنڪري گهڻن هنڌن تي ڪتب ايندا آهن. انهن جي تشريح مطلق فعل جي زمان تي منحصر هوندي آهي.

1) ماضي معطوفي عام طرح فعل جي فاعل ڏانهن اشارو ڪندو آهي ۽ مجهولي جملي ۾ متعدي مجهول جي فاعل ڏانهن اشارو ڪندو آهي. جڏهن **ٿيڻُ** جي ماضي معطوفي سان ڪا شيءِ منسوب ٿيل هجي تہ ان کي فاعلي حالت ۾ رکڻ ضروري آهي. جيتوڻيڪ فاعل (متعدي مجهول) کي Instrumental **حالت** ۾ رکيو ويندو آهي.

- مَٿُ ۾ وِجهي هَٿِيڪَا ڪَرِي سَانڍِي رَکُ (عبداللطيف جي زندگي ص: 11)
- مَرِي رَهَندِين مَچِنَا اُسَاتِجِي اُڃَ (مج 407)
- ڏِيسَان ڏِيوَ ڪَٺِي ڪَرِي مُون کي نِيوَ اهرِمَن (عجائب 119)

- تَڏهن سَڌُ سُٺي سَرَهِي تِي چِتِ ۾ چَيائِين (مج 702).

2) ماضي معطوفي جملي ۾ مفعول ڏانهن بہ اشارو ڪري سگهي ٿو (مفعولي ثاني ۽ مفعولي حالت ۾) ۽ ڪنهن مجهولي جوڙجڪ ۾ هڪڙو ماضي معطوفي متعدي مجهول جي فاعل ڏانهن ۽ ٻيو فاعل ڏانهن اشارو ڪري سگهي ٿو.

- سَڄَڻَ جي سَارِينِ ٿَنِ روِّيوَ وِهَامي رَاتڙي (شاهہ جمن ڪلياڻ I، 18)
- ٽَرسي طبيبن چيني هوند چڱا ڪيا (شاهہ جمن ڪلياڻ II، 5)

3) ڪنهن غير شخصي (impersonal) ٻي جنس يا مجهولي جوڙجڪ ۾ ماضي معطوفي اصلي حالت ۾ ڪتب اچي سگهي ٿو جنهن ۾ فاعل ڏانهن ڪو اشارو نہ هوندو آهي ۽ جنهن ڪي جملي جي بناوت مان سمجهڻ گهرجي.

- رَاتِ وِهَاڻِي رُجَ ۾ اَچِي مَاڳِ ٿَنهِين (مج 745)
- اَنَّ جي پَاڇِيَ ڪي ميڙي ٻئي هَنڌِ نِئِڻُ چَڱوَ آهي (سنڌي ڪتاب ص: 56)
- هُنَ ڪي ۽ سَندَسِ زَالَ ڪي ۽ ٻَارَنِ ڪي ۽ جيڪِي اَنُسِ ٿَنهِن سَڀَ ڪي وِڪِڻِي قَرضُ پَاڙجي (ميٿيو 18، 24).
- ڪوَهُ ڪِبوَ ڪي ٿَنِ سَڄِي سُٺَائي ڳَالَهڙِي (شاهہ جمن ڪلياڻ V، 29)

4) ماضي معطوفي ڪن جاين تي لاطيني خالص حالت اپادان جي معنيٰ ۾ بہ ڪتب ايندا آهن، جڏهن فعل جو فاعل ماضي معطوفي جي فاعل کان مختلف هجي پر اهڙيون صورتون تمام گهٽ آهن.

- اِنِي پَرِ مِڙَئِي ٻِلِيُون مَرِي پَاڇِي سَارِي ڳوَٺَ مَنجِهہ بَہ ٻِلِيُون ٻَچِيُون (سنڌي ڪتاب ص: 63)

5) ڪجهہ ماضي معطوفي ظرف جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيندا آهن. مثال:

- **وري – وَرَائي**
- **موَٽِي – موَٽَائي**
- **وِٽِي – ڪان لڳَائي، ڪان وَٽِي.**
- **جَاڳِي ٻُجهِي** يا **جَاڳِي وَاڻِي** يا **جَاڳِي وِيٺي، هٿ وَاڻِي** ۽ **وِيٺي** تجنيس حرفي طور آيل آهن.

- پِرِين وَڄُ مَ پَرڏِيهَڙِي موَٽِي چَيُسِ مَاءُ (مج 83)
- هُنَ گهڙيَ گَان وَٽي ٿَنهِن جِي ڏِيءَ چَڱِي ڀَلِي ٿِي (ميٿيو 15، 28)

# باب نائون

## THE TENSES OF THE VERB

## فعل جا زمان

### نمبر - 83

## I- The Present

## زمان حال

سنڌي ۾ زمان حال ٻن قسمن جو هوندو آهي. هڪ امڪاني فعل جهڙو جنهن ۾ گرداني اضافي طور **ٿوَ** يا **ٿِي** ڳنڍيا آهن ۽ سادو زمان حال سڏجندو آهي ۽ ٻيو جيڪو اسم حاليه ۽ معاون فعل **آهيان** سان مرڪب ٿيندو آهي جنهن کي (Definite) يعني زمان حال مطلق سڏبو آهي.

**مجهول فعل** (Passive voice) جو زمان حال فعل معروف (Active voice) وانگر ئي ٺهندو آهي، پر ان جي استعمال تي ڪافي روڪ آهي ۽ ان جي جاءِ تي ٻي جنس فعل جتي ممڪن هجي اتي استعمال ٿيندو آهي. زمان حال جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ سادا ۽ مرڪب امڪاني فعل به هوندا آهن، جيڪي مجهول ۽ معروف فعلن لاءِ هوندا آهن. (ڏسو نمبر 90).

2) زمان حال جي پهرين صورت يعني سادو (Indefinite) زمان حال عام رواجي حال کي ظاهر ڪندو آهي. يعني ڪو ڪم شروع ٿي ۽ حال ۾ هلندڙ هجي ان ۾ اضافي **ٿوَ** فعل[1] جي اڳيان يا پويان لڳي سگهي ٿو. جڏهن جملو فعل سان شروع ٿيندو هجي ته اهو اضافو فعل ڪانپوءِ لڳندو آهي (سواءِ شاعريءَ جي). شاعري ۾ **ٿو** فعل کان اڪثر الڳ ٿي وچ ۾ ڪجهه لفظ موجود هوندا آهن.

جڏهن فعل ۾ منفي ظرف نه لڳندو هجي ته نه، **ٿو** کان پهرين لڳندو آهي ۽ فعل[2] کان به پهرين لڳندو آهي. ڪنهن منفي معنىٰ واري جملي ۾ يا جڏهن فعل تي ڪو خاص قسم جو زور پراڻو هجي ته اهي فعل کان پوءِ به لڳي سگهن ٿا.

شاعري ۾ **ٿوَ** کي اڪثر خارج ڪيو ويندو آهي ۽ انڪري زمان حال ۽ امڪاني فعل هڪجهڙائي ۾ هئڻ جي ڪري جملي جي بيهڪ مان اها خبر پوندي ته حال مطلق يا مرڪب فعل جو اظهار مقصود آهي. عام

لڪٿين ۾ جڏهن بہ فعل کان اڳ ضمير استفهام ڇا يا ظرف ڪٿي موجود هجن تہ ٿوَ کي حذف ڪيو ويندو آهي.

**ٿوَ** جي جاءِ تي اسم حاليہ **پيوَ** بہ ڪتب ايندو آهي، پر ان فرق سان تہ اهڙين صورتن ۾ ڪنهن وڏي عرصي تي محيط ڪنهن عمل ڏانهن اشارو هجي

---

[1] جڏهن ڪنهن جملي ۾ ڪو ضمير استفهام يا ظرف موجود هجي تہ گهڻو ڪري **ٿو** ڪتب ايندو آهي.

[2] ۽ جڏهن ڪنهن جملي ۾ نہ – نہ استعمال ٿيل هجي تہ ظرف نہ ان اسم کان پهرين لڳندو آهي، جنهن تي اظهار جو زور هجي.

- ❖ سَارِيوَ سَانپيئڙَنِ کي ٿِي سَٿُون ڏِي سَهَسَ (ڪئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، ص: 11)
- ❖ ٻُڌَندَا نہ ٿا ٻُڌَنِ ۽ سَمجَهنِ بہ نہ ٿا (ميٿيو 13، 13)
- ❖ ٿَنِ وَنهِينَ وِيڙهِيچَنِ کي رُنَّان رَاتوَ ڏِينهَن (عمر مارئي II، 11)
- ❖ جَان ڏِسَنِ تہ هِڪِڙِي وَڏِي ڪَارِي بَلا وِينِي آهي. (عبداللطيف جي زندگي ص: 16)

3) جڏهن ٻڌائيندڙ ڪنهن واقعي بابت ڄاڻ ڏيندو هجي تہ عام طرح زمان حال ڪتب ايندو آهي تہ جيئن ٻڌندڙ جو ڌيان واقعي واري هنڌ ڏانهن ڇڪائي سگهجي.

- ❖ جَڏهِن مُغلَنِ شاهَ صَاحِبَ کي ڏِٺوَ تہ گهرَ مَنجِهہ وِينوَ آهي (عبداللطيف جي زندگي ص: 15)
- ❖ ڇَا ڏِسي جوَ بَارَ بَچَا جوَڙِسِ پِنهَ مَگَڻَ ۾ رَاتِ ڏِينهُن ڦِرَنِ ٿَا. (سنڌي ڪتاب ص: 62).
- ❖ اُنهِيءَ مَاڳِ مَڪَانُ شَاهَ صَاحِبَ جوَ جوَڙِي وِيئَا ڇوَ تہ شَاهَ صَاحِبُ هِتِ آهي. (عبداللطيف جي زندگي ص: 26).

4) زمان حال ڪن صورتن ۾ "مستقبل" جي معنيٰ لاءِ بہ ڪتب ايندو آهي. جنهن مان مراد اها آهي تہ ڪو ڪم ضرور ٿيندو.

- ❖ تُون هَاڻي آرَامُ ڪَرِ اَسِين ٿَا ڏِسُون (املهہ ماڻڪ ص: 149)

5) زمان حال جو ٻيو قسم زمان حال مطلق(present definite) آهي، جنهن مان ڪنهن دائمي ڪم جي معنيٰ نڪري ۽ عام فهم جملن ۾ معاون فعل خارج ٿي ويندو آهي.

- ❖ جيڪوَ ٽُنهُن جِي مَرضِيَ سَارُو هَلَندَو سوَ مُنهُن جوَ ڀَاءُ ۽ ڀيڻَ ۽ مَاءُ آهي. (ميٿيو 12، 40)
- ❖ مَاڻهُو ڏِيئِي ميهِڻَا مُون کي ڪَندَا ڪوَهُ (شاهہ معذوري V، 16)

**نمبر - 84**

# II- The Imperfect

# ماضي استمراري/ جاري

ماضي استمراري/ جاري ماضيءَ ۾ ٿيل ڪنهن اهڙي ڪم لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جيڪوان ڪان اڳ

ٿيل ڪم جي حوالي سان اڻپورو رهجي ويو هجي ۽ ان مان معنيٰ دورانيي، عادت يا ڪنهن ڪم جي ڪثرت سان ٿيڻ واري نڪرندي آهي.

- جيڪَڏِهِن شَاهَ صَاحِبُ اُنِهيءَ ڳوٺَ ڏِي وِيندوَ هوَ تہ مُغَلَ سَاٽُسَ وِڙهَندَا هَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 4).

**نمبر - 85**

# III- The Aorist

# مضارع

**1) سادو مضارع (The Simple Aorist):**

مضارع مان لامحدود طور تي ماضيءَ ۾ ٿيل ڪنهن ڪم جي معنيٰ نڪرندي آهي. انڪري اهو اڪثر ماضيءَ ۾ ٿيل واقعن جي باري ۾ بيان ڪرڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي، پوءِ اهي ڪيتري مدت تائين بہ ٿيا هجن. ان ڪري سنڌيءَ ۾ مضارع کي ماضي مڪمل (Perfect) ۽ جاري Imperfect طور سمجهي سگهجي ٿو.

بي جنسن فعل جي مضارع جي هڪ معروف (Active) حيثيت هوندي آهي. البت ڪجهہ بي جنس فعلن (جن جي مجهولي صورت هجي) کي متعدي مجهول جي فاعل (Agent) سان حالت Instrumental ۾ بہ رکي سگهجي ٿو.

مضارع ۾ معروف فعل کي مجهولي نموني بہ ناهي سگهجي ٿو (ماضي قريب ۽ ماضي بعيد (Pluperfect and Perfect) ۾ رکجي ٿو ۽ اسم مفعول فاعل سان (حقيقت ۾ مفعول سان) عدد، جنس ۽ حالت ۾ نهڪي ايندو آهي، (ڏسو نمبر 92، 2) يا وري ان کي ناهڻ لاءِ حرف جر **کي** جو سهارو ونڻو پوندو آهي. ان ڪري اها ڳالهہ سمجهي وئي آهي تہ مجهول فعل جو مضارع غير شخصي حيثيت ۾ بہ استعمال ٿي سگهي ٿو، جنهن صورت ۾ هو پنهنجي فاعل (جنهن کي گرداني پڇاڙين سان ظاهر ڪيو ويندو آهي) سان عدد ۽ جنس ۾ نهڪي ايندو آهي.

- آئُون سُتِي هوَءِ هَلِيَا ڪَاهِيَاٿُون ڪَنوَاٽَ (شاهہ حسيني IV پڇاڙي)
- مَارُوئڙَنِ آئُون جيڪُسِ وِيِسَ وِسِرِي (شاهہ عمر مارئي V، 13)
- پَاٽَ پِهِرِينءَ رَاتِ جوَ ڳِڙهَ پَاسي ڳَانِدِ (شاهہ سورٺ II، 1)
- رُجُنِ رَاتِ رَهِي ڏُونگَرَ جَنهِين ڏوَرِيَا (شاهہ ڪاهوڙي I، 3)
- هُوءِ جي ڪَاڪَ ڪَڪوَرِيَا تَنِ لَهي نَہ لَالِي (شاهہ مومل راڻو II، 4)

**2) مرڪب يا مدامي مضارع (The Compound or Habitual Aorist):**

اڻ ڦرندڙ اضافي **ٿي** سان مرڪب مضارع مان سيني ڪان پهرين اهو اظهار ڪيو ويندو آهي تہ ڪو ڪم ماضيءَ ۾ بار بار ٿيندو رهيو هو يا ڪنهن بہ دورانيي لاءِ ٿيندو رهيو هو. ان ڪري ان جو استعمال

خاص ڪري ان وقت ڪيو ويندو آهي، جڏهن ڪنهن پيشي، عادت يا طريقي جو ذڪر ڪرڻو هجي. ان جو ٻيو استعمال تڏهن ڪيو ويندو آهي، جڏهن ڪنهن ڪم جي ماضيءَ ۾ شروع ٿيڻ ۽ ذڪر ڪرڻ جي وقت تائين جاري هئڻ جو اظهار مقصود هجي ۽ ان صورت ۾ اهو تقريباً ماضي استمراري جهڙو لڳي ٿو، سواءِ ان فرق جي ته ان صورت ۾ سادو مضارع استعمال ٿيندو آهي.

**ٿي** جو اضافو عام طرح **فعل** کان اڳ ڪيو ويندو آهي، پر ان جي پويان به لڳائي سگهجي ٿو. ان کي فعل کان ڪجهه لفظن جي ذريعي الڳ به رکيو وڃي ٿو. جيئن **ٿو** ۾ ڏنو ويو هو. **ٿي** بدران **پيئي** به استعمال ٿيندو آهي جيڪو ڪم جي شروعات ۽ هلندڙ رهڻ جو اشارو ڏيندو آهي. (**پيئي** بدران **پئو** جي مڪاني حالت ۾ زورائتي **اِي** سان).

- ❖ جِتي رَاتِ ٿي پيئَسِ تِتي سُمهي ٿي رَهيوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 11)
- ❖ ڪَارَڻِ ڦُوَت پَنهِن جي ٿي لَکين ڏِئائِين لَاهَ (ڪئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 13)
- ❖ ڪَڪِرا ڪَربَلَا جَا مَادَرِ ٿي ميڙيَاسِ
  ڦَٽن ٿَان رَتَ ڦُڙَا عَلِيَ ٿي اُگهنَاسِ (شاهه، ڪيڏارو V، 2)
- ❖ تَنبُورَ خِجرَنِ ۾ ٻَاٽِهين پَانَ مُرَادَا پِئي وَڳا ۽ مَنجهائُن هِيَ تَنوَارَ پِئي آئِي (عبداللطيف جي زندگي ص: 36)
- ❖ جَڏهِن شَاهَ جَمَالُ پَنهِن جي ڳُوٺَ ڏي ٿي وِيوَ ته ٻِئي ڏِينهَن شَاهَ صَاحِبُ وِصَالُ ڪِيوَ. پوءِ جَڏهِن شَاهَ جَمَالُ شَاهَ صَاحِبَ جي لَاڏَاڻي جي ڳَالهِ ٻُڌِي تَڏهِن موٽِي پُٺتي ٿي آيوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 6).

**نمبر - 86**

## IV- The Perfect

## ماضي قريب

1) ان مان مراد اهڙي ڪم جي هوندي آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ شروع ۾ ختم ٿيو ۽ حال تائين هلندڙ جي معنيٰ نڪري.

- ❖ نَه ڪِي ٿِي جِيَان نَه ڪِي مُئِي آهِيَان (شاهه، حسيني IX، 16)
- ❖ اُٺَ مَ اوَڙي آڻِ آئُون ڏَاگهنِ ڏِڌِي آهيَان (شاهه، ديسي I، 14)

2) ماضي قريب ڪن صورتن ۾ اهڙي ڪم ڏانهن اشاري لاءِ ڪتب ايندو آهي جت ڪم ٿي چڪو هجي ۽ ان جو اڳتي ٿيڻ/ هلڻ مقصود هجي ته اهو پڪ سان ٿي ويندو.

- ❖ پَرِيَ ڏِنوَ تَه هَاٿِي هَلَاڪُ ٿِئوَ آهي (املهه ماڻڪ ص: 151)

**نمبر - 87**

# IV- The Pluperfect

## ماضي بعيد

ان سان ڪنهن اهڙي ڪم ڪي ظاهر ڪيو ويندو آهي، جيڪو ڪڏهن ماضيءَ ۾ ٿيل ڪنهن ڪم کان اڳي ٿيو هجي، پر ان جي استعمال جي سختيءَ سان پابندي نہ ٿيندي آهي ۽ اڪثر ان جي جاءِ تي مضارع ڪي استعمال ڪيو ويندو آهي.

- ڪَنهِينَ شَهَرَ ۾ پِيوَ هوَ ڪَگَنِ جوَ ڪَالُ

  أهِي مَاڻهُو ڪَاهِي مَالُ ڪَنهِن اَوَسَرَ سَاڻُ أتِي وِيَا (ڪُئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 5، 6)
- أهوَ وِينِدوَ جِنيءَ پَرِيَ چِئوَ تِنيءَ ٻَانِهيَ جِي گهڙِي ۾ وَڏَانئِين (املھ ماڻڪ ص: 150)
- اَوان ڪَا ڏِنِي ڏوَتِيَا هوَتَنِ وَتِ هُئِي (شاھ، حسيني VI، پڄاڻي 2)

2) ماضي بعيد سنڌيءَ ۾ تمام گهڻو استعمال ٿيندو آهي، جتي هونئن ماضي قريب يا ماضي استمراري استعمال ٿئي ها. جڏهن ڪو ڪم ڳالھ ڪندڙ جي حوالي سان ماضيءَ ۾ ٿيل هجي ۽ ان جا نتيجا بہ ان وقت ظاهر ٿيل هجن يا جڏهن مراد اها هجي تہ ڪنهن ڪم جي ماضيءَ ۾ ٿيڻ ڪانپوءِ ٻيو ڪو واقعو يا ڪم ٿي ويو هجي تہ اتي مضارع يا ماضي قريب بدران ماضي بعيد استعمال ڪيو ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ معنيٰ جي مختلف زاوين کي ظاهر ڪرڻ جي صلاحيت انگريزيءَ کان وڌيڪ آهي ۽ ان ڪري ان زمان جي ڪتب آڻڻ ۾ نهايت ذهانت جو استعمال ڪرڻ گهرجي.

- هِڪِڙِي ڏِينهَن شاهُ جَمَالُ شَاهَ صَاحِبَ وَتِ وِينوَ ۽ ٻِيَا پُڻُ گهڻَا فَقِيرَ وِيئَا هُئَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 5)
- مَخدُومُ صَاحِبَ کي سُڌَ پيئِي تہ مِيَان نُورِ مُحَمَّدِ شَاهَ صَاحِبَ جي دَرشَنَ ڪَرَڻَ لاءِ وِينوَ هوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 29)

**نمبر - 88**

# V- The Future and Future Past

## زمان مستقبل ۽ متشڪي

1) سنڌيءَ ۾ ٻن قسمن جو زمان مستقبل ٿيندو آهي. هڪ سادو يا مستقبل مبهم (indefinite future) ۽ ٻيو مستقبل مطلق (Definite Future). پهريون قسم عام رواجي طرح مستقبل ۾ ٿيڻ واري ڪنهن عمل لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ۽ ٻئي قسم مان مطلب نڪرندو آهي تہ مستقبل ۾ ٿيندڙ اهو عمل ڪجھ وقت تائين هلندو رهندو.

* **أَٿَ چَارِينِدِيَسِ أَنَ جَا مِيَان جَهلي مَهَارَ** (شاهہ حسيني IX پڇاڙي)
* **اُنهي مَهَلَ سُفيدَ ڊِيوَ وَٽِ سَوَ پَرِيُون نَچَندِيُون هُوندِيُون** (املهہ ماڻڪ ص: 144).

2) **سادو مستقبل ڪنهن امڪان، لاڙي يا شڪ لاءِ بہ استعمال ڪيو ويندو آهي.**

* **پاتشاهہ توکي آڻون هڪڙي ڳالهہ ڪندس** (املهہ ماڻڪ ص: 143).
* **اِي ڇوڪر ڪو ڪتو اسان کي ڏيندين** (عبداللطيف جي زندگي ص: 17)

3) **سادو مستقبل** (Indefinite Future) **يا مبهم مستقبل، مبهم امر لاءِ بہ ڪتب ايندو آهي، جڏهن ڪو حڪم سختيءَ سان نہ ڏنو ويو هجي ۽ ڪم جي ٿي وڃڻ جي اميد ۽ امڪان هجي. تنهنڪري اهو قسم امر سان متبادل طور بہ ڪتب اچي سگهي ٿو.**

* **پَنهَن جي مَاءُ پِيءُ کي آدَرُ ڏِي ۽ پَنهَن جي پَاڙيسِرِيءَ کي پَاڻَ جِهڙوَ ڳَهُرَنڊِين** (ميٿيو 19، 191)

4) **ماضي متشڪي اهڙي عمل لاءِ ڪتب ايندو آهي جڏهن ان عمل کي ٿي وڃڻ گهرجي ۽ ان ڪانپوءِ ٻيو ڪو عمل ٿيڻ ممڪن هجڻ کي ظاهر ڪرڻو هجي، پر عام طور تي ان مان غير يقيني، شڪ يا امڪان جو ڪنهن ماضيءَ ۾ ٿيل عمل جي حوالي سان ڏيکارڻ مقصود هجي. مثال: هو آيوَ هُوندوَ. ماضي متشڪيءَ جي جڳهہ تي سنڌي ۾ اڪثر مضارع استعمال ٿيندو آهي. ۽ خاص ڪري شرطيہ جملن ۾ ائين ٿيندو آهي** (ڏسو نمبر 98، 6)

# باب ڏهون

## The Moods

## صيغا

### نمبر - 89

## I- The Indicative

## بياني يا اظهاري

اظهاري لفظ اهڙي ڪم يا سوچ جي حقيقت يا اصلي هجڻ ڏانهن اشاري لاءِ ڪتب ايندا آهن ۽ ان ڪري انهن جو استعمال رڳو حقيقت نه پر مفروضي (شرطيه جملن) ۾ به ٿيندو آهي. (ڏسو نمبر 98، 3). انڪري اظهاري يا بياني لفظ اهڙن جملن ۾ استعمال ٿيندا آهن، جتي ڳالهائيندڙ ڪا موضوعاتي حقيقت جنهن ڪي هو اصلي ۽ سچي سمجهي ٿو ۽ ان جو اظهار ڪندو هجي. جڏهن ته انگريزي ٻوليءَ ۾ انهن صورتن لاءِ شرطيه صيغو (Subjunctive Mood) ڪتب ايندو آهي.

- اِنهي ڪان دَرِيَاهَ جي سِيرَ ۾ ٻوڙِجَڻُ سوَ چَڱوَ اَٿَسِ (ميٿيو 18، 6)

### نمبر - 90

## II- The Potential

## امڪاني فعل

امڪاني فعل، جيئن اڳ ڏنو ويو هو ته اصل ۾ پراڻو حال آهي ۽ تنهنڪري حال جي اظهار لاءِ ئي ڪم ايندو آهي ۽ اسم حاليه، اسم مفعول ۽ معاون فعل **هُئَڻُ** جي امڪاني فعل مان حال مطلق ۽ ماضي قريب جا امڪاني زمان ناهي سگهجن ٿا. پر اهي صورتون ورلي ڪو استعمال ٿينديون آهن.

1) امڪاني فعل پنهنجي وسيع اظهار منجهان غير يقيني حالت، امڪان ۽ شڪ جي معنيٰ ڏيکاريندو آهي.

- پوءِ پَانيَان تَوّ آئُون تَوّ سَان گَڏ مَانِي گَان (املهہ ماڻڪ ص: 146)
- جيڏِيُون ڪِيئَن ڪَرِيَان مُون اُنِ سِين (شاهہ، آبري VIII، پڇاڙي)
- مُون کي هِيَ ڪَانِي نَہ ڪَڏِهِين (املهہ ماڻڪ ص: 148)
- سَزَا ڏِيڻوَارَنِ جي هَٿِ ڏِنَائَسِ جيسِين هي مُنهُن جوّ لَهڻوّ سَڀُ پُڄَائي نَہ ڏِئي (ميٿيو 18، 34)

2) امڪاني فعل ڪنهن اڪثر ٿيندڙ يا دائمي ڪم جي اظهار لاءِ بہ ڪم ايندو آهي.

- پَاڙِي پِئوّ پَٽُ ڪَرِي سَڀُ سُڪَائي سَرُ (نانگ جو قصو بيت 40)
- پَاڄَائِي نَہ پَاڙِيَان سَرتِيُون سُئِيَ سَان (شاهہ، عمر مارئي VI، 18)
- مُون سين هَلِي سَا جَا جِيءَ مَنو ئِي نَہ ڪَرِي (شاهہ، آبري VI، 2)

3) امڪاني فعل مودبانہ قسم جي امر جي معنيٰ ۾ گهڻو استعمال ٿيندو آهي، خاص ڪري ضمير متڪلم ۽ ضمير غائب واحد ۽ جمع لاءِ.

- مِيَان مُحَبَّتِنِ کي هَادِي هوّتَ مِلَنِ (مج 817)
- هُئِي مُبَارَڪَ مِڙني کي حَاصُلُ ڪَمُ ٿِئوّ سَا حَاجَ (ڪُئي ۽ ٻلي جي آکاڻي بيت 52)
- اَلَا اوّنِي آڻِيين جي نِيَاپَا نِيَنِ (شاهہ، عمر مارئي II، 9)
- سِگها آڻِينِ سيگهَہ ۾ اِهَا خَبَرچَارَ (ڪُئي ۽ ٻلي جي کهاڻي، بيت: 38)

4) امڪاني فعل حرف ندا **شال**، **مان**، حرف جملن **مَ**[1]، **مَتَان**، **مَجَنُ**، **جِمَ**، **تَہ**، **جوّ**، **جَان**، **جِيئَن**، **تَوڙِي**، **جي**، **جيڪَرَ**، **جيڪَڏِهِن** (ڏسو نمبر 6، 98، 1) ۽ ظرف سان مثلاً **هُوندَ**، **جيڪُسِ** وغيره سان جڏهن جملو مبهم هجي تہ اهي سڀ استعمال ٿي سگهن ٿا.

- وِيجَ مَ ٻُڪِي ڏِي اَلَا چَگِي مَ ٿِئَان (شاهہ، جمن ڪلياڻ II، 13)
- موّتِي مَگَنْهَارَ شَالَ نَہ اَچِين ڪَڏِهِين (شاهہ، سورٺ II، 9)
- ڪَاتِ نَہ پِوين قَبُولَ ۾ مَجَنُ پَوِيئِي گهتِ (شاهہ، جمن ڪلياڻ II، 17)
- اِيئين اُتَ اُنَاءِ جِيئَن هُوندِيَ رَاتِ هُتِ مَڙَان (شاهہ، ڪنيات II، 15)
- اِهڙوّ ڪوّ چَالُ ڏِيوّ جوّ وَڃِي اُنهي وَڳِي تي پِيوّ (املهہ ماڻڪ ص: 150)
- ڏِيئِي جَانِ جَبَّارَ کي هُندَ ٿِئين پرِيَان پَارَ (شاهہ، سريراڳ III، پڇاڙي)

**نمبر - 91**

# III- The Imperative

# امر

امر جو استعمال ضمير حاضر واحد ۽ جمع تائين محدود آهي، ٻين سڀني ضميرن ۾ امڪاني فعل (Potentials) کي ڪتب آڻڻ ضروري آهي. امر جا ٻه قسم هوندا آهن، هڪ خالص امر ۽ ٻيو تمنائي/ دعائيه (Precative) (ڏسو نمبر 44). امر مان حڪم جو اظهار ٿيندو آهي. جڏهن ته دعائيه مان عرض ڪرڻ جي معنيٰ نڪرندي آهي.

جڏهن امر سان گڏ انڪاري نشاني نه لڳندي آهي ته اتي ڪنهن ڪم لاءِ سختيءَ سان منع ڪرڻ مقصود هوندو آهي. جڏهن ته مَ ڪنهن ڪم کان پرهيز يا روڪڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. تمنائي يا دعائيه سان اڪثر مَ گڏ لڳندو آهي، پر نه به لڳي سگهي ٿو، جڏهن ارادو سختيءَ سان منع وارو هجي.

---

[1] نه سان به مرڪب فعل استعمال ٿي سگهي ٿو.

شِينهَنِ چَيوَ ٿُون اَلڪوَ نه ڪَرِ (املهه ماڻڪ ص: 151)

- سُومَرَا سَاهي ٿُنهِن سَتِيَ وِجُهه مَ سَنگهرُون (شاهه، عمر مارئي III، 9)
- آءُ اوَرانهُون سُپِرين ڏُکِي ڏيج مَ ڏاکهُه (شاهه، آبري X، 5)
- جيڪِي پَاڪُ آهي سوَ ڪُتَنِ کي نه ڏِجوَ (ميتيو 7، 6)

2) جڏهن به امر حرف جملي ته يا تان جي ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍيل هجن ته پهرئين امر جي حيثيت مفروضي واري (hypothetical) هوندي آهي.

- سِگهَا موَنوَ سُپِرين وَجوَ تَان وَرِجَاهَ (مج 439)

# II- THE SYNTHETICAL part
# ترڪيبي حصو

## CONSTRUCTION OF THE SENTENCE AND CONJUNCTION OF SENTENCES
## جملن جي تشڪيل ۽ جملن جو ميلاپ

## حصو ٽيون

## THE SIMPLE SENTENCE
## سادو جملو

# باب يارهون

نمبر - 92

### Subject and Predicate
### فاعل ۽ خبرَ (ڏيندڙ لفظ)

هر جملي ۾ هڪ فاعل ۽ ان جي خبر ڏيندڙ جو هئڻ لازمي آهي. فاعل اهو شخص يا شيءِ جنهن بابت ڪا ڳالهه ڪئي پئي وڃي ۽ **خبر** معنيٰ اهو جيڪو چيو پيو وڃي.

1) فاعل کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اساسي لفظ (اسم) يا صفت، ضمير ۽ انگ استعمال ڪري سگهجن ٿا. ان کي ان وقت ظاهر نہ ڪبو آهي. جڏهن اهو خالص ضمير (Personal Pronoun) هجي ۽ ان جي خبر ڏيندڙ (Predicate) فعل هجي، سواءِ اهڙي صورت جي جنهن ۾ ان تي زور پرائڻو ضروري هجي. مثال: **ڏِسان تون ۽ آئُون ڏِسَان ٿو**. فاعل کي هميشہ فاعلي حالت ۾ رکڻ گهرجي.

2) **خبر ڏيندڙ** (Predicate) **جي اظهار لاءِ فعل، صفت** (ڪردنت)، **اساسي لفظ يا معاون فعل هُئَڻُ ۽ ٿِيَڻُ سان ڪنهن انگ جو استعمال ڪري سگهجي ٿو.**

**خبر ڏيندڙ لفظ فاعل سان ٽن طريقن سان ملائي سگهجي ٿو.**

**الف)** بياني جي صورت ۾ (Assertion): مثال: **نينگر ٿي رُئي.**

ب) سواليہ صورت ۾ (Interrogation): مثال: **ڪير آيوَ؟**

پ) حڪم (يا خواهش) جي صورت ۾ (Command): مثال **وَڃُن (وڃ).**

3) **جڏهن فاعل ۽ خبر وارو لفظ اساسي لفظ يا ضمير هجن تہ انهن جي بهتر تشريح لاءِ ڪو اهڃاڻ** (attribute) **استعمال ڪري سگهجي ٿو. اهو عام طرح صفت جو هوندو آهي، پر اضافتي حالت ۾ ڪو اساسي لفظ بہ ٿي سگهي ٿو، جنهن تي اضافتي حالت ۾ بئي ڪنهن اسم جو دارومدار بہ ٿي سگهي ٿو. مثال:**

- ❖ وَڏوَ مَاٺهُو آيوَ يا هِيءُ وَڏوَ مَاٺهُو آهي.
- ❖ مُلڪَ جوَ ڏٽِي مَرِي وِيوَ.
- ❖ مُلڪَ جي ڏٽِيَ جوَ پُٽُ مَرِي وِيوَ.
- ❖ مَغرِبَ مُلڪَ جَا وِيندَا سَڀُ مَرِي (نانگ جو قصو بيت 51)

4) **جڏهن فاعل ۽ خبر ڏيندڙ لفظ اسم خاص، اساسي لفظ يا ضمير هجن تہ انهن جو بهتر اظهار ڪنهن ساڳئي قسم جي اسم لڳائڻ ذريعي ڪري سگهجي ٿو. مثال:**

- ❖ چِينَ وِلاَيَتَ ڏُورِ آهي.
- ❖ هِيُ شَهَرُ ڪَرَاچِي آهي.

# باب ٻارهون

## نمبر - 93

## Concord of the Subject and Predicate

## فاعل ۽ خبر ڏيندڙ لفظ جو ٺهڪي اچڻ

1) جڏهن خبر ڏيندڙ لفظ فعل هجي ته ان جو فاعل سان ضمير، جنس ۽ عدد ۾ ٺهڪي اچڻ ضروري هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان قاعدي جي سختيءَ سان پابندي ڪئي ويندي آهي، ايتريقدر جو جڏهن فاعل واحد صورت ۾ جمع جي معنيٰ رکندڙ هجي ته به (ڏسو نمبر 63، 1، 2). واحد حالت ۾ فاعل البت خبر سان تڏهن ملائي سگهجي ٿو جڏهن انتهائي احترام ۽ ادب سان اظهار ڪرڻو هجي. (ٻيٽ لاءِ ڏسو نمبر 63، 3).

- مَاءُ پِيءُ جوَ چوَڻُ آئُون نه ٿِي موَٽايَان (املهه ماٽڪ ص: 142)
- أيَا پُڇَنِ پَرَ ته ڪِٿي مُحَمَّدُ ڪَارَٽِي (نانگ جو قصو ص 15)

2) جڏهن خبر ڏيندڙ لفظ ڪو صفت، اسم، ضمير يا اساسي لفظ هجي ۽ جنهن مان مونث به نڪري سگهندو هجي ته ان کي پنهنجي فاعل سان جنس، عدد ۽ حالت ۾ ٺهڪي اچڻ ضروري آهي. (ڏسو نمبر 14). (ساڳيءَ ريت هر منسوب ٿيل لفظ به پنهنجي اساسي لفظ سان جيترو ممڪن ٿي سگهي اوترو جنس، انگ ۽ حالت ۾ ٺهڪڻ گهرجي)

- تُنهُن جِي ڪَهڙِي مَرضِي آهي (املهه ماٽڪ ص: 140)
- مَتوَن هِڪِڙِي ٻَانهِي لَٿِي (املهه ماٽڪ ص: 140)
- سَپِنِي صَحَابَنِ سي ڏِنَا جَڏَا أوءِ جُوانَ (نانگ جو قصو بيت 17)
- ڪَا ٻِلي ٻَارَنِ سَانڍِي هُئِي ڪَنهِن رَنگَ وَڏِي سين رَسَ (ڪُئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 8)

# باب تيرهون

**نمبر - 94**

## Enlargement of Sentences by a Near and Remote Object

## ڪنهن ويجهي يا ڏور مفعول سان جملي جو وڌاءُ

1) اهڙو فعل جيڪو پنهنجي فاعل جي خبر ڏيندڙ لفظ طور موجود هجي ان جا ٻه قسم هوندا آهن. جڏهن فاعل معروف صيغي ۾ هجي ته فعل به معروف هوندو ۽ جڏهن فاعل مجهول هجي ته فعل به مجهولي صيغي ۾ هوندو آهي.

فعل جي معروف صيغي جي ٽيڻي حيثيت ٿي سگهي ٿي: هڪ بي جنس (فعل لازم)، ٻيو فعل معروف (متعدي) يا ٽين حيثيت بالواسطه ٿي سگهي ٿي. جڏهن ڪو عمل فاعل تائين محدود هجي ته فعل بي جنس سڏائبو. مثال: **هُو وَڃي ٿو**.

جڏهن فعل کي ڪنهن ويجهي مفعول يا مفعولي حالت جي ضرورت هجي ته اهو معروف صورت ۾ هوندو. مثال: **هُنَ کي ٿو جهلي**.

جڏهن فعل کي هڪ يا ٻن مفعولي حالتن جي ضرورت هجي ته اهو بالواسطه ٿيندو.

2) بي جنس عام طرح ڪنهن ڏورانهين مفعول يا مفعولي ثاني حالت تي حاوي هوندو آهي. مثال: **مُون کي نه ٿوَ وَڻي** پر ڪجهه بي جنس فعل ڪنهن ويجهي مفعول (مفعولي حالت ۾) تي به حاوي ٿي سگهن ٿا. مثال:

❖ **رَمِي هَلِيوَ** سَا رَاهَ (عجائب بيت 44).

3) معروف فعل هڪ ويجهي مفعول (مفعولي حالت) تي حاوي ٿيندا آهن ۽ حالت جي مناسبت سان ڪڏهن ڏورانهين مفعول (مفعولي ثاني) تي به حاوي ٿي سگهن ٿا. مثال: **أنَ کي مَانِي ڏِي**. معروف فعل ڪنهن ٻئي مفعولي حالت تي حاوي ٿي سگهن ٿا، جنهن مان پهرئين مان ڪنهن ويجهي مفعول ۽ ٻئي مان منسوب ٿيل لفظ جي معنيٰ نڪرندي هجي. ان حالت ۾ پهريون مفعول عام طرح حرف جر **کي** سان

ظاهر ڪيو ويندو آهي، جنهن جي ڪري اها هڪ رسمي جوڙجڪ جي صورت وٺي ٿي ۽ مفعول ۽ ان سان منسوب لفظ جو نهڪي اچڻ غائب ٿي ٿو وڃي. اهڙي ريت منسوب لفظ واحد جي بنا گردان صورت وٺي ٿو. حالانڪ جنهن مفعول ڏانهن اهو اشارو ڪري ٿو. اهو جمع صورت ۾ بہ ٿي سگهي ٿو. ڪجهہ فعل ٻئي حالت سببيءَ تي ضابطو رکن ٿا، هڪڙي ڪنهن شخص بابت ۽ ٻي ڪنهن شئي جي لاءِ مثال **پُڇَڻُ**. جيتوڻيڪ اهي حرف جر **ڪان** ۽ **ڪي** سان بہ ناهي سگهجن ٿا.

- ❖ ڪوڙهِيَن ڪي سُنوَ ڪِجوَ (ميٿيو 10، 3)
- ❖ جَانسِين ٿِي جِيَان ڳَاندڻ نہ ڳَنڍِيَسِ ڪوَ ٻِيوَ (شاهہ عمر مارئي VII، 6)
- ❖ رَکِجِ روِّزَا رَمَضَانَ جَا زَرِ ڏڪَاتُون ڏِيچ (سون ورني الف ب 4، 7)

4) بي جنس فعل مان حاصل ڪيل بالواسط فعل گهڻو ڪري ويجهي، پر حالت پٺاندڙ ڏورانهين مفعول تي حاوي ٿي سگهن ٿا (ڏسو نمبر 69، 6) ۽ معروف فعل مان حاصل ڪيل بالواسط ٻن ويجهن مفعولن (ٻئي مفعولي سببي حالت) ڪي پنهنجي ماتحت ڪندا آهن، جنهن مان پهرئين ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ حرف جر **ڪي** استعمال ٿيندو آهي ۽ ٻيو اڻ ڦريل حالت ۾ رهندو آهي. (ڏسو نمبر 69، 5).

- ❖ وَنِي وَاٺهڙُنِ ڪي ٿُون پِيَارِي پَرَڪُ (شاهہ جمن ڪلياڻ IV، 7)

5) باقاعده مجهول فعل فقط معروف يا بالواسط فعلن مان ئي حاصل ٿيندا آهن. ڪجهہ بي جنس فعل ڪن صورتن ۾ مجهولي شڪل وٺي سگهن ٿا، پر انهن جي حيثيت ۾ فرق نہ ايندو آهي.

مجهولي جملي ۾ ويجهو مفعول (مفعولي حالت) ڪي فاعل ناهيو ويندو آهي. ۽ معروف جملن ۾ وري فاعل ڪي (Instrumental)[1] ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ ڏورانهون مفعول (مفعولي ثاني) حسب معمول پنهنجي جڳهہ قائم رکندو آهي.

جڏهن تہ مجهول فعل جي حال، ماضي استمراري ۽ مستقبل ۾ Instrumental جو استعمال نہ ڪيو ويندو آهي ۽ جي ممڪن نہ هجي تہ متعدي مجهول جي فاعل ڪي حرف جر **ڳان** جي مدد سان ظاهر ڪيو ويندو آهي.

مجهول فعلن ۾ فقط زمان ماضيءَ جو استعمال عام آهي ۽ جتي ممڪن هوندو آهي، اتي ٻيا زمان بي جنس فعل ذريعي ظاهر ڪيا ويندا آهن. اسم مفعول (مجهول) پنهنجي فاعل سان عدد، حالت ۽ جنس ۾ نهڪي ايندو آهي. (ڏسو نمبر 93، 2) ۽ ٻي صورت ۾ سڄي جوڙجڪ ڪي رسمي طور ناهي سگهجي ٿو، جتي اسم مفعول ساڳئي وقت فاعل ۽ خبر ڏيندڙ (predicate) رکي سگهي ٿو ۽ اهڙي صورت ۾ مجهولي جملي جي اصل فاعل ڪي ڏورانهين مفعول طور حرف جر **ڪي** ذريعي ماتحت ڪرڻ ضروري آهي.

اهڙي رسمي فاعل جي جوڙجڪ هميشہ مجهول ۾ ٿيندي آهي، جتي هڪ معروف فعل هڪ ٻئي مفعولي حالت تي حاوي هوندو آهي. (پهرين ويجهي مفعول ۽ ٻي ان جي منسوب لفظ تي). ان صورت ۾

ويجهي مفعول کي حرف جر **کي** ذريعي ماتحت ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته ٻيو مفعول حالت ٻڌائيندڙ لفظ جي حيثيت ۾ واحد ۾ اڻ ڦريل رهي ٿو ۽ اسم مفعول سان ٺهڪي اچي ٿو.

۽ جڏهن ٻن ويجهن مفعولن تي بالواسطہ فعل حاوي هجي ته پهرئين (جنهن ۾ شخص ڏانهن اشارو هجن) کي ڏورانهين مفعول طور ماتحت رکڻ لاءِ حرف جر **کي** لڳائڻ ضروري آهي، جڏهن ته ٻئي کي فاعل جو درجو ملندو آهي، جيڪو اسم مفعول سان انگ ۽ جنس ۾ ٺهڪي ايندو آهي.

- ❖ **تِيئَن مَاڻهُوءَ جوَ پُٽُ بِہ هِنَنِ گَان ڏُکوَئِبو** (ميٿيو 17، 12)
- ❖ **مَوَتُ قَبُولِيوَ اُنِ ڏِنوَ جَنِ ڏُکِيءَ کي** (شاهہ معذوري VII، 16)
- ❖ **کِهَڙِي سَبَبَ سَقِيَمُ ڪِئوَ اَوَهَان کي آزَارَ** (نانگ جو قصو بيت 24)
- ❖ **پَاتِشَاهَ اَچِي صَيفَلَ وَزِيرَ کي اِهَا سَچِي ڳَالهِ ٻُڌائِي** (املهہ ماڻڪ ص: 142)

---

1 کنهن ڏگهي جملي ۾ جتي متعدي مجهول جو فاعل فعل کان ڪجهہ لفظن ذريعي الڳ ٿيل هجي تہ متعدي مجهول جي فاعل کي واضح رکڻ لاءِ ضميري پڇاڙيءَ سان ٻيهر لکيو ويندو آهي.

# باب چوڏهون

## نمبر - 95

## Enlargement of the Sentence by a Nearer Definition of the Verb as Predicate

## فعل جي خبر ڏيندڙ لفظ (PREDICATE) خود فعل هجي تہ ان جي سمجهاڻيءَ سان جملي جو وڌڻ

ڪوبہ سادو جملو خبر ڏيندڙ لفظ جي سمجهاڻيءَ ذريعي چڱي ريت ڊگهو ڪري سگهجي ٿو.

1) گهڻو ڪري فعل جي سمجهاڻي هڪ يا وڌيڪ حالتن ذريعي ڪري سگهجي ٿي. مثال حالت مفعولي (Instrumental)، مفعولي سببي (وقت بابت) (Accusative)، اپادان (Ablative) ۽ مڪاني (Locative) ۽ ان ڪانسواءِ حرف جر لڳل اسمن ذريعي بہ لڳائي سگهجي ٿو

- ❖ ڪَنهِن ٺَاٽي مَنجِهہ ڪوَ مَاڻهُو دَرِيَاهَ جي ڪَپَ تي پَنهِنجي ٻَاڳَ سَاڻُ وِينوَ هو. (سنڌي ڪتاب ص: 59)

- أهوَ پَنهَن جي وَڏي ياءُ ڪان هِڪَڙي وَرِهَ ڪان پوءِ خُتّابَ ۾ وَجَڻُ لڳُوَ (سنڌي ڪتاب ص: 60).

2) فعل جي تشريح عام طرح ظرف سان بہ ڪري سگهجي ٿي (خاص ڪري وقت، مڪان ۽ طريقي جي معنيٰ وارا ظرف) ۽ ضمير سان حرف جر لڳائي بہ ڪري سگهجي ٿي.

- مُون ڪي هَاٽي ڪَا مَصَلَتَ ڏِي (املھ ماٽڪ ص: 147).
- اِيئَن اوَرِيَائُون پَاڻَ ۾ چوَڳا مَهِينَا چَارِ (مج 235)
- سوَ بِہ مُون وَٽِ آهي (املھ ماٽڪ ص: 147)

# باب پندرهون

## نمبر - 96

## Omission of the Verb as Predicate

## خبر ڏيندڙ فعل جو حذف ٿيڻ

1) معاون فعل **آهِيَان** جيڪو صفت سان يا ان کانسواءِ خبر ڏيندڙ لفظ طور موجود هوندو آهي. اهو ڪن حالتن، خاص ڪري شاعريءَ ۽ ننڍن محاوراتي جملن ۾ حذف به ڪري سگهجي ٿو.

- جَا ٽُنهُن جي مَنَ ۾ سَا مُون ڳَالهِ سُڻاءِ (مج 45
- اُونهوَ کُوهُہ اُتَهِين تَنهِن جوَ لَيِي نہ تَرُ (نانگ جو قصو بيت 38)
- ڪِيدِيِ بِلوَ ڪَاتي ڪِيدِيِ بِلوَ ڪَاتي (سنڌي ڪتاب ص: 62)

2) اهڙا جملا جن ۾ ڪا بددعا يا پٽ جو اظهار هجي تہ خبر ڏيندڙ لفظ طور فعل عام طرح خارج ڪيو ويندو آهي. اهڙن جملن ۾ **پَوَڻُ** جو امڪاني فعل (Potential) استعمال ڪرڻ ضروري هوندو آهي.

- ڪُهِ آتَڻُ بَنِ جيڏِيُون ڏِيرَاٽِيُون ڏُٺَارِ (شاهہ، سهڻي IX، پڄاڻي)
- ڪُهِ سي جِيئَڻُ ڏِينهَڙَا جي پِريَانِئي ڏَارَ (شاهہ، ديسي VII، پڄاڻي)

# حصو چوٿون

# THE COMPOUND SENTENCE

# مرڪب جملو

ٻن يا وڌيڪ جملن کي ملائي هڪ مرڪب جملو ناهي سگهجي ٿو. اهو ڪرڻ لاءِ هم آهنگي ۽ رابطي (coordination) يا ماتحتي (subordination) جو استعمال ڪيو ويندو آهي.

## باب سورهون

### نمبر - 97

## I- Coordination of Sentences

## جملن جي هم آهنگي

1) ٻه يا وڌيڪ جملا پاڻ ۾ اهڙي ريت ملائي سگهجن ٿا جو اهي هڪ ٻئي کان آزاد رهي سگهن. ائين ڪرڻ لاءِ حرف عطف (copulative)، مخالفانه (adversative)، ڌار ڪندڙ حرف جملو (disjunctive) ۽ فيصله ڪن (conclusive) جزن (ڏسو نمبر 59) ۽ منفي ظرف نه نه کي استعمال ڪندي يا انهن کان سواءِ به ناهي سگهجن ٿا.

- سَاجَنُ ميڙيُسِ سُورَ سُکَ نہ ميڙيُسِ سُپرِينِ (شاھ، آبري VII، 13)
- گهوَڙا ڪٽِي هيٺِ ٻَڌوَ ۽ اَوهِين چڙهِي هلو (املھ ماڻڪ ص: 149)
- يَا لَنگهَائِنِ لَطِيفُ چَئِي يَا ڌُرَان ڪَنِ ڏَانهَن (شاھ، سهڻي VIII، 2)
- سُڌِ اَتُم پَرَ شَاهَ صَاحِبَ ڳَالهِ ڪَرَڻَ کان جَهلِيوَ آهي. (عبداللطيف جي زندگي ص: 44).

2) جملن ۾ ڪنهن ڌار ڪندڙ سوال (Disjunctive Question) ذريعي به رابطو پيدا ڪري سگهجي ٿو. ان جي پهرين حصي ۾ سوال کي جزي (particle) سان ظاهر نه ڪيو ويندو آهي ۽ فقط ڳالهائيندڙ جي آواز مان اهو اظهار ٿيندو آهي. جڏهن ته ٻئي حصي ۾ جزو ڪِي يا ڪِ ان ڏانهن اشارو ڪندو آهي.

❖ سوَ ٽُونئِي آهِين ڪِ ٻئي جي وَاٺَ ڏِسُون (ميٿيو 11، 3)

# باب سترهون

## نمبر - 98

## هم آهنگ جملن جو سسي هڪ جملو ٺهڻ: ٻن يا وڌيڪ فاعلن ۽ خبر ڏيندڙ لفظن جو ٺهڪي اچڻ

1) جڏهن ٻن يا وڌيڪ جملن ۾ ساڳيو فاعل (Subject) يا خبر ڏيندڙ لفظ (Predicate)، يا ساڳيو مفعول (Object) يا ٻوليءَ جي ڪا ٻي مشترڪ صنف موجود هجن ته اهي ڳنڍيندڙ جزي (Conjunctive Particle) سان يا ان ڪان سواءِ هڪ جملي ۾ ننڍيا ڪري سگهجن ٿا.

❖ سَائِين سَلَامَتَ سُپِرين موِٽِي مُحِبَّ مِلَنِ (نانگ جو قصو بيت 21)

❖ جِنُ نَہ پُوٺُ پَرِي آهِيَان آڻُون اِنسَانُ (مج 639)

❖ کَهڙوَ تَہ وَڏوَ ٻَلِ ڪِ وِيڏِي (ميٿيو 23، 19)

(معني: کهڙو وڏو هو ٻلُ (شڪتي) يا ويڏي (آسڻ)

❖ پَرَ گوَشَ اِهَا گُفتَارَ پيئِي حَسَنَ مِيرَ حُسينَ جي (نانگ جو قصو بيت 75)

2) جڏهن جملي ۾ ٻہ يا وڌيڪ فاعل هجن جيڪي ساهہ وارين شين جو اظهار ڪندا هجن، تہ خبر ڏيندڙ فعل يا صفت (معاون فعلن هئڻ ۽ ٿيڻ سان) ڪي جمع ۾ رکيو ويندو آهي. جيڪڏهن فاعلن جي جنس ساڳي آهي تہ خبر ڏيندڙ لفظ انهن سان ٺهڪي ايندو ۽ جمع ۾ رکبو آهي، پر جڏهن اهي مختلف جنسن جا هجن تہ مذڪر کي فوقيت ڏني ويندي آهي.

جڏهن ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ فاعل بي جان شين (يا خيالن) جي معنيٰ ۾ هجن تہ خبر ڏيندڙ لفظ واحد صورت ۾ رکيو ويندو آهي، جنهن صورت ۾ اهو آخري فاعل سان ٺهڪي ايندو آهي يا ٻي صورت ۾ ان کي جمع صورت ۾ رکيو ويندو آهي. جڏهن اهي مختلف جنس جا هجن تہ مذڪر يا مونث جو جمع استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ کهڙي فاعل کي وڌيڪ اهميت ڏيڻي آهي.

۽ جڏهن ڪو منسوب لفظ (attribute) مثال صفت وغيره مختلف جنس جي اسم ڏانهن اشارو ڪندو هجي تڏهن بہ اهو ئي ساڳيو قاعدو لاڳو ٿيندو آهي.

- ❖ نَرُ ۽ مَادِي سِرجِيَا اَتَّسِ (سنڌي ڪتاب ص: 15)
- ❖ مَاءِ ۽ پَاڻُرَ بَاهَرِ بِيٺَا آهِنِ (ميٿيو 12، 47)
- ❖ هِنَ ڍَنڍَ ۾ پَاڻِي ۽ مَڇِي ٿِيندِي (عبداللطيف جي زندگي ص: 17)
- ❖ پَرَ لائق لَشڪَرَ ڪي نہ تَوَ وِيرَ ٿِئي وِيسَاهُ (نانگ جو قصو بيت 72)
- ❖ هَنڌَ حَوِيلِيُون حُجِرَا ڏُورَان ڄَان ڏِنَامِ (عجائب بيت 72)
- ❖ وِڄُڙِينِ وِيسَ وَسَڻَ جَا ڪِيتَا سَرَ سَاوَلِ ٿِيَا سَاوَا وِي (شاه، سارنگ، IV پڇاڙي)
- ❖ اَڪِيُون مُنهُن مِهَارَ ڏِي جَنِ رَکِيُون جوڙِي (شاه، سهڻي V، 9)
- ❖ پوَڳُون ڳُذرِگاهَ عَالَمَ جَا اُنَ آبَ تي (نانگ جو قصو بيت 36)

3) جڏهن مختلف ماڻهن جا بہ يا وڌيڪ فاعل ڪنهن جملي ۾ هجن تہ ضمير متڪلم ڪي حاضر (يا غائب) ڪان اڳ رکيو ويندو ۽ ساڳيءَ ريت ضمير حاضر ضمير غائب ڪان اڳ رکندي فعل ڪي جمع صورت ۾ رکيو ويندو آهي.

- ❖ اَسِين ۽ فَرِيسِي گهڻَا روَزَا ٿَا رَکُون (ميٿيو 9، 14)

# باب ارڙهون

## نمبر - 99

## II- Subordination of Sentences

## جملن جي ماتحتي

ٻه يا وڌيڪ جملا اهڙي طرح سان ٻه جوڙي سگهجن ٿا جو اهي هڪ ٻئي کان آزاد نه هجن ۽ هڪ جملو ٻئي جي ڪنهن ڪميءَ جو پورائو ڪندڙ هوندو آهي. اهڙو جملو جيڪو ٻئي تي ان طريقي سان انحصار ڪندو هجي ته ان کي ماتحت جملو (subordinate sentence) سڏيو ويندو آهي ۽ جيڪو جملو ان ذريعي مڪمل ٿيندو هجي ان کي مکيه جملو (main sentence) سڏيو ويندو آهي.

ڪنهن ماتحت جملي سان ڳنڍيندڙ جزن جي مدد سان ڪو ٻيو جملو ٻه ملي سگهي ٿو يا اهو ٻئي ڪنهن جملي کي پنهنجي ماتحت ڪري سگهي ٿو.

ماتحت جملي کي مکيه جملي سان ملائڻ لاءِ شرطيه جزي (subjunctive particle)، ضمير موصول ۽ ظرف يا ضمير استفهام ۽ ظرف استفهام ٻه استعمال ڪري سگهجن ٿا.

## نمبر - 100

1) **شرطيه جزي (Subjunctive Particle) ذريعي جملن جو ماتحت ٿيڻ:**

اهڙا جزا (Particles) جن سان جملي کي ماتحت ڪري سگهجي ٿو، اهي آهن، شروعاتي حرف جملو (concessive)، مسلسل (هڪ ٻئي پويان) (consecutive)، بالواسط (casual)، حتمي (final) ۽ شرطيه جزا (conditional).

الف) انهن مان پهرين ٽن جزن سان اظهاري يا بياني لفظ (indicatives) تڏهن ڪتب آڻڻ گهرجن جڏهن ڪو مثبت پهلو اجاگر ڪرڻو هجي جڏهن ته اظهار اگر مبهم ۽ غير يقينيءَ وارو هجي ته امڪاني فعل (Potential) استعمال ٿيندو ۽ حتمي جزن سان هميشه امڪاني فعل ئي استعمال ٿيندو آهي.

- تَوِڙي ڪُسَنِ ڪَاتِ تَه پِي سَاڳِي سَلَنِ ڪِي نَه ڪِي (شاهه، ڪلياڻ II، 8)
- ٻَاٽَاڙَ جوَ مَتوَ اِيترِوَ پُونءِ تي هَنيَائِين تَه سَندُسِ مجُ[1] مُنجِهيوَ (سنڌي ڪتاب ص: 58)
- اَللهَ اَوَلا لاهئين جَان سُجَاڻُون سَجُ (مج 205)

ب) **شرطيہ جملن** (conditional sentences) ۾ **ماتحت جملو** (subordinate sentence) **مکيہ جملي** کان اڳ ايندو آهي، پر جملي جو شرطيہ حصو آخر ۾ بہ اچي سگهي ٿو. ماتحت جملي جي شناخت لاءِ جزا **جي**، **جيڪر** ۽ **جيڪڏهن جڏهن** تہ مکيہ جملي لاءِ جزا **تہ** ۽ **تان** استعمال ٿيندا آهن، پر انهن جو ترجمو نہ ڪيو ويندو آهي.

---

[1] ميجالو- مغز

1) جڏهن شرط ۽ جنهن کي شرط جي ماتحت رکيو پيو وڃي، اهي مبهم، ممڪن، شڪ وارا يا غير يقيني صورت جي مراد رکن تہ ٻنهي حصن ۾ امڪاني **فعل** استعمال ٿيندو آهي. مکيہ جملي ۾ امر کي بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

- وِنِّي هِتِ مَ هوَءِ هَلين تہ هوَتُ لَهين (شاهہ، آبري VII، 6)
- تہ تُون مَاٽين مُورِ جي پَندِ اِهَائِي پَارِئين (شاهہ، آبري VII، 14)
- آن جي ڏِنَا هُونِ تہ اَللهَ ڪَارَڻِ ڳَالهِہ ڪَرِيوَ (شاهہ، حسيني X، 22)

2) جڏهن شرط جي صورت بي يقيني، ممڪن ۽ اندازي جي هجي، پر جنهن تي شرط لاڳو ٿئي ان جي پڪ هجي، تہ امڪاني **فعل** ماتحت جملي ۾ استعمال ٿيندو ۽ بياني (indicative) (عام طرح زمان مستقبل ۾) جو استعمال مکيہ جملي ۾ ڪيو ويندو آهي.

- آيَلِ آيَلِ تِي جِيَان لا جي سَارِيئَمِ ووَ سُپرِين (شاهہ، سهڻي VII، پڇاڙي 2)
- جيڪَڏهِن تُون هِتِ اَسَان کي مَسجِدِ جوَڙِي ڏِئين تہ اَسِين توَ کي ڏِينهَاڙِي ڪَعبَۃُ اللهِ جِي زِيَارَتَ ڪَرَائِينداَسِين. (عبداللطيف جي زندگي ص: 4)

3) جڏهن شرط ۽ ان جو پابند ٻئي يقيني ۽ مثبت هجن تہ جملي جي ٻنهي حصن ۾ اظهاري لفظ (indicatives) استعمال ڪيو ويندو.

- جي تُون اَسَان کي ڪَڍِين توَ تہ سُوئَرَنِ جي وَلَرَ ۾ وَڃَڻ جِي موَڪَلَ ڏِيَي (عبداللطيف جي زندگي ص: 44)

4) جڏهن جملي جي شرط ۽ ان جو پابند لفظ ائين ظاهر ڪيل هجن تہ شرط انهن تي لاڳو هئي پر شرط جي پورائي نہ ٿيڻ جي ڪري ڪو خاص ڪم نہ ٿي سگهيو تہ اهڙي صورت ۾ ماضي استمراري، مضارع، ماضي بعيد کي ماتحت جملي ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ مکيہ جملي ۾ مضارع يا ڪن خاص جڳهن تي ماضي بعيد استعمال ڪيو ويندو آهي.

- جي دَارُون پِئَندوَ نہ هوَ تہ نہ مَرِي وِيوَ

  لِکِيُمِ توَ ڏِي خَطُّ پَرَ جي هوَسِ پَکِيئَڙوَ
  
  آيُسِ مَنهَندِ ڪِتَابَ جي هُوندَ اُڏَامِي سُتَتُ

تہ رَازَان رُئي رَتُ جي هُجي قَلَمُ وَاقِفُ قَلبَ جوَ (شاهہ بروو سنڌي چوٽ 6)

- سي جي هوَتَ سُئَا تہ هُوندَ نہ وِيوَ نِڪرِي (شاهہ حسيني III، 2)
- جيڪَرَ گهَرَ وَارِي ڄَاتوَ هوَ چوَرُ ڦَلاٽي پَهَرِ اِيندوَ تہ هُوندَ چيتِيندوَ رَهِئوَ (ميٿيو 24، 43).
- جي سي سَدوَمَ ۾ ٿِئَا هَا تہ هُوندَ اَڄُ توَڻي هَلِئوَ آيوَ هوَ (ميٿيو 11، 23)

مضارع ۽ ماضي بعيد بدران امڪاني فعل (زمان حال جو) بہ (ورلي) ڪنهن شرطيہ جملي جي ٻنهي حصن ۾ استعمال ٿي سگهي ٿو، جنهن جي پنيان جزي **هَا** جو اضافو ڪيو ويندو آهي. البت گهڻو ڪري **هَا** جو استعمال زمان ماضيءَ ۾ زور پرائڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي.

- جي هُوءَ نہ هَلي هَا تہ سَجَڻُ ڪي نہ لَهي هَا
- جي ڪَڏِهِن هِيَ ڳَالهِ اوهَان جي سَمُجَهہ ۾ آئِي هُجي هَا تہ هُوندَ بي ڏوَهَن تي ڏوُهُ نہ لَايوَ هَا (ميٿيو 12، 7)

5) جڏهن شرط کي ڪنهن ماضي متشڪي (Past Future) جي حوالي ۾ ٿيڻو هجي تہ ان شرط جي پوري ٿيڻ کان اڳ ڪنهن ڳالهہ جي اظهار لاءِ ماتحت جملي ۾ مضارع ۽ مکيہ جملي ۾ زمان مستقبل جو استعمال ڪيو ويندو آهي.

- جيڪَڏِهِن مَخدُومُ صَاحِبُ شَاهُ صَاحِبَ کَان اَڳِي وِصَالُ ڪَيوَ تہ شَاهُ صَاحِبُ اَچِي مَخدُومَ صَاحِبَ جي جَنَازِي سَان حَاضِرُ ٿِيندوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 37)
- جي ڪنهن اچي سجاتس تہ ان کي آئون ڏيندس (سنڌي ڪتاب ص: 59)

6) ماتحت جملي ۾ اڪثر شرطيہ جزو **جي** خارج ڪيو ويندو آهي ۽ مکيہ جملي ڪانسواءِ **جيڪر** جو خاموشيءَ سان استعمال ڪيو ويندوآهي؛ ۽ ان ڪري جيڪر جي معنيٰ تقريباً حرف ندا جي جزي **مَانَ** جهڙي ٿي ويندي آهي.

- پِرِيَمِ ٿُنهُن جي گهاءِ مَرَان تہ مَان لَهَان (شاهہ جمن ڪلياڻ I، 6)
- جيڪَرَ ڳوَٺِ هَلُون (املهہ ماڻڪ ص: 151)

2) جملي کي ماتحت ڪرڻ لاءِ ضمير موصول (۽ ضمير مبهم **جيڪو، جوڪو**) ۽ ظرف جو استعمال، گهڻو ڪري ضمير جواب موصول جي برابر ٿيندو آهي. (نمبر 74 sq)

## نمبر - 101

ماتحت جملو مکيہ جملي کان اڳ يا ان کان پوءِ بہ لڳي سگهي ٿو.

- وَرُ توئِيَ جوَ لُون ڏاڏاٽِن ڏِنَم ڄَا (شاهہ عمر مارئي VII، 3)

- جيڪوَ جُنّا توَ ڪيڏي أنَ جي گهرَ مَنجِهه هُوندِ نہ تِي تِڪي (سنڌي ڪتاب، ص: 52)
- جِيئَن جِيئَن تَپي ڏِينهُن تِيئَن تِيئَن تَاٽِيَان پَنڌَ ۾ (شاهہ حسيني II، 14)
- جِتِ نہ پَکِي پيرُ تِتِ تِمکي بَاهَڙِي (شاهہ ڪاهوڙي II، 11)
- جَان ڪي ڪَنڌِيَ ڪَانهَ تَان تَاٽي ٻَڌِج تُرَهوَ (شاهہ حسيني VIII، 3)

**نمبر - 102**

**3) ضمير استفهام يا جزي ذريعي جملي جو ماتحت ٿيڻ:**

ماتحت جملن جو تعارف عام طرح جزن تہ، **جو** ۽ **ڪِ** سان ڪيو ويندو آهي، جن جو ترجمو نہ ڪيو ويندو آهي.

- هَمِيرَن حِسَابُ، ڪُهُ جَاڻَان ڪِيئَن ٿِئوَ (شاهہ عمر مارئي II)
- مُون شَادِيَ جوَ جَوَابُ ڏِي تہ ڪِيئَن ڪَرِي اِئِين (املهہ ماٽڪ ص: 142)
- پَنهَن جي جِيءَ جوَ فِڪرُ نہ ڪَرِيوَ جوَ ڇَا کَائِينِدَاسِين ڇَا پِيئِندَاسِين نہ پَنهَن جي سَرِيرَ جوَ ڪِ ڇَا پَهَرِينِدَاسِين (ميٿيو 6، 24)

# باب اوڻيهون

**نمبر - 103**

## Abbreviation of Subordinate Sentences

## ماتحت جملن جا مخفف

**ڪنهن بہ ماتحت جملي ۾ تخفيف ڪرڻ لاءِ:**

1) اسم حاليہ يا اسم مفعول (نمبر 80، 81) ڪي صفت طور استعمال ڪري يا وڏيڪ عام طرح واحد مڪاني لفظ (Locative Singular) جي استعمال ذريعي ماتحت جملي ۾ تخفيف ڪري سگهجي ٿي ۽ ضرورت آهر لاڳاپيل يا ڳنڍيل ماتحت جملن جي مڪاني حالت لاءِ اسم استعمال ٿي سگهن ٿا، جنهن ۾ هو جذب ٿي ويندا آهن.

- ❖ رُوئِنڊي رَاتِ وِهَاءِ چِڪَائِينڊي بَنِيون (شاهہ، جمن ڪلياڻ IV، 25)
- ❖ وَنِتِي ڏَاڍِي ڏُکَ ڪَنهِن ڪَنڊِيَ پَاسِ ڪَرِي پئي (ڪُئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 29)

2) ماضي معطوفي اسم مفعول عطف (Past Conjunctive Participle) جي استعمال ذريعي بہ ماتحت جملي ۾ تخفيف ٿي سگهي ٿي.

- ❖ هوَتُ پُنهُون ٿَا نِينِ ٻَاروَچِي ٻوَلِي ڪِئوَ (شاهہ، ديسي II، 13)

# باب ويهون

### نمبر - 104

## Indirect Oration[1]

## بيان جو اڻ سڌو انداز

جڏهن ڪنهن شخص جا لفظ يا خيال ان ئي انداز ۾ ظاهر ڪجن جيئن هن چيا هئا تہ بيان جو اهو انداز سڌو سنئون سڏائبو آهي. (Direct Oration) پر جڏهن ان جو اظهار ان جي مفهوم جي حوالي سان هجي تہ اهو (Indirect Oration) انداز سڏبو آهي.

سنڌيءَ ۾ اڻ سڌو بيان مروج نہ آهي ۽ ڪنهن شخص جي خيالن يا لفظن جو اظهار سڌو سنئون ڪيو ويندو آهي، جنهن لاءِ عام طرح جزو تہ استعمال ڪيو ويندو آهي.

- يَانيَانئِين ٿي تہ ڪَنهِن پَرِ گُسَائي نِڪِرِي وَڃَان (عبداللطيف جي زندگي ص: 20)
- جَان ڏِسي تہ پِٽَ وَٽِ بِينوَّ آهيان (عبداللطيف جي زندگي ص: 21)
- جي ڀَائِين تہ پرِينِ مِڙَان تہ سِڪُ چوَرَاٽِڪِي لَاتِ (شاهہ جمن ڪلياڻ II، 8)



[1] جديد انگريزي گرامرن ۾ Indirect Speech لکيل آهي (مترجم)

# ضميمو (APPENDIX)

## سنڌي ڪئلنڊر (جنتري)

سنڌ جا مسلمان محمَّد (صلعم) جي مڪي کان مديني ڏانهن هجرت کان قمري مهينن جي سلسلي جو استعمال ڪندا آهن ۽ ان ڪري ان زماني جي سالن لاءِ لفظ 'هِجِرِي'[1] استعمال ٿيندو آهي. معتبر ترين ذريعن ۾ ان جي شروعات 18 جولائي 622 عيسوي جي تاريخ ٻڌائي وڃي ٿي. انهيءَ جا مهينا هر نئين چنڊ جي نظر اچڻ تي شروع ٿيندا آهن ۽ هڪ مهينو 30 ڏينهن جو ۽ ايندڙ 29 ڏينهن جو ٿيندو آهي، جيڪو ڪل 354 ڏينهن ۽ 9 ڪلاڪن ۾ پورو ٿيندو آهي: ۽ انڪري هر (عيسوي) نئين سال جو پهريون ڏينهن اڳئين سال جي ساڳئي ڏينهن کان يارنهن ڏينهن پهرين ايندو آهي.

موسمن سان پورو اچڻ لاءِ سنڌي هر ٽئين سال کانپوءِ هڪ اضافي مهينو جنهن کي 'لُنڊُ' مهينو چيو ٿو وڃي ان جو اضافو ڪندا آهن، جيڪو اهڙي مهيني ۾ ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ راس منڊل (Zodiac) ۾ ڪو نئون سج داخل نہ ٿيندو هجي.

انهن قمري مهينن جي نالن لاءِ پڙهيل مسلمان عربي نالن جي سرشتي جي پوئواري استعمال ڪندا آهن، پر عام ماڻهو انهن مان فقط انهن مهينن جي نالن جو ڪندا آهن، جن جي ڪا مذهبي اهميت هجي ۽ باقي مهينن کي هندو مهينن سان ئي ياد ڪندا آهن.

**عربن جا قمري مهينا**

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1) مُحَرَّمُ يا مَحَرَمُ | = | 30 | ڏينهن |
| 2) صَفَرُ | = | 29 | ڏينهن |
| 3) رَبِيعُ الْاَوَّلُ | = | 30 | ڏينهن |
| 4) رَبِيعُ الثَّانِي/ ربيعُ الْاخِرُ | = | 29 | ڏينهن |
| 5) جمادي الاول | = | 30 | ڏينهن |
| 6) جمادي الثاني/ جمادي الآخر | = | 29 | ڏينهن |
| 7) رجب | = | 30 | ڏينهن |
| 8) شعبان | = | 29 | ڏينهن |
| 9) رمضان | = | 30 | ڏينهن |
| 10) شوال | = | 29 | ڏينهن |
| 11) ذي القعد/ ذي قعده | = | 30 | ڏينهن |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 12) ذي الحجّہ/ ذي حجّه | = | 29 | ڏينهن |

[1] هڪ ٻيو زمانو جنهن جو اثر هندستان جا مسلمان استعمال ڪندا آهن، اهو "فَصلِي" زمانو سڏبو آهي ۽ اهو پرنسپ (Prinsep) موجب سال 592 3/4 عيسويءَ کان شروع ٿيندو آهي.

هندو شمسي (solar) سال ۽ قمري- شمسي (luni-solar) مهينن جي سرشتي جي پوئواري ڪندا آهن. اهي وِڪرَماجِيتُ تي هلندا آهن، جنهن کي **سَنبَتُ** (سنسڪرت سنوت) سڏبو آهي، جيڪو عيسوي سال 57 ۾ **ڪَتِي** جي مهيني سان شروع ٿئي ٿو يا وري شَالِوَاهَنُ زماني جنهن کي **شَاڪُ** (سنسڪرت شاڪ) چئبو آهي، ان جي پيروي ڪندا آهن. اهو زمانو سال 78 عيسويءَ کان هلي ٿو ۽ چيٽ جي مهيني کان شروع ڪندا آهن.

هندو سال ٻارنهن برابر حصن ۾ ورهايل آهي، جيڪو اسانجي شمسي مهينن سان تقريباً ملندڙ جلندڙ آهي. (هندو توڙي مسلمان) هر هڪ مهينو ٻن حصن ۾ ورهائيندا آهن يعني (پَکُ ۽ پُڄُ _ قمري 15 ڏينهن) جيڪي پهرين کان پوري چنڊ تائين (سُدِي) ۽ پوري چنڊ کان نئين چنڊ تائين (ٻَدِي) ۾ ورهايل آهن. انهن ٻنهي حصن جون تاريخون (تِٿِ يعني قمري تاريخ) هر هڪ 15 ڏينهن تي مشتمل هونديون آهن.

**هندن جا شمسي مهينا**

- **چيٽُ**: مارچ جي وچ کان اپريل جي وچ تائين.
- **وِيسَاکُ**: وچ اپريل کان وچ مئي تائين
- **جيٺُ**: وچ مئي کان وچ جون تائين
- **آکاڙُ**: وچ جون کان وچ جولاءِ تائين
- **سَاوَڻُ/ سرَاڻُ**: وچ جولاءِ کان وچ آگسٽ تائين
- **ٻَڊوَ**: وچ آگسٽ کان وچ سيپٽمبر تائين
- **اَسُو**: وچ سيپٽمبر کان وچ آڪٽوبر تائين
- ڪَتِي: وچ آڪٽوبر کان وچ نومبر تائين
- **نَاهَرِي/ نَهَرِي/ مَنگهِرُ**: وچ نومبر کان وچ ڊسمبر تائين.
- **پوَهُ**: وچ ڊسمبر کان وچ جنوري تائين.
- **مَاگهُ**: وچ جنوري کان وچ فيبروري تائين.
- **ڦاڳُ يا ڦڳڻُ**: وچ فيبروري کان وچ مارچ تائين.

هندو اسان وانگر ڏينهن جي شروعات اڌ رات (12 ٻجي رات) جو ڪندا آهن. جڏهن ته مسلمان اڳين شام کان ڏينهن جي شروعات ڪندا آهن. ان ڪري ڪنهن مسلمان لاءِ ڪنهن ڏينهن جي رات دراصل ان کان اڳئين ڏينهن جي رات هوندي آهي. مثال جمعي جي رات جو مطلب اسان جي مطابق خَميس جي رات ٿيندي. هفتي جي مختلف ڏينهن جا نالا ٻه هندن ۽ مسلمانن ۾ ڪجهه فرق رکن ٿا، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

| مسلمان | هندو | انگريزي |
|---|---|---|
| آچَرُ | آرتَرُ[1] | Sunday |

| | | |
|---|---|---|
| سُومَرُ ۽ سُومَارُ | سُومَرُ | Monday |
| اَڱارو | مَنگلُ | Tuesday |
| اَربَع | ٻُڌَرُ | Wednesday |
| خَمِيسَ | وِسپَتِ | Thursday |
| جُمعو، جُمو ۡ | شُکرُ، ٿَارُو يا ٿَانوَرُ | Friday |
| ڇَنڇَرُ | ڇَنڇَرُ | Saturday |

1 يا آڏِتَوَارُ، آئِتَوَارُ يا آرتوَارُ

# APPENDIX II.

## SURVEY OF THE DIFFERENT SINDHI-ARABIC ALPHABETS.

| The Alphabet used in this Grammar (Hindūstānī). | The Government Alphabet. | The old Sindhī Alphabet. | Roman Characters. |
|---|---|---|---|
| ا | ا | ا | a |
| ب | ب | ب | b |
| ٻ | ٻ | ٻ | b̄ |
| بھ | ڀ | ڀ | bh |
| ت | ت | ت | t |
| تھ | ٿ | ٿ | th |
| ٹ | ٽ | ٽ | ṭ |
| ٹھ | ٺ | ٿ | ṭh |
| ث | ث | ث | ʒ |
| پ | پ | پ | p |
| پھ | ڦ | ڦ | ph |
| ج | ج | ج | ǰ |
| ڄ | ڄ | ڄ | ǰ̄ |
| جھ | جھ | ڃ | ǰh |
| ڃ | ڃ | ڃ | ń (ny) |
| چ | چ | چ | č |
| چھ | ڇ | ڇ | čh |
| ح | ح | ح | ḣ |
| خ | خ | خ | χ |
| د | د | د | d |
| دھ | ڌ | ڌ | dh |
| ڎ | ڊ | ڊ | ḍ |
| ڏ | ڏ | ڏ | ḍ̄ |

| The Alphabet used in this Grammar (Hindūstānī). | The Government Alphabet. | The old Sindhī Alphabet. | Roman Characters. |
|---|---|---|---|
| ڎھ | ڍ | ڍ | ḍh |
| ذ | ذ | ذ | δ |
| ر | ر | ر | r |
| ڙ | ڙ | ر | ṛ |
| ز | ز | ز | z |
| س | س | س | s |
| ش | ش | ش | ś |
| ص | ص | ص | s̱ |
| ض | ض | ض | ẕ |
| ط | ط | ط | ṯ |
| ظ | ظ | ظ | δ̱ |
| ع | ع | ع | ɛ |
| غ | غ | غ | γ |
| ف | ف | ف | f |
| ق | ق | ق | q |
| ڪ، ک | ڪ | ک، ڪ | k |
| کھ | ک | ک | k̇h |
| گ | ک | ک | g |
| گّ | ڳ | ک | ḡ |
| گھ | گھ | ک | gh |
| نگ | ڱ | نک | (ng) ṅ |
| ل | ل | ل | l |
| م | م | م | m |
| ن | ن | ن | n |
| ن | ڻ | ن | ṇ |
| و | و | و | v |
| ه | ه | ه | h |
| ي | ي | ي | y |

هن گرامر ۾ ڪيترائي اهڙا انگريزي لفظ استعمال ٿيل آهن جن مان ڪي عام استعمال جا ۽ ڪي گرامر جا اصطلاح آهن جن جا مترادف ۽ متبادل لفظ پڙهندڙن جي سهولت لاءِ ڏجن ٿا.

## A

| | |
|---|---|
| Ablative | حالت اپادان |
| Ablative Termination | اپادان پڇاڙي |
| Absolute | مطلق، خالص، اصلي |
| Abstract Affix | مجرد ڳنڍ/ جوڙ |
| Abstract Noun | اسم ذات |
| Accusative Case | حالت مفعولي سببي |
| Active Verb | معروف فعل |
| Active Voice | معروف صيغو |
| Adjective | صفت |
| Adjective (Numeral) | عددي صفت |
| Adverbial Affix | ظرف ڏيکاريندڙ ڳنڍ/ جوڙ |
| Adverb | ظرف |
| Adversative | مخالفانہ |
| Affirmative | اثباتي |
| Affix | ڳنڍ/ جوڙ |
| Agent | متعدي مجهول جو فاعل |
| Agent Case | فاعلي حالت (متعدي مجهول جي) |
| Agent Plural | متعدي مجهول فاعلي جمع |
| Agent Singular | متعدي مجهول فاعلي واحد |
| Aggregate | مجموعي رقمي صورت، ڪل جوڙ |

| | |
|---|---|
| Alliteration | تجنيس حرفي |
| Alphabet | آئيويٽا، الف ب |
| Alveolar | مهاروان (مهارن وارا) |
| Analogy | مشابهت، مناسبت |
| Analytic | تشريحي- تجزياتي |
| Anasvara | انوسوار (نڪ مان نڪرندڙ آواز، غني وارو) |
| Anasvara Principle | گهُٽائڻ جا قاعدا |
| Annotation | سمجهاڻي، نوٽ |
| Antonym | ضد- متضاد |
| Appellation | لقب، نالو |
| Appellatives | اسم عام |
| Appendix | ضميمو- اضافي مواد |
| Apposition | ٻن اسمن جي هڪ حالت (عطف) |
| Arithmetics | انگي حساب |
| Article | حرف تنڪير (جزو) |
| Aspirated | وسرڳ |
| Aspirated Cerebral | مورڌني وسرڳ آواز |
| Aspiration | وسرڳائي |
| Assertive | اقراري |
| Assimilation | ادغام- سَنڌِي |
| Assimilation of Nasals | گهُٽن آوازن جو ادغام |
| Attribute | اهڃاڻ، منسوب ڪرڻ |
| Attributives | لاڳاپيل لفظ، منسوب لفظ |
| Auxiliary | معاون |

| | |
|---|---|
| Aversion of Aspirate | وسرڳ جو متجڻ |

# B

| | |
|---|---|
| Banya Characters | واڻڪا اکر، لنڊا اکر |
| Base | بنياد، ڌاتو |
| Bilabial | ٻچپوان |

# C

| | |
|---|---|
| Cardinal Numerals | شماري انگ |
| Case | حالت |
| Case Affixes | حالتي نشانيون |
| Casual Verb | فعل باالواسطہ |
| Cerebral | مورڌني |
| Co ordinate | ملائيندڙ ٻيهڪ، مساوي، هم آهنگ ڪرڻ |
| Collective | اجتماعي، گڏيل |
| Commendation | تعريف |
| Comparative | صفت تفضيل/ نسبتي |
| Completive | پورائي ڪندڙ فعل |
| Composition | تصنيف، بناوٽ، جوڙجڪ |
| Compound Letters | مرڪب اکر |
| Concessive | فقري- اڌ جملو |
| Conclusive | فيصلہ ڪن |
| Concord | مطابقت، ٺهڪڻ |
| Concordance | عدد، جنس وغيره جو ٺهڪڻ |
| Conditional | شرطيہ |
| Conjugation | متصل فعلي ڦيرا |
| Conjunct Consonant | ڳنڍيندڙ حرف صحيح |

| | |
|---|---|
| Conjunction | حرف عطف/ حرف جملو |
| Conjunctive / Conjunction | ميلاپ/ ڳنڍيندڙ |
| Conjunctive Participle | ماضي معطوفي يا اسم عطف |
| Consecutive | مسلسل، هڪ ٻئي پٺيان |
| Consonant | وينجن- حرف صحيح |
| Contraction | سسڻ، سوڙهو ٿيڻ، اڌ اکري |
| Coordination | ميلاپ/ هم آهنگي، رابطو |
| Copulative | حرف عطف ملائيندڙ |
| Co-Relative Pronoun | ضمير جواب موصول |
| Corresponding | لاڳاپيل- برابر |

# D

| | |
|---|---|
| Dative | مفعول ثاني (حالت) |
| Decimal | ڏهائي |
| Declention | گردان- اسم جو ڦيرو |
| Definitive | مستقل، مطلق، مدامي |
| Demonstrative Pronoun | ضمير اشارو |
| Demonstrative Proximate | ضمير اشارو ويجهو |
| Demonstrative Remote | ضمير اشارو ڏور |
| Dental | ڏندوان |
| Diacritical Marks | اعراب، زيرون، زبرون ۽ اهڙيون نشانيون |
| Diminutive | اسم تصغير- مخفف |
| Diminutive Affix | تصغيري اڳياڙي يا پڇاڙي |
| Disapprobation | ناراضگي- ناخوشي |
| Disjunctive | جدا ڪندڙ حرف جملو |

| | |
|---|---|
| Double Consonant | ٻٽو وينجن |
| Durative Future | زمان حال متشڪي |

## E

| | |
|---|---|
| Effeminate Population | هلڪا يا نسواني طرح جا اچار |
| Elision | چاٽڻي ٽيڻ، گم ٿي وڃڻ |
| Epenthesis | آواز جو مٽجڻ |
| Era | جُڳ، زمانو، دور |
| Etymology | لفظن جو بنياد/ ڌاتو جو علم |
| Euphonic Insertion | اڪري ميلاپ |
| Euphony | ادغام يا سَنڌي موجب آوازن جو اچار منو ڪرڻ |

## F

| | |
|---|---|
| First Person | متڪلم |
| Formative | تشڪيلي- جوڙجڪ ۾ ڪم ايندڙ |
| Fractional Numerals | ڀاڱن وارا انگ- جزوي انگ |
| Frequentive | وري وري ايندڙ جزا |
| Future Passive Participle | اسم استقبال مجهول |

## G

| | |
|---|---|
| Gender | جنس |
| Genitive | حالت اضافت |
| Gerund | اسم مصدر |
| Glottal | گلي وارا |
| Guna Vowels | گهٽا سر |
| Guttural | ڪنٺي، نڙيءَ مان نڪرندڙ |

## H

| | |
|---|---|
| Habitual Past | ماضي مدامي |
| Hiatus | وٿي- وڇوٽي |

# I

| | |
|---|---|
| Idiomatic | محاوراتي |
| Imperative | امر |
| Imperfect | استمراري، جاري |
| Impersonal | غير شخصي |
| Inceptives | شروع/ آرنڀ ڪندڙ |
| Indeclinable | اڻ ڦرندڙ- بي گردان |
| Indefinite | غير مطلق، عام، سادو |
| Indefinite Article | غير معروف جزو |
| Indefinite Pronoun | ضمير مبهم |
| Indicatives | اشاري وارا- اظهاري- بياني |
| Indigenous | مقامي، اصلوڪو |
| Indirect | اڻ سڌو |
| Infinitive | مصدر |
| Inflective | گرداني |
| Inflexion | گردان (فعل جو) |
| Insertion of Vowel | سر جو اضافو |
| Instrumental | حالت مفعولي جيڪا ڪنهن وسيلي ذريعي ٿئي. |
| Intensives | زور پرائيندڙ |
| Intercalary | اضافي عمل- داخل ڪيل |
| Interjection | حرف ندا |

| | |
|---|---|
| Interjectional Adverb | حرف ندا طور ڪم ايندڙ ظرف |
| Interrogative | ضمير استفهام |
| Intonation | جهيلار |
| Intransitive | فعل لازمي |

## J

| | |
|---|---|
| Junction Vowel | ملائيندڙ سر – ڳنڍيندڙ |

## K

| | |
|---|---|
| Kindred Dialect | پينر ٻوليون/ لهجا |

## L

| | |
|---|---|
| Liquid Pronunciation | روان آوازن جهڙوڪ ل ۽ ر جا اچار |
| Lunar (Month) | قمري (مهينو) |

## M

| | |
|---|---|
| Mood | بيهڪ، حالت، حالت ٻڌائيندڙ / طريقو، صيغو |

## N

| | |
|---|---|
| Nasal | انوناسڪ (نڪ مان پر گُهٽا نہ) |
| Nasalized | انوسوار (گهٽا- غنہ) |
| Nominative Singular | حالت فاعلي واحد |
| Noun of Agency | متعدي مجهول جو اسم |
| Numerals | انگ/ عدد |

## O

| | |
|---|---|
| Object | مفعول |
| Oblique Case | مفعولي حالت |
| Old Present | زمان مضارع (آڳاٽو زمان حال) |

| | |
|---|---|
| Optative | دعائيہ- تمنائي |
| Oration | بيان، اظهار |
| Ordinal Numerals | قطاري انگ – سلسليوار |

# P

| | |
|---|---|
| Palatal | سخت تارونءَ وارا چار |
| Palatal Sibilant | سخت تارون وارو گهڪيدار آواز |
| Participial Termination | ڪردتن ناهڻ لاءِ پڇاڙيون يا نشانيون |
| Particle | حرف، جزو |
| Passive Verb | مجهول فعل |
| Passive Voice | مجهول وارو صيغو |
| Past Continuous | ماضي استمراري |
| Past Indefinite Tense | زمان ماضي |
| Past Participle | اسم مفعول |
| Past Perfect | ماضي بعيد |
| Past Perfect Continuous | مڪمل ماضي استمراري |
| Peninsula | اپٻيٽ |
| Perfect (Past) | ماضي بعيد، ماضي مطلق |
| Personal Pronoun | ضمير خالص |
| Phonetic Change | صوتياتي تبديلي |
| Phrases | مختصر فقرا |
| Pluperfect | ماضي بعيد |
| Possessive | مالڪي ڏيڪاريندڙ- اضافتي |
| Possessive Noun | اضافت وارو اسم |
| Post Velar | نرم تارون کان پويان اچار |

| | |
|---|---|
| Postposition | حرف جر |
| Potentials | امڪاني فعل |
| Preceding Vowel | اڳ ايندڙ سر |
| Predicate | خبر- خبر ٻڌائيندڙ لفظ |
| Preposition | حرف جر |
| Present Imperfect | حال استمراري |
| Present Partitiple | اسم حاليہ |
| Present Perfect | ماضي قريب |
| Preterite Participle | ڪردنت (ماضيءَ وارو) |
| Principal Parts | مکيہ جزا |
| Pronominal Base | ضميري بنياد |
| Pronominal Suffixes | ضميري پڇاڙيون |
| Pronoun | ضمير |
| Proportional | نسبتي، مناسبت سان |
| Provincial | (گرامر ۾) علائقائي |

## R

| | |
|---|---|
| Reconjuctional Pronoun | متبادل ضمير |
| Reduplicative | ٻتو ٿيندڙ، وري وري ايندڙ |
| Reflexive Pronoun | ضمير مشترڪ |
| Relative Pronoun | ضمير موصول |
| Remark | تبصرو |
| Root Vowel | ذاتو- سر |

## S

| | |
|---|---|
| Sandhi | سنڌي/ ادغام جي ڪم آڻڻ سان لفظن جي |

| | |
|---|---|
| | صورت ۾ تبديلي |
| Scythian | سٿين قوم |
| Second Person | ضمير حاضر |
| Sibilant | گهڪيدار آواز (س ش ز) |
| Simple Base | سادو ڌاتو يا بنياد |
| Simple Sound | سادو آواز |
| Singular Ablative | حالت اپادان جي واحد صورت |
| Solar | شمسي |
| Sonant | ڌماڪيدار |
| Spiritus | وسرڳائي جي علامت ھ |
| Sub-Dialects | ننڍا لهجا/ اپڀاشائون |
| Subject | فاعل |
| Subjunctive Mood | تمنائي صيغو |
| Subordination | ماتحت- ماتحتي، زيردستي |
| Substantive | اساسي- وجودي (اسم) |
| Suffix | پڇاڙي |
| Superlative | صفت مبالغو |
| Syllabic Division | پد جي ورهاست |
| Syllable | پد |
| Syntax | علم نحو، نحوي ترڪيب، جملن جي بناوٽ |
| Synthetical | ترڪيبي |

## T

| | |
|---|---|
| Tenuis- A consonant is a stop or affricate which is unvoiced and unglottalized. | اھڙو وينجڻ جيڪو اچارڻ ۾ نڙيءَ مان |

| | |
|---|---|
| | آواز نٿو ڪري. |
| Third Person | ضمير غائب |
| Transitive Verb | متعدي فعل |

## U

| | |
|---|---|
| Unadi Vowels | |
| Union Vowel | ملائيندڙ سر |

## V

| | |
|---|---|
| Velar | نرم تارون وارو آواز |
| Vocative | حالت ندا |

## Z

| | |
|---|---|
| Zodiac | راس منڊل- راس چڪر |